جنهن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو

زرقا عباسي

جنهن ساهہ ڏئي ويساهہ ڏنو

شهيد نذير عباسي

سهيڙيندڙ:

زرقا عباسي

ڇپائيندڙ : روزاني " سنڌ " حيدرآباد

كتاب جو نالو : **جنهن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو**

شهيد نذير عباسي

سهيڙيندڙ ——— زرقا عباسي

ڇپائيندڙ : روزاني سنڌ حيدرآباد

ڇاپيندڙ : القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي

تعداد : هڪ هزار

تاريخ : 9 آگسٽ 2002

ملهه: 200 رپيا

ڪتاب ملڻ جا هنڌ :

روزاني سنڌ حيدرآباد (784183)

روزاني پاڪ ڪراچي (فون نمبر: 2-2639281 - 021)

سورهيه گهانگهرو : گهر نمبر D/7 سچل ڳوٺ ڪراچي

فون نمبر : 8145279

صالح بلو : موهني بازار نوابشاهه (فون نمبر: 60089)

ضياءُ پيٽي (جاگرتا فورم) : واري تڙ سکر (612179)

Name of book: Janhan Sahu daie vesahu dino
Writer: Zarqa Abasi
Publishid by: Daily "SINDH" Hyderabad
Print fotm: Al-Qadir Printing Prees kry

فهرست

پنهنجي پاران	زرقاعباسي	7
پس منظر	حميده گهانگهرو	10
سپني شاگرد يونين ۽ شاگرد تنظيمن ڏانهن لکيل خط	ڪامريڊ نذير عباسي	15
1953ع کان 1956ع تائين آئين ڪيئن نهيا ۽ ٽٽا	ڪامريڊ نذير عباسي	17
نذير آئيڊيل آهي (نذير تي سندس حياتي ۾ لکيل)	طارق اشرف	19
سنڌ واسيو! هي لاش ڪنهن جو آهي	عبدالواحد آريسر	20
شهيد نذير عباسي جي شهادت جو ڏهاڙو ڊاڪٽر	سعيد مستوئي	22
شهيد نذير عباس جو قتل جي ڀيهر جاچ ڪرائي وڃي	ايڊيٽوريل عوامي آواز	25
وزيراعظم نذير عباسي جي ڪيس هلائڻ جو اعلان ڪري	ايڊيٽوريل " سنڌو "	27
تنهنجي ياد جي وري آ وير	شبير بيدار پنهور	30
شهيد نذير عباسي انقلابي جدوجهد جو بهادر اڳواڻ	لياقت عزيز	31
نذير جي موت کي منهنجو ذهن قبول ناهي ڪري سگهيو	سرفراز ميمڻ	37
نذير جي شهادت جي خوشبو	حميده گهانگهرو	36
سنڌڙي رهي اسان نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو	گهنشام پرڪاش	39
ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا	سعيد مستوئي	44
ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا	طفيل مگسي	46
شهيد نذير عباسي هڪ تحريڪ هڪ انقلاب	صالح بلو	50
ڪجهہ يادگيريون	ميرٿيهو	55
ڇڄ مَ قطاران	گهنشام پرڪاش	61
تنهنجي پيٽ سڄائي آ	انور ابڙو	64
نذيرجي جوٽيل جنگ ختم نہ ٿي آهي	لياقت عزيز	68
شهيد نذير عباسي هڪ تحريڪ	پاويل جوٽيجو	71
سنڌ جي شهيد جي نياڻي زرقا جي ڏانهن ورنائي وڃي	ايڊيٽوريل " عوامي آواز "	76
شهيد نذير عباسي جي خون سان انصاف ڪڏهن ٿيندو	ايڊيٽوريل " عوامي آواز "	79
شهيد نذير عباسي سنڌ جي تاريخ آهي	ايڊيٽوريل " سنڌ سجاڳ "	82
نذيرعباسي جي سڄائي 14 سال گذرڻ باوجود بہ ظالمن لاءِ للڪار بڻيل آهي	ڪمال چانڊيو	86
روزاني عوامي آواز پاران حميده گهانگهرو کان ورتل انٽرويو		
آئون ڪيا ڪنديس ڪيڙا شهيد نذير عباسي جي نياڻي زرقا عباسي جو انٽرويو	شبير شر	94
متان وساريو	انور پيرزادو	98
انقلاب جو سچو سپاهي شهيد نذير عباسي	ڪامريڊ غلام الرسول سهتو	100
روح جا ريلا	عبدالواحد آريسر	109
ڪامريڊ نذير عباسي جي قاتلن کي ڦاهي ڏيو	رمضان ميمڻ	112
شهيد نذير عباسي جي جدوجهد ۽ اڄ جون حالتون	زبيرالرحمان/غوث پيرزادو	117
ٻانهن جي ڪک ۾ لڇندڙ ڪرٽو	عيسيٰ انصاري	120
شهيد نذير عباسي جو ڪيس لاوارث عدالت ۾	عاجز جمالي	124
شهيد نذير عباسي سچو ڪميونسٽ	تصوير سنديلو	127
نذير عباسي: انساني آدرشن جو شهيد	ادل سومرو	130
شهيد نذير عباسي هڪ دور جي پڇاڻي	ايڊيٽوريل " پڪار "	132
منهنجو ليڊر منهنجو محبوب نذير عباسي	غلام رسول سهتو	134

يادون هميشہ زنده رهنديون آهن	حميده گهانگهرو	141
شهيد نذير عباسي انسانيت جو علمبردار	صالح بلو	146
شهيد نذير جا قاتل تاريخ جي ڪٽهڙي ۾	سهيل سانگي	149
نذير سان جيل ۾ گهاريل گهڙيون	قاسم پٽر	152
ڪامريڊ نذير عباسي ۽ سندس جدوجهد	امير بخش لاشاري	154
سنڌ لاءِ هڪ پيو ڪارو ڏينهن	ظهير ميراڻي	159
جمهوريت جي راهہ ۾ سر گهوريندڙ ڪميونسٽ اڳواڻ	زلف پيزادو	162
اسان نذير لاءِ آسمان ۾ ڪڏهن ڏسون	ايڊيٽوريل "سنڌ"	164
ڇا هي حڪومتون نذيرجي قاتل تي ڪيس هلائي سگهنديون	غلام رسول سهتو	168
نذير عباسي ڪيس جو وڪيل اختر حسين ايڊووڪيٽ ڪيس بابت حقيقتون ٻڌائي ٿو		172
نذير جي جسم تي ٽارچر دوران ٻارنهن زخم هئا	حميده گهانگهرو	175
مان ۽ ڪمال وارثي امتياز جو چهرو ڏٺو هو	شبير شر	181
موت جي ڳٽي تي چمي ڏيندڙ نذير عباسي شهيد	ايس جي پاڳيہ	183
نذير عباسي: هڪ انقلابي اڳواڻ	منظور حسين ڪالرو	185
موت تہ ڪا شيءِ ناهي	ذوالفقار گراماڻي	188
شهيد نذير عباسي	طفيل مگسي	191
شهيد نذير عباسي: تاريخ جو اڻ ڪٽ سفر	عاجز جمالي	193
ٽارچر سيل ۾ گهايل نذير عباسي جي ڌرتي کي آخري چمي	عبداش پنهور	197
نذير عباسي سچو انقلابي	سارنگ لاشاري	200
نذير زنده آهي	سيف سميجو	202
نذير عباسي: سنڌ جو يگانو شهيد	ايڊيٽوريل "عوامي آواز"	204
آگسٽ مهينو پاڪستان جو جنم ۽ نذير عباسي جو موت	عبدالخالق جوڻيجو	206
شهيد نذير عباسي جي راهہ کان ڀٽڪي ويل سندس دوست	واحد بخش بنگلاڻي	210
نذير جا قاتل ۽ مڪافات عمل	غلام رسول سهتو	213
اڄو تہ شهيد نذير کي خراج عقيدت پيش ڪريون	امداد قاضي	218
اونداهي ۾ سوجهرو شهيد نذير عباسي	غلام حسين خاصخيلي	223
نذير عباسي جي شهادت	سليم ٿهيم	225
بابا مون کي توتي فخر آهي	زرقا عباسي	227
نذير عباسي ويهين صدي جو شاهہ عنايت	انور پيرزادو	229
رج جو هڪ سپاهي نذير عباسي	حميده گهانگهرو	231
اسين ورسيون ملهائيندڙ قوم	عابده گهانگهرو	235
نذير عباسي امر آهي	زبير رحمان	237
اسان ڪامريڊ نذير عباسي جا ڏوهي آهيون	عباس جلباڻي	240
9 آگسٽ تي 19 هين ورسي جي مناسبت سان لکيل	ساگر لاشاري	243
اونداهي ۾ نڪرندڙ هڪ ڪرڻو	حميده گهانگهرو	245
اڄو تہ نذير عباسي جي وجود کان معافي وٺون	زرار پيزادو	248
نذير عباسي جي شهادت تاريڪين جي راهہ ۾ روشن لاٽ	امداد قاضي	250
۽ جڏهن پورهيت جدوجهد جو سج لهي ويو	صابر انورحسين کوسو	253
شهيد نذير عباسي سهڻي لچڻ ۽ اڏول عزم جو نالو هو	محمدخان سولنگي	256
مد نائيٽ جيڪال + آمريڪي پراسيڪيوٽر ۽ شهيد نذير عباسي	ڪامريڊ غلام رسول سهتو	262

اسين تنهنجي يادن جا وارث آهيون	حميده گهانگهرو	269
وڇڙي ويس تہ ورسي آهيان	شبير لاشاري	273
ايندي لح مرن تنهن پاڻي مٿي هنجڙا	اعجاز تنيو	277
هو، جنهن سياست کي آدرش سمجهيو	عبداش پنهور	279
شهيد نذير عباسي جي ياد ۾	منظور قريشي	281
اونداهي رات ۾ لاٽ ڪري ٻرندڙ ڏيئو	طفيل مگسي	283
جنهن ساهہ ڏئي ويساهہ ڏنو	رازق ڏنو سونارو	285
انقلابي اڳواڻ نذير عباسي شهيد جي جدوجهد جي راهہ	غلام عباس	288
مغربي جرمني بون ۾ پاڪستان نيشنل پارٽي پاران ڪرايل جلسي جي مختصر رپورٽ	سٽيڪار: ساگر سولنگي	296

تاثرات:

ظفر علي شاهہ، جنيد سومرو، نثار کهڙو، فهميده رياض، ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، ڊاڪٽر عامر عباس سومرو، شفاعت گهانگهرو، سرفراز ميمڻ، لياقت عزيز، محمد ابراهيم جويو، زبيده گهانگهر، ڪامريڊ جام ساقي، ڪامريڊ منصور احمد ميرٽيپو، ايوب لغاري، اسرار خان، طفيل مگسي، مدد علي سنڌي،ڏاٽي بخش سمون، محبوب قريشي، امداد قاضي، علي حسن چانڊيو، غلام اڪبر ميمڻ، رخسانہ چنا، ڊاڪٽر مصطفيٰ سومرو، خادم ٿهيم، اقبال ملاح، معشوق ملاح، امرتا سومرو، شبانہ ملاح، سجاد ظهير، غلام النبي چانڊيو، سبحان ابڙو

ڊفينس ٽاڻي ۾ 17 آگسٽ 1089ع تي ايف آءِ آر لاءِ ڏنل درخواست ——————— حميده گهانگهرو

شاعري:

فهميده رياض، امداد چانڊيو، حميده گهانگهرو، حليم باغي، اسحاق سميجو، عبدالواحد آريسر، عاجز جمالي، ڊاڪٽر خادم حسين چانڊيو، عطا محمد ڀنڀرو، عبدالغفار تبسم، قاضي منظر حيات، انورڏنگڙائي، لطف، مارو، ميران، سرور سيف، محمد علي ماجد، غلام قادر ميراڻي

پنهنجي پاران

مان هڪ اهڙي آدرشي انسان جو وجود آهيان جنهن جي سوچ جي هيٺان هماليہ بہ شرمائي ٿو. جنهن جو انتظار سمنڊ جي ان ڇوليءَ جيان گونجار ڪري سامهون اچي ۽ آهستي آهستي پنهنجي ان سمنڊ ڏانهن ويندي آهي جنهن ۾ هن کي يقين آهي تہ نہ مان ختم ٿيندس ۽ نہ وڇڙي ويندس.

مان پنهنجي پيءُ کي صرف ٻڌو آهي ڏٺو ان وقت آهي جڏهن امي ڪير پياري بابا جي ٻانهن ۾ ڏيندي هئي ۽ هو پنهنجي ٿڪل جسم جي جهول ۾ ڪٽي مون کي ڀاڪر پائي پنهنجي ٻانهن ۾ لوڏي لوڏي سمهاريندو هو ۽ مان بابا جي اکين ۾ ڏسندي ڏسندي سمهي پوندي هئس. پر جڏهن منهنجون اکيون کليون پوري هوش حواس ۾ آيس تہ بابا سخي حسن جي وچ ۾ ڇهن ڦٽن جي هڪ ننڍڙي آرام گاهہ ۾ ستو پيو هو. ڏاڏي امان، امي، ڪلي باجي، عابي باجي، (منهنجون ماسيون) قمر ماما ۽ بابا جي ساٿين سان جڏهن سخي حسن ويندي هئس تہ گلن ۾ لڪل بابا کي ڏسڻ جو تجسس هوندو هو. هڪ ڏينهن مون قبر ۾ هيٺ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ڪلي باجي منع ڪيو نہ بابو الله ناراض ٿيندو مون کي خبر ناهي تہ منهنجو ڪهڙو قصور هو. جنهن تي الله ناراض ٿئي ها پر سيني وانگر مان بہ سڀ گل سميٽي بابا جي پڪل قبر کي ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندي هئس. بلڪ پرسان بيٺل ننڍڙن وڻن مان پن ۽ ٽاريون پٽي پاسي ۾ وڻ پوکڻ جي ڪوشش ڪندي هئس. مون کي خبر نہ هئي تہ منهنجو بابا اهڙو وڻ پوکيو آهي جنهن کي پوري رت ست ڏئي ساهہ جي آخري گهڙي ۾ اهو وچن ڪيو تہ سچائي جو هي بوٽو سڪ ۽ محبت جو هميشہ منتظر رهي. ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندي آهيان تہ نذير بابا زندهہ هجي ها مان هن جي شفقت هن جو پيار نرم مزاجي وارو رويو. پنهنجي اکين سان ڏسان هان.

نذير بابا پيءُ جي روپ ۾ ڪيئن هجي هان. جنهن شخص انسانيت جي روپ ۾ سڀ ڪان پاڻ کي مٿانهون ڪري ڇڏيو. اهو پيءُ جي روپ ۾ ڪيئن هجي هان. ڇا هو نرم مزاج هجي هان يا سخت مزاج؟ مون سان دوستي وارو رويو هجي هان يا عام رواجي پيئرن وارو. ڇا هو مون کي هر ڳالهہ تي ٽوڪي

هان يا منهنجي حوصلہ افزائي ڪري تمام گهڻي پيار ۽ پاٻوهہ سان پنهنجي جهول ۾ وهاري منهنجون آڱريون پڪڙي هر هڪ پهلوءَ جي وضاحت سان ڳٽپ ڪري سمجهائي هان. مون بابا کي ڏٺو ناهي صرف ڳالهين ٻڌڻ ۽ تصوير ۾ پنهنجي بابا جي منظر ڪشي ڪئي آهي تہ هو تمام گهڻي شفقت وارو هو. پيءُ جي روپ ۾ مون سان دوستاڻو رويو رکي هان. مون کي هڪ پيءُ سان گڏ هڪ نظرياتي پيءُ ملي هان. مون کان پهرين هر شيءِ پنهنجي حفاظت سان رکرائي هان. پوءِ ضرورت وقت گهري هان مان پنهنجي بابا جي هر ڪم ۾ اڳڀرائي ڪريان هان ۽ اهڙي نموني پوءِ هڪ سليقيمند ڌيءَ وانگر بابا کان داد وٺان هان. منهنجي ڳالهہ نہ مڃڻ تي ڪاوڙ جي وجهان هان ۽ جڏهن مون کي پرچائي ها تہ هڪ خوبصورت گڏي وٺي يا ڪو سنو ڪتاب يا چاڪليٽ وٺي مون کي سرپرائيز ڏي هان. پر اهو سڀ ڪجهہ مون پنهنجي ماءُ کان سکيو. سنو رستو ڏيکارڻ وارو منهنجو پيءُ نہ پر منهنجي ماءُ آهي. هو پاڻ ڏينهن ۾ الائي ڪيترا دفعا مرندي آ ۽ ڪيترا دفعا جيئندي آ پر هن جي چهري جي مسڪراهٽ هميشہ پنهنجي غمن کي لڪايو ڇڏي ۽ اهڙي نموني هن پنهنجي فرض ۾ پيءُ جو فرض بہ شامل ڪيو آهي. نذير بابا جيڪو رستو ڏيکاريو آهي اها هڪ روشن مشعل وانگر هڪ اهڙي راهہ آهي جنهن پنهنجي سر تي وار سهي ٻين لاءِ سنهنجو رستو ڪيو. ان رستي جي نوراني روشنيءَ جو عڪس جڏهن منهنجي ذهن تي پوندو آهي تہ مان فخر مان ڪنڌ مٿي ڪري هلندي آهيان. اهو ئي سبب آهي تہ مون فيصلو ڪيو تہ بابا جي دوستن جي تاثراتن کي يادن ۾ سميٽي پنهنجي بابا جي آدرشي زندگي کي هڪ مالها ۾ پويان. مون کي يقين آهي تہ جڏهن هي ڪتاب منهنجي هٿ ۾ هوندو تہ مان ائين محسوس ڪنديس ڄڻ تہ بابا جي هٿ کي پڪڙي بيٺي آهيان. ان ڪري جو مون جڏهن بابا جي متعلق سندس دوستن جا جذباب تاثرات پڙهيا تہ ائين لڳو ڄڻ منهنجو پيءُ فوت ناهي ٿيو اهو زندهہ آهي هميشہ روشن آهي. اسان سڀني جي دلين ۾ بابا جو عڪس منهنجي ذهن تي ڇنڇي ويو آهي ۽ جيستائين منهنجو شعور منهنجو ذهن زندهہ آهي منهنجو بابا منهنجي اکين ۾ نظر ايندو.

هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪنديس تہ هن مواد کي گهڻي قدر عوامي آواز ڇاپيو آهي جيڪو 9 آگسٽ تي هڪ خاص ايڊيشن ڏيندو آهي. حالتون ڪهڙيون بہ هجن پر 9 آگسٽ جي ايڊيشن کي ڪير بہ نظر انداز نٿو ڪري سگهي.ان کان علاوه جيڪي بہ سنڌي اخبارون ۽ رسالا آهن انهن وقت بہ وقت



شهيد نذير عباسي

شهيد نذير عباسي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو شهيد اسماعيل اوڍيجو

شهيد نذير عباسي پنهنجي شاديءَ جي موقعي تي تمام دوست ساٿين ۽ متن مائٽن سان گڏ رخصتيءَ وقت محرابپور اسٽيشن تي

شهيد نذير عباسي، قاضي اڪبر ان وقت جو روسي سفير سنڌ نيوز جي دوري دوران

ماسڪو ۾ شهيد نذير عباسي جي ورسي ملهائي وئي

زرقا عباسي پنهنجي سالگرهہ جي موقعي تي ڏاڏي، ناني، پڦي ۽ ماءُ سان گڏ

نذير عباسي وچ ۾ محمد ڪامل سمون رازق ڏنو سونارو

حميده گهانگهرو

جيئي سنڌ - جيئي پورهيت

توهان جو خط تنظيمي مسئلن تي ڇپيو ماڻهن جي مسئلا اهڙا آهن جن
۾ توهان صحيح چيو آهي. ڪافي مسئلن تي توهان واضح نه ڪيو
آهي. باقي جيئي سنڌ ڪم ڪرڻ جو سوال آهي ته ڪير به ڪنهن
کي مجبور نٿو ڪري يا صاحب لائق نٿو ڏي- هر هڪ تي پنهنجو نظريو
تحت پنهنجي تنظيم ۾ اچي واقعي. نظريي سان سچائي جي
ڪري ڪم به ڪندا آهيو. باقي پنهنجي ڪا ڪير زبردستي
ڪم نٿو ڪري سگهي. تنظيم ۾ صدر جي حيثيت ۾ ڪير به
جو ڪارڪن آهيان انهن کان زبردستي ڪم نٿو وٺي
سگهان- هن وقت مان جيل ۾ آهيان ۽ نه هٿ ۾ ڪو
اهڙو وسيلو آهي جو هر هڪ سان رابطو رکي سگهان.
ان ڪري توهان فيڊريشن جي جنرل سيڪريٽري کي
ڪا مقام صدر سان رابطو رکو- پنهنجي مسئلن ۽
شڪايتون ڪريو. جيئاشن مان يا ڪراچي ۾
شاگردن جي مدرسن فيڊريشن اندر گهرو
۽ ڪوتاهين کي دور ڪيو. فيڊريشن ڪمزور
جي نه آهي. يعني پي پي جا عهديدار فيڊريشن ۾ موجود
آهن. ڪنهن به ڪم جو ناهي.

توهان جو سمجهڻ تنقيد ڪرڻ نه آهي پر ان کي شامل
آهي توهان به مرڪزي ڪارڪن آهيو فيڊريشن
جي پاليسي، نظرئي ۽ برابر شريڪ آهيو. توهان
پنهنجن ساٿين سان گڏجي ان کي درگذر ڪرڻ جي ڪوشش
ڪريو. ضرور ڪٿي چار دوست ويهي فيڊريشن ۾
ان جي ڪم متعلق فيصلا وغيره ڪندا هوندا. انهي
پنهنجي تنقيد ڪريو. باقي مون کي ڪنهن به
نه ٻڌايو تنظيم ۽ مان سيڪريٽري جنرل
کي توهان جي شڪايت پهچائيندس-

فقط [signature]

صدر - سنڌ - ١ - 6

نوشهرو سب جيل
مٺڙي حميدي

منهنجي مٺڙي رات جا ٻه ٿيا هوندا اڄ ڏانهن جو ٻه ڏيڍ ڪلاڪ ننڊ ڪئي هئي اهو ٻه اِن ڪري هڪڙي قيديءَ ويچاري اندر مونکي ونجڻو پئي هنيو گرمي ايتري آهي جو نه ٿو ماڻهو ويهي سگهي. نه لکي پڙهي سگهي

مٺڙي 8، 9 بجي تائين قيدين جون ڪچهريون هيون ان کان پوءِ مان ۽ قيدي گڏجي تنهنجي مٺڙي موڪليل ڪتاب "ذلتون ڪي ماري لوگ" جا 40 صفحا پڙهيم ڪتاب ۾ مزو آهي پڙهندي ننڊ لڳي ۽ مون سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر تون ڪٿي ٿي سمهڻ ڏين پنهنجي ارڙهين تاريخ جي ملاقات ذهن ۾ هئي. صبح جو سوير اٿي تيار ٿيس پر بعد ۾ خبر پئي ته الائي وٺي ٻه وڃن يا نه؟ پر تو سان ۽ ٻين دوستن سان ملي خوشيءَ جي انتها نه رهي.

هينئر تنهنجو خط ڪڍي ٻيهر پڙهيم ڏس نه مٺڙي جڏهن نظرياتي ڪتاب پڙهان ٿو ته اچي گرمي ٿي لڳي پوءِ تنهنجي خطن کي الائي گهڻا دفعا ٿو پڙهان ته ڪا گرمي نٿي ٿئي. آئين ڇو؟ ان جو جواب تو مون سان منسوب ڪري هٿ سان موڪليل ٻئي خط ۾ ڏنو آهي.

مٺڙي منهنجي انجڻ واقعي تون آهين ۽ آءٌ ان جو ڊرائيور آهيان باقي جيڪي ڳاڏا آهن انهن جا ڦيٿا برابر هجن يا نه! ته مٺڙي سگريٽ ڪيڏي خراب عادت آهي جا ڪينسر، ڦڦڙن جي خرابي، معدي ۾ خرابي پيدا ڪندي آهي تنهن هوندي ٻه دنيا ۾ موجود آهي ان کي اربين ماڻهو استعمال ڪندا آهن. جيڪڏهن مون ۽ منهنجي ساٿين وقتي طور استعمال ڪيو ته ڪهڙو آسمان ڪري پوندو جو تون ماسترياڻي بنجي مونکي ليڪچر ڏيندي رهين ٿي اها بڪواس مان وات مان لڪت ۾ ٻيهر برداشت نه ڪندس. سگريٽ ۽ شراب پيئڻ سٺي عادت نه آهي پر تو کي ڪنهن ٻڌايو ته نظرئي ۾ ڦيرڦار اچي ويندي اڄ ڏينهن تائين مون ناهي پڙهيو جيڪڏهن ڪا حديث هجي ته ڏياري موڪل.

مٺڙي تون منهنجي گرفتاريءَ تي ڏک نه ڪيو هوندو ۽ منهنجي مار تي توکي افسوس ڪو نه ٿئي هان پر خوش ٿئين هان. ان لاءِ جو نه ته تون منهنجو والد آهين جو توکي دل جو دورو پوي ۽ نه منهنجي والده آهين جو صبر سان خاموش گذارين. انهيءَ لاءِ جو تون فخر ٿي ڪرين ته مونکي مڙس اهڙو مليو آهي جنهن کي دنيا جي ڪا ٻه طاقت پادرن کان ٻچائي نٿي سگهي. خير ٻاهر نڪران پوءِ اهي سڀ خبرون پونديون.

شهيد نذير عباسي جو پنهنجي گهرواري ڏانهن نوشهرو سب جيل مان لکيل خط

ضرور لکيو آهي. سنڌ اخبار ۾ سهتو ماما جو تہ جواب ئي ناهي. بابا جي ساٿين مان سهتو ماما (غلام رسول سهتو) هڪ اهڙو حساس ۽ جذباتي انسان آهي جنهن نذير بابا جي نالي کي پنهنجي اک جي ماڻڪي سمجهيو آهي. جيڪڏهن نذير جو نالو وسري وڃيس تہ چڻ اک جي روشني ختم ٿي ويس. انهي جو اندازو مون کي بہ تڏهن ٿيو جڏهن منهنجي شادي ٿي رهي هئي مون کي پنهنجن مان بہ ايتري اميد نہ هئي پر سهتو ماما مون کي پيءُ جي کمي محسوس نہ ڪرائي ۽ تمام گهڻي عزت سان رخصت ڪري ڊاڪٽر عامر جي حوالي ڪري اهو چيو تہ نذير عباسي جي وجود جي نشاني جي حفاظت ڪجان ۽ اڄ هن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ بہ تمام اڳڀرو آهي.

بينظير ڀٽو جي والد شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو، ڀائر شاهنواز ڀٽو، مرتضيٰ ڀٽو ۽ منهنجي والد شهيد نذير عباسي جا قاتل ساڳيا آهن. ان خونن جي دهمانن تي پنهنجي حڪمراني ڄمايو وينا آهن. ۽ انهن جا سنڌ مان پير اکڙجڻ واري ڪا تحريڪ بہ نظر نٿي اچي. جنهن جو مثال اهو آهي تہ بينظير حڪومت (1994) ۾ منهنجي بابا لاءِ هڪ هلچل هلي تہ نذير عباسي جا قاتل پڪڙيا ويندا. ڪيس کي ٻيهر اٿلايو ويندو. بينظير صاحبہ هوم ڊپارٽمينٽ وارن کي بہ چيو مان امي سان گڏ اسلام آباد ويم اسان کان پڇيو ويو اسان جو اهو چوڻ هئو تہ بابا جي قاتلن کي واڪو ڪيو وڃي ڪجهہ شاهديون ۽ بابا جي ساٿين (جيڪي گڏ گرفتار ٿيا هئس) انهن بہ برگيڊيئر کي سڃاتو. شبير شر ماما تہ اخبار ۾ ڏنو مون کي گهرايو مان ٻڌايان ٿو تہ امتياز بلو نذير عباسي جو قاتل آهي پر ان جي باوجود ڪجهہ وقت کان پوءِ خاموشي ٿي وئي. هن ڪاري رات جي ڪاريهرن کي ختم ڪرڻ ڪپندو هو اهو ئي ٿيو جو تمام گهڻي افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ڪجهہ مهينن کان پوءِ هن ڌرتي جي مهان ۽ اڏول فرزند مير مرتضيٰ ڀٽو جو لاش تحفي ۾ مليو ۽ اهو مان دعويٰ سان چوان ٿي تہ جيڪڏهن منهنجي بابا جي قاتلن تي ڪيس هلي ها تہ انهن کي اها جرئت ئي نہ ٿئي ها.تاريخ جون هي يادگيريون هميشہ گواهہ رهنديون تہ هن ڌرتي سان ڪيتريون ويساهہ گهاتيون ٿينديون رهيون آهن.

زرقا عباسي

پس منظر

حميده گهانگهرو

نذير عباسي هڪ دور هڪ سياست، ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي.
10 اپريل 1952ع تي ٽنڊوالهيار ۾ جنم وٺندڙ نذير عباسي جڏهن پنهنجي ماءُ جي ڇاتي سان چمبڙيو هوندو ته ان وقت ڪٿو ساهه پريان امڙ ڪيترا خواب ڏٺا هوندا. ڪيترا ارمان هن جي دل ۾ هوندا، اها هڪ حقيقت آهي

ته جنهن شيءِ جو وجود آهي ان کي فنا به ٿيڻو آهي، موت برحق آهي، انسان هن دنيا ۾ اچي ٿو لاڏاڻو به ان جي زندگي جو حصو آهي. اسين سڀ مرنداسين، موت کان پري ڪير به رهي نه ٿو سگهي، پر موت کي به ڪير ماري اها وڏي فتح آهي. موت کي مارڻ وارا تمام گهٽ هوندا آهن. شايد وري ڪي مائون اهڙن هيرن کي جنم ڏين جيڪي اهو سڀ ڪجهه به سمجهندي ته هن عمل جو نتيجو هن دنيا کي الوداع چوڻ آهي ۽ پوءِ هو موت جي ڳٽي کي چمي ڏئي پنهنجي ساهه کي ويساهه ڏيندا آهن. نذير به انهن مان هڪ هو. هن پنهنجي ٻالڪپڻ ۾ تمام گهڻيون شرارتون ڪيون هونديون، تمام گهڻا ڪارناما به ڪيا هوندا. هن پنهنجي امڙ کان ڪڏهن مار به کاڌي هوندي ۽ شاباس به ورتي هوندي. امڙ ٻڌائي پئي ته تمام گهڻو شرارتي هوندو هو. پڙهڻ ۾ وچولو درجو هوندو هئس موڳو نه هو، ذهين هوندو هو پر پنهنجو ڌيان سماجي ڪمن ۾ وڌيڪ هوندو هيس. ڪتاب ڪٽي ڀين کي ڏئي ڇڏيندو هيو پلي ٻچي ڏينهن اسڪول ۾ استاد دڙڪا ڏئي پر ٻئي ڪي دڙڪن کان بچائڻ لاءِ پاڻ سزا کائيندو هو. ان ڳالهه تي امڙ به سمجهائيندي هئس ته ڀين جي ڪري ڇو ٿو دڙڪا کائين ۽ ماءُ کي اهڙي ڳالهين ۽ ڳالهين جي منٽي گوري ڪارائيندو هئو. جو چپ ٿي ويندي هئس، ڪنهن کي به پاڻ کان گهٽ نه سمجهيائين. هندو مسلم، ٻالي شاهي سين لاءِ همدردي رکندو هو. هن جي ڳالهين جي انداز ڪري شهر جا ماڻهو تمام گهڻو چاهيندا هئس. ناڪي منشي دوران جو واقعو آهي سياري جي رات هئي ڪنهن اجنبي ماڻهو رستي ۾ ويندي هن کي ڏٺو ۽ چيائين ته ابا ڪپڙن جو جوڙو ڏي ڏاڍو سيءُ آهي. نذير نهڪر نه ڪئي، اندر وڃي چادر ويڙهي پنهنجا لٽا لاهي ان راهگير کي ڏنائين ۽ رلهي ويڙهي گهر آيو. رات جو ٽائيم هيو هن کي به مشڪري سجهي، شايد اهو به ٿيس ته گهر ۾ امڙ پريشان نه ٿئي، پلاننگ ڪري فقير وانگر ٿي در تي بيٺو. امڙ جيئن ئي در کوليو ته رڙ نڪري ويس، امڙ کي پاڪر پاتائين، ۽ امڙ چيس مٺان ايڏانهن وڃ. هن زور سان ٽهڪ ڏئي چيو ته امان مان نذير آهيان ۽ پوءِ امڙ سمجهي وئي ڪجهه سوال ڪرڻ کان اڳ ئي چيائين ته ڪئي هوندءِ سخاوت. زبان سان ڪجهه نه چيائين ڪنڌ لوڏي چپ ڪري نماڻو منهن ڪري ماءُ ڏي ڏسي چيائين ها اهو انداز امڙ ڏسي چپ ڪئي. نذير پيءُ ماءُ جو احترام به ڪيو، ڀيڻين ڀائرن سان محبت به ڪئي پر انهي جي باوجود به زندگي ۾ ڪنهن جو پابند نه رهيو، جيڪڏهن پابند رهيو ته صرف ۽ صرف نظرئي سان هن

پهرين مگڻي پنهنجي ماسي جي گهر مان ڪئي هئي. سندس مگينديءَ پيٽ جي سور جي ڪري مري وئي ۽ دل تي ڏاڍو ورتائين. نذير پنهنجي طبيعت ۾ تمام گهڻو حساس به رهيو ائين ناهي ته صرف سنگدل هجي. ڏک جا گانا ڏاڍا ڳايائين شايد پنهنجي اندر ۾ سميٽيل درد کي هو مڪيش جي گانن ۾ پيش ڪندو هو. آواز به ٿورو ڳرو هوندو هئس. ان ڪري جڏهن ڳائيندو هو ته بلڪل گاني جهڙو آواز هوندو هئس. سياست ۾ اچڻ ڪان پوءِ جيل به ويو جيل ۾ سڀ سياسي ماڻهو هن جو تمام گهڻو خيال ڪندا هئا. بلڪ پنهنجن ڪان وڌيڪ خيال رکندا هئس. جنهن جو ذڪر ڪافي ماڻهن پنهنجي لکڻين ۾ ڪيو آهي. شادي مرضي سان ڪيائين. نذير SNSF جو صدر هيو ۽ مان مرڪزي ڪاميٽي جي ميمبر. اسان ٻنهي جي تمام گهڻي انڊراسٽينڊنگ هئي. شاي ڪنهن سياسي جلسي ڪان گهٽ نه هئي. 4 فيبروري 1978ع محرابپور جو اهو تاريخي ڏينهن آهي جنهن ڏينهن هر گلي هر پاسي ماڻهن جي زبان تي شادي جو چوپو هيو. پر وقت جي حاڪمن کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ شادي ڪان پوءِ نذير جا وارنٽ ڪڍيا. نذير تي پهرين به ڪنهن تقرير يا هلچل وغيره جو ڪيس هيو جنهن جي ڪري هن جو والد ۽ ڪجهه پائر پينر شريڪ نه ٿي سگهيا. ٻن نظرياتي دلين جو ميلاپ به عجيب هو اسان پنهنجي ذاتي زندگي ڪان وڌيڪ پنهنجي ڪم ۽ تنظيمي ذميدارين کي اهميت ڏني جنهن ڪري مون کي پٽ فيدر بک هڙتال لاءِ اماڻيو ويو. نذير حيدرآباد ۾ پنهنجي سرگرمين کي برقرار رکيو پر ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ هن کي به گرفتار ڪري قلي ڪئمپ ڪوئٽا ۾ رکيو ويو. قلي ڪئمپ ۾ گمنامي واري قيد فوجي جنتا کي منجهائڻ لڳي. جڏهن ڪراچي ۾ اسان حبس بيجا جي رٽ داخل ڪئي ته ان ڪان پوءِ نذير کي آزاد ڪيو ويو. آزادي ڪان پوءِ صرف 2 سالن تائين اسان جي هڪ خوشگوار زندگي گذري. زندگي جا اهي 2 سال تمام وڏو يادگار آهن. انهيءَ يادگار جو ثبوت زرقا (موتيا) آهي. زرقا هن لاءِ ڏاڍو اهم ڪردار هئي. هن پنهنجي ذيءُ تمام گهڻي خواب ڏٺا هوندا. پر ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هن جو اظهار ڪيئن دفعا ڪيو ته اجتماعي مفاد ۾ انفرادي مفاد کي اهميت نه ڏيندو. شايد قرباني ڏيڻ لاءِ هن کي زال، ٻار، ماءُ جي اڪيلائي جو خيال نه ڪرڻو هو. نذير پنهنجي سچائي پنهنجي ڪردار ۾ اسان سڀني ڪان ڪافي اڳتي وڌي ويو آهي. 30 جولاءِ اهو منحوس ڏينهن آهي. جڏهن نذير اهو چئي هليو ويو هو ته ڪجهه وقت ڪانپوءِ ايندو ۽ اهو وقت 80-8-9 تي ختم ٿيو. آخر 9 آگسٽ جي اها شام جنهن کي ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن سان منسوب ڪندا آهن شام جي پهر کي ڳايو ويندو آهي رات جو ڪائنات جي خوبصورت منظر کي سمني شاعر اديب پنهنجون لکڻيون سنواريندا آهن. سمنڊ گجگوڙ ڪندو آهي. سنل دنيا تي تارا ٽمڪندا نظر ايندا آهن. مذهبي لحاظ ڪان اها رات اها هئي جنهن کي اسين شب قدر چئون يعني 27 رمضان. نيڪ ٽن ڏينهن ڪان پوءِ عيد اچڻي هئي. قبر ۾ مئل به پنهنجي عزيزن. قريبن جو انتظار ڪندا آهن خدا ۽ انسانن جي وچ ۾ پنهنجي مطالبن ميجرائڻ جو وڏو ڳانڍاپو هوندو آهي. هر ماڻهو دعا گهري پنهنجي زندگي جو

امتحان پاس ڪندو آهي. ان شام ان اچڻ واري رات اسان کي ٻه هڪ خبر ڏني جت جاڳڻ سان ڪير جا وڃا ملن اتي نذير عباسي جي هن دنيا کان الوداع جي خبر زهر جي جام کان گهٽ نه هئي. هيءَ جدوجهد جو اڪيلو سپاهي ڪنهن گمنام قبر ۾ لڪايو ٿو وڃي. ستار ايڊي ۽ فوج جا ڪجهه رکوالا ڳاڙهي ڪفن ۾ نذير جي لاش کي سخي حسن جي هڪ ڪنڊ ۾ ڌرتي ماءُ جي جهولي ۾ وجهي دبيل واڪي اهو اعلان ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ته اسان جي تحويل ۾ ملڪ دشمن مارجي ويو. اها خبر هنن جي ڳچي ۾ پوي ٿي. هر ماڻهو جي اک آلي ٿي ٿئي خوشي جو اچڻ وارو ڏينهن غمي ۾ تبديل ٿو ٿئي. نذير جا سڀ نظرياتي، سياسي، ذاتي دوست مائٽ بي ستي زبان، گهٽيل ڳلو، بي جان جسم کي ڪٽي بريٽ جي ويران پکي وانگر هڪ ٻئي کي واجهائين پيا. حقيقت اها آهي ته دلي طرح نذير جي موت جي تصديق ڪير به نه پيو ڪري سگهي. هن جو آواز گونجار بنجي سامهون پيو اچي، مان نذير جي زال سان گڏ هڪ ساٿي به هئم. مون کي ٻئي فرض نڀائڻا هئا. اسان جو نظرياتي حلف ڪنيل هو ته ڪنهن به وقت لاءِ تيار رهنداسين. مان نذير جي موت کي سياسي طرح قبول نه ڪيو اڄ به هو امر آهي ۽ شايد زنده ڪان زنده آهي. مثل زندگي اسين گذاريون ٿا هو ته مثلن جي محفل ۾ ڪچهريون ڪري ٿو ۽ زنده جي دلين تي راڄ ڪري ٿو. نذير کي موت نه ماريو آهي. جيڪڏهن ماريو آهي ته اسان سيني، ڪافي حقيقتون سامهون آيون آهن ڪافي لڪئين ۾ گهٽن سچ ڳالهايو آهي ۽ اها هڪ حقيقت به آهي ڪجهه نذير جي ساٿين همدردن کان سواءِ تمام جهور ڪامريڊ ته نذير کان اڳ پاڻ کي بي ستو محسوس ڪن ٿا. اسان سڀ ضمير جي عدالت ۾ نذير جا ڏوهاري آهيون. اسان خون کي سميٽي نه سگهيا آهيون. جيڪو اڄ به وڏي واڪي للڪاري ٿو ته اٿو سجاڳ ٿيو. انهيءَ آواز جي گونجار تي ڪي ڪن اهڙا هئا جن جا پردا ڦاٽي پيا ۽ نذير نذير ڪري ڊوڙندا وتيا ڦرندا وتيا پر ڪا هڪ جڳهه نظر نه آين جتي ويهي پنهنجي درد جو اظهار ڪن پر پنهنجي ڪنن کي ڍڪڻ لاءِ ان گونجار کي جواب ڏيڻ لاءِ قلم جو سهارو ورتو ۽ ان جي سهاري هنن نذير سان عقيدت جو اظهار ڪيو. پلي اسان ڪنهن جي لکڻي سان سهڪار ڪيون يا نه ڪيون پر نذير سان هنن پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيو آهي. نذير ڪهڙا ڪهڙا اذيت جا اوزار ڏٺا هوندا، هن ڪهڙي ٻولي ۾ ڪهڙا لفظ ٻڌا هوندا. ڪيترن وحشي چهرن کي پنهنجي معصوم نگاهن سان شعلا ٻاريندي ڏٺو هوندو. اها اسان سيني مان ڪنهن کي به خبر ناهي. بس اهو آهي ته نذير هڪ مشعل هو اها مشعل جيڪا ستل کي سجاڳ ڪري نذير اها ٽمڪندڙ لاٽ هو جيڪي انڌيري ۾ پري کان نظر اچي. نذير ان وقت اسان کان تمام گهڻو پري هو پر اسان صرف ان جي لاٽ کي ٿي ڏسي سگهون ٿا. جنهن اُن مهل اهو وچن ڪيو ته توهين ڏيئي جو تيل ڪيو مان رت ڏئي ٻاريندس. نذير ان انڌيري رات ۾ پنهنجو رت ڏئي ڏيئي کي روشن ڪيو. رت ڏئي ڏيئي جي لاٽ کي روشن ڪيو. رت ڏئي ڏيئي جي لاٽ ته ڪو شعور وارو ئي ڏسي سگهي ٿو ورنه هن انڌير نگري ۾ اسين سڀ انڌا ٿي ويندا سين. جيڪڏهن پنهنجي ستل شعور کي

نہ جاڳايو اهو ئي سبب آهي جو اڄ نذير کي 22 سال ٿين ٿا نذير جي ڏيءُ زرقا پنهنجي پيءُ جي يادگار ۾ شاهڪار لکڻين کي سميٽي اسان سڀني کي آئينو ڏيکاريو آهي. 20 سالن تائين اسان بي بس رهيا آهيون. ڪنهن نہ سوچيو تہ ڪڏهن ڪو نذير تي هڪ ننڍڙو ڪتاب ڪڍجي. نذير جا ڪافي دوست ساٿي پنهنجي آسائشن کي اڏڻ ۾ پورا ٿي ويا. ڪنهن نہ سڄاتو تہ هڪ سر نذير جي بہ رکيل آهي. جنهن جي اڏاوت اسان سڀني کي ڪرڻي آهي، اها آهي زرقا سواءِ چند ساٿين جي زرقا کي جي 20 سالن ۾ ڪنهن نہ سار لڌي پر 2 سال اڳ جڏهن هن جي شادي ٿي تہ نذير جي ڪافي دوستن ساٿين تمام گهڻي عقيدت ۽ پيار سان رخصت ڪري سومرا قوم جي ڊاڪٽر عامر عباس جي حوالي ڪيو. ڊاڪٽر عامر خود سنڌ جي شهيد الله بخش سومرو جو پوٽو آهي. اهو ئي سبب آهي جو زرقا لاءِ هن وقت ڪنهن بہ قسم جي رواجي رڪاوٽ ناهي ۽ هو هن لاءِ ٻانهن ٻيلي آهي. جنهن جي ڪري جڏهن زرقا ادا غلام الرسول سهتي کي ڪتاب ڇپرائڻ جو اظهار ڪيو تہ هن بي ڌڙڪ چئي ڏنو ها بابا ڪتاب ڇپرائينداسين. توهان ڪتاب جو مواد گڏ ڪرڻ جي تياري پڪڙيو. هن ڪتاب جي مواد لاءِ اسان سان ڪجهہ ماڻهن سهڪار ڪيو. اخبارون، ڪتاب ۽ رسالا گڏ ڪرڻ ٿورو ڏکيا هئا. زرقا ڪافي دفعا اخبارن وسيلي چيو تہ نذير بابا تي جنهن وٽ بہ ڪو مواد يا ڪي تصويرون هجن تہ ڏيو سواءِ چند بي باقي هن مواد کي گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجي سر جاکوڙ ڪرڻي پئي، عوامي آواز وارن سهڪار ڪيو. جنهن جي ڪري ادا غلام الرسول سهتي پنهنجي ڪلهن تي فائل کڻي ايڊيشن جا فوٽو اسٽيٽ ڪرايا. سنڌ اخبار جي دفتر ۾ ويهي ڏينهن رات هن مواد لاءِ سهڪار ڪرڻ وارن ۾ صالح بلو، رياض سومرو، نذر جويو ڪافي اهم ڪردار ادا ڪيو. حاڪم پاڇائي (ادا سهتي جي زال) ان جو جواب ناهي هي هڪ اڻ پڙهيل ۽ گهريلو قسم جي عورت آهي پر نذير جي ڪتاب لاءِ هن جي عقيدت ساراهڻ جوڳي آهي. هن قلم ذريعي ڪجهہ نہ لکي ڏنو پر خلوص ذريعي ايترو ڪجهہ ڪيو. راتين جا اوجاڳا سڄو سڄو ڏينهن ويهڻ جي ٿڪاوٽ پاڇائي جي خدمت ۽ خلوص ڪري ڪڏهن بہ مايوس نہ ڪيو. مان پروف ڪندي هئس. پاڇائي پڪوڙا، چانهيون، بسڪوٽ ٻارن کي هر وقت ڏيندي تہ وڃي . بوٽا کي ڏئي اچو ٻار بہ هر وقت پڇندا بوٽا ڪا شيءِ گهرجي. اها هنن جي مون لاءِ مهمان نوازي نہ هئي چاڪاڻ جو مان مسلسل نون مهينن کان هر ڇنڇر آچر تي حيدرآباد ويندي هئس، اهو هنن جو نذير سان عقيدت جو اظهار هيو هڪ ڏينهن مان پڇيو مانس پاڇائي توهان نذير ڏٺو هو. چيائين نہ پر هي جيڪي تون ڳالهيون ٿي ٻڌائين تہ ادي لڳي ٿو ڄڻ نذير ڏٺو هئو. اها ان جي نذير لاءِ محبت جي روشني هئي. جيڪا نذير پئي ڏيکاريس. منهنجو اڄ بہ يقين آهي تہ نذير سان عقيدت وارا ڪافي آهن، اسان جا پراڻا ساٿي بہ ائين ناهن تہ ڪو نذير کان نفرت ٿيا ڪن پر نذير ۽ پنهنجي وچ ۾ جيڪو پردو رکيو آهي ان کي هٽائڻو آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ زرقا جي طبيعت خراب ٿي پئي آپريشن ٿيڻو هئو. اسان شڪارپور وياسين، ڊاڪٽر منور عباسي

زرقا جو نہ صرف آپريشن ڪيو پر VIP ڪمرو ڏنو ھر وقت ھن جي پنھنجن وانگر سار سنڀال لهڻ تمام سٺي دعوت ڪري جورا ڏنائين. 10 ڏينهن پرائيويٽ ھاسپيٽل ۾ رهڻ ڪا معمولي ڳالهہ ناهي، پر اهو سندس خلوص ھو جيڪو بغير ڪنهن معاوضي جي اسان سان برقرار رهيو. عامر کي ڇيائين توهان جي امي ڏاڍي سٺي هئي ۽ زرقا کي چوندي هئي تون منهنجي مائٽياڻي آهين اهو ھن جو نذير جي قرباني لاءِ احترام ھو. جنهن جي ڪري زرقا کي چوندي هئي ببيي فڪر نہ ڪر تون بلڪل پنهنجو سمجهہ.

بشير سروهي جنهن ھن سڄي ڪتاب کي ڪمپوز ڪيو آهي. سروهي ٻارن وانگر ڪڏهن ڪڏهن ڏورو انتظار بہ ڪرائيندو ھو پر سندس مانيٽو انداز منهنجي سڄي ڪاوڙ ختم ڪري ڇڏيندو ۽ الٽو مون کي چوندو آنٽي توهان ليٽ ڪئي توهان نہ آيا مون کي بهرحال ھن جو اهو انداز پنهنجي پٽ وانگر لڳندو ھو ۽ ان ڪان پوءِ رات جو 4 وڳي 5 وڳي تائين ويهي مواد ڪمپوز ڪندو. علي مراد ۽ امتياز جون چانهيون پيارڻ اسان جي سستي کي ختم ڪنديون هيون. مجموعي طرح اخبار جي پوري عملي تعاون ڪيو پاڪ ۽ عوامي آواز ۾ ادا غلام نبي چانڊيو، ادا جبار خٽڪ، زرار پيرزادو، علي محمد لغاري، اويس چنا تعاون ڪيو. پهرين اهو اندازو نہ پيو ٿئي تہ ڪتاب ڪيترن ئي صفحن جو آهي. جڏهن هي سڄو مواد قمر کي پيسٽنگ لاءِ ڏنو تہ چيائين پيڻ هي تہ تقريبن 330 پنا ٿا ٿين مون بي اختيار چيو تہ شاهہ پٽائي کي ٿيا آهن. اسان ان کي وساري نہ سگهيا آهيون ، صرف هڪ شاهہ جي رسالي ذريعي ھو اڄ بہ اسان جي لاءِ مشعل راهہ آهيڌ

نذير جو هيءُ ڪتاب اسان جي لاءِ مشعل راهہ هوندو. زرقا جي چواڻي تہ لائبيريري جي ڪنهن خوبصورت خاني کي خالي ڪري پنهنجي بابا جو ڪتاب رکندي تہ اڄ پنهنجي ان مقصد ۾ ڪامياب وئي آهي. نذير جي ساٿين جون لکڻيون حقيقت آهي تہ ھن کي جهنجهوڙين ٿيون. زرقا نذير جي مشعل آهي. ھن ڪا پارٽي نہ ڏني نہ ھن وڏا اجتماع ڏنا نہ تقريرون ڊيون ھن صرف قلم جي نڪتل مس کي نذير جي نالي کي رنگيل ڏنو آهي. اسان سڀني جو فرض آهي تہ لائبريري جي خوبصورت خاني کي دز سان نہ ڍڪيون ۽ زرقا کي اها اپيل آهي تہ شهيد نذير عباسي يادگار جي چيئرپرسن ٿي ھن سلسلي کي اڳتي وڌاءِ.

ڪامريڊ نذير عباسي جو سيني شاگرد يونين ۽ شاگرد تنظيمن ڏانهن خط

پيارا دوستو!

مان توهان جو ڌيان سموري شاگرد برادريءَ کي پيش ايندڙ ڪجهه مسئلن ڏانهن ڇڪايان ٿو ته جيئن انهن جي نبيري خاطر ڪا گڏيل ڪوشش ڪري سگهئون. اڄ جا حڪمران تعليمي ادارن کي ڪرپٽ بيورو ڪريسيءَ آڏو تابعدار ۽ انهن جو فرمانبردار بنائي شاگرد برادريءَ جي مسئلن کي نبيرڻ کان مڪمل نابري واريو بيٺا آهن.

جڏهن اسين ڪنهن حقيقي مسئلي ڏانهن انتظاميا جو ڌيان ڇڪايون ٿا ته اها مڪاريءَ سان پنهنجي بي وسيءَ جا بهانا گهڙي ٿي، اجايا ۽ ابتا سبتا فنڊن ۽ پئسن نه هجڻ جا سبب ڏئي ٿي. شاگرد برادريءَ جي مسئلن نه نبيرڻ جي ارادري ڪري انتظاميا پنهنجي بي اختيار هجڻ جو ڏيکاءُ ڏيڻ ڪارڻ شاگردن کي ملٽري آفيسرن ڏانهن موڪلي ٿي.

هيءَ جيڪا وقتي PROVIONAL حڪومت آئي آهي ان کي مسئلن نبيرڻ جو ٽڪي جيترو به خيال يا افعال ناهي. انهن کي اسان شاگردن جي هر هڪ ڪم ۾ ڪنهن سياسي پارٽيءَ جو هٿ ۽ سازشي ڪردار نظر اچي ٿو. ڪجهه ايس ايم ايل اي ۽ ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽرن طرفان شاگرد اڳواڻن کي سندس آڏو پيش ٿيڻ جا نوٽيس موڪلڻ ڏيهاڙي جو وهنوار ٿي ويو آهي. انهيءَ جي ڪري فوجي حڪمرانن طرفان اسان جي مسئلن جو پورائو ۽ نبيرو ڪرڻ جي لڳاتار دعوائن باوجود مسئلا ڏينهون ڏينهن بگڙندا پيا وڃن. اسين هن معاشري جي باشعور شاگردن، شهرين ۽ فردن جي حيثيت ۾ چاهيندي به يا نه چاهيندي به پاڻ کي پنهنجي معاشري جي اقتصادي، سماجي ۽ سياسي مسئلن کان ڌار رکي نٿا سگهون. اسان جي سماج جو هڪ حسين ترين مسئلو پوءِ ڪٿي اهو تعليمي هجي يا ثقافتي، گهريلو هجي يا سماجي نوعيت جو اسان جي سماجي مسئلن جي ڍير جو هڪ اڻ ٽٽ حصو ۽ پاڱو آهي.

جڏهن اسين مطالبو ٿا ڪيون ته تعليم ڪاڻ بجيٽ وڌائڻ لاءِ غير پيداواري ۽ بي ڦل خرچ گهٽايا وڃن ته اهو ظاهر آهي ته نه رڳو تعليمي مسئلو آهي پر سياسي مسئلو به پر اسان جي حڪمرانن کي ان جو رڳو سياسي پاڱو نظر ٿو اچي. اسان جي هر هڪ تعليمي اداري جي خودمختياري مجرماڻي نموني سان ختم ۽ ناس ڪئي وئي

اهي. شاگردن جي هر سرگرمي کي سياست هجڻ جو رنگ ڏنو وڃي ٿو. گھڻو ڪري هر يونيورسٽي ھڪ ننڍڙي فوجي ڪئمپ بڻجي وئي آهي.

سوال هي آهي ته ڇا تعليمي ادارن ۾ نوڪر شاهيءَ جي ناجائز ٽنگ اڙائڻ ۽ مداخلت ڪاري، رسٽي ڪيشن، هڪ تعليمي اداري مان شاگرد جي ٻئي تعليمي اداري ڏانهن زوري بدلي، شاگردن جي گرفتاريءَ جا وارنٽ ئي تعليمي ادارن جي منجهيل مسئلن جو نبيرو آهن؟

مان سڀني چونڊيل شاگرد يونينن. شاگرد تنظيمن جي عهديدارن کي اپيل ٿو ڪيان ته اهي شاگرد جي مسئلن نبيرڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏجن. گڏجي سنجيدگي سان صلاح مصلحت ڪن ته جيئن اهو ڪم ۽ مقصد حاصل ٿي سگهي جنهن لاءِ ڪين شاگردن ووٽ ڏنا آهن. ان طرح سان گڏجي اسين هيٺين مسئلن لاءِ آواز اٿاريون.

1. يونيورسٽين، ڪاليجن ۽ ٻين تعليمي ادارن ۾ شاگرد يونينن جون چونڊون.
2. سنڌ يونيورسٽيءَ جي 13 شاگردن جي رسٽي ڪيشن ۽ نشتر ميڊيڪل ڪاليج جي ڏهن شاگردن جي جبري بدلي.
3. سڄي ملڪ ۾ شاگردن جون گرفتاريون ۽ انهن جا وارنٽ جاري ٿيڻ.
4. تعليمي ادارن جي خودمختياري جي بحالي.

مون کي اميد آهي ته توهان جيترو جلد ٿي سگهي اوترو منهنجي اپيل جو پسندگي سان موٽ ڏيندؤ ۽ ڪنهن هنڌ تي سڀئي گڏجي انهن مسئلن جي نبيري لاءِ ڪا رٿ جوڙيندؤ. منهنجي تنظيم طرفان توهان سان ڀرپور تعاون ۽ مدد جي پڪ سمجھو.

نذير عباسي
وائيس چيئرمين
پي ايف يو ايس

1953 کان 1956ع تائين آئين ڪيئن نهيا ۽ ٽٽا

نذير عباسي

اسان جو ملڪ ڊگهي عرصي تائين بنا آئين جي رهيو آهي، ان جو سبب اهو نه آهي ته ڪو سياسي اڳواڻن ڪي آئين ناهڻ نٿي آيو. ڪو به بي اي جو شاگرد هڪ ڪلاڪ ۾ ٿي آئين آساني سان ناهي ٿو سگهي... پر ان لاءِ ڪافي ڪارڻ آهن. خاص طرح اهي واقعا جيڪي 53 کان وٺي 55 تائين پيش آيا. اڄ ته انهن جو جائزو وٺون ته اهي ڪهڙا واقعا هئا ۽ ڇو پيش آيا.

1953ع ۾ جڏهن ملڪ جو وزيراعظم ناظم الدين(بنگالي) هو ۽ ملڪ جو گورنر جنرل غلام محمد هو تڏهن ناظم الدين صاحب نوڪر شاهي جي نمائندي غلام محمد جي قبضي ۽ ڪنٽرول کان ٻاهر نڪري بنگال جي باري ۾ ڪجهه ڳالهيون ڪرڻ ۽ ڇوڻ شروع ڪيون ۽ آئين ناهڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. پر غلام محمد جنهن جي مرضي هئي ته سڄي ملڪ تي مڪمل قبضو ڪجي، تنهن ناظم الدين کي ڪڍڻ لاءِ هڪ سازش سٽي، هن ان وقت جي پنجاب جي وزيراعليٰ ميان ممتاز دولتانه سان گڏجي هن رٿ رٿي ته پنجاب کان قاديانين خلاف وڏو گوڙ شروع ڪيو وڃي ۽ مطالبو ڪيو وڃي ته ناظم الدين جي وزارت جي واحد قادياني وزير سر ظفر الله کي ڪڍيو وڃي ۽ ائين اڳتي هلي سڄي وزارت ڊاهي ڇڏجي۔

ڪيئي طريقا استعمال ڪري گوڙ ڪرايو ۽ گوڙ اندازي کان اڳتي نڪرڻ لڳو ته فوج کي لاهور ۾ مارشل لا لڳائڻ لاءِ چيو ويو. فوج جي مارشل لا لڳائي ڪنٽرول ته ڪري ورتو پر ان جي قيمت طور حڪومت ۾ حصو گهريو جيڪو ڏيندي ايوب خان کي وزير دفاع مقرر ڪيو ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ جڏهن ايوب خان کي وزارت ڇڏڻ لاءِ چيو ويو ته هن پنهنجي ۽ سندس سنگتين لاءِ مالي فائدا گهريا جيڪي ڪين زمينن جي صورت ۾ ڏنا ويا. در حقيقت اهي زمينون ڏيڻ سان ئي ملڪ ۾ مارشل لائن جو بنياد رکيو ويو.

1954ع ۾ بنگال ۾ چونڊون ٿيون جن ۾ حڪمران مسلم ليگ 9 سيٽون کنيون ۽ بنگال جي متحده محاذ (جگتو فرنٽ) 301 سيٽون کنيون. بنگال صوبي ۾ جگتو فرنٽ جي حڪومت اڃا ڇهه مهينا مس هلي ته اتي گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو. ڪجهه عرصي کان پوءِ بنگال جي ليڊرن کي چيو ويو ته اوهين جيستائين قومي اسيمبلي ۾ آبادي جي حساب سان سيٽن جي مطالبن تان دستبردار ٿي پئرٿي(اولهه ۽ اوير مان هڪ جيترا نمائندا جنهن لاءِ ون يونٽ به ناهيو ويو) جو اصول قبول نه ڪندو ملڪ لاءِ آئين نه ناهيو ويندو. جڏهن بنگال جي ڪجهه اڳواڻن اها ڳالهه قبول ڪئي (عوامي ليگ) تڏهن ان پروگرام کي عملي جامو پارائڻ لاءِ 1954ع جي آخر ۾ ڪميونسٽ پارٽي کي بندش وڌي ويئي ڇاڪاڻ ته اها پڪ هئي ته اها واحد ملڪ گير جماعت هئي جيڪا هن قسم جي هر منصوبي جي مخالفت ڪندي، اڃا به خطرو هو ته

متان ملڪ ۾ ڪا مخالفت اٿي ۽ هوڏانهن آمريڪا تيل پيدا ڪندڙ ملڪن واري ايراضي ۽ ويٽنام جي اوسي پاسي چوڪيدار ۽ ٻانهن ٻيلي ڳولي رهيو هو تہ جيئن معاهده بغداد (عراق) واحد ملڪ هو جو ان منصوبي ۾ شرڪت لاءِ راضي ٿيو پر پوءِ ترقي پسند قوم پرست حڪومت اچڻ تي اهو بہ نڪري ويو ۽ معاهدي جو نالو سينٽو رکيو ويو(۽ سينٽو ناهي سگهجي، سو ان وقت جي اسان جي حاڪمن پنهنجو پاڻ کي عوام جي غيض ۽ غضب کان بچائڻ لاءِ انهن فوجي معاهدن جي سهارو ورتو. انهن فوجي معاهدن ۾ بہ خاص فقرا آهن، هڪ اهو تہ واسطيدار ملڪ تي ڪو سوشلسٽ ملڪ حملو ڪندو تہ "هڪ ٻئي جو بچاءُ ڪبو. جنهن لاءِ سيني کي سورهن آنا خبر آهي تہ سوشلسٽ ملڪ ڪنهن تي بہ حملو نہ ڪندا آهن ۽ ان جو ٻيو فقرو اهو آهي تہ واسطيدار ملڪ جا حاڪم "هڪ ٻين" کي اندروني بغاوتن(عوام) کان بچائيندا.

بهرحال اهو ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ ون يونٽ ٺاهيو ويو جيڪو مرحيات هونئن بہ ڪنهن تعارف جو محتاج ڪونهي. ان کان پوءِ ئي جڳ مشهور 1956وارن ون يونٽي آئين اسان کي ڏنو ويو. هونئن آن وقت جا حڪمران نوڪر شاهي ۽ ان جا چاڙتا سياستدان فيصلو ڪري ويٺا هئا تہ جيستائين بنگال پنهنجي اڪثريت تان دستبردار نہ ٿيو آهي ۽ اولهہ پاڪستان جي ڪنڌ ۾ ون يونٽ جو ڦاهو نہ پيو آهي، تہ آئين اصل ۾ نہ ڏبو، ان کان پوءِ جو قصو تہ اجا ڪالهوٽي ڪالهہ جو قصو آهي. سو وري ورجائڻ جي ڪا خاص "ضرورت" ڪانهي.

نوٽ: نذير عباسي جي هي تحرير روزاني عوامي آواز تاريخ 18 جولاءِ 2001 تان ڪنهن دوست طرفان ڇپرايل آهي جيڪا يادگيري طور اوهان آڏو پيش آهي.

(نذير تي سندس حياتي ۾ لکيل)

نذير آئيڊيل آهي

طارق اشرف

نذير عباسي سان منهنجي ملاقات جيل کان اڳ ڪانهي ۽ مون کي انهي جو افسوس آهي ته نذير سان اڳ ۾ ملاقات ڇو نه ٿي. هاڻ مان جڏهن جيل جي ساٿين تي خاڪا لکڻ لڳس ته مون کي سڀ کان ڏکيو نذير لڳو. سوچي سوچي ٿڪجي پيس پر ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي ته مان نذير تي ڇا لکان. سواءِ انهي جي ته نذير تمام سٺو... ماڻهو آهي، پر سٺو لفظ موزون ڪونهي، حقيقت ۾ نذير جو جهڙو اخلاق آهي، جهڙو ڪردار آهي، مان ته چاهيان ٿو ته سڀني سنڌي شاگردن جو اهڙو هئڻ گهرجي، جيل ۾ جيڪي سڀني کان مسڪين قيدي هئا، نذير انهن مان هڪ هو. نذير لاڙڪاڻي کان شنوائي تي ڪراچي آيو ۽ ڪيس اوچتو لانڍي جيل اماڻيو ويو، نذير وٽ نه هئا ڪپڙا نه هو چمپل نه هو هنڌ ٿپڙ ۽ نه ئي جلدي ملاقات ايندي هئي پر نذير ڪڏهن به ڪنهن شيءِ جي گهر نه ڪئي.

مان نذير عباسي لاءِ فقط ايترو لکندس ته نذير ڪردار، اخلاق ۽ عادتن جي ڪري آئيڊيل آهي. 22 مهينن جي پوري عرصي ۾ هن جهڙو بلند ڪردار مون ڪنهن ٻئي ۾ نه ڏٺو. خدا ڪري سدائين اهڙو رهي(ڪتاب: جيل گهاريم، جن سان، لکيڪ طارق اشرف: ڇپجڻ جو مهينو ڊسمبر 1977)

سنڌ واسيو هي لاش ڪنهن جو آهي؟

عبدالواحد آريسر 1996ع

اسپتال جي سرد خاني ۾ هي ڇڇريل ۽ ڇيپاٽيل ۽ رتوڇاڻ لاش پيو آهي جنهن جي ڇهري تي لانگ بوٽن جي ڪوڪن جا نشان آهن جنهن جي ڇاتي تي ڇرن جا گهاءُ آهن. جنهن جو عضوو عضوو ڇٽيل، ڇيپاٽيل ۽ وڍيل آهي، ان لاءِ جي انهي حالت ۾ ڪيفيت ڪان پوءِ بہ سنگينون ٽنبيل رائفلون اپيون آهن ۽ اسپتال جي دروازي تي پوري ڪمپني جو پهرو آهي.

ها پر پوءِ بہ لاش جي ڇهري تي نفرت عظمت تقدس ۽ معصوميت جون ريڪائون اپري اونداهي ۾ روشني جا ڪرٽا پکيڙي رهيون آهن اهو لاش اڪيلو آهي متس ڪو بہ معصوم بابا ڇٽي ڳوڙها ڳاڙڻ وارو ناهي ڪو بہ جوين ڳوڙهن سان ان لاش جي حرارت کي ٿڌاڻ پهچائڻ وارو ناهي، سردخاني ۾ پيل ان لاش جي گرمي ۽ تپاڻ ڪولڊ اسٽوريج جي ديوارن کي رجائي رهي آهي. نيٺ اهو لاش ڪنهن جو آهي جيڪو هيڏي شهر ۾ ائين اڪيلي بيوسي حالت ۾ ڪنهن جو انتظار ڪري رهيو آهي. ڪا صدا ڪري رهيو آهي؟ جنهن جي ڇپن تي موت ڪان پوءِ بہ هڪ اهڙي للڪار آهي جنهن جو تسلسل ڪنهن فرد جي موت سان ٽٽندو نہ آهي ۽ نہ ئي ٽٽڻو آهي. جنهن جي رت هاڻين اکين ۾ اهڙي جوت جلي رهي آهي. جنهن جي جيت بہ امر ٿيندي آهي ۽ جنهن جو موت بہ مات نہ کائيندو آهي. جنهن جي بيجان جسم ۾ اها حشمت ۽ هيبت آهي جو ڏانهس اپيون ٿيل سنگينون ڪنهن اينڊڙ سمي جي خوف کان ڏڪي رهيون آهن. جيڪو سمو انهن سنگينن جي مالڪن ڏانهن سنڌو جي وهڪري وانگر وڃي رهيو آهي. ڪٺڪ جي سلي وانگر وڌي رهيو آهي. هماليا جي ڪرنڊڙ ڇپ وانگر تيزي سان ڊوڙندو پيو اچي. جيڪو طوفان بڻجي وڄ جي روپ ۾ گجگوڙ ڪندو پيو اچي، سڄ جي سونهري رٿ تي سوار ٿي سانن جا ڪنڌ مروٽيندو بادشاهن کي گهٽين ۾ گهليندو امير جا اوجهہ ڪڍندو ۽ مذهبي مهيندار جا سينا لتاڙيندو وحشيت جنون پهر ۽ ڪڙڪاٽ ڪندو اچي رهيو آهي. هن جي ٻانهن ۾ ديوتائن جا ٻل آهن. اکين ۾ ٻاجهي جا شعلا آهن ۽ زبان ۾ تلوار جي تيزي آهي. اهڙي وقت جي ويجهڙائي سان سنگينون ڏڪي رهيون آهن. اعزازي ٻلا ڪري رهيا آهن. ورديون ڪپهہ جي پرزن وانگر اڏامي رهيون آهن ۽ گهگهہ اونداهي ۾ اهي وقت يا ترتيب ۽ منظم عوام جي ڪلهن تي سوار آهي جن جي هٿن ۾ ڪڏهن نہ وسامندڙ مشعلون آهن ۽ اهي مشعلون اگر اگني جون آهن انهي امر اگني جي شعلن ۾ هر اهڙو لاش ڪنهن جو آهي جنهن تي بيٺل پهريدار بہ ڏنل آهن تہ سنگينون بہ

ڏکي رهيون آهن ۽ ورديون بہ ڪپهہ جي پوٽين وانگر اڏمنديون نظر اچن ٿيون. اهو لاش دنيا جي قديم ترين مشهور ترين ۽ گمنام ترين لاش آهي اهو لاش يسوع مسيح جو آهي جيڪو صليب تي لٽڪيل آهي ۽ اهو لاش حڪيم ماني جو آهي جنهن جي فڪر ۽ فن ڪي وقت جي اقتدار جي طوائف ۽ ان جي محافظ پڙوي پنهنجي جسمن لاءِ تيزاب پئي سمجهيو. نتيجي طور هن کي جيئري ساڙيو ويو هو. اهو لاش سينيڪا جو آهي جنهن کي روم جي نيرو خودڪشي تي مجبور ڪيو آهي. جنهن کي قرآن جي نالي تي ڪٺو ويو. اهو لاش هيمون ڪالاڻي ۽ جيولس فيوچڪ جو لاش آهي. اهو لاش هر انهي باضمير اديب، شاعر، دانشور ۽ سياسي ڪارڪن جو آهي جنهن جي روح فوجي جنتا جي ٽشو پيپرن جهڙن فرمانن مطابق سجدن ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي ۽ جن جا سجدا صرف پنهنجي مادر وطن جي عوام جي خوشي ۽ خوشحالي لاءِ وقف رهيا آهن. جيڪڏهن تون ۽ مان هو ۽ هي باضمير آهيون تہ اهو لاش اسان سڀني جو آهي.

اي ! اهي انسانو جيڪي نرم بسترن تي عياشي سان ستا پيا آهيو. سوچيو ڪٿي اهو لاش توهان جي پٽ جو، پوٽي جو، ڏوهٽي يا نياڻي جو تہ ناهي؟ اهو لاش پوري دنيا جي حريت پسند ۽ آزادي پسند نوجوان جو لاش آهي انهي لاش جي روپ ۾ مون کي احمد لاسي، مير داد خان، ڀڳت سنگهہ، دت چي گويرا ۽ قادر صديقي نظر اچي رهيا آهن. ها اهو لاش هر انهي سنڌي جو آهي جنهن جي ذهن ۽ ضمير جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ذرو بہ غيرت باقي آهي ها اهو لاش تنهنجو بہ آهي تہ منهنجو بہ آهي هي-لاش ڏاهر جو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ هر وڙهندڙ منهنجي ڀاءُ جو بہ ٿي سگهي ٿو. ها اهو لاش اڄ ٽهڪ ڏئي رهيو آهي. تنهنجي منهنجي بيغيرتي بزدلي بيحيائي ۽ دلال پائي تي!! اهو ٽهڪ ڏئي رهيو آهي پچيل ڪپهہ جي ذرن وانگر اڏامندڙ وردين جي چيٿڙن تي، اهو ٽهڪ ڏئي رهيو آهي پنهنجي دائمي ۽ ابدي فتح جي يقين تي ۽ عوام جي آزادي جي ايمان تي ظلم جي زنجير جي ڀڳهڙ واري ويساهہ ۽ پنهنجي ماتر ڀومي جي هر ٻڪ ڏک ۽ مصيبت کان آزادي واري وشواس تي، هو ٽهڪ ڏئي رهيو آهي.

اي سنڌي انسانو انهي لاش جي روپ ۾ اوهان سڀ ٽنگيا پيا آهيو مردو ۽ عورتون، وڏيرو ۽ هاريو، ڊاڪٽر ۽ مريضو تمام بيشمار بندوقون اوهان جي سينن ڏانهن سڌيون آهن ۽ ڪنهن بہ وقت توهان جا لاش بہ ائين لٽڪيل نظر ايندا. اهو اوهان کي ڪراچي اسپتال جي سرد خاني ۾ پيل لاش وڏي واڪي ٻڌائي رهيو آهي. اهو لاش سنڌ جي هڪ ڪميونسٽ حريت پسند جو آهي جنهن جو نالو نذير عباسي آهي، شايد توهان کيس نہ سڃاڻندا هجو، ڇو تہ توهان يا مير علي مراد کي سڃاڻندا آهيو يا چارلس نيپئر کي.

نوجوانن جو هيرو

شهيد نذير عباسي جي شهادت جو ڏهاڙو

ڊاڪٽر سعيد مستوئي ڪوئيٽا 9/8/87

آگسٽ جو مهينو شروع ٿيڻ سان شاگرد، مزدور هاري ۽ نوجوان هڪ نئين جوش، جذبي ۽ ولولي سان پنهنجي عظيم هيرو، آزادي جي حقيقي عملبردار شهيد نذير عباسي جي شهادت جو ڏينهن ملهائڻ جون تياريون ڪندا آهن. 9 آگسٽ جو ڏينهن شهيد نذير عباسي جي شهادت جو ڏهاڙو آهي. اڄ کان نيڪ اٺ سال اڳ انهي ڏينهن تي آمريڪي سامراج جي اشاري تي هلندڙ حڪومت انتهائي بي دردي ڏاڍ، جبر ۽ بربريت جو مظاهرو ڪندي بدنام اذيت گهر ماڙيپور انويسٽيگيشن سينٽر ڪراچي ۾ شاگردن جي انهي مهان اڳواڻ نوجوانن جي عظيم هيرو، بهادر ۽ باهمت نوجوان نذير عباسي کي سخت اذيتون ڏئي شهيد ڪري ڇڏيو. انهي ڪري انساني آزادي ۽ عالمي امن تحريڪ جي شهيدن ۾ نذير عباسي جي نانءَ جو اضافو ٿي ويو. ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي باني اڳواڻ شهيد نذير عباسي کي 30 جولاءِ 1980ع تي ڪراچي جي هڪ گهر مان گرفتار ڪيو ويو ۽ گرفتاري جي نون ڏينهن بعد نهايت بي دردي سان شهيد ڪيو ويو. انهن نون ڏينهن ۾ وحشي خوني فوجي ڪارندن شهيد نذير عباسي جي ڪمزور جسم تي پنهنجي وحشيانا تشدد جي انتها ڪري ڇڏي، شهيد نذير عباسي کي ايترن ڏينهن ۾ بغير ماني ۽ پاڻي جي رکيو ويو ۽ هڪ پل به ننڊ ڪرڻ نه ڏني وئي. ننڊ وٺڻ تي هن کي ڏک هڻي جاڳائي ڇڏيندا هئا. انهي کان علاوه وحشي فوجي آفيسر ڪامريڊ نذير جي جسم کي سگريٽن جا ڏنب ڏيندا رهيا ۽ بجلي جا ڪرنٽ لڳائيندا رهيا. فوجي درندا شهيد کي ايترو ته ماريندا هئا جو شهيد جي نڪ، وات ۽ پوري جسم مان رت وهندو هو ۽ هو بي هوش ٿي ويندو هو. شهيد نذير عباسي جي پر واري ڪوٺي ۾ بند هڪ قيدي جو چوڻ آهي ته فوجي شهيد نذير کي اگهاڙو ڪري فرش تي ليٽائي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ پنهنجي ناپاڪ لانگ بوٽن سان شهيد جي جسم تي رڙي ٽپا ڏيندا هئا ۽ شهيد جي شهادت واري ڏينهن مون پنهنجن ڪنن سان شهيد جي پاسرائين ٽٽڻ جو آواز ٻڌو هو. پر ايڏو وحشيانا تشدد ۽ سخت اذيتون ڏيڻ جي باوجود حڪومتي غندا شهيد جي زبان مان پنهنجي مرضي پٽاندڙ هڪ لفظ به چورائي نه سگهيا. جنهن ڪري فوجي غندن جا حوصلا پست ٿي ويا ڇو ته شهيد نذير پنهنجو سرڙو ڏئي اهو ثابت ڪري ڇڏيو هو ته

اسين سر ڪٽائي تہ سگهون ٿا پر جهڪائي نہ ٿا سگهون. شاھ سائين مهان مردن لاءِ چيو آهي تہ :

" جي لوڻ لڳين لائين،چيري چيري چم،
مون ڪم اڳي نہ ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعويٰ دم،
تان تان پرت پنهوارن سين(لطيف)

چو تہ سامراج جي پيچ لٽڪائو حڪمرانن جي نظر ۾ چرس ۽ هيروئن جو واپار ڪرڻ، چوريون ڪرڻ، ڌاڙا هڻن ۽ ڏينهن ڏٺي جو مظلوم ماڻهن جي قتل عام جهڙا ڏوھ بلڪل معمولي حيثيت ٿا رکن. جڏهن تہ انهن جي نظر ۾ ماڻهن کي متحد ڪرڻ، منظم ڪرڻ، ماڻهن ۾ شعور ۽ سجاڳي پيدا ڪرڻ ۽ انهن ۾ پنهنجي سياسي ۽ معاشي حقن جي ويڙھ وڙهڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ هڪ اهڙو ڏوھ آهي جنهن جي ڪا بہ معافي ڪونهي. اهو ئي سبب آهي جو اسين نوجوان پنهنجي عظيم هيرو شهيد نذير عباسي تي فخر ٿا ڪريون جو هن پنهنجي سڄي حياتي ڏتڙيل ۽ پيڙهيل طبقن لاءِ جدوجهد ڪندي گذاري، انهي راھ ۾ شهيد کي سخت ۽ ڏکين ڪان ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا پر شهيد جي همت ۽ جذبي ۾ تر جيترو بہ فرق نہ آيو. شهيد نذير عباسي جي جيل ۾ مير ٿيبي سان ملاقات ٿي جنهن بعد هو سن 1972ع ڌاري ان وقت جي شاگردن جي تنظيم سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (ايس اين ايس ايف) جو ميمبر بڻيو ۽ پوءِ پنهنجي ڏينهن رات جي محنت ۽ جدوجهد جي ڪري ٿوري ئي عرصي ۾ (ايس اين ايس ايف) جي مرڪزي قيادت ۾ شامل ٿي ويو. پهريائين جنرل سيڪريٽري ۽ پوءِ تنظيم جي نوابشاھ واري ڪنوينشن ۾ مرڪزي صدر چونڊيو ويو. شهيد نذير عباسي(ايس اين ايس ايف جو اڳواڻ بہ هو تہ ساڳئي وقت پاڪستان فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس جي مرڪزي اڳواڻ جي حيثيت سان شاگردن جي حقن جي ويڙھ بہ وڙهي رهيو هو. جنهن ۾ بي ايس او پختون ايس ايف، ايس اين ايس ايف ۽ پنجاب جي پي ايس ايف شامل هيون. شهيد نذير عباسي جي خواهش هئي تہ سڄي ملڪ جا ترقي پسند شاگرد متحد ٿين ۽ انهن جي هڪ مضبوط ۽ منظم تنظيم ٺاهجي ان لاءِ بہ هو عملي طرح سان جدوجهد ڪندو رهيو. اهو نذير عباسي جي جدوجهد جو ئي نتيجو هو جو شهيد نذير عباسي جي شهادت جي ٿوري عرصي کان پوءِ جلد ئي پاڪستان فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس ۾ شامل بي ايس او کي ڇڏي باقي سيني تنظيمن پاڻ ۾ انضمام ڪري ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي نالي سان هڪ ملڪ گير تنظيم ٺاهي. انهي ڪري شهيد نذير عباسي کي ڊي ايس ايف جو باني سڏيو ويندو آهي. شهيد نذير عباسي جي پوري زندگي انقلابي جدوجهد جو هڪ لازوال مثال آهي. شهيد نذير عباسي مظلوم قومن ۽ طبقن جي هر ويڙھ ۾ شامل ٿي ڪري پنهنجي عملي جدوجهد جو ثبوت ڏنو آهي، ڪيترائي پيرا مزدورن ۽ پورهيتن

جي جلسن ۽ جلوسن جي قيادت ڪيائين ۽ پوليس جي هر تشدد جو مڙسي سان منهن ڏنائين. يحيٰ خان جي آمريت واري دور ۾ سنڌ ۾ ون يونٽ لسٽون سنڌي ۾ ڇپائڻ واري جدوجهد ۾ بک هڙتال تي ويٺو ۽ پوءِ گرفتار ٿيو. بلوچستان جي عوام تي فوجي آپريشن جي دوران حريت پسندن جي عملي طرح سان ساٿ ڏيندي سنڌ ۾ گهٽن ئي جاين تي بلوچ حريت پسندن لاءِ چندا گڏ ڪيائين. پمفليٽ ورهايائين. چاڪنگ ڪيائين. جلسا ۽ مظاهرا ڪرايائين. پنهنجي آخري دور ۾ به جيل ۾ هيو. پنهنجي ٻين شاگردن سان گڏ نذير عباسي ڪي به جيل مان گهرائي ساڻس سياسي مسئلن تي گفتگو ڪئي. ضياءُ دور ۾ 1978ع ۾ پٽ فيڊر بلوچستان ۾ هارين جي تحريڪ ۾ عملي طرح سان سرگرم عمل رهيو. حيدرآباد، ڪراچي، سکر، قلي ڪئمپ ڪوئيٽا ڪان علاوه ڪيترن ئي سخت بندي خانن ۾ ٽارچر سيلن ۾ فوج ۽ پوليس جون اذيتون ۽ تشدد برداشت ڪندو رهيو. شهيد نذير عباسي خلاف ڪيترائي ڪوڙا ڪيس ناهيا ويا. پوليس هميشه شهيد جي ڳوٺ ۾ رهندي هئي ۽ سندس گهر وارن ڪي تنگ ڪندي رهندي هئي. انهن سيني مشڪلاتن جي باوجود شهيد نذير عباسي پنهنجي رستي ڪان هڪ قدم به پوئتي نه هٽيو ۽ انقلاب جي راهه ۾ پنهنجي جان به قربان ڪري ڇڏيائين. اڄ شهيد نذير عباسي جي رت سان رتي (رنگيل) جهنڊي هيٺ شاگردن جي ملڪ گير تنظيم ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سرگرم عمل آهي. اڄ شهيد نذير عباسي جو نالو هڪ تحريڪ بڻجي چڪو آهي. ملڪ جا ڪيترائي شاگرد، هاري، مزدور ۽ پورهيت شهيد نذير جي ڏسيل رستي تي پنهنجي منزل جو نشان سمجهندي جدوجهد ڪري رهيا آهن. اهو ڏينهن دور نه آهي جو شهيد نذير عباسي جي قاتلن جو نانءُ ۽ نشان مٽجي ويجي ۽ مظلوم قوم دائمي امن ۽ خوشحالي جي منزل ماڻي سگهندي. جيئن شيخ اياز چيو آهي ته:

"ڏٺ به تنهنجو ڏينهن به تنهنجو توڪان ڪو نه ڪسيندو

اهڙو ڏينهن به ايندو ساٿي، اهڙو ڏينهن به ايندو".

شهيد نذير عباسي جي قتل جي بيهر جاچ ڪرائي وڃي

ايڊيٽوريل روزاني عوامي آواز 9/8/89

9 سال اڳ اڄوڪي ڏينهن نوجوانن جي اڳواڻ ۽ ڪاٻي ڌر جي برک اڳواڻ ڪامريڊ نذير عباسي کي تشدد ڪري شهيد ڪيو ويو. ڪيس ضياءَ جي ڪاري فوجي آمريت خلاف ماڻهن کي منظم ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ استحصال کان پاڪ معاشرو قائم ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو ويو هو. هو جمهوريت جو شهيد ۽ هن ملڪ جي غريب ۽ پورهيت عوام جو هيرو هو. جنهن پنهنجي شعوري زندگي جا پورا 15 سال عوام جي حقن جي بحالي ۽ ملڪ ۾ سياسي، معاشي آزادي ۽ جمهوريت قائم ڪرڻ لاءِ صرف ڪيا ۽ انهي مقصد لاءِ ئي پنهنجي جان ڏني. ملڪ جو خاص ڪري سنڌ جو هر سياسي شعور رکندڙ ماڻهو ڄاڻي ٿو ته نذير عباسي، شاگرد جدوجهد، پورهيتن جي لڙائي، هاري تحريڪ ۽ ملڪ ۾ هلندڙ مجموعي سياسي تحريڪن ۾ نه صرف حصو ورتو بلڪ انهن جي رهنمائي وارو ڪردار ادا ڪيو، جيڪو نه رڳو سنڌ ۽ ملڪ جي ماڻهن کي ياد رهندو بلڪ نوجوانن ۽ سياسي ڪارڪنن لاءِ هڪ اتساهه جو پڻ باعث رهندو. نذير عباسي کي 30 جولاءِ 1980ع تي ڪراچي مان سندس سـاٿين سميت گرفتار ڪيو ويو. مارشل لا سرڪار مٿس اهو الزام لڳايو ته هو مارشل لا جي خاتمي ۽ غير استحصالي نظام جي لاءِ ڪم ڪري رهيو هو. جنهن بعد ڪيس ڪراچي جي مختلف اذيت گاهن ۾ 9 ڏينهن تائين سخت اذيتن ۽ عذابن ۾ رکيو ويو ته جيئن هو پنهنجي جدوجهد تان هٿ ڪڍي وڃي. وري پنهنجي تحريڪ ۽ پنهنجي تحريڪي ساٿين جا راز سرڪار کي ٻڌائي ته جيئن سرڪار هن عوامي تحريڪ کي ٽوڙي سگهي ۽ هڪ نه ڪٽندڙ مارشل لا آمريت ملڪ ۾ مسلط رهي. عوام تي ڏاڍ ۽ ظلم ٿيندو رهي عوام جي معاشي، سياسي ۽ سماجي حق غضب ٿيندا رهن. نذير انهن سڀني ڳالهين کان انڪار ڪيو هو ڌرتي جي سچي سپوت جيان سچي دنيا جي انقلابين جي روايت کي برقرار رکندي هڪ ارڏو انسان ثابت ٿيو هو ته ڪجهه ڏکيو نه ٿي وري جهڪيو. جنهن جي سزا ڪيس اها ڏني وئي ته ڪيس عوام جي حقن لاءِ پنهنجي زندگي قربان ڪرڻي پئي ۽ 9 آگسٽ تي ڪيس سخت اذيتون ڏئي شهيد ڪيو

ويو. پُراسرار حالتن ۾ هن نوجوان انقلابي جي شهادت تي نه رڳو ملڪ اندر، بلڪ ملڪ کان ٻاهر سمورن نوجوانن، جمهوريت پسندن، ترقي پسندن ۽ قوم پرستن احتجاج ڪيو. مظاهرا ڪيا، جلسا ۽ جلوس ڪيا. سيئي ڌريون اهو معلوم ڪرڻ لاءِ آتيون آهن ته هن انقلابي جو موت ڪهڙين حالتن ۾ ٿيو ۽ ڪيس قتل ڪرڻ وارا ڪير هئا؟ ملڪ جا سمورا جمهوريت پسند، ترقي پسند ۽ قوم پرست اڄ به اهو ڄاڻڻ چاهين ٿا ڪيس قتل ڪرڻ وارا ڪير هئا. آمريت جي اها روايت رهي آهي ته ڪنهن به قوم ڪي جيڪڏهن صحيح دڳ کان هٽائڻو ۽ ڀٽڪائڻو هجي ته ان قوم جي سياسي اڳواڻن ۽ دانشورن کي قتل ڪيو ويندو آهي. ضياءُ آمريت به انهي تي پوري طرح ڪار بند رهي. ملڪ جي چونڊيل پهرين وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاهي چاڙهيو، نذير عباسي کي اذيت گاهن ۾ شهيد ڪيو ۽ ٻين به ڪيترن اهڙن اڻڄاڻ انسانن کي جن ۾ اڳواڻي، ڏرتي ۽ آمريت کي چيلينج ڪرڻ جون صلاحيتون هيون، صفحه هستي تان مٽائي ڇڏيو. ان ڪري ڪنهن قوم کي سياسي قيادت کان واجهڻ هڪ اهڙو ڏوهه آهي جنهن جو گناهه ۽ سزا ٻئي عام قتل کان گهڻو مٿي آهي ۽ هجڻ به گهرجي. ڇاڪاڻ ته عام طور هڪ ماڻهو جي قتل تي ڪنهن هڪ يا ٻن ڪٽنبن جي زندگي جو دارو مدار هوندو آهي پر سرواڻي واري صلاحيت رکندڙ جي قتل سان ڪيئي خاندان، هڪ پوري طبقي يا قوم يا قوم جي قسمت واڳيل هوندي آهي. اهڙي قتل تي هڪ نه پر هزارين دليون ڏکويل هونديون آهن. نذير عباسي شهيد جو قتل به هڪ اهڙو قتل آهي. اڄ جڏهن چونڊيل ۽ جمهوري حڪومت آهي ته ان جي اها ذميداري آهي ته مارشل لا ۽ آمريت جي ڏاڍ واري دور ۾ عوام ۽ ان جي اڳواڻن سان جيڪي ڏاڍايون، ارهه زورايون ۽ ناانصافيون ٿيون آهن تن جو ازالو ڪيو وڃي. ان ڳالهه جي پيش نظر عوام جي مختلف حلقن طرفان ٿيندڙ هن مطالبي ۾ وڏو وزن آهي ته شهيد نذير عباسي جي قتل جي ٻيهر جاچ ڪرائي وڃي.

اسان کي نذير شهيد جي بي بي سيءَ تان خبر نشر ٿيڻ جي ٻئي ڏينهن پيپلزپارٽي جي چيئرپرسن محترمه بيگم نصرت ڀٽو جو ڏنل بيان اڃا تائين ياد آهي جنهن ۾ هن نذير کي جمهوريت جو "شهيد" قرار ڏنو هو ۽ اهو بي بي سي تان ئي نشر ٿيو هو. اڄ جڏهن بيگم ڀٽو جي لائق نياڻي محترمه بينظير ڀٽو وزيراعظم آهي ۽ پيپلزپارٽي جي حڪومت آهي تڏهن شهيد نذير عباسي جي نائين ورسي جي موقعي تي اسين اهو مطالبو ڪرڻ ۾ حق بجانب آهيون ته هن نوجوان ۽ هونهار انقلابي اڳواڻ جي قتل جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي ۽ سندس قتل ۾ ملوث عوام جي خلاف سازشون ڪندڙن کي عوام آڏو وائکو ڪري سندس خلاف باقاعده قانون هيٺ سزا ڏني وڃي ته جيئن آئنده ڪنهن به عوامي اڳواڻن جي جانين سان ڪيڏڻ ۽ عوام جي ابرندڙ قيادت سان ڪيڏڻ جي جرئت نه ٿي سگهي.

وزيراعظم نذير عباسي جو ڪيس هلائڻ جو اعلان ڪري

ايڊيٽوريل روزاني "سنڌو" 1989ع

اڄ شهيد نذير عباسي جو ڏينهن ، نذير عباسي کي 9 آگسٽ 1980ع تي ڪراچي ۾ عذاب ڏئي ڇيچلائي ڇيچلائي ماريو ويو. ڇون ته ته سندس ڏوهه اهو هو ته هو ڪميونسٽ هو ۽ سندس لاڳاپو سنڌ سان هيو. پر سندس اصل ڏوهه مقصد سان سچائي هيو. انسان هٿان انسان جي غلامي، انسان جي هٿان انسان جي استحصال جي خاتمي وارو خواب ڏسڻ هن جو ڏوهه هو ۽ اهو ڏوهه رڳو نذير عباسي جو نه هيو ۽ اهو ڏوهه ته انسانيت لاءِ نيڪ جذبا رکندڙ ماڻهن جي چونڪاري جي آس رکندڙ ۽ خدا جي خلق جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ سيني ماڻهن ڪيو آهي. جڏهن علامه اقبال چوي ٿو ته:

"ڪس نه باشد در جهان محتاج ڪس نڪتئي شرعي مبين اين است و بس"

ته اهو ثابت ڪري ٿو ته رڳو نذير عباسي نه پر شريعت به چوي ٿي ته هن جهان ۾ انسان جو محتاج انسان نه هجڻ گهرجي. نذير عباسي نه چور هئو نه ڌاڙيل. انهيءَ نه ڪنهن سرمائيدار کي اغوا ڪيو هو نه ڪنهن جاگيردار کي قتل ڪيو هو. انهي نه ملڪ جي ناڻي کي ٻنهي هٿن سان لٽيو هو نه قرض ورتا نه قرض معاف ڪرايا هئا. نذير جا آدرش انسان تي انسان جي استحصال جو خاتمو، جمهوريت ۽ آسوده سماج هئا. رات جي رکوالن بيرڪن ۾ هن تي پارٽي جا راز اوڳاڇڻ لاءِ ايترو تشدد ڪيو جو هو هي جهان ڇڏي ويو. ان جي نياڻي موتيا عرف زرقا گهر واري حميده گهانگهرو، نذير جي امڙ، ڀينرون ۽ ڀاءُ جيئرا آهن. انهن کي نه ته نذير جو لاش ڏنو ويو نه انهن ڪان فرياد ورتو ويو. هاڻي جڏهن محترمه بينظير ڀٽو 1988ع واري حڪومت کي غير قانوني طور لاهڻ جون سازشون ڪرڻ جي الزام ۾ برگيڊيئر امتياز عرف بلي کي گرفتار ڪيو ويو آهي ته خبر آئي آهي ته ان ڪان شهيد نذير عباسي جي قتل بابت به پڇا ڳاڇا ڪئي وئي جو ته اهو ان وقت آءِ ايس آءِ جو ڪراچي ۾ سربراهه هيو. جيتوڻيڪ امتياز بلي تي شهيد شاهنواز ڀٽي جي قتل جو به الزام آهي پر ميان نوازشريف ۽ سندس ساٿي امتياز بلي کي محب وطن ۽ قوم جو هيرو ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سوال اهو آهي ته برگيڊيئر (رٽائرڊ) امتياز جنهن

جي تحويل ۾ نذير عباسي شهيد ٿيو ان لاءِ هڪ سياسي ليڊر مسلم ليگ جو سربراهہ ڇو ٿو سفارش ڪري؟ ڇا هو قاتل ۽ ڇمڙا پوش وحشين جو سرپرست آهي. سنڌ جي ماڻهن جو ڏوهہ برگيڊيئر امتياز ۽ ان جي سمورن ساٿين ڏانهن آهي جنهن ۾ ان وقت جو گورنر بہ هو تہ ضياءُ الحق بہ هو. پر ڪرائي جي قاتل وارو ڪم امتياز بلي ۽ سندس ساٿين ڪيو. سنڌ جي ماڻهن ڪئين سالن کان مطالبو پئي ڪيو آهي تہ نذير عباسي شهيد جي قاتلن کي ڦاهي ڏني وڃي ۽ جيڪي ماڻهو نذير جي مبينہ قاتلن جي حمايت ڪري رهيا آهن انهن کي سنڌ جي ڪروڙين عوام کي جواب ڏيڻو پوندو. نذير عباسي پنهنجي ڪردار ۾ اعليٰ آدرشي جاکوڙي هئڻ جا ڇٽ هن نسل تي ڇنٽي ڇڏيا آهن. اديب ۽ دانشور هر سال ان کي سندس سچائيءَ تي داد ڏين ٿا ۽ قرباني تي خراج عقيدت پيش ڪن ٿا. اسان جو مطالبو آهي تہ هي سرڪار نذير عباسي کي جمهوريت جو هيرو قرار ڏيڻ جو اعلان ڪري ۽ وزيراعظم عوام آڏو امتياز بلي تي ايف آءِ آر ڪٽرائي ڪيس هلائڻ جو اعلان ڪري.

تنهنجي ياد جي وري آ ويرا!

شبير بيدار پنهور 9/8/1989

شهيد نذير عباسي جي نا؛ 9 آگسٽ ان رات ڏاڍو رنو هوس!!گهر وارا پريشان ٿي ويا هئا. پاڙي اوڙي ۾ ڪجهه به نه ٿيو هو" آءَ ضابطي مان نڪري وڃان! ٺيڪ ٺاڪ! ماني ڪائي اڳڻ تي پيل کٽ تي اهلي بي بي سي (لنڊن) جون معمول مطابق خبرون ٻڌندي ٻڌندي مون رڙ ڪئي هئي ۽ روئڻ ۾ ٻڏي ويو هوس. امڙ پڇندي آئي هي. ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟ ۽ ڪيترا سوال هيا. ڪيترا هيا جي منهنجي ڪنّ جي چوڌاري اپريا هيا ياد ڪونهي!! رڳو لفظ پڙاڏا ٻڌجي ذهن تي هٿوڙا لڳي رهيا هيا. پاڪستان جي هڪ شاگرد اڳواڻ کي اذيتون ڏيئي ماريو ويو آهي. هو نو ڏينهن اڳ ڪراچي مان گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ڪيس گرفتار ڪري ماڙيپور جي اذيت گهر ۾ رکي بي انتها تشدد جو نشانو بڻايو ويو ۽ هو مري ويو. حڪومت سندس موت کي دل جي دوري بند ٿيڻ جو نالو ڏنو آهي. هو ڪير هو جيڪو رات جي اونداهي ۾ ڇيچلاٽي ڇيچلاٽي ماريو ويو هو ۽ بي وارثن وانگي ڪنهن اڻڄاتل قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو هو. نه مون سندس آخري ديدار ڪيو هو ۽ نه وري سندس پريم پتني ۽ نه وري سندس وجود جي تخليق موتيا"بابا ڇئي، سندس مک تي چميون ڏيئي ڪانئس موڪلايو هو" نه سندس لاش پرسان ڪنهن پار ڪڍيو هو. نه چوڙيون پڳيون هيون، نه وار ڇنا ها، نه مٿس اڃائي طور ڪنهن اجرڪ وڌو هو. هو هڪ هيسيل رات جي پوئين پهر جو خاموش اونداهي قبرستان جي پيٽ ۾ پوريو ويو هو. هو ته منهنجي سيني چاهتن ۾ مائٽي وارن رشتن ۽ ناتن کان به وڌيڪ ويجهو ۽ پنهنجو ھو. منهنجو هن سان هڏ ۽ چم وارو رشتو هو. سڄا سارا ٽي سال سنڌ جي ڪيترن رستن، چوراهن، ڳوٺن، پنن، جهوپڙين ۽ گهٽين ۾ گڏيا هئاسين. هو الوٽ، لطيف جي سرڪاهوڙي جو اهڃاڻ هو بدصورت خوني، درندا سندس پويان هوندا هئا ۽ هو سنگتين، ساٿين سان ملندو هو ته سور پچار ٿيندي هئي، ديس جي مسڪين ماڻهن جي پورهيتن جي غلام انسانن جي !! ۽ اسان انسان کي غلامي، اذيتن ۽ صدمن کان آجو ڪرائڻ جا رستا ۽ واٽون ڳوليندا هئاسين ۽ هو هڪ وڏي چاٽو، پيريءَ وانگي اٽانگن موڙن تي ڪڙم جي ويرين جا پير پڌرا ڪري رستو ڏسي جذبن کي نئين کان نئين ڏيا ڏيئي ڪنهن بئي ساٿي ڏانهن هليو ويندو هو!! اهي ٽي سال ڪيترن ڪهاڻين سان پريل آهن. مون هن کي 104 ڊگري بخار جي حالت ۾ به گهمندي ۽ وقت تي سنگت وٽ پهچندي ڏٺو هو. مايوسين ۾ ورتل ساٿين کي سچاين ۽ حقيقتن جا

نوان رخ پڌرا ڪري نئون اتساهہ پيدا ڪندي ڏنو. مون پرپور وسڪارن ۾ پيرن تائين پاڻي ۾ ٻوڙن ۾ ڪيس گهمندي ڏٺو هو. پر ڪڏهن بہ هن ڪنهن سان انهن سورن جي ڪا شڪايت ڪا نہ ڪئي هئي.

هو ساٿي، سرواڻ، حق ۽ سچ جوڻ، ويڙهاند لاءِ ويڙهيچن کي تيار ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ماريو ويو هو. نو سال لنگهي ويا آهن پر يادن جي وير وري وري سمنڊ جي ويرين وانگر اُڀري ڪنارن کي ڏڪ هڻي رهي آهي. روشنين جا نوان راز جنم وٺي چڪا آهن. منهنجا شهيد ساٿي! تنهنجي سنڌو ماتا رت سان رتجي وئي آهي. تنهنجي ٻوليءَ، تاريخ، ثقافت ۽ جدوجهد جا ويري تنهنجي ڪڙم جا ڪونڊر کهي رهيا آهن ۽ ائين ٿو لڳي سنڌ جاڻ بيروت بڻجي ويندي. پورهيت عوام سان سورن ۽ پورن ۾ پورجي ويو. پر نذير شهيد ساٿي اهو سڀ ڪجهہ ڪيستائين هلندو؟ تون تہ سچ جي اڏيءَ تي سرڙو ڏيئي پاڻ امر ٿي وئين پر هنن کي ڇا ٿي ويو آهي؟!! اهو سوال اسان سيني نوجوانن جي اڄ جو ۽ سڀاڻي جو سوال آهي ۽ توکان سخي حسن قبرستان ۾ پڇڻ آيا آهيون تنهنجي موتيلا هاڻ ڳائڻ لڳي آهي.

سچ وڏو ڏهاري آهي
روز ازل کان پڪڙيو ويو آ،
زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آهي
ڳولي ڳولي ماريو ويو آ....(اياز)

۽ اسان سيني روشنين جي سفر کي نئين عزم ۽ حوصلي سان شروع ڪيو آهي. آزاد، جمهوري سچائي، وارو سفر، سنڌ ڌرتي جي آجپي، پورهيت عوام جي آجپي، جنگ جي عالمي ديو کان آجپي جو سفر!! ۽ جڏهن اسان اهو سڀ ڪجهہ ڪيون پيا تہ تنهنجن يادن جي وير وري وري اڄي تڙپائي ٿي ڇڏي. هتان هليو وڃڻ کان پوءِ بہ تون اسان جو سرواڻ آهين ۽ رهندين! سچ ۽ حق جي سفر ۾ شهيد ٿيندڙ سڀ ساٿي اسان جا ميراث ۽ تاريخ آهن. پر تنهنجي موتيا تہ اسان سان گڏ آهي ۽ چئي رهي آهي، بابا

تنهنجي جدوجهد جاري رهندي.
جنگ اسان جي جاري رهندي،
جنگ اسان جي جاري رهندي!!

ڪسڻ قرار - اصل عاشقن جو

شهيد نذير عباسي انقلابي جدوجهد جو بهادر اڳواڻ

لياقت عزيز 1990ع

شهيد نذير عباسي هڪ اهڙي راهه جو راهي هو، جنهن جي وک وک تي واڳون وات پٽيو بيٺا آهن. هو هڪ اهڙي منزل جو مسافر هو جنهن جي قدم قدم تي اڻيا تکا ڪاوا موجود آهن. هو هڪ عظيم انقلابي ڪارڪن هو، جنهن پنهنجي مقصد ۽ نظرئي سان "ڪمٽمينٽ" خاطر پنهنجي ذاتي زندگي جون سڀ خواهشون قربان ڪري ڇڏيون.

سنڌ ڌرتي هميشه مانجهي مرد پيدا ڪيا آهن. شهيد نذير عباسي انهن مان هڪ هو. انقلابي تحريڪن ۾ اهڙا سرويچ ساٿي صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن هن جي شهادت کي يارنهن سال گذري ويا آهن. پر اڄ به ائين محسوس ٿئي ٿو ته هو زنده آهي. هونئن به جيڪي ماڻهو مقصد خاطر جان ڏيندا آهن، اهي مري امر ٿي ويندا آهن. زندگي ۾ مون کي سوين قومي ڪارڪن مليا آهن پر مان شهيد نذير عباسي جي شخصيت کي وساري نه سگهيو آهيان.

اڄ نه اوطاقن ۾، دونهين ڌنڌ نه لاٽ
ويا ويراڳي نڪري، ڇٽ ڇڪائي ڇاٽ
ماريس تنهن ماٽ، جيجان جوڳيئڙن جي(شاهه)

هن جي شخصيت گهڻ پاسائين هئي. مون ذاتي طور تي شهيد عباسي جي شخصيت ۾ جيڪي خاصيتون ڏٺيون انهن کي سنڌ واسين آڏو پيش ڪرڻ پنهنجو قومي فرض سمجهان ٿو ته جيئن قومي انقلابي جدوجهد جا پانڌيئڙا هن جي حياتي جي احوال مان ڪجهه پرائي سگهن. اڪثر قومي تحريڪ ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن ۾ خودي (اناپرستي) ۽ وڏائي جا جراثيم وڏي تعداد ۾ موجود هوندا آهن. هو پاڻ کي عقلمند ۽ مٿانهون سمجهندا آهن، پر شهيد نذير عباسي انهن ڳالهين کان پاڪ هو. هو هميشه ساٿين جو احترام ڪندو هو. ڀلي اهي ساٿيءَ هن کان سينئر هجن يا جونيئر، ساٿين سان مخاطب ٿيڻ مهل هن جو ڪنڌ ادب سان جهڪيل هوندو هو. پنهنجو موقف هو هميشه سچائي ۽ ايمانداري سان رکندو هو. هن جي ڳالهائڻ ۾ نماڻائي ۽ عاجزي هوندي هئي،

انقلابي عمل جي چاڻ هوندي بہ هو پاڻ کي طفل مڪتب سمجهندو هو. سيڪارڻ بدران سکڻ هن جو شيوو هو. قومي انقلابي تحريڪ ۾ ڪم ڪندڙ مالي لحاظ کان هميشہ مونجهارن ۾ رهيا آهن ۽ پريشانين کان گهبرائجي هو ٿڪجي ڪري ويهي رهندا آهن پر نذير عباسي لاءِ پيسو ڪا اهميت نہ رکندو هو. هن جون ضرورتون تمام محدود هيون. هو ماني صرف پيٽ ڀرڻ لاءِ کائيندو هو. پوءِ ڀلي رکي ماني پاڻي جي گلاس سان ڇو نہ کائڻي پئي. هو ڪپڙا صرف جسم کي ڍڪڻ لاءِ اوڍيندو هو. پر اهي ڪپڙا ڀلي نيلامي جا ڇو نہ هجن يا انهن کي چتيون لڳل ڇو نہ هجن. هو ساٿين کان پيسي جي طلب صرف اهم ضرورتن جي لحاظ کان ڪندو هو. ظاهري رک رکاءُ ۽ ڏيک ويک کان بلڪل پري هو.

شهيد نذير عباسيءَ قرباني ۽ ايثار جو مجموعو هو. پاڻ کي هميشہ ڏکيو رکندو هو. پر گڏ ڪم ڪندڙ ساٿين جون تڪليفون گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ساٿين جي اڪثريتي راءِ جو احترام ڪرڻ ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ سندس سياست جو بنيادي محور هو. هن ڪڏهن بہ پنهنجي راءِ ساٿين تي نہ مڙهي، هو وقت جو پابند هوندو هو. ڪنهن سان بہ هن جو وقت طئي ٿيل هوندو هو تہ نجي، ذاتي مصروفيتون ترڪ ڪري بہ اتي پهچندو هو. ڪڏهن بہ خاندان جي ڪنهن فرد يا گهر واريءَ جي بيماري جو بهانو نہ ٺاهيائين. ڪيتري بہ تڪليف هوندي مون هن جي مک تي هميشہ مرڪ جا موتي ڏٺا ۽ هن جي چهري تي مايوسي ۽ ٿڪاوٽ جون ريکائون نہ ڏٺيون.

جيسين هٿي جيئري، ورچي نہ ويٺي
وڃي اڀون پيئي، سڪندي کي سڄڻين

ڪامريڊ ڄام ساقي جي گرفتاري کان پوءِ پارٽي طرفان هن تي وڏيون ذميواريون پئجي ويون. جيڪي هن مرڻ گهڙي تائين خوش اخلاقي ۽ خوشدلي سان نڀايون. هن ننڍي عمر ۾ اهو ثابت ڪيو تہ هو پيڙهيل عوام کي قومي جبر، طبقاتي ڏاڍ کان نجات ڏيارڻ لاءِ پنهنجو سڪ، چين تن من قربان ڪري سگهي ٿو.

عاشق آرام، ڪڏهن تان ڪو نہ ڪيو
طعني ڪيا تمام، حبيباڻي هيڪڙي.

ملڪ ۾ منصفاڻہ سماج اڏڻ لاءِ هن جي جاکوڙ اسان جي قومي تاريخ جو حصو آهي جنهن "ٽارچر ڪيمپ" ۾ ڏاڍ جبر ڪيس جهڪائي نہ سگهيو. هن استحصال، ڦرلٽ، خلاف مظلومن جي تحريڪ کي پنهنجي رت جو نذرانو ڏئي وڌيڪ سگهارو ڪيو آهي. اهو وقت پري ناهي جو منهنجي ڏکن جي ڏيهہ ۾ هڪ ڏينهن ضرور سکن جو سج ابرندو. شهيد نذير عباسي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ

جو بهترين طريقو هي آهي تہ اسان اڄ اهو وچن ڪريون تہ هن پنهنجي لال لهو سان جيڪا سچائيءَ جي لاٽ ٻاري آهي ان کي اجهامڻ نہ ڏينداسين. پوءِ ڀلي اسان کي حياتي تان هٿ ڇو نہ کڻڻو پئي.

جوڳيئڙا جهان ۾ هٿا منجهہ حمام
ارمان ارڳ ٿيا، اوڏا نہ آرام
ڪيائون قيام، آئون نہ جيئڙي ان ري(شاهہ)
پرتوو پنهونءَ جو....

نذير زنده آهي ۽ زنده رهندو.

نذير جي موت کي منهنجو ذهن قبول ناهي ڪري سگهيو

سرفراز ميمڻ 1990

9 آگسٽ 1980ع نذير عباسي جي شهادت جو ڏينهن آهي. جنهن ڏينهن تي ڪراچيءَ جي اذيتي ڪيمپ ۾ پيشي ور ڪاساين محنت ڪش عوام جي سچي سپوت علم ۽ شعور سان واڳيل هن نوجوان کي درندگي ۽ سفاڪيءَ سان قتل ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح مزدور طبقي ۽ نوجوانن کي پنهنجي سچي دوست کان محروم ڪري ڇڏيو. نذير عباسي جي شهادت کي ڪافي سال گذري چڪا آهن. انهن سالن دوران ڪيترن ئي دوستن مون تي ڪيترا ڀيرا زور وڌو ته آءٌ شهيد جي ذاتي زندگي ۽ سياسي جدوجهد تي لکان. هڪ اهڙو شخص، جنهن سان زندگيءَ جون طويل وقت گڏ گذريو هجي، جنهن سان گڏ نظر بندي ۽ روپوشي جا ڪٺن لمحا گذاريا هجن ۽ جدوجهد جي ميدان ۾ قدم قدم تي شامل رهيو هجي، ان جي متعلق لکڻ ايترو سولو ناهي هوندو. وقت جي ستم ظريفي اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو آءٌ پنهنجي عظيم محسن ۽ دوست جي بي دردانه قتل کان نه صرف گهڻو عرصو بي خبر رهيس، پر انتهائي بي بسيءَ جي حالت ۾ هيس. وطن کان پري هڪ اجنبي ديس ۾ جڏهن هڪ ساٿيءَ جو خط مليو. ته منهنجو ذهن ساڪت ۽ اکيون پٿيل ئي رهجي ويون. اها نومبر 1980ع جي آخري هفتي جي ڳالهه آهي. ڊاڪٽر امير لکيو! توکي شايد پتو ناهي ته هتي ڪهڙي قيامت گذري چڪي آهي، مشتاق کي ماريو ويو آهي مشتاق نذير عباسيءَ جو خفيه نالو هيو. ان عظيم واقعن جي تفصيل مون کي ڇڪرائي ڇڏيو. ان خبر سان مون تي ڇا وهيو واپريو؟ اهو هڪ ڊگهو داستان آهي، ان جو ٿورو اندازو شايد ان کي هوندو، جنهن جو سڳو ڀاءُ يا محبوب دوست بي دردي سان قتل ڪيو ويو هجي ۽ هو ان جو آخري ديدار به نه ڪري سگهيو هجي، نذير عباسي جي موت کي اڄ تائين منهنجو ذهن قبول ناهي ڪري سگهيو. نذير عباسيءَ متعلق لکڻ جي نه مون ۾ همت آهي ۽ نه وري گذريل ڏينهن جي يادن کي تحرير ڪرڻ جي هٿن ۾ سگهه آهي. گرم ڳوڙهن جو سيلاب هر بار منهنجي ڪوشش کي ناڪام بڻائيندو رهيو آهي. اها ڪا تمهيد ناهي، منهنجي دل جو درد ڄاڻڻ وارا ان حقيقت کان باخبر آهن. زندگي هڪ اهڙو سمنڊ آهي، جنهن ۾ اسان لهرن وانگيان هڪٻئي سان ملندا ۽ وڇڙندا رهندا آهيون. ڪو به انسان هن دنيا ۾ هميشه رهڻ جي لاءِ ناهي آيو. موت هڪ اٽل حقيقت آهي، مگر ڪجهه ماڻهو اهڙا هوندا آهن. جن جي جدوجهد ۽ قربانيون انهن کي لافاني بڻائي ڇڏينديون آهن. منهنجو يار نذير عباسي به انهن ماڻهن مان هڪ هيو جنهن پنهنجي جان تائين هڪ عظيم آدرش جي لاءِ وڙهندي گذاري ۽ ان ئي راهه ۾ پنهنجي

جان تائين گذري ويو. مذهبي جنون يا جذباتي پن ۾ ڪجهه ڪري وجڻ آسان آهي پر عقل ۽ شعور ۽ دانشمندي سان هڪ عظيم آدرش خاطر پنهنجو پاڻ قربان ڪري ڇڏڻ هڪ تمام وڏو ڪارنامو آهي. تمام ٿورا اهڙا ماڻهو ملندا، جيڪي شهرت پسندي ذاتي مفاد ۽ شخصي انا جهڙين فطري انساني ڪمزورين کان بالاتر ٿي هڪ طويل اعصاب شڪن ۽ صبر آزما جدوجهد ۾ دسپلين، سنجيدگي ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪندا هجن. نذير عباسيءَ جي زندگي سان واقفيت رکڻ وارن کي معلوم آهي ته اهي سڀ خوبيون هن ۾ موجود هيون. نذير عباسي سان جيڪي عقوبتون ڪيون ويون، اهي ناقابل اعتبار هوندي به هڪ زنده حقيقت آهن. نذير عباسي کي 30 جولاءِ 1980ع تي ڪراچي مان پين پنجن ساٿين سميت گرفتار ڪيو ويو. 9 ڏينهن تائين هن کي ذهني اذيتون ڏنيون، اک لڳڻ تي بندوق جا ڪنداق هڻي جاڳائي رکيو ويو. هن کي بجليءَ جا جهٽڪا ڏنا ويا. برندڙ سگريٽن سان هن جي ڪومل تن. کي "پاڪستان زنده باد" جي نعرن سان واهنيو ويو. مگر فوجي درندا هن جي زبان مان هڪ لفظ به نه اڪلائي سگهيا. هن تفتيش ڪرڻ وارن رهزنن کي چيو "منهنجو نالو نذير عباسي آهي، مان ڪميونسٽ آهيان. منهنجو واسطو انقلابين سان آهي. بس ان کان وڌيڪ هڪ لفظ به نه چوندس. ۽ جيڪڏهن توهان منهنجي زبان مان هڪ دفعو به منهنجو نالو ٿي چورائي ويا، ته پوءِ آءُ سڀ ڪجهه ٻڌائيندس. تشدد سان هن جي وات مان رت اچڻ لڳو ۽ هو رت سان ڀريل ٽڪون تفتيشي آفيسرن جي منهن تي هڻندو رهيو. پورا 9 ڏينهن تشدد، بي خوابي(اوجاڳي) ۽ ظلمن جو مقابلو ڪندي محنت ڪش طبقي جو هيءُ عظيم محسن، پنهنجي طبقي جي انقلابي روايتن کي زنده رکندي شهيد ٿي ويو. مگر دشمنن جي اڳيان نه جهڪيو. ڌرتي ماتا پنهنجي شهيد پٽ کي آغوش ۾ ورتو. نذير عباسي اڄ به زنده آهي، هو بار بار واپس آيو ۽ ايندو رهي ٿو. ڪڏهن موري جي بهادرن جي روپ ۾. ڪڏهن لاڪاڻ جي هارين جي روپ ۾، ڪڏهن حميد بلوچ ۽ ڪڏهن ناصر بلوچ جي روپ ۾. اسان جي الوداعي ملاقات ڪراچي جي تين هٽيءَ تي ٿي، نذير عباسيءَ مون کي ڳلي سان لڳائي رخصت ڪيو. جذبات جا ماريل اسان ٻنهي کان اکين مان ڳوڙها وهي ويا. مون چيو "ڪامريڊ! ائين لڳي ٿو ته اسين وري ڪڏهن نه ملي سگهنداسين" هو منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ مضبوطيءَ سان پڪڙيندي چوڻ لڳو. "پيارا! همت نه هار. اهي تڪليفن جا ڏينهن تمام ٿورڙا آهن. اسين تمام جلد ملنداسين" بس ان ڏينهن کانپوءِ اڄ ڏينهن تائين هن جي ملڻ جو انتظار ڪري رهيو آهيان. نه ڄاڻ اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو. جڏهن اسين پاڻ ۾ ملنداسين. هن جي شهادت جي خبر ملي ته، ان تي يقين ئي نه ڪري سگهيس. اڄ ڏينهن تائين منهنجو ذهن ان خبر کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. "نذير عباسي مري نٿو سگهي، هن مون سان وري ملڻ جو واعدو ڪيو هيو ۽ هن هميشه پنهنجو واعدو نڀايو آهي"

(ڪتاب شهيد نذير عباسي سان گهاريل گهڙيون تان ورتل، ڇپيل 1985ع)

نذير جي شهادت جي خوشبوءِ

تاثر - حميده گهانگهرو 90/ 8/ 9

نذير عباسي شهيد اٽل انسان هو. هو مضبوط ارادي جو مالڪ ۽ اڻ ڪٽ منزل جو راهي هو. پنهنجي مقصد جي ان سفر ۾ ڪو بہ پل زيان ڪرڻ جي سخت خلاف هو. زرقا بيمار هئي، ان کي سخت بخار هو؛ ننڍڙي هئي. ان کي ان حالت ۾ ڇڏي هو ڪراچيءَ رواني ٿيڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو. ٻچيومانس ڇوڪريءَ کي بيمار حالت ۾ ڇڏي تون ڪراچي وڃي رهيو آهين. ڇوڪريءَ جي بخار جو توکي احساس نہ آهي؟ تہ جواب ڏنائين تہ مون تاثير ڏنو آهي ان ۾ د ر ٿي ويندي" ايتري ۾ موتيا سان پيار جي اٿاهہ جذبن تي ضابطو ڪندي هن موتيا جي گرم ڳلن کي چميو. ان کان پوءِ جذباتي ٿيندي چيائين تہ "الائي ڪيترا معصوم دوائن جي انتظار ۾ تڙپي تڙپي گهري ننڊ جو شڪار ٿيندا آهن" ۽ اهڙي طرح هو ڪراچيءَ ۾ هڪ گڏجاڻي ۾ شرڪت لاءِ موڪلائي هليو ويو. هوڏانهن گڏجاڻي ۾ دير ٿي وئي تہ امداد چانڊئي، مير ٿيبي، امر لعل ۽ غلام نبي چانڊئي هڪ ٻئي سان مذاق پئي ڪئي تہ هلو تہ هلي نذير کي لالو کيت جي چوراهي تان يا صدر مان ڪٽي اچون. ڇاڪاڻ تہ سندس ساٿي ان عادت کان چڱي طرح آگاهہ هئا تہ هو گڏجاڻي ۾ ان سبب کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ سبب ڪري شريڪ نہ ٿي سگهي ها. هو سندس ايڪسيڊنٽلي موت جي لڪئي سان چرچا ڪري رهيا هئا تہ نذير پنهنجي پڪي ارادي ۽ عزم سان پنهنجي انتظار ڪندڙ سٿ وٽ اچي رسيو ۽ گڏجاڻي شروع ٿي وئي. جڏهن نذير سان سندس دوستن سندس موت بابت مذاق جو ذڪر ڪيو تہ چيائين تہ زرقا سخت بيمار هئي ان جي زندگي ڏي خير ٿئي باقي موت تہ اچڻو ئي آهي پر جي اهو ڪنهن گڏيل مقصد ۽ اجتماعي آجپي لاءِ آيو تہ مان ان کي ڪنهن چوراهي تي بہ قبول ڪندس" آخر اهو ڏينهن بہ آيو جنهن جو ڪنهن انتظار بہ نہ ڪيو هو. سندس شهادت تي مون کي ان جا اهي لازوال لفظ ياد آيا هئا تہ "جڏهن منزل طرف قدم وڌائيندو آهيان تہ منهنجي پياري موتيا هزارين ڪروڙين معصوم ٻارڙن جي اکين ۾ نظر ايندي آهي. جيڪي سچائيءَ ۽ پيار جا منتظر هوندا آهن. مان سندن ان اميد جي منزل جو راهي آهيان جيڪا هڪ ڏينهن سندن نئين سج جي چمڪندڙ ڪرڻن جيان ضرور اڀرندي". ڏهہ سال اڳ جنهن تاريخ جي باب ڳاڙهاڻ کي سانديو هو ان ڳاڙهاڻ پکيڙيندڙ لهوءَ جي خوشبو اڄ بہ پکڙجي رهي آهي. اها انڌيري آمراڻي رات ۾ اميد جي مشعل هئي. جنهن اونداهہ جي ويرانيءَ

ڪي روشنيءَ جي نور سان منور ڪيو. اها روشني هر موڙ ۽ هر مرحلي تي نہ مٽجندڙ قوت ثابت ٿي آهي. اها نذير جي شهادت آهي. سندس شهادت ڪي اهي معصوم نگاهون بہ نہ ڏسي سگهيون جيڪي ڏينهن رات سندس انتظار جي راهہ ۾ در ڏي واجهائيندڙيون رهيون ۽ پتڪڙي زرقا (موتيا) جيڪا سندس حوصلي مند هٿن ۾ جهومندي هئي. اها بہ ڪيس ڏسي نہ سگهي.

رات جا ڏهہ ٿيا هئا انڌيري رات جي رکوالن چورن وانگر در جي وٿين ۾ جهاتيون پاتيون. ائين لڳو جڻ ڪنهن آفت در ڏانهن منهن ڪيو آهي. در ڏي ويندي وحشت ٿي رهي هئي. در جي وٿين مان ڏسندڙ ماڻهو دل ۾ ڏک هٽي رهيو هو. اوپرو هو. ڪارين راتين جو چور هو ۽ نذير کي اتي ڏسي پڪڙڻ لاءِ آتي ۽ خونخوار اک نذير کي بس مان لاهي پڪڙي وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي.

نذير سان ٿورو وقت رهي آهيان. اهو وقت ڀرپور جدوجهد ڪندي ساڻس گڏ گذريو. نذير هڪ اهڙي ڀرپور افسانوي ڪردار جي حقيقت هو جيڪو معاشري ۾ سچائي جي علامت هوندو آهي. نذير عباسي شهيد جي قرباني ڌرتيءَ جي ڇاون جي ان جي لڄ ۽ حرمت جو بچاءُ ڪندڙ جوڌن جي ڏنل بليدانن جو تاريخي تسلسل آهي. هن جي شهادت جو واقعو ڌرتيءَ جي لڄ تان قربان ٿيندڙن وانگر هڪ نمڪ حلال پٽ جي قربانيءَ واري واقعي کان ڪنهن بہ صورت ۾ مختلف نہ آهي. هن اوپرن ۽ اڻ ڄاتل حملي آورن سان پنهنجي وجود ۽ ڌرتي جي ننگ جي بچاءَ جي جنگ تنهائي ۾ وڙهي. هن جو ان تنهائي ۾ هٿيارٻندن سان جنگ جو واحد هٿيار سندس انڪار هو.

جب ظلم ڪڙڪتا هي تلوار ڪي صورت
اڪ حرف هي ڪافي هي انڪار ڪي صورت

هن جو انڪار ايڏو سگهارو هو جو بارود جي طاقت جو مالڪ پنهنجي آپي کان ٻاهر نڪري ويو ۽ جنگ جا سڀ اصول ۽ ضابطا نظر انداز ڪري سندس واحد، بي هٿيار وجود کي متائڻ تي ضد ٻڌي بيٺو. نذير جا آهي جملا تہ "اوهان کي هڪ پيرو نالو ٻڌايو اٿم. بيهر اوهان کي نالو بہ نہ ٻڌائيندس" اهو انڪار ڌرتي جي لڄ جي محافظ جي جنگ جو اعلان هيو. سندس انڪار ۾ انهن رازن جو خزانو لڪل هو جن کي حاصل ڪرڻ لاءِ فوجي طاقت ۽ جبر جي پوري قوت بيتاب هئي. پر سندن ايڏي بيپناهہ قوت جي اڳيان نذير جو انڪار ناقابل تسخير بڻيل هو. اهڙيءَ طرح هو نذير جي انڪار اڳيان شڪست کائي ويا ۽ نذير انهن دوستن جي نالن واري ۽ ٻين رازن جي خزاني جو ڪامياب محافظ ثابت ٿيو. سندس انڪار جي سگهہ پاڻ مڃايو هو. نذير جي انقلاب تي پروسي ۽ انڪار ڪٿيو هو.

سچ جي تائي جڏهن بہ گهر جي اڱڻ ۾ پنهنجو تيک ڏيکاريندي آهي تہ مون کي الائي ڇو ڌرتيءَ جي هڪ دانهن ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. "بچايو مان لتاڙجان پئي. مان سڪل ٽڙ جيان ڪنجان پئي. سڙان پئي. مون کي آزادي جي بهار جو

انتظار آهي، بهار جي ان خوشبوءِ جي منتظر آهيان، جنهن جي مهڪ سان منهنجي وجود تي ساوڪ اڀرندي ۽ ماروئڙا لوڪ گيتن جي منڙيءَ للڪار سان ڪوئل جي آواز ۾ آواز ملائي چوندا تہ اسين تنهنجا وارث آهيون. اسين تنهنجي حرمت، عزت ۽ لڄ آهيون ۽ تون اسان جي ماءُ آهين" ۽ پوءِ مناس پريو هڪ شهيد جو آواز ايندو آهي تہ "مان زندهہ آهيان. تڙيل گلاب سان مان سر سبز ۽ سڳند ڀريو آهيان. پنهنجي ماروئڙن جي رت ۽ پگهر جي آب زم زم سان وهنتل پاڪ ۽ پوتر ٿيل آهيان. ڌرتي جي سپوتن جي خون سان ٻاريل مشعل جي روشني جي نور سان منور آهيان. مان وارث آهيان انهن معصومن جو، جن جون آهون منهن جي ڪنن ۾ اڄ بہ گونجي رهيون آهن. مان وارث آهيان ان اجرڪ ڦلڙي جو جنهن پنهنجي رنگ ڪي ڪڏهن بہ نہ بدلايو آهي ۽ منهنجو وجود هر دور ۾ تازگيءَ لاءِ موهن جي دڙي ۽ پٿائيءَ جي فڪري بحر مان سيراب ٿيندو رهندو"

جي ماريا نہ موت

سنڌڙي رهي، اسان نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو

ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش

شهيد نذير عباسي پنهنجي حياتي ڦوهہ جواني ۾ آزادي ۽ انقلاب جي راهہ ۾ قربان ڪري ڇڏي، هو هڪ اهڙو انقلابي هو، جنهن تي سنڌ ڌرتي فخر ڪري سگهي ٿي، امڙ سنڌ جي هن سورهيہ سرويچ سپوت پنهنجي جان مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي نجات لاءِ جاکوڙ ڪندڙ انقلابي تنظيم کي بچائڻ لاءِ واري ڇڏي، هو انقلاب جو اهڙو متوالو هو جيڪو منافقت، دغا ۽ دوکي بازي کان بنهہ واقف ڪو نہ هو ۽ جڏهن هن سچي عاشق کي پنهنجي عشق کي آزمائڻ جو موقعو مليو تہ هو ارواح جا سڀ آسرا لاهي محبتي مچ ۾ ڪڏي پيو. ڇو تہ ڌرتي ماتا جي پوڄارين ۽ پورهيت عوام جي نجات لاءِ وڙهندڙ جانثارن لاءِ سوري سيج برابر هوندي آهي.

سوريءَ مٿي سين، ڪهڙي ليکي سزا ؟

۽ شهيد نذير عباسي جو تہ فلسفو ئي هيو تہ:

"سنڌڙي رهي، اسان نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو،
هن راهہ ۾ رفيق مٺاسين تہ ڇا ٿيو"

انقلابي اڳواڻ نذير عباسي پنهنجي رتني رت جي ڇيٽا ڏيئي اهو ثابت ڪيو تہ هو عوام سان محبت جي باري ۾ لباڙ هڻڻ جو قائل ڪو نہ هو، پر سر اڏيءَ تي رکي ماڻهن سان پنهنجي محبت جي دعويٰ کي ثابت ڪرڻ وارن مان هو. هو انهن بهادرن مان ڪو نہ هو، جيڪي جڏهن اسٽيج تي ايندا آهن تہ سڄي دنيا کي لوڏڻ جي ڳالهہ ڪندا آهن پر جڏهن سرڪار وٽ اڪيلا ڦاسندا آهن تہ پوءِ لڏي پوندا آهن، ۽ معافي نامن جي قبوليت لاءِ سفارشون ڪرائيندا آهن. شهيد نذير عباسي پنهنجي ڪچهري ۾ چوندو هو تہ هر وقت موت لاءِ تيار رهڻ گهرجي. شهيد پنهنجي واعدي تي قائم رهيو. فوجي اذيت گاهہ ۾ جسماني طور اڪيلو هوندي بہ دل جي ڌڙڪ ۽ دماغ جي سوچ کان ٻاهر جي شاندار مستقبل جي سپني کي هڪ پل لاءِ بہ پريرو ٿيڻ نہ ڏنائين. ان سپني جي سگهہ سهاري فوجي ڪاسائي گهر ۾ جتي بي دردي سان بيگناهہ انسان ڪٺا ويندا آهن، ڪاساين سان اکيون اکين ۾ وجهي مقابلو ڪندو رهيو. جيستائين سندس جسماني طاقت سندس هماليہ کان بہ اوچي عزم ۽ اڏولتا، همت ۽ حوصلي سان ساٿ ڏنو. هو مسلسل 9 ڏينهن تائين غير انساني عذاب ۽ عقوبتون برداشت ڪندو رهيو، پر دل جي هر خاني ۾ محفوظ ۽ ساهہ ۾ سمايل، پنهنجن ساٿين کي پنهنجي تنظيمن کي سوگهو ڪري اٿين محفوظ رکيائين جيئن خوف ۽ دهشت جي مهل ماءُ پنهنجي ٻار کي پناهہ ڏيندي آهي. شهيد نذير سان مون کي گڏجي ڪم ڪرڻ جو گهڻو عرصوموقعو مليو. سندس صحبت مان ان نتيجي تي پهتس تہ شهيد جي شخصيت گهڻ پاسائين ۽ گهڻ رخين ئي خوبين سان ٽمٽار هئي. هو هڪ بهترين منتظم، مقرر، ملنسار، هڏ ڏوکي، سچو، محبتي، نهٺو، ذهين ۽ پاڻ جهڙن ٻين ساٿين لاءِ هڪ دردمند ۽ خوبصورت دل رکندڙ انسان هو.هر مامري جي پاڙ تائين جلد پهچڻ سندس شخصيت جو خاص گڻ هو.هو شخصيت پرستي جي سخت خلاف هوندو هو ۽ اجتماعي اڳواڻي (Collective

(Leadership جو علمبردار ۽ شخصيت پرستي کي انقلابي تحريڪ جي راهه ۾ ڏاوڻ سمجهندو هو. ان سلسلي ۾ مائوزي تنگ ۽ اسٽالن جا مثال بہ ڪچهري ۾ ڏيندو هو.هو چوندو هو تہ اسان جهڙن پوئتي پيل ملڪن ۾ انقلابي تحريڪ، ڪنهن هڪ عظيم شخصيت تي پاڙڻ جو جوکو نٿي کڻي سگهي. سچي انقلابي تحريڪ ۽ تنظيم مٿان هڪ عظيم "شخصيت" کي مڙهڻ، تنظيم ۽ تحريڪ ان شخص وٽ يرغمال ۽ باندي بنائڻ جي برابر آهي. تنهن ڪري شهيد جيترو وقت جيئرو رهيو. تيستائين نہ رڳو ٻين جي شخصيت پرستي جي لاڙن خلاف جنگ ڪندو رهيو، پر خود پنهنجي شخصيت کي بہ اپارڻ ۽ تحريڪ ۽ تنظيم جي علامت بنائڻ جي خلاف رهيو.

شهيد نذير کي جيتوڻيڪ ڪليل شاگرد سياست ڪرڻ جو تمام گهٽ موقعو مليو پر پوءِ بہ هن ان ميدان ۾ بہ پنهنجي صلاحيتن کي تسليم ڪرايو. شيرين سومرو سان هڪ ميجر جي زيادتي خلاف سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن جي تحريڪ هجي يا ترقي پسند ۽ قومپرست شاگرد تنظيمن جي اتحاد پاڪستان فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس جي قيام لاءِ جاکوڙ يا وري ڊي ايس ايف جي نئين سر جوڙجڪ لاءِ جدوجهد. هر ميدان ۾ هو سرواڻي واري سٽ ۾ موجود رهيو ۽ پنهنجي باعمل سرگرمي، ڏات ۽ ڏانو سان ملڪ توڙي سنڌ جي شاگرد تحريڪ تي اهم اثر وڌا.

شهيد هر آپيشاهي ۽ غير جمهوري حڪومت لاءِ اکين جو ڪنڊو بنيل رهيو. تنهن ڪري مجبورن روپوش رهي پنهنجي تنظيم، سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ايس اين ايس ايف جنهن جو هو صدر بہ هو (جيڪا پوءِ 1982ع ۾ ڊي ايس ايف ۾ سمائجي وئي) ۽ سنڌ جي شاگرد جدوجهد کي منظم ڪندو رهيو.1977ع ۾ ضياءُ شاهي جي ڪاري سامراج نواز فوجي راڄ قائم ٿيڻ ڪانپوءِ جلد ئي مئي 1978ع ۾ ڪيس گرفتار ڪري مشهور هلچل پمفليٽ ڪيس جي سلسلي ۾ وڏيڪ آزمائش لاءِ جڳ بدنام ڪوئٽا قلعي ڪيمپ مان ڏکهي عرصي واري قيد مان آزاد ٿئي اجا رڳو 8 مهينا ٿيا هئا. هلچل هڪ سائڪلو اسٽائيل تي ڇپجندڙ اخبار هئي، جيڪا سنڌ قومي جمهوري محاذ پاران ڇپبي هئي. ان ڪيس ۾ فوجي حڪومت سڄي سنڌ مان ايس اين ايس ايف ۽ هاري ڪاميٽي جا ڪارڪن گرفتار ڪري قلعي ڪيمپ موڪليا هئا. مون کي بہ ان ڪيس ۾ ملوث ڪيو ويو هوءِ سرڪار کي هٿ نہ اچڻ ڪري، منهنجي والد، پاءُ ۽ 5 ٻين ساٿين کي ڪشمور مان گرفتار ڪيو ويو. شهيد نذير ڪوئيٽا ڪيمپ ۾ بي مثال بهادري جو شاندار مظاهرو ڪيو ۽ مختلف طريقن سان نون ساٿين کي جيڪا همت ۽ حوصلو ڏنائين ان اتساهہ بخشيو هو. جيتوڻيڪ اتي پهريدارن پاران مختلف قيدين کي ٻاڻ ۾ ڳالهائڻ تي بندش هئي، پر پوءِ بہ شهيد نذير پنهنجي سريلي آواز کي فضا ۾ ڦهلائي پنهنجي نون ۽ سيڪڙن ساٿين کي سرواڻي فراهم ڪندو هو ۽ کين ٻڌائيندو هو تہ هنن کي پهريدارن ۽ پڇاڳاڇا ڪندڙن سان ڪيئن منهن ڏيڻ گهرجي. شهيد جي جرئت مندي ۽ سياڻپ جي ڪري قلي ڪيمپ مان سڀ ساٿي صحيح سلامت موٽي آيا ۽ مڪار فوجي آفيسر ڪنهن تي بہ هلچل ڪيس ثابت ڪري نہ سگهيا.

قلي ڪيمپ مان شهيد نذير کي آزاد ڪرڻ وقت فوجين ڪيس اها وارننگ ڏيئي ڇڏي هئي تہ جيڪڏهن هو پنهنجي انقلابي سرگرمين کان نہ مڙيو تہ ٻئي دفعي نذير عباسي زندهہ حالت ۾ فوجي ڪيمپ مان ٻاهر نہ ايندو.

شهيد سان منهنجي پهرين ملاقات سکر ۾ ٿي هئي، جڏهن آءُ ڏگري ڪاليج ۾ بائيولاجي ۾ فرسٽ ايئر جو شاگرد هوس، اهو 1974ع جو سال هو ۽ شهيد نذير ان وقت بہ روپوش هو، جيتوڻيڪ انهن ڏينهن ۾ منهنجي سياست ۾ دلچسپي جي اجا شروعات هئي پر پوءِ بہ شهيد نذير سان ملاقات جا مون تي اهم اثر مرتب ٿيا. ايتري قدر جو آءُ فڪري طرح ساڻ سنڌ جي آزادي جو قائل هجڻ جي باوجود ايس اين ايس ايف ۾ شامل ٿيڻ ۾ ڪو هرج نہ ڪجهيو. ان ڪانپوءِ شهيد سان ٻي ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن آءُ مارچ 1976ع ۾ ايس اين ايس ايف جي ورڪنگ ڪاميٽي جي گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڄامشوري ويو هوس، اها گڏجاڻي سنڌ يونيورسٽي ۾ رکيل هئي. اتي شهيد جي سنجيدگي، ساٿين کي غور سان ٻڌڻ ۽ ساٿين جي جوشيلي تقريرون پٺيان هڪ مستقل مزاج انقلابي جي امنگ ۽ عزم کي ڳولڻ جي صلاحيت مون کي صفا موهي وڌو، ۽ مون پڪو فيصلو ڪري ڇڏيو تہ هاڻي سڄي زندگي اهڙن منڙن ماڻهن ۽ سڄاڻ سرواڻن سان سچ ۽ سونهن جي حاصلات لاءِ گذاريبي ان ڪانپوءِ جڏهن مارچ 1978ع ۾ هلچل ڪيس ۾ آءُ روپوش ٿي ويس تڏهن کان شهيد جو ساٿ ۽ سرواڻي مون کي مستقل نصيب رهي.

شهيد نذير پنهنجي ڪوتاهي تسليم ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ هٻڪندو نہ هو، ان جو سبب اهو هيوتہ هو پاڻ کي هڪ انسان سمجهندو هو ۽ انسانن کان غلطيون ٿينديون آهن. سندس ڄوڻ هو تہ ڪوشش ڪري غلطين ڪرڻ کان پاسو ڪجي، پر جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وڃي تہ پوءِ انقلابي طريقو خود تنقيدي آهي، اهو انقلابي کي نٿو سونهين تہ پنهنجي هڪ غلطي کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ وڌيڪ 10 غلط دليل ڏيئي ۽ ٻيون ڏھ غلطيون ڪري.

شهيد ٻٽاڪ بازي، ڏاڙ، لاف زني، پنهنجي ڪارڪردگي کي اصل کان تمام گهڻو وڌائي پيش ڪرڻ جي روش کي سخت ناپسند ڪندو هو، مون کي ياد ٿو اچي تہ اسان جو هڪ ساٿي، سدائين تنظيم جي گڏجاڻين ۾ معروضي ۽ حقيقي صورتحال بدران داخليت پسندي تي ٻڌل احوال پيش ڪندو هو ۽ ان جي رپورٽ مان لڳندوهو تہ سندس علائقي ۾ حالتون انقلاب لاءِ بلڪل تيار آهن. شهيد ان دوست کي بہ اهڙي نموني سمجهائيندو هو تہ جيئن سندس سڌارو ٿئي، ٻٽاڪ بازي تي شهيد جوهڪ خاص جملو هوندو هو جيڪو تيز ڌاري تلوار کان بہ تکو هوندو هو. ساٿي ڦينڪو ازم (ڏاڙبازي) جو مظاهرو نہ ڪيو. مون کي توهان جي علائقي جي چڱي طرح خبر آهي. شهيد جو خيال هو تہ ٻٽاڪ بازيءَ سان دل تہ خوش ڪري سگهجي ٿي پرتبديلي لاءِ گهربل تنظيم جوڙي نٿي سگهجي.

شهيد نذير عباسي مثال جي سگهہ کان چڱي طرح واقف هو. تنهن ڪري هر ڪم ۽ خاص طور تي ڏکئي ڪم ۾ سدائين پهل ڪاري ڪري ٻين لاءِ مثال قائم ڪري سرگرمي لاءِ ماحول پيدا ڪندو هو. بورجوا ليڊرن ۽ عوام کان ڪٽيل دانشورن وانگر ڪارڪنن ۽ ساٿين کي پنهنجو غلام ۽ پاڻ کي آقا ڪو نہ سمجهندو هو. تنهن ڪري پٽ فيلڊ ۾ هارين جي جدوجهد هجي يا ديهہ پهرين داد ۾. هميشہ پنهنجي سر پاڻ موجود هوندو هو. ان مشاهدي جي ڪري ئي ڪيس اهو ادراڪ حاصل ٿيو تہ اسان جي پورهيت ماڻهن ۾ ظلم خلاف وڙهڻ جي ڪيتري نہ سگهہ موجود آهي. رڳو هُنن کي منظم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

شهيد نذير عباسي جيل جي دوران جيڪي اذيتون سٺيون ۽ پنهنجي ساٿين جي سرد مهري، لاتعلقي ۽ غير ذميواري جا جيڪي ڏنپ جنهن صبر ۽ سهپ سان سٺا اهو نہ رڳو ريس لائق آهي پر غور طلب بہ، ڇو تہ اڳواڻن جو قيدي ساٿين ۽ خاص طور تي غريب طبقي

سان تعلق رکندڙ باندي ساٿين سان رويو غير معمولي حد تائين سرد مهري وارو، غير ذميوارانہ ۽ لاتعلقي وارورهيو آهي. ان جي باوجود شهيد نذير پنهنجن جي ان رويي کي مايوس ٿيڻ يا چڙي پوڻ(اهي بيئي نشانيون جيل ۾ ٿني پوڻ ۽ ٿڪجي پوڻ جي علامت آهن) لاءِ ڏوڪڙن جي اٿاٿ ۽ تنگي جي باوجود ڪڏهن بہ. ۽ ڏکن ۾ بہ ڪڏهن هن ساٿين ۽ سنگت سان شڪايت نہ ڪئي. رڳو اهو چوندو هو سو بہ آزاد ٿيڻ کان پوءِ تہ"پيلي باندي ساٿين لاءِ مستقل بنيادن تي منصوبابندي ڪريو ۽ هنن جي گهر ٻار جي سار سنڀال لهو تہ ساٿين ۾ مايوسي پيدا ٿيندي، چو تہ هر ڪو ساٿي مون وانگر ڪونهي. جيڪو سرڪار جي سختين سان گڏوگڏ پنهنجن جا عذاب بہ برداشت ڪري سگهي"باندي ساٿين سان ۽ خاص طور تي شهيد نذير سان ان اڻ سهائيندڙ رويي جو اهو سبب هيو تہ(بلڪ اجا تائين موجود آهي) باندي جي سار سنڀال لهڻ جا ذميوار همراهہ گهٽو ڪري جيل ويا ئي ڪونهن ۽ هنن رڳو"دانشوري ڪئي" آهي، سو ڪين اها خبر ڪونهي تہ جيل جون ضرورتون ڪهڙيون آهن ۽ جيل جي اندر بہ ڪي رسمون ۽ رواج هوندا آهن جيڪي هر سياسي قيدي کي پورا ڪرڻا پوندا آهن، جن کي پورو ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ اهو سياسي قيدي جيل جي ماحول ۾ ذاريائپ ۽ اباڻڪائي محسوس ڪندو آهي. اهو رويو پراڻي غير معروضي ۽ ڪابي ڏر جي انتها پسندي واري ڪلچر جو حصو رهيو آهي، تنهن ڪري شهيد نذير عباسي جي تنظيم ۾ ان غير انساني ۽ غير انقلابي رويي خلاف غير مصالحانہ ۽ بي رحم جدوجهد ڪرڻ گهرجي تہ جيئن شهيد وانگر ٻين ساٿين کي پنهنجن جي لاتعلقي، سرد مهري ۽ غير ذميواري نہ ڀوڳڻي پوي. شهيد نذير عباسي هڪ قومپرست شاگرد تنظيم ۾ هجڻ ڪري پورهيت طبقي جي فلسفي سائنسي سوشلزم ۽ پورهيت انقلابي پارٽي کان متاثر ٿيڻ ڪانسواءِ نہ رهي سگهيو. پنهنجي طبقي ۽ پنهنجي ذات، پنهنجي ڌرتي ۽ سنڌي قوم جي مستقبل کي ڏسي "سنڌي اسٽوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن ايس ايس او تان استعيفيٰ ڏيئي ايس اين ايس ايف ۾ شامل ٿيو. جيڪا ان وقت سنڌ جي ترقي پسندن ۽ قومپرستن جي نمائنده شاگرد تنظيم هئي، اها 1970ع جي ڏهاڪي جي پڇاڙي هئي. نذير ڀهريون پيرو ايگريڪلچر ڪاليج ٽنڊي ڄام کي سنڌ يونيورسٽي بنائڻ ڊاڪٽر افغان جي برطرفي خلاف هليل تحريڪ ۾ ڀهريون پيرو مهاڙي وارو سرگرم ڪردار ادا ڪندي زندان جو قيدي بڻيو ۽ پوءِ ايس اين ايس ايف جي سياست، نظرئي ۽ تنظيم کان متاثر ٿي ان ۾ شامل ٿيو هو. جنهن ۾ زندگي جي آخري دم تائين شامل رهيو ۽ پنهنجي شهادت وقت ايس اين ايس ايف جو مرڪزي صدر رهيو. اسان وٽ روپوشي هڪ مجبوري حالت بدران هڪ فئشن جي طور اختيار ڪيل ڏيکاءُ بڻجي چڪي آهي، تنهن ڪري ڪيترائي نوجوان روپوشي کي پنهنجي وڏماڻهپي ۽ رعب لاءِ استعمال ڪندا آهن ۽ پنهنجي روپوشي جو هر هنڌ پڙهو گهمائيندا آهن، نتيجي ۾ روپوش جو ڏس پتو سرڪار تائين پهچيو وڃي ۽ همراهہ سوگهو ٿيو وڃي، پر شهيد نذير عباسي پنهنجي روپوشي جو دائرو اهڙي سخت ضابطي، رازداري ۽ احتياط سان گذاريو. جو جتي مستقل طور تي رهندوهو اتي بہ سواءِ واسطيدار ساٿي جي ڪنهن کي بہ خبر ڪو نہ هوندي هئي تہ اهو نوجوان ڪير آهي، نہ ئي پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ مان ۽ نہ ئي پنهنجي عمل سان ائين محسوس ڪرائيندو هو تہ هو ڪو غير معمولي ماڻهو آهي ۽ ايڏو مشهور ماڻهو آهي، ظاهر آهي تہ جيڪڏهن روپوشي ۾ اصليت پڌري ٿئي تہ پوءِ روپوشي جو مقصد ڪهڙو ٿيو؟

شهيد نذير کي 30 جولاءِ 1980ع تي گرفتار ڪيو ويو، 29 تي شهيد جي ٻن ساٿين ڪمال وارثي ۽ شبير شر کي گرفتار ڪيو ويو. شهيد نذير عباسي تي 30 جولاءِ کان

8 آگسٽ تائين مسلسل 9 ڏينهن پاڪستاني ساواڪي اذيت گاھ جا سڀ اذيتي اوزار آزمايا وڃن ٿا تہ جيئن هو پنهنجي انقلابي تنظيم جي جوڙجڪ ڪان تنظيم جي ازلي ويرين ڪي آگاهي ڏئي، پر شهيد جي سورهيائي ۽ ارڏائپ لاٽاني هئي. هن جو اصول هو تہ جڏهن بہ پڇا ڳاڇا لاءِ ڪيس ظالمن آڏو آندو ويندو هو تڏهن هو ويرين کي وڏي واڪي مخاطب ٿي چوندو هو تہ"منهنجونالو نذير عباسي آهي، هاڻي اهو منهنجي زبان مان وري چورايو تہ پوءِ جيڪو توهان چوندو، اهو ٻڌائيندو سانوءِ" وحشي ۽ فاشي ڪارندن، نذير عباسي جا ننهن ڇڪيا، هڏن تان ماس پٽيو، انگ انگ تي سگريٽن جا ڏنڀ ۽ بجلي جا شاڪ ڏنا ۽ وڏيل ڇڇريل سرير کي شيشن جي ٽڪرن تي گهليو ويو. اگهاڙي جسم کي برف تي سمهاري، نذير جي نينهن، عشق، اڪير، عزم، اٽلتا، اڏولتا ۽ پورهيت عوام جي اٽڙ فتح ۽ اعتماد کي آزمايو ويو، پر شهيد آخري دم تائين شاھ سائين جي بيت جي مادي شڪل بڻيو رهيو.

جي لوڻ لڱين لائين، ڇيري ڇيري ڇم،
تان ڪر اڳي نہ ڪيو، اهڙو ڪوڇو ڪم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پريت پنهوارن سين،

۽ اهڙي طرح پنهنجي جان ڏيئي پنهوارن سان پنهنجي پريت نڀائي ويو. شهيد نذير عباسيءَ ۾ اها خوبي هئي تہ ڪو بہ ساٿي جڏهن ڪو نئون ڪم پنهنجي ذاتي پهلڪاري تي ڪندو هو تہ ان جي همت افزائي ڪرڻ ۾ فراخ دلي کان ڪم وٺندي، ساٿين کي اتساهيندو هو. مون جڏهن 1978ع جي جولاءِ جي مهيني ۾ ٿرپارڪر جو دورو ڪيوهو، جيڪو لڳ ڀڳ هڪ هفتي تي مشتمل هو، تڏهن شهيد کي اطلاع ملڻ تي، مون ڏانهن شاباس موڪليائين ۽ روبرو ملي همت افزائي بہ ڪيائين. مون وارو دورو ڪيترن سالن جي وقفي کان پوءِ ايس اين ايس ايف جي مرڪزي عهديدارن جو دوروهو، مون کان اڳ ۾ 4، 5 سال اڳ سرفراز ميمڻ ٿرپارڪر جو دورو ڪيو هو. جيتوڻيڪ تنظيمي جوڙجڪ نہ هجڻ ڪري ان دوري جو ڪو خاص فائدو نہ ٿي سگهيو پر تنظيمي ڪوتاهين جي اندازي لڳائڻ ۾ مدد ملي ۽ ٿرپارڪر جي ٻڪ، غربت ۽ سادگي، بي وسي ۽ مجبوري ناتي مشاهدي جو موقعو مليو. شهيد نذير عباسي جي زندگي هڪ ڪاهوڙي واري زندگي هئي، جيترو سوڀياوان ديوي کي پنهنجي ديس ۾ آڻڻ لاءِ لڇندو پڇندو رهيو. سندس سوچ ۽ لوچ جو مرڪز سونهن ۽ سچ جي حاصلات هئي، ان دوران ڪيس ڪيتريون ئي تڪليفون ڏسڻيون پيون. سندس والده، والد صاحب ۽ پيٽين کي بہ قيد ڪيو ويو. ڪوئٽا قلي ڪيمپ ۾ هو تہ سندس والد صاحب گذاري ويو. پر پنهنجي ذاتي غم کي ڪُل جي نجات جي راھ ۾ رنڊڪ بڻجڻ نہ ڏنائين. هر حال ۾ پنهنجي سپني کي ساڀيان بنائڻ لاءِ اڻ ٿڪ سفر جاري رکيائين. ان سفر دوران نہ رڳو شاگردن کي منظم ۽ متحرڪ ڪندو رهيو، پر ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي اڳواڻي ۾ قائم مزدور شاگرد هاري رابطا ڪاميٽي ۾ بہ سرگرم رهيو ۽ پڻ هارين ۽ مزدورن جي طبقاتي توڙي معاشي جدوجهد ۾ شريڪ رهيو.

هاري ۽ مزدور جدوجهد ۾ عملي طرح شريڪ ٿيڻ جي باوجود سندس اها پڪي ۽ پختي راءِ هئي تہ شاگردن بنيادي طرح شاگرد جدوجهد ۽ شاگرد تنظيم کي مضبوط، منظم متحرڪ ۽ عوامي تنظيم بنائڻ ۾ پنهنجو اهم ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. شهيد جي ساٿين کي سندس سپني کي ساڀيان بنائڻ لاءِ ان طرف خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ ڊگهي مدت واري منصوبابندي جوڙڻ گهرجي ۽ اهو اسان جو شهيد نذير عباسي کي شاندار ۽ عملي خراج تحسين هوندو.

ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا

ڊاڪٽر سعيد مستوئي

نائين آگسٽ جو ڏينهن هينئر ڪنهن لاءِ ڪا بہ ڪا خاص اهميت ڪو نہ ٿو رکي. هر مهيني جي نائين تاريخ جيان هڪ معمولي عام ڏينهن سواءِ سخي حسن قبرستان جي آخري ڇيڙي جي قبرن وچ ۾ هڪ قبر جي (جنهن تي بہ هڪ فوجي قبر جو پهرو آهي(ڇاتل سڄاتل چند چهرا پاڻ کي فرض لاهڻ جي بهاني يا.....؟ البت اخبارن ۾ هڪ اڌ مضمون ۽ ايترا ئي تاثرات ڇپرائڻ لاءِ هڪ ٻئي کان گوءِ کٽڻ جو مقابلو 9 آگسٽ وارين سنڌي اخبارن ۾ پڙهڻ لاءِ ضرور ملندو ۽ ائين نائين اگسٽ جو سج بہ پنهنجو سڄي ڏينهن جو سفر مڪمل ڪيو لهيو وڃي. باقي ڪجهہ عرصو اڳ انهي نائين آگسٽ تي سخي حسن قبرستان ۾ چڻ ميلو لڳندو هو. سڄي ملڪ کان قافلا ڪهي ايندا هئا. ڪٿي ورسيون ملهايون وينديون هيون تہ ڪٿي سيمينار سڏائبا هئا. ائين سڄو سال انهي نائين آگسٽ جي اچڻ جو انتظار هوندو هو تہ جيئن سخي حسن ۾ ستل هن محبوب اڳواڻ سان ڪيل واعدن کي وفا ڪرڻ لاءِ ويچار ڪيون ۽ پوءِ سڀئي جڏهن پنهنجي محبوب اڳواڻ جي اڳيان ببهندا هئا تہ سندن همت ۽ حوصلا، هماليہ ۽ هالار جبل کان بہ اوچا ٿي ويندا هئا ۽ پوءِ هڪ نئين عزم ۽ ارادي، جوش ۽ جذبي سان پنهنجي پنهنجي ماڳ موٽي اچي کان بہ اڳرا پنهنجي ڪمن ۾ جنبي ويندا هئا. ائين تنظيم منظم ٿي رهي هئي، نوان يونٽ ۽ فرنٽ کلي رهيا هئا. نوان نوان دوست ۽ هن ڏارا ۾ شامل ٿي رهيا هئا. مطلب تہ شهيد جا ڏٺل سپ خواب حقيقت جو روپ وٺي رهيا هئا. جيڪي هن پنهنجي جدوجهد جي دوران ڏٺا هئا ۽ جن جي پورائي خاطر هن پنهنجي جان جو نذرانو پڻ ڏنو هو. انهي نائين آگسٽ کي تاريخي حيثيت ڏيارڻ لاءِ قبر تي قسم کنيو ويندو هو ۽ ساڻ اهو واعدو ۽ وچن ورتو ويندو هو تہ جيئن آئنده اهڙو 9 آگسٽ 1980ع جهڙو المناڪ الميو نہ ٿئي. انهي 9 آگسٽ 1980ع واري هڪ ڪاري ڀاڻ اونداهي رات ۾ ماڙي پور واري "مسرور بيس" بدنام ٽارچر ڪئمپ ۾ هڪ نوجوان شاگردن جي اڳواڻ، پورهيتن، مزدورن جي دوست، هارين جي همدرد ۽ هڏڏوکي، مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن جي ڏکن سکن جي ساٿي شهيد نذير عباسي کي شهيد ڪيو ويو. انهي رات ظالمن ظلم جا هڙ ئي حربا هلايا آهن. شهيد جي سڄي جسم کي چچريو ويو آهي، ڪٿي بليڊن جا چير ڏنا ويا آهن تہ

ڪٽي بجلي جا ڏنپ، ڪڏهن برف جي نادين تي سمهاريو ويو آهي. تہ ڪڏهن اونڌو لٽڪايو ويو آهي تہ من ڪٽي ڪجهہ ڳالهائي، متان ڪجهہ" ڪراڙن ڪامريڊن" جا نالا ٻڌائي، متان ڪجهہ ڏس ۽ پتا ايڊريسون اوڳري، پر جڏهن هر حربو، هيلو نہ هليو تہ پنهنجا منهن متا پنڻ لڳن تا. پنهنجي وارن کي پٽن تا. پنهنجي گوڏن ۾ چڪ پائن ٿا ۽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چون ٿا تہ"پهاڙ سان مٿو ٽڪرائڻ پنهنجو سر ڦاڙائڻ آهي" ۽ پوءِ ڇتي ڪٽي جيان گگ وات ڪان وهي ٿي ڪري ۽ هن اڏول بهادر اڳواڻ تي وڏيڪ مچرجي ٿا پون، پر هن شهيد شهادت جو جام نوش ڪرڻ وقت بہ چيو هو تہ:

"منهنجي زندگي هڪ گيت آهي،
منهنجي شهادت جدوجهد جو رستو"

شڪست هنن جي مقدر ۾ لکيل هئي، ناڪامي نصيب ٿين هن محبوب اڳواڻ پنهنجي مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن جو هميشہ جيان مان مٿانهون رکيو. وري انهن جي پاڙيائپ، بزدلي ۽ ڪمينگي جي حد تہ ڏسو شهيد کي دفنائڻ ڪان پوءِ بہ ساهہ جي لڳل هين، قبر تي پهرو سخت ڇڪيو ويو، ذليل حرڪتون ڪيون ويون ۽ پوءِ بہ هڪ فوجي کي ماري شهيد جي قبر جي پر ۾ سمهاريو ويو تہ جيئن شهيد جي ساٿين جي قبر مان جاسوسي ڪري سگهجي، پر انهن کي ڪهڙي خبر تہ شهيد جا ساٿي، شهيد جيان بهادر، نڊر، سورهيہ ۽ سچا هئا، پر پوءِ اوچتو الائي ڪهڙو اتر واءُ لڳو الائي ڪهڙي ڏائڻ جي نظر لڳي، ڏسندي ئي ڏسندي دنيا ۾ ايندڙ تيزي واري تبديلي ۽ اٿل پٿل هتي بہ پنهنجو ڪم ڪري ڏيکاريو ۽ اهو ڪجهہ ٿيو جيڪو نہ ٿيڻو هو، هن لوڏي ۾ سڀ ڪجهہ لڙهي ويو. پوءِ هر ڪنهن پنهنجو گس ورتو، ڪنهن ڪامريڊن تہ چپ ۾ چڱائي سمجهي تہ ڪن وري پرمٽن جو پاسو جهليو تہ ڪن وري سچائي جو بہ سودو ڪري ڇڏيو، باقي ڪجهہ ڪراڙا ڪامريڊ" جيڪي ٿورڙا بہ سٺا" جي فارمولي تحت ڪاهيندا رهيا، "مطلب تہ جيترا شروع ٿيا" اوترا وڃي بچيا" پر پوءِ بہ "ٽاہڙندو وت بہ (آڪڙندو) وت" واري مثال آهي، ڪاش انهن ڪراڙن ڪامريڊن کي ڪا ڪل اچي ۽ انهي نائين آگسٽ جي ڪري وري مڙي مٽ ٿين، هڪ دفعو وري ٽٽل قافلو ڳنڍجي پوري نائين آگسٽ تي سخي حسن ۾ وري ميلا مچن، وري ايمان تازا ٿين وري حوصلن کي همت ملي، وري جذبن ۾ جوش پيدا ٿئي، وري اها همت، طاقت ۽ قوت پيدا ٿئي تہ جيئن وري ڪنهن "موتيا" جي سر ڪان پيءُ جو سايو کسيو نہ وڃي نہ وري ڪنهن پورهيت عوام، مزدورن، هارين ۽ شاگردن جي محبوب اڳواڻ، ڏک سک جو ساٿي، همدرد دوست کسڻ جي طاقت ٿي سگهي؟ ڪاش! ائين ..... ائين ٿئي.

شهيد نذير عباسي جي ياد ۾

ڪي ماڻهو تاريخ ٺين ٿا

طفيل مگسي 1991ع

شهيد نذير عباسي اهو اڳواڻ هو جنهن تاريخ کان بغاوت ڪري، پنهنجي طبقي سان جنگ جوٽي ۽ جاگيردار، سرمائيدار توڙي مير پير ۽ وڏيري جي ڏاڍ، جبر، ظلم ۽ قهر خلاف ننڍي عمر هوندي محاذ ڪڙو ڪري بک ۽ ڏک ۾ پيسجندڙ هاري، توڙي رات ڏينهن محنت ڪندڙ مزدور ڪي سنڌو ماتا جي پلاري پوڻ، تي جيون شان ۽ مان سان گهارڻ جو درس ڏنو. ڪلهه تائين ڪامريڊ نذير عباسي جي ڏنل پيغام ڪي ته ابوجهن ۽ مسڪينن ڪو نه سمجهيو پر اڄ ۽ سپاٽي جي تاريخ ۽ سوچ لاءِ سندس ڏنل پيغام گهگهه اونداهي ۾ ڏيئي جي لاٽ وانگي رهنمائي ڪري ويو ۽ اڄ جي سنڌ جهر جهنگ توڙي شهرن ۾ هارين مزدورن پنهنجا حق ڪجهه حاصل ڪيا آهن ۽ وڌيڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. ڪامريڊ شهيد نذير عباسي کي جدوجهد جي ضرورت ڪهڙي هئي ۽ ڇو پئي؟ ان جو جواب اهو ٿي آهي ته جڏهن ڪٿي ظلم بربريت، انڌير نگري، ڏاڍ، ڏهڪاءُ ۽ وحشين جو راڄ هوندو آهي ۽ جتي ٻه درنده ۽ سفاڪ فاشزم جا پوڄاري امن خوشحالي ۽ دوستي جا قاتل دولت جي انڌي لالچ ۽ حوس ۾ اچي پنهنجون اکيون ٻوٽي لکين انسانن مٿان جبر، تشدد ۽ ظلم جو راڄ قائم ڪري لکين توڙي ڪروڙين انسانن جي رت جا پياسي بڻجي ويندا آهن ته اتي ئي ان ٻاٽ اونداهي دور ۾ ظلم بربريت ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جو مقابلو ڪرڻ ۽ امن، پائيپي، برابري ۽ خوشحالي جو راڄ قائم ڪرڻ خاطر ڪيترائي بهادر ۽ انقلابي نوجوان پنهنجون سموريون زندگيون وقف ڪري ڇڏيندا آهن. چاڪاڻ ته انهن کان اهو ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ ڏٺو ڪو نه ٿيندو آهي پوءِ انهي حق پرست ۽ انسان دوست جدوجهد کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ڪيترائي لينن، ڪارل مارڪس، هوچي منهه، چي گويرا، جيولس فيوچڪ، حيدر بخش جتوئي، ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد نذير عباسي، فاضل راهو ۽ ٻيا پنهنجي جانين جا نذرانه پيش ڪري حق پرست جدوجهد ۾ دشمن ڪئمپن ۾ پورهيت عوام خاطر موت کي ته قبول ڪري ورتو پر ڪڏهن به ڪنهن جاگيردار، پير، مير خان، چوڌري يا سردار جي اڳيان ڪنڌ نه جهڪايو ۽ اهڙا عظيم انسان مرندا ناهن. پر هميشه پنهنجي عوام جي دلين ۾ زنده رهندا آهن.

نذير سڀ کان پهريائين ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل ٿيو. جڏهن سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان سموري سنڌ ۾ ووٽن جون لسٽون سنڌي ۾

ناهڻ واري تحريڪ هلائي پئي وئي تہ ان وقت نذير عباسي آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان گاڏي کاتي ۾ حيدربخش جتوئي چونڪ وٽ ساٿين سان بھريون پيرو بک هڙتال تي ويٺو. بک هڙتال تي ويٺل سمورن ساٿين مان ننڍي عمر وارو نذير عباسي ئي هو. 17 سالن جو نذير عباسي جڏهن بک هڙتال ڪرڻ تي گرفتار ٿي ويو تہ ان وقت جيل اندر هن جي ايس اين ايس ايف جي ساٿين سان پهريون پيرو ڪچهريون ۽ بحث مباحثا ٿيا اهڙي طرح نذير عباسي آزاد ماروئڙا فيڊريشن کي الوداع چئي ايس اين ايس ايف ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ نذير عباسي ايس اين ايس ايف جيڪب آباد واري ڪنوينشن ۾ سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو. جڏهن تہ صدر امداد اوڊي کي چونڊيو ويو. شهيد نذير عباسي انقلابي هجڻ سان گڏوگڏ هڪ بهترين هوشيار منظم ۽ آرگنائيزر پڻ هو. وڏي ڊسيپلين جو مالڪ ۽ خالق نذير عباسي ڪڏهن بہ تنظيم اندر موقعي پرستي واري رجحان کي نہ بخشيو پر اڄ جي سياستدانن ۾ اها بيماري وڏي انداز سان ملي ويندي. تنظيمي ڊسيپلين، ادارن جو احترام. ميٽنگن ۾ ٿيل فيصلن تي عمل ڪرڻ نذير عباسي جي مکيہ اصولن مان هڪ هئا. شهيد نذير عباسي جي مزدوڙ هاري شاگرد رابطہ ڪاميٽي ۾ انقلابي ڪردار ادا ڪرڻ ڪان شجڻ تہ چا پر دشمن جاگيردار پير مير وڏيرا توڙي سرمائيدار بہ انڪار ڪري نٿا سگهن. باباء سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي طرفان قائم ڪيل مزدور هاري شاگرد رابطہ ڪاميٽي جو سيڪريٽري بہ هو. هزارين پورهيتن محنت ڪش ۽ مزدورن طرفان ڪڍيل مظاهرن، جلسن ۽ جلوسن ۾ نذير هر صورت ۾ شرڪت ڪندو هو. نوابشاهہ توڙي بين مختلف ضلعن ۾ ڪيترائي هاري ڪاميٽي جا يونٽ کوليا ۽ هاري ڪاميٽي جي ڪيترن ئي سرگرمين ۾ بنا ڪنهن هٻڪ جي شرڪت ڪئي. نذير عباسي جڏهن بہ شاگرد تنظيم جي ڪمن ڪان ڪڏهن واندو ڪو نہ ويهندو هو پر جي واندو ٿيندو هو تہ پوءِ هن عظيم اڳواڻ جو مزدورن جي ڊتل ڪالونين ڏانهن رخ هوندو هو. نذير جي انقلابي ڪردار ئي هو جنهن ڪان متاثر ٿي مزدورن عام اليڪشن ۾ نذير جر فارم ڀرايو. حالانڪ ان وقت نذير جيل ۾ هيو.

نذير دنيا جي قومي آزادي جي تحريڪن امن قائم ڪرڻ. ڦرلٽ واري استحصالي سماج کي ختم ڪرڻ واري جدوجهد ۾ پڻ حصو وٺندڙ پورهيت عوام جو نمائندو هيو. ان ڪري نذير ۽ ان جي انقلابي ڪردار کي دنيا توڙي ملڪ جي پورهيتن ۽ سامراج دشمن تحريڪن کان ڪٽڻ بہ هڪ غير انقلابي ۽ جذباتي عمل هو. نذير عباسي کي حڪومت جون جاسوسي ايجنسيون هر وقت گرفتار ڪرڻ جي تاڙ ۾ ڏينهن رات ڳولينديون هيون. ان ڪري نذير کي اڪثر ڪري روپوش زندگي گذارڻي پوندي هئي. آخر هڪ ڏينهن جڏهن شهيد نذير عباسي کي گرفتار ڪيو ۽ ڪيس ڪنديارو ٿاڻي تي رکيو ويو تہ ان وقت ٿاڻي تي ئي ڪيس خبر پئي تہ سندس والد صاحب گذاري ويو آهي. پر نام نهاد حڪومت نذير کي پنهنجي پيءُ جو آخري ديدار

ڪرڻ لاءِ اجازت ڏيڻ بدران قلعي ٽارچر ڪيمپ ڪوئيٽا وٺي ويا جتي ڪيس هڪ اونداهي ڪوٺي ۾ رکيو ويو. ان دوران هن جي مٿان سخت ٽارچر ڪيو ويو. بچا ڳاڇا ۾ ڪيس چيو ويو ته تون پنهنجن ساٿين جا نالا ٻڌاءِ ۽ هلچل اخبار ڪير ڪيندو آهي. انقلابي نظرئي سان مسلح سنهڙي نذير جديد هٿيارن سان مسلح ايجنٽ فوجين آڏو شڪست نه کاڌي ۽ پارٽي جي رازن کي سيني ۾ سانڍي رکيو. تمام گهٽي ٽارچر ۽ پڇا ڳاڇا ڪانپوءِ هڪ فوج جي ميجر نذير کي گهرائي چيو ته اسان کي خبر پئي آهي ته هلچل ڇاڻ ساقي ڪڍي ٿو. جو ته تنهنجي گرفتاري ڪانپوءِ به مسلسل هلچل نڪري رهي آهي. انهي ڪري اسان توکي جيئرو ڇڏيون ٿا پر جيڪڏهن آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ اسان جي خلاف تقريرون ڪيئي نه پوءِ توکي نه ڇڏيندا سين. ان ڪان پوءِ نذير کي آزاد ڪرڻ وري بئي ڏينهن ڪيس گرفتار ڪرڻ لاءِ سندس ساهري گهر محرابپور ڇاپو هنيو جنهن تي ڪامريڊ محمد هاشم ٻڌايو ته نذير عباسي اسان وٽ ناهي آيو. نذير کي آزاد ڪري پل ڪئي. مگر نذير نڪرڻ سان ئي گهر اچڻ بدران سڪرنڊ هاري ڪانفرنس ۾ هليو ويو ۽ اهڙي طرح ئي روپوش رهي ڪم ڪرڻ لڳو. قلعي ٽارچر ڪيمپ مان آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ شهيد نذير اڃا به وڌيڪ انقلابي ڪم کي اڳتي وڌائڻ لڳو. هن جلد ئي مختلف صوبن جا دورا ڪيا ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس ۾ شامل تنظيمن کي هڪ تنظيم اندر گڏ ڪرڻ لاءِ 1978ع واري ڪنوينشن ۾ تجويز ڏني. مختلف صوبن جي شاگرد اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان ڪچهريون ڪيون ۽ کين هڪ تنظيم ناهڻ لاءِ راضي ڪري ورتو. مگر هتان جي سامراجي ايجنٽن کي اها ڳالهه نه وڻي ته ملڪ جون وکريل ۽ ترقي پسند سوچون منظم ۽ متحده تي هڪ تنظيم جي شڪل اختيار ڪن. انهي ڪري حڪمران ٽولي جون خفيه ايجنسيون نذير کي ڏينهن رات ڳولڻ لڳيون. ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون دفعو ايڏي وڏي پيماني تي نذير ۽ ان جي ساٿين کي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پوري پارٽي تي حملي ٿيڻ جون ڪوششون ٿيڻ لڳيون. آخر 31 جولاءِ 1980ع تي شهيد نذير سميت پروفيسر جمال نقوي، ڪمال وارثي، بدر ابڙي، سهيل سانگي ۽ شبير شر سميت ٻين کي به گرفتار ڪيو ويو. جڏهن ته محمد خان سولنگي سميت ٻين سمورن ڪيترن ئي ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. نذير جي پارٽي ۽ ايس ايس ايف جي ساٿين خلاف حڪومت جي هي وڏي سازش هئي جو ته ملڪ اندر مارشل لا خلاف جمهوري قوتن کي گڏ ڪرڻ ۽ جدوجهد هلائڻ جو خطرو حڪمرانن کي مٿين ماڻهن مان ئي رهيو. شهيد نذير عباسي ۽ سندس ساٿين مٿان بغاوت جو ڪيس قائم ڪيو، مٿن الزام هنيو ويو ته هو ملڪ اندر فوج خلاف باغي نظريو ڦهلائي رهيا هئا ۽ هيٺئن طبقي کي مٿين طبقي خلاف ڀڙڪائي مختلف قومن وچ ۾ نفرت پيدا ڪري رهيا آهن. بعد ۾ مٿين ساٿين مٿان جيڪو ڪيس داخل ٿيو، اهو بعد ۾ سموري ملڪ توڙي سڄي دنيا اندر ڇاڻ ساقي ڪيس جي نالي سان مشهور ٿيو. ان ڪيس

جو اهم ۽ حڪومت لاءِ خطرناڪ ڏوهاري نذير عباسي هو. جنهن کي 30 جولاءِ تي گرفتار ڪري ماڙيپور تارچر ڪيمپ ڪٽي ويا ۽ هوڏانهن ڪامريڊ ڄام ساقي کي لاهور جي قلعي ڏانهن وٺي ويا ۽ اهڙي طرح ڪامريڊ ڄام ساقي تہ زندهہ سلامت موٽي آيو پر نذير اجا نہ موٽيو آهي؟ نذير عباسي روپلو ڪولهي جو روپ، بلاول جي مات ڏنل عذاب گهر کي بيهر مات ڏيندڙ مارڪس ۽ شهيد صوفي شاهہ عنايت جي ساميا وادي فلسفي جو پرچارڪ دودي دولهہ ۽ هوشوءِ ڪان ميدان جنگ مان انقلابي مشعل کي ٻرندو وٺي ايندڙ. لينن مارڪس، جيولس فيوچڪ. هوچي منهہ. نگوين وان تروئي جي ڪنيل وکن ڪان اڳتي هلي ويندڙ اسان ڪان ڪراچي تارچر ڪيمپ ۾ 30 جولاءِ 1980ع ڪان 9 آگسٽ 1980ع ٻاٽ اونداهي جي ڪاري ڏينهن تائين مسلسل 9 ڏينهن استحصالي طبقن جي آقائن جي تربيت ورتل تارا مسيحن. تاريخ جي اجايل بڪايل ٻابن کي دهرائيندڙ ڦري ورتو. جنهن جي ريٽي ۽ گلابي رت جا ڦڙا ڦڙا اڄ بہ تارچر سيل جي ميوزم ۾ رکيل اوزارن تان ڳڙي رهيا آهن. ۽ ديوارون رت ۾ وهنتل آهن. ديوارن ۽ تشدد جي اوزارن سان اٽ سڪل رت جي جيڪا خوشبو زندگي جي وٿين مان اڏري پنهنجن انقلابي ساٿين کي مايوس.ڪرڻ ۽ گهبرائجڻ جي ڪن ۾ ڏکي ڏيڻ جي بدران فولادي حوصلا بخشيا آهن. انهي حوصلن سان هماليہ کي ذرا ذرا ڪرڻ واسطي وڏيڪ تيزي سان وڌڻ لڳا آهن. شهيد کي نہ رڳو 9 ڏينهن مسلسل تارچر ڪيمپ ۾ رکيو ويو پر ڪيس بجلي جون شاڪون، ڪاون تي بيدردي سان رهڙڻ ۽ هڏن کي ڇيپائڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي انسانيت ڪان ڪريل حرڪتون ڪيون. ڪيترائي نازين وارا حربا ڪيا ويا. هلاڪو، چنگيز خان ۽ هٽلر جي اولاد سامراجي ايجنٽن معصوم سنهڙي نذير کي رتو رت ڪري مارينداهئا ۽ نذير ڪان پورهيتن ۽ انقلابي پارٽي جا راز پڇندا هئا. مگر هماليہ ڪان وڏيڪ مضبوط عزم رکندڙ ڪيمپن ۾ بہ نذير اهو ئي چيو تہ زندگي منهنجو هڪ گيت آهي موت منهنجي جدوجهد جي لاءِ سڏ آهي. پنهنجي عظيم انقلابي آدرش خاطر شهيد نذير انقلابيت جا راز سيني ۾ سانڍي شهادت جو پيالو پي هميشہ لاءِ امر ٿي ويو ۽ سدائين تاريخ جي ورقن ۾ امر رهندو - امر رهندو ۽ امر آهي.

شهيد نذير عباسي هڪ تحريڪ هڪ انقلاب

صالح بلو   9 آگسٽ 1992ع

شهيد نذير عباسي جهڙا ڪونڌر ٿي، جنهن جي نالي ونڻ سان ڪنڌ اوچا ٿيو وڃن. جنهن جي عظمت ۽ قربانين سان تاريخ جا باب اٽليو پون. شهيد جيڪو اڄ جسماني طرح اسان وٽ موجود نہ آهي. پر سندس عمل اڄ بہ روشن تاري جيان ڪيس زندهہ رکيو اچي. شهيد جنهن ماءُ جي هنج ۾ جنم ورتو سلام آ ان جيجل کي جنهن جي ڏنل لولي ۽ پياريل ٿڃ جي لڄ رکندڙ نذير عباسي پنهنجي ضعيف جسم سان اڏول بڻجي دشمن اڳيان ڪنڌ نہ جهڪايو. سنڌ جي ننڍڙي شهر ٽنڊوالهيار ۾ جنم وٺندڙ هي ذهين نوجوان علم جو ديوانو بڻيو. جيڪو نہ صرف استادن جي اکين جو تارو هو بلڪ آڙي پاڙي وارن کي بہ پيارو هو شهيد جي زندگي جي شروعات محنت ۽ ڏکن سان ٿي. جهڙو هو تعليم سان پيار ڪندڙ هو تهڙو هو غريبن جي سورن جو ساٿي، جنهن جي زندگي جو اڪثر حصو هارين، مزدورن ۽ شاگردن جي مسئلن لاءِ هلچل ۾ گذريو.جيڪو ڏينهن توڙي رات، گرمي توڙي سياري ۾ سماج ۾ ٿيندڙ ظلم خلاف وڙهندو رهيو. جنهن جا قدم ڪڏهن مزدورن جي جهڳين ڏانهن تہ ڪڏهن وري مسڪين مارون جي ڪکائن گهرن ڏانهن تہ ڪڏهن شاگردن جي هاسٽلن ۾ ڇڻ سندس زندگي جو حصو بڻجي چڪا هئا. پورهيتن ۽ مظلوم عوام سان پيار سان گڏ پيٽ پالڻ لاءِ ميونسپل جي نوڪري بہ ڪئي. جو حق جو آواز بلند ڪندڙ هن ساٿي جو سچ آفيسرن کي بہ ڪڙو لڳو. هن سنڌ بلديہ ايمپلائيز يونين نهرائڻ ۾ حصو ورتو پوءِ پارٽي جي فيصلي تحت نوڪري ڇڏيائين. پر دوستن ڪيس سهارو ڏئي تعليمي درسگاهہ پهچايو جتي پڙهڻ سان گڏ سچ جي سين هٽڻ لاءِ ڪشڪول کڻي پنهنجو فرض نڀائڻ لڳو. دوستن ياران پيار سان پڪارجندڙ ماسي نذيران، جيڪو ڇڙهڻ بجاءِ ٺهڪ ڏيندڙ آدرشي انسان، جنهن نہ صرف سياسي ميدان ۾ پاڻ ملهايو. بلڪ يارن جي يار بڻجي پاڻ موکيو جيڪو پنهنجي منڙي آواز سان ٻين کي پنهنجو ڪري ڇڏيندو هو. سندس زبان تي اڪثر:

پنجري کي پنڇي ري تيرا درد نہ جاني ڪوئي

تو هندو بنيگا نہ مسلمان بني گا انسان کي اولاد هي انسان بنيگا

ديکهہ تيري سنسار کي حالت کيا هو گئي هي ڀڳوان ڪتنا بدل گيا انسان

اهي ڪلام هوندا هئا. جيڪو سنگت کي محفلن ۾ ٻڌائيندو هو. جن گيتن مان سندس وجوديت جي خبر پئجي ويندي هئي.

سادي قسم جي انسان بغير ڪنهن نت ناٽڪ جي وقت جي پابند ڪنهن ڪي تاثير ڏيندو هو ته وقت تي پهچي نه صرف پاڻ مطمئن ٿيندو هو بلڪ ٻين کي به وقت جي اهميت ۽ قدر جو احساس ڏياريندو هو. جو چيو وڃي ٿو ته دنيا اندر اها قوم ترقي ڪري ۽ زنده رهي سگهي ٿي جيڪا وقت جو قدر ڪندي. شهيد عباسي جنهن پنهنجي زندگي جيجل سنڌڙي جي مسڪينن لاءِ وقف ڪئي هئي سو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي پيغام کي گهر گهر پهچائڻ لاءِ سواري نه ملڻ تي به ان هنڌ پنڌ پهچي فرض کي پورو ڪندو هو ۽ ائين هڪ ڏينهن سخت بخار جي باوجود پروگرام کي اهميت ڏيڻ لاءِ ڪنهن ڳوٺ پهچڻو هوس جيڪو بخار جي شدت سبب واهه جي ڪپ وٽ ڪري پيو جتي پرسان ڪي عورتون ڪپڙا ڌوئي رهيون هيون جن کي هن نه ڏٺو هو تن جي ڪلڻ تي هي آدرشي سجاڳ ٿي پيو ته تڪليف هوندي به منزل تي پهچي ويو جتي دوستن سندس حالت ڏسي مٿس تنقيد ڪئي پر همراهه پنهنجي مقصد کي اهم سمجهي انهن جي جملن تي ڪو ڌيان نه ڏنو. سادڙو نذير جڏهن به مذاق ۾ پوندو هو ته ننڍڙو ٻار لڳندو هو سندس مذاق کي ڏسي هر ڪنهن وات اگريون اچي وينديون هيون جو ڊسيپلين جو سخت ان وقت مٺڙ جيان لڳندو هو.

هڪ دفعي ٽرين جي سفر ۾ گاڏي ۾ رش هئڻ سبب سنگت دروازي وٽ ويهي رهي جتي گاڏين جي مختلف آوازن ۾ نذير جي سريلي آواز سڀني جي توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪائي وڏي جتي هو ليڊر نه بلڪ هڪ دکي دل رکندڙ راڳي لڳي رهيو جيڪو انهن درديلي گانن جي رشتي به دوست ٿاهندو هو جيئن هو سڀني کي ويجهو عزيز لڳي!؟ شهيد جڏهن به ڪنهن وٽ رهندو هو ته پنهنجي ڪم سان گڏ انهن جي ڪمن ۾ به شريڪ ٿي ويندو هو هو ڪنهن تي بار ٿيڻ پسند نه ڪندو هو نه وري ڪنهن سان ڪاڏي ٻيتي جي فرمائش ڪندو هو. اڪثر هڪ جوڙو ٿي سندس جسم لاءِ مخصوص ٿيل هو ۽ ڪيترن دوستن جا لاٿل ڪپڙا هن سڀ ساٿي لاءِ هوندا هئا. جيڪي فخر سان پائي هلندو هو پر ڪنهن ساٿي پارٽي سان ڪڏهن شڪايت نه ڪيائين ته ڪيس نوان جوڙا نهرائي ڏنا وڃن. هي پيارو ساٿي پنهنجي روح کي به رنجائي ٻين کي خوش رکندو هو شهيد ڪاهلي ۽ ڪاپي جي سخت خلاف هوندو هو پاڻ تنظيم سان گڏ تعليم ڏانهن ڌيان ڏيڻ لاءِ تاڪيد ڪندو رهندو هو. سندس خواهش هوندي هئي ته مسڪينن جا ٻار پڙهي اڳتي اچن جنهن لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هو ڪنهن غريب هاري جي پٽ لاءِ ڪو ڪتاب وٺي ڪيس ڏيندو هو ته جيئن تعليم لاءِ ان ۾ اتساهه پيدا ٿئي.

شهيد عباسي شروع ڪان وٺي يونيورسٽي تائين سٺين مارڪن کڻي ڪري استادن جي سٺن شاگردن مان هڪ هو. نذير جيڪو ايس اين ايس ايف جو سيڪريٽري بڻيو. ٻيو ته ايوب لغاري وچ ۾ ئي استعيفيٰ ڏني هئي. بعد ۾ صدر پڻ رهيو جنهن اڳتي هلي پي ايف يو ايس P.F.U.S ناهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو نذير نه صرف پاڻ هوشيار هو بلڪ S. N. S. F جي زاهد مخدوم، امداد چانڊيو، شير محمد مگريو، محمد

خان سولنگي جهڙن پڻ نذير جيان نالو روشن ڪرايو اڪثر چيو ويندو هيو ته ان تنظيم جا شاگرد عمل توڙي عقل ۾ اڳتي آهن. اهو ئي سبب هو جو نذير عباسي، امداد چانڊيو، مهراڻ انجنيئرنگ ڪاليج واري ظهور عباسي ۽ ٻين شاگردن کي تشدد جو نشانو بڻايو جن کي مارڪٽ ڪئي وئي. اهو ڏينهن به هو جڏهن سنڌ يونيورسٽي ۾ جي ايم سيد سالگرهه دوران نذير عباسي کي بلا جواز مارڪٽ ڪئي پئي وئي ته سندس وات مان اهي جملا نڪري رهيا هئا ته ٻيلي پنهنجو جلسو نه خراب ڪيو مون کي ڀلي ماريو. شهيد جي سنگت نه صرف پنهنجن سان رهي پر پرڏيهي شاگرد به کيس پنهنجو سمجهندا هئا جو هڪ دفعو يونيورسٽي ۾ ڇاپي دوران عربن کيس پناهه ڏئي بچايو. اهو ئي دور هو ان حڪومت ۾ رهندڙ ڪيترا عرب شاگرد به هئا جيڪي هن سچار جي گرفتار ٿيڻ تي راضي نه هئا. شهيد جتي پورهيتن جي مسئلن کي اهم سمجهندو هو اتي شاگردن جي هلچل ۾ به اڳرو هو. جو يونيورسٽي جي ٽيڪ اوور دوران به هي پوئتي نه هٽيو ۽ نه ئي وري جهڪيو. حالانڪ ان وقت ڪيترائي پاڻ کي ڦني خان سڏائيندڙ شاگرد ليڊر پوئتي هٽي ويا ۽ معافي ورتيون پر شهيد ۽ سندس پارٽي زاهد مخدوم، خير محمد جوڻو ۽ ٻيا باهمت رهيا.

شهيد جي جيل وڃڻ جي شروعات سنڌ ۾ هلندڙ ڊاڪٽر افغان کي بچائڻ واري تحريڪ سان شروع ٿي، جيڪو ٽنڊوالهيار ۾ اسڪول موٽڻ تي گهر وڃڻ بجاءِ وينل بڪ هڙتالي شاگردن سان ويهي پاڻ موڪيو. ان وقت پاڻ ايس ايس ڪو جو ڪارڪن هو جيڪو جيل وڃڻ سان ڪامريڊن جي محبت ۾ اچي جيل اندر ئي ايس اين ايس ايف ۾ شامل ٿيو. جنهن تنظيم جي ناهڻ ۾ جام ساقي، مير ٿيبو، عنايت ڪاشميري، مهر حسين شاهه، امداد اوڊو، سهيل سانگي، احمد خان جمالي، هدايت ۽ ٻيا هئا. جيل جي ڪچهرين کيس سون تي سهاڳي جو ڪم ڏيئي ريٽو لال بنايو. جيڪو ٻاهر نڪري شاگرد سياست ۾ سرگرم ٿي ويو ۽ شهيد پنهنجي جواني جي خواهشن تي جبر ڪري تڪليفن جا ڏينهڙا گذاريا. جيڪو اڪثر ڪري ڪيسن وڏي وڃڻ ڪري روپوشيءَ جي زندگي گذارڻ لڳندو هو. شهيد جڏهن به جيل ويو اڪثر ضروري شين کان به وانجهيل هوندو هو. هو اتي به ڪنهن تي بار نه ٿيندو هو نه وري ڪي خواهشون ڪندو هو دوستن جي ملاقات گهٽ رهڻ تي به ڪنهن سان شڪايت نه ڪيائين بلڪ بک ڏک تي جيل گذارڻ وارو نذير اتي ٻين سياسي شاگردن جي ٽوڪن جو پڻ نشانو ٿيندو هو جو اڪثر پئسن هٿڻ ڪري هو پاڻ کي وڏيڪ معتبر سمجهندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن مٺس ٽوڪون پڻ ڪندا هئا جن کي نذير عباسي لفظن ۾ گهٽو ڪجهه چئي ويندو هو. نذير پنهنجي زندگي کي سهاري ڏيڻ لاءِ حميده گهانگهرو جيڪا سنڌ جي مشهور هاري اڳواڻ الاني تحريڪ جي سرواڻ چاچا هاشم گهانگهرو جي نياڻي جيڪا تنظيم جي ڪارڪن پڻ هئي. تنهن کي پنهنجو جيون ساٿي بڻائي زندگي جو مزو ماڻڻ بجاءِ مسڪين ماروئڙن جي حقن ۽ وطن جي ويرين خلاف ويڙهه ۾

شريڪ ٿيا. هي جوڙو پنهنجي وچن پاڙڻ لاءِ گهر ۾ ويهڻ بجاءِ سدائين هلچل ۾ هوندا هئا. سندس پنهنجو گهر نہ هئڻ ڪري اڪثر ڪڏهن ڪنهن وٽ تہ ڪڏهن وري هاسٽل ۾ گذارو ڪندا هئا. نذير عباسي جي شادي بہ مثالي هئي جيڪا سماج ۾ ڏينهن ريتن رسمن بجاءِ پراڻين روايتن کي ٽوڙيندي نذير عباسي ۽ حميده گهانگهرو جي جوڙي سان گڏ سندس ڀيڻ زبيده گهانگهرو جيڪا پڻ تنظيم جي سرگرم اڳواڻ هئي تنهن جي هڪ مزدور اڳواڻ سان رشتہ جوڙڻ لاءِ آيل مهمانن اڳيان ڪليل ميدان ۾ ويهاري گهوٽ ڪنوارن جو نڪاح وڌو ويو. ان شادي ۾ گيتن جي شروعات منصور ميراڻي جي هئي تہ پڇاڙي ابراهيم منشي جي گيتن سان ٿي. جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان آيل ڪارڪن کان علاوه ملڪ جي ٻين حصن مان پڻ ڪجهہ دوست پهتا هئا اها شادي پڻ حڪومت کي پنهنجي خلاف ڇڻ جلسو لڳو. جنهن ۾ نذير سميت 32 دوستن تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو. سنگت جي ساٿين نہ صرف پنهنجي ساٿي کي ڳائي وڄائي جڳ جهڙو ڪيو پر سوٽيل بوٽيل بہ دوستن سان گڏ رڌ پچاءَ ڪرڻ ۾ شروع هئا. جن ۾ غلام رسول سهتو، سرفراز ميمڻ، تاج مري، صالح بلو، محمد خان سولنگي، دائم بلوچ، ارشاد چنو ۽ ٻيا هئا شادي جي ڪجهہ ڏينهن بعد اجا مهندي هٿن تان لٿي ئي ڪا نہ هئيس تہ ٽن مهينن اندر شهيد کي گرفتار ڪري ڪنديارو لاڪپ ڪيو ويو. جتان قلي ڪيمپ بلوچستان موڪليو ويو. جڏهن تہ سندس جيون ساٿي حميده گهانگهرو، آصف رضوي، پير شهاب، رمضان ۽ ٻين سان گڏ پٽ فيڊر ۾ هارين جي هلچل ۾ ٻہ مهينا اڳ ئي بڪ هڙتال تي وينا ها جن کي گرفتار ڪري مچ جيل اماڻيو ويو. بلوچستان جي ٿتل علائقي ۾ ٻئي زال مڙس وطن جي ويرين خلاف پنهنجو ڳاٽ اوچو ڪري تشدد سهي جيجل سان ڪيل وچن پورو ڪري رهيا هئا. ڪجهہ عرصي بعد شهيد کي وحشين جڏهن آزاد ڪيو تہ هن پنهنجي گهر وڃڻ بجاءِ ٽڪل ٽٽل حالت ۾ سڪرنڊ ۾ ٽيندڙ هاري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي جتي پاڻ کي آرام ڏيڻ بجاءِ پنهنجن ساٿين سان گڏ ڪانفرنس جي تياريءَ ۾ رات جو 12 وڳي تائين مٽيءَ جا ڏلها ڪٽي پنهنجو مثالي ڪردار ادا ڪيو. جنهن ڪانفرنس ۾ چاچي شاهہ محمد دراني جهڙا جهونا (جيڪو اڄ بہ پاڻ کي نوجوان سمجهي ٿو) پنهنجو جوهر ڏيکاري رهيا هئا. جن پنهنجون زندگيون قوم لاءِ ارپي ڇڏيون آهن. جنهن هاري ڪاميٽي ۾ حاجي حسين، قاضي فيض محمد مرحوم، مصطفيٰ عباسي، مرحوم، رئيس بروهي مرحوم، حڪيم مولي محمد معاذ مرحوم، رشيد انڊڙ، يعقوب ملڪ مرحوم، چاچو اسماعيل قريشي، دادا علي بخش، احمد لغاري، ڦوٽو رستماڻي ۽ ٻين قربانيون ڏئي پاڻ ملهايو. ان ڪانفرنس ۾ ڪم جي گهڻائي ڪري انعام رند جهڙو درويش صفت ۽ تيز ڪارڪن بيمار ٿي پيو جيڪو اسپتال داخل ٿيو. شهيد جيڪو ان وقت مان هتي پهتو هو سو دوستن جي روڪڻ باوجود ڪم ڪندو رهيو. شهيد جنهن کي قلي ڪيمپ جي تارچر نہ جهڪايو جيڪو پنهنجي ڌرتي واسين کي ظلم جي

زنجيرن مان آزاد ڪرائڻ لاءِ اڳي ڪان بہ اڳرو ٿي ڪم ڪي جنبجي ويو. سندس هلچل حڪمرانن کي نہ وڻي جو هاڻي سول حڪومت بجاءِ فوجي راڄ اچي چڪو هو. پنهنجي حڪومت بجاءِ جنرل ضياءُ جو دور شروع ٿيو. جن حاڪمن پنهنجي خلاف ڪم ڪندڙن کي گولي هڻڻ جون تياريون ڪري ڇڏيون هيون. جن ڪيس ۾ سندس سائين کي پنهنجي ڪوڙڪي ۾ ڦاسائڻ لاءِ هڪ پلان ٺاهيو. جنهن پلان تحت شهيد پنهنجن ٻين ساٿين سميت ڪراچي ۾ ڇاپو هڻي سندس ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن هو اتي پهتو تہ حالتن ڪيس ٻڌايو تہ ڪجھ ٿيو آهي جيڪو جيئن اتان نڪري بس ۾ چڙهي اڳتي وڌيو تہ ظالمن ڪيس گرفتار ڪري ٽارچر سيلن جو منهن ڏيکاريو. جتي مسلسل 9 ڏينهن تائين ان ڏٻري جسم تي ٽارچر ٿيندا رهيا پر جيجل سان وچن ڪندڙ هن ڳڀرو ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي ۽ مخالفن اڳيان سينو سپر ڪري بيٺو رهيو جن ڪيس اهڙيون تہ اذيتيون ڏنيون جو ڌرتي جو ڇائو ان عذابن ۾ 9 آگسٽ 1980ع پنهنجي جان قربان ڪري اسان کان جدا ٿي ويو. جنهن دشمنن کي بہ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ هي ڪنڌ ڪپجي سگهي ٿو جهڪي نٿو سگهي. سندس بهادري ۽ قرباني بہ دشمن جي وات ۾ اگريون ڏئي ڇڏيون ۽ پراڻي تاريخ ياد ڏياري ڇڏي.

شهيد جي لاش کي صرف مائٽ وٺي نہ سگهيا جو اهي خوفزده هئا. جنهن آدرشي انسان جڏهن تہ پنهنجي سڄي زندگي وطن جي غريب ۽ مسڪين ماروئڙن لاءِ وقف ڪئي ان جو لاش دوستن جي ڪلهن تي ڪڄڻ بجاءِ ايڌي وارن جي حوالي ڪيو ويو جنهن ڪيس ڪراچي ۾ ئي سخي حسن قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو. شهيد عباسي جيڪو پنهنجن عملن ۽ قربانين ڪري تاريخ جو باب بڻجي ويو جيڪو مثالي ڪردار انهن سڀني ماڻهن لاءِ پڻ آئينو آهي جن سان هن ڏک سک ۾ گڏ گذاريا. جن ساٿس ڪيترو ساٿ ڏنو سندس معصوم نياڻي زرقا ۽ گهر واري کي ڪيترو پنهنجو سمجهيو؟ سندس ڏنل قربانين جو ڪيترو قدر ڪيو ويو. اهو هو ڪنهن جو ضمير پنهنجو فيصلو پاڻ ڪندو باقي تاريخ پنهنجو فيصلو ڪري چڪي آهي. جنهن نذير کي ٻين ليڊرن لاءِ پڻ هڪ چئلينج بڻائي ڇڏيو آهي تہ هڪ ليڊر جي عملي زندگي ڇا هئڻ گهرجي. سندس ڪردار ڇا هئڻ گهرجي جڏهن تہ قوم جي دعويٰ ڪندڙ اڄ اڪثر واپاري سياست ڪري ماڻهن جو ويساھ ختم ڪري رهيا آهن. جنهن اعتماد کي بحال ڪرائڻ لاءِ شهيد نذير عباسي جهڙن ڪردارن جي ضرورت آهي جيڪو هڪ آئيڊل اسان لاءِ فخر ۽ سنڌ ڌرتي جو جيالو دنيا جي بهادرن مان هڪ آهي جيڪو زنده آهي. زنده رهندو. جو نذير عباسي شخصيت نہ بلڪہ هڪ تحريڪ جو نالو آهي.

شهيد نذير عباسي

ڪجھ يادگيريون

میر ٿيبو

اسان وٽ هڪ عجيب قسم جو رويو آهي تہ مرحوم ۽ شهيد ٿيل شخصيتن تي لکنداسين يا تقريرون ڪنداسين تہ ڪي اهڙيون ڳالهيون بہ هن سان منسوب ڪنداسين جيڪي هن ڪڏهن بہ ڪو نہ چيون هونديون يا سوچيون هونديون. ظاهر آهي تہ مري ويل انسان تہ ڪنهن ڳالھ جي ترديد يا تصديق بہ نٿو ڪري سگهي. حيدر بخش جتوئي کي تمام گھڻو انٽرنيشنلسٽ بنائي ويندا سين ۽ وري شهيد نذير عباسي کي قومي جدوجهد جو بہ هيرو ڪري بيهاريندا سين حالانڪ نذير ڪميونسٽ پارٽي اندر قومپرستي جي معمولي لاڙن خلاف بہ سخت نظرياتي جنگ ڪندو هيو. سڀ کان وڌيڪ افسوس جي ڳالھ اها آهي تہ ڪي دوست تہ ٽارچر سيل جي من گهڙت گفتگو بہ لکي ڇڏن ٿا تہ نذير عباسي ٽارچر ڪندڙن کي چيو تہ" مون کان توهان منهنجو نالو پڇي ڏيکاريو. جڏهن تہ منهنجو نالو توهان کي اچي ٿو" يا ان ٽارچر سيل تي نذير جي رت سان سندس نالو لکيل آهي". جڏهن تہ نذير سان گڏ جيڪي بہ گرفتار ٿيا هئا. انهن بہ ڪو نہ ڏٺو تہ نذير کي ڪاڏي وٺي وڃن ٿا، ۽ هر ڪنهن کي الڳ الڳ سيلن ۾ رکيو هئائون انهن کي ٻئي جي ڪا خبر نہ آهي، ڇو تہ نذير کي جيئن ئي وٺي ويا تہ وري واپس نہ آندائون. نذير کان ڇا پڇيائون، نذير ڪهڙا جواب ڏنا، نذير کي ڪهڙو ٽارچر ڪري ماريائون، ڪنهن کي ذرو بہ خبر نہ آهي. سواءِ ٽارچر ڪندڙ ظالمن جي ايتري قدر جو شهيد جو لاش بہ ڪنهن نہ ڏٺو سواءِ هڪ ماڻهو نذير جي پيٽيوي جي، پاءُ ولي محمد شاھ کي ڪٽي وٺي وڃي ڏيکاريو ويو. اهو بہ ايترو ڏنل هيو جو ڏپ ۾ متضاد ڳالهيون پئي ڪيائين. ايجنسي وارن لاش کي لاوارث ڏيکاري ستار ايڌي وارن جي حوالي ڪيو، جن ڪيس سخي حسن قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو. ايترو تہ ڌهڪاءُ ڦهلايو ويو جو نذير جي قبر بہ ڪنهن نہ پئي ٻڌائي پوءِ فيض گهانگهرو مڙسي ڪري ايڌي ٽرسٽ وارن وٽ ويو قبرستان جي چوڪيدار کان پڇا ڪيائين جنهن بہ اهو چيو تہ واقعي ڪجھ ماڻهو آيا هئا. جيڪي هڪڙي ماڻهوءَ کي دفنائي ويا ڪير هيو اها مون کي خبر نہ آهي. ان ڏينهن کان اڄ تائين پارٽي سيڪريٽري کان وٺي ميمبر تائين ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي تہ نذير سان ڇا وهيو واپريو. ان حد تائين جو بينظير جي حڪومت جي دور ۾ وزير اسماعيل اوڍيجي کي مان چيو تہ نذير جو ڪيس اوپن ڪرڻ ۾ مدد ڪريو. چيائين تہ اسان پنهنجي شهيد جو ئي ڪيس اوپن نٿا ڪري سگهون تہ نذير جو ڪٿان ڪري سگهنداسين. نذير جي شهادت جو احوال تڏهن ئي معلوم ٿي سگهي ٿو جڏهن ڪا طاقتور جمهوري حڪومت اچي، جنهن جي مٿان ڪا ٻي ڳجهي طاقت نہ هجي ۽ ان جمهوري حڪومت جون ڪي مجبوريون نہ هجن.

يحيٰ خان جي مارشل لا جي دور ۾ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ ٽنهي تعليمي ادارن، ٽنڊوڄام زرعي ڪاليج، ايل ايم سي ۽ ڄامشورو انجنيئرنگ ڪاليج جا مکيه شاگرد ۽ ٻيا مختلف سياسي جماعتن سان تعلق رکندڙ سياسي ليڊر به هيا. مون کي حيدرآباد جيل مان بدلي ڪري ڪراچي آندو ويو. پهريون پيرو نذير کي مان اتي ڏٺو. نذير ان وقت فرسٽ ايئر ۾ پڙهندو هئو ۽ آزاد ماروئڙا شاگرد فيڊريشن پاران گرفتاري ڏيئي ڪراچي سينٽرل جيل پهتو. ويهن سالن جو هڪ خوبرو نوجوان هيو. ڊاڪٽر رشيد حسن خان، اعزاز نذير، ڊاڪٽر ارباب ۽ منهنجي درميان تيز سياسي بحث ڏاڍي سنجيدگي سان ٻڌندو هئو. هونئن مذاق به ڏاڍي ڪندو هو. ننڍي ڪنڊ جي مظلوم نوجوانن جيان عشقيه ۽ ڏک جا ڳانا به ڳائيندو هيو. جيل ۾ هڪ قسم جي بيزاري ٿيندي آهي. جيڪا ٻاهر جي بيزاري کان مختلف هوندي آهي. ڪجهه عرصو رهڻ کان پوءِ ماڻهو چيڙاڪ ٿي پوندو آهي ۽ ماڻهو ننڍين ننڍين ڳالهين تي پنهنجي ساٿي قيدين سان چڙيه پوندو آهي. نذير کي مان ڪڏهن به بيزار يا چڙندي نه ڏٺو. آخر ۾ ڪراچي جيل ۾ نذير ۽ مون کان سواءِ سيني سنڌي شاگرد معافي لکي ڏئي آزاد ٿي ويا ۽ آزاد ٿيندي اهو به چوندا هئا ته توهان کي ڇا هي توهان پڙهندا ڪو نه رڳو آ ڪرڻي سياست، جهڙو هتي تهڙا ٻاهر. اسان کي انجنيئر ۽ ڊاڪٽر ٿيڻو آهي، ڪي ته سچي ڳالهه به ڪندا هئا ته ادا ڇا ڪجي مجبوري آهي، نذير جا به سڀ ساٿي آزاد ماروئڙا وارا معافي لکي ڏيئي آزاد ٿي ويا. حالانڪ نذير ان وقت اڃا مارڪسوادي به نه هئو پر هن جي پاڻ سان ۽ سچائيءَ سان هڪ قسم جي ڪمٽمينٽ هئي. ڏاڍ جي اڳيان جهڪڻ کيس ناپسند هيو. ڪراچي جيل جو ٿي واقعو مون کي چڱي طرح ياد آهي. هڪ ڏينهن سيڪيورٽي پرنٽنگ پريس جي مزدور ليڊر يامين چيو ته "مير اتي ته سپرنٽينڊنٽ کي دٻايون ته سهولتون اسان کي ڇو نه ٿو ڏئي" سپرنٽينڊنٽ به هيو ڏنگو، منظور پنهور، مان ٿورو ڪيٻايو پر دل ۾ سوچيو ته انڪار ڪندس ته چوندو ته ياڙيو آهي سو مجبورن يامين سان گڏ ويس، هونئن به جيل انتظاميا سان غير ضروري جهيڙو ڪرڻ مون کي نه وڻندو آهي. خير اسان پنهور صاحب جي آفيس پهتاسين، هو به ڪو اڳيئي چڙوي وينو هو سو وني هڪڙي ڏڏڪي پٽيائين ته يامين آفيس ۾ ئي ڪري پيو ۽ بي هوش ٿي ويو. سپرنٽينڊنٽ سپاهين کي حڪم ڏنو ته هن کي اسپتال کڻي وڃو ۽ منهنجي لاءِ چيائين ته مير کي بند وارڊ ۾ بند ڪيو ۽ رعب سان گڏ سنڌي ڪارڊ به استعمال ڪيائين ۽ چيائين مان توهان جو سنڌي سپرنٽينڊنٽ آهيان ته به نٽا مڙو. بهرحال سپاهي مون کي ڪنيي بند وارڊ ۾ ڪٽي بند ڪيائون، ڊاڪٽر رشيد حسن خان ۽ ڊاڪٽر ارباب ۽ ٻين کي سکر ۽ حيدرآباد جيلن ڏانهن شفٽ ڪيائون، ڪراچي جيل ۾ صرف مان، نذير عباسي، ڪامريڊ قادر طاهر ۽ N. S. F جو هڪ ميمڻ ڇوڪرو بچيو. نذير بک هڙتال سان گڏ پاڻي پيئڻ به ڇڏي ڏنو. شام تائين نذير جي طبيعت خراب ٿي وئي، خشڪي جي ڪري گلو بند ٿي ويس، نذير جي ڪري سپرنٽينڊنٽ ڊچي ويو متان ڇوڪري کي ڪجهه ٿي پوي سو مجبورن مون کي بند وارڊ مان ڪڍيائين تڏهن وڃي نذير پاڻي پيتو. حالانڪ اسين ته بک هڙتال به چڱي طرح نه ڪري سگهندا آهيون مطلب ته ڪنهن وڏي آدرش تي جان ڏيڻ ته وڏي ڳالهه آهي پر هو صرف هڪ ٻي تنظيم جي قيدي ساٿي جي معمولي تڪليف ختم ڪرڻ لاءِ به جان ڏيڻ لاءِ تيار هئو. نذير کي ڏسڻ سان ائين محسوس ٿيندو هئو ته هن

مختصر زندگي ۾ تمام گهڻا ڏک ڏٺا آهن پر ان جو اظهار ڪڏهن به نه ڪندو هيو ۽ تمام گهڻي غربت جا ڏينهن ڏٺل هيس پر ان جي باوجود هن ۾ صحت مند قسم جي انا هئي. نذير کي جيل ۾ اهو فڪر نه هوندو هيو ته ڪير ملاقات لاءِ اچي ٿو يا نه.
مان 72 ۾ سياست ڇڏي ڳوٺ هليو ويس. نذير پُٽي جي دور ۾ ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿيو. S. N. S. F ۾ ڪم ڪندو هيو. هڪ دفعو منهنجي ڳوٺ آيو هو. تاج جويو به سائين جي ايم جي هدايت تي ڪنهن سروي لاءِ نڪتو هيو. رات جو ڪجهه بحث به ٿيو هئو چڱي طرح مون کي ياد ڪونهي. ڪجهه ڪميونسٽن ۽ قوم پرستن جي جهڳڙن جي باري ۾ هيو. منهنجي راءِ هئي تہ ڪميونسٽن ۽ قومپرستن جو جهڳڙو هاجيڪار آهي ۽ اها ڪميونسٽن جي ڊيوٽي آهي ته هو قومپرستن کي پنهنجو اتحادي بنائين ۽ ماضي ۾ سيدؒ ڪميونسٽن جو اتحادي رهيو آهي. نذير ڪا خاص راءِ نه ڏني ڇو ته هو اڃا تازو ڪميونسٽ پارٽي ۾ آيو هيو هن رڳو بحث کي ٻڌو پئي، مون کي ان وقت احساس نه ٿيو ته اڳتي هلي نذير Hard Liner ٿيندو ڇو ته هو ڏسڻ ۾ ڪونٽري مزاج جو لڳندو هيو. ڪنهن به ماڻهوءَ جي باري ۾ اڃا تري راءِ نه ڏيندو هيو يا الزام تراشي به نه ڪندو هيو پارٽي جي ڪجهه ماڻهن نذير کي چيو ته مير سيد جو ماڻهو ٿي ويو آهي. جيڪا ڳالهه هن نه مڃي. منهنجي ڪڏهن ڪڏهن نذير سان ملاقات ٿيندي هئي، حيدرآباد ۾ روزي ڪارنر ۾ ايندو هيو. منهنجو ياءُ مرحوم مختيار ساڻس بحث ڪندو هيو مان بلڪل نه ڪندو هئس ۽ منهنجو ان وقت مجموعي طور تي زندگي ڏانهن With Drawl وارو رويو هوندو هيو. 78ع تائين مون کي هڪ ڏکوئيندڙ ملاقات اڄ به ياد آهي. نذير کي انٽرنيشنل هاسٽل جي ميدان ۾ جيئي سنڌ جي فنڪشن دوران سنڌس ڇنڊا پٽيا ويا ۽ مار به ڪديائون. مار کائڻ کان پوءِ مون کي سنڌ يونيورسٽي بس ۾ مليو هيو. مون کي شريف ماڻهوءَ پاڻ نه ٻڌايو ايس اين ايس ايف جي ٻئي شاگرد ٻڌايو، مان کانئس پڇيو ته ها؟ نذير وراڻيو ته"ها" مان سندس منهن ۾ ڇتائي افسوس ۽ ڏک ۾ نهاريو ليڪن هن جي چهري تي نه افسوس هيو نه ڊپ ۽ نه وري ڪو بي عزتي جو احساس بلڪه هڪ قسم جو اهڙو تاثر پئي ڏنائين ته انقلابين سان ائين ٿيندوآهي ۽ مان اڪثر سندس واتان ٻڌندو هيس ته "دنيا جي ڪا به طاقت هتي ڪامريڊن کي مار کائڻ کان بچائي نٿي سگهي" اهو ڇئي وري کلي ڏيندو هيو.

مون کي الائي ڪهڙي ڪتي ڪنيو جو بيهر سياست ۾ آيس وري ساڳي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شامل ٿيس پر جيئن ته Vagabond ۽ Dead Life قسم جي زندگي گذاري به 7 سال ٿي ويا هئا، سوچيم ته واندو ويٺو آهيان وري پلا سياست ٿو ڪريان، سو 79ع ۾ پارٽي ۾ شامل ٿيس پر جيئن ته ان وقت پارٽي هيئين ادارن ۾ سخت ڊسپلين هلندو هيو ۽ ان ۾ جمال نقوي جي ٺي گهڻي هلندي هئي، نذير عباسي پارٽي ۾ گهڻو اگر ڪنهن کان متاثر هيو ته اهو جمال نقوي هيو. سو مون کي نذير ٻڌايو ته"پارٽي طئہ ڪيو آهي ته جيئن ته تون پارٽي ڇڏي وري بيهر آيو آهين تنهن ڪري توکي پارٽي ۾ سڀ کان هيٺين اداري يعني گروپ ۾ ٿا ويهاريون ۽ تنهنجو گروپ محمد صالح بلو سان ٿا ناهيون ڇو ته توهان ٻئي ساڳئي ئي سياسي محاذ تي ڪم ڪري رهيا آهيو" ان جو انچارج نذير خود ٿيو. نذير ان وقت مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر ۽ سنڌ صوبائي ڪاميٽي جو سيڪريٽري هيو اڳ ۾ مون کي ان

جو احساس ٿي نہ هيو تہ نذير کو ايترو مٿي پهچي ويو هوندو. نذير انچارج هوندي بہ پاڻ تي بہ سختي سان ڊسپلين لاڳو ڪندو هيو. ٻين تي بہ سختي ڪندو هيو. جڏهن تہ ٻيا انچارج صرف ٻين تي ڊسپلين لاڳو ڪندا هئا. نذير پارٽي، نظرئي ۽ انقلاب کي پنهنجي گهر ٻار کان وڌيڪ اتم سمجهندو هيو. هڪ دفعي سندس ننڍڙي ڌيءَ (جيڪا ڪيس تما گهڻو پياري هوندي هئي) زرقا تمام گهڻي بيمار ٿي پئي جو پيسن نہ هجڻ ڪري حالانڪ پارٽي جا پيسا هن وٽ هيا پر ڪيتري بہ ڪيس ضرورت هوندي هئي هن ڪڏهن بہ پاڻ تي يا ٻارن تي خرچ نہ ڪيا پارٽي جو ڪم بہ تمام گهڻو ڪندو هيو ٻنهي صورتن ۾ هو زرقا جو علاج نہ ڪرائي سگهيو. ميٽنگ ۾ دير سان ڪڏهن بہ نہ ايندو هيو نہ ئي ڪو گسائيندو هيو. سچ ڪيترو بہ ڪڙو هجي چئي ڏيندو هيو ڪنهن کي وڻي يا نہ وڻي. پارٽي ليڊر هئڻ جي باوجود Show off نہ ڪندو هيو. ڏاڙ ڪڏهن بہ نہ هنيائين، دانشور تہ نہ هيو پر مارڪس ۽ لينن جا بنيادي ڪتاب چڱا خاصا پڙهيل هئس. جيڪو سندس بحث مان ظاهر ٿيندو هيو هڪ دفعي هڪ سي ايس ايس آفيسر ٽوڪيندي اسان کي چيو تہ پڙهندا بہ آهيو يا ٺلهيون ڳالهيون ٿا ڪريو پوڳن ۾ نذير کان پڇيائين تہ Matter in Motion کي فلسفي جي لحاظ کان سمجهاءِ نذير هوشيار شاگرد جيان سمجهائي ويو.

نذير ڪارڪنن جي نظرياتي پڙهائي تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندو هيو. انقلابين جي تدريسي پڙهائي کي غير اهم سمجهندو هيو. جو ضلعي ڪميٽي ۾ امداد چانڊئي سان بحث ٿي پيس. ان وقت مون کي بہ جلدي پروموشن ڏيئي حيدرآباد جي ضلعي ڪميٽي ۾ آندائين، امداد چانڊئي تيئوارنٽ هيا ۽ يونيورسٽي جو شاگرد بہ هئو. سوچيائين تہ ڪلاس ۾ نہ وڃ امداد چيو تہ اهو درست نہ آهي ۽ شاگرد کي پڙهڻ بہ گهرجي نيٺ ڊگري بہ تہ وٺڻي آهي. تنهن تي نذير ٽوڪيندي چيو تہ انقلاب کان پوءِ اهي ڊگريون ڪم اينديون ڇا؟ بهرحال امداد چيو تہ گرفتار ٿيان تہ ٿيان ڪلاس ضرور اٽينڊ ڪندس. نذير ۾ ڪنهن بہ قسم جو Copmlex نہ هوندو هيو. مڊل ڪلاس سان صفا نہ پوندي هيس ان ڪلاس جي همدردن ۽ چندي ڏيندڙ ڏي گهڻو ڪري مون کي موڪليندو هيو. چوندو هيو تہ انهن سان منهن تون ڏي. سندس دور ۾ وچولي طبقي جا تمام گهٽ ميمبر هوندا هئا. پارٽي ۽ ذيلي تنظيمن کي هميشہ سرگرم ۽ فعال رکڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. جنهن ڪري ڪيس تيز ۽ محنتي ورڪر پسند هوندا هئا. ورڪرن جي ڏک سور جو تمام گهڻو خيال رکندو هيو. عمل ۾ تمام بااخلاق هوندو هيو. پر چرچائي هجڻ جي ڪري ڪچا چرچا تمام گهڻا ڪندو هيو جو هڪ دفعي ڪامريڊ گهنشام پرڪاش مٿي شڪايت موڪلي. نذير چوندو هيو تہ ايڏي تہ خشڪ زندگي آهي جو چرچا يا گاريون نٿا ڏيون پوءِ تہ ساهہ منجهي ٿو. روپوش زندگي جي اصولن تي سختيءَ سان عمل ڪندو هيو روپوش تہ اسان مان اڪثر رهيا آهن پر هو بغير پيسي جي بہ گذارو ڪري ويندو هيو نذير کي سينيما ۾ فلمن ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هيس روپوشي واري زماني ۾ بہ فلمون ڏسندو هيو. ورڪرن جي پيار ۽ جا قصا شوق سان ٻڌندو هيو ڪين شاديون ڪرائڻ ۾ مدد ڪندو هيو. پنهنجي زال ۽ ڌيءَ سان تمام گهڻو پيار هوندو هيس پر ان جو اظهار نہ ڪندو هيو. زرقا فلم ڏاڍي وڻندي هيس ڪيترائي پيرا ڏٺي هئائين فلم ۾ زرقا جي ڪردار کان متاثر ٿي پنهنجي ڌيءَ جو نالو زرقا رکيائين.

ليڊر شپ ۾ اهو واحد ماڻهو هيو جنهن جي ڳالهين ۾ جذبي مان محسوس ٿيندو هيو تہ هي ماڻهو يا تہ انقلاب آڻيندو يا انقلاب جي راهہ ۾ مارجي ويندو. ڪي ٿي اهڙا موقعا آيا جو اسان کي ڊپ ٿيندو هيو مان هن جي اکين ۾ ڪڏهن بہ ڊپ نہ ڏٺو حالانڪ قلي ڪيمپ ۾ بقول سندس جي تہ آخري وارننگ ڏني هئائون تہ وري پڪڙين تہ ماري ڇڏيندا سين ۽ انهن جي وارننگ کي نذير سچ سمجهندي بہ ڪم ڪندو رهيو. ڪجھہ مهينن کان پوءِ مون کي صوبائي ڪاميٽي ۾ کنيو ويو. اسان وٽ هر ڪامريڊ کي ان وقت پارٽي انچارج ۽ مٿين ڪاميٽين جي سفارش تي کنيو ويندو هيو. اليڪشن نہ ٿيندي هئي بلڪ سليڪشن ٿيندي هئي ۽ صوبائي ڪاميٽي ۾ ان وقت اسان چار ميمبر هئاسين. 1- جاويد شڪور، 2 چاچا مولابخش، 3 رمضان ميمڻ ۽ مان. نذير هن ڪاميٽي جو سيڪريٽري هيو. سڄي سنڌ جو چرخو هلائڻ لاءِ مڙئي معيار وارا ڪامريڊ ڏسي مايوسي ٿي، پر پوري سنڌ جي پارٽي جا ڪل 50 ميمبر هئا پروفيسر جمال تمام سخت گير هوندو هيو ۽ نذير ان کان تمام گهڻو متاثر هوندو هيو جو آخري ڏينهن۾ نذير مون کي چيو جيڪڏهن پروفيسر جمال گرفتار ٿي ويو تہ پارٽي اسان هلائي سگهنداسين؟ مان ڪجھہ سوچي چيو تہ تون ۾ صلاحيت آهي پارٽي هلائي ويندا سين. هونئن بہ پارٽي جو سمورو ڪم نذير ڪندو هيو. پروفيسر جو ڪو رول مون کي نظر نہ ايندو هيو. مان اڄ ڏينهن تائين اهو سمجهي نہ سگهيو آهيان تہ نذير پروفيسر کان ايترو متاثر ڇو هوندو هيو ڇو تہ باقي بين ليڊرن ڄام ساقي ۽ ڊاڪٽر اعزاز تي ٽوڪون ۽ طنز ڪندو هيو شايد هن جي مارڪسي دانشوريت کان متاثر هيو. مون کي اهو بہ عجيب لڳو تہ موڻ کي ايترو جلدي ترقي وٺائي پراڻن ڪارڪنن کي ڇڏي صوبائي ڪميٽي تي آندو ويو ۽ سنڌ جون ٽي ضلعي ڪميٽيون منهنجي حوالي ڪيون ويون. ان وقت ڪجھہ پارٽي ڪارڪنن منهنجي تڪڙي ترقي تي اعتراض ڪيو هيو. نذير عام زندگيءَ ۾ جيترو پيارو هيو تہ پارٽي معاملن ۾ وري اوترو ئي سخت هيو جو پارٽي جي لحاظ کان پنهنجي گهر واري سان بہ رعايت نہ ڪندو هيو. ٻن موقعن تي ميٽنگ ۾ تاج مري ۽ پير شهاب تي ايتري تہ ڇتي تنقيد ڪيائين جو ٻئي روئي وينا سڀ خاموش ٿي ويا. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. گهڙي رکي مون کي چيائين تہ ڪامريڊ منهنجو اهڙو سخت رويو غلط تہ نہ آهي تنهن تي مان چيو تہ تنقيد ايتري نہ ڪجي جو ماڻهو مورڳي مايوس ٿي وڃي ۽ تنقيد جو مقصد ماڻهوءَ جي اصلاح آهي تنهن تي تمام نرم لهجي ۾ چيائين تہ يار پوءِ جهلينءدا ڪريو ڇو تہ تون آهين ٿڌو ماڻهو. نذير ڪامريڊ سوڀي کي منهن تي ۽ پرپٺ چاچو سڏيندو هيو مان ڪانئس پڇيو تہ سڄو جڳ سوڀي کي ڪامريڊ ڪري ڪوٺي ٿو تون چاچو ڇو ٿو سڏين چيائين تہ جڏهن هو ڪامريڊ نہ آهي تہ ڪامريڊ ڇو چوان. سندس مطلب هيو تہ پارٽي ميمبر نہ آهي تہ ڪامريڊ بہ نہ آهي. هن جا هڪڙا اصول هيا انهن تي هو مصلحت نہ ڪندو هيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهڙي قسم جي پارٽي کان ٻاهر ماڻهن سان رويو ڪيتري قدر درست هيو. نذير پارٽي ليڊر ۽ شاگرد ليڊر هجڻ جي باوجود پاڻ ڪڏهن بہ ملڪ کان ٻاهر گهمڻ نہ ويو ٻين کي موڪليندو هيو وڃڻ چاهي ها تہ وڃي سگهيو پئي. نذير جو مون سان رويو نرم هوندو هيو. خير مان ڪيس موقعو بہ نہ ڏيندو هيس پر انسان خطا جو گهر آهي ڪڏهن ڪو ڪم پورو نہ ڪري سگهندو هيس. مون سان نرمي ان ڪري بہ ڪندو هيو تہ متان مان ڀڄي وڃان.

نذير پنهنجي سوچ ۾ ڪڏهن بہ منجهيل نہ هوندو هيو. نذير نيشنلزم جي سخت خلاف هوندو هيو. چوندو هيو تہ مان قومپرستي جي ڪري پارٽي ۾ شامل ڪو نہ ٿيو هيس ۽ مان طبقاتي مسئلي جي ڪري پارٽي ۾ آيو آهيان. پنجاب ۾ نذير جو پروگريسو جيئي سنڌ سان قومي مسئلي تي بحث ٿيو پروگريسو وارن سنڌ ۾ اچي چيو تہ نذير عباسي تہ قومن کي مڃي ئي ڪو نہ ٿو.

نذير چيو تہ مان تہ بابا پاڪستان کان پوءِ ڄائو آهيان تنهن ڪري مان پهريون پاڪستاني آهيان. نذير ان ۾ يقين رکندو هيو تہ هر مسئلي کي مزدور طبقي جي نقطئہ نگاهہ سان ڏسڻ کپي. بالادست قوم جو پرولتاري مظلوم قوم جي پرولتاري جو استحصال نٿو ڪري. هي پرولتاريہ جي پارٽي آهي. مزدورن کي قومن ۾ ورهائڻ نہ گهرجي. هڪ دفعي ايس اين ايس ايف جي شاگردن فيصلو ڪيو تہ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مخالفت جي باوجود سنڌ يونيورسٽي آڊيٽوريم ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ڊي ملهايو وڃي. ان ڏينهن تي ڪراچي کان جاويد شڪور بہ فنڪشن ۾ آيو ۽ چيائين پارٽي جو فيصلو آهي تہ مان تقرير ڪندس. تنهن تي نرنجڻ ڪمار ۽ امداد چانڊيي مخالفت ڪئي تہ هتي جو ماحول قومپرستي وارو آهي تہ ڪنهن مهاجر کي تقرير ڪرڻ نہ ڏينداسين جيئي سنڌ وارا گوڙ ڪندا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ نذير مٿان ڪميٽي جو فيصلو ڪٿي آيو تہ پارٽي توهان کان جواب طلبي ڪري ٿي ۽ سخت تنقيد ڪيائين تہ توهان قومپرستي جي وهڪري ۾ وهي ويا آهيون. امداد چپ ٿي ويو نجو اڙجي بيهي رهيو تہ ڇا جو اسان غلط فيصلو ڪيو آهي اسين درست آهيون. ڪامريڊ نذير جو چوڻ هيو تہ ڪميونسٽ ۽ قومپرست ۾ باقي ڪهڙو فرق آهي. ان دور ۾ پارٽي قومپرستن جي سخت خلاف هوندي هئي. تنهن ڪري پارٽي جي اندر قومپرستي جي معمولي لاڙي کي بہ برداشت نہ ڪيو ويندو هيو. اهو ئي سبب آهي جو اسين چوندا هئاسين تہ اسين پهريون ڪميونسٽ آهيون پوءِ سنڌي آهيون. نذير ماسڪو جي لائين جو حامي هوندو هيو پر اهو چوندو هيو تہ پنهنجي ملڪ ۾ ڪم وڌايو تہ ماسڪو بہ توهان کي تسليم ڪندو تہ دنيا بہ. نذير ماسڪو وارن تي ڪڏهن تنقيد ڪندو هيو تہ اسان جي مدد نٿا ڪن ۽ ريڊيو ماسڪو جي بي روح ۽ غير معياري پروپيگنڊا تي بہ تنقيد ڪندو هيو. سوويت يونين ڪڏهن ڪو نہ ويو نہ تہ اتان جي اندران ڪاچي ويل نظام تي سنئي تنقيد ڪري ها. نذير اجائي ۽ ڪوڙي تعريف جي سخت خلاف هوندو هيو. خود تنقيد بہ تمام گهٽي ڪندو هيو. پنهنجي پارٽي جي باري ۾ خوش فهمي ۾ مبتلا ڪو نہ هوندو هيو. انقلاب اچڻ جي تاريخ ڪڏهن ڪو نہ ڏنائين پارٽي جي اندروني خامين کان چڱي طرح واقف هوندو هيو پارٽي ۾ آٽڻ لاءِ ماڻهو کي ڪوڙا دلاسا ڪو نہ ڏيندو هيو. پارٽي جي مخالفن جو دشمن هوندو هيو پر تنهن هوندي بہ سندس جيڏي ئي ٻين پارٽين جا ماڻهو بہ سندس جذبي، ڪم سنجيدگي ۽ خلوص کان متاثر هوندا هئا. پارٽي سان ڏاڍو پيار ڪندا هئا. جيتوڻيڪ اڄ اسان ڪميونزم کي نٿا مڃون پر نذير پاڻ مڃائي ويو. نذير جي ان وقت جيڪا بہ سوچ هئي ان سان سچو هيو ۽ پاڻ سان سچو هيو. اڄ بہ نذير جي شخصيت اسان سڀني کان ڳاٽ مٿي ڪيون بيٺي آهي ۽ اسين هن جي آڏو تمام ننڍڙا ٿا لڳون. شهيد کي ڪنهن گروهہ بندي ۾ ورهائڻ نہ گهرجي. نذير ڏاڍ خلاف وڙهندڙ سڀني مظلوم ماڻهن جو شهيد آهي.

ڇڄ ۽ قطاران

گھنشام پرڪاش

پٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ جيڪي نيڪي ۽ بديءَ جا ڪردار ڏنا ويا آهن. اهي اڄ اسان جي معاشري ۾ گھمندي ڦرندي نظر اچن ٿا. ڇو تہ پٽائي هن ڌرتيءَ تي رهندڙ انسان جي عملن ۽ نظرين تي تمام هوشياري سان لکيو آهي. انهن کي واضح ڪيو آهي. ونس جيڪي نيڪيءَ ۽ بديءَ جا ڪردار آهن. انهن مان هي نيڪيءَ جو طرفدار آهي ۽ آخر فتح بہ هنن جي ئي ڏيکاري. ڪٿي تہ ائين ٿو ٿئي جو هار بہ جيت ٿيو پوي. جھڙي طرح سسئيءَ وصال جي سڪ ۾ ساھ ڏنو. شاھ عنايت سر ڏئي حق ۽ سچ کي روشن ڪري ويو. پٽائي پنهنجي شاعري ۾ سياسي ڪارڪن سان ڳالهايو آهي. هن سان پنهنجو ويجهو ڳانڍاپو ڏسيو آهي. ڪارڪن بہ اهو جيڪو پنيءَ اڳهاڙن مارن. هارين ۽ مسڪينن جي ڳالھ ٿو ڪري. دشمن هن جي چرپر، صلاح مصلحت تي ڪرڙي نظر ٿو رکي. تڏهن ٿو چوي تہ:

ڇڄ ۽ قطاران سانڍ چڙهندو لڪئين،

مڇڻ ٿئين پٺان، وڳ وات ئي نہ لهين (پٽائي)

هتي سانڍ لفظ مان پارٽي ۽ اجتماعيت جي مراد آهي. قطار مان مراد ضابطو ۽ ڊسيپلين آهي. شاعر جو خطاب هڪ سٺ جي ساٿي ڪارڪن ڏانهن آهي. لڪئين مان مراد خوشحاليءَ جون بلنديون آهن. آخر ۾ سبق ڏيندي چوي ٿو تہ متان پونئير ٿي وڃين ۽ سانڍ کي رسي نہ سگھين. پٽائيءَ اهڙي ڳالھ هڪ ٻئي بيت ۾ بہ ڪئي آهي.

نڪو ليکو ٿيو، نہ ڪو تتو ڏينهن،

تهان اوري نينهن، ڇنو آنڻ وارين.

هن بيت ۾ جيڪو درد سمايل آهي. ان کي اهي محسوس ڪري سگھندا جن جا ساٿي ۽ ڏاڍ سان جهيڙيندي ڪين ميدان ۾ اڪيلو ڇڏي ويا. ان روءِ داد کي لطيف اهڙي نزاڪت سان پيش ڪيو آهي، جو عقل دنگ رهجي وڃي. تہ نہ ليکو ٿيو نہ وري ڏينهن ٿي تتو تہ پوءِ سانڍ جا ساٿي سانڍ جو ڇڏي ويا؟ ڇا سپاٽي جي آفت ۽ سڪي زندگي کي ڏچي ۾ وجھڻ کان گھبرائجي ويا؟ جيڪو ميدان کان. لشڪر مان نڪري ويو انهن جي حوصلي تي افسوس ئي ڪري ٿو سگھجي. سنڌ ۾ ورهاڱي کان پوءِ جيڪا طبقاتي جدوجهد هلي، ان ڪيترائي بيباڪ ڪميونسٽ پيدا ڪيا. تہ وري هن تحريڪ تي ڪيترائي وار ڪري ڪيمونسٽ طاقت کي ڇيهو رسايو ويو آهي. هندستان جي جاگرافيائي ورهاست بہ ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي. ان کان وڌيڪ سامراجي حڪومتن ۽ رجعت پسند جماعتن جو اهو رواج رهيو آهي تہ ڪميونسٽ ليڊر شپ کي قتل ڪرڻ، ڊگھيون سزائون ڏيڻ سميت انهن جي هر چرپر تي بندش سخت ڪرڻ عين قانوني آهي. انهيءَ صورتحال جي ڪري ڇا ٿيو جو پاڪستان جي سياست ۾ ڪميونسٽ آهستي آهستي مصلحت پسندي جو شڪار ٿي، پارٽي ڇڏيندا ترقي پسنديءَ جي نالي ۾ ٻيون جماعتون جوڙيندا رهيا ۽ ڪميونسٽ پارٽي خلاف سخت

گيري، انتها پسندي ۽ مهم جوئي وغيره جهڙا الزام هڻندا. پاڻ کي درست ۽ ڪميونسٽ تحريڪ کي غلط چئي پاڻ کي سامراجي لڙي ۾ اڻ سڌيءَ طرح شامل ڪندا رهيا. شهيد حسن ناصر کان پوءِ پاڪستان ۾ پارٽي تي ڏکيو وقت آيو ته اهو 1977ع کان 1988ع وارو دور آهي. جنهن ۾ پارٽي جي ننڍڙي ڪارڪن کان وٺندي مرڪزي آفيس تائين فوجي جنتا جا لانگ بوٽ پهتا. پارٽي تي هي آخري وار هيو ۽ فوجي جنتا کي پڪ هئي ته پارٽي ختم ٿي ويندي. جڏهن جنرل ضياءُ شهيد پٽي کي گرفتار ڪيو ته پارٽي جو اهو فيصلو پڙهيوسين ته "پٽي صاحب کي آمريڪا سوشلزم جي سزا ٿي ڏني، جنهن ڪري هو اسان جو فطري اتحادي ٿو بڻجي. جڏهن ته هتان جو حڪمران ٽولو ۽ آمريڪا پٽي کي ماري پنهنجو نقصان ٿا ڪن. ڇو ته ننڍي ڪنڌ ۾ ايڏو ذهين ماڻهو وري ڪين نه ملندو" هوڏانهن فوجي حڪومت به اهو محسوس ڪيو ته هن وقت پٽي جو بهترين اتحادي ڪميونسٽ ئي ٿي سگهي ٿو ۽ تحريڪ به هلائي سگهي ٿو. جنهن ڪري هنن پارٽي تي وار ڪيو. ڪامريڊ جام ساقي، امر لال ۽ ٻين ڪيترن ڪارڪنن جي گرفتارين کان پوءِ شهيد نذير سميت پروفيسر جمال ۽ ٻين سائين کي گرفتار ڪيو ويو. جام ساقي جي گرفتاري ۽ شهيد نذير جي گرفتاري ۾ ڪو ڏيڍ ٻن سالن جو فرق هيو. جام 10 ڊسمبر 1978ع تي گرفتار ٿيو ته نذير وارا 1980ع ۾ جولاءِ جي آخري هفتي ۾ گرفتار ٿيا، انهن ٻن سالن ۾ ڪامريڊ نذير جيڪو ڪم ڪيو. اهو شايد هن اڳ ڪڏهن به نه ڪيو هجي. انهن ڏينهن ۾ تمام مصروف، ٿڪل، ڪم نه ڪندڙ ڪارڪن کان ناراض رهندو هيو. جام ساقي جو ڪم به هن جي حوالي ٿيو ۽ 78- 1977ع کان هن عوامي جمهوري اتحاد ۽ ڊي ايس ايف جوڙڻ لاءِ ڪوششون ڪيون، جنهن ۾ ڪامياب ٿيو. هو چوندو هو ته هن وقت جيڪو خاموش آهي ڪجهه به نٿو ڪري ملڪ ڇڏي ٿو وڃي اهو صحيح نٿو ڪري. جڏهن عوام جي مٿان فوجي سنگينن جا پهرا هجن، ڪونٽر رودن، ڪاليج ۽ يونيورسٽين ۾ ماريا پيا وڃن. تڏهن ڪو درد رکندڙ باضمير ماڻهو ڪيئن ماٺ ڪري ويهندو. سي آءِ اي سينٽر ۾ پڇا ڳاڇا دوران اسان کي ميجر اسلم ٻڌايو ته اسين نذير جي ڪڍ ڏاڍو پيا آهيون. ليڪن ڪڏهن اسان کان اڳ ۾ هليو ٿو وڃي، يا اتي پهچي ئي نٿو. هن ميجر ٻڌايو ته اسين نذير کي سپني نالن سان سڃاڻيندا آهيون ته هي سکر ۾ ڇا سڏائيندو آهي ۽ ڪراچي ۾ ڇا؟ وغيره ڪامريڊ نذير دنيا جي انهن بهترين ڪميونسٽن مان هڪ آهي جنهن ننڍي عمر ۾ ڪميونسٽ تحريڪ لاءِ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. پنهنجي صلاحيتن جي ڪري هن پاڻ مڃايو. هن شهادت مان واضح آهي ته سچ ۽ بهادري جي ڪري ڪميونسٽ مري ته سگهي ٿو. پر جهڪي نٿو سگهي، هن جو جسم رت پٽ جو نه پر شيهي جو هيو، جنهن کي سچ جي گرمي نٽي رڃائي سگهي. اسان اهو به ڏٺو ته شهيد نذير کانپوءِ ان ساڳي ڪم لاءِ پارٽي طرفان ٽي چار ماڻهو مقرر ڪيا ويا، جيڪي اوترو ڪم نه ڪري سگهيا. جيترو جام يا نذير ڪندا هئا. الٽو انهن دوستن تي منفي سوچ جو ايترو ته اثر ٿيو جو هنن کي سڄي ملڪ ۽ قوم تي ويل وهندي ڏسڻ ۾ نه آيا. هنن کي رڳو اهو خطرو لاحق ٿيو ته اسان کي سنڌو هٿياربند فوج سان ويڙهايو ٿو وڃي. اندر جيل ۾ پيل ڪارڪن ۽ ٻاهر جي وچ ۾ هڪ دهشت جو درياءُ پيدا ڪيو ويو، هنن کي پارٽي خلاف ليڪچر ڏنا ويا. آخر مهاجر، سنڌي، پٺاڻ، پنجابي ۽ بلوچ جي بنياد تي پارٽي ڪارڪنن ۾ نفرتون پيدا ڪيون ويون. جنهن جي ڪري پارٽي ختم ٿيندي ٿيندي بچي آهي. اهو به ان ڪري جو اڃان به ڪي جوڳي هئا. جن ٻڏندڙ ٻيڙي کي بچايو. انهن مان پنهنجن ئي ناڪئن

سير ۾ هٿ ڪديا هئا. پنهنجي ڪان وڌيڪ ٻيو دشمن طاقتور ٿي نٿو ٿي سگهي. انهن سڀني ڳالهين ٻڌڻ تي ڪامريڊ نذير ڪلندي ڪلندي اشارا ڏيندو هو. هو چوندو هو تہ" ڏجو ان ڏينهن ڪان جنهن ڏينهن اوهان جا عضوا اوهان تي شاهدي ڏيندا" ربڙ ڪي ايترو ڇڪيو جيترو ڇڪجي سگهي. اڄ ربڙ ڇڪيندي ڇڄي ٻيو آهي. پنهنجا عضوا اڄ پنهنجي مٿان سلطاني گواھ آهن. جهڙي طرح سٺ ڪان ستر واري ڏهاڪي ۾ قومپرست نوجوان سياستدان ميدان ڇڏي ويا هئا. اهڙي طرح ڪميونسٽ پارٽي مان ٽٽندڙ لڏو بہ سياسي افق تي ميرانجهڙو ۽ ڏنڌلو ڏسڻ ۾ تو اچي. اڪثريت ڪارڪنن جي آسودي ٿيڻ ۽ گهر وسائڻ ۾ رڌل آهي. نذير جو رستو عشق جو رستو، قربانيءَ جو رستو، سچائي ۽ جذبي وارو ڏگ آهي.جنهن تي اسان جي نوجوان ڪي هلي پنهنجي قوم ۽ مظلوم طبقن جي قسمت سنوارڻي آهي.

تنهنجي پيٽ سجائي آ

انور ابڙو

هر ماڻهو رک نہ ٽيٽو آه،
جيون جو يڪُ نہ ٽيٽو آ،
ڪو صديون وڙهندو رهندو آ،
۽ رت ۾ رڙهندو رهندو آ،
ان منزل ڏانهن حياتيءَ ۾،
جا پاتي هٿئي هن جهاتي ۾،
۽ جيئن جيئن وقت گذرندو آ،
هو اڳ کان اڳرو ورندو آ،
ڪيڏماڻهو آهن ڳاڻ ڳڻيا،
ٿو اربي جن کي موت مٽيا،
تاريخ اندر هو ڏڙڪن ٿا،
ڪجه وقت اجهامي پڙڪن ٿا
هن پونہَ تي پنيٽ ٿي،
ڪنهن وقت اچانڪ پر گهٽ ٿي،
هو پنهنجو ٻارڻ ٻارن ٿا،
۽ ڳٽ ڳچين جا ڳارن ٿا. (اياز)

هي سٽون اياز جون لاثيف اسڪيچ آهن ان ڪاڪ جي مينٽري جون، جيڪو تاريخ سان گڏ هر فرد جي "دل ۾ ڏڙ ڏڙ ڏڙڪي ٿو ۽ روپ مٽائي ڪائنر تي ڪڙ ڪڙ ڪڙڪي ٿو." ان مينڊري جي نالي اچڻ سان ذهن تي تري ٿو اچي اهو دور جنهن ۾ شهيدن جا قافلا روان ۽ دوان هئا. جنهن ۾ مسلسل موت سان مهاڏو اٽڪائڻو پوندو هيو. جنهن ۾ گهڙي گهڙي ۾ گهايل ٿيڻ جا انيڪ انديشا هوندا هئا. عورتون مٽا نہ ويڙهائيندیون هيون، ڪنواريون ڇوڪريون سينگار ڪرڻ تياڳي چڪيون هيون. ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر شادين ۽ ٻين خوشين جي ڏڻن تي ڳيچن، سهرن، جهمرين، ٿالن ۽ تاڙين جي وڄڻ کان ٻـما ۽ اٻاڻڪا ٿي چڪا هئا. نوان نيٽا جوان هر گهڙي ڪٽ جي پيرانديءَ کان ڇلڪندڙ ڪاري ڳن واري کهاڙي سيرانديءَ ۾ ڏيئي يا بندوق جا ڪنداق ڏرتي تي رکي، ان جون اکيون اپ ڏانهن ڪري هر وقت ڪٽڪي سان ويهندا هئا. پيرسنن کان پٽڪن جا ور وسري ويا هئا. مڱٽهار

پنهنجا ساز وڄائڻ بند ڪري ڇڏيا هئا. گهرن ۾ ڏڏ ولوڙڻ جي گهو گهو جا آواز شور ۾ گم ٿي ويا هئا. ٻارڙن ڇدن، ٻلوزن ۽ مٽي جي گهرڙن ۽ رانديڪن سان روح ريجهائڻ ڇڏي ڏنو هو. ڪڙمين ڪاسبين پنهنجن فصلن پوکڻ لڻڻ جا ويلا بدلائي ڇڏيا هئا. ڪارخانن ۾ ڪات بي روڪ ٿي ويا هيا. جن تي وس هلائڻ وارا مزدور بي وس ٿي ويا هئا، انن جا ڪرا خالي ٿي ويا هئا. راتين جو اونداهين مان بريڪ ڪدي ويئي هئي ۽ ان جي ايڪسيليٽر تي ڳرو لانگ بوٽ رکي ڇڏيو ويو هو. جنهن سبب راتين جو سفر ڏکو ٿي ويو هو. ڇيخون، رڙيون ۽ ڪيهون، رانپاٽ، ٽارچر اوپرين ٻولين ۾ زن دختر گاريون، دڙڪا دهمان ۽ ڪوس ان وقت جو ڪلچر بڻجي چڪو هيو. پرٽيل ۽ ڪنوارين ڇوڪرين کي ڳتن ڪان جهلي، پوڙهن ۽ جوانن کي ڇيلهن ۽ پٽڪا ۽ رسا ٻڌي گهلي ٿاڻن ۽ اذيت گهرن ۾ واڙڻ معمول بڻجي ويو هيو. ٿاڻا مظلومن جا گهر بڻجي چڪا هئا. ڳوٺن جي ڳوٺن جا آپريشن ۽ گهيراءُ مفتوحن تي فاتحن واري شڪل وٺي چڪا هئا. هوائن مان پکهر سڪائڻ واري سگهه ڇڏائجي چڪي هئي، سڄ نيزي پاند لهي آيو هو، وڻن ٽڻن ڇانو ڏيڻ ڇڏي ڏني هئي، ڊنيون ڊورا واهه، درياءَ اجيارا رهجي ويا هئا، رڄ، راتيون ۽ پنهوار پرتا هئا پاڻ ۾ ان دور تي هلان ڪري وڃي هنڌائتو ڏک هٽڻ ڪنهن به دليريءَ ڪان گهٽ نه هيو. عسڪري راڄ پنهنجي سيني پوائتين شڪلين ۾ موجود هيو. ڳاٽيٺي ڪان ٻاهر سياسي اڳواڻ بنديخانن ۾ بند ڪيا ويا هئا، چونديل پرائيم منسٽر ذوالفقار علي ڀٽي کي اهي عسڪري شڪليون ڳڙڪائي چڪيون هيون. بڇيل ماڻهو ساهه مٺ ۾ ڪيو گهمندا پئي وتيا. ڪيترائي قومن جي حقن جي نالي ۾ (ظاهر ۾) ماتر ڪنڌ عسڪري راڄ بابت غير جانبداري جي لڪ ۾ حمايتي بڻجي رهيا هئا. مظلوم عام ماڻهو پنهنجي ليکي عسڪريت جي خلاف جمهوريت جي جنگ ۾ جنبيل هئا. اتي ڪٽڪائي رنگ وارو قداور ڪاڪ جو مينڊرو جوانيءَ جي جوين تي رسيل باشعور، بهادر ڪاڇي ڌر جو نوجوان اڳواڻ "نذير عباسي" مظلوم قومن، طبقن جي حقن لاءِ عسڪري راڄ خلاف جدوجهد پنهنجي ماضيءَ ڪان گهڻو اڳتي نڪري چڪو هو. عوام دشمن گروهن کي اک ۾ سندس جستجو سيل ڪنبو بڻجي چبي رهي هئي عسڪري راڄ جو ساڙيندڙ سج پوري وڄ آسمان تي هيو ڌرتي ٽڇڪي رهي هئي، ان ۾ گهمندڙ جا پير ۽ جسم سڙڻ ناممڪن نه هئا. نذير به ان جي لهس ڪان نه بچي سگهيو. نذير عباسي آمريت جي خدائن جو ويري هيو. ان ڪري وقت جا خدا نذير عباسيءَ کي ڪٽي ٿا سهي سگهن. اڳ ۾ ته پلا ڪيس ڪو نه سٺو هٿائون. زندان ۽ اذيتون ته نذير ۽ نذير جي ساٿين کي ان ڏينهن پلئه پيون هيون جڏهن هنن هي نعرو هنيو هو ته "هي ڪيت هارين جا، ملون، ڪارخانا، مزدورن جا ۽ اقتدار اعليٰ عوام جو، دولت جو خالق پورهيت آ، دولت جو مالڪ پورهيت آ، قومن کي خود اختياري(علحدگي سوڌو) حق ڏيو، سامراجي تسلط نامنظور، جاگيرداري سرمائيداري نامنظور، فوج کي سياست نه پر عوام ۽ ملڪ جي حفاظت ڪرڻ گهرجي" نذير عباسي جي سرگرم عمل کي ڏسي نيٺ 30 جولاءِ 80ع تي ڪراچيءَ مان گرفتار ڪري 9 آگسٽ تي سندس "ساهه بنا سرير" ڏٽين کي ڏيڻ بجاءِ سخي حسن قبرستان ۾ دفنائي پهرو بيهاري ڇڏيو. ڇا نذير عباسيءَ کي شهيد ڪري انهن سندس فڪر، جدوجهد ۽ سندس نالو مٽائي ڇڏيو؟ پر نذير ته هر ماڻهوءَ جي دل ۾ ڌڙڪي ٿو. ڊڪٽيٽر ضياءَ نذير عباسي کي شهيد ڪرائڻ ڪان پوءِ شيخ اياز جي لفظن ۾ هنئين ضرور چيو هوندو. جلاد دارا جو سر رومال ۾ ويڙهي، اورنگزيب جي اڳيان پيش ڪيو، اورنگزيب تلوار جي نوڪ سان رومال هٽائي دارا جو سر ڏٺو ۽ چيو هي منهنجو قاتل آهي ڇو ته هي زنده آهي ۽ مان مري چڪو آهيان.

بلڪل نذير عباسي اڄ بہ زندھ آهي. پر هو ڊڪٽيٽر ضياءَ مري تاريخ جي گٽر واري حصي ۾ گر ٿي چڪو آهي. نذير عباسي پنهنجي پيٽنا ڏيڍ ساڻ جيڪي جدوجهد، اتساھ ۽ عزم جا گونج ڦڻائي ويو سي اڄ ڪڪور جي گل بڻجي رهيا آهن نذير سر ڏيئي بہ وڃايو ناهي، تڏهن ئي تہ اياز بہ سندس بابت چوي ٿو.

ڇا تنهنجي پيٽ اجائي آ؟
تو جيڪا چٽنگ لڳائي آ،
ڪو مڄ انهيءَ مان مچڻو آ.

سو ڏينهن اڳي پوءِ اچڻو آ.
جو جر جون اپ اڏارو ٿي،
۽ لونءَ لونءَ جون للڪارون ٿي، انباءَ مٽان ايري ايندو،
۽ ان ڪان آجو ٿي ويندو،
پي مانهوءَ ڪهڙي ڪيپ ڪٽي،
تو واڍيون ڪرمٽن ساڻ وٽي،
تن ۾ ڪا چڪ چپائي آهه،
هي تنهنجي پيٽ سجائي آهه.

نذير جي پيٽنا سجائي ضرور وئي، پر نذير جي ان پيٽنا جو مقصد ٻين انساني حقن سان گڏوگڏ جمهوريت جي بحالي بہ هيو. جيئن مٿي ذڪر ڪيو آهي پر اڄ اها جمهوريت اسان کي ڪسي ڪوري محدود شڪل ۾ ڏني وئي آهي. ان کي سهٽيءَ وانگر پاڳا پاڳا ڪيو ويو آهي، محدود جمهوريت خلاف بہ غير جمهوري قوتون ڏند ڪرٽي رهيون آهن. نذير جي جنم پومي(سنڌ) کي دهشتگردن، نسل پرست، غير جمهوري ۽ غير سياسي قوتن ڇٽني پاسن کان وڪوڙي ورتو آهي. سنڌ جو جمهوري ترقي پسند ۽ مظلوم قومن ۽ طبقن کي ڳنڍڻ وارو ڪردار انهن قوتن کي پانءِ نہ ٿو پوي. هينئر تہ ايستائين جو سنڌ کي ورهائڻ واري سازش پويان بہ لڳل آهن. اڄ جڏهن اهي سڀ للڪارون پنهنجي پرپور سگهہ سان موجود آهن تہ اتي سمورين جمهوريت پسند، ترقي پسند، سامراج دشمن، محب وطن ۽ خاص طور تي ڪاپي ڌر جي قوتن کي هر پاسي ڏانهن ڦهلجڻو آهي. عوام جي وسيع حصن کي منظم ڪرڻو آهي. انتها پسند، نسل پرست، دهشتگرد، غير جمهوري ۽ غير سياسي قوتون جيڪي سنڌن پيٽ ۾ افرادي، عملي ۽ وسيلن جي طور تي وڏيڪ سگهاريون ۽ منظم آهن. انهن جي سگهہ کي ٽوڙڻو آهي. عوام کي انهن سمورين سازشن خلاف منظم ڪرڻو آهي. باقي نذير عباسي تہ پنهنجو پاڻ ملهائي ۽ مڃائي چڪو آهي. (جيئن اياز وڏي واڪ چئي ويو).

مان پنهنجو وقت گذاري چڪو آهيان،
منهنجا نوجوان دوستو!
هاڻي مون تي ڪائي ميار ناهي،
هاڻي چانڊوڪين ۾ چميون اوهان لاءِ آهن،
ماڪ ۾ پنل منهن اوهان لاءِ آهن
باک ڦٽيءَ جا ننداکڙا پاکر اوهان لاءِ آهن
مان پنهنجو وقت گذاري چڪو آهيان
ڪنڌيءَ تي سڙهہ سنپايا بيٺا آهن
هي جي جر، ڏيٺا موهيندڙيون هيون،

مون انهن کان موڪلائي ڇڏيو آهي
ڪنيار جا هٿ،
يا قاصد جا پير،
سڀ توهان لاءِ آهن منهنجا دوستو!
۽ اوهان لاءِ آهن پگهر جا ڦڙا جي پيڙا
۾ نرڙ تي اچي ويندا آهن،
۽ گوليون
جي ظالم خود شناس مظلومن کي هڻندا آهن،
اوهان لاءِ آهن قبرن تي ڪتبا،
زندان زنجيرون،
ڪال ڪوٺڙيون ڦاسيءَ جا ڦندا،
سڀ ڪجهہ اوهان لاءِ آهي،
مان پنهنجو وقت گذاري چڪو آهيان.

نذير جي جوٿيل جنگ ختم نہ ٿي آهي

پروفيسر لياقت عزيز 9/8/93

آگسٽ جي مهيني جي منهنجي آڏو وڏي اهميت آهي انهي لحاظ کان نہ تہ 11 آگسٽ 1947ع تي سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ۾ جنهن پاڪستان جي پهرين دستور ساز اسيمبلي جو پهريون اجلاس ٿيو هيو. جنهن جي صدارت مشرقي بنگال سان لاڳاپيل هڪ هندو ميمبر "جوگندرناٿ منڊل" ڪئي هئي، جنهن ۾ پاڪستان جي باني مسٽر جناح تقرير ڪندي چيو تہ اڄ کان پوءِ توهان نہ هندو آهيو نہ ئي مسلمان، توهان مذهب، عقيدي، جي لحاظ کان آزاد آهيو، توهان کي اهو حق حاصل آهي تہ پلي مسجد ۾ عبادت ڪرڻ وڃو يا مندر ۾ يا گرجاگهر ۾، توهان صرف انسان آهيو يا توهان صُرف پاڪستاني آهيو؟ اڄ کان پوءِ مذهب جي لحاظ کان ڪنهنْ بہ قسم جي مت ڀيد نہ ڪئي ويندي. پر قائداعظم اڪيڊمي جو "ڊائريڪٽر شرف المجاهد" اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي تہ اها تقرير ڪا مسٽر جناح ڪئي هئي. شايد اها تقرير هندستان جي پهرين وزيراعظم پنڊت نهرو ڪئي هئي!؟

آگسٽ جو مهينو هن لحاظ کان بہ اهم آهي تہ 17 آگسٽ 1988ع تي بهاولپور جي ويجهو آمر ضياءُ الحق(جنهن جا اهم ساٿي اڄ ضياءُ الحق هٿان ٺينڊڙ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي پارٽي جا اهم ٿنڀا بڻيل آهن.) فضا ۾ سڙي رک ٿي ويو. جنهن جو ڪو هڏو بہ نہ بچيو پر اسلام آباد ۾ اڄ بہ سندس مزار موجود آهي. جيتوڻيڪ "جبڙا پير" جي نالي سان مشهور آهي اهو آگسٽ جي مهيني ۾ آيو هو. مان ان وقت ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد ۾ رهندو هئس. ٽنڊوولي محمد ۾ جيئن تہ "مومن" گهڻا رهن ٿا، اهي "شهيد ڀٽو" جا شيدائي پڻ آهن. اتي رهندڙ پ پ جي هڪ خاتون اڳواڻ سيمينار توڙي جلسن ۾ تقرير ڪرڻ وقت "جيئي ڀٽو" سان گڏوگڏ يا علي مدد ضرور چوندي آهي. ان ڏينهن رستي تان غمگين شرنائين جي سرن ۾ ذوالجناح جو جلوس گذري رهيو هو. مومن ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ ماتم ڪري رهيا هئا. سڄو ماحول سوڳوار هئو. اوچتو ماتمي جلوس ۾ شريڪ "مومنن" جا زبانن تي "مبارڪ مبارڪ" جا نعرا گونججي اٿيا. ماڻهو روئڻ پٽڻ ڇڏي هڪ ٻئي کي خوشي وچان ڀاڪر پائڻ لڳا. ڪين اها خوشي يارنهن سالن کان پوءِ نصيب ٿي هئي. اڄ هڪ سفاڪ قاتل پنهنجي منطقي انجام تي پهتو هئو. جنهن جي ڏوهن جي فهرست ايتري تہ ڊگهي آهي جو ان کي ڳڻائيندي سال لڳي وڃن.

هن آمر جي دامن تي نہ ڇاڻ ڪيترن بي گناهن جي ريتي رت جا داغ آهن. جيڪي قيامت تائين ڌوپجي نہ سگھندا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کان وٺي سوين سرويچ ڦاس تي ٽنگيا ويا. هزارين جسمن کي ڪوڙن سان داڳيو ويو. جمهوريت ۽ انساني حقن ۾ ويساهہ رکندڙ هزارين انسانن کي سالن تائين زندان ۾ بند رکيو ويو.هن وحشياڻي دور ۾ جيڪي انسان شهيد ٿيا انهن جي هڪ ڊگهي قطار آهي. ڪجھہ شهيدن جا صرف نالا اچن ٿا. ڪن جا چهرا ياد اچن ٿا. هڪ چهرو اهڙو آهي، جنهن کي چوڏهن سالن جي گذرڻ جي باوجود وساري نہ ٿو سگهان. 9 آگسٽ 1980ع جي اها منحوس رات جڏهن مون بي بي سي تان اردو نشريات جون خبرون ٻڌيون، منهنجو ذهن مائوف ٿي ويو. اکين اڳيان اوندهہ ڇائنجي وئي. سڄي رات لڇندي گذريم. دل ۽ دماغ اها ڳالهہ هر گز مڃڻ لاءِ تيار نہ هئو. صبح جو "روزاني جنگ" جي "بيڪ پيج" تي خبر پڙهيم. هانءُ ڇڄي پيو. لڙڪ لاڙون ڪري لڙڻ لڳا. ڪجھہ دير کان پوءِ شير محمد مگريو آيو. جنهن انهي ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ "فوجي دردن ڪامريڊ نذير عباسي کي تشدد ڪري شهيد ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس فوجي پهري هيٺ سخي حسن مقام ناظم آباد ڪراچي ۾ دفنائي ڇڏيو آهي" ائين ڇئي هو مون کي ڀاڪر پائي اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳو. مون پنهنجي دل مضبوط ڪندي هن کي آٿت ڏني تہ "شهيدن لاءِ روئبو ناهي" اسان جو رستو شهادت جو رستو آهي، اهو رستو اوهان پاڻ پنهنجي مرضي سان پنهنجي خوشي سان چونڊيو آهي، انقلاب ۽ آزادي جي راهہ ۾ گل ۽ ٻوٽا نہ هوندا آهن پر پٿر ۽ ڀهڻ هوندا آهن. ڦاهيون ۽ ڦنڪا هوندا آهن. اسان کي ثابت قدمي سان شهيد نذير عباسي جي ڇڏيل مشعل پنهنجي مضبوط هٿن سان جهلي اڳتي هلڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ اجا منزل پري آهي، جيڪي دوست چون ٿا تہ انقلاب اسان جي سرحدن تي پهچي چڪو آهي، سي ڇرين وارا خواب ڏسن ٿا. انقلاب برآمد نہ ڪبا آهن، پر ڌرتي جي ڪک چيري ڦٽندا آهن. شهيد نذير عباسي جنهن نظرئي ۽ مقصد لاءِ جان ڏني ڇا سوويت يونين جي خاتمي کان پوءِ اهو نظريو ختم ٿي چڪو آهي؟ دنيا مان بک، بيماري، مفلسي، تنگ دستي ختم ٿي چڪي آهي؟ پاڪستان ۾ غريبن جو حقيقي راڄ قائم ٿي چڪو آهي؟. محنت ڪش کي پنهنجو حق ملي چڪو آهي! اسيمبلين منجھہ جاگيردارن، سرمائيدارن وڏيرن ۽ پوتارن بدران غريبن جا ٻار اهليت ۽ صلاحيتن جي بنياد تي پهچي چڪا آهن؟.

دنيا کي سياست جي علم جي ڄاڻ ڏيندڙ افلاطون پنهنجي ڪتاب"جمهوريت "Republic" ۾ رياست کي قائم ڪرڻ جو مقصد هي بيان ڪيو آهي تہ "حقيقي رياست "State" اها آهي، جيڪا پنهنجي شهرين سان انصاف ڪري، افلاطون جي ويجھو انصاف جي معني تہ"رياست پنهنجي هر شهري کي صلاحيت ۽ اهليت مطابق ڪم ڏئي ۽ ان جي ضرورتن جو پورائو ڪري؟ جيڪڏهن رياست اهو فرض سرانجام نٿي ڏئي سگهي تہ ان کي زندهہ رهڻ جو حق حاصل ناهي. اڄ جيڪي

دوست"سوشلزم" يا سماجي مساوات کي ڪينسر Cencer سمجهي پري پچن ٿا ۽ انهن جي آڏو"روٽي، ڪپڙا اور مڪان" وارو نعرو فرسوده بڻجي چڪو آهي. اهي شايد پليل آهن تہ تاريخ جو فيصلو اٽل هوندو آهي. سوويت يونين جي "انتظامي نااهليت Adminstrative inefficiency جي ڪري وقتي طور تي مظلومن جي جنگ کي ڌچڪو پهتو آهي پر اها جنگ ختم نہ ٿي آهي، جتي بہ ظلم ۽ ناحق آهي، بک، بيروزگاري آهي، معاشي اڻ برابري، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ آهي، قومي ۽ انساني حقن جي لتاڙ آهي. اها جنگ جاري رهندي. جيڪڏهن کي ڪامريڊ تڪجي پيا آهن تہ انهن جي جاءِ ڪو بيو ولاريندو. شهيد نذير عباسي جي ريتي رت سان رگيل ڳاڙهو جهنڊو ڪو بيو هٿ ۾ کڻي اڳتي وڌندو. ڪٿي اهو ڪو وڏو سياسي نانءُ نہ هجي، ڪو گمنام ڪارڪن ئي هجي.

شهيد نذير عباسي هڪ تحريڪ

پاويل جوڻيجو

غربت، بک ۽ بيروزگاري، بيماري ۽ غير اخلاقي رجحانن جو ڦهلجڻ ۽ جهالت جو معاشري ۾ ذهني عذاب جي حد تائين وڌيل هجڻ. طبقاتي سماج جي انتهائي جابرانه حڪومتي نظام ۽ جاگيردارانه سماج ۾ ملڪ جي پورهيت طبقي، هاري ۽ مزدور جو ائين پيسجڻ جيئن جنڊ ۾ ان پيسبو آهي. هاريءَ جي وڏيري جي آڏو زندگي، زندگي نه پر اوائلي غلامانه دور جي غلامن واري زندگي! هن جو ڳوٺ ۾ رهڻ، سوچڻ، فيصلو ڪرڻ ۽ خواهشون رکڻ سڀ وڏيري جي هٿ ۾ ائين جيئن گهوڙي جو لغام سوار جي هٿ ۾ هوندو آهي! نه رڳو ايترو پر هاريءَ کي سنڌ جي الاهي سارن ڳوٺن ۾ پنهنجي پٽن ۽ نياڻين جي زندگي جو به فيصلو وڏيري جي اجازت کانسواءِ ڪرڻ جو اختيار نه آهي! مزدور ملن ۾ صرف ماني ڳيپي لاءِ پنهنجي سموري ذهني ۽ جسماني قوت سرمائيدار کي وڪڻڻ تي مجبور ۽ سندس روزانو جي زندگي بدبودار گهٽين ۽ سوڙهين ڪوٺين ۾ رهڻ تي مجبور ۽ انهن جي محلي ۽ ڪالونيءَ ۾ نه ڪي تفريحي هنڌ، نه ئي راند روند جو ميدان، نه ئي تعليم ۽ طبعي سهولتون. بس بک ۽ بيماري انهن جي زندگيءَ جو ڪان مرڻ تائين. قومن جي زندهه ٻولين، ثقافت ۽ تهذيب تمدن کي ڌارين امپورٽ ڪيل ثقافت، تهذيب ۽ ٻولين انگريزي ۽ اردو جنهن جي هن ڌرتي سان ڪو به لڳ لاڳاپو نه. ان کي پاڪستاني ثقافت ۽ تهذيب جو نالو ڏئي ۽ انگريزي اردو ٻوليءَ کي پاڪستان جي سرڪاري ٻولين جو آئيني حق ڏيئي ڌرتي سان لاڳاپيل ثقافت ۽ تهذيب ۽ ٻولين کي ختم ڪرڻ. انساني سوچن ۽ آزاد خيالن تي پابندي سياسي پارٽين تي پابندي، شاگردن، مزدورن ۽ هارين جي يونين سازيءَ تي پابندي، انساني حقن جي پائمالي، هر طرف ٻوسٽ ۽ گهٽ وارو ماحول. ملڪ ۾ فوجي جنرل جي آمريت ان ئي دور ۾ هڪ ڳڀرو جوان چربر ۾، مٿين سموري ماحول ۾ هر حيثيت ۾ جدوجهد ڪندو رهيو ۽ جنهن آمر قوتن جي هٿان قيد تي پنهنجي آدرشن ۽ فڪر تان جان گهوري شهادت ماڻي.

نذير عباسيءَ کي اسان کان جسماني طور تي جدا ٿئي تقريبن 12 سال گذري چڪا آهن. نذير عباسيءَ جي جيتري نه چا پر شهادت کانپوءِ به هن جا همدرد، دوست، ساٿي نه نهيو پر نظرياتي مخالف بہ اڄ شهيد نذير عباسي جي لازوال جدوجهد، محنت، بهادري ۽ قرباني کي تسليم ڪن ٿا. ۽ ان جي مخالفت نه پر حمايت ڪن ٿا. نذير عباسي جيڪو اڳ هڪ شخص هو، ۽ ظلم سان مهاڏو اٽڪائي شهيد ٿي وڃڻ کانپوءِ هڪ جدوجهد ۽ تحريڪ جو روپ ٿي ويو ۽ نذير عباسي هوڻ

شاگرد تنظيم جو اڳواڻ هيو. پر پوءِ نذير عباسي مزدور ۽ هاري طبقي جو بہ اڳواڻ بڻجي ويو ۽ پوءِ ملڪ جي چئني قومن جي روشن خيال، جمهوريت پسند، سيڪيولر ذهن رکندڙ ترقي پسند شاگرد، جيڪي اڳ فڪر ۽ سوچ هڪ رکندي بہ الڳ نالن ۾ پنهنجن پنهنجن قومن ۾ ڪم ڪري رهيون هيون. انهن کي نذير عباسي پهرين هڪ شاگرد اتحاد ۾ گڏ ڪيو ۽ پوءِ اها نذير جي شهادت ڪانپوءِ 1982ع ۾ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي نالي نذير عباسي کي پنهنجو باني قرار ڏيندي جوڙي وئي ۽ پوءِ انهي تنظيم پنهنجو پهريون نعرو ئي اهو هنيو تہ "شهيد نذير عباسي جو رستو، اسان جو رستو". ائين نذير عباسي هڪ تحريڪ بڻجي ويو!. نذير عباسي شهيد کان اڄ هر باشعور فرد چڱيءَ ريت واقف آهي ۽ اهو بہ هن وقت چاٽي ۽ سمجهي ٿو تہ نذير عباسي جو فڪر ڇا هو. هن ڪيئن ۽ ڪٿان کان جدوجهد ڪئي ۽ ڪيئن شهادت ماڻي. هن جدوجهد دوران ڪهڙي پيڙائن، تڪليفون ۽ ڏک ڏٺا، بکون ڪاٽيون. ڪٿي بہ ڇائو، ڪهڙي بہ گهراٽي ۾ ڇائو، هن جي گهراٽي جي سماجي ۽ معاشي حيثيت ڪهڙي بہ هئي، پر هينئر اسان 9 آگسٽ تي شهيد نذير عباسي جي شهادت جي ڏينهن تي ڪيس سندس بهادري ۽ شجاعت جي حوالي سان ياد ڪريون ٿا. هن دور ۾ پوري دنيا نظرياتي بحرانن ۽ ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار آهي. ڪئي رياستون پرزا پرزا ٿي رهيون آهن. ڪن ۾ ٽوڙ ڦوڙ وارا رجحان ڦهلجي رهيا آهن ۽ ان سان گڏوگڏ هر طرف نظرياتي مايوسي سياسي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن ۽ اديبن کي بہ پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي سياسي قلابازيون کارائي رهي آهي ۽ وڏي ۾ وڏا دانشور، ڏاها ۽ سياسي اڳواڻ نظرياتي بحران جو شڪار ٿي سياست کان ڪنارا ڪش ٿي ويا آهن، يا ڪن وري پنهنجا قبلا مٽائي ڇڏيا آهن ۽ مايوسي جي عالم ۾ پنهنجي اڳ واري پوري سياسي جدوجهد ۽ فڪري واٽ کي هڪ پاڳل پڻي ۽ ڇريائپ وارو دور قرار ڏئي رهيا آهن، ۽ نذير عباسي جي پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي بہ ڪان ڇئن ٽڪرن ۾ ورهائجي چڪي آهي ۽ سندس فڪري ڪوشش سان جڙندڙ ڊي ايس ايف بہ ٻن کان ٽن ٽڪرن ۾ ورهائجي چڪي آهي ۽ اڃا بہ باقي بچيل تنظيم نظرياتي اختلافن جي ور چڙهيل آهي. ان جي ڪري جيڪو ڪجهہ سال اڳي نذير جي شهادت جي ڏينهن سموري سنڌ ۾ نذير جي ورسي ملهائي ويندي هئي سان هاڻي نٿي ملهائجي. پر ڇوڻ وارا چون پيا تہ نذير عباسي پنهنجي قرباني ڏيئي جن ماڻهن جي زندگي بچائي هئي سي بہ نذير عباسي کي هن وقت دل سان ياد ڪو نہ ٿا ڪن. ان ئي دور واري ماحول ۽ ذهني ڪيفيت ۾ نذير عباسي جي زندگي تي عام روايتي انداز ۾ لکڻ بدران هن وقت ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان ڏسون تہ ڇا نذير عباسي واري فڪري جدوجهد جو رستو بند ٿي ويو آهي، يا هن وقت ان نظرئي دم ٽوڙي ڇڏيو آهي، يا وري موجوده سياسي، سماجي صورتحال ان فڪر تي جدوجهد ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي؟ ان لاءِ اسان کي پرکڻو ۽ ڏسڻو پوندو ۽ موجوده سياسي، سماجي ماحول کي پرکي تجزيو ڪرڻو پوندو تہ ڇا اڄ نذير عباسي جي فڪري واٽ واري جدوجهد جي

ضرورت آهي يا نہ؟ ان کان اڳ ۾ اهو ڏسڻو تہ نذير عباسي ڇا هو؟

نذير روشن خيال، جمهوريت پسند، سيڪيولر ذهن رکندڙ قومي آزادي سان گڏ طبقاتي آزادي لاءِ وڙهندڙ سچو مارڪس وادي هو. هر قسم جي جبر، ڏاڍ ڇاهي پوءِ اهو فردي هجي يا سياسي، قومي هجي يا طبقاتي ان جي خلاف هو ۽ هر قسم جي ڪٽرپڻي، شائونسٽ سوچ پوءِ اها مذهبي روپ ۾ هجي يا قوم پرستي جي لبادي ۾ ڍڪيل هجي يا نسل پرستي يا فرقيواريت واري هجي، ان جي سخت خلاف هو ۽ انهن رجحانن جي خلاف عملي ويڙهہ بہ ڪيائين. نذير پاڪستان کي ڪڏهن بہ پاڪستان قوم جي نالي وارو ملڪ پاڪستان تسليم نہ ڪيو، پر پاڪستان کي پاڪستان ۾ موجوده چئن قومن، پنجابي، پختون، بلوچ ۽ سنڌين جو گڏيل وفاقي ملڪ سمجهيو ۽ چئن قومن جو رضاڪارانہ وفاق وارو پاڪستان بنائڻ لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو ۽ ان سان گڏ هن جي اها بہ فڪري سوچ هئي تہ جيڪڏهن ڪنهن بہ قوم کي پنهنجا قومي سياسي ۽ معاشي حق نہ ٿا ملن تہ ان کي پاڪستان کان الڳ ٿيڻ جو قانوني ۽ آئيني حق آهي ۽ هيءَ بہ سوچ هيس تہ جيڪڏهن موجوده پاڪستان ۾ ڪا بہ قوم بين قومن جي مظلوم طبقي ۽ روشن خيال ماڻهن سان گڏيل جدوجهد ڪرڻ ۾ رنڊڪ محسوس ڪري ٿي ۽ اها قوم پنهنجي سياسي انقلابي قوت ايتري طاقتور جوڙي آهي تہ جيڪڏهن اڪيلي سر آمريت پسند قوتن سان ويڙهہ ڪري پنهنجا حق وٺي سگهي ٿي تہ اهو ان قوم جو بنيادي سياسي حق آهي. ان جي ڪامريڊ ڀرپور حمايت ڪن. پوءِ ان جو واسطو ڪنهن بہ ڌرتيءَ سان هجي ۽ ڪهڙي بہ قوم سان واسطو ڇو نہ رکندو هجي. هن حڪمرانن طرفان نافذ ٿيل اردو ۽ انگريزي زبان کي پاڪستان جي سرڪاري زبان قرار ڏيڻ جي سخت مخالفت ڪئي ۽ سندس فڪر هيو تہ اردو ۽ انگريزي زبان پاڪستان جي رابطي جي زبان بڻائي سگهجي ٿي پر قومي نہ پاڪستان جون قومي زبانون ۽ سرڪاري زبانون پاڪستان جي چئني قومن جي بولي پنجابي، سنڌي، بلوچي ۽ پشتون کي قومي زبان کي قومي زبان ۽ سرڪاري زبان ٺهرايو ۽ انهن زبانن کي ملڪ جي سرڪاري زبان مڃائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. نذير عباسي پاڪستان جي اندر قومي جبر ۽ طبقاتي جبر جو خاتمو مارڪسي ۽ ليننی فڪر ۾ ڏٺو ۽ ان فڪر کي عوام ۾ عام ڪرڻ لاءِ ڀرپور جاکوڙ ڪئي. هن ليننی ۽ مارڪسي فڪر تي ٻڌل حڪومتي ۽ سماجي نظام سوشلزم تائين پهچڻ لاءِ ترقي جو غير سرمائيدارانہ رستو اختيار ڪرڻ، ملڪ مان فرسوده جاگيرداري نظام جو خاتمو آڻڻ ۽ پاڪستان کي آمريڪي سامراج جي فوجي ۽ سياسي مداخلت کان آجو ڪرائڻ لاءِ ڀرپور سامراج دشمن تحريڪ ۽ مهم هلائي سوشلزم ۽ ڪميونزم ۾ سندس ايمان جي حد تائين يقين هو. ان ڪري ئي هن ان نظرئي جي آڻڻ واري مزدور طبقي کي جدوجهد جو هر اول دستو ڪري مڃيو ۽ هارين شاگردن ۽ سماج جي بين هن کي ان جو ساٿاري بنايو. ان ڪري ئي هن شروعاتي طور تي مزدور، هاري ۽ شاگرد رابطہ ڪاميٽي جوڙائڻ ۾ هڪ اهم رول ادا ڪيو. نذير عباسي آخري دم تائين

سوشلزم ۽ ڪميونزم واري سوچ تان نہ هٽيو ۽ رياستي ادارن سان ڪنهن بہ قسم جي مصلحت ۽ مفاهمت نہ ڪيائين. ان ڪري ئي ڪيس شهيد ڪيو ويو. جي ڪنهن بہ قسم جي مفاهمت يا مصلحت ڪري ها تہ اڄ جيئرو هجي ها! مان تہ اهو سمجهان ٿو تہ نذير عباسي جي قرباني، جام ساقي، امداد چانڊيو، محمد خان سولنگي، امر لعل ۽ شير محمد مگريو جي زندگي جي ضمانت بڻجي وئي ۽ ان سان گڏ ڪميونسٽ تحريڪ جي عوام ۾ ڦهلاءَ جو ڪارڻ بہ نذير عباسي ڪميونسٽ تحريڪ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ملڪ جي اندر پهرين ۽ شروعاتي دور ۾ هيٺين نقطن کي پنهنجي جدوجهد جو مرڪز بڻايو.

1- اڄ هر سطح تائين تعليم عام ۽ مفت ۽ مئٽرڪ تائين لازمي تعليم.

2- تعليم کان پوءِ روزگار جي رياست کان آئيني ضمانت. جو جيستائين ڪنهن مجبوري سبب تعليم کان فارغ نوجوانن کي روزگار نہ ڏئي سگهي تيستائين انهن لاءِ بيروزگاري الائونس.

3- جاگيرداري نظام جي خاتمي لاءِ زمينن کي هارين ۾ ورهائڻ.

4- ملڪ ۾ سامراجي مداخلت جي مخالفت، ملڪ لاءِ آزاد خارجہ پاليسي.

5- بک، بيماري ۽ غربت جو خاتمو. طبقاتي سماج جو خاتمو ۽ ان جي جاءِ تي غير طبقاتي (برابري وارو) (سوشلسٽ) نظام ناهڻ.

6- رياست تي چند اڳرين تي ڳڻڻ جيترن جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جو قبضي جو خاتمو ۽ ان تي حڪمراني ۽ انهن جي مفادن جي بچاءَ ڪرڻ وارو قانونن جي سخت مخالفت رياست تي پورهيت طبقي جي حڪمراني جي حق تي زور.

7- ملڪ کي سيڪيولر جمهوريت ۽ ترقي يافتہ ملڪ بنائڻ لاءِ مارڪسي ۽ ليننني نظرئي جو رستو اولين آهي.

اهو هو شهيد نذير عباسي جو فڪر ۽ سوچون. هاڻي جڏهن اسان موجوده ملڪ جي سياسي سماجي ۽ معاشي حالت کي پرکيون تہ ڇا موجوده دور ۾ نذير عباسي جي فڪري جدوجهد جي ضورت آهي، يا نہ؟ اسان موجوده صورتحال تي سرسري نگاهہ وجهون ٿا تہ اسان کي ان دور کان بہ وڌيڪ هتي قومي ۽ طبقاتي جبر نظر اچي ٿو. قومن جي ٻولين ۽ ثقافت ۽ تهذيب کي خطرناڪ نموني ختم ڪرڻ لاءِ قانون جوڙي انهن کي مٽايو پيو وڃي. امير ۽ غريب جي وچ ۾ ذهني عذاب جي حد تائين ويڇو وڌندي ٿي وڃي. امير ماڻهو رزوانو وڌيڪ امير ٿيندو پيو وڃي ۽ غريب ماڻهو روزانو وڌيڪ غريب ٿيندو پيو وڃي. بک، بيروزگاري، بيماري عوام ۾ وبا وانگر ڦهلجي رهي آهي. جهالت جي خاتمي لاءِ تعليم عام هجڻ بجاءِ تعليم کي تباهي جي ڪناري تي پهچائڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ ڪاپي ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر پيدا ڪيو ويو آهي. شاگردن کي يونين سازي جو حق ڏيڻ بدران هن وقت قانون جوڙي عدالت ذريعي اهو حق شاگردن کان کسيو ويو آهي. رياستي ادارا سياسي تنظيمن کي وڌيڪ جبر ۽ ڏاڍ سان ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهن. انساني حقن جي پائمالي،

معاشري ۾ بدامني، بداخلاقي جي رجحانن جا تہ بين الاقوامي رڪارڊ بہ ٽٽي ويا آهن پر هن وقت عوام کان ووٽ جو حق بہ جبري طور تي کسيو ويو آهي. رياستي ادارن پنهنجي پسند جي اميدوارن کي چونڊرائڻ لاءِ رياستي دٻاءُ وجهي پنهنجي هٿ ۾ اهو اختيار ورتو آهي. مطلب تہ عوام اڄ بہ ڪو بہ اختيار نٿو رکي تہ هو ڪهڙو ملڪ ۾ نظام چاهي ٿو ڪنهن کي رياست جو حڪمران بڻائڻ چاهي ٿو. هو اڄ بہ غلام آهي ۽ ان سان گڏ اڄ بہ موجوده سماج ۾ اغوا، ڌاڙا ۽ قرون معاشري جو اهم جز بڻجي ويون آهن. جن عوام جي زندگي زهر بڻائي ڇڏي آهي. نسل پرستي، فرقيوارانہ سوچ هزارين ماڻهن جي زندگي ورتي آهي ۽ ملڪ ۾ جمهوريت ۽ قانون جو ڪالو نشان بہ نہ آهي.هر طرف قانون شڪني آهي. روڊن تي، عدالتن ۾ ٿاڻن تي مختلف سرڪاري ادارن ۾ رياستي قانون جو تہ نالو نشان ئي ڪو نہ آهي. رڳو فردن جو پنهنجو مفادن وارو قانون پيو هلي. رشوت، بي ايماني، ڪرپشن پنهنجي عروج تي آهي. وڏيرڪو جبر هارين تي اڄ بہ قائم آهي. مزدور سرمائيدار کي پنهنجي ذهني ۽ جسماني قوت معمولي رقم جيڪا هنن کي هڪ ويلو پيٽ ڀري ماني بہ نٿي ڏئي سگهجي، ان جي عيوض وڪڻڻ لاءِ تيار آهي. سامراجي مداخلت ملڪ ۾ اڄ تمام وڌي وئي آهي. آمريڪي سامراج ملڪ کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ ڪرڻ ۽ معاشي ڦرلٽ ڪرڻ لاءِ "نيو ورلڊ آرڊر" جوڙي ڇڪو آهي. قومن جا حق اڄ بہ غضب آهن. ملڪ جو وفاقي نظام ملڪ جي ٻين ٽن قومن سنڌي، بلوچ ۽ پشتونن سان پنجابين جي پيٽ ۾ ناروا سلوڪ روا رکيو پيو وڃي. ان صورتحال تي جڏهن اسان سوچون ٿا تہ محسوس ٿو ٿئي تہ اسان جي ملڪ کي اڄ بہ ايتري ئي شهيد نذير عباسي جي سوچ ۽ فڪري جدوجهد جي ضرورت آهي، جيتري اڳ هئي ۽ موجوده صورتحال جو حل ۽ ملڪ جي ترقي اڄ بہ شهيد نذير عباسي جي فڪر سوشلزم ۽ ڪميونزم کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ نظرئي ۾ نہ آهي. ڀل هتي ڪهڙو بہ حڪومتي نظام قائم ڪريو يا سرمائيدارانہ نظام يا اسلامي نظام، پر هتان سماجي اڻبرابري، هاري ۽ وڏيري جو تضاد ۽ وڏيري جو هاري کي ڦرڻ ۽ لٽڻ، سرمائيدار ۽ مزدور جو سماجي تضاد ۽ سرمائيدار جو مزدور جي محنت جي ڦرلٽ، قومي ۽ طبقاتي جبر، بک، بيروزگاري غربت ۽ بيماري ختم نہ ٿي سگهي. سواءِ سوشلزم ۽ ڪميونزم واري امن، انصاف، آزادي هر قسم جي ڏاڍ کان پاڪ حڪومتي نظام گهرجي تہ پوءِ نذير عباسي جي رستي کي پنهنجو رستو بڻايو ۽ ان جي ڇڏيل اڌوري انقلابي واٽ کي اڳتي وڌايو ۽ ان جي پارٽي کي سچي سچاڻ دانشور هاري، شاگرد، مزدور گڏجي مضبوط ۽ مستحڪم ڪري تحريڪ ۾ (؟؟) اهو ئي سڀ کان بهترين شهيد نذير عباسي کي ان جي شهادت کي سلام عقيدت پيش ڪرڻ جو بهترين عمل آهي. جو تہ نذير عباسي هڪ نالو نہ پر تحريڪ ۽ جدوجهد جو نالو آهي. ان جو بچاءُ نذير کي پيهر جيارڻ برابر آهي.

ايڊيٽوريل عوامي آواز1 آگسٽ 1994ع

سنڌ جي شهيد جي نياڻي زرقا جي دانهن ورنائي وڃي

وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ!

اوهان چڱي طرح ڄاڻ رکو ٿيون تہ 4 اپريل 1979ع تي اوهان جي پيءُ ذوالفقار علي ڀٽو جي سر سان سوليءَ سينگارڻ کان پوءِ پاڪستان جي ان وقت جي حڪمرانن هر ان ماڻهو کي اذيتون ڏئي مارڻ جو ڏگهو سلسلو شروع ڪيو هو، جيڪو امن، انسانيت، عوام جي ڀلي ۽ جمهوريت لاءِ آواز بلند ڪري رهيو هو. ان ڏس ۾ سڄي ملڪ خاص طور ٿي سنڌ جي گهر گهٽيءَ ۽ درسگاهہ تي جتي سرڪاري بندوق باز ڪاهي اچي بيهاريا ويا هئا، اتي سنڌي ماڻهن جي گهرن تي هوائي حملا ڪري رت جا ريلا وهائڻ سان گڏ سنڌن سياسي توڙي انقلابي اڳواڻن کي بہ قيد ڪيو ويو هو. اهڙن انقلابين ۾ ٽنڊوالهيار وارو ڪابي ڏر جو اڳواڻ شهيد نذير عباسي بہ هڪ هو. جنهن کي ضياءُ شاهيءَ جي ان ڪاري راڄ دوران پنهنجن ڪيترن ئي ساٿين سان گرفتار ڪري اوهان جي پيءُ وانگر جهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. هن بہ اوهان جي پيءُ وانگر ٽارچر سيلن ۽ سرڪاري قيد خانن ۾ اذيتون سٺيون، پر سندن آڏو جهڪيو ڪين. ان جا بہ اوهان جي پيءُ وانگي ارادا اٽل هئا. ڪيس ننڍي ڪان ئي وڏي سودي بازي يا جهڪڻ جي ڪا سٽي پيل ئي ڪو نہ هئي. سندس مقصد عوام جي ڀلائي ۽ سماج مان طبقن ۽ نابرابريءَ کي ختم ڪرڻ هو. هن بہ ملڪ ۾ انهي سوشلزم قائم ڪرڻ لاءِ جنگ شروع ڪئي هئي، جنهن جي ڳالهہ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ اوهان جي پيءُ جي حڪومت جو تختو 5 جولاءِ 1977ع تي اونڌو ڪري کيس 4 اپريل 1979ع تي ڦاسي ڏني وئي هئي.

اوهان بہ ڄاڻو ٿيون تہ ڀٽو صاحب جي ڦاسي کانپوءِ ايشيا جي مها ڏڪٽيٽر جنرل ضياءُ الحق هن ملڪ ۾ ڪهڙيون ڦهري حالتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون؟ اهڙين حالتن بابت ارسطو ائين چيو هو تہ"جڏهن ڪنهن ملڪ ۾ ڪارو راڄ قائم ٿي وڃي تہ اتان جي داناءُ ۽ عقلمند ماڻهن کي گهرجي تہ هو سڀني ڳالهين کي ڇڏي پنهنجي گهر ۾ ويهي لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ جنبي وڃن ۽ تيستائين ٻاهر نہ نڪرن جيستائين اهو ڏمر مڪمل طور نٽو لهي". پر شهيد نذير عباسي انهن سڀني ڳالهين کي ڇڏي اهڙين ئي سياسي حالتن ۾ ماٺ ويهڻ بجاءِ عوام جي آجپي جي لاءِ آواز اٿارڻ کي پنهنجو

فرض سمجهيو. هن اتائين ڪٽي اچي ملاقات جي ڪوشش ڪئي، جتان اها آمر قوتن طرفان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسي ڏئي ٽوڙي ڇڏي هئي. اهو ئي سبب هو جو ملڪ مٿان قابض ٽيل حڪمرانن ڪيس به گرفتار ڪري لاڳيتو تشدد بعد 9 آگسٽ 1980ع ۾ توهان جي پيءُ وانگي بي گناهه شهيد ڪري ڇڏيو هو ته جيئن ڪو به سياسي اڳواڻ سندس بادشاهيءَ خلاف اٿي ڪڙو نه ٿئي.

توهان اهو به ڄاڻو ٿيون ته انهن راڪاسن نظير عباسي جهڙي انقلابي ماڻهو جي خون کي به هڪ عام رواجي ماڻهو سمجهي لڏ مٽي ڪري ڇڏيو. هو پائين پيا ته ڪائن هن ملڪ ۾ ڪير به پڇڻ وارو ڪونهي؟ هيءَ پنهنجي مرضي جا مختيار آهن. جنهن کي وٽي تنهن کي قتل ۽ ڦاسي تي لٽڪائي سگهن ٿا. اها ئي سندن سوچ هئي جنهن جي نتيجي ۾ گذريل ڏهاڪو کن سالن کان وني شهيد جي پونئيرن کي ڪنهن به قسم جو ڪو انصاف پلئه پئجي نه سگهيو آهي. ان ڪان اڳ هنن عدالتن جا دروازا پڻ ڪڙڪايا هئا پر اهي جيڪي عدالتون هڪ چونڊيل وزيراعظم کي ڦاسي ڏيڻ تي هريل هيون سي ڪنهن انقلابي سان ڪيئن انصاف ڪري پئي سگهيون.؟ جنهن ڪري جتي سنڌي اڳواڻن جا خون تري نه سگهيا اتي انهن ماڻهن جا به ڏڪ ڏڪيل رهيا جيڪي بيگناهه وقتن تي سياسي اڳواڻن جي گهرن ۾ ڪڙڪي ڪين گرفتار ڪري بعد ۾ بي دردي سان تشدد جو ڪاڄ بڻائي ڇڏيندا هئا.

پر اڄ توهان جي حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ انهن سڀني بي درد ماڻهن جا چهرا وائکا ٿي ويا آهن. جن جا هٿ سنڌ جي انقلابي اڳواڻن جي خون سان رنگيل هئا يا آهن؟ انهن مان هڪڙو ماڻهو آءِ ايس آءِ جو جبري طور هٽايل برگيڊيئر امتياز به آهي. جنهن کي اوهان جي حڪومت ملڪ جي آئين ۽ قانون سان غداري جي الزام ۾ هٽڪڙيون پارايون آهن. سندس سڄي هسٽري کان اوهان ڄاڻو آهيو پر ان سان گڏ هڪ ٻي ڳالهه جيڪا اسان توهان جي آڏو رکڻ چاهيون ٿا سا اها آهي ته هي اهو ئي ماڻهو آهي جنهن آءِ ايس آءِ جي ليفٽيننٽ ڪرنل جي حيثيت سان شهيد نذير عباسي کي گرفتار ڪيو هو ۽ بعد ۾ سندس شهادت جو الزام به مٿس ئي مڙهيو ويو هو. ان جون حقيقتون ان ڪري به سامهون نه اچي سگهيون هيون جو سڄي ملڪ ۾ بندوق جي نالي جي زور تي حڪومت هلائي پئي وئي. هاڻي جڏهن هي ماڻهو هٿيڪو به ٿي ويو آهي ته عين ان وقت شهيد نذير عباسي جو خون به جمهوريت آڏو انصاف لاءِ سوالي بڻيل آهي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته شهيد نذير عباسي جي نياڻيءَ زرقا عرف موتيا به اوهان کي خط لکي نه صرف پنهنجي انهن ڏکن سورن کان آگاهه ڪيو آهي جيڪي ڪنهن نياڻيءَ مٿان بيگناهه پيءُ جي قتل ٿيڻ کان پوءِ ڪڙڪي پوندا آهن. پر توهان آڏو پنهنجي پيءُ جي قتل بابت انصاف جي جهولي پڻ جهلي آهي. ان وچ ۾ ايڏيون ساريون حڪومتون ڇڏي هن توهان جو دروازو ان ڪري ڪڙڪايو آهي جو توهان منجهه ان جون وڏيون اميدون آهن. وڏي ڳالهه ته توهان به ان وانگي هڪ اهڙي پيءُ جي ڌيءُ

آهيو جنهن کي عوام جي ڳالهه ڪرڻ جي ڏوهه ۾ شهيد ڪيو ويو هو. لازمي آهي ته توهان ڪان وڌيڪ سندس درد کي ڪو بيو محسوس نٿو ڪري سگهي. هاڻي اهو اسان هڪ شهيد جي نياڻي مٿان ڇڏيون ٿا ته اها ڪنهن بئي اهڙي ساڳئي شهيد جي نياڻي سان ڪهڙو انصاف ڪري ٿي. جنهن جي پيءُ کي به ساڳئي وات تي هلڻ جي ڏوهه ۾ شهيد ڪيو ويو هو؟ اسان ته ائين چونداسين ته موتيا جي دانهن ورنائي شهيد نذير عباسي جي قتل جي مڪمل جاچ ۽ ان ۾ ملوث ماڻهن کي سزا ڏيارڻ توهان مٿان فرض آهي. ڇاڪاڻ ته نذير عباسي صرف ڪميونسٽ پارٽي جو نه پر سنڌ. هن ديس جي عوام ۽ جمهوريت جو شهيد آهي. هتي اسان توهان کي اڄ اها به وينتي ڪنداسين ته ٿورو وقت ڪڍي، شهيد جي ٻارڙن جي سڌ لهي اچو ته اهي ڪهڙي حالت ۾ آهن؟.

شهيد نذير عباسي جي خون سان انصاف ڪڏهن ٿيندو!

ايڊيٽوريل روزاني عوامي آواز 9 آگسٽ 1994ع

سنڌي عوام جي طبيعت ۽ مزاج ۾ ظلم ڪان نفرت سمايل آهي سنڌي ماٺهو ڏاڍ ۽ جبر جي خلاف هر ڪاري دور ۾ جهيڙيو آهي.مسان جي ملڪ سميت سنڌ جي اها بدقسمتي آهي تہ ملڪ ۾ جمهوريت جو سج تمام ٿورو وقت اڀرندو رهيو آهي، جڏهن تہ ڪاري ڀاڄ اونده وارو دؤر ڪي قدر سرس رهيو آهي. ان سبب ڪري ملڪ اندر نہ جمهوري شعور پختو ٿي سگهيو آهي ۽ نہ ئي سياست جا ڪي قدر، معيار ۽ ماپا جڙي سگهيا آهن. ملڪ تي جڏهن بہ مارشل لا جو ڪارو قانون آيو آهي تہ سنڌ جي باهمت عوام سڀ ڪان وڌيڪ ڀوڳيو آهي. اهڙي ئي هڪڙي ڪاري دور ۾ نوجوان انقلابي اڳواڻ نذير عباسيءَ کي بہ شهيد ڪيو ويو. اهو 9 آگسٽ 1980ع جو ڏينهن هو جڏهن فوجي ايذاڻ گهر ۾ پنهنجي جسم تي لڳل ڇهڪن جا گهاوَ برداشت نہ ڪندي دم ڏنو هو. سرڪاري پڌرائي اها ڪئي وئي تہ سندس موت طبي طرح ٿيو آهي پر سنڌي چواڻي مطابق خون ۽ ڪستوري لڪي ناهن سگهندا. ان ڪري ستت ئي اها ڳالهہ منظر عام تي اچي وئي تہ عوام جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ هن نوجوان انقلابي رهنما جي زندگيءَ جو ڏيئو وقت جي آمرن هٿ سان وسايو آهي.

ملڪ تي هن وقت تائين لاڳو ٿيندڙ سڀني ڪان وڏي مارشل لا جنرل ضياءُ الحق واري ئي هئي ۽ هي بہ ان مارشل لا جو ڪارنامو هو. 1977ع ۾ سياسي حالتن کي سبب بڻائيندي ملڪ جي وسيع تر مفادن ۾ هنيل اُن مارشل لا جو سڀ ڪان وڏو نزلو سنڌ ڌرتي جي سوجن تي ڪريو هو. ملڪ اندر انساني بنيادي حقن کي پائمال ڪيو ويو هو. سڌ سماءُ جي ذريعن تي دباءُ هو. ملڪ ۾ سياسي چرپر تي پابندي هئي. سول حقن لاءِ زبان کولينڊڙن سان ٿهر ڪيا ويندا هئا ۽ ملڪ جي اصل حڪمرانن خلاف ڳالهائيندڙ کي ڏينهن جا تارا ڏيکاريا ويندا هئا. ان زماني ۾ جڏهن جمهوريت جو راڳ ڳائيندڙ خاموش هئا. انساني حقن جا چيمپئين سڏائيندڙن پنهنجن چپن کي سبي ڇڏيو هو. تڏهن ملڪ اندر انساني حقن جي ڀڃڪڙي ۽ سياسي قتل عام خلاف ترقي پسند ۽ روشن خيال سوچ رکندڙ دوست سرگرم هئا. سنڌ جي سدا حيات پٽ نذير عباسي پڻ، جن حالتن ۾ اک کولي هئي ان ۾ سندس ٽڪراءُ وقت جي ظالمن ۽ جابرن سان لازمي ٿيڻو هو. هن ننڍي هوندي کان ئي غلاميءَ، ڏاڍ جبر ۽ هڪ انسان هٿان ٻئي انسان تي ٿيندڙ ظلم خلاف جهاد ڪيو. سندس ذهني پوڄنا، هن کي روشن خيال ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ دوستن ڏانهن ڇڪي آئي. پنهنجي ننڍڙي ئي عمر ۾ عوام ۽ انسانن سان ٿيندڙ غير انساني ظلمن خلاف نفرت جا خيال

پچائيندڙ هن پانڌيڙي، هاڻ اهو سمجهي ورتو هو ته ان جو علاج هڪ اهڙي تبديليءَ ۾ آهي جنهن ۾ سماج جي شڪل مڪمل طرح بدلائڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو نه آهي. اها ڳالهه ذهن ۾ ويهارڻ سان ئي هن دنيا اندر ٿيندڙ سياسي چرپر ۽ اٿلن پٿلن جو جائزو وٺڻ ۽ انهن خيالن ۽ ويچارن کي سمجهڻ سان گڏوگڏ هينئين ڪلاس ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ عملي طرح به ڪم ڪرڻ شروع ڪيو.

سندس اهڙي عمل سبب ئي هو سنڌ جي شعور رکندڙ نوجوانن ۾ اڳيري حيثيت حاصل ڪري ويو ۽ هن نوجوانن جي قيادت سنڀالي. وقت دنيا جي ٻي رحم شيءِ جو نالو آهي. ملڪ اندر ايندڙ پهرين وڏي سماجي شعور جي اٿل جو اولڙو 1971ع وارين چونڊن ۾ آيو هو. جنهن ۾ عوام عوامي پارٽي کي چونڊي حڪومت ڪرڻ جو حق ڏنو هو. ذوالفقار علي ڀٽي جي قيادت ۾ ملڪ اندر شروع ٿيندڙ سماجي سڌارا هليا ۽ عوام اهو سمجهيو ته ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ملندو. پر ٿوري ئي وقت ۾ عوام جي اهڙي اميد کي قتل ڪندي ملڪ تي هميشه حڪمراني جو خواب ڏسندڙ اصل والي وارثن، عوام جي ووٽن سان چونڊيل حڪومت جي تختي کي اونڌو ڪري ڇڏيو ۽ ملڪ تي مارشل لا لاڳو ڪيو ويو. ان مارشل لا اندر جمهوريت ۽ آئين جي روشنيءَ ۾ هلندڙ ادارن جي حيثيت ختم ڪئي وئي هئي ۽ ملڪ جي گاڏيءَ کي اونداهي کاهي ڏانهن ڌڪيو ويو. ان مارشل لا ۾ ئي عوامي چونڊيل وزيراعظم تي هٿ ٺوڪيو ڪيس مڙهي ان کي قتل ڪيو ويو. ساڻس سڪ ۾ وفا جا وچن ڪندڙ دوستن هن سان ٿيندڙ اهڙي ڪليل ناانصافيءَ تي ٻڙڪ به ٻاهر نه ڪڍي. بلڪه سندس ڪجهه پراڻا ساٿي، مٿس ڪوڙا شاهد ٿي بيٺا ۽ لکين عوام جي دلين تي راڄ ڪندڙ ڀٽي کي قتل ڪيو ويو. مارشل لا جي هنج ۾ ويهي عوام جي رت سان راند ڪندڙ ٽولي ڀٽي جيءَ ڦاهيءَ کي هڪ ٽيسٽ ڪيس طور پرکي ورتو ته سياستدانن کان ويندي دانشور لڏو اهڙي وڏي واقعي تي به ڪو رد عمل ظاهر نٿو ڪري سگهي ته پوءِ باقي ڪم آسان ٿي پيو. ان کان پوءِ سنڌ اندر سياسي طرح پيدا ٿيل شعور کي چيپاڻ وارو عمل شروع ڪيو ويو. سياسي جماعتن اندر ڀيج ڏاهه ڪرائي وئي. لالچ ڏني وئي، دٻاءُ وڌا ويا. ڪيترائي سياست سان واسطو رکندڙ همراهه يا ته خاموش ٿي گوڏا ڪوڙي ويهي رهيا يا هو مارشل لا جهڙي اگهاڙي ظالماڻي ڏاڍ سان هٿ ملائي ويٺا يا ملڪ مان هليا ويا. سنڌ ۾ سياست جي ڪا به چرپر نه هئي. ادبي ۽ سماجي سرگرمين تي به پابندي لاڳو ڪئي وئي ۽ مارشل لا جي ساٿارين ۽ عوام جي پڳهار تي هلندڙ هٿياربند فورسز کي سنڌ جي سياسي باغ کي پيلڻ جو وجهه ڏنو ويو. سنڌ جي سياسي شعور تي وار مٿان وار ٿيڻ لڳا ۽ ائين هو قصو هلندو رهيو. ڪميونسٽ پارٽي سان واسطو رکڻ جي الزام هيٺ، تڏهن ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي نوجوان ڪارڪنن کي سوگهو ڪيو ويو ۽ ائين وقت جو بيرحم وار، ڪميونسٽ ذر سان واسطو رکندڙ نذير عباسيءَ تي به ٿيو. جولاءِ مهيني جي آخري تاريخ تي ڪراچيءَ مان گرفتار ڪيل هن نوجوان کي فوجي ڪئمپن اندر پڇا ڳاڇا جي بهاني ايذاءُ ڏيڻ جو هيڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ڪيو ويو. نيٺ نذير عباسيءَ جڏهن 9 آگسٽ تائين هنن کي سيني اندر ڍڪانديل راز نه ٻڌايا ته هن کي اذيت ڏيندي هن جو ساهه به ڪڍيو ويو.

نذير عباسيءَ کي ان ڪري موت جي نه ختم ٿيندڙ ننڊ ۾ سمهاريو ويو جو هن پوڙهيت دنيا جي عوام کي ننڊ مان جاڳائڻ ۽ انهن کي منظم ڪرڻ وارو مشن

هٿ ۾ ڪنيو هو ۽ هو اهو ڪم نہ رڳو تقرير يا تحرير سان پر ذاتي عمل سان بہ ڪري رهيو هو. هن نوجوان انقلابي اڳواڻ ڪي اذيت ڏئي ختم ڪيو ويو پر سندس ويچارن ۽ خيالن کي پکڙڻ کان ڪير نہ روڪي سگهيو. شهادت جي جام نوش ڪندڙ هن نوجوان انقلابي اڄ بہ سنڌ جي نوجوانن جي ذهنن ۾ هڪ هيرو جي ڪردار وانگي جڳمڳائي ٿو ۽ هو اڄ پڻ امر آهي. شهيد نذير عباسي شعوري طرح موت سان پاڪر پائيندي موت جي سوداگرن کي آخري لفظ هي چيا هيا"منهنجي زندگي هڪ گيت آهي ۽ منهنجو موت جدوجهد جو سڏ آهي" سندس اهي لفظ اڄ بہ آهن ۽ انهن کي وقت جي ڪا بہ آلودگي نٽي مٽائي سگهي.

هاڻ 1993ع کان پوءِ پ پ جي هٿ ۾ ملڪ جي واڳ اچڻ بعد جمهوريت سان پيچ رکندڙ ڌرين کي اها اميد آهي تہ شهيد نذير عباسيءَ جي قاتلن کي وائکو ڪيو ويندو ۽ انهن خلاف ڪيس هلائي انهن کي ڏوهي قرار ڏئي واقعي سزا ڏني ويندي. اڄ سندس شهادت واري ڏينهن ۽ اسان موقعي جي مناسبت سان شهيد جي وارثن جي حوالي سان ۽ سنڌي عوام جي جذبن، مطابق حڪومت وٽ اهو عرض رکنداسين تہ شهيد جي ڪيس کي هڪ وار وري کوليو وڃي ۽ ان ڏوهہ جي ڏوهارين کي سزا ڏني وڃي.

ايڊيٽوريل سنڌ سجاڳ 9/8/1994

شهيد نذير عباسي سنڌ جي تاريخ آهي

سنڌ ڌرتي هر دور ۾ پنهنجي پيٽ مان اهڙا بهادر پٽ پيدا ڪيا آهن جن پنهنجي ماءُ جي لڄ بچائڻ لاءِ هر انهي ظالم حاڪم ۽ حملي آور سان مهاڏو اٽڪايو آهي جنهن اسان جي ڌرتي ڏانهن ميري اک سان ڏٺو آهي. تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي ڪردار آهن جن پنهنجي قرباني سان ديس واسين جي حفاظت پئي ڪئي آهي. ڪڏهن هوش محمد شيدي جي حيثيت سان ڪڏهن شاهه عنايت وانگر ميدان جنگ ۾ ته ڪڏهن شاهه عبداللطيف جيان قلمي جنگ جوٽي آهي. جتي هنن ڌرتي جي بهادر پٽن جو ذڪر ٿيندو اتي انهي شخصيت جو به ضرور ذڪر ڇرندو جنهن کي 9 آگسٽ يعني اڄوڪي ڏينهن تي ڪراچي ماڙيپور ڪيمپ ۾ اذيتون ڏيئي قتل ڪيو ويو. اهو تاريخ ۾ انهن سورمن جي نالن ۾ انگ وڌائيندڙ نالو نذير عباسي جو آهي جنهن جو جنم هڪ هيٺين طبقي جي گهر ۾ ٿيو. نذير جي والد صاحب سوچيو ئي نه هو ته هن جي پٽ جو نالو تاريخ جي صفن تي لکيو ويندو ۽ هو اعلى مقصدن لاءِ پنهنجي جان جي به پرواهه نه ڪندو. عظيم آهي اها ماءُ جنهن نذير جهڙي پٽ کي جنم ڏنو هونئن ته هر سال شهيد جي ورسي تي وڏا وڏا تعريفن سان ڀريل مضمون لکندا آهيون مگر انهي طرف توجهه گهٽ ڏيندا آهيون ته آخر ان جي زندگي مان اسان کي ڪهڙو سبق ٿو ملي ۽ هنن قربانيون ڇو ڏنيون ڇا انهن جي قربانين ڏيڻ سان انهن جا اعلى مقصد اتي ئي ختم ٿي وڃن ٿا؟ جتي هنن جي زندگي جي پڄاڻي ٿئي ٿي ۽ اهو عمل هنن جي موت ڪانپوءِ رڪجي وڃي ٿو ۽ اسين صرف ۽ صرف نٺها نعرا هڻي يا انهن جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ هڪ اڌ جاءِ تي ورسي ملهائڻ کي پنهنجو قومي فرض سمجهون ٿا. جيڪڏهن واقعي اسان اهو سوچيون ٿا ته اها اسان جي تاريخي غلطي آهي، قومي جرم آهي جنهن کان ڪنارا ڪشي حاصل ڪري انهن جي نقش قدم تي هلي انهن جي اڌوري سفر طئي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي سرخرو رکون. ڇو ته زندگي بچاءَ جو نالو آهي ۽ هر هڪ شيءِ فطري طور تي پنهنجي وجود ۽ نسل کي برقرار رکڻ لاءِ پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪندي آهي، جيڪڏهن اسين ڊارون جي نظريي کي پڙهون ته اسان انهي عمل کي پلي پت واقف ٿي وينداسين. ڊارون چواٿي ته جن شين فطرت سان پنهنجي وجود لاءِ جنگ ڪئي مقابلو ڪيو اهي شيون اڄ ڏينهن تائين پنهنجي وجود کي هن دنيا ۾ برقرار رکيو آيون آهن. اوائلي اشتراڪيتن واري دور کان پوءِ جڏهن غلامي وارو دور شروع ٿيو تڏهن انسان مختلف گروهن ۾ ورهائجي ويو ڪو ملڪيت جو مالڪ بڻيو ته ڪو وري انهن جو غلام بڻيو. ڪن ڏندي جي زور تي جاگيرون حاصل ڪيون ته ڪي وري اٺين نٺها رهجي ويا. حڪمران ڊڪٽيٽر شپ. انهي دور جي ئي پيداوار

آهي جڏهن زراعت جو ڪم هن ڌرتي تي شروع ٿيو. پوءِ جيڪي ماڻهو طاقت ور هئا، انهن ڳپل حصو پنهنجي قبضي ۾ ٿي رکيو. تڏهن کان وٺي طبقاتي ورڇ ٿي وئي ۽ هر طبقو پنهنجي طبقي جي پٺ پرائي ۽ حفاظت ڪرڻ لڳو. اهو طبقاتي نظام پاڪستان جي اندر ڊاهڻ لاءِ نذير جدوجهد ڪئي. جنهن ڪري هن پنهنجو لاڙو ملڪ گير سياست ڏانهن پيدا ڪيو. پهريائين هي هڪ سنڌ جي صوبائي تنظيم جو چيئرمين هو مگر پوءِ هن صرف سنڌ جي عوام لاءِ جدوجهد ڪرڻ کان وڌيڪ ترجيح ملڪ گير سياست کي ڏني. جنهن خاطر هن هتي سوشلزم ۽ ڪميونزم جو بنياد وجهڻ ٿي گهريو. سوشلزم ۾ هر ماڻهو کي پنهنجي محنت جو اجورو ملندو آهي جنهن ڪري ملڪ تمام گهڻي ترقي ڪندو آهي. سوشلزم ۾ طبقاتي نظام جو بہ اهو فرق ختم ٿي ويندو آهي هن انقلابي اڳواڻ اهڙي قسم جي سياست ڪرڻ لاءِ ڊي ايس ايف جو بنياد وڌو. جنهن ڪري هن کي ڪيترائي دفعا جيل پوڳڻو پيو. شاگردن جي مسئلن کي بين الاقوامي ليول تي حل ڪرائڻ لاءِ هي تنظيم آءِ يو ايس جو ميمبر پڻ بڻي.نذير جو سچو پچو عشق انسانيت سان هو جنهن ڪري هن پنهنجي عيش ۽ آرام واري زندگي ترڪ ڪري منزل کي ماڻڻ ٿي چاهيو، ڇا نذير ڪنهن يونيورسٽي مان سٺي ڊگري حاصل ڪري نوڪري وٺي بهتر زندگي گذاري نہ پئي سگهيو؟

ڇا نذير بين شاگردن وانگر يونيورسٽي کان واپسي ۾ دوستن يارن سان تفريحون ڪري نہ ٿي سگهيو؟ بلڪل ڪري ٿي سگهيو مگر هن اهڙي قسم جي زندگي گذارڻ کي ڇڏي پنهنجي وجود کي ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ اهڙو رستو اختيار ڪيو جيڪو رستو سقراط ورتو هو. نذير سچ، سونهن، امن جو پانڌيئڙو هو جنهن پنهنجي زندگي کي هڪ گيت سمجهي ڪڏهن ڪنهن مزدور جي مانڊي تہ ڪڏهن ڪهڙي مزدور يونين آفيس ۾ گونجندو رهيو. نڏير آڙينگ انسان ارادي جو پختو ۽ خود شناس ماڻهو هو. جنهن جي زندگي مان اسين اهو سمجهي سگهون ٿا تہ اهڙا ماڻهو مظلوم قومن لاءِ فطرت جا تحفا هوندا آهن.

آءُ جڏهن وحدت ڪالوني حيدرآباد ۾ فقير رحمت الله هيسباڻي جي گهر ۾ رهندو هئس، جيڪو هن وقت ورلڊ سنڌي ڪانگريس جو صدر آهي ۽ شهيد جو تمام گهاٽو يار ۽ جيل جو ساٿي رهيو آهي اهو ڪچهري دوران ٻڌائيندو هو تہ ڪامريڊ نذير وانگر عملي جدوجهد ڪريو تہ انقلاب ۾ ڪا دير نہ لڳندي، جيڪڏهن توهان سنڌ مان هڪ هزار نذير جهڙا ورڪر ڏيو تہ انقلاب آڻڻ منهنجو ڪم آهي. نذير هڪ فرد جو نہ پر هڪ مضبوط ۽ منظم تحريڪ جو نالو هو جيڪو مرڻ گهڙي تائين پنهنجي موقف تان نہ هٽيو. مون کي ياد آهي تہ جڏهن اسين آمر ضياءُ جي دور ۾ سينٽرل جيل ۾ گڏ هوندا هئاسين اسين لٽي ڪپڙي يا ڪاڏي پيتي لاءِ ضرور دانهون ڪوڪون ڪندا هئاسين مگر نذير عباسي جيل ۾ سارو وقت پنهنجو منهن ڪتابن ۾ هنيو ويٺو هوندو هو. شهيد جي منهن تي ڪڏهن بہ مايوسي نظر نہ ايندي هئي، نذير

کي هڪ نئي اميد هئي ته جيل مان نڪرڻ بعد مان عوام کي حق ۽ سچ ٻڌايان ته جيئن هو ظالم جي وحشي چنبن کان بچي سگهن. اهو نذير جنهن جيل جي سختي سهي موتي اچڻ کانپوءِ به پنهنجي سياسي ڪم کي جاري رکيو جنهن تحت هن کي وري اهڙي جيل جو منهن ڏسڻو پيو. جنهن جيل هن کي ڏيءَ زرقا ۽ جيون ساٿي حميده کان هميشه لاءِ الڳ ڪري ڇڏيو. اڄ جڏهن 9 آگسٽ جو ڏينهن آيو آهي تڏهن شهيد کي خراج عقيدت ڏيڻ لاءِ آءٌ لکي شهيد جي زندگي جي باري ۾ مختصر ڄاڻ پهچائي رهيو آهيان. هي منهنجو قومي ۽ سياسي فرض آهي. پوءِ آءٌ نذير جي نظريي سان به پلي سياسي اختلاف رکندو هجان اها الڳ ڳالهه آهي ڇا انهن اختلافن سان ماڻهو جي ذات تي ڪو اثر پوي ٿو يا ان جو سياسي قد هلڪو ٿي وڃي ٿو. ائين سوچڻ انتهائي بيوقوفي آهي ته نذير ڪميونسٽ هو تنهن ڪري ان کي ڪميونسٽ جي حيثيت سان ڏسڻ گهرجي. مگر آءٌ ته چوان ٿو ته هن ڌرتي جي آزادي ۽ عوام جي حقن لاءِ جنگ وڙهندڙ هر ماڻهو عظيم آهي، تنهن ڪري ان جي قرباني کي صرف هڪ تنظيم جي پارٽي حوالي ڪري ڇڏڻ شهيدن سان ناانصافي آهي. شاهه عنايت به اسان جو شهيد آهي، نذير عباسي، ظهور عباسي، مخدوم بلاول، هوش محمد شيدي، هيمون ڪالاڻي، فاضل راهو ۽ ٻيا ڪيترائي آزادي لاءِ وڙهندڙ عظيم انقلابي هن ڌرتي جي تاريخ آهن ۽ اسان جو قومي ورثو آهن. جن کي وسارڻ تاريخي ويساهه گهاتي آهي انهن عظيم انسانن سماج کي ظلم کان نجات ڏيارڻ لاءِ پنهنجيون زندگيون ارپي ڇڏيون ڇا انهن کي پنهنجي زندگي پياري نه هئي؟ ڇا هن دنيا جون رنگينيون ۽ خوبصورتيون هنن کي ڇڏڻ پسند هيون هر ماڻهو چاهيندو آهي ته هو سک ۽ عيش واري زندگي گذاري مگر هنن انسانن پنهنجي سک ۽ آرام کي ڇڏي ٻين جي سکن ۽ آجپي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. جن جو نالو تاريخ ۾ هميشه لاءِ جرڪندو رهندو ۽ ايندڙ نسل ڪين صدين تائين هنن جي قربانين جا ڳڻ ڳائيندو رهندو. اسان وٽ موجوده دور ۾ به ڪيترائي اهڙا سياسي اڳواڻ آهن جيڪي ڌرتي ۽ عوام خاطر جان جو نذرانو ڏيڻ لاءِ تيار آهن. مگر اسان ۾ هڪ اهڙي کوٽ آهي جو اسين سندن زندگي ۾ انهن کي نه سڃاڻي سگهندا آهيون ۽ مرڻ کانپوءِ انهن جي لاشن تي سياست ڪندا آهيون هن وقت اسان وٽ گم نام ڪيترائي نذير آهن جيڪي اندروني طور تي سماج جي اندر وجود جي ويڙهه وڙهي رهيا آهن. جن جو پنهنجو ڪو مفاد نه آهي جيڪڏهن آهي ته اهو صرف عوام جي سک، آرام لاءِ هن غلامي ۽ افلاسي واري زندگي مان آجپو آهي اڄ به اهو سلسلو هلندڙ آهي. جنهن کي وقت جي ڌارا روڪي نه سگهي آهي. ڀٽائي سائين جي هينئين شعر وانگر:

پتنگ چاهين پاڻ کي ته اچي آڳ اجهاءِ
واقف ٿي وساءِ آڳ نه ڏجي عام کي

تنهن ڪري دوستو جيڪڏهن هن ٻي ڊولي سماج ۾ تبديلي چاهيو ٿا ۽ پنهنجو وجود ثابت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ پنهنجي زندگي انهن اعليٰ مقصدن کي ارپي ڇڏيو پوءِ پلي اوهان ڪنهن بہ سياسي تنظيم سان لاڳاپيل هجو يا نہ هجو. انهي جو ڪو فرق نہ ٿو پوي. اوهين جتي بہ جنهن بہ سماج جي اندر رهو ٿا اتي پنهنجو فرض نهايت ايمانداري، سچائي ۽ ٻي ٻاڪي سان سرانجام ڏيو تہ انشاالله منزل پري ناهي. اسين ضرور پنهنجي منزل ماڻينداسين. اهو اسان جو ايمان آهي.

نذير عباسيءَ جي سچائي 14 سال گذرڻ بعد بہ ظالمن لاءِ للڪار بڻيل آهي: حميده گهانگهرو

عوامي آواز پاران ڪيل هن انٽرويو ۾ شان ڏهر، الطاف پيرزادو، حنيف لاشاري ۽ عيسيٰ انصاري شامل هئا.1994

سوال: اڄ جڏهن شهيد نذير عباسي اسان وٽ جسماني طرح موجود ڪونهي، پر سندس امر جدوجهد جون امر يادون ئي باقي آهن. توهان اهو ٻڌايو تہ توهان جي پهرئين ملاقات ساڻس ڪٿي ۽ ڪيئن ٿي؟
حميده: اها 74-1973ع جي ڳالهہ آهي. اسان ان وقت محرابپور ۾ رهندا هئاسين ۽ هو اتي ايس اين ايس ايف جي ڪنهن ميٽنگ ۾ آيو هو. جيتوڻيڪ اسان ان وقت ايس اين ايس ايف جا ميمبر ڪو نہ هئاسين ۽ مان ان وقت ستين يا اٺين درجي ۾ پڙهندي هئس. اسان جو بابا جيئن تہ سنڌ هاري ڪاميٽي ۾ هيو ۽ هو اسان ڪي اتي وٺي ويو جتي نذير بہ ويٺو هو.ادا امداد اوڊو، خير محمد جوڻو ۽ ٻيا ساٿي ويٺا هئا. هونءَ تہ اسان انهن سڀني ساٿين کان تمام گهڻو متاثر ۽ مطمئن هئاسين پر نذير عباسي جيڪو ان وقت ايس اين ايس ايف جو صدر هيو، انهن ۾ ڪجهہ نرالو هيو. پوءِ اهو پنهنجي نيچر جي لحاظ کان ڇئجي يا ڪجهہ بہ، هن ۾ هڪ سچائي ۽ جذبي جو لڳاءُ اجا بہ ائين ڪٿي ڇئجي تہ هو پنهنجي جذبن جو گهرائي سان اظهار ڪرڻ وارو ماڻهو لڳو هو جيڪو ڪنهن مقصد لاءِ پنهنجي سڀني رشتن کي ختم بہ ڪري سگهيو پئي ۽ اسان کي اها جهلڪ نذير ۾ ان وقت بہ نظر آئي هئي. ان وقت تہ ظاهر آهي منهنجي تصور ۾ ڪو نہ هئو تہ ڪو اڳتي هلي اسان جو رشتو بہ جڙي سگهي ٿو. جڏهن تہ اسان جي شادي 78ع ۾ ٿي. ان کان پوءِ اسان ايس اين ايس ايف ۾ آياسين جنهن ڪري تنظيم حوالي سان ڪجهہ ويجهڙائي ٿي. اسان جي پهرين سرگرمي جيڪا ايس اين ايس ايف جي پليٽ فارم تان هئي سا هئي محرابپور ۾ ڪاليج جي قيام لاءِ حڪومت کان گهر. ان وقت سنڌ جو وڏو وزير غلام مصطفيٰ جتوئي هيو، جنهن سان بابا جا سٺا تعلقات هئا. چاڪاڻ جو هو سياسي حوالي سان هاري ڪاميٽي ۾ رهي

چڪو هو. بابا ڏي غلام مصطفيٰ چوائي موڪليو ته توهان پنهنجي ڇوڪرين کي منع ڪيو ته هو اهڙي قسم جو ڪو مطالبو نه ڪن اسان توهان کي هر قسم جي سهولت ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. ايتري تائين جو موري ۾ توهان جي رهائش جي جڳهه کان ويندي خرچ پکي تائين. بهرحال مطلب ته توهان جي ڏيڻ جي جيڪا به ضرورت آهي اها پوري ڪنداسين پر هو ان ڪاليج جي مطالبي تان هٿ کڻن. پر اسان جو بابا جيئن ته باشعور هيو ۽ هن اسان جي لاءِ ڪڏهن به ڪا رڪاوٽ پيدا نه ڪئي. بابا اسان جي جذبن جو انهي حد تائين قدر ڪندو هو جو اسان جي سياست ۾ اچڻ کان اڳ گهر مٿان سنڌ هاري ڪميٽي جو جهنڊو لڳل هوندو هو ۽ پوءِ اسان ايس اين ايس ايف ۾ آياسين ته بابا کي چيوسون ته بابا هاڻي توهان جي ورهاست ۾ دوڪان آهي هاري ڪميٽي جو جهنڊو پنهنجي دڪان تي وجي هٽو ۽ گهر تي اسان ايس اين ايس ايف جو جهنڊو هڻنداسين. هن چيو ته نيڪ آ بابا پلي توهان گهر تي پنهنجو جهنڊو هڻو. مطلب ته شروعات اسان جي هڪ ڪاليج جي مطالبي کان ٿي جيڪو اسان جي ضرورت به هيو. مان جڏهن ڇهين درجي ۾ پڙهندي هئس ته اسڪول برقعو پائي ويندي هئس ڇاڪاڻ جو مائٽن پاران اسان جي بابا تي نياڻيون پڙهائڻ جي حوالي سان ڪافي سختيون ڪيون وينديون هيون. هنن بابا کي خاندان مان به ڪڍي ڇڏيو ۽ زمينن وغيره تان به بي دخل ڪيو ويو. پر بابا اسان کي چيو ته توهان جو جيڪو به مقصد آهي ته اهو آءُ پورو ڪندس. بهرحال اسان جي ڪاليج واري مطالبي ايترو زور ورتو جو نذير ۽ پين ڏنو ته محرابپور شهر جون ڇوڪريون ايتري جدوجهد ڪري سگهن ٿيون ۽ هنن اسان سان مسلسل رابطو رکيو. نذير ايندو ويندو رهندو هو. اها 75ع جي ڳالهه آهي. ڊسمبر جي 19 تاريخ هئي. اسان پنهنجي ڪاليج واري مطالبي لاءِ جلوس به ڪڍيوسين، سڄي شهر اسان جي حمايت ۾ بائيڪاٽ ڪيو ۽ مڪمل هڙتال ڪئي. ايتري تائين جو ان دور ۾ پي پي جي حڪومت باوجود پي پي جي حمايتن به دڪان وغيره مڪمل بند رکيا. جلوس کان پوءِ جڏهن شام جو اسان گهر آياسين ته اسان کي يعنيٰ مون کي ۽ منهنجي پيڻ زبيده ۽ بابا کي گرفتار ڪيو ويو ۽ ان کان بعد تنظيم کي مرڪزي سطح تي خبر پئي ته هن شهر مان ڇوڪرين کي ڪاليج جي مطالبي تحت گرفتار ڪيو ويو. ان کان پوءِ ئي نذير به باقاعدي ايندو رهندو هو ۽ حوصلہ افزائي وغيره پڻ ڪندو رهندو هو. اسان کي ڪنديارو ٿاڻي تي هفتو کن رکيو ويو بعد ۾ 144 قلم جي ڀڃڪڙي ۽ امن ۾ خلل جي الزام تحت اسان کي چالان ڪري نارا جيل اماڻيو ويو جتي اسان مهينو کن رهيون سين. ان وقت بيگم نسيم ولي خان چيو هو ته "محرابپور هاءِ اسڪول جون به معصوم نياڻيون نينگريون آخر ڪهڙي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيون ويون آهن؟ ڇا پاڪستان هڪ ٿل آهي جيڪو انهن جي ڏکي سان ڪري پوندو. هنن جو هڪ ننڍڙو مطالبو آهي جيڪو پورو ڪيو وڃي" گرفتاري دوران اِسان جي ملاقات تي سخت بندش هئي. اهو اسان جي جدوجهد جو

شروعاتي مرحلو هيو. جڏهن نذير سان ڏيٺ هئي. ساٿس گهٽي ويجهڙائي تڏهن ٿي جڏهن نذير 77 ۾ گرفتار ٿيو هو ۽ اسان پڙهڻ لاءِ اچي حيدرآباد ۾ رهڻ لڳا هئاسين. ان دوران نذير جو ڪيس هلائڻ لاءِ فوجي ٽربيونل قائم هيو ۽ مان ساٿس جيل ۾ ملاقات لاءِ ويندي هئس جتي مون سندس اکين ۾ پنهنجي لاءِ انفرادي ڪشش محسوس ڪئي ۽ ان دور ۾ جيتوڻيڪ خاندان وارن سان لڳ لاڳاپو گهٽ هيو. پر منهنجي پيڻ زبيده جو مائٽن ۾ رشتو ٿيڻ بعد آءُ اڪيلي ٿي پئي هئس، جنهن لاءِ بہ مائٽن پاران رشتي جي گهر ڪئي پئي وئي ۽ مون کي بہ ڊپ هيو تہ خبر ناهي تہ ڪهڙي آڙاھہ ۾ وجي ڪران ۽ اسان جي سماج ۾ وينل نياڻي لاءِ طرحين طرحين جون ڳالهيون بہ ٿينديون آهن سو مان چاتو تہ پنهنجي مرضي سان جيڪو ڪجهہ ڪرڻو آهي ڪري ڇڏجي ۽ ان دوران پارٽي جا ٻيا ساٿي بہ سنا هئا پر مون کي نذير جو پنهنجي طرف جهڪاءُ بہ گهڻو محسوس ٿيو چاڪاڻ تہ سندس پاران منهنجي حوصلہ افزائي ڪرڻ يا منهنجي تقرير دوران هن جو ڏسڻ ۽ هڪ پيري ٽرين ۾ هن جو بار بار ڏسڻ وغيره.

سوال: اهو ٽرين جو سفر ڪهڙو هيو، جنهن توهان ٻنهي کي زندگي جو سفر جو ساٿي بڻايو.

حميده: ٽرين جو اهو سفر جيڪب آباد کان ڪراچي تائين هيو جيڪو سڄي رات جو سفر هيو، اسان کي محرابپور مان چڙهڻو هيو ۽ ڪراچي ۾ شاگرد هاري مزدور رابطا ڪاميٽي پاران ڪانفرنس هئي جنهن ۾ شريڪ ٿيڻو هيو.

سوال: نذير کي اوهان شادي کان اڳ پوءِ ڪيئن ڏٺو / پرکيو؟

حميده: نذير کي پرکي مون شادي کان اڳ ئي ڇڏيو هو باقي شادي کان پوءِ اسان صرف هڪ مهينو گڏ گذاريو يعني 4 فيبروري 78ع تي شادي ٿي ۽ منهنجي هٿن تان اجا ميندي بہ ڪين لٿي هئي جو 4 مارچ تي پارٽي حڪم ڪيو شايد ادا جبار خٽڪ ئي چوڻ آيو هيو تہ توهان پٽ فيڊر وفد وٺي وڃو، جتي هڪ سردار مقامي هارين سان ڏاڍ ڪيو هو. آءُ اوڏانهن رواني ٿي ويس اتي مون کي 12 مارچ تي گرفتار ڪيو ويو. جتي مچ جيل جا پوليس وارا ۽ ٻيا سرڪاري اهلڪار ٺٺول ڪندا هئا تہ:"هئي هئي هاٿون سي مهندي ابهي اتري نهي هي اور جيل آ پهچي هين" اسان شادي ان لاءِ نہ ڪئي هئي تہ ڪو هني مون ملهائيندا وتون پر اسان تہ شادي کي هڪ ڪاز لاءِ ساٿي کي ساٿي جو ملڻ سمجهيو هيو. اسان جي ذهن ۾ هڪ ننڍڙو گهر ناهڻ جو قطعي تصور ڪو نہ هيو. بهرحال اجان مان اتي جيل ۾ ئي هيس تہ هتي حيدرآباد مان 5 مئي 78ع تي نذير گرفتار ٿي ويو ۽ اها خبر مون کي تڏهن پئي جڏهن اسان مچ جيل مان 16 مئي تي آزاد ٿياسين ۽ مان محرابپور امان بابا وٽ گهر آيس ۽ پوءِ اسان نذير سان ملڻ ڪنڊياري جيل تي وياسين. بظاهر نذير تي جيڪو ڪيس هيو سو هيو تہ تو شادي نہ پر جلسو ڪيو آهي، جنهن ۾ ايترا مهمان شريڪ ٿيا آهن. ان تي مون

کين چيو تہ ان ڏوهہ جي ڏوهارڻ تہ مان بہ آهيان جو هن شادي مون سان ڪئي آهي. پر اصل ۾ هنن کي گرفتار ڪرڻ وقت ڪنهن بہ جواز جي ضرورت نہ پوندي آهي. هو گرفتار يا جيڪو ڪجهہ ڪرڻ چاهيندا آهن تہ اهو ڪري وٺندا آهن. بهرحال هو نذير کي اتان مهيني ڪان پوءِ قلي ڪيمپ وٺي ويا جتان ڪيس سيپٽمبر ۾ آزاد ڪيو ويو.

سوال: نذير جي عام زندگي بابت ڪجهہ ٻڌايو؟

حميده: هو بنيادي طرح پنهنجي مقصد سان بيحد سچو ماڻهو هيو. نذير جنهن بہ محفل ۾ ويهندو هو تہ ان ۾ مڪمل طرح نرم تي ان جو ئي حصو ٿي ويندو هو. هو هارين سان هاري، مزدورن سان مزدور ۽ ايتري تائين جو ٻارڙن سان هو بلڪل ٻار ٿي ويندو هو. نذير جي فطرت ۾ ماحول سان هڪجهڙو ٿيڻ جي تمام گهڻي صلاحيت موجود هئي ۽ اها خاصيت ڪيس وک وک تي ڪم ايندي هئي. مثال طور هڪ ڀيري اسان لاهور ۾ تڪيل هئاسون جتي گهمڻ لاءِ داتا دربار وياسين. ادا تاج مري، مان ۽ منهنجي وڏي ڀيڻ زبيده، امر لال وغيره بهرحال جيڪي بہ هئاسين، نذير ۽ ٻيا سينيئر ساٿي بہ هئا ان وقت پي ايف يو ايس جو وائيس چيئرمين هيو ۽ ان ڏينهن صبح جو تائيم تي هن نيويا اولڊ ڪيمپس لاهور ۾ تقرير بہ ڪئي هئي تہ اتي هن کي هڪ انٽيليجنس وارو نظر آيو. جنهن کي ڏسي هن اسان کي چيو تہ توهان مون ڪان الڳ ٿي وڃو ۽ پوءِ هن روڊ جي ٻئي پاسي فٽ پاٿ تي وڃي پنهنجو ڳلو کولي ان مستانن ۽ ديوانن وانگر گانا ڳائيندو هلڻ شروع ڪيو(آواز تمام سٺو هوندو هئس) جيڪي دربار تي اسان کان اڳ ئي موجود وينا هئا ۽ اهڙي ريت هو بہ ان جاسوس کي ڏوڪو ڏئي ٻاهر نڪري ويو. ٻئي طرف هو حيدرآباد مان بہ ائين ئي بچي نڪتو هو. ٿيو هئين جو انهن ڏينهن ۾ مٿس گرفتاري جا وارنٽ هوندا هئا ۽ هو تازو سنڌ جو دورو ڪري حيدرآباد ٽريڊ يونين جي آفيس ۾ وينو هو. سندس ڪپڙا بيحد ميرا هئا لڳو پئي تہ ڪو مزدور آهي. اوچتو ڇاپو لڳو ۽ ڪائنس پوليس وارن پڇيو تہ "وہ ليڊر کهان هي جسڪا نام نذير هي" هن کين چيو تہ "وہ تو نيچي بيٺا هي کيونڪ اس کي آفيس نيچي هي" (ان وقت ايس اين ايس ايف جي آفيس هيٺ هئي) هن چين تہ "چلو مين تم کو دکاتا هون" ۽ پوءِ کين وٺي هيٺ آفيس آيو جيڪا بند پئي هئي ۽ اتي ڪا بہ ڪم جي شيءِ وغيره ڪا نہ پيل هئي. هنن تالو ڀڃي آفيس ڏٺي هو ساڻس گڏ رهيو آخر ۾ کين ڪجهہ بہ هٿ نہ آيو ۽ نذير انهن کان هٿ ملائي موڪلايو. پوءِ بعد ۾ پوليس وارن کي خبر پئي تہ وڃ!نذير تہ اهو هيو! ان ڪانسواءِ هو فلمن جو وڏو شوقين هيو. نذير جون لاتعداد فلمون ڏٺل هيون ۽ ڪيترين ئي فلمون هن مون کي ساڻ ڪري سينيمائن ۾ ڏنيون. نذير کي جيڪا فلم سڀ کان گهڻي وڻي هئا اها"زرقا" فلم آهي. جنهن کي هن ست دفعا ڏٺو.

سوال: ڪٿي اهو تہ سبب ڪونهي جو هن زرقا فلم ڏسڻ بعد پنهنجي نياڻي جو نالو بہ زرقا رکيو.

حميده: ها! بلڪل اهو ئي سبب آهي. اسان جي شادي کان پوءِ هن مون کي چيو تہ منهنجي زندگي جي وڏي ۾ وڏي حسرت آهي تہ جنهن بہ سنڌ جي سينيما ۾ زرقا فلم لڳل هوندي تہ اها مان توکي وٺي وجي ضرور ڏيکاريندس ۽ پوءِ جڏهن اها فلم ڪراچي جي هڪ سينيما ۾ لڳي تہ هن حيدرآباد کان خاص طرح مون کي وٺي اچي اها فلم ڏيکاري. بعد ۾ اسان کي ڏيءُ ڄائي تہ هن جو نالو بہ زرقا رکيائين ۽ جڏهن ننڍڙي جي سالگرهہ ٿي تہ بہ هن مون کي وٺي وجي زرقا فلم ڏيکاري.

سوال: شهيد نذير عباسي جي جدوجهد جي حوالي سان تہ سندس گرفتاري جا امڪان هر وقت موجود رهندا هئا پر شهادت کان اڳ جيڪي سندس گرفتاريون ٿينديون رهيون ان دوران پارٽي اڳواڻن يا سندس ساٿين پاران ڪهڙي رد عمل جو اظهار ٿيندو هو؟

حميده: سندس گرفتارين ۽ آزادين دوران جيئن تہ مان بہ ان راهہ جي راهي هيس ڪنهن گهٽي رد عمل يا پنهنجي پريشاني جو اظهار نہ ڪيو هو. بس عام نموني جو ورتاءُ ڪندا هئا هڪ اڌ ساٿي مون سان همدردي جو اظهار ذاتي حوالي سان ڪندا هئا پارٽي حوالي سان نہ.

سوال: نظير عباسي جي قتل بابت اوهان کي ڪڏهن ۽ ڪيئن خبر پئي؟

جواب: جنهن وقت اهو واقعو ٿيو ان وقت مان ڪراچي گولي مار ۾ واقع نذير جي پيٽيوي جي گهر ۾ ٽڪيل هيس. اتي سول ڪپڙن ۾ ڪجهہ ماڻهو آيا ۽ ادا رمضان شاهہ کي گهرايائون. تنهن تي ادا رمضان شاهہ کين چيو تہ، جيڪڏهن ڪو ڏاڍو ڦيٽو ڪرائڻو آهي تہ اندر اچو باقي آءُ ٻاهر نہ ايندس. تنهن جي باوجود بہ هو ضد ڪري بينا ۽ ڪاڏي بہ نہ پئي ويا. ايتري ۾ مون دري مان جهاتي پائي ڏٺو تہ انهن ماڻهن ۾ مون کي شڪ پيو. پوءِ مان پنهنجي اهڙي شڪ بابت شاهہ صاحب کي ٻڌايو، ان کانپوءِ شاهہ صاحب پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي موڪليو هنن کيس چيو تہ، اسان جو ٻار بيمار آهي ان لاءِ تون مون سان گڏجي هل هو هنن سان گڏجي گاڏي ۾ وينو تہ. اها گاڏي سول اسپتال وڃي بيٺي. اتي هنن سرد ڪمري ۾ ادا کي 4 لاشن مٿان وڃي بيهاريو، جن تي ڪپڙا ڏنل هئا. هنن ادا کي چيو تہ هنن جا ڪپڙا لاهيندو وڃ، ادا جڏهن ڪپڙا لاهڻ شروع ڪيا تہ هڪڙي لاش کي ڏسي ۽ ان جو مٿو چڪرائجي ويو ۽ هو زمين تي وڃي ڪريو. تنهن تي هنن کيس چيو تہ ان جو مطلب تہ تون هن کي سڃاڻين ٿو، ادا موٽ ۾ کين چيو تہ مان هن جوان، هن گهر جي ڀاتيءَ کي ڪيئن نہ سڃاڻيندس. پوءِ هنن کيس چيو تہ اسان کي سفيد ڪاغذ تي تون رڳو ايترو لکي ڏي تہ، آءُ هن کي سڃاڻان ٿو ۽ بس پوءِ هو ادا کي ٻاهر وٺي ويا ۽ ايڌي ايمبولينس وارن کي گهرايو ويو، لاش کي سخي حسن قبرستان نيو ويو، جتي نذير کي دفنايو ويو، ادا کين چيو تہ مون کي لاش کي ڪلهو تہ ڏيڻ ڏيو، پر هنن کيس چيو تہ توکي لاش کي

هٿ لائڻ نہ ڏينداسين. بس پوءِ اهڙي طرح 10 آگسٽ تي ادا گهر آيو ۽ هن اسان کي اچي سڀ ڪجهہ ٻڌايو.

سوال: ڇا نذير کي گرفتار ڪرائڻ ۾ پارٽيءَ جا ڪجهہ ماڻهو ملوث هئا؟.

حميده: (ها) ڪنهن حد تائين ائين ٿي بہ سگهي ٿو. بهرحال مان اهو پوري يقين سان نہ چونديس. بهرحال نذير جي گرفتاري لاءِ تہ ڳجها ادارا هر وقت سرگرم هوندا هئا، سوچڻي طرح ڪنهن تي آءٌ الزام مڙهي نہ ٿي سگهان. باقي ذاتي طور منهنجو بہ اهو خيال آهي تہ ڪيس گرفتار ڪرائڻ لاءِ سڀ ڪجهہ ممڪن آهي. آءٌ ذاتي طور اهو چوان ٿي تہ. پارٽي جا ٻيا ساٿي نذير جيان پنهنجي ڪاز سان سچا نہ هئا. ادا ڄام اڪثر جيلن ۾ ئي رهيو آهي ان لاءِ آءٌ هن بابت ڪجهہ نہ چونديس. باقي تہ ادا ڄام ساٿي سان منهنجو انڊر گرائونڊ هجڻ دوران ڪڏهن بہ رابطو ٿي نہ سگهيو. مون کي ياد آهي تہ جڏهن ادا ڄام آزاد ٿي آيو ان وقت سندس رويو مون سان ٺيڪ تہ هئو پر شايد منهنجي ۽ ميز جي شادي ڪانپوءِ هو مون بابت نيگيٽو سوچ رکندو هجي. مون کي پارٽي ڪارڪنن کان ايتري تہ مايوسي ملي جو آءٌ ڪنهن کي بہ پنهنجي ڏک جو ڀاڱي ڀائيوار نہ پئي سمجهيو. بهرحال ادا ڄام سان شڪايتن اورڻ جو وقت ان وقت مليو جڏهن اسان گڏجي علي حسن چانڊيو جي شادي ۾ وڃي رهيا هئاسين، ان وقت مون سوچيو تہ مون کي جيڪي شڪايتون آهن، انهن کان ادا ڄام کي آگاهہ ڪيان ۽ پنهنجي دل اندر دفن ٿيل درد کي ٻاهر ڪڍي ٿڌو ڪري ڇڏيان. جيڪو منهنجو اندر نپوڙي رهيو آهي. آءٌ سڄي رات ڪار ۾ ڳالهائيندي ۽ ادا ڄام کي پاڻ سان ٿيل زيادتين بابت آگاهي ڏيندي رهيس. جنهن تي ادا ڄام مون کي چيو تہ صبر ڪر. مون چيو تہ اڃان بہ صبر ڪريان!!

سوال: نذير جي شهادت ڪانپوءِ اوهان جي ساهرن جو اوهان سان ڪهڙو ورتاءُ رهيو؟

حميده: هن مون کان پڇيو تہ عدت ڪندينءَ؟ تنهن تي آءٌ ڪين چيو تہ آءٌ عدت نہ ڪنديس. ڇو جو عدت ڪرڻ معنيٰ موت کي قبولڻ. پر مان تہ نذير جي موت کي ئي نہ ٿي قبوليان، هو امر آهي ۽ هميشہ زنده رهندو.

ادا، اهي چار ڳالهيون مان ڪري سگهان مطلب تہ ايڪس واءِ زيڊ. ڳالهيون ٻيا بہ ڪري سگهن ٿا ۽ منهنجي خيال ۾ انهن ڳالهين جي اهميت هن وقت جيڪڏهن ڪٿي ڇٽجي تہ ايتري اهميت هيئنر انهن۾جي آهي ٿي ڪا نہ ڇاڪاڻ جو ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت، اهو ڇا ڪافي نہ آهي تہ اهي ماڻهو سڀ پوئتي هٽي ويا، جيڪي ماڻهن شهيد نذير عباسي جي شهادت ڪانپوءِ ان جي مشعل کي هلائي نہ سگهيا ۽ پوئتي هٽي ويهي رهيا. انهن کي ڪو احساس ڪو نہ ٿيو تہ نذير جي هڪڙي ننڍڙي ڌيءَ بہ آهي. اها آخر ڪهڙي حالت ۾ هوندي ۽ انهيءَ جي نوجوان زال کي ڇڏي ٿا ڏيون..! حقيقت اها آهي ادا تہ. اهي مون کي چوندا هئا تہ تون محرابپور واپس هلي وڃ.

........ادا مان........ (روئڻهارڪي انداز ڪانپوءِ پاڻ سنڀالي) هنن مون کي ڪنهن به قسم جو آٿت ۽ سهارو نه ڏنو. جيڪڏهن مان اهي حقيقتون سامهون آڻيان ته اهي ڏاڍيون ڪڙيون آهن. مان هاڻي ڇا چوان... ڪجهه ڳالهين جو اظهار ته مون اڳين انٽرويوز ۾ به ڪيو آهي. مان هاڻي اهو چوندس ته مطلب ته پارٽي وٽ ڪو قدر ڪو نه هيو.

سوال:نذير عباسي جي شهادت ڪانپوءِ پارٽيءَ جي سائين جو اوهان سان ڪهڙو ورتاءُ رهيو؟.

حميده: نذير جي شهادت ڪانپوءِ پارٽيءَ جي اڪثر ماڻهن جو ورتاءُ مون سان سٺو نه هئو. ايتري قدر جو هنن ڪان نذير جا ڏينهن. نذير جون قربانيون ۽ هن جي شهادت به وسري وئي. پارٽيءَ جي ڪجهه ماڻهن ته مون کي ائين به چئي ڏنو ته"جائو جاڪي اپنا گهر بسائو" هنن مون سان ناروا سلوڪ اختيار ڪندي دل آزارينڌڙ جواب ڏنا ۽ چيو ته اسان ته نذير کي جان جوکي ۾ وجهڻ لاءِ نه چيو هئو.

ڊاڪٽر اعزاز نذير بنا ڪنهن رک رکاو جي مون کي چئي ڏنو ته"تون اسان لاءِ مٽي جو سور بڻجي وئي آهين" اسان تو مان تنگ آيون. تو لاءِ پلو اهو آهي ته، تون ڳوٺ واپس وڃ ۽ پنهنجي باقي زندگيءَ جا ڏينهن گذار. ان وقت مون کي احساس ٿيو ته هي سڀ مفاد پرست آهن ۽ ڪين ڪنهن جي جذبن، احساسن ۽ قربانين جو ڪو به احساس نه آهي. هي اهي ماڻهو هئا، جن سياست ته ڪئي، پر ان سان گڏ پنهنجي گهر ٻار کي ڪو به ڇيهو نه رسايو. گهر تباهه ته اسان جا ٿيا، هنن کي ڪهڙي پرواهه ۽ ڳڻتي، ڪين پڪ هوندي هئي ته گهر ۾ سڀ ڪجهه موجود آهي ۽ اسان جا ٻار سٺو پهرڻ ۽ چوڙڻ جي سگهه رکن ٿا. هنن وٽ ان وقت به سٺا بنگلا ۽ فرنيچر هئو. پر اسان ته پٽ تي سمهي گذارو ڪرڻ وارا ماڻهو هئاسين. بهرحال ماڻهو جنهن به مقصد سان سلهاڙجي ٿو ته ان لاءِ جان ڏيڻ ايترو ڏکيو ڪم نه هوندو آهي پر سڀ ڪان پهريان وڏي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجو بچاءُ ضروري هوندو آهي ۽ اهو نذير عباسي ۾ هيو. هو پارٽي کي مختلف وقتن تي آگاهه ڪندو رهيو، پر هنن ڪجهه به نه ڪيو. هو گرفتار ڪيئن ٿيو ۽ پارٽي ان لاءِ ڇا ڪيو جنهن جي مون کي خبر ڪونهي. نذير جڏهن گهران ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر وڃي رهيو هو، ان وقت اوچتو منهنجي دل گهبرائڻ لڳي ۽ هن ڪان پڇيو ته جيڪڏهن هن تي ڪا سختي اچي وڃي ته، برداشت ڪري سگهندين تنهن جي موٽ ۾ هن چيو ته ها چو ته ان ڪان پوءِ مان سندس پينٽ ۾ پيل بيلٽ ڪڍي ۽ ٽي هن جي پنيءَ تي وهائي ڪڍيا. يقين ڪريو هن اک به نه چنيي. هو پنهنجي اصول مطابق جيڪا ڳالهه چوندو هئو، اها پوري ڪندو هئو. هو شام جو گهر نه پهتو ته مان هڪ سادي عورت وانگر پاڪستان ڪوارٽر ويس جتي مون کي سندس گرفتاري بابت خبر پئجي وئي، اتان جڏهن آءُ موٽيس ته مون کي ڪنهن ماڻهو(فوجي) ڪَرائي ڪان وٺي ويهاريو ۽ مون ڪان عجيب سوال ڪرڻ لڳو.

مون کان پڇيائون تہ تون هتي ڪيئن آئي آهين. تنهن تي آءٌ ڪيسٌ ڇيو تہ ادا شبير جي ساءُ بيمار آهي ۽ مان هن کي ان بابت ٻڌائڻ آئي آهيان. آءُ اتي ويٺي هيس تہ ادا سهيل سانگي کي منهنجي پرسان ونئي ويا. مان ادا سهيل کي ڏسي ۽ پنهنجو منهن ڦيرائي ڇڏيو. ادا سهيل بہ سڄي ڳالهہ کي سمجهندي ۽ ائين ڪيو. پوءِ هنن مون کان پڇيو تہ ڇا تون هن کي سڃاڻين؟ آءُ ڪين ڇيو تہ نہ. آءُ هن کي نہ ٿي سڃاڻان. هنن مون کان ڪجهہ ٻين ماڻهن جا نالا بہ پڇيا. جن ۾ ادا انور پيرزادو، جاويد شڪور ۽ جام ساقي شامل آهن. باقي ٻين جا نالا مون کي ياد نہ آهن.

سوال: پي پي حڪومت مان اوهان کي ڪجهہ چڱائي جي اميد آهي؟

حميده: هاڻي مير مرتضيٰ بہ اهو چئي چڪو آهي تہ، سندس پيءُ کي شهيد شاهنواز جي قتل ۾ بہ برگيڊيئر امتياز ملوث آهي، سو مون کي اها اميد آهي تہ. محترمہ بينظير ڀٽو جڏهن پنهنجي پيءُ ڀيءُ جي بيگناهيءَ جا ثبوت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان وقت هو نذير شهيد کي نہ وساريندي ۽ سندس قتل جي جاچ ڪندي. مون کي پڪ آهي تہ هوءَ جتي ٻين شهيدن سان انصاف ڪندي اتي نذير جو خون بہ لوڙهڻ نہ ڏيندي. ٻيو تہ پي پي جي 88 واري حڪومت ۾ شهيد نذير عباسي کي شهيد اياز سمون ۽ ٻين سان گڏ ٽي وي تي ڏيکاريو ويو هئو. ان ڏينهن کان مون کي يقين آهي تہ، جڏهن پي پي حڪومت شهيد جي قاتلن جي جاچ ڪئي ان وقت حقيقتون ازخودٌ سامهونٌ اينديون ۽ نذير جا قاتل بہ اسان مڙني جي سامهون اچي ويندا ۽ هو سزا کان ڪڏهن بہ بچي نہ سگهندا. نذير جي قتل ۾ ملوث قاتلن بابت جامٌ ساقي کي شاهدي ڏيڻ گهرجي ۽ هن کي سڀ حقيقتون ظاهر ڪرڻ گهرجن. باقي اهو تہ صاف ظاهر آهي تہ ڪيس فوج ماريو هئو ۽ اهو پڻ ڇيو ويندو هئو تہ ڪيس ماڙيپور ڪيمپ ۾ تشدد ڪري قتل ڪيو ويو هئو.

سوال: توهان نذير جي قتل جي ايف آءِ آر ڪنهن خلاف داخل ڪرائي هئي؟

حميده: اسان قتل جي ايف آءِ آر سڌي سنئين جنرل ضياءُ الحق ۽ ايس ايم عباسي خلاف ڪٽرائي هئي.

آئون ڪنيا ڪنديس ڪپڙا

زرقا موتيا عباسي جو انٽرويو: شبير شر 1994ع

سوال: پنهنجو نالو ٻڌائڻ پسند ڪنديون.
جواب: زرقا موتيا نذير عباسي.
سوال ايڏو وڏو نالو! توهان پورا ٻه نالا قبضي ڪري رکيا آهن! انهن مان ڪو هڪ ڊراپ نہ ڪنديون؟
زرقا: موتيا: نہ. هر گز نہ. مان پنهنجو ڪوبہ نالو ڊراپ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان. ڇو تہ اهي ٻئي نالا مون تي پاپا رکيا هئا. مان انهن کي پاپا جي ڏنل انمول سوکڙي سمجهندي آهيان. اهي تہ ٻہ نالا آهن پر پاپا مونتي سوين نالا رکيا هجن ها تہ مان اهي بہ سڏرايان ها!
سوال: توهان کي پنهنجي پاپا سان گذاريل وقت جون گهڙيون ياد آهن؟
زرقا: ڪاش، مون کي ان وقت ايترو هوش هجي ها. امان ۽ ڏاڏي ٻڌائينديون آهن تہ مان تڏهن 12 مهينن جي مس هئس. هاڻ ايترڙي ٻارڙيءَ کي ڇا ٿو ياد رهي سگهي. بس اهو ئي سوچيندي رهندي آهيان. ڪاش مان سمجهہ سان هجان ها!
سوال: سمجهہ سان هجين ها تہ ڇا ڪرين ها؟
زرقا: پاپا سان ڳالهيون ڪريان ها، گڏجي گهمان ها. پاپا کان گڏيون ۽ ٻيا رانديڪا گهران ها. مان سوچيندي آهيان تہ هو مون سان ڪيترو پيار ڪري ها. مون کي سالگرهہ تي خبر ناهي تہ ڪهڙيون سوکڙيون ڏئي ها.
سوال: ها سالگرهہ تي توهان ڇا سوچيندي آهيو؟
زرقا: مان سوچيندي آهيان، پاپا منهنجي سالگرهہ ۾ اوچتو اچي شريڪ ٿيندو ۽ مون کي سرپرائيزڏيندو! بس هرسالگرهہ تي اهو ئي سوچيندي آهيان. پاپا پل هٿين خالي اچي منهنجي لاءِ ڪا بہ گفٽ نہ آڻي منهنجي لاءِ خود پاپا سڀ کان وڏي گفٽ هوندو!
سوال: پر موتيا، هو تہ زنده ناهي. ڪيئن تو وٽ ايندو؟ اهو معلوم هوندي بہ تہ...
(منهنجي سوال کي پورو ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي هن اڏ ۾ ڪنئي ورتوءِ ڇوڻ لڳي): ڏسو نہ، امان ۽ ڏاڏي چون ٿيون تہ هنن بہ پاپا جو لاش ناهي ڏٺو. جيڪو ماڻهو مري ويندو آهي ان جو لاش هوندو آهي، جيڪوهن جا وارث دفنائيندا آهن. پر امان، ڏاڏي چاچا جن سڀ ٿا چون تہ هنن کي پاپا جو لاش نہ مليو. بس سخي حسن ۾ هڪ قبر ڏيکاري وئي. مان ان کي نٿي مڃيان. مان سمجهان ٿي تہ پاپا زنده آهي ۽ هو منهنجي

ڪنهن سالگرهه ۾ اوچتو شريڪ ٿي مون کي وڏي ۾ وڏي سرپرائز ڏيندو! مان اهو بہ سوچيندي آهيان تہ اها سرپرائز مان برداشت ڪري سگهنديس الائي نہ! ٺيڪ آ، مان پل خوشيءَ ۾ مري وڃان يا پاڳل ٿي پوان نہ ٿي وڃان، پر مان پاپا کي هڪ ڀيرو ڏسڻ ٿي چاهيان!

سوال: تنهنجي سالگرهه تي تنهنجي پاپا جا ڪيترا دوست شريڪ ٿيندا آهن؟

موتيا: تمام ٿورا. جيڪي ويجها رهندڙ هوندا آهن. هونئن منهنجي سالگرهه ننڍي پئماني تي ٿيندي آهي.جيڪڏهن وڏي پئماني تي ٿئي. شايد پاپا اچي پاڻ وڏي پئماني تي منهنجي سالگرهه ڪري سالگرهه جا ڪارڊ ورهائي، تہ پوءِ خبر پوندي تہ پاپا جا ڪيترا دوست اچي ان ۾ شريڪ ٿي ٿا سگهن. باقي هاڻ تمام ٿورا ايندا آهن.

سوال: توهان کي توهان جي پاپا جا دوست سالگرهه جي موقعي تي تحفا ڏيندا آهن؟

زرقا: شروع شروع ۾ پاپا جا ڪجهه دوست گڏيون يا ڪپڙا تحفي ۾ ڏيندا هئا. پر هاڻ انهن کا بہ مان شايد وسري وئي آهيان. هونئن بہ هر ڪنهن ماڻهو کي پنهنجا ٻار پيارا هوندا آهن. انهن کي ٿي ماڻهو ياد ڪري تحفا ڏيندا آهن هاڻ پاپا جا دوست ايندا آهن تہ ڪڏهن سو پنجاهه جي خرچي ڏئي چوندا آهن "زرقا وقت ناهي، ڏاڏي مصروفيت آهي. وقت مليو تہ توکي بازار وٺي هلي خريداري ڪرائبي.

سوال: زرقا توهان پنهنجي ماءُ سان رهنديون آهيون. توهان جي ڏاڏي اعتراض ناهي ڪندي تہ هن سان ڇو نہ ٿا رهو؟

زرقا: (ٿڌو ساهه ڀريندي) منهنجي ڏاڏي ڏاڍي پياري. ڏاڏي معصوم ۽ حساس آهي ۽ حساس جذبن جي قدردان آهي.هن کان ڪڏهن ڪڏهن مان بہ اهڙا سوال ڪندي آهيان تہ هوءَ معصوم مرڪ مرڪندي چوندي آهي، "نہ زرقا، توکي مان ماءُ جي پيار کان الڳ نہ ڪنديس" تو کي پيءُ جو پيار تہ نہ ملي سگهيو، پر ماءُ جي ويجهڙائپ ۽ پيار تہ ملندو ٿو رهي نہ. ان ۾ ئي منهنجي خوشي آهي."

سوال: زرقا، توهان ڇا ٿا سمجهو تہ توهان جو پاپا ڪٿي آهي؟

زرقا: مان الائي ڇو ائين سمجهندي رهندي آهيان تہ پاپا کي ڇڻ ڪنهن پري واري ملڪ ۾ قابو ڪري رکيو ويو آهي ۽ هو اتان هڪ ڏينهن پاڻ ڇڏائي ڪوٺ ڪڙا ڀڃي مون وٽ پهچي ويندو ۽ ها، مان روزانو رات جو پاپا کي خوابن ۾ ڏسندي آهيان ۽ هن کان اهو ئي پڇندي آهيان ۽ هن کان اهو ئي پڇندي آهيان تہ "توکي ڪنهن ماريو آهي؟" هو کلندو رهندو آهي ۽ چوندو آهي، "زرقا، مون کي ڪنهن بہ نہ ماريو آهي. مان زنده آهيان. جيڪي چون ٿا مان مري ويو آهيان، اهي ڪوڙ ٿا ڳالهائين." پوءِ پڇندي آهيان تہ "ٻاهر ڇو نہ ٿو اچين. ماڻهن کي ڇو نہ ٿو ٻڌائين تہ تون زنده آهين" تہ پوءِ چوندو آهي، "ماڻهن کي ڇا ڪندينءَ. بس توسان تہ ملان ٿو نہ؟" "پوءِ مان ڪروڌ ڪندي آهيان، "نہ پاپا، هل ماڻهن کي ٻڌاءِ هلي تہ تون زنده آهين." ائين شور ڪرڻ

تي جاڳ تي ويندي آهي. پوءِ پاڻ تي ڏاڍي چڙ ايندي آهي تہ خواب کي ٽوڙي ڇو ٿي ويهان.

(زرقا بنا سوالن جي پاڻ ئي ڳالهائيندي وئي) جڏهن پاپا جا دوست ايندا آهن ۽ پاپا جي ڳالهين کي ورجائيندا آهن تہ منهنجي خواهش وڌندي ويندي آهي تہ اهي ويٺا هجن ۽ پاپا جون ڪين جيڪي بہ ڳالهيون ياد آهن اهي ٻڌائيندا وڃن. هو چوندا آهن پاپا ڏاڍو کلڻو هو. ان ڪري مان بہ پاپا بڻجڻ جي ڪوشش ڪندي، رڳو کلندي رهندي آهيان. ڏاڏي ٻڌائيندي آهي تہ پاپا ننڍي هوندي ڏاڍو شرارتي هوندو هو. پوءِ مان بہ ڏاڍيون شراتون ڪندي آهيان.

سوال: هاڻ جو چون ٿا تہ تنهنجي بابا جي هڪ قاتل برگيڊيئر امتياز کي پڪڙيو آهي. اهي خبرون تہ توهان بہ ٻڌيون هونديون. پوءِ توهان ڇا سوچينديون آهيو؟

زرقا: دل چوندي آهي، سپرمين بڻجي هتان اڏامان ۽ ان پاپا جي قاتل جو نڙگهٽ پڪڙي اچلائي ڇڏيان ۽ هن جو ماس ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڳجهن کي کارائي ڇڏيان. پر مان تہ ننڍڙي آهيان. ڪجھ بہ نٿي ڪري سگهان. ڪاش مان سپر مين ٿي پوان ها! پوءِ ڏسو نہ بينظير وزيراعظم آهي. هن کي بہ رات جي وڳڙي ۾ يتيم ڪيو ويو ۽ مون کي بہ رات جي وڳڙي ۾ يتيم ڪيو ويو آهي. بينظير سان منهنجو اهو ئي رشتو تہ جڙي ٿو. پوءِ هوءِ ڇو نہ ٿي انصاف ڪري؟ مان روزانو سوچيندي آهيان. بينظير جو ماٺو ايندو ۽ مون کي اچي چوندو بينظير گهرايو آهي. پوءِ اتي مون کي عدالت ۾ موڪلي انصاف ڪيو ويندو ۽ برگيڊيئر امتياز کي ٽنگيو ويندو. پر حيرت آهي تہ اهي خبرون رڳو اخبارن تائين محدود آهن. نہ تہ مون کي، نہ منهنجي امان کي ۽ نہ ڏاڏي کي گهرائي بيان ٿو ورتو وڃي ۽ نہ ئي پاپا جي انهن دوستن سان ئي حڪومت رابطو ڪيو آهي. جيڪي پاپا سان گڏ گرفتار ٿيا هئا. پاپا سان جيڪا پاپا جا دوست گرفتار ٿيا هئا، انهن امتياز جا اخبارن ۾ ڇپيل فوٽا بہ سڃاتا آهن. پوءِ خبر ناهي تہ حڪومت ڪهڙي جاچ ڪرائي رهي آهي؟ اڃا تائين تہ حڪومت اسان مان ڪنهن سان بہ رابطو نہ ڪيو آهي.

سوال: هاڻ توهان ڪهڙي ڪلاس ۾ ٿيون پڙهو ۽ ڪيستائين پڙهڻ جو ارادو آهي؟

زرقا: هن وقت مان نائين ڪلاس ۾ پڙهي رهي آهيان. امان چوندي آهي تہ پاپا جي خواهش هئي تہ زرقا کي پرڏيھ تائين اعليٰ تعليم ڏياربي. پر هاڻ تہ پاپا بہ ناهي. منهنجي ڪوشش رهندي تہ اعليٰ تعليم حاصل ڪريان.

سوال: توهان تعليم ڪهڙي قسم جي حاصل ڪرڻ ٿيون چاهيون؟ منهنجو مطلب آهي تہ توهان ڊاڪٽر، انجنيئر يا ماستر ٿيڻ پسند ڪنديون.

زرقا: مون کي خبر ناهي تہ منهنجو پاپا منهنجي لاءِ ڇا سوچيو هو. امان کان پڇندي آهيان تہ هوءَ بس ايترو جواب ڏيندي آهي تہ "زرقا تون اهو سوچ تہ تنهنجي پاپا تنهنجا نالا ڪهڙا رکيا. تون انهن نالن جي پس منظر ۾ سوچ." هن بس توکي زرقا بنائڻ ٿي

چاهيو. (پوءِ هوءَ مون کان سوال ڪرڻ لڳي) انڪل توهان ئي ٻڌايو نہ تہ زرقا ڪير هئي ۽ ڇا هئي؟

(مون موضوع مٽائي زرقا کان ٻيو سوال ڪيو)

سوال: توهان کي رنگ ڪهڙا پسند آهن؟

زرقا: امان ۽ ڏاڏي چونديون آهن. پاپا کي ڳاڙهو رنگ پسند هو. بس ان ڪري مون کي بہ ڳاڙهو رنگ پسند آهي. مان پنهنجي ڪپڙن لاءِ بہ ڳاڙهو رنگ پسند ڪندي آهيان.!

متان وساريو

انور پيرزادو

1994 تہ سن 1980 ع ۾ اچوڪي ڏينهن تي پاڪستان جي مارشلائي حاڪمن سنڌ کي نذير عباسي جو لاش تحفي ۾ ڏنو هو.

سنڌ کي اهڙا تحفا 5 جولائي 1977 ع کان پوءِ اڪثر ملندا رهيا هئا . 2 اپريل 1979 ع ان سلسلي جو وڏو واقعو هو .

جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ سنڌ اندر جيڪڏهن شهيدن جو هڪ نجو قبرستان ٺاهجي ها ، تہ شايد اهو مڪلي کانپوءِ وڏي ۾ وڏو قبرستان هجي ها .

نظير عباسي کي 9 آگسٽ 1980ع کان صرف هڪ هفتو اڳ گرفتار ڪيو ويو هو . ۽ پوءِ جڏهن ڪراچي ۾ بي بي سي لاءِ ڪم ڪندڙ هڪ مهاجر صحافي اقبال جعفري هن لاش ملڻ جي خبر ڏني هئي ، ان وقت اڃان هن جي ڪنهن بہ ساٿيءَ کي علم ڪو نہ هو تہ هن جو موت ڪيئن ٿيو .

سول اسپتال ڪراچي ۾ هن جي لاش جو جڏهن پوسٽ مارٽم ٿيو هو تڏهن اتي ڪو بہ اهڙو ڊاڪٽر موجود نہ هو جنهن جون نذير عباسيءَ سان همدرديون هيون يا جنرل ضياءَ سان نفرت هئي .

ان ڊاڪٽر جي بيان ڪيل ڪجهہ تفصيلن کان وڌيڪ اڄ تائين اهو راز ئي رهيو آهي تہ نذير عباسيءَ کي ڪهڙي نموني ٽارچر ڏئي هڪ هفتي اندر شهيد ڪيو ويو .

بهرحال پهرين خبر اها هئي تہ هن جي جسم ۾ پڳل ۽ نوڪيدار ڪاون جا ٽڪرا چيپيل هئا ۽ هن جي مٿي تي ڪنهن ڪنداق جو گهرو وڍ ظاهر هو . ان زماني ۾ ڪتهن اڻچاتل ذريعي اهو بہ ٻڌايو هو تہ نذير عباسيءَ مارشلائي فوجن جي آڏي پڇا دوران ان پهرين سوال جو جواب ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو جنهن ۾ هن کان سندس نالو پڇيو ويو هو .

نذير عباسيءَ جو سياسي لاڳاپو ڪميونسٽ پارٽيءَ سان هو جيڪا ان وقت انڊر گرائونڊ هئي ، بهر حال هو ماٺهو ايڏو بهادر هو ، جو هن جو تعلق پاڪستان يا سنڌ جي ڪنهن بہ سياسي پارٽي سان هجي ها تہ هن جي شهادت تي اها پارٽي فخر محسوس ڪري ها .

هاڻي جڏهن برگيڊيئر رٽائرڊ امتياز گرفتار ٿيو آهي تڏهن خبر پئي آهي تہ هو نذير عباسيءَ جي قتل ۾ ملوث هو ڇا ڪاڻ تہ هو ان وقت ڪراچي ۾ فوجي جاسوسي ڪاتي ۾ ڪرنل هو .

سو متان وساريو تہ انهيءَ ڪميونسٽ پارٽيءَ جنهن لاءِ نذير عباسي سر ڏنو هو تنهن هن کي ڪافي حد تائين وساري ڇڏيو آهي ۽ 8 آگسٽ جي ڪنهن اخبار ۾ اهڙي ڪا خبر ڪانهي تہ هن اڻموٽ شخص جي شهادت جو ڪٿي ڪو ڏهاڙو ملهايو ويندو.

انقلاب جو سچو سپاهي، شهيد نذير عباسي

ڪامريڊ غلام رسول سهتو 1994

شهيد نذير عباسي جي شهادت تي ڪيترا پيرا لکيو ويو آهي. پوءِ به صحيح حقيقتون عوام تائين پهچي نه سگهيون آهن. اڪثر ڪري هر ورسي تي اهو لکيو ويندو آهي ته هتي ڄائو، هتي پڙهيو، هيترا سال روپوش رهيو. سندس احساسن متعلق يا سندس ڪردار جي بلندي بابت گهڻ تحريرون مليون آهن. جو ته ڪنهن به تنظيم ۾ شامل ٿيڻ سان ڪنهن جي سياسي قد جو اندازو نٿو ڪري سگهجي. يا ڪنهن تنظيم جي صدر ٿيڻ سان به اندازو نٿو لڳائي سگهجي، ڇو ته اڄ انهيءَ تنظيم "SNSF" جي باني صدر ڪان وني ٻئي ٽئين يا چوٿين صدر بڻجڻ وارا الائي ڇا ڇا نه ڪري چڪا آهن، بلڪ سندن نظرين جي بلڪل الٽ ڏنڊا ڪري رهيا آهن!! ان ڪري ڪنهن عهدي سان ڪنهن جي عظمت جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي. ان ڪري ڪنهن جي شخصيت تي لکڻ لاءِ هڪ ته سندس انهن سائين ڪي اڳتي اچي اهڙن پهلوئن تي لکڻ گهرجي. جيڪي ڪنهن قوم جي مستقبل بابت سوچڻ ۾ مدد ڪري سگهن. سندس اخلاقي بلندي تي لکڻ گهرجي ڇو ته چيو ويندو آهي ته ڪنهن کي سمجهي تڏهن سگهجي ٿو جڏهن سندس پاڙي ۾ ويهجي يا ساڻس جيل ۾ گڏ رهجي، پوءِ ئي سندس اصل شخصيت نروار ٿي ايندي، ڇو ته اسٽيج تي اچي قومي يا طبقاتي تضادن تي لفظن سان ڀرپور دونهاندار تقرير به ڪنهن کي سمجهڻ لاءِ ڪافي ناهي، نذير عباسي لاءِ اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو ته هن هڪ شانائتي موت کي قبول ڪيو. سنڌ جي ڪامريڊن جي تاريخ ۾ هڪ باب جو اضافو ڪيو. دنيا جي قومن جي هيروز جيان سنڌي قوم جي ڳاٽ کي به هميشه لاءِ اوچو ڪيو. جڏهن قومن جي قومي ۽ طبقاتي جنگين ۾ وڙهندڙ هيرن جو ذڪر ايندو ته نذير عباسي کي وسارڻ مؤرخ جي وس جي ڳالهه نه رهندي. هاڻي نذير عباسي لکندڙن جي لکڻين جو محتاج ناهي. هن پنهنجي ريٽي رت سان نه رڳو عذاب گهرن جي ديوارن کي ڳاڙهو ڪيو پر هر محب وطن حساس دل ۾ پنهنجو آستان پڻ ٺاهي ويو آهي، پر افسوس اهو آهي جو سندس دوست به ساڻس انصاف نه ڪري سگهيا. سندس زندگي جي انيڪ پهلوئن کي اجاگر نه ڪري سگهيا آهن.

تازو هڪ انگريزي اخبار "دي نيوز" جي رپورٽر اهو انڪشاف ڪندي لکيو آهي ته شهيد نذير عباسي جي قتل ۾ ان وقت جي ڪيپٽن برگيڊيئر امتياز جو هٿ هيو. بينظير حڪومت اهڙي ڪيس کي اٿلائي اڳوڪي برگيڊيئر امتياز مدنائيٽ جيڪالز جي سر غني تي شهيد نذير عباسي جي قتل ڪرائڻ جو ڪيس هلائڻ جو سوچي رهي آهي. ان ڪانپوءِ اخبارن ۾ مختلف خبرون ۽ تبصرا اچي رهيا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته هاڻي جمهوري حڪومت آهي، اها ضياءَ جي سڄي باقيات کي ختم ڪندي. شهيد جي نياڻي زرقا عباسي جي اهڙي اپيل ڇپي آهي ته بينظير صاحب

اوهان ڪي پنهنجي پيءُ جو لاش تہ مليو هيو پر مون کي پنهنجي پيءُ شهيد نذير عباسي جو لاش بہ نہ مليو آهي. اوهان ڪيس کولرائي منهنجي پيءُ جي قاتلن کي عبرتناڪ سزا ڏيارائڻ ۾ مدد ڪريو. ان کان پوءِ ڪجهہ اخبارن ۾ ايڊيٽوريل پڻ آيا آهن، جنهن ۾ پڻ زور ان تي آهي. برگيڊيئر امتياز کي وائڪو ڪري ڪائنس اهي سڀ ڳالهيون پڇيون وڃن. مان چوان ٿو اهڙن ڪيسن کي اٿلائڻ ٿي تمام وڏي ڳالهہ آهي. هتي اهڙن مجرمن کي پنهنجي ڪئي جي سزا ڏيارائڻ تہ پري جي ڳالهہ ٿيندي! منهنجي نظر ۾ هيءَ هڪ ڪسوٽي ٿي سگهي ٿي تہ هي حڪومت جمهوري آهي بہ يا نہ" هنن کي اقتدار چونڊيل سمجهي ڏنو ويو آهي؟ يا ايجنسين جي حڪمت عملين ڪري ڪن مخصوص مفادن حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو آهي؟ جيڪا حڪومت پنهنجي طاقت سان حاصل ڪيل هوندي آهي اها ئي اهڙا جرئتمندانہ فيصلا ڪري سگهندي آهي، نذير عباسي کي جن فورسز سان مهاڏو اٽڪائڻ جي سزا ڏني وئي هئي ڇا اهي فورسز پنهنجي طاقت وڃائي ويٺا آهن؟ ڇا انهي فورسز جا پنهنجا مفاد يا مستقل مفاد هاڻ هتي سنڌ ۾ نہ رهيا آهن؟ هاڻي انهن قومن جي قدرتي وسيلن تي راتاها هڻڻ بند ڪري ڇڏيا آهن؟ جي نہ تہ پوءِ نذير عباسي جو ڪيس نہ کلندو. نذير عباسي جو ڪيس اٿلائڻ معنيٰ اها آهي تہ آئينده اهڙا املهہ ماڻڪ سنڌ کان نہ کسيا وڃن. پر هتي تہ اڃا اسيمبلين ۾ بيهاريل ميمبرن لاءِ پڻ اهڙين ايجنسين کان اين او سي وٺڻي پوندي آهي!!

جن جن ميمبرن کي اين او سي نہ ملندي آهي ان کي سندس پارٽي ٽڪيٽ ئي نہ ڏيندي آهي. ڪنرائڻ پري جي ڳالهہ آهي. اهڙي وفاقي رياست ۾ نذير عباسي جهڙن امر جوانن جي قاتلن کي سزائون ڏيارائڻ بلڪل ڏکيو عمل نظر اچي رهيو آهي. هتي دراصل برگيڊيئر امتياز کي ڍيڇاري پنهنجي پسند جو بيان وٺڻ لاءِ جتن ٿي رهيا آهن ۽ ان ڪيس ۾ ڪيس ڪا عبرت ناڪ سزا ڪا نہ ڏني ويندي ڇو تہ ڪنهن بہ سازش جي باني کي سزا ڏيارڻ معنيٰ آئيده سازش جو دڳ بند ڪرڻ ٿيندو ۽ ان لاءِ اڃان وفاقي رياست جا اصل واڳ ڌڻي تيار نہ ٿيا آهن. مان اها ڳالهہ دعويٰ سان چئي سگهان ٿو تہ اهڙين حڪومتن جي وس کان ئي ٻاهر آهي تہ اهي نذير عباسي جهڙن قومن جي وقارَ بلند ڪندڙ انسانن جي قاتلن کي ڪا سزا ڏيارائي سگهن. اها سندن مجبوري آهي. جي حڪومت نذير جي ڪيس کي اٿلائي تحقيقات ڪرائي سندس بهادرانہ جدوجهد جون اهي آخري گهڙيون جي هن قاتلن جي هٿن ۾ ماڙيپور جي انڊر گرائونڊ عذاب گهرن ۾ گهاريون هيون اها سڄي رپورٽ ٿي پڌري ڪرائي وڃي تہ اها سندن سونن لفظن ۾ جڙائي رکڻ جهڙي تاريخي هوندي: انهن گهڙين جي روئداد ٻڌڻ لاءِ تمام عمر انتظار ڪرڻو پوي. بينظير حڪومت جي نانگن جي ٻرن ۾ هٿ وجهي يا نانگن جي ٻرن کي هميشہ لاءِ بند ڪري تہ اهو سندس تاريخي ڪارنامو ليکيو ويندو، يا سندن اهڙيون ڪاوشون سونهري لفظن سان لکيون وينديون. پر افسوس جو انهن ۾ اهڙي ٿوم نظر نٿي اچي.

هي اوچتي اخبارن ۾ ڪر ڪندڙ ترقي پسند ويچارا پنهنجن خواهشن جي تڪميل ڏسڻ لاءِ ڪجهہ اهڙيون خبرون ڏيندا آهن تہ مَنِ ائين ٿي پوي ۽ اهڙيون خبرون ڇاپيندا آهن تہ حڪومت هيئن سوچي رهي آهي ۽ هاڻي قاتلن کي عبرتناڪ سزائون ملنديون وغيره وغيره. ڪاش ائين ئي ٿئي ها پر افسوس جو اڃا اهي ادارا ايترا تہ

سگهارا آهن جو هي حڪومت مورڳو مڪمل ڪيس ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي. تہ پوءِ انهن فورسز جي ماضي جي ڪڌن ڪرتوتن تان پردو هٽائڻ جي سگهہ ڪيئن ساري سگهندي؟؟ اجا تائين ڪنهن بہ اهڙي سياسي ليڊر اها سگهہ نہ ساري آهي تہ اهڙن ڪڌن ڪرتوتن جي خالقن جي بجيٽ ئي گهٽ ڪري سگهن. جيڪي اقتدار ۾ آهن يا اقتدار جا اميدوار آهن. انهن کي بہ اهڙي ريهرسل ڪرڻي پوي ٿي ۽ هر روز عوام اڳيان بيان ڏيئي واضح ڪرڻو پوي ٿو تہ هو جڏهن بہ اقتدار ۾ آيو تہ اهڙن ادارن جي بجيٽ کي ڪو بہ نقصان نہ پهچائيندو. بلڪ ڪين اهو بہ يقين ڏيارڻو پوي ٿو تہ سندن مفادن جو مون کان وڌيڪ ڪو بہ رکوالو نہ آهي. اهڙي بي نرجائي سان ڀرپور مظاهري کان پوءِ وڃي اقتدار ڏٽين پاران ڪين اين او سي ڏني ويندي آهي. پوءِ وڃي اميدوارن جي لسٽ ۾ شامل ٿيندو آهي. هاڻي جيڪو سئو دفعا عوام اڳيان اهڙو اظهار ڪري چڪو هوندو يا عوام جو برين واش ڪرڻ جو دعويدار هوندو پوءِ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ وري اهڙي حرڪت ڪيئن ڪندو جو اهڙا واڳ ڏٽين جا ادارا ڇرڙي پون. بين ڳالهين تي اختلاف ٿي سگهن ٿا. پر بنيادي اشو تي اختلاف رکڻ جو آهي سوچي بہ نہ سگهندا پر نذير عباسي نہ رڳو سوچيندو هو پر ان لاءِ جاکوڙيندو بہ هيو تہ اها رقم بہ فوج تي خرچ ڪرڻ بدران عوام تي خرچ ڪريون تہ عوام هن وفاقي رياست جي پاڻ ئي رکوالي ڪندو. هو لکندو هيو تہ "اوهان جي رکوالي بنگال ۾ اسين ڏسي چڪا آهيون" انهي ڪري حاڪمن جي اکين ۾ ڪنڊي جيان چڀندو هيو پوءِ اها ذوالفقار علي ڀٽو واري حڪومت ڇو نہ هجي. ان حڪومت بہ ڪيس طرحين طرحين جا عذاب ڏنا هيا. اهو وري هڪ الڳ باب آهي جيڪو پڻ تحرير ٿيڻ گهرجي پر افسوس جو ترقي پسند رائيٽرن کي بہ ان دور تي لکندي الائي ڇا ٿي ويندو آهي. جو اڪثر ڪري نذير تي لکندڙ ان ٻئي دور تي لکڻ کان لنوائي ويندا آهن!! شايد اها سندن طبقاتي ڪمزوري ٻڌجي چڪي آهي جو ان تي لکڻ سان ڪين مالي نقصانن جو خدشو آهي يا مالي فائدن جي گنجائش ۾ ڪمي اچي ويندي. بهرحال ڀٽو حڪومت ۾ نذير تي عذاب نازل ڪيا ويا ۽ اهو بہ لکن تہ ڇا آهي مسئلا حل ڪيا ويا آهن جن مقصدن لاءِ شهادت ماڻيائين؟ ڇا ان لاءِ ڪير جاکوڙي رهيو آهي؟ سندس ساٿي اڄ کهڙين ڪيمپن ۾ آهن ۽ اتي کهڙا ڏنڌا ڪري رهيا آهن. مون سندس زندگي جي اهڙن پهلوئن تي اڳ بہ لکيو آهي جو اڳ ڪنهن بہ نہ لکيا ها. هاڻ بہ چاهيان ٿو سندس زندگي جي مختلف پهلوئن تي لکان تہ جيئن سنڌ جو ايندڙ نسل شهيد جي زندگي کان روشناس ٿي سگهي. مون اڳئين سال نذير جي ڪوئٽہ قلي ڪيمپ ۾ فوجن سان ٿيل گفتگو جيڪا پاڻ ئي مون کي ٻڌائي هيائين ان جون جهلڪيون پيش ڪيون هيون. هاڻ انهن ڪچهرين بابت ٻڌائڻ چاهيان ٿو جيڪي ڳالهيون اڳ ۾ ڪڏهن بہ عوام جي اڳيان لکت ۾ نہ اچي سگهيون آهن. نذير جڏهن قلي ڪيمپ مان آزاد ٿي آيو. اسان سوچيو تہ انهن دوستن جو شڪريو ادا ڪرڻ گهرجي جن نذير کي انهن فوجي درندن جي چنبن مان آزاد ڪرائڻ ۾ آواز اٿاريو. ان ڏينهن جي اخبارن خاص ڪري روزانہ "آفتاب" حيدرآباد جا ايڊيٽوريل ڪڏهن بہ وسارڻ جوڳا نہ آهن. شيخ علي محمد جا بهادرانہ ايڊيٽوريل تاريخ جو هڪ باب ٿيڻ گهرجن. جيڪي هن مارشل لا جي دور ۾ انهن درندن جي خلاف لکي گهر ڪئي هئي تہ نذير جو ڪو ڏوهہ آهي تہ بہ ان تي ڪنهن بہ ڪورٽ ۾ ڪيس هلائي ثابت ڪيو. ان جو ٿورو مجڻ لاءِ مان ۽ نذير

ساڱس ملياسين. قاضي اسد عابد سان ملياسين جو عبرت بہ ايڊيٽوريل لکيو هو. ان کان پوءِ مير رسول بخش ٽالپر سان ڦليلي واري بنگلي تي ملڻ وياسين. مير صاحب جلد نڪري آيو سندس ڪچهري واري صندل تي ويناسين. نذير سندس ٿورا مڃيا مون تنظيم پاران سندس شڪريو ادا ڪيو. مير صاحب ڪو ٻريو وينو هو ان چيو ادا اوهان ڪامريڊن نذير کي منهنجي سامهون اليڪشن ۾ بيهاريو. مون اوهان جي ڪامريڊن کي چيو تہ نذير کي ٿنڊي الهيار مان بيهاريو ڇو تہ اهو سندس اباڻو تڪ آهي، مان سندس سڄو خرچ پرينڊس پر ڪامريڊ انڊ جي گهوڙي تي چڙهيل هيا. انهن چيو مير رسول بخش کي هٽ ڪٽڻ گهرجي. ڇو تہ نذير پورهيتن جي علائقي مان بيٺو آهي. انهن پورهيتن نذير کي ڪيترا ووٽ ڏنا؟ جو اوهان بہ ڏنا!! پر مون آهي ڳالهيون بہ وساري ڇڏيون. ڇو تہ ان ۾ نذير جو ڪو بہ ڏوهہ ڪو نہ هيو ڇو تہ اهو جيل ۾ هيو ۽ ان ٻاهرين صورتحال جو صحيح اندازو نہ ڏنو هو. تنهن هوندي بہ مان نذير جي گرفتاري تي سخت احتجاج ڪيو جو منهنجو فرض بہ هيو. مير صاحب جو ڳالهائيندي پارو چڙهي ويو. چيائين تہ اوهان ڪامريڊ ڪڏهن انهي انڊ جي گهوڙي تان لهڻ جي ڪندؤ يا هميشہ پيا استعمال ٿيندؤ. مون عرض ڪيس تہ اهو وري ڪيئن؟ چيائين هن ولد زنائي ڦر اوهان ڪامريڊن سان ڇا ڇا نہ ڪيو؟ پر اڄ وري ساڳيا ڪامريڊ ٻي نڪا ٿي ان جي حمايت ڪري رهيا آهيو. جو هو سامراج جو دشمن ٿي بيٺو آهي. ان ڪري سامراج اسان جو مشترڪ دشمن آهي. اڳ سامراجين سان گڏ هيو تہ اسين بہ مخالف هياسين. مير صاحب نذير کي مخاطب ٿي چيو تہ اڇا! تنهنجي ماءُ، پيءُ، ڀاڄائي ۽ ڀين ڪيترين ماين کي مهينو ٽاڻن تي ويهاريائين. اهو ڪنهن جي چوڻ تي ڪيو هيائين؟ اهو بہ سامراج جي چوڻ تي ڪيو هيائين؟ يا سندس طبيعت ۾ ڊڪٽيٽر شپ هئي؟ اشوڪ ڪمار کي مارايائين؟ مينگل جي پٽ کي مارايائين نذير چيس تہ "پلي پلي جا پاڻ آئي سا بہ نہ پلي،" مير رسول بخش چيو تہ نہ سنڌي ۾ هيءُ صحيح پهاڪو آهي تہ "آزمائي کي جو آزمائي سو ڏوڙ منهن ۾ پائي." مون چيس تہ اهي وارداتون جڏهن ڪيائين پي تہ اوهان بہ ساڱس گڏ هيا ان وقت بہ اختلاف رکي نہ نڪتو؟ چيائين تہ "ادا اسان تہ ڏوڙ پاتي پر اوهان تہ نہ پايو." اسان تہ ان جي نعرن تي لڳاسين روٽي، ڪپڙا ۽ مڪان جا نعرا اسان کي زوري ڇڪي ويا پر اوهان سائنسي تجزيا، ڪندا آهيو. طبقاتي ڇيد ڪندا آهيو اوهان پاڻ ڏنو آهي تہ کهڙي زميندار کان زمين ڦري هارين ۾ ورهائي اٿائين؟ ڪو بہ هڪڙو زميندار آهي؟ جنهن وٽ هاڻي فقط 150 ايڪڙ بچي هجي!! نذير چيس تہ اسان کي سنڌس آمريڪا جي مخالفت وٺي آهي. ڪيترا اهڙا ماڻهو هوندا آهن جيڪي طبقاتي طور تي سوشلزم جا حامي نہ بہ هوندا آهن، پر سامراج دشمن هوندا آهن. هن وقت فقط سامراج دشمني ڪري ئي اسان سنڌس حمايت ڪيون ٿا. مير صاحب چيو تہ پوءِ کهڙن سوشلسٽ ملڪن سان ناتا وڌايا هيائين؟ ۽ انهن کي چيو هيائين تہ مون هن مهل تائين گند ڪيو هيو سامراجين جي هٿن ۾ کيڏندو رهيس هاڻي مان اوهان جي ڪيمپ جو حصو آهيان. مڙني نوڪري مان تي لائنس تہ وني رڙيون ڪيائين تہ "مون کي ڪسنجر ڌمڪيون ڏنيون آهن." اهڙيون دانهون تہ ايوب خان ڪيون هيون. ڪتاب لکيو هيائين"فرينڊس ناٽ ماسٽر" پوءِ اهو بہ سامراج دشمن ٿي پيو ڇا؟ جي معاهده امن ڪيائين معنيٰ معاهده تاشقند ڪيائين تہ واقعي امن جو پيغمبر ٿي پيو ڇا؟

مڙئي مجبوري کان ناهه ڪيائين جو وڌيڪ جنگ لڙڻ جي بہ سگهه ڪو نہ هيس. اهڙو نام نهاد شملا معاهدو ڀٽو بہ ڪري آيو هو پوءِ امن پسند ٿي پيو ڇا؟..... دوستن وانگر رهڻ هيو ڇا؟ ساڳيا ڏنڌا هيس ساڳيون نفرتون ڦهلائيندا رهندا هيا. ڀٽو ڪو ايڏو وڏو طاقتور هيو ڇا؟ جيڪو بہ اصلي حاڪم چوندا هيس ائين ڪندو هيو ڪرائي جو قاتل هيو. نذير عباسي چيس تہ اوهان جي لفظن موجب بہ اصل قاتل ٻيا هيا هاڻي جي انهن جي صفن ۾ ناهي تہ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ وري ڪين ڏکي انهن ڏي موڪليونس يا انهن کي اڪيلو ڪرڻ لاءِ هن کي همٿايون. مير چيو هيءَ ڪنهن جو بہ ڪو نہ ٿيندو. پوءِ وري گارين جو درس ڏنائين. نذير عباسي چيس مير صاحب اوهان واري گفتگو اسان نٿا ڪري سگهون. اسان هن وقت بدل کي لٽ هڻڻ ڪو نہ ٿا چاهيون. مير رسول بخش چيو اهڙن هڇائن کي زهر ڏيڻ گهرجي تہ عوام تان ڏڇو لهي. مير چيو تہ مان ان جو قائل آهيان چور، ڏاڙيل يا قاتل کي ڪير بہ ماري اسان کي ان جو ٿورائتو ٿيڻ کپي. نڪي قاتل بچايو تحريڪ هلائڻ کپي پوءِ منهنجي ۽ مير صاحب جي وچ ۾ ڪافي تلخيون پيدا ٿي ويون. مير صاحب بہ چڙئي هٿئين گاريون ڏيڻ جو عادي تہ مان بہ اهڙو ئي گاريل. هو گاريون ڏئي پيو پنهنجي اڳوٽي قائد کي تہ مان وري ان جي گرفتار ڪندڙ ضياءَ کي پوءِ نذير عباسي وچ ۾ پئي ڇڏ ڇڏاءِ ڪئي. مير صاحب کي چيائين اسان اوهان جو ٿورو مڃڻ آياسين پر هي تلخيون ٿي ويون آهن. انهن کي الڳ ڪري رکجو. متان سمجهو تہ اسين آيا ئي جهيڙو ڪرڻ هياسين. اوهان جو ڏڳ ورتو آهي. ان جو فيصلو هاڻي تاريخ ڪندي تہ ڪير صحيح آهي ڪير غلط؟؟ مان هاڻي سوچيان ٿو تہ شهيد نذير عباسي جو مؤقف يا اسان سڀني جو مؤقف درست هيو. يا مير رسول بخش جو؟ ڇا واقعي ڀٽو سامراج دشمن ٿي پيو هو؟ مون کي هڪڙو نوڪري پيشہ دوست چوندو آهي تہ جي ڀٽو سامراج دشمن هيو تہ ان جيل مان ڪو سامراج خلاف ڪتاب وغيره ڇو نہ لکيو. يا پنهنجي ڊائري ڇو نہ لکي. جنهن ۾ اعتراف ٿيل هجي ها تہ مان خود سامراجين جي هٿن ۾ ڪيڏندو رهيس ۽ هي غلطيون ڪيم. اهڙيون غلطيون ڪرڻ کان ايندڙ نسلن کان بہ روڪي ها ۽ سندس اولاد بہ يقينن سامراج دشمن هجي ها ڇو تہ ڪين سندن پيءُ جي وصيعت تہ ضرور ياد هوندي؟ اهو هڪ اهڙو بحث آهي جنهن جو فيصلو تاريخ کي ڪرڻو آهي. پر مان ايترو ضرور چوان ٿو تہ نذير جي پٺي جي حمايت ڪرڻ يا ان دور ۾ پيپلن کان وڌيڪ مارشل لا خلاف سرگرم ٿيڻ دل گردي جي ڳالهہ آهي. ڇو تہ جنهن جا ننگ ٽاٽن تي ويهاريا وڃن اهو بہ هڪ پورو مهينو پوءِ بہ ان کي معاف ڪري وري سياسي اخلاقيات جو مظاهرو ڪري اها تمام وڏي ڳالهہ آهي جنهن جو مظاهرو تمام گهٽ ماڻهن ڪيو آهي. مان دعويٰ سان چوان ٿو تہ پيپلن جي ڪلچر ۾ اهڙو ماڻهو پيدا ناهي ٿيڻو. مان سوچيان ٿو تہ نذير عباسي ۾ ڪيتري نہ سهپ هئي. جڏهن جيئي سنڌ وارن يعني شاهہ محمد شاهہ اينڊ ڪمپني وارن ماريس تہ بہ اف نہ ڪيائين. مارجندي بہ انهن کي گار نہ ڏنائين. بلڪ ان وقت يعني جهيڙي ۾ بہ چوين پيو تہ پنهنجو جلسو ٿا وڃايو ۽ ٿيو بہ ائين. جلسو ڦٽي ويو بلوچ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن وارا جهيڙي لاءِ پيا چوڻ- اتي ئي حملو ڪيون تہ بہ ان کي سختي سان منع ڪيائين. هاڻي تازو قاسم بگهيو مليو تہ چيائين ان جهيڙي ۾ مون نذير عباسي جي آگر پڪڙي سختي سان مروڙي هئي ان تي شرمندو آهيان ۽ خود نذير عباسي کان

بہ پوءِ معافي ورتي هيم. پر نذير ڪڏهن بہ اهو نہ سوچيو تہ هن مون کي مار ڪڏي هئي ۽ ان ڪري نہ ئي سندس چهري تي ڪا نفرت جي ريکا ئي اپرندي هئي. پر جن جن سيد جي سالگرهہ ۾ نذير کي مار ڏني هئي چا اهي سپ قاسم ٻگهيو وانگر شرمنده ٿيندا هوندا؟ جي ها تہ اهڙو اظهار ڇو نہ ٿا ڪن. ٻي ڳالهہ مان ٻڌائڻ ٿو چاهيان جڏهن تہ تنظيم ۾ بحث ٿيندو هيو تہ چوندو هيو تہ مان نيشنلسٽ ناهيان. مان هڪ غريب جو پٽ آهيان. ان ڪري اوهان سان گڏ آهيان ڇو تہ اوهان وٽ واضح پروگرام آهي جيڪو اسان غريبن جي پٽن کي ڇڪي ايندو آهي.

نذير روپوشي جي دؤر ۾ اهڙي تہ شڪل ٺائيندو هيو جو ڪير بہ نہ ڇئي سگهندو تہ هي ڪو شاگرد آهي. مشتاق شاهہ جي نقلي نالي سان تعارف ڪرائيندو هو. هڪ دفعي امداد چانديو نذير عباسي، امر لال ۽ مان راڻيپور ڊاڪٽر سليم سومرو، ڊاڪٽر نياز سومرو ۽ فهيم رضا سومرو وٽ مهمان هجون. امداد (ايس اين ايس ايف) سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو نائب صدر هيو. ڊاڪٽر نياز ان جي ايتري تہ خدمت ڪري رهيو هو جو نذير پوڳن ۾ چيس تہ مون کي تہ ساڙ ٿو ٿئي. دل ئي چوي تہ مان ڪول ڪريان ۽ ميزبانن کي ٻڌايان تہ مان نذير عباسي آهيان. هيءُ تہ منهنجو نائب صدر آهي. امداد چيس تہ پٽ تون بہ مشتاق ٿيو پيو هلين ماڃي ٿي تہ ڪو نہ پيو هلين!! ان تي ڏاڍو ڪلياسين پي تہ اوچتو ڊاڪٽر نياز اچي ويو ان پڇيو تہ چا تي ٿا کلو تہ نذير صفا سيريس ٿي ويو. هاڻي ڪير ٻڌائي تہ چا تي ڪلياسين. نذير چيس مون تي ٿا کلن تہ تون هڪڙو جيئي سنڌ وارو ڪيئن اچي دوستي ڪريءَ اسان ڪامريڊن ۾ ڦاٿو آهين. هاڻي ڊاڪٽر نياز سومرو گاريون ڏيندو آهي تہ مان ڊاڪٽر ٿي ڪري بہ ڦٽڪا ڪائي آيو هيس پوءِ بہ اوهان مون تي اعتبار نہ ڪندا هيو مون کي اهو بہ نہ ٻڌائيندا هيو. تہ هي نذير عباسي آهي، مان چوندو آهيانس تہ اهو ان ڪري نہ تہ متان تون سرڪار کي وڃي ٻڌائين تہ هي نذير عباسي آهي پر انهي ڪري تہ توکي جيڪو بہ دوست بازار ۾ ملي ها ان کي چئين ها تہ نذير عباسي ٻڌو اٿئي اهو منهنجو مهمان آهي. هل تہ هلي ملايائن. انهي شام ڪجهہ جيئي سنڌ جا دوست اسان سان ڪچهري ڪرڻ لاءِ آيا. امر لال هڪ جيئي سنڌ جي ڪارڪن غلام نبي مگريو کي وني سوڙهو ڪيو. ان ويچاري کي منجهائي وڌائين. نذير جو اتي مشتاق شاهہ ٿيو وينو هو. ان جيئي سنڌ واري سان گڏجي امر لال سان بحث شروع ڪيو سنڌ آزاد ڇو نہ ٿيڻ کپي، اهو بحث هڪ وکري ٽائيپ جو بحث هيو. جيڪو پهريون دفعو نذير جي واتان ٻڌوسين جو آخر ۾ امر لال بحث هاري وينو ۽ نذير چپ ڪرائي ڇڏيس. جڏهن غلام نبي مگريو هليو ويو تہ امر لال کان پڇيائين تہ جيئي سنڌ وارن سان ائين بحث ڪندا آهيو مڙئي ڏاڪا ٻڌي ڪين خاموش ڪرائيندا آهيو؟ وڏن وڏن ڪتابن جا حوالا ڏئي انهن جون متيون تہ منجهائي سگهون ٿا پر سندن دل نٿا جيتي سگهون. سندن دل ۾ جا آزادي لاءِ امنگ آهي اها ئي ڪين ناليج نہ هجڻ جي باوجود زنده رکيو ويٺي آهي پر تو بحث بند ڇو ڪيو؟؟ امر لال هڪدم چيو تہ مون سمجهيو تہ شايد متان پارٽي جي لائين تبديل ٿي وئي آهي جو تو ان جي حمايت پي ڪئي. ان ڪري بحث ڪيم. نذير چيس تہ جي مان ڪنهن ٻي پارٽي ۾ هجان تہ تون بہ ان پارٽي ۾ هوندي چا؟ تنهنجو پنهنجو ڪو نظريو ناهي چا؟ جي پارٽي جي متان لائين تبديل ٿي اچي تہ تون ان کي ايترو جلد مڃي وٺندين چا؟ ان تي بحث ڪرڻ يا دليل ڏئي

سمجهائڻ جو عمل بند ڪندين ڇا؟ بهرحال اهو هڪ تاريخي بحث هيو. اهو سنڌس اندر جو آواز هيو يا بحث براءِ بحث هيو؟ مان دوستن جي سامهون پيش ڪيان ٿو ڇو تہ هڪ دفعي نذير عباسي مون کي چيو هيو: پارٽي اهڙن ماڻهن جي هٿ ۾ آهي جن کي هتان جي مسئلن جي ڄاڻ ڪونهي. جڏهن پاڻ ان تي فيصلي ڪرڻ واري پوزيشن ۾ پهتاسين پوءِ ڏسجان تہ انقلابي پارٽيون ڪيئن هلنديون آهن. مان سوچيان ٿو تہ ڇا نذير عباسي واقعي انهن کي سادو سمجهندو هيو تہ پوءِ اها سنڌس غلط فهمي هئي جو هن پارٽي جا رهبر رهزن بہ ها دانستہ پارٽي کي وڏڻ ويجهڻ نہ ڏنو هين. سدائين مظلوم قومن جي اڳواڻن سان اتحاد بہ ڪندا هيا ۽ سنڌن ترا بہ ڪڍندا هيا. خير مان فقط ان وقت جو اهو راڻيپور وارو بحث دوستن اڳيان پيش ڪيان ٿو. جيڪو نذير عباسي هڪ قومپرست ٿي هڪ ڪميونسٽ امر لال سان ڪيو هيو. نذير عباسي پهريون سوال امر لال کان اهو ڪيو تہ اوهان ڪامريڊ اسان جيئي سنڌ وارن جا دشمن ڇو آهيو؟ امر لال چيو اسان جيئي سنڌ وارن جا دشمن نہ آهيون. نذير چيو تہ پوءِ اوهان هر جاءِ هر گهڙي ۾ گهٽي مخالفت جيئي سنڌ وارن جي ڪندا آهيو سو ڇو؟ امر لال چيو تہ اسان سنڌن گندن عملن جي مذمت ڪندا آهيون ۽ نذير چيس تہ پوءِ اوهان ٿي سنڌن پروگرام ڪٿي عوام ۾ وڃو ڇو تہ انهن جو پروگرام تہ سٺو آهي پوءِ ڪٿي عمل بہ سنا ناهن. اوهان ٿي آزادي جو پروگرام ڪٿي عوام کي منظم ڪيو. امر لال چيو تہ اسان سنڌن نظرياتي ڪچاين جي بہ نشاندهي ڪندا آهيون. نذير چيس تہ ڪهڙين نظرياتي ڪچاين جي؟ سنڌي هڪ قوم آهي. جنهن کي پنهنجي زبان تاريخ ۽ پنهنجو هڪ هزارن سالن جو خطو بہ آهي جيڪو ڪڏهن آزاد رهيو آهي تہ ڪڏهن غلام. اهڙو خطو جنهن تي سنڌس خوشحالي ڪري هر وقت بکين ڌارين حملي آورن جون نگاهون رهيون آهن. هاڻي اڄو تہ اهڙي سنڌ کي ڌارين حملي آورن کان بچايون جي جيئي سنڌ وارا تو چواٽي سچا ناهن تہ اوهان جهڙا ماڻهو جيڪي پاڻ کي سائنسي سوچ سان مالا مال بہ سمجهن ٿا. ۽ فولادي انسان بہ آهيو تہ اوهان ٿي اڄي ان جون واڳون سنڀاليو. اوهان ٿي ان مشن کي اڳتي وڌايو. امر لال چيو اسان تہ ڪميونسٽ آهيون. انٽرنيشنلسٽ آهيون. اسين تہ دنيا جي پورهيتن کي گڏڻ جي ڳالهہ ڪندا آهيون. اسين عليحدگي پرست ناهيون. اسين قومي حق ڏئي نفرتون هميشہ لاءِ ختم ڪرائيندا آهيون. اسين جيئي سنڌ وارن جي عليحدگي جي واضح پروگرام جي حمايت ڪيئن ڪنداسين. نذير چيو معني اوهان مخالف ٿي آزادي جا آهيو ڇو تہ آزادي پسندن کي عليحدگي پسند ڪوٺيو ٿا. پاڪستان تہ هڪ معاهدو هيو جي پاڪستان جا حاڪم يا عوام انهن معاهدن جي رکوالي نٿا ڪري سگهن تہ بہ ڌر کي ان معاهدي کان عليحدگي ٽيڻ جو اوترو ٿي حق آهي. سنڌس الحاق وارو فيصلو سيني کي قبول آهي. پر جي اها ٿي قوم بيهر اهڙي الحاق کان عليحدگي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪري تہ اِهو فيصلو نامنظور آهي سو ڇو؟

امر لال چيو تہ ڪير ٿو عليحدگي جو اعلان ڪري هڪ بہ تنظيمون آهن جن کي عوام جي حمايت ڪانهي، انهن کي اسيمبلين ۾ حمايت ڪونهي، جنهن اسيمبلي اهو پاس ڪيو هو. ان سنڌ اسيمبلي کي ٽوڙڻ بہ اهو حق آهي تہ هو ڪهڙي بہ قرارداد پاس ڪري. اها اسيمبلي تہ خاموش آهي. عليحدگي نٿي ڇاهي نذير چيو تہ اوهان ڪميونسٽن وٽ آزاد ۽ عليحدگي ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي جو بار بار گفتگو

۾ آزادي کي عليحدگي چئو ٿا. جيڪو ٽرم فقط دشمن ئي استعمال ڪندا آهن، تڏهن ئي چوندا آهن ته هي عليحدگي پرست آهن اهو ڪڏهن به نه چوندا آهن ته هي آزادي پرست آهن. اوهان جي به بولي ساڳي آهي. ٻي ڳالهه ته اقتدار ۾ جيڪي ڌريون آهن انهن کي هي حاڪم طبقا يا حڪمران قومون اسان سنڌين وٽان ڪمايل رقم مان ڪجهه حصو خرچي طور ڏين ٿا. يعني انهن پارٽين کي ڪروڙها روپيا ڏين ٿا تڏهن اهي اسيمبلين ۾ اچن ٿا پوءِ اهڙا اسيمبلي ميمبر وري حاڪمن کي اربها روپيا ڪارائڻ لاءِ ماحول تيار ڪري ڏين ٿا. يا هيئن چئجي حاڪمن جي راهه ۾ رڪاوٽ نٿا بڻجن ۽ اهو سندن پاڻ ۾ ناني ويڙهو آهي. هڪ طرف اهي حاڪم آهن. جيڪي اربها روپيا ڪمائيندي ڪجهه ڪروڙ پنهنجن دلالن کي ڏئي اسان جي خلاف واويلا ڪرائن ٿا. ٻئي طرف اوهان ڪميونسٽ آهيو. جيڪي قومي ڪارڪنن جون متيون منجهائي ڇڏيو ٿا. ان مان ڇا سمجهجي؟ جنهن سبب امر خاموش ٿي ويو. بهرحال اهو هڪ ڪلاڪ ڪن جو ڊگهو بحث هيو جيڪو نذير بحيثيت هڪ قوم پرست جي هڪ ڪميونسٽ سان ڪيو هو. اهو بحث وڏي نه سگهيو هيو جو امر لال بحث ئي ختم ڪري ڇڏيو هيو. مان گهڻ ۾ گهڻ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هتي ڄاڻ جو به ڪال آهي. قوم پرست کي قوم پرستي جي پوري خبر نه آهي ۽ ڪميونسٽ کي به پنهنجي نظرئي جي پوري ڄاڻ ڪا نه هئي بس عشق پي سيني ڪڻ هلايو. بس لڳا پيا هجون رزلٽ نڪري نه ڪري ڪو سمجهي نه سمجهي بحث براءِ بحث به نه پر بحث براءِ جيتڻ واري ڪار هئي ته اڳلي کي ڪيئن بحث ۾ مارجي ان ڪري ڪافي سنجيده ڳالهين تي سنجيده لائحہ عمل ڪنهن به پارٽي يا ذر وٽ ڪو نه هيو. هاڻي ته انهن ڪوڙن سچن بحثن وارو دور به ويو ڪنهن وٽ تائير ناهي. اڳيان تلخ بحث ڪندڙ ڪردار ۾ لڳا پيا آهن ته پيسو ڪيئن ڪمائجي؟ چاهي ان لاءِ ضمير جو سودو ڪرڻو پوي ته به وڏي ڳالهه ناهي. ان مشن تي قومپرست ڪميونسٽ متفق ٿي ويا آهن. پيسو ڪيئن ناهجي، جمهوريت پرستن تي ميار ان لاءِ ناهي ته اهي اصل لڪ لڪوتي نه ڪندا هيا واضح چوندا هيا هتي هي فائدا آهن. اوهان به اچو ڇڏيو انهن آدرشن کي. مزي جي ڳالهه اها آهي انهي ريس ۾ هر ڪو ايترو مگن آهي جو ڇام ساقي به جمهوريت جو راڳ ٿو الاپي ته اڳين راڳين کي خوف ٿو ٿئي ته اسان جي روزگار تي لت نه اچي وڃي يعني اسان کي ڪٽي نه وڃي انهي خوف ڪان ڪنهن به پيپلي حمايت يا خير مقدم ڪو نه ڪيس. سواءِ ٻن ٽن ڪارڪنن جي وقت وقت جي ڳالهه آ پاڻ کي پنج هزارن سالن کان سنڌي سمجهندڙ اڄ اهڙي پارٽي ۾ وڃي ٿو جنهن جي منشور ۾ ئي سنڌي قوم مجيل ناهي!! مان سوچيان ٿو پارٽي ٽٽڻ واري مرحلي ۾ جي نذير عباسي هجي ها ته ڪهڙو عمل ڪري ها. هڪ طرف عقل چوي ان طرف هجي ها جنهن طرف وڏيڪ دليل هجي ها پر سندس پارٽي سان وابستگيون ياد ڪندي چوڻو پوي ٿو ته پارٽي ٽٽڻ واري مرحلي ۾ اسان کي نفرت جي نگاهه سان ڏسي ها ۽ چوي ها ته اوهان پارٽي جا دشمن آهيو ۽ سامراج جا ايجنٽ آهيو جو ته سندس وابستگي ايتري گهري هئي جو چئي نٿو سگهجي ته ڇا ڪري ها گهڻ ۾ گهڻ ايترو ضرور چئي سگهان ٿو. اهڙي ڪنهن به پارٽي ۾ نه وڃي جيڪا عوام جو نعرو ته استعمال ڪندي هجي پر هجي مٿين طبقي جي دلال. جو ته نذير کي پنهنجي توڙي پنهنجي قوم جي غربت جو بيحد گهڻو خيال هوندو هيو. سندس پنهنجي نظرئي سان وابستگي کي ڪير به چئلينج نٿو

ڪري سگهي. بنيادي ڳالهه اها آهي ته هو سچو ڪنهن سان آهي عوام سان، قوم سان يا پنهنجي پيٽ سان چو ته ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته ماڻهو جيئندا آهن کائڻ لاءِ پر مان کاوان ٿو جيئڻ لاءِ، پيٽ لاءِ جيئندڙ يعني کائڻ لاءِ جيئندڙن هن ڌرتي کي تاراج ڪري ڇڏيو آهي. شهيد نذير عباسي انهن مان نه هيو هي انهن انسانن مان هيو جيڪي جيئڻ لاءِ کائيندا هيا. هڪ دفعي مون وٽ خيرپور آيو مان پنهنجي شهيد عبدالرزاق سومرو بڪ اسٽال تي ويٺو هيس. جيڪو تاج هوٽل لڳ هيو بڪ جي ٽائيم تي بڪ اسٽال بند ڪري هڪ ٻي هوٽل تي ماني کائڻ وياسين ته اتي دال يا قيمو پنجاهه پيسن ۾ ملندو هيو. غوث بخش خاصخيلي ماني کائڻ کان جواب ڏيندي چيو ته ڪامريڊ معنيٰ گند کائون ٿا. يعني سادي ماني کائڻ ان جي وس جي ڳالهه ڪو نه هئي.

هڪ دفعي نذير مان ۽ گهنشام پرڪاش ڪنهن هنڌ ماني تي ڪاڌي پاڇي جي پليٽ به هڪ هئي ۽ ان ۾ بوٽيون به ڪل ٽي هيون، ماني کائيندي گهنشي چيا ڪيو. هڪ بوٽي کائي ويو، ٻي بوٽي کائي ويو، ٽين ۾ هٿ وڌائين ته نذير ٽوڪيندي چيس ٻين جي حصي جي بوٽي کائيندڙ دوست ڪڏهن به دوستن سان بـه وفا نه ڪندو جي ڪيس ڪڏهن به اقتدار مليو ته هو دوستن کي لتاڙي به وجي اقتدار جي پيڙو ٿيندو ان ڪري تون پاڻ تي ڪنٽرول ڪر. گهنشام چيو اوهان جو بوٽيون نه پي ڪاڌيون ان ڪري. مون چيو ته مان ئي ٿو کاوان. نذير چيس اسان مان ڪنهن تو کي اپيل ڪئي ٿي ته اسين وشنا آهيون بوٽين سان ملهه ڪر. مان فقط نذير جي ان ڳالهه کي مدنظر رکي دوستن جو اڄ جائزو وٺان ٿو ته سڀ اهي ماني جا بکيا اهڙين پارٽين ۾ ڏسان ٿو جتان ڪين ڪجهه نه ڪجهه ڦٻي ٿو. هڪ اهڙي ڳالهه جيڪا نذير کي اجان به متاهون ڪري ٿي. اها ضرور دوستن تائين پهچائڻ چاهيان ٿو. مرحوم طارق اشرف 22 مهينا جيل ۾ لکيو هيو ان ۾ سيني جيل ۾ رهندڙ سياسي قيدين سان پيٽ ڪندي لکيو هيائين ته جي نذير عباسي جهڙا پٽ سياست ۾ اچن بيشڪ سنڌ سکي ستابي ٿي سگهي ٿي، سنڌ جي پيننگ انڪري به ٿي آهي جو سياسي ڪارڪن توڙي اڳواڻ ڪردار جا ڪمزور آهن. ان ڪري جي چاهن ٿا ته نذير عباسي کي خراج عقيدت پيش ڪيون ته انهن کي گهرجي ته ڪنهن به پارٽي ۾ هجن سندن ڪردار بلند هجڻ گهرجي چو ته ان جو هڪ عمل ڪردار جي پختگي پڻ آهي، ڪو به سياست ڪري ٿو جي پنهنجي ماڻهن جي زندگي سنوارڻ جا سنهرا خواب ڏسڻ ٿو چاهي ۽ ان لاءِ جدوجهد به ڪري ٿو. جيل به ڪاٽي ٿو ته سڀ کان پهريون پنهنجو ڪردار سگهارو بڻائي، اهو ئي هن ورسي تي شهيد جو دوستن لاءِ پيغام آهي.

روح جا ريلا

عبدالواحد آريسر 1994

ڪنهن دوست 12 آگسٽ تي حيدرآباد پريس ڪلب ۾ شهيد نذير عباسيءَ جي ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني. دعوت ملڻ شرط دل ۽ دماغ جي تهہ خانن ۾ ستل مينهن وسائڻ جهڙيون يادگيريون هرڪر ڪرڻ لڳيون. هي غالبن 1980ع وارو زمانو هو. جڏهن مون کي بيماريءَ سبب سينٽرل جيل حيدرآباد مان ايل ايم سي ۾ علاج لاءِ آندو ويو هو. اتي ئي ڪنهن اپاڳي صبح جو اها منحوس خبر مون کي ٻڌائي وئي تہ ڪامريڊ نذير عباسيءَ کي ٽارچر سيل ۾ عذاب ڏيئي ماريو ويو آهي ۽ انهيءَ وحشيانہ عمل جي مذمت لاءِ سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن احتجاجي جلوس ڪڍيو. جنهن کي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ان وقت جي صدر حبيب الله ناريجي ناڪام بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها خبر ٻڌي منهنجي جيڪا حالت ٿي سا بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. نذير جي موت جيڪو صدمو پهچايو هو سو شديد غصي ۽ ڪاوڙ ۾ تبديل ٿي ويو ۽ ان ئي وقت مون هڪ دوست کي گهرائي نذير جي موت تي اهڙي قسم جي وحشيانہ عمل جي مذمت ۾ نڪتل جلوس کي بي حيائي ۽ بيغيرتيءَ سان روڪڻ تي حبيب الله ناريجي جي عمل تي هڪ ڀرپور شيٽ لکي يونيورسٽيءَ جي ديوارن تي هڻڻ لاءِ ڏنيءَ ساڳئي وقت فيڊريشن جي ايل ايم سي يونٽ جي صدر ڊاڪٽر سومار کي گهرائي چيو تہ ٿوري کان ٿوري وقت اندر جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪائونسل جو اجلاس گهرائي ناريجي کي سنڌس عهدي تان هٽايو وڃي ۽ پوءِ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ ائين ٿيو پر منهنجي انهيءَ ڪوشش سان نہ نذير ٿي موٽي سگهيو ۽ نہ ئي ناريجي جي پيشاني ابدي غداري جي داغ کان صاف ٿي سگهي ٿي.

نذير سان منهنجي واقفيت تمام پراڻي هئي. اسان جي ليڊرن ۾ ڪٿي ڪيترائي اختلاف هجن. اسان جي پارٽين جي منشورن ۾ ڪٿي رات ڏينهن جو اختلاف هجي پر اسان سڄان ۽ بکيا ورڪر ذاتي طرح هڪ ٻئي سان پيار ڪندڙ ساٿي هئاسين. ڇو تہ اسان جا مسئلا مشترڪ هئا. اسان جون محروميون ساڳيون هيون. اسان جا سٽن پيڙهين کان وني درد هڪ جهڙا هئا. اسان جي دلين ۽ دماغن تي ظلم، بربريت ۽ وحشيانيت جي قانون جي ڇپن جا بار بہ ساڳيا پر علاج اسان مختلف

حڪيمن ڪان ٿي ڪرايو. پوءِ هڪ ٻئي جي تڪليف اسان پنهنجي سمجهندا هئاسين. هڪ ٻئي جي بيعزتي به پنهنجي ئي بيعزتي سمجهندا هئاسين ۽ منهنجو اڄ به خيال آهي ته سنڌ جيڪا اڄ به جاگيردارن، وڏيرن، ميرن، پيرن ۽ پوتارن جي سازشن جي بدبودار ڪانگهارن ۾ ليٽڙي پئي ۽ خوشامد پرستيءَ جون دستارون جيڪي ظاهر ۾ سفيد ڪبوترن جي پرن جهڙيون نظر اچن ٿيون سي حقيقت ۾ حَيض هاٺي ڪپڙي ڪان به غليظ آهي. جتي وطن ۽ ويڙهيچن سان غداريءَ ڪي فن جو درجو مليل آهي. جتي علم جهالت ڪان شڪست کائي رهيو آهي. قلم جي لٺ جيتري طاقت نه رهي آهي. ضمير بي ضميرن وٽ معذرت خواهه ٿي رهيو آهي. علم ۽ قلم وقت جي حڪمرانن جي بوٽ جي دز چٽڻ پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز سمجهي رهيا آهن ۽ نوبت اتي پهچي رهي آهي جو خوشامد پرستن جي وس پڄي ته اهي پڳائي جي دستار کي حڪمرانن جي پيرن هيٺ غاليچن وانگر وڇائڻ لاءِ هر وقت حاضر ٿي وڃن. اهڙي ڌرتيءَ تي اهڙن ورڪرن جو وجود خدا ۽ تاريخ جو شاندار فصل آهي.هي قوم، اخبارون، دانشور ۽ سياسي ليڊر محبت، پيار ۽ قدر جي پاڻيءَ سان انهي جي پلي آبياري نه ڪن. اهي ته پاڻ ورڪرن کي هڪ ٻئي سان ويڙهائي ائين لطف اندوز ٿين ٿا جيئن ڪڪڙن کي ويڙهائي پوتار مزو وٺندا آهن ۽ حڪمران انهي فصلُ کي ائين اجاڙيندا رهن ٿا، جيئن مست هاٿي ٻوٽن ۽ ٻوڙن کي اجاڙيندو آهي. هتي اذيتن ۽ عذابن جا جيڪي پهاڙ ڪيرايا وڃن ٿا سي ورڪرن مٿان ٿارجر ۽ ڦٽڪا به ڪارڪنن جو مقدر آهن، ڪنهن به وڏي ماڻهوءَ کي پنهنجي جدوجهد دوران انهن مرحلن مان ڪو نه ٿو گذرڻو پوي، جنهن مان ورڪر ٿو گذري، اهو ئي سبب آهي جو هتي ڪارڪنن جي سياست ايري ۽ نسري نه سگهي آهي.

اڄ جيڪي سنڌ جي اڄي ڪاري جا مالڪ ٿيا ويٺا آهن منهنجي دعويٰ آهي ته انهن کي جيڪڏهن هڪ هفتي ٿائين ٿارچر سيلن ۾ اڪيون ٻڌي رکيو وڃي ته سياست، وزارت ۽ حڪومت ڪان توبهون ڪري وڃي ولايت ۾ ويهن ۽ سنڌ جي جان هن غليظ سياست مان سدائين لاءِ ڇٽي پئي. اڄ سنڌ کي ۽ سنڌي قوم کي اهڙن ورڪرن جي ضرورت آهي، جيڪي پارٽي جا ورڪر گهٽ ۽ سنڌ جا ورڪر وڌيڪ هجن. جيئن ته هن ڌرتيءَ تي اهڙن ورڪرن جو خواهشمند رهيو آهيان جيڪي ساهه ڏئي ويساهه وٺن جيئن نذير عباسي ڪيو. ان ڪري آءٌ باوجود نظرياتي اختلاف جي نذير عباسي کي ڏاڍو پائيندو هوس. ان ڪري نذير سان جيڪو به زيادتي ڪندو هو ته ان سان آءٌ پنهنجي وس ۽ وت آهر اٽڪي پوندو هوس. ان جو هڪ مثال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه وارو آهي. اتي نذير عباسي قوم پرستي جي خلاف تقرير ڪئي ان وقت آءٌ موجود نه هوس تنهن ڪري ڪجهه ڏيشين نذير کي اسٽيج تان لاٿو ۽ ٻه چار ڌڪ به هنيائون. جڏهن آءٌ پهتس ۽ مون کي نذير سان ٿيل وارتا جي خبر پئي ته مون فيڊريشن جي صدر کي چنڊ ڪڍي ۽ پنهنجي

تقرير ۾ چيم تہ توهان قومي ڪارڪن آهيو ئي ڪو نہ پر اوهان تہ عربي رياستن جا بگڙيل شهزادا آهيو. جن پنهنجي انا ۽ عياشي لاءِ عظيم عرب قوم کي ٽڪرن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. پوءِ مون نذير کان معافي ورتي، جنهن تي ڪلي چوڻ لڳو تہ ڪامريڊ پرواهہ ناهي. هتي موچڙا پنهنجو مقدر آهن. اڄ مون سان تي آهي. سڀائي انهي ساڳي اسٽيج تي انهن ئي نعرن جي گونج ۾ توسان تعدي ٿيندي. پوءِ واقعي سندس پيشن گوئي سچي نڪتي ۽ اهو اعزاز آءُ بہ انهن اسٽيجن تان حاصل ڪري چڪو آهيان.

نذير سان وڌيڪ ويجهو رهڻ بلڪہ گڏ رهڻ جو موقعو سينٽرل جيل ڪراچيءَ ۾ مليو. اتي مون کي خبر پئي تہ هو سٺو مزاحيہ ليکڪ آهي. هو اتي ڪافي ڪجهہ لکندو رهندو هو لکڻ کان پوءِ مون کي ڏيکاريندو هو ۽ پوءِ خبر ناهي ڪهڙي اخبار ۾ يا رسالي ۾ ڇپجڻ لاءِ موڪليندو هو. گهٽ ۾ گهٽ مون سندس نالي سان ان وقت ڪا ڇپيل شيءِ نہ پڙهي. شايد ڪميونسٽ ڪلچر جي ڪري هو اهي شيون ڪنهن فرضي نالي سان ڇپائيندو هجي. نذير کي جيل ۾ کاڌي پيتي، ڪپڙي لٽي جي ڪا خاص پرواهہ نہ هوندي هئي. البتہ هڪ پراسرار خط جو ڪيس (نذير عباسي کي) شدت سان انتظار رهندو هو. جيڪو هڪ اڪيلائي ۾ بار بار پڙهندو هو ۽ شايد اهو خط هن جي جيل واري زندگي لاءِ ڏاڍو حوصلہ افزا ثابت ٿيندو هوندو. اڳتي هلي مون کي ٻڌايو هئائين تہ اهو خط ڪنهن جو آهي. هو ڏاڍو زندهہ دل ۽ پوڳائي هوندو هو. هڪ ٿري لوڪ گيت ان وقت ڏاڍو مشهور هو. جنهن جا بول هئا"جانيئڙا مون تولاءِ لولو پڪو" ان کي نذير همشہ هيئن پڙهندو هو"جانيئڙا مون تولاءِ ڇيلو ڪنو" آءُ چوندو هوس تہ"ڇيلو ڪنو نہ پر لولو پڪو" آهي. ان تي نذير چيو تہ يار لولو تہ روز پچندو آهي جانيءَ جي اچڻ تي ڇيلي جهڙي قيمتي شيءِ قربان ٿيڻ کپي. ان تي آءُ چوندو هيس ڇيلو هتي سنڌ ۾ قيمتي ۽ لولو سستو آهي پر ٿر جي ڏڪاريل علائقي ۾ ڇيلا تہ جام هوندا آهن پر اناج نہ هئڻ ڪري لولو مهانگو ۽ اڻ لڀ هوندو آهي. ان ڪري جانيءَ جي اچڻ تي لولو پچڻ وڏي ڳالهہ آهي. ان تي ڪلي چيائين تنهنجي ڳالهہ منهنجي دل سان لڳي باقي شاعر جي ذهن ۾ اها تشريح هرگز ڪا نہ هوندي.اڄ هو اسان ۾ ناهي پر اهو نصب العين بہ ناهي، جنهن لاءِ هن جان قربان ڪئي، جو تہ سندس ساٿي اهو ڇڏي چڪا آهن.

ڪامريڊ نذير عباسي جي قاتلن کي ڦاهي ڏيو

ڪامريڊ رمضان ميمڻ 9/8/1994

هر سال ڪامريڊ نذير عباسي جي ورسي جي موقعي تي سنڌس يادون تازيون ڪرڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکيو ويجي ٿو. قبر تي گلن جون چادرون چاڙهيون وڃن ٿيون. ڪجهہ ماڻهو گڏ ٿي ياد ملهائڻ جو فرض بہ پورو ڪري وٺن ٿا. 9 آگسٽ 1994ع جو ڏينهن ڪامريڊ نذير عباسي جي چوڏهين ورسي جو ڏينهن آهي. هن سال ورسي کان اڳ ۾ ئي پاڪستان پيپلزپارٽي جي جمهوري حڪومت قائم ٿي چڪي آهي. جنهن رياست جي جمهوريت دشمن، عوام دشمن قوتن کي بي نقاب ڪرڻ شروع ڪيو آهي. خبرون آيون آهن تہ ڪامريڊ نذير عباسي کي تشدد ذريعي شهيد ڪرڻ جا ذميوار انٽيليجنس بيورو جا سربراهہ برگيڊيئر امتياز ۽ ميجر عامر آهن. اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ موجوده جمهوري حڪومت عوام دشمن راز ظاهر ڪري جمهوري قوتن کي مضبوط ٿيڻ جو موقعو ڏئي رهي آهي. آءُ عوام دوست نذير عباسي جي شهادت جي رازن تان پردو کڻي ڪامريڊ نذير عباسي جي عوام سان محبت جو رشتو مضبوط ڪري رهيو آهيان.

ڪامريڊ نذير عباسي ٽنڊوالهيار جي هڪ عام شهريءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سنڌس ذاتي زندگي جون پيچيدگيون، الجهنن ۽ پريشانين تي پڻ بحث ٿي سگهي ٿو ۽ ٿيڻ بہ گهرجي. پر هن مضمون ۾ سنڌس سياسي زندگي جا اهڙا پهلو سامهون آڻيندا سين جيڪي اڃ ڏينهن تائين خفيہ آهن. ڪامريڊ نذير عباسي ڪير هو ان تي بہ تفصيل سان لکي سگهجي ٿو، پر هن مضمون کي سنڌس شهادت جي واقعن تائين محدود رکندس. ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان کي منهنجي گهر وارو علائقو پسند اچي ويو. مون کي ڪامريڊ جمال نقوي پنهنجي علائقي ۾ هڪ گهر ڳولهڻ لاءِ چيو جيڪو پارٽي جي ٽيڪنيڪي ڪم لاءِ محفوظ هجي. مون ڪافي تلاش بعد اهڙو گهر ڳولي ورتو جنهن گهر تائين ويندڙ گهٽي رڳو پيرين پنڌ وڃي سگهجي پيو. ان گهر کان چار رستا نڪرن ٿا، جيڪي ٿوري ٿوري فاصلي پنجن بس اسٽاپن تائين وڃن ٿا. اهو گهر خريد ڪرڻ وقت ان ڳالهہ جو خاص خيال رکيو ويو هو. آبادي جي وچ ۾ هڪ اهڙو گهر هجي جيڪو عام ماڻهن جي توجهہ جو مرڪز نہ بڻجي. نارٿ ناظم آباد ۾ هڪ گندي پاڻي جي نالي جي ڪناري تي مختلف ڪچيون آباديون آهن. علائقو علامہ رشيد ترابي روڊ ضياءُ الدين اسپتال جي چورنگي کان پوءِ سيفي ڪاليج جي سامهون ڪوثر نيازي ڪالوني کان پوءِ هڪ چورنگي جنهن کي بس ڪنڊيڪٽر چور بازار سڏن ٿا. ان سان گڏ پيپلزڪالوني آهي، جنهن کانپوءِ ظفر هائوس ۽ نياز منزل جا بس اسٽاپ اچن ٿا. خريد ڪيل گهر چور بازار ۽ ظفر هائوس بس اسٽاپ جي وچ ۾ آهي، جنهن جي پرسان هاٽي تيموريا ٽاٽو قائم ڪيو ويو آهي. عام حالتن ۾ چور بازار ۽ ظفر هائوس جي بس اسٽاپ ذريعي اچ وڃ ٿيندي هئي، پر هنگامي حالتن ۾

پيپلزڪالوني جي مختلف گهٽين جا چڪر هڻي نياز منزل يا گندو نالو ڪراس ڪري عائشہ منزل يا بس 5 سي جي آخري اسٽاپ تائين پڻ اچ وڃ ٿيندي هئي. منهنجو گهر ظفر هائوس ۽ نياز منزل جي وچ ۾ پيپلزڪالوني جي گهٽين اندر هو.

مون کي پارٽي پاران چيو ويو تہ گهر ڪامريڊ ڪمال وارثي جي نالي سان ورتو وڃي. ڪمال وارثي ۽ مون ان گهر جو سودو ڪيو. جنهن کان پوءِ مون کي چيو ويو تہ آءُ ان گهر ۾ ڪڏهن بہ نہ ويندس ۽ نہ ئي ان گهر متعلق ڪنهن سان ذڪر ڪندس. ڪجهہ ڏينهن بعد پارٽي فيصلو ڪيو تہ بلوچستان جي ساٿين جي درخواست تي مون کي بلوچستان موڪليو ٿو وڃي تہ جيئن بلوچستان ۾ پارٽي جو ڪم منظم ٿئي. 1978ع ۾ پٽ فيڊر هاري تحريڪ منظم ڪرڻ تي هڪ سال مچ جيل ۾ گذارڻ ڪري بلوچستان جي ماڻهن سان منهنجا دوستانہ تعلقات قائم ٿي چڪا هئا. جنهن سان پارٽي کي تنظيمي فائدو ٿيو. مون کي يقين هو تہ پارٽي جا ساٿي منهنجي زال ۽ ٻارن جو خيال رکندا. هونئن بہ منهنجي لاءِ ڪراچي ۾ رهڻ (منهنجي لاءِ) مشڪل هو ڇو تہ ڪامريڊ ڄام ساقي تي تشدد بند ڪرائڻ ۽ ڪيس شاهي قلعي مان ٻاهر ڪڍرائڻ واري مهم جي شروعات ڪرڻ لاءِ صدر ۾ ريگل چوڪ تي مظاهرو ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ پنج ڪوڙا ۽ هڪ سال جي سزا ڪاٽڻ سبب رياستي ادارن جي نظر ۾ اچي ويو هوس. آءُ پندرهن ڏينهن تائين خفيہ ايجنسين جي پڇا ڳاڇا ۾ ڪين اهو سمجهائڻ ۾ ڪامياب ويو هوس تہ ڪامريڊ ڄام ساقي هاري اڳواڻ آهي ۽ آءُ مزدور ڪارڪن، ان لاءِ سندس جان بچائڻ لاءِ مظاهرو منظم ڪرايو هئم. پڇا ڳاڇا دوران سندن اسرار هو تہ منهنجو ڪميونسٽ پارٽي جي خفيہ سرگرمين سان واسطو آهي. انهن حالتن ۾ منهنجو ڪراچي ۾ رهڻ ۽ پارٽي لاءِ ڪم ڪرڻ مشڪل ٿي ويو هو.

بلوچستان وڃڻ کان پوءِ منهنجي گهر وارن جي سار سنڀالُ جي ذميواري پارٽيَ پاران ڪامريڊ نذير عباسي کي ڏني وئي. هو پارٽي جي مرڪز (جتان اخبار سرخ پرچم ڇپبو هيو) مان ٿي. منهنجي گهر ايندو هو ۽ منهنجي گهر وارن جي سار سنڀال لهندو هو ۽ منهنجي زال شاهينا لاءِ ٽي بي جون دوائون وغيره پڻ وٺي ايندو هو. سندس ڌيءَ زرقا پيدا ٿي چڪي هئي. پر پارٽي جي خفيہ تنظيمي سرگرمين ۾ مصروف هئڻ ڪري پنهنجي زال حميده ۽ ڌيءَ زرقا سان گهٽ ملندو هو. منهنجي ٻارڙن سان ڪيڏي زرقا سان پنهنجي پيار جو اظهار ڪندو رهندو هو. حميده ۽ زرقا سان سندس خفيہ ملاقاتن جا پروگرام هو پاڻ ٺاهيندو هو. آگسٽ 1980ع جي پهرين يا ٻين تاريخ جي امن اخبار ۾ هڪ ننڍڙي خبر ڪوئيٽا ۾ پڙهيم. جنهن ۾ ڇاپيل هو تہ نارٿ ناظم آباد جي پيپلزڪالوني مان ڪجهہ ماڻهن کي حڪومت خلاف خطرناڪ مواد جعلي پاسپورٽ ۽ دستاويزن ڇاپڻ جي خفيہ مرڪز مان گرفتار ڪيو ويو آهي. مون کي محسوس ٿيو تہ شايد اهو ڇاپو پارٽي جي مرڪز تي لڳو آهي، جنهن جي خبر مون ڪانسواءِ گهٽ ماڻهن کي هئي، مون بلوچستان جي ساٿين کي خطري کان ڄاڻ ڪرايو ۽ خود بغير اجازت جي ڪراچي هليو آيس. منهنجو اندازو صحيح نڪتو ۽ اسان جي پارٽي جا اهم ساٿي گرفتار ٿي چڪا هئا.

مون شاهينا سان رابطو قائم ڪيو. جنهن ٻڌايو تہ بہ ڏينهن اڳ رات جو اطلاع مليو آهي تہ اسان جي ڪالوني مان ڪجهہ ماڻهن کي حڪومت خلاف سازش ۽ بغاوت ڪرڻ ۽ ملڪ دشمني جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪري سادي لباس ۾ ايجنسين جا

ماڻهو سفيد چادرن ۾ ويڙهي وٺي ويا هئا. ٿيو ائين هو تہ ان گهر تائين گاڏي وغيره نہ پئي وڃي سگهي. ان ڪري ايجنسي وارن پاڙي جي ماڻهن کي گهرن ۾ بند ڪري ڪامريڊ نذير عباسي ۽ سندس ساٿين کي گاڏين تائين چادرن ۾ ويڙهي وٺي ويا هئا. انهن ۾ پروفيسر جمال نقوي، ڪمال وارثي ۽ ڪامريڊ شبير شر پڻ شامل هئو. جڏهن تہ هڪ چادر ۾ ڇپائي جو سامان وغيره کنيو ويو هو.

پئي ڏينهن شاهينا ڪامريڊ جاويد شڪور جي گهر اهو ٻڌائڻ وئي تہ شايد اسان جي ڪالوني ۾ پارٽي مرڪز تي ڇاپو لڳو آهي ۽ ساٿي گرفتار ٿي ويا آهن، اجا شاهينا ۽ جاويد شڪور ان پريشاني متعلق غور ڪري رهيا هئا تہ حميده گهانگهرو پريشاني جي حالت ۾ جاويد شڪور جي گهر پهتي ۽ ٻڌايو تہ گذريل رات ڪامريڊ نذير عباسي کي مون سان ملڻو هو. اڄ تائين ائين ڪڏهن بہ نہ ٿيو آهي تہ ڪامريڊ نذير عباسي وقت ڏنو هجي ۽ ملاقات نہ ٿي هجي، ان مان وڌيڪ پڪ ٿي تہ ساٿي گرفتار ٿي چڪا آهن پر پوءِ بہ تصديق ڪرڻ ضروري هئي. جاويد شڪور ۽ حميده گهانگهرو کي پاڪستان ڪوارٽر جي ان گهر جي خبر هئي، جتي شبير شر، بدر ابڙي سان گڏ رهندو ۽ ڪم ڪندو هو. حميده کي اوڏانهن وڃي خبر وٺڻ جو ڪم ڏنو ويو. حميده اتي گهر ۾ داخل ٿي تہ خبر پئي تہ ايجنسي وارن گهر جي اندر اهڙي طرح قبضو ڪيو آهي تہ جيئن گهر ۾ داخل ٿيڻ واري شخص کي محسوس نہ ٿي سگهي. اندر ويندي ئي ڪامريڊ نذير عباسي جي زال حميده گهانگهرو صورتحال کي سمجهڻ ۾ دير نہ ڪئي ۽ پاڻ کي شبير شر جي ڳوٺ جي سيداڻي ڇوڪري ظاهر ڪيو، جيڪا ڪيس سندس پيءُ جي بيماري جو اطلاع ڏيڻ آئي هئي. حميده جي واپسي بعد ان حقيقت جي تصديق ٿي وئي تہ ڪامريڊ نذير عباسي ۽ سندس ساٿي گرفتار ٿي چڪا آهن. بعد ۾ پروفيسر جمال نقوي، ڪمال وارثي ۽ پاڙي وارن کان مليل معلومات هيٺين ريت آهي. ڪمال وارثي ٻڌايو تہ ان گهر ۾ چند ڏينهن اڳ ڪجهہ ماڻهون اندر ٽپي آيا هئا. هنن پاڙي وارن کان پڻ معلومات ورتي، جنهن ٻڌايو تہ ٽيليفون جي تار وڃائڻ ڪجهہ ماڻهو ۽ لغڙ ڪٽڻ ڪجهہ ٻار اندر ويا هئا. ڪمال وارثي ۽ شبير شر، پروفيسر جمال نقوي کي ٻڌايو تہ ساٿي خطرو محسوس ڪري رهيا آهن. اهڙي طرح گهر تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو پر مسئلو اهو هو تہ جنرل ضياءَ جي سخت مارشل لا دور ۾ ايترو سامان ڪٿي ۽ ڪيئن ڪٽي وڃجي. ساٿين ٻيو گهر خريد ڪرڻ لاءِ گهر وڪرو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ گهر جي دروازي تي لکيو ويو تہ"مڪان برائي فروخت" ان سلسلي ۾ ڪمال وارثي وڌيڪ معلومات ڏيئي سگهي ٿو. پروفيسر جمال نقوي ٻڌايو تہ ايجنسي جي ماڻهن گهر تي اهڙي طرح ڪري ورتو هو جو جيڪو بہ اندر داخل ٿئي ڦاسي وڃي. پروفيسر جي اندر وڃڻ کان اڳ شبير شر ۽ ڪمال وارثي سندن قبضي ۾ هئا. آخر ۾ ڪامريڊ نذير عباسي آيو ۽ ان دروازي جو ڪڙو ڪڙڪايو ۽ هر روز جيان احتياط طور دروازي جي جهيرن مان اندر ڏٺو. ڪمري مان جيڪو شخص دروازو کولڻ نڪتو اهو اجنبي شخص هو. ڪامريڊ نذير عباسي فوري طور فرار ٿيڻ لاءِ ڀڳو. اجنبي شخص دروازي جي جهيرن مان ڏسندي ڪامريڊ نذير عباسي جي صرف اڳئين ڪجهہ حصو ڏسي سگهيو هوندو. جنهن ڪري ڪيس سڃاڻي نہ سگهيو هوندو. هن گهٽي ۾ کيڏندڙ هڪ ڇوڪريءَ کان پڇيو تہ دروازو ڪنهن ڪڙڪايو، ڇوڪري ٻڌايو تہ ڪوئي ڏاڙهي وارو مولانا هو.

ايتري ۾ ايجنسي جا ڪجهه ٻيا ماڻهو بہ ٻاهر نڪري آيا. ايجنسي جا ماڻهو جلدي ظفر هائوس جي بس اسٽاپ تي پهتا. اتي هنن بس نمبر ڪي 2 جي دروازي وٽ آخري سيٽ تي هڪ اهڙو ڏاڙهي وارو شخص ڏٺو. جيڪو سهڪي رهيو هو. ان مان هنن اهو اندازو لڳائي ورتو تہ هي شخص ڊوڙي بس تي چڙهيو آهي هنن ڪيس بس مان هيٺ لاهي نالو پڇيو ۽ شناختي ڪارڊ ڏيکارڻ لاءِ چيو. ڪامريڊ نذير عباسي روپوشي دوران مشتاق نالي سان ڪم ڪندو هو ۽ هن وٽ اهڙو شناختي ڪارڊ پڻ هو، جيڪو ڪامريڊ نذير عباسي ڪين ڏيکاريو. پر پوءِ بہ ڪيس گرفتار ڪيو ويو. بعد ۾ بس اسٽاپ جي دڪاندارن ڪان معلوم ٿيو تہ ان شخص جي ڪيسي مان ڪجهہ اسٽيڪر نڪتا هئا، جن تي ڪنهن ٻئي شخص جي تصوير ۽ آزادي جو مطالبو لکيل هو. انهن ڏينهن ۾ اسين ڪامريڊ ڄام ساقي جي آزادي لاءِ ملڪ گير مهم هلائي رهيا هئاسون. ان مهم جي سلسلي ۾ اسٽيڪر ڇپرايا ويا هئا. جيڪي مختلف مظاهرن دوران ساٿي پنهنجي سيني تي هڻندا هئا. منهنجو خيال آهي تہ ڪامريڊ نذير عباسي جي ڪيسي مان اهي اسٽيڪر نڪتا هوندا. پارٽي جي مرڪزي قيادت جي گرفتاري بعد ڪميونسٽ پارٽي جو پورو تنظيمي ڍانچو تباهہ ٿي چڪو هو. ڪوئيٽہ مان واپس اچي دوستن سان گڏجي ڪامريڊ جاويد شڪور جي اڳواڻي ۾ ڪامريڊ نذير عباسي ۽ ٻين ساٿين جي جان بچائڻ لاءِ مهم شروع ڪئي وئي. اخبارن تي مڪمل سنسر هئي. صرف چاڪنگ ذريعي عوام کي ٻڌائي سگهجي پيو تہ پيپلزڪالوني مان گرفتار ٿيل ملڪ دشمن نہ آهن پر عوامي ۽ جمهوري جدوجهد جا هيرو آهن جن کي عوام دشمن خفيہ ايجنسيون قتل ڪري عوام ڪان ڌار ڪرڻ چاهين ٿيون. پوري سنڌ جي ساٿين عام طور ۽ خاص طور ڪراچي جي ساٿين چاڪنگ ۽ هٿ سان لکيل پوسٽرن ۽ پمفليٽن ڏريعي ان مهم کي تيزي سان هلايو. ان دور ۾ ڪا بہ پريس حڪومت مخالف خفيہ مواد کي ڇپڻ لاءِ تيار نہ هئي. مان خود ڪورنگي جي هڪ گهر ۾ روپوش رهي، پوسٽر ۽ پمفليٽ لکي ساٿين تائين پهچائيندو هوس.

9 آگسٽ 1980ع واري ڏينهن منجهند جو هڪ يا ٻين وڳي ڌاري ڪڏا مارڪيٽ لياري ۾ ساٿي يوسف سيف سومرو کي پوسٽر ڏيڻ ويس تہ هن پوسٽر ڏسڻ ۽ حيران ٿيڻ ڪانسواءِ ئي چيو تہ ڪامريڊن ايترو جلد پوسٽر تيار ڪري ورتا، مون ڪيس چيو تہ يار شرمندو نہ ڪر، هي وقت تنقيد جو نہ پر ساٿين جي جان بچائڻ لاءِ مهم تيز ڪرڻ جو وقت آهي. 9 ڏينهن گذري ويا آهن. اڄ رات تائين هي پوسٽر توهان جي علائقي ۾ ضرور لڳڻ گهرجن. ساٿين جي جان کي خطرو هئڻ ڪري آءُ بہ ڏکيارو هئس پر ساٿي يوسف جي اکين ۾ ڳوڙها هئا. هن ٻڌايو تہ ڪامريڊ نذير عباسي شهيد ٿي چڪو آهي، هن اهو پڻ ٻڌايو تہ اڄ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت تي هڙتال ٿيندي ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي دوستن احتجاجي ۽ تعزيتي اجلاس پڻ سڏايو آهي. دراصل عوامي حلقن ۾ ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت جي خبر پکڙجڻ جو ذريعو سول اسپتال ڪراچي جي مرده خاني جا ڊاڪٽر هئا. جن ايجنسين جي دٻاءُ ۾ اچي پوسٽ مارٽم رپورٽ تي ڪهڙي بہ ڏئي ڇڏي هوندي، پر انهن ئي ڊاڪٽرن مان ڪجهہ ڊاڪٽرن ۽ شاگردن اها ڳالهہ عام ڪري ڇڏي تہ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مرڪزي صدر ۽ فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس جي وائيس چيئرمين ڪامريڊ نذير عباسي کي تشدد ذريعي

شهيد ڪيو ويو آهي. ايجنسي وارن نذير جو لاش سندس پيٽوئي ڪان سنجاٽپ ڪرائي(جيڪو پراڻي گوليار ۾ رهي ٿو) ۽ لاش ان جي حوالي ڪرڻ بجاءِ خود ئي سخي حسن قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو. ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت بعد جيڪا احتجاجي لهر اٿي ان باقي ڪامريڊن جي جان بچائي، ڪيترن ئي جونيئر ساٿين جو ضد هو تہ ڪجهہ پوليس آفيسرن کي قتل ڪري ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت جو بدلو بہ وٺون ۽ باقي ساٿين جي جان بچائڻ جو انتظام بہ ڪريون. جڏهن تہ اسين اڪثر دوست چڱي طرح سمجهون پيا، ايجنسيون پڻ اسان کان اهڙي قسم جي توقع رکن پيون. جنهن جي نتيجي ۾ اسان جا بيا بہ ڪيترائي ساٿي دهشتگردي جي الزام ۾ گرفتار ٿيندا ۽ ايجنسيون اسان کي بہ الذوالفقار واري رستي تي ڌڪڻ ۾ ڪامياب ٿي وينديون. ايجنسين جي اهڙي امڪاني سازش کي ناڪام بڻائڻ لاءِ اسان نعرو ڏنو تہ"ڪامريڊ نذير عباسي جي خون جو بدلو عوام وٺندو". افغان انقلاب کان خوفزده جنرل ضياءُ الحق جي تنگ نظر مذهبي جنونيت جي آڙ ۾ ڏوهاري پيشہ ماڻهن جي سرپرست حڪومت هڪ ننڍڙي جماعت ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان کان ان ڪري بہ خوفزده هئي تہ اها ننڍڙي جماعت ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت بعد دهشتگردي بجاءِ سياسي طريقن سان جمهوري قوتن جي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جي مهارت رکندڙ پيپلزپارٽي جي ڪارڪنن سان گڏجي اوچتو ڇاپہ مار مظاهرو ڪرڻ جي مهم هلائي هئي. ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت بعد اسان جا ساٿي وڏيڪ کلي ڪري اچانڪ احتجاجي مظاهرا ڪرڻ لڳا. ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ عيد اچي وئي. نشترپارڪ جي عيد نماز واري اجتماع جي پهرين صف ۾ ڏهہ پندرهن ڪامريڊ موجود هئا. نماز بعد نشترپارڪ ۾ نعرا شروع ٿي ويا تہ "ڪامريڊ نذير عباسي جي قاتلن کي ڦاهي ڏيو" حيران ۽پريشان نمازي ان وقت تائين بي بي سي ۽ اسان (جي ساٿين جي مهم ذريعي) متعلق ڄاڻي چڪا هئا. ان لاءِ سوين نمازي پوليس جي پهچڻ کان اڳ سولجر بازار تائين اسان سان گڏ جلوس ۾ شامل هئا. هاءِ ڪورٽ ۾ حميده گهانگهرو جي رٽ پٽيشن جي جواب ۾ چيف جسٽس سامهون جڏهن سرڪاري وڪيل اهو ڪوڙو بيان ڏنو تہ ڪامريڊ نذير عباسي جو موت بيماري سبب ٿيو آهي تہ عدالت ۾ موجود ماڻهن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي دروازي تي اچانڪ ڇاپہ مار مظاهرو ڏنو. جنهن کي ڏسندي عدالت ۾ موجود ملڪ جي مشهور شاعره فهميده رياض پنهنجي مقبول عام نظم"ايوان عدالت" تخليق ڪيو اهو لکيو وڃي. اسين مطالبو ٿا ڪريون تہ محترمہ بينظير ڀٽو جي موجوده جمهوري حڪومت جي دوَر ۾ ڪامريڊ نذير عباسي جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڦاسي ڏيڻ گهرجي. اسان کي اڃا تائين اها خبر نہ آهي تہ خفيہ ايجنسين جي ٽارچر ڪئمپ ۾ ڪامريڊ نذير عباسي ۽ ان جهڙن هزارين جمهوريت پسندن تي تشدد ڪندڙ آفيسرن جا نالا ۽ عهدا ڪهڙا هئا. ڪين جمهوريت پسندن کي قتل ڪرڻ جي اجازت ڪنهن ڏني هئي؟ انهن سمورن سوالن جا جواب موجوده جمهوري حڪومت کي ڳولي ڏيڻا آهن. برگيڊيئر امتياز جيڪڏهن ڪامريڊ نذير عباسي کي تشدد ذريعي شهيد ڪيو آهي تہ فوري طور انهيءَ مثال ڪيس هلائي ڪين عبرتناڪ سزا ڏيڻ گهرجي. هاڻي ڪامريڊ نذير عباسي جي خون جو بدلو وٺڻ جو وقت اچي ويو آهي.

شهيد نذير عباسي جي جدوجهد ۽ اڄ جون حالتون

ڪامريڊ زبير الرحمان/ غوث پيرزادو 1994ع

شروع شروع ۾ شهيد نذير عباسي"آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جو هڪ عام ڪارڪن هيو. ان ڪانپوءِ "سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن" ۾ شامل ٿيو. هن جو سائنسي سوشلزم ۾ پورو يقين هو. هو ايس اين ايس ايف سنڌ جو صدر پڻ چونڊيو ويو ۽ پوءِ"پاڪستان فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس" جو نائب صدر بڻيو.

1980ع ۾ جنرل ضياءُ الحق جي اونداهي دور ۾ فوجي اذيت رسائيندڙ سيلن ۾ ڪامريڊ نذير عباسي کي شديد جسماني ايذاءِ رسائي ذريعي شهيد ڪيو ويو ۽ اهو اعلان ڪرايو ويو ته هو دل جي بيهڻ سبب فوت ٿي ويو. اها ڳالهه سپ کان پهرين مون کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڊپٽي اٽارني جنرل مرحوم ڪامريڊ بئريسٽر عبدالودود ٻڌائي. ان ئي طرح لاهور شاهي قلعي منجهه 1940ع دوران ايوبي آمريت جي وقت ۾ پارٽي جي مرڪزي رهنما ڪامريڊ محمد تاج وڪيل کي جماعت اسلامي جي غنڊن افغان دهشتگردن ڪلاشنڪوفن جا فائر ڪري شهيد ڪيو هو. مرڻ گهڙي تائين نذير پنهنجي وات تي اڏول رهيو. سنهڙو ۽ سيپڪڙو نذير تمام گهڻو بااخلاق، نرم مزاج ۽ واعدي جو پڪو هوندو هيو. هميشه هو وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کلندو هو. جڏهن به هو ڪراچي گڏجاڻي ۾ ايندو هو ته مون کي مذاق ڪندي شرارت سان چوندو هو ته ڪڏهن ٿو ڪرين شادي. نذير جا ڪجهه ساٿي جيڪي جيل ۾ ساڻس گڏ هئا انهن مان هاڻي ڪجهه نذير جي نظرئي کان اڪيون ڦيرائي چڪا آهن. ڪي پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿي سائنسي سوشلزم واري راهه کي خدا حافظ چئي رنگين مستقبل جا خواب ڏسڻ ۾ محو آهن ۽ ڪن وري مسلم ليگ جي تعريف ڪرڻ شروع ڪري ڏني آهي ۽ نوازشريف کين سامراج مخالف نظر اچي رهيو آهي. شهيد نذير عباسي جنهن مقصد لاءِ سر اڏي تي رکيو اهو هيو سائنسي سوشلزم. اڄ ڪجهه ماڻهو اهو چوڻ ۾ مصروف آهن ته سوشلزم جو نظريو ختم ٿي ويو وري اهو پيا چون ته تضادن جي چند چاڻ ٿيڻ گهرجي، ڪجهه وري اهو پيا چون ته سامراج هاڻي اهو سامراج نه رهيو آهي،

پرولتاريہ هاڻي نہ رهي آهي، مارڪسزم کي مجبور ته تا پر تبديلين سان انهن سڀني شين جو جائزو وٺڻ گهرجي.

ٻيهرين ڳالهہ تہ اها آهي تہ اڄ دنيا اندر سامراج ۽ جديد نو آباديات جا تضاد، سرمائيداري ۽ سوشلزم جا تضاد، سرمائيدار ملڪن منجهہ سرمائي ۽ محنت جا تضاد ۽ خود سرمائيدار ملڪن جا پاڻ ۾ تضاد نہ صرف اڄ بہ موجود آهن پر اڳ کان وڌيڪ چٽا ٿي سامهون آيا آهن. اهڙي طرح طبقاتي ڇڪتاڻ بہ موجود آهي پر اڳ کان وڌيڪ وڌي آهي: نہ کي سائنسي سوشلزم جو نظريو ختم ٿيو آهي جيڪي اهو چون ٿا تہ تضادن جي ٻيهر چند چاڻ ٿيڻ گهرجي. انهن کي اهو سمجهڻ کپي تہ جيڪڏهن ڪالهہ هڪ سرمائيدار وٽ بہ ارب روپيا هئا تہ اڄ ان وٽ ڏهہ ارب روپيا آهن. جڏهن تہ هڪ مزدور جي پگهار ٻارهن سئو کان مٿي نہ وڌي آهي. ڪالهہ سون جو ملهہ هڪ هزار هو تہ اڄ اهو ملهہ وڌي اڄي 4000 هزارن کي پهتو آهي. تنهن ڪري اڳ جي مقابلي ۾ هاڻي مزدورن جون پگهارون گهٽيون آهن. جيستائين سامراج جي ڪردار جو مسئلو آهي تہ ڪنهن ڏاهي جي قول مطابق تہ ظالم سامراج ٻيهرين کان وڌيڪ جارح ٿي ويو آهي. هو گرينڊا، پانامہ، لبيا، عراق ۽ اتر ڪوريا ۾ سڌو سنئون ڏاڍ ڏيکاري رهيو آهي. باقي رهي پرولتاريہ تہ اڄ آفريقا، لاطيني، آمريڪا ۽ ايشيا جي پرولتاريہ ۾ مارڪس جي دور جي پرولتاريہ جيان ئي اهي پاڪستان جي سڀ کان وڌيڪ ترقي يافتہ ڪراچي جي صنعتي علائقن لانڍي ۾ فاروق ٽيڪسٽائل ملز، نگريہ ٽيڪسٽائيل ملز، گل احمد ٽيڪسٽائيل ۽ دائود ملز وغيره ۾ اڄ بہ مزدورن جي پگهار پنج سئو کان اٺ سئو روپيا آهي. جڏهن تہ اٽو ڇهہ روپيا ڪلو، مسور جي دال 18 روپيا، ڇانور معمولي 12 روپيا ڪلو، گوشت 45 روپيا ڪلو ان مختصر رقم ۾ پلا ڪو پنهنجي ٻچن ٻارن واري ڪٽنب ۾ گذارو ڪري سگهي ٿو.
رهي ڳالهہ انهن ماڻهن جي جيڪي اهو چون ٿا تہ جديد حالتن تحت مارڪسزم ۾ ڦير ڦار ٿيڻ گهرجي آءُ، انهن کان اهو ٿو سوال ڪريان تہ ڪارل مارڪس اها ڳالهہ ڪٿي چئي آهي تہ هن جي نظرئي ۾ ڪا تبديلي نہ ٿي ٿي سگهي. مارڪس صاف لفظن ۾ چيو آهي تہ دنيا ۾ رائج مختلف معاشرن ۾ سائنسي سوشلزم بهتر معاشرو آهي، ان لاءِ مان ان راهہ سان گڏ آهيان ۽ آئنده اگر ڪڏهن بہ هن کان وڌيڪ ڪو سٺو نظام اچي ويو تہ مان ان سان گڏ هوندس. اڄ تائين هن کان بهتر ڪو نظريو ڪنهن بہ پيش ناهي ڪيو تنهن ڪري هي ئي سڀ کان بهتر نظريو آهي.

جيڪي ماڻهو سماجي جمهوريت کي هڪ آدرش طور پيش ڪن ٿا، اهي وساري وينا آهن تہ سوشل ڊيموڪريسي ڪو نظريو ناهي بلڪ سرمائيداري جي ٻڏندڙ ٻيڙي کي پار پهچائڻ لاءِ اهو اصطلاح استعمال ڪري رهيا آهن. اهو سرمائيداري کي ٽيڪو ڏيڻ لاءِ مزدورن جي هڏين کي چيپاڻڻ جي برابر آهي. جنهن ۾ پورهيت عوام ان استحصال ۽ سرمائيداراڻي نظام خلاف بغاوت نہ ڪري ۽ ان کي

ڪٿي ڦٽو نہ ڪري ڪارل مارڪس چيو آهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ اتان مخصوص صورتحال جي پيش نظر انقلاب جي جوڙ جڪ ٺاهڻي پوندي. جهڙي ريت ويٽنام ۾ اجتماعي ٺيڪيداري نظام جي رستن ۾ زراعت ۾ تبديلي آندي وئي. ڪيوبا ۾ ڪجهہ سال اڳ انقلاب آندو ويو. چين ۾ پهريائين ڪميونزم سسٽم رائج هيو هاڻي گڏيل ٺيڪيداري نظام ڪي بہ رائج ڪيو پيو وڃي. پر وسترائيڪا ۽ گلاس نوسٽ نالي سان جن سوشلزم جي غدارن رشين فيڊريشن ۽ اوڀر يورپ ۾ سرمائيداري کي واپس آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي هاڻي انهن جي منهن تان نقاب لهي چڪا آهن. هاڻي اتي 3000 سيڪڙو (افراط زر) آهي هڪ ڪروڙ ماڻهو روس ۾ صرف بيروزگار ٿي چڪا آهن. نائيٽ ڪلب عصمت فروشي ۽ ڦرلٽ شروع ٿي چڪي آهي. علاج ۽ تعليم مهانگي ٿيندي پئي وڃي. جڏهن تہ برزنيف جي حڪومت دوران ان قسم جي صورتحال نہ هئي، ان ڳالهہ منجهان اهو ثبوت ٿو فراهم ٿئي تہ اڄ بہ سوشلزم جو نظريو زندهہ ۽ جاويد آهي. ۽ قابل عمل پڻ جڏهن تہ سرمائيداراڻو نظام جنهن ڏهڻ ۾ ڦاسندو پيو وڃي. اهو ئي سوشلسٽ نظام کي متبادل فراهم ڪري سگهي ٿو. عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ٻيهر پنهنجي پـَـلَ تي قدم وڌائي رهي آهي. ان ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ شهيد نذير جي سموري جدوجهد ڪالهہ بہ صحيح رخ تي هئي ۽ اڄ بہ اها صحيح رخ تي آهي.

ٻاڻ جي ڪڪ ۾ لڇندڙ روشن ڪرڻو

عيسيٰ انصاري 1994ع

هن ڌرتيءَ جي گولي تي جڏهن ۽ جتي بربريت ۽ ناانصافي، ڏاڍ، ڏمر، ايذاءِ ۽ انياءَ جا ڪڪر ڇانيل هوندا، يا اهو معاشرو تاريڪي جي لپيٽ ۾ وڪوڙجي وڃي اتي هڪ روشني جي نظرئي جي طلوع ٿيڻ لازمي امر آهي. انهيءَ گهٽ ۽ ٻوسٽ واري معاشري ۾ هڪ فرد، هڪ ڪرڻو، هڪ انقلابي اڳواڻ نذير عباسي بہ هيو. هن ڪي ننڍي هوندي کان ئي ڪا سورن جي سٽي پيل هئي. هن ڪي پڙهڻ لکڻ ۽ سياست ڪرڻ جو شوق هوندو هو. هن ڪي اسڪول واري زماني ۾ شاگردن جي مسئلن جو تمام گهڻو اونو هوندو هيو، تنهن ڪري هو پهريائين ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ ميمبر ٿيو تہ جيئن شاگردن جي مسئلن جو ڪو حل ڳولي سگهجي. مثال طور ڪتاب، في، اسڪول، فرنيچر وغيره هاسٽلن جا اهم مسئلا هن جي ذهن ۾ گردش ڪندا هئا. ان ڪانپوءِ آهستي آهستي وقت گذرندو ٿي ويو. تيئن تيئن هن جي سوچن جي سطح وڌندي رهي ۽ پوءِ هي ايس اين ايس ايف جو ميمبر بڻيو. جڏهن هن پنهنجي مشن کي تيز ڪيو ۽ هن جو ڪم تنظيم کي وڻيو تہ هن جي جدوجهد آخر رنگ لاتو ۽ بعد ۾ ايس اين ايس ايف سنڌ جو صدر ٿيو. پڙهائي سان گڏ سياست ۾ هجڻ سان هن جي پڙهائي تي ڪو بہ فرق ڪو نہ پيو ۽ هي ڪشالا ڪندو اچي پاڪستان فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس جو نائب صدر بڻيو. هن پنهنجي ذهن ۾ شاگردن جي جدوجهد کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو ۽ جدوجهد جو سلسلو هلندو رهيو. شهيد نذير عباسي ڊي ايس ايف جو بنياد وڌو، معنيٰ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، جنهن جو بنيادي مقصد شاگردن جا بنيادي مسئلا اوليت جي بنياد تي حل ڪرڻ هو ۽ ان سان گڏ مزدور جدوجهد ۽ پيڙهيل طبقن جي غير مشروط طور حمايت ڪرڻ هو. ان ڪري ڊي ايس ايف جو پايو وجهندڙ شخص نذير عباسي هو. هي اهو نوجوان هو جنهن جو خواب، جنهن جو نظريو، جنهن جي منزل ان فرسوده نظام، اونچ نيچ واري رويي، مذهبي دلالن جا ناهيل قانون، نفرت جو ٻج ڇٽڻ واري ماحول کي پاڙان پٽي ناس ڪرڻ هو. مطلب تہ هن ڪي ڪارن قانونن ۽ ناانصافي تي ٻڌل گهٽ ۽

پوسٽ واري ماحول کان سخت نفرت هوندي هئي. هن جي مزدورن، هارين، شاگردن ۽ پيڙهيل طبقي جي خدمت ڪرڻ هن جو مذهب هوندو هو. انسانن سان پيار ڪندڙ انقلابي نوجوان هيو. جڏهن ته شهيد پنگين جي يونين جو به روح روان هيو. ميونسپل ڪاميٽين سان هن جا اڪثر ڪري جهيڳڙا هلندا رهندا هئا. ڇو جو اهي غريب ۽ بي پهچ پنگين جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا هئا. وري ڪٿي ڏسندو هو ته هارين جو جلسو عام آهي ته اتي اچي ڪڙڪندو هئو ۽ اڳواٽي سرانجام ڏيندو هئو. مطلب ته هن ۾ هر فرنٽ تان جدوجهد جو تسلسل جاري رکيو. اها جدوجهد هن جي مشن بڻجي وئي. نذير عباسي حق ۽ سچ جي مشعل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مختلف ڳوٺن جا دورا ڪرڻ شروع ڪيا. ته جيئن پنهنجن ماروئڙن، سانگيئڙن جا مسئلا، مارئي جي لڄ ۽ حضرت شاهه عبدالطيف جي ڌرتي کي بچائي سگهجي. هن نفرتن جو پاڙون اکيڙي ۽ اتي نئين سري سان هڪ محبت پريو بوٽو پوکڻ ٿي چاهيو. هن جمود طاري ذهنن کي اجاگر ڪرڻ ۽ ڪٽ چڙهيل قانون خلاف آواز اٿاريو. ان ڪان پوءِ هو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي سينٽرل ڪميٽي جو ميمبر بڻيو. هي واحد شاگرد اڳواڻ هيو، جيڪو ننڍي عمر ۽ پختي سوچ رکڻ جي ڪري پارٽي جو ميمبر بڻيو. شهيد نذير پنهنجي جيون ساٿياڻي به ان جدوجهد جي قافلي مان ئي چونڊي هئي. ڇاڪاڻ جو ان وقت ائين پئي محسوس ٿيو ته اجهو ٿو انقلاب اچي نذير عباسي مظلومن جي نجات واري راهه سوشلزم ۽ ڪميونزم کي سمجهيو هو جيڪو اڄ به پنهنجي جاءِ تي هڪ آهي. هونئن به سوشلزم جي معنيٰ آهي اهڙي تبديلي جنهن سان معاشرو ان طرف وڌي جنهن طرف، صحت، صفائي، اٽو، اجهو، لٽو ۽ بيون سهولتون اتان جي سرڪار جي ذميواري هجي ۽ اهي سڀ شيون سوشلزم ڪان سواءِ ملڻ ناممڪن آهن، جتي به پيڙهيل طبقن جي مٿان ظلم ٿيندا رهندا ۽ جيستائين معاشري ۾ سڏڪن ۽ سسڪين جا لڳ ڪاندارينڊڙ آواز پٿين سان ٽڪرائبا رهندا، جيستائين سکر جهڙن شهرن ۾ سهڄان جهڙين نياڻين نماڻن جي پيٽن ۾ گولين جا فائر ڪيا ويندا ته سمجهو انهي سيني قهري ڪارروائين خلاف جيڪو به پرپور آواز اٿيو ۽ نتيجي ۾ جيڪا تبديلي آئي ان تبديلي جو نالو نذير عباسي وارو چونڊ ڪيل نالو"سائنسي سوشلزم هوندو" مان سمجهان ٿو جيڪي به ان لائين کي غير منطقي سمجهن ٿا اهي يا ته احمقن جي دنيا ۾ رهن ٿا يا مايوسي جي کن ۾ غوطا کائيندي پيڙهجي رهيا آهن ۽ بي سُرا آواز الاپي رهيا آهن ته اسان کي استعمال ڪيو ويو. هاٿي ڪائو مزا ۽ عيش ڪيو. پر نذير عباسي جو اهو نظريو اڄ به قائم ۽ دائم آهي ، جيستائين استحصالي قوتون، جاگيردار طبقو هن معاشري جو ناسور بڻبا تيستائين نذير جو ڳس ۽ پيچرو زندهه رهندو. پر افسوس جو نذير جي ان قافلي جي وا ٔ ، اڄ ۾ چڏيندڙ سرڪاري گاڏين ۽ بنگلن جا خواب ڏسي رهيا آهن ۽ ضمير جي بولي سربازار لڳائي رهيا آهن، پر نذير عباسي وڪائو مال نه هيو اهو حڪمران ٽولو به سمجهي

پيو ۽ هو حڪمرانن جي اک جو ڪنڊو ٿي بيٺو ۽ پوءِ نذير عباسي کي مها ڏڪٽيٽر ضياءُ الحق جي دور ۾ 30 جولاءِ 1980ع ۾ آءِ ايس آءِ پيپلزڪالوني نارٿ ناظم آباد مان گرفتار ڪيو مٿس ڪال ڪوٺڙين ۾ ماڙيپور جي ٽارچر سيلن ۾ بي انتها تشدد ڪيو ويو. ايڏي ساري جسماني تشدد جي باوجود بہ هن جا حوصلا هماليہ جبل کان بہ مضبوط ۽ ارادا اٽل هئا. جڏهن فوجي ڪارندا هن تي تشدد ڪري ٿڪجي پوندا هئا تہ هنن جا حوصلا پست ٿي ويندا هئا تہ هي ڪهڙو انسان آهي جيڪو اڃا مجهہ کان پڙ ڪڍيو بيٺو آهي. پوءِ سچ ۽ حق جي ڏوهہ ۾ ملڪ مٿان قابض حڪمرانن ڪيس لاڳيتو تشدد ڪري 9 آگسٽ 1980ع تي بي گناهہ شهيد ڪري ڇڏيو. جنهن ڪانپوءِ نذير جو درشن بہ شهيد جي نياڻي زرقا کي نہ ڪرايو ويو تہ منهنجا مٺڙا ابا ڪري روئي هان! ۽ ان ونيءَ کي بہ شهيد جو منهن نہ ڏيکاريو ويو تہ آخري ديدار پنهنجي قافلي جي سرواڻ ۽ محسن جو ڪري ها. تڏهن ٿي تہ ان وقت جي تنظيمي ميمبرن ۽ هاڻي جي پلوڙ رائيٽر نذير جي شان ۾ هي سٽون اوريون هيون تہ:

ترسو لاٿديءَ اوٽ الاڙي،
ڳهر ۾ آيو گهوٽ الاڙي
آزادي جي ونڙيءَ کي
اگهو اکين مان نيرڙي پينر
اڱڻ تي آيو نذير او پينر
پوتيون لاهي پرچم ناهيو
لهرايو لهرايو سرتيون
سينگاريو، سينگاريو سرتيون

جنرل ضياءُ الحق جي دور جي ڪاري مارشل لاءِ ۾ آواز بلند ڪرڻ جي سزا موت هيو ۽ ان موت کان نہ ڏڄندڙ ۽ حڪمرانن سان اکيون اکين ۾ ملائيندڙ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جنهن جي حڪومت کي مها ڏڪٽيٽر ضياءُ بندوق جي نوڪ جي زور تي ڏاهي ڇڏيو ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ بدترين مارشل لا مڙهي عوام جي رت جو سيلاب برپا ڪري ڇڏيو. ان ئي دور ۾ اياز سمون بہ ساڳئي ئي راهہ تي هلندي شهيد ڪيو ويو ۽ نذير عباسي کي پڻ انهن درندا صفت انسانن بي دردي سان شهيد ڪري ڇڏيو ۽ شهيد هميشہ اهي انسان ٿيندا آهن. جيڪي مظلوم عوام سان حد کان وڌيڪ سچا هوندا آهن ۽ اهي شهيد هن ملڪ ۽ ڌرتيءَ لاءِ امر انسان بڻجي ويا تڏهن ئي تہ شهيد نذير عباسي چيو آهي تہ:

My Life is song
My death call for Struggle

جڏهن تہ پي پي جي 1988ع واري گورنمينٽ ۾ پڻ ٽيليويزن تي جڏهن شهيدن جو ذڪر ڪيو ويو جيڪو ضياءَ جي باقيات خلاف آواز اٿاريندي شهيد ڪيا ويا انهن ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد نذير عباسي ۽ اياز سمون پڻ ڏيکاريا ويا. جڏهن

عبدالواحد آريسر آزاد ڌي پريس ڪانفرنس ڪندي ذڪر ڪندي چيو تہ جڏهن مون ڪي ڪال ڪوٺڙي ۾ بندي خانن ۾ واڙيو ويو تہ آءُ شهيد نذير عباسي جي رت جون ڇٽيون تي ڦهنگون ڏسڻ پيو چاهيان. ان جي رت جي خوشبو سنگهڻ پيو چاهيان. جيڪو جمهوريت جي ڳالهہ ڪندي شهيد ڪيو ويو. شهيد نذير پوري سماج جي مظلوميت جو آواز هو. آهي. نذير عباسي صرف ڪميونسٽ پارٽي جو نہ پر هن ڌرتيءَ، هن ديس ۾ هتان جي عوام ۾ جمهوريت جو شهيد پڻ آهي.

گهوڙن ۾ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا

ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا

شهيد نذير عباسي جو ڪيس لاوارث عدالت ۾

عاجز جمالي

سنڌ جي نوجوانن جي دلين تي لکيل ان ڀيانڪ دور جي تاريخ ڪڏهن به مٽجي نه ٿي سگهي. جيڪا نرم جسمن تي لڳل ڪوڙن جي نشانن مان ٽمندڙ رت ۽ اذيت گاهن جي بند ڪارين ڪوٺين ۾ ڏاڍ جي اکين سان اکيون ملائي رت جي ڳوڙهن سان لکي وئي. سنڌ جا نوجوان ان ڪاري دور کي به ڪڏهن وساري نه سگهندا. جڏهن ڳڀرو جوانن جي جسمن تي تتل شيخون رکي"نعره تڪبير" جي زندگي جو راز ٿي ڳوليو ويو. هي اهو ڏڪائيندڙ دور هو جڏهن وڏا سياسي بازيگر آمر کان زندگي جي خيرات وٺڻ لاءِ توبهه تائب ٿي گيسيون ڪرڻ لڳا هئا. تڏهن جي ديپل جسمن وارن پنهنجي لال لهوءَ سان سنڌ جي هڪ نئين تاريخ لکندي چيو هو ته:

پنهنجي رت ۾ ريٽو جهنڊو اپ تائين جهوليندو
اهڙو ڏينهن به ايندو

۽ پوءِ سچي جڳ ڏٺو ته اهڙو ڏينهن نيٺ آيو ۽ اهو ريٽو جهنڊو اپ ۾ خوب جهوليو. ايڏو جهوليو جو آمريت جي ڏکهي راڄ جي راڄا ڪي نوجوان سنڌي ڪميونسٽن جي ٽولي اک ۾ چوٽياري ڪاني تي لڳي. ايشيا جي مادل ڊڪٽيٽر پنهنجي مارشل لا جي سڄي دور ۾ شهيدن جي ڏکهي فهرست جوڙيندو ويو. جنهن ۾ ڪٿي ڪو به فل اسٽاپ. ڪاما يا سوال جي نشاني ڇڏيل ناهي. رڳو موت ئي موت. لاش ئي لاش گهٽي گهٽيءَ ۾ گهاٽا وڪ وڪ تي مقتل گاهون. گولي جا حڪم. ڳوٺ اجاڙڻ وسنديون مليا ميٽ ڪرڻ ۽ سفاڪانه درندگي جو وڏو ثبوت اهي ايذاءَ رساني واريون ڪئمپون هيون جتي نوجوانن کي ڳچين تائين ڏرتي ۾ پوري سندس حسين پيشاني تي ٺڏا هنيا ويندا هئا. ننهن پاڙان پٽيا ويندا هئا. ٽڙين تي لت رکي جمهوريت جي راهه تان هٽائڻ لاءِ صفح هستيءَ تان مٽايو ويندو هو. اهڙي سمي هڪ آواز اذيت گهرن جي ديوارن سان ٽڪرائجي درندن تي ڇٽرون ڪري ڪين ڇيڙائيندو هو.

آءٌ ڪو آواز آهيان
زندگي جو راز آهيان
روڪ. جي روڪي سگهين. "اياز"

31 جولاءِ کان وني 9 آگسٽ جي رات تائين اهو آواز ديوارن سان ٽڪر هڻندو رهيو ۽ نيٺ آمرن ڦڪو ٿي اها نيچ حرڪت ڪئي. جيڪا سندن خيال ۾ ان آواز کي روڪي وجهبو پر روڪڻ وارن ڏٺو ته ان آواز جو پڙاڏو مايڏو ته زوردار هيو جو هو جمهوريت ۽ ماڻهپي جي حقن جي علامت بڻجي ويو. سدائين ڪنڌ هيٺ ڪري

آمرن اڳيان اوچو ڳاٽ رکڻ واري شهيد نذير عباسي جو نانءُ سنڌ جي نوجوان نسل لاءِ فخر جو سبب بڻجي ويو. اڄ سنڌ جو نوجوان نذير عباسي جي قرباني تي فخر ڪري سگهي ٿو. پر نذير جي نظرياتي ساٿين ۽ آدرشن ڪيس ڇا ڏنو؟ ان سوال جو جواب خود هڪ سوال آهي، اهڙو سوال جنهن جو جواب نه سنڌس ساٿين وٽ آهي سنڌس نظرياتي دوستن وٽ به ڪونهي. سنڌس پڳمٽ يارن وٽ به ڪونهي. مصنفن نذير سان ڪهڙو انصاف ڪيو؟ شهيد ڀٽي جي نياڻي بينظير ڀٽو شهيد نذير جي نياڻي موتيا سان ڪهڙو انصاف ڪيو؟ ڇا نذير عباسي ڪو ايڏو ننڍڙو نالو آهي جو اسان ڪي پندرهن سالن ۾ ٿي وسري ويو آهي! يا سنڌن قرباني ايڏي ننڍڙي آهي جو جمهوريت جي آئيني ۾ ان جو عڪس ٿي ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي؟. ڌرتي ته انهن گمنام سپاهين جي پيرن جا نشان به محفوظ رکندي آهي جن سنڌس سک ۽ شانتي لاءِ سرن جا دان ڏنا. تاريخ ته سنڌ جيُ هر ان ٻچي جو حساب محفوظ ڪري ڇڏيو جن 5 جولاءِ جي ڪاري رات کان وٺي 17 آگسٽ جي ڀلاري ڏينهن تائين رت جو ڦڙو ڦڙو ڏنو ۽ اڄ سنڌس طفيل ٿي هتي هڪ چونڊيل جمهوري حڪومت آهي. جمهوريت جي ديوي کان پلٽي پنهنجا رنل خواب وسري ويا هجن جن ڪي پرڇائڻ لاءِ يارنهن سال سڪندي رهي هئي يا ڪائنس انهن گهگهه راتين جو درد ڀلي وسري ويو هجي، جن جو هڪ هڪ لمحو سنڌ جي نوجوانن جي پناڙن تي رقم ٿيل آهي، يا ڇاتين تي اُڪريل آهي. پر سنڌ جو نوجوان اڃا پنهنجي رنل خوابن ڪي پرڇائڻ لاءِ آدرشي ڪوينٽائون سر جي پيو.

سڌ ڪي ڪي هڏ ناهن، جو اهي ٽوڙي سگهين،
ٽوڙ جي ٽوڙي سگهين. "شيخ اياز"

هو اڃا سک شانتيءَ پري ۽ ڏک ڏوجهرن کان پاڪ ديس جو خواب جاڳندڙ اکين جي پلڪن ۾ سانديون وينو آهي جڏهن سنڌس جسم تي ڪوڙن جا نشان ڏسي ڪائنس سنڌس ننڍڙو نينگر سوال ڪر پٿو ته بابا هي ڇا جا نشان آهن؟ ته ڪيس ان سمي جي ياد ضرور بي چين ڪندي جڏهن ڪوليءَ جي ٻرٿين پر کان زخمن کان چور سنڌس ساٿي نذير پڪاريندو هو.

سانت وٺي سارا پکي لات لنون پيا
ڪا بات چون پيا
گهور انذاري مان اجها جان ڇٽي ٿي
او ساٿي باک ڦٽي ٿي

شهيد نذير عباسي جي ان باک جي ياد حقيقت ۾ تاريخ جي ان دور جي ياد آهي جنهن جو تصور ٿي لڳ ڪانداريندو هو پر اڄ اها رات وهامي وٺي ان ڪري هاٿي نذير جي خون سان انصاف ٿيڻ گهرجي. نذير شهيد جي آزادي لاءِ ڊڪ ڊوڙ ڪندڙ وڪيل اختر حسين جو خيال آهي ته حميده گهانگهرو جي رجسٽر ٽپال رستي موڪليل ايف آءِ آر

رڪارڊ تي موجود آهي ۽ ان ڳالهہ جو بہ ثبوت موجود آهي تہ ماڙيپور اذيت ڪيمپ ۾ گهٽي تشدد ڪان پوءِ نذير کي مئل حالت ۾ ڪرنل سعيد ۽ ٻيا نيوي جي اسپتال پي اين ايس شفا کڻي ويا ۽ لاش کي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ زور پريائون تہ جيئن رڪارڊ تي اها ڳالهہ آڻجي تہ نذير عباسي طبي موت مئو پر اسپتال جي ڊاڪٽر اهو چئي لاش وٺڻ ڪان انڪار ڪيو تہ اسپتال ۾ مريض داخل ڪيا آهن هي لاش آهي اهڙي ريت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي رڪارڊ ۾ 18 آگسٽ 1980ع تي نذير عباسي ڪيس جي وڪيل بيرسٽر عبدالودود جي اها درخواست بہ موجود آهي جنهن ۾ هن خدشو ڏيکاريو تہ نذير عباسي کي ماڙيپور ٽارچر ڪيمپ ۾ اذيتون ڏئي ماريو ويو آهي. تن ڏهاڙن ۾ ڪرنل امتياز (برگيڊيئر امتياز) ماڙيپور ٽارچر ڪيمپ جو سربراهہ هو جيڪو هاڻ ايف آءِ اي جي تحويل ۾ آهي. اڄ جڏهن نذير عباسي ڪيس جو مک جوابدار اڳيئي ڪيٽرن ڪيسن ۾ ايف آءِ اي جي تحويل ۾ آهي ساڳي وقت ايف آءِ اي ۽ حڪومت وٽ برگيڊيئر امتياز جي ظلمن جو رڪارڊ موجود آهي تہ پوءِ نذير عباسي ڪيس جي جاچ ۾ دير وارو فلسفو سنڌ جي انهن ماڻهن کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي جن کي ٿورو گهڻو نذير جي خون سان انصاف ٿيڻ جي اميد آهي. اڄ جڏهن نذير جي وڇوڙي جو پندرهون سال ياد ڪري رهيا آهيون تڏهن حڪومت ڪان سنڌ جو شعور رسمي نہ پر ڀرپور گهر ڪري ٿو تہ نذير عباسي جي ڪيس کي لاوارثي ۽ نڌڻڪائي واري عدالت بدران ماهر قانوندانن تي ٻڌل هڪ پينل جوڙي ڪيس کي ٻيهر اٿلائي ثبوتن ۽ سچاين سان حقيقتن واري انصاف ڀري عدالت جي حوالي ڪيو وڃي. هتي هڪ سئن سنڌ جي انهن سچاڻ وڪيلن جي درن وٽ بيهي بہ هٽجي ٿي تہ جيڪڏهن حڪومت ۽ نذير جا ڪلهوڪا نظريا تي ساٿي اڄ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار ناهن تہ اوهين پنهنجي ضمير جا آواز ٻڌجي هڪ پينل جوڙي هڪ تاريخي ڪيس کي اٿلايو. ڇو تہ جيڪڏهن هڪ ڀيرو بہ آمريت جي ساٿارين کي سندن ڪرتوتن جي سزا ملي ٿي وڃي تہ شايد آئينده اسان جو ڪو نذير عباسي ائين اسان جي جهولي مان ڪسي رات جي انڌاري ۾ سخي حسن قبرستان ۾ نہ اڇليو ويندو.

شهيد نذير عباسي سچو ڪميونسٽ

تصوير سنڌيلو 1994ع

دنيا جي اندر جيڪي تبديليون يا انقلاب آيا آهن اهي هينئين طبقي جي جدوجهد جو نتيجو آهن. هينئين طبقو جنهن ۾ هاري ۽ مزدور اچي وڃي ٿو. هاري جيڪو سارو وقت زمين کيڙي ان مان سون جهڙا سلا پيدا ڪري ٿو. جنهن تي اسان جي حياتيءَ جو دارومدار آهي. ڇو ته هاري جيڪڏهن زمين نه کيڙي ته هوند اسين بک مري وڃون. خوشي ۽ خوشحالي موڪلائي وڃي ۽ ٻيو آهي مزدور طبقو جيڪو سارو وقت ڪارخانن ۽ ملين ۾ سخت پورهيو ڪرڻ جي باوجود به سک پرائي نه ٿو سگهي. سماج جي انهن ٻنهي عنصرن جي آزادي ۽ انهيءَ مان آجپي لاءِ هر دور ۾ مختلف نظريا ملندا رهيا آهن. جيڪڏهن اسان ويهين صديءَ ۾ ايندڙ انقلابن ڏانهن ڏسون جن مان روسي انقلاب به روسي عوام جو هڪ عظيم ڪارنامو آهي. اهو ڪيئن آيو ۽ ڪيئن ختم ٿي ويو؟ ڇا اهو نظام غلط هو؟ يا ان ۾ ڪا ڪوتاهي هئي؟ اهي مڙئي سوال اسان جي ذهن ۾ اڀرن ٿا جن جا جواب اسان کي تاريخ ڏئي ٿي.روس ۾ 1917ع وارو عظيم انقلاب ان دور جي پيداوار آهي جنهن دور ۾ ماڻهو آزادي لاءِ واجهائي رهيا هئا ماڻهو ڏکن ۽ تڪليفن واري زندگي گذاري رهيا هئا ڇو ته 1990ع ۽ 1917ع واريون روسي حالتون ساڳيون ته نه هيون. هي انقلابي جيڪي پيڙائن واري زندگي گذاري رهيا هئا انهن پنهنجو آجپو انقلاب ۾ ئي ٿي سمجهيو. جنهن ڪري هنن کي انقلاب آڻڻ لاءِ وڙهڻو پئجي ويو. ان انقلاب جون پاڙون جيڪي 1990ع ۾ اکڙي وڃن ٿيون ته ڇا اها ان نظام جي نظريي جي ناڪامي ڄڻبي؟؟ نه ائين هر گز ناهي، ڇو ته هر شيءِ ۾ ارتقائي عمل جاري آهي ۽ هر شيءِ ۾ تبديلي اچي ٿي، انساني ذهن ۾ ارتقا ٿئي ٿي ۽ سماج جي اندر پيچ ڌاهه وارو عمل جاري آهي. جيڪڏهن ڪميونزم يا سوشلزم سوويت يونين ۾ ختم ٿي ويو آهي ته اهو اتان جي حالتن لاءِ موضون آهي. ڇو ته 1917ع ۾ آزادي جي جنگ لاءِ وڙهندڙ ماڻهو 1990ع تائين وڃي باقي بچيا ۽ انهن جي پوين کي انهي انقلاب جي اچڻ جي تڪليف ۽ جدوجهد جي ڪا به خبر نه رهي. هر ماڻهو تبديلي چاهيندو آهي ۽ انهي سبب ڪري سوويت يونين جي نئين نسل وٽ روسي انقلاب جو قدر گهٽجي ويو.تنهن ڪري اهو چوڻ سراسر غلط ٿيندو ته سوويت يونين ۾ سوشلزم ۽ ڪميونزم جي تباهي کان پوءِ سڄي دنيا اندر مارڪسزم ختم ٿي چڪو آهي اها ان دور ۾ انهن ماڻهن جي ضرورت هئي. پر اسان وٽ ته اجان 1917ع کان به خراب حالتون آهن. تنهن ڪري اسان کي به سوويت يونين جهڙي عظيم انقلابي تبديلي جي ضرورت آهي، اها ڪيئن ايندي.

ڪڏهن ايندي، ڪير آڻيندو؟ اهو وقت تي ڇڏيل آهي ۽ وقت فيصلو ڪندو.

اسان جي ملڪ ۾ اهڙي نظام قائم ڪرڻ لاءِ 1954ع کان جدوجهد جو آغاز ٿيو. مگر پوءِ به الائي ڇو اسان اڄ ڏينهن تائين اهڙي سگهاري قوت بڻجي نه سگهياسين جنهن وسيلي ڪا سنهي تلهي تبديلي آڻي سگهون. انهيءَ برابري واري سرشتي لاءِ ميدان جنگ ۾ جاکوڙ ڪندڙ ڪيترائي نالا آهن. جن ۾ عظيم انقلابي اڳواڻ ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ نذير عباسي جو نالو قابل ذڪر آهي. ڪامريڊ ڄام پنهنجي جوانيءَ جا خوبصورت ڏينهن جيلن ۾ گذاريا ۽ مختلف فوجي ڪئمپن ۾ تشدد سٺو. انهيءَ انقلابي جدوجهد دوران ڪامريڊ ڄام ساقي پنهنجو ذهني توازن وڃائڻ جهڙو ٿي ويو ۽ پنهنجو گهر ۽ ٻارن کان محروم رهيو. سندس گهر واري جيل دوران ئي سماج جي جبر ۽ ظلم کان آپگهات ڪري ڇڏيو. اها قرباني ڪامريڊ ڄام جو قومي ورثو آهي. جنهن کي صدين تائين تاريخ ۾ ياد ڪيو ويندو. هونئن به ڪامريڊ ڄام چار مارچ جي هيرن مان هڪ اهڙو هيرو آهي، جنهن ايوبي آمريت خلاف پختي جدوجهد ڪري ون يونٽ کي ٽوڙيو ۽ ٻيو نالو آهي نذير عباسي جو. هي انهي ساڳئي پنڌ جو پانڌيڙو هو. جيڪو هن گندي سماج ۾ هڪ ڪنول جيان ٽڙيو. نذير عباسي ۽ ڄام ساقي جدوجهد ۾ گڏ رهيا آهن پوءِ ڪڏهن هلچل رسالي ڪڍڻ جي ڏوهه ۾ ته ڪڏهن عوام کي سجاڳ ڪرڻ ۽ ملڪ خلاف بغاوت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ روپوش رهيا.

نذير انهن شروعاتي ماڻهن مان هو جن پنهنجي ڪوشش سان عوام کي سياسي شعور بخشيو ۽ پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ ذهن کي سجاڳ ڪيو. نذيرعباسي انهيءَ ئي سماج جو هڪ فرد هو. جنهن ۾ بک، ڏک، مصيبتون ۽ وڏيرن جو ظلم اتي رهندڙ ماڻهن لاءِ مقدر بڻيل هوندو آهي هن انقلابي جو جنم به پڙهيل عريض نويس جي گهر ۾ ٿيو جيڪو ٽنڊوالهيار جو رهاڪو هو. نذير عباسي زندگي جي سونهري ڏينهن کان پنهنجو هي طويل سفر شروع ڪيو. شروعات ۾ ايس اين ايس ايف سنڌ جو جنرل سيڪريٽري رهيو. بعد ۾ صدر ٿيو. هن هڪ ملڪ گير جماعت ٺاهڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، نذير کي ڊي ايس ايف جو باني جيو ويندو آهي. ڊي ايس ايف جنهن 1980ع کان وٺي پاڪستان جي شاگردن جي مسئلن جي حل لاءِ سگهاري جدوجهد ڪئي آهي. تنظيم سان لاڳاپيل شاگردن ايترو ته لاڀ حاصل ڪيو جو اڄ به اهي اڳواڻ ۽ ڊي ايس ايف سان لاڳاپيل دوست عوام جي مسئلن لاءِ ۽ شعور واسطي قلمي جنگ لڙي رهيا آهن. هي ڊي ايس ايف جو ماضي جو ڪردار آهي. مگر اڄ اها تنظيم ائين نه رهي آهي. اسين ائين چئون ته انهن دوستن جي جدوجهد رائيگان وئي اهو غلط آهي. اسان جي نوجوانن رات ڏينهن محنت ڪري ماڻهن کي سجاڳ ڪيو. جنهن سان اسان وٽ شعور جي لهر پيدا ٿي. اهو دور سنڌي سماج لاءِ شعور جي وهڪري جو دور آهي. جنهن جي نتيجي ۾ اڄ اسين علم ۽ عقل جي بنياد

ٿي دليلن وسيلي مسئلن ڪي حل ڪرڻ ۾ پختو يقين رکون ٿا. ڪابه ڌر جي ترقي پسند سوچ رکندڙ نوجوانن هشيار ڪان وڌيڪ تعليم تي زور ڏنو ۽ تعليم وسيلي تبديليون آڻڻ پيئي چاهيون، هي نوجوان امن پسند ۽ سچو پچو عوام لاءِ جدوجهد ڪندڙ فرد هو جنهن پنهنجي جدوجهد وسيلي هن غلط روايتن تي ٻڌل سماج کي ڊاهڻ ٿي چاهيو. حيدرآباد جي مزدورن سان گڏجي انهن جي مسئلن لاءِ جاکوڙيندو رهيو. نذير کي عوام سان سچي دل جي لگن ۽ محبت هئي. جن تحت هي انهن سان هر موڙ تي هر مسئلي ۾ گڏ هو. هڪ دفعي حيدرآباد ۾ مزدورن جي جلسي عام کي خطاب ڪندي نذير چيو ته:

"اي منهنجا مزدور ساٿيو منهنجو مرڻ جيئڻ اوهان لاءِ آهي ۽ جڏهن منهنجو لاش نڪرندو ڏسو ته ائين ضرور چئجو ته هي اسان جو انقلابي ساٿي هو."

انهن لفظن ۾ ڪيڏي پنهنجائپ ۽ سچائي آهي، انهن لفظن ٿي نذير کي حميده ۽ زرقا کان ڌار ڪيو، اهي لفظ ٿي هئا جن نذير کي مجتا ڏني، اهي لفظ هئا جن نذيرکي سقراط جي حيثيت ڏئي ڇڏي. شهيد نذير رات ڏينهن سماج ۾ تبديليون آڻڻ لاءِ سخت محنت ڪئي، نذير پنهنجي زندگي کي هڪ گيت سمجهي هر دکي دل جي ڌڙڪن ٻڌڻ ٿي گهريو ۽ هر ماڻهو جي ڏکن ۽ دردن لاءِ جاکوڙ ڪرڻ ازلي عبادت ۾ شمار ڪيو. نذير دوستن ۽ ساٿين ۾ هميشه هينيان لفظ دهرائيندو هو.

"منهنجي زندگي هڪ گيت آهي ۽ منهنجو موت جدوجهد لاءِ سڏ آهي"

اڄ انهن لفظن جو پرم ڪونهي، نذير جي مزار تي اڄ ڪو به ساٿي خراج عقيدت لاءِ نه پيو اچي، اڄ ڪا به ماءُ پنهنجي ڳوڙهن سان هن جي سخي حسن قبرستان ۾ اڪيلي قبر تي گلن جي ورڪا نه پيئي ڪري. هي ڪير هئو، ڇو مئو؟ ڪنهن لاءِ مئو! اهي اهڙا سوال آهن جن جو جواب يوناني فلاسفرن کان اڄ تائين ڪنهن به نه ڏنو آهي. ڇو ته فرد جي انفرادي حيثيت کي سمجهڻ تمام مشڪل ڪم آهي ۽ نذير کي به اهو ٿي سمجهي سگهندو جنهن وٽ نذير جهڙي دل، جذبو، احساس، اميد ۽ تڙپ هوندي.سچ جا پيروڪار سقراط کان وٺي نذير عباسي تائين ۽ اڳتي به بار بار هن ڌرتي تي ايندا رهندا ڇو ته چڱائي جي پچاڻي ڪڏهن به نه ٿي اچي ۽ سچ هميشه سچ ٿي رهڻو آهي. فيض صاحب جي هينين سٽن وانگر:

هر ايڪ دور مين هر، هر زماني مين هم،
زهر پيتي رهي، گيت گاتي رهي،
جان ديتي رهي، زندگي کي ليئي،
ساعت وصل کي سرخوشي ڪي ليئي،

اهڙن ماڻهن کي ڪنهن جي پرواهه نه هئي، انهن صرف پنهنجو پاڻ کي سچائي عوامي ڀلائي لاءِ ڀاڻ پتوڙيو. تنهن ڪري اچو ته سڀئي گڏجي انهن جي ڏسيل راهه تي هلي حقيقي نجات حاصل ڪريون.

... مر مران مارڳ ۾

نذير عباسي— انساني آدرشن جو شهيد

ادل سومرو 1994ع

ڌرتيءَ تان آهستي آهستي آڪسيجن جومقدار گهٽجي رهيو آهي. روشنيءَ کان محروم سوڙهيون اونداهيون گهٽيون، ڪچا گهر جهوپڙيون، گندگيءَ جا ڍير، بيٺل گندي پاڻيءَ جي ڍبن تي مڇرن جا ولر ۽ انهن جي پرسان راند ڪندڙ مٽيءَ هاڻا اڌ اگهاڙا ٻارڙا بدحالي، بيماريون، نشي ۾ ورتل اڌ مئل نوجوان، ڊاڪٽرن ۽ دوائن کانسواءِ سرڪاري هيلٿ يونٽ سهولتن کان وانجهيل زبون اسڪول اهو آهي انهي زندگي جو عڪس، جيڪا آبادي جو اڪثريتي حصو گذاري رهيو آهي. باقي ٿوري حصي ۾ زندگي پنهنجن سڀني رنگن ۽ خوبصورتين سان موجود آهي، جتان جي رهواسين، جهوپڙين جي حصي جون مرڪون ۽ روشنيون ڦٻائي ڇڏيون آهن ۽ پنهنجي بنگلي جي لان(Lawn) وڏائڻ جي چڪر ۾ هنن عام انسانن لاءِ ڌرتي سوڙهي ڪري ڇڏي آهي. هر ماڻهوءَ کي خبر آهي ته هن کي هڪ ڏينهن هي جهان ڇڏڻو آهي ۽ اها مهل ڪنهن به وقت اچي سگهي ٿي. انهيءَ خبر جي باوجود انسان دنيا جي وهنوار ۾ پاڻ کي ايترو ڦاسائيندو رهي ٿو، جو ڪن مرحلن تي ڪجهه عارضي، رعايتن ۽ فائدن خاطر هو پنهنجا نظريا، اصول، سچايون، سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏي ٿو. زماني جون آسائشون ۽ آرام هن جو مقدر بڻجي وڃن ٿا. هن جي ڊڪ ڊوڙ جومحور رڳو ناڻو وڃي رهي ٿو. ٿوري عرصي ۾ امير بڻجڻ جي خواهش ۾ انسان اهڙو ته ذليل ڪردار ادا ڪري ٿو.جو پوءِ هو سرمائيدار، جاگيردار، صنعتڪار يا انهن جو چاڙتو ۽ پيو گهڻو ڪجهه ته رهي ٿو پر انسان هر گز نٿو رهي. خواهش جي جهنگ ۾ هو حيوان کان به بدتر روپ اختيار ڪري ٿو. ڪمزورن کي هيسائڻ ، جيل، ڌاڙا، ڪورٽون، زمينن تي قبضا، غنڊن، چورن، ڌاڙيلن جي سرپرستي هن جا مشغلا بڻجي وڃن ٿا.

اهڙين مايوسيءَ وارين حالتن ۾ ڪي انسان اهڙا به هوندا آهن. جيڪي ڏچي، لنوائي خاموش رهڻ بدران، سچائيءَ جو آواز روشن ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي پاڻ سان ٿيندڙ ڏاڍاين جواحساس ڏياري، انياءَ سان اٽڪڻ جو حوصلوپيدا ڪندا آهن. اهڙا انسان، اجتماعي قومي مقصدن خاطر پنهنجي حياتيءَ جي پرواهه نه ڪندا آهن. ننڍڙي ۽ معمولي ماڻهوءَ کي پنهنجا مفاد ۽ بنا ڪنهن ڪوشش جي ملندڙ رعايتون پياريون هونديون آهن. جڏهن ته وڏن ماڻهن کي پنهنجا اصول وڌيڪ عزيز نه هوندا آهن اهڙن ئي وڏن ۽ ارڏن انسانن مان نوجوان انقلابي شهيد نذير عباسي به هو، جنهن ذلالت کان

پاڪ اهڙي سماج جا خواب ڏنا هئا. جتي ڪنهن بہ انسان جي عزت نفس مجروح نہ ٿئي ۽ ڪو بہ ڏاڍو ڪنهن هيٺي جا حق هڙپ نہ ڪري سگهي. ڌرتيءَ لاءِ سک ۽ سرهاڻ جا روشن خواب ڏسڻ ۽ انهن جي ساپيائن لاءِ پتوڙڻ جي ڏوهہ ۾ نذير عباسي کي ٽارچر ڪيمپن ۾ خاموشيءَ سان ماريو ويو ۽ هن سان محبت ڪندڙن کي هن جي آخري ديدار کان بہ محروم رکيو ويو. ٺنڊي الهيار جي هڪ پورهيت جو پٽ عشق جي اها منزل ماڻي ويو. جيڪا تمام گهٽ انسانن جي نصيب ۾ هوندي آهي. اڄ جڏهن طبقاتي جبر خلاف ويڙهہ ڪائيندڙ. ڪيترائي فرد ٺڏي چانو ۾ ويهي رهيا آهن. ذاتي طرح ڪٺي ستابي مستقبل جي طلب ۾ هنن اجتماعي خوشين لاءِ سوچڻ ڇڏي ڏنو آهي، تڏهن شهيد نذير عباسيءَ جي جدوجهد جي اهميت اڃا بہ وڌي وڃي ٿي.موقعي پرستي ۽ ذاتي مفادن جون بيماريون. جڏهن انسان ۾ گهر ڪري ويندي يون آهن تہ پوءِ هن کي ڌرتي تي ٿيندڙ انياءَ نظر نہ ايندو آهي. هو پنهنجي گهر جي ٿڌي ڪمري ۾ ڊش تي ميوزڪ پروگرامز ڏسندي اٿين محسوس ڪندو آهي تہ هر طرف سک ۽ سڪار آهي. جڏهن تہ موجوده حالتن ۾ ڪلاس سوسائٽي اڳ ڪان وڌيڪ سگهاري روپ ۾ موجود آهي. اڄ بہ 50 روپيا ڏهاڙي ڪٺندڙ مزدور پڙيءَ تي انتظار ڪري، خالي هٿين گهر موٽي ٿو اڃي ۽ ڏهن سالن کان بيروزگار ڊگري يافتہ نوجوان روزانو خودڪشيءَ بابت سوچيندو رهي ٿو. نذير عباسيءَ بہ انهيءَ سماجي جبر ۽ نابرابريءَ واري استحصالي نظام خلاف جدوجهد ڪئي. ٽارچر ۽ جيل خانا هن جي عزم ۽ حوصلي کي لوڏي نہ سگهيا ۽ هو آخري گهڙي تائين پنهنجي جدوجهد سان سچورهيو ۽ انهي عشق جي راهہ ۾ مارجي ويو. جيئن شاهہ لطيف چيو آهي تہ:

اڳي پوءِ مران، مر مران مارڳ ۾

متي پوءِ پريان، خون منهنجو جيڏيون!

نذير عباسي بہ مارڳ ۾ مئو آهي. اهو ضروري ناهي تہ هر جاکوڙي ماڳ تي رسي، محبت جي راهہ ۾ ڪاميابين ۽ ناڪامين جو ليکو نہ ڪبو آهي، پر بنيادي اهميت انهي سچي جذبي جي آهي، جنهن جي آڌار تي جدوجهد ڪئي وئي. نذير عباسي بہ اهڙو ئي جذبو رکندڙ دلير نوجوان هو. جنهن مارڳ جو موت قبوليو. پر پنهنجن مارن کي نہ لڄايو. پنهنجن آدرشن جي توهين ٿيڻ نہ ڏني. انهي ڪري هن جي شهادت، سماجي جبر ۽ ناانصافي خلاف ٿيندڙ جدوجهد واري راهہ تي ايندڙ نسل لاءِ ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ روشني آهي.

شهيد نذير عباسي هڪ دؤر جي پڇاڻي

ايڊيٽوريل روزاني"پڪار" 1995

9-آگسٽ: ڇا اها فقط ڪيلينڊر سال جي تاريخ آهي يا هڪ دؤر جي مڪمل تواريخ آهي؟ تواريخ جيڪو هڪ لاڳيتو عمل آهي ۽ جيڪو سدائين "ڪن فيڪون" جو سڏ به آهي ته پڙاڏو پڻ. انهيءَ تاريخ ۾ شخصيتن جو ذڪر هوندو آهي. شخصيتون جن مان ڪن کي تاريخون هيرو ۽مظلوم ڪري ٿيون پيش ڪن ته ڪن کي غدار ۽ بدمعاش. 9 آگسٽ هڪ ڪيلينڊر سال جي تاريخ به آهي ته هڪ دؤر جي تواريخ پڻ. اها تاريخ شهيد نذير عباسي ماڙيپور جي ٽارچر سيل ۾ پنهنجي جسم تي لڳل گهائن جي الفابيٽ کي ترتيب ڏيئي لکي.

انهي دور ۾ جڏهن ڳاٽ اوچو ڪري جيئڻ ناقابل معافي ڏوهه هو ۽ اهو ڏوهه ڪندڙ باغي ۽ سازشي هو تڏهن نذير عباسي نه رڳو اهو ڏوهه ڪيو پر انهي ڏوهه ۾ پائيوار سون ماڻهن جي قافلي جو سرواڻ به هو. وقت جا حاڪم مڃريا ته نذير عباسي تاريخ ناهڻ جي جرم ۾ ٽارچر سيل ۾ آندو ويو ۽ هڪ جڙندڙ تاريخ جو باب شروع ٿيڻ سان پڇاڙي کي به پهتو.

اڄ به 9 آگسٽ آهي. دور بدلجي چڪو آهي انهن ڏينهن ۾ نذير عباسي ۽ سندس ساٿين جي پاران صفائيءَ ۾ بيان ڏيڻ وارا مک شاهد حاڪم بلوچ آهن سنڌ جو وڏو وزير اڄ نذير عباسي کي شهيد چئي سندس ورسيءَ ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪندو.

پر انهيءَ موڙ تي ٿي اسان جا سوال شروع ٿا ٿين جيڪي ڪميونسٽ ڪيس جي شاهدن کان آهن اهي سوال ڪي وڏا ڪو نه آهن؟ پر انهن جا جواب ڪوشش جي باوجود نٿا ملن ۽ جواب نه ڏيڻ ۾ انهي دؤر جي شاهدن ۽ اڄ جي حاڪمن کي جيڪي مجبوريون درپيش آهن انهن جو ذڪر به نٿو ڪيو وڃي.

سوالن کي جيڪڏهن مختصر ڪري فقط هڪ سوال کي تاجي پيٽي ۾ بدلائي ڇڏجي ته سوال اهو ٿو ٿئي:

شهيد نذير عباسيءَ جي ڪيس جو ڇا ٿيو؟

معنيٰ ته: انهن جوابدارن جو ڇا ٿيو جن نذير کي اذيتيون ڏيئي شهيد ڪيو؟ سنڌ جو وڏو وزير جيڪڏهن تاريخ جي انهي ڪردار کي شهيد سمجهي ٿو ۽ سندس ورسيءَ ۾ شرڪت ٿو ڪري ته اها ان ڳالهه جي علامت آهي ته نذير شهيد هيرو آهي ۽ ڪيس مارڻ وارو/مارائڻ وارا بدمعاش آهن ته پوءِ سنڌ جي حاڪم کي بدمعاش کان پڇاڻو ڪرڻ جي فرصت ڪڏهن ملندي؟ اهو ڪيس ڇو نٿو اٿلايو وڃي؟

انهي ڏس ۾ قانوني گهرجون بہ پوريون ٿيل آهن نذير جي ونيءَ جي هاءِ ڪورٽ ۾ ڏنل اها درخواست تہ ڪيس خدشو آهي تہ سندس مڙس کي ناحق بندي دوران ماريو ويندو. يا نذير جي شهادت کان پوءِ سندس پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ ڏنل درخواست مشهور بئريسٽر ودود ۽ اختر حسين جي هاءِ ڪورٽ ۾ انهي ڏس ۾ پاتل ٻوڙون. اهي سڀ بنيادي قانوني گهرجون پوريون ڪري ٿيون ڏين، جن جي ڪالهہ جي صفائي وارن گواهن ۽ اڄ جي حاڪمن کي انصاف پلئہ ڏيارڻ لاءِ ضرورت پئجي سگهي ٿي.

پر هي ڪهڙو انياءُ آهي جو تاريخ جي هڪ ڪردار کي تہ شهيد ۽ هيرو مڃيو وڃي تو پر ان جي ابتڙ ڪردارن کي ظالم ۽ قاتل نٿو مڃيو وڃي. نذير جي موت کي تہ وڏو ظلم ڇيو وڃي ٿو پر ان جو انصاف نٿو ڪيو وڃي ڇوڻ وارا بہ صاحب اختيار هجن تہ پوءِ انصاف جو حصول ايڏو ڀري ڇو. جيڪڏهن تاريخ جي انهيءَ ڪردار کي شهيد ڇئجي ۽ قاتل کي قاتل بہ نہ ڇئجي تہ اها سياسي ۽ تاريخي منافقي آهي جيڪا خود معاف نہ ڪرڻ جهڙو ڏوهہ آهي.

اسان 9 آگسٽ 95ع تي نذير جي ساروڻي ۾ هن لکجندڙ ايڊيٽوريل ۾ وقت جي حاڪمن کي اپيل ڪنداسين تہ نذير شهيد جي قتل جي جاچ ڪرايو اها هڪ فرد جي قتل جي جاچ ناهي. اهو تہ تاريخ جي هڪ باب جو موت آهي. اهو هڪ نظريي تي لڳل راتاهو هو. اهو جمهوريت ۽ انسانيت لاءِ وڙهندڙ هڪ فرد هڪ ڏر جو موت هو. ڇا ايترا گهٽا ڏوهہ ڪندڙ ماڻهو هاڻ بہ محفوظ رهندا؟ قانون جي پڪڙ کي ڪير ڇوريندو - بينظير پڻو؟ عبدالله شاهہ؟ يا ڪو بہ نہ؟

ڇا شهيد نذير جي معاملي تي ضياءَ جي آمريت ۽ بينظير جي جمهوريت ۾ ڪو فرق ناهي!؟

اسان کي انهن سوالن جا جواب گهرجن. توهان جواب نہ ڏنا تہ توهان تاريخ جي صفحن ۾ مجرم هوندا. اسان سوال پڇڻ ڇڏي ڏينداسون تہ مجرمن جي ڪٽهڙي ۾ بيٺل هونداسين.

منهنجو ليڊر- منهنجو محبوب نذير عباسي

ڪامريڊ غلام رسول سهتو 1995ع

نذير جيڪا سياست ڪئي ان ۾ هن هڪ پلي ڪم جي نالي ۾ ڪڏا ڪم ڪو نه ڪيا ڏاڙا ڪو نه هٽايا. ماڻهو ڪو نه مارايا. بلڪه هن وٽ ڪي خيال هيا جيڪي ورهائيندو وتندو هو. اهي خيال يا نظريا پنهنجي حڪومت کي به ڪو نه وڻندا هيا. انهن به ڪيس ڪيترا دفعا جيل ۾ وڌو هو ۽ خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ٻي صورت ۾ سندس پيٽين, پاڇاين ۽ ماءُ کي به ٽاڻن تي قيد ڪيو هيو. پوءِ جڏهن وري جنرلن جي سڌي سنئين راڄڌاني آئي ته نذير اڳوڻي حڪومت جي مهندار پنهنجي قيد ۾ پوڻ تي به احتجاج ڪرڻ لڳو. جيڪا ڳالهه حاڪمن کي بنهه نه ٿي وڻي. انهن جو چوڻ هيو ته انهيءَ حڪومت اوهان جا ننگ ٽاڻن تي ويهاريا وري اوهان انهن جي حمايت ڪيئن ٿا ڪريو!!؟ نذير جو موقف هيو ته "ڪالهه انهن سان به اهو جهيڙو هيو ته"اوهان عوام جي لاءِ ڪيو. نه ڪي جنرلن لاءِ". اهو ئي ٿيو جو اسان چين پيي. نيٺ انهي رستي ڏانهن موٽڻو پيو جيئين هاڻي ٿي سگهي ٿو هيترين حالتن ڪانپوءِ من سڪيا هجن. ٻي ڳالهه ته ڪريل تي حملو ڪرڻ وارو ڪو نه آهي. حالانڪه سياست ۾ ائين ئي ٿيندو آيو آهي ته"دشمن جو دشمن دوست ٿيندو آهي" ولي خان ائين ڪيو. جي ايم سيد ائين ڪيو چو ته مائوزيتنگ جو فلسفو پڻ اها تقاضا ڪري ٿو پر نذير ۽ سندس پارٽي ائين نه ڪيو چو ته پنهنجي دور ۾ جيڪي اسان سان عقوبتون ٿيون هيون اهي پنهنجي مالڪن يعني"آمريڪا ۽ جنرلن کي خوش رکڻ لاءِ ڪيون ويون هيون هاڻي اسين به اصل مالڪن سان گڏجي هنن سان پنهنجا پلاند ڪيون اهو اسان کي نٿو سونهي, دراصل مهانتا انهن ئي خيالن کي آهي پوءِ حاڪمن نذير کي ڇا ڪيو؟ ڪهڙا عذاب ڏنا, ڪيترو تشدد ڪيو, هن دنيا مان ئي چلتو ڪري ڇڏيو, ان تي ڪيترائي مضمون نذير تي لکجي چڪا آهن پر لکندڙن کي نذير ڪان وڌيڪ سندس سياسي دڪان پيارو هيو, يا وري انهن لکيو آهي ته جن کي ڪا ئي خبر نه آهي مڙئي ويچارا ٻڌ سڌ تي آهن, اهڙن دوستن لکيو نذير عباسي جا ننهن ڇڪيا ويا, سندس اگهاڙن پنن کي شيشن تي گهليو ويو ۽ پيون به الائي ڇا ڇا!! حالانڪه نذير تشدد دوران يا ان ڪان پوءِ ڪنهن سان به نه ملي سگهيو هو نه تشدد ٿيندي وقت مٿان ڪو دوست بيٺل هيس جنهن اچي ٻڌايو ته هيترو تشدد ٿيو اٿس نه وري سندس ڪنهن لاءِ ڏنو هيو نه وري ڪنهن ۾ ايتري جرئت هئي جو چوي ته سندس پوسٽ

مارڻم ڪرايو وڃي. بس قاتل سندس هڪ عزيز کي گهرائي ڌمڪائي پوءِ سندس سامهون ڪيس دفن ڪري ڇڏيو. بس اها خبر يارن کي آهي خبر پيئي تہ مٿس ڪهڙا تشدد جا حربا هلايا ويا ۽ ڪهڙي عذاب ۾ سندس جان بي جان ٿي وئي. دراصل سياسي پارٽيون پنهنجي هر اڳواڻ لاءِ اهي ساڳيا طريقا ٻڌائيندڙيون رهيون آهن تہ اسان جي رهبر جا ننهن ڇڪي ڪڍيا اٿن، الٽو ٽنگيو اٿن. شيشن تي سمهاري گهليو اٿن. حالانڪ سندس ليڊر بغير تشدد جي ئي پنهنجن نہ ڪيل گناهن جو بہ اعتراف ڪري ويهندا آهن. جهڙوڪ ٽي وي تي اعتراف جرم ڪندڙن ۾ اهڙا بہ ويچارا هيا جن ٻڌايو تہ اسين هندستان ۾ ٽريننگ ڪري آيا آهيون، حالانڪ انهن هندستان ڏٺو بہ ڪونهي. بس ايترو ضرور ڇٻو نذير جا اهي مرحلا پاس ڪيل هيا. هن جي پنهنجي خيالن يا آدرشن سان ڪيتري حد تائين هم آهنگي هئي، ان جو اندازو ڪو بہ ڇاڙي باز لفاظي ڪندڙ محسوس بہ نٿو ڪري سگهي تہ هن جو جنون ڪيتري شعوري بلندي تي هيو مان پڙهندڙن اڳيان سندس هڪ مختصر پهلو پيش ڪيان ٿو. ان مان اوهان پاڻ اندازو لڳائجو. 1977ع ۾ مارشل لا لڳو 78ع فيبروري تي نذير جي شادي حميده گهانگهرو سان ٿي رهي هئي. نڪاح دوران منشي ابراهيم ۽ ميراڻي جي گيتن.پڙهڻ تي نعرا لڳا" فوجي ٽولو سياست ۾، ملڪ سڄو آفت ۾. پيا بہ ڪيترائي ڪامريڊي مشهور معروف نعرا لڳندا رهيا ڇو تہ سڄي سنڌ مان سياسي ڪارڪن آيل هيا جن جهل نہ پي ڏني پر نذير جي منهن تي گهنج نہ پيو تہ هي شادي آهي ان کي سياسي جلسي ۾ ڇو ٿا تبديل ڪريو. قاسم پٽر ضرور ڇيو شادي جي موقعي تي اهي ڪيڏاري وارن لشڪرن جو ڪهڙو منطق هيو پر اسان جو سياسي جنون اهڙو هيو يا ائين چئجي تہ شعور ايترو هيو جو شادي ۽ سياست کي الڳ نہ پي سمجهيوسين. حالانڪ نذير روپوش بہ هيو. پارٽي جو فرمان هيس تہ نڪاح خفيہ پڙهائي وري گم ٿي وڃجان. نڪاح ڪانپوءِ قاضي نذير جي جاءِ تي ايس اين ايس ايف جي مرڪزي گڏجاڻي سڄي رات هلي. نذير جنهن ۾ وينو رهيو. صبح جو وري ڪامريڊي لٽريچر سيني دوستن ۾ ورهايو ويو. جيڪو ٻوريون پرچي آيل هيون. پوليس ڪيس داخل ڪيو تہ شادي جي نالي ۾ جلسو ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ نذير، منشي، منهنجو ۽ ٻين ڪيترن ساٿين جا نالا هيا. ان ڪيس ۾ اسان مٿان پوليس جا مشير پ پ جا جوڙا هيا. مان بہ نذير سان گڏ روپوش ٿي ويس اجا هڪ مهينو مس گذريو تہ پارٽي بلوچستان ۾ هاري هلچل شروع ڪرائي تہ نذير پنهنجي گهر واري حميده کي بڪ هڙتال ڪرڻ جي اجازت ڏني. جيڪا پٽ فيڊر ۾ گرفتار ٿي جيل وئي. اتان اجا آزاد ٿي نہ آئي هئي تہ نذير پاڻ گرفتار ٿي ويو. حيدرآباد گاڏي کاتي واري آفيس مان ٻاهر نڪتو تہ ڪي مشڪوڪ ماڻهو نظر آيس وڪ وڌائي گهٽي مٿ ڪيائين پر همراهہ پهچي ويس پهچندي ئي مارڪٽ شروع ڪندي چوڻ شروع ڪين تہ"سالي جيب ڪاٽتا هي" نذير بہ جوابي ڪارروائي ڪندي ساٿس وڙهندي چوڻ شروع ڪيو "تم

سالي سي آءِ اي ڪي ايجنٽ هو" بهرحال پڪڙڻ ۾ ڪامياب ويس. جڏهن ٿاڻي تي پهتا تہ ڊي ايس پي چيس نذير صاحبءَ"ابهي تمهارا مزدور طبقہ اور عوام اتنا بيدار نهين هوا کہ جس کي لئي تم کو سي آءِ اي کي ايجنٽ اور لوگ ايسي پيٽنا شروع ڪرين" کيس گرفتار ڪري ڪنڊيارو کان نوشهروفيروز ڪٽي ويا. حميده آزاد ٿي آئي تہ نذير جو والد وفات ڪري ويو کيس ا بہ نذير ڪري ڪافي دفعا گرفتار ڪيو ويو هو، هن دفعي دل جي دوري سبب وفات ڪري ويو. ان جو اطلاع ڪرڻ لاءِ مان ۽ حميده نوشهري وياسين مان نذير جو پاءُ ٿيس تہ بہ ملاقات جي اجازت فوجين کو نہ ڏني پوءِ سامان بہ ڏيڻ بهاني نذير کي سندس والد جو ٻڌايو شايد مون پهريون دفعو سندس اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا ۽ چيائين تہ: I am Responssible for his Deth اهي گهڙيون ڪيئن گذاريائين ڪنهن سان سور سلپائين چو تہ سواءِ هڪ ڏهراج جي باقي سڀ قيدي چور هيس پوءِ جلد ئي کيس ڪوئٽہ قلي ڪيمپ ڪٽي ويا.
جيڪا بلوچن تي تشدد ڪرڻ ڪري بدنام زمانہ هئي اتي پيا بہ ڪيترائي ساٿي پارڙا سنگت ۽ ايس اين ايس ايف جا ڪارڪن گرفتار ڪري رکيا هين، جن چيو هيو تہ واقعي اسان اهو لٽريچر ورهائيندا آهيون ۽ فلاڻا ڏيئي ويندا آهن، چو تہ انهن جي عمر جي حساب سان تشدد سهڻ کان مٿي هيو. اکين تي پٽيون پيو قيد تنهائي ان جو اندازو اهي لڳائي سگهن ٿا، جيڪي اهڙي عذاب مان گذريا هوندا. انهي متعلق نذير مون کي پاڻ ٻڌايو هيو انهي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ نذير ڪراچي ماڙيپور ۾ پنهنجي حياتي جا آخري 9 ڏينهن ڪيئن گذاريا هوندا؟ نذير خود ٻڌايو اهو قيد ڪاٽڻ تمام ڏکيو ٿي پوندو آهي، جڏهن ڪو دوست مٿان بڪي ۽ سڀ سچيون ڪري پوءِ انهي کي بين جو لوڊ بہ ٽپڻو پئجي ويندو آهي، اهو ئي مون سان ٿيو. مون کين چيو جيڪي تشدد جا طريقا اجا بہ آزمايا اٿو اهي بہ آزمائي ڏسو مان اوهان کي چوان ٿو تہ مون کان رڳو منهنجو نالو پڇي ڏيکاريو جي اهو ڏسي ويس تہ پوءِ باقي بہ اوهان جون ڳالهيون ٻڌائيندس. هو بہ وڙهي ٿڪيا هيا انهن بہ طريقا تبديل ڪيا. انهن بہ نفسياتي حربہ استعمال ڪرڻ شروع ڪيا هڪ صوبيدار چيو تون هتي قيد ۾ وينو آهين ۽ تو واري گهر واري پنهنجي .... سان گهمندي هوندي، تون اسان سان تعاون ڪر تہ توکي بہ آزاد ڪيون، موٽ ۾ مون چڙڻ بدران فوجين وارو مشهور پوڳ ٻڌايومانس هڪ فوجي 12 مهينن کان گهڻو عرصو ڊيوٽي تي هيو ان کي ڳوٺان تار آئي تہ توکي پٽ ڄائو آهي، دوست پڇيس تہ تون تہ هتي آهين پوءِ توکي پٽ ڪيئن ڄائو ان چيو تہ "ميرا بهائي قابل هي" مون چيس 12 سو روپين جي ڪري اوهان پنهنجي گهر واري کان جدا رهي سگهو ٿا تہ منهنجو پنهنجي مقصد سان عشق ان کان مٿانهون آهي. مان بہ گذاري ويندس. نذير چيو مون ڏٺو تہ بدحواس ٿي ويو هو مون کي پريشان ڪرڻ چاهي پيو مان کيس پريشان ڪري ڇڏيو. هن چيو تہ هي هڪ اعصابي جنگ آهي جيڪا اسان کي جيئڻ جو ڏانءُ سکڻ گهرجي، هڪ ڏينهن ڏٺم تہ

۾ واري ڪولي ۾ ڪنهن جو ڳورو آواز آيو اندازو لڳايم ته مانڌل شر ئي سگهي ٿو. سوچي سوچي بينس ته "مانڌل شر اسان جو هاري اڳواڻ آهي ڪافي سالن کان جيل ۾ پوندو رهيو آهي، منهنجي ساٿس جلسن ۾ ملاقات ٿيندي رهي آهي حالانڪ پوءِ مانڌل شر ٻڌايو ته مون چيو هين ته "مان نذير ڪي نه سڃاڻان نه مليو آهيانس" رکي رکي ائين جهونگارڻ شروع ڪيم او... مانڌل... شر... او... مانڌل شر.... جيئن الڻ فقير شاهه جي وائي ڳائيندو آهي، ٿورو ٿورو آواز بلند ڪندو ويس جيئن سپاهي سمجهن ته راڳ ٿو ڳائي. مانڌل شر جو پنهنجو نالو ٻڌي ته وائڙو ٿي ويو ڏاڍيان رڙ ڪري چيائين ڪير آن؟ ڪير آن مون وري راڳ ڳائيندي چيومانس " هن ڳالهائڻ تي بندش آ. تون ڳائڻ ۾ ڳالهاءِ جڏهن ٻه ٽي دفعا چيم تڏهن وڃي ٻروچ ماٺهو سمجهيو پوءِ سڄو احوال راڳ ۾ ٻڌايومانس پوءِ جڏهن خبر پين ته هي ان رستي رابطو ڪن ٿا ته وري ڪنڪو ڏنن. نذير ٻڌايو ته جڏهن وڙهندا هيا ۽ گاريون ڏيندا هيا ته مان چوندو هيو مان ته اوهان وڏيڪ بي شرم ۽ ... آهيو ڇو ته اوهان جي فوجين ڪي پنو هندستان مان آزاد ڪرائي آيو دنيا جي مسلمانن جي تاريخ ۾ هڪ لک مسلمان ڪڏهن به هٿيار ڦٽا نه ڪيا آهن اهو ڪڌو ڪم اوهان ڪيو..وري ساهه پٽي پلاند هندستان سان ڪيو، اهو ته جڳ ڏٺو پر ورندو پٽي جو تختو اونڌو ڪيو. اهو به مان پڇندو هيو مان ته پٽي ڪي فوج ڪي خوش رکڻ لاءِ بلوچ پختون ۽ سنڌي قوم پرستن سان ڪيس ڪرڻ ڇڏيا وري به اوهان ان تي راضي ناهيو. ان ڪان ڪهڙو جرم ٿيو جو اوهان مٿس ناراض ٿيو؟جواب ڪو نه ڏيندا هيا. نذير ٻڌايو ته هڪ دفعي ميجر گهرايو چيائين تون اسان جي فوجي آفيسرن کي گاريون ٿو ڏئين. توکي به ٽڪنڪي تي چڙهڻ جو شوق جاڳيو آهي ڇا؟ مون چيس تنهنجا آفيسر جڏهن گاريون ٿا ڏين ته مان موٽ ۾ قرآن پڙهندس ڇا؟ ميجر چيو ته "مين آپ ڪو دعوت ديتا هون ڪي بيٺهه ڪر باتين ڪرين" مون چيس هڪ گهڙي ايترو ماريو ٿا جنهن جو اندازو ڪونهي بي گهڙي وري ڪرسي تي ويهڻ جي آفر ٿا ڏيو. ميجر چيو ته "تهنبا هوني ڪي لئي سگريٽ پئين" مون چيس"تهي پيونگا" ان چيو"پوروز سگريٽ گولڊ ليف هي، سمجهو سامراج جي ايڪ سگريٽ نڪلا تو به بهتر هي" مون ڪي ڪل اچي وئي، هن چيو هاٺي ويهه ته سياست تي ٿا ڳالهايون. توکي به سياست جي ٻاڙ لڳي هوندي مون کان پڇيائين اوهان کي پنجابين کان نفرت گهڻي آهي يا فوج کان؟ مون چيس فوج کان ڇو ته اهي سامراجي مفادن خاطر پنهنجي عوام کي ٽيون دفعو فتح ڪيو اٿن. مون کي ڇا پوري قوم کي نفرت آهي، فرق هي آهي جو عوام پرپٽ فوج کي گاريون ٿو ڏي ۽ مان اوهان جي روبرو. پنجابين کان انهي ڪري آهي ته هو پنهنجي ڌرتي کي جنت بڻائڻ بدران حاڪمن سان ڳنجوڙ ڪري سنڌ جي زمين تي انعام نيلام نالي ۾ قبضو ڪري سنڌين کي پنهنجي زمين تي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ واري سازش جو حصو بڻجن ٿا. انهي ڪري انهن جي وڏي اڪثريت مارشل لائن جي حمايتي رهي

ٿي، ائين تہ اسان جا دوست بہ پنجاب ۾ آهن. اسٽوڊنٽس يونين آف پنجاب پر اهي ٿوري تعداد ۾ آهن. حالت اها آهي جو اهي بہ اسان وانگر اوهان کي نثا وٽن. ميجر چيو تہ غريب جو ٻار پڙهي ڪو نہ ٿو. سياست ٿو ڪري. اها بہ ڪميونسٽ پارٽي جيڪا غير ملڪي ايجنٽ آهي، يعني روسين جي ايجنٽ آهي، تون پنهنجي ماءُ جي کهڙي خدمت ڪئي آهي، تنهنجو والد بہ گذاري ويو. هاڻي وڃي سياست کي ڇڏي گهر وارن جي خدمت ڪر. مون چيس اوهان فوجين جو ڪم آهي سرحدن جي رکوالي ڪرڻ اتي بہ اوهان هٿيار ڦٽا ڪري ٿا اچو. پنهنجي عوام تي گوليون ٿا هلايو. اوهان جي اسلامي اخلاق جو مظاهرو مان ڏسي چڪو آهيان. جو منهنجو والد گذاري ويو اوهان ان جي منهن ڏسڻ جي اجازت بہ نہ ڏني. اوهان بيرڪن ۾ وڃو اسين ڪلاسن ۾ وينداسين. باقي منهنجو ڪميونسٽ پارٽي سان ڪو بہ تعلق ڪونهي، ڄام ساقي سان آهي جو هو تنظيم جو باني هيو. ان چيو تہ پوءِ ڪميونسٽ پارٽي جو لٽريچر ڇو ٿو ورهائين. مون چيس تہ مان آهيان ۽ ورهائيندو بہ آهيان هن چيو تہ هلچل ۽ سرخ پرچم بہ ورهائين ٿو. مون چيو تہ اهو پڙهندو ضرور آهيان پر منهنجو انهن سان واسطو نہ آهي. هن چيو تہ توکي پڙهڻ لاءِ ڪير ڏيندو آ؟ مون چيس تہ يونيورسٽي جي هاسٽلن ۾ رات جو اڇلائي ويندا آهن هن چيو تہ شاهہ صاحب چوي ٿو تہ تون ڪيس هر مهيني ڏئي ويندو هئين. پوءِ شاهہ کي گهرايائين جيڪو منهنجي مٿان بيهي ويو. تہ ها تون ڪيس هلچل ۽ سرخ پرچم ڏئي ويندو آهين. مان ٿورو ڦڪو ٿيس پر پوءِ ميجر کي چيم. هڪ طرف هي ٻار آهي ۽ ٻئي طرف تنهنجا هي سجيلا جوان جي مان توکي ان جيترو تشدد ڪيان تہ تون خوهچوڻ شروع ڪندين شاهہ صاحب کي تون هر ماهہ هلچل ڏئي ويندو هئين. باقي مان مشعل ڪيندو آهيان. جيڪو اوهان جي حمايت نہ پر مخالفت ڪندو آهي. ان چيو اهو ڪٿان ڇپائيندو آهين. مون چيس ڪراچي ۾ هڪ سئو هڪ دڪان آهن. جنهن وٽ رش نہ هوندي آهي، انهي ڪان ڇپائيندو آهيان. هن چيو تہ اوهان کي روس ڪان ڪيترا پئسا ٿا ملن مون چيس ان جو حساب اوهان وٽ هوندو ڇو تہ اوهان جي ايجنسين ضرور رپورٽ ڪيو هوندو. اوهان کي اها خبر هوندي تہ اهي ڪنهن کي ٿا ملن براءِ مهرباني مون کي بہ ضرور ٻڌايو تہ مان بہ ڪانئن پنهنجو حصو پتي تہ وٺان. مون چيس جيترا ڊالر آمريڪا ڪان اوهان کي ملن ٿا ان جي لکين پتي بہ اسان کي ملي تہ اوهان جو جيئڻ جنجال ٿي وڃي ان مان اهي انڊر گرائونڊ پريسون هٿايون جتان هر مهيني لکها پمفليٽ ڪڍي ورهايون پر افسوس جو روس بہ مدد ڪو نہ ٿو ڪري جي ڪري ٿو تہ اها بہ اوهان جو ڪو ايجنٽ کايو ٿو وڃي نہ تہ هنڙي ڪمزور پوزيشن ۾ نہ هجئون ها. هن چيو تہ "آپ بهت مزيدار انسان هين مجهي آپ پر رحم آ رها هي. ليڪن آپ جس چڪر ۾ هين اس ڪمچهوڙ دين ور نہ آپ اپني حياتي کهو بيٺهين گي اگر آپ ڪسي چڪر ۾ گرفتا رهو ڪر آگئي تو اگلي دفعا آپ ڪو معافي نہ مل سڪي گي، اس لئي پاڪ فوج ڪي خلاف نفرت

ڦهلائا ڇهوڙدين اسي ۾ آپ ڪا ڀهلا هي" ٻاهر نڪري خبر پئي تہ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ داخل ٿي هئي. ان ڪري ڇڏيو اٿن. سندس پنهنجي نظرئي سان عشق جو انـدازو لڳائيندا جڏهن ڪوئيٽہ مان ڇڏينس سڌو سڪرنڊ پهتو. جو صبح جو اخبارن ۾ پڙهيائين صبح جو سڪرنڊ ۾ هاري ڪانفرنس آهي رات جو 8 وڳي جيئي جنگ پهتو اسان اسٽيج لاءِ مٽي ٿي ڍوئي. نذير کي ڏسي سڀ دوست ڪيس ڇنبڙي ويا حال حوال ونڻ لڳس ڳالهيون هيون جي ڪٽن ئي نہ پيون. هڪ ٽارچر سيل جون خبرون هيون ٻڌائڻ وارو نذير جهڙو مسخرو ڪير ڪچهري ڇڏي مٽي ڍوئي!!

مون چيس تہ تنهنجي اچڻ ڪري ڪم ۾ رخنو پئجي ويو آهي. تون صبح جو چو نہ پئي آئين تہ ڪم تہ نہ رڪجي ها. هاڻ اسٽيج نہ ٺهي سگهي ڪانفرنس ڪيئن ٿيندي؟ چيائين صبح تائين دوستن ڪان پري رهڻ ڪا معمولي ڳالهہ ٿو سمجهين اهو بہ ان لاءِ جيڪا فوجي ڪيمپ مان آيو هجي. ائين چئي خميس لاهي ور ڪنيائين پوءِ بين دوستن سان گڏ. مٽي ڍوئڻ شروع ڪيائين. رات جو پوري ٽين بجي اسٽيج ٺهي تيار ٿي پوءِ وجي دوست سان گڏ ستو صبح جو چانهہ چيو ڪم جي سلسلي ۾ تون وڏو ظالم انسان آهين. هو ٽارچر سيل مان مونيو هيو تہ تون ان ڪان سڄي رات مٽي ڍورائي آهي. مون کي پڻ احساس ٿيو تہ ائين نہ ڪرڻ گهربو هو چو تہ اسين تنظيم ۾ پاڻ کي پاويل سمجهندا هياسين. جيڪو روسي ناول جو مشهور هيرو هيو. جيڪو ڪم جي سلسلي ۾ روبوٽن کي چڻ مات ڏيندو هو. مان سمجهان ٿو تہ نذير جي شعوري ليول جو ماڻهو سنڌ اجا پيدا نہ ڪيو آهي. هڪ دفعي مير ڪاظم جي ڳوٺ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي گڏجاڻي رکيل هئي. روهڙي واري ناڪي تي بس جو انتظار ٿي ڪيوسين تہ اوچتو هڪ جيپ اچي سامهون بيٺي نذير چيو هي تہ اهي آفيسر آهن جن مون سان ڪوئيٽہ قلي ڪيمپ ۾ ٽارچر ڪيو هو. ان جو مطلب اسين سندن گهيري ۾ آهيون. پوءِ بس ۾ جڏهن مير جي ڳوٺ پهتاسين. اتي هڪ اهڙو دوست بہ پهتل هيو جنهن لاءِ سڀني کي شڪ هو تہ هو ايجنسين لاءِ ڪم ڪري ٿو پوءِ اسين اتان گڏجاڻي ڪرڻ بدران هليا وياسين. مون چيس تہ هنن اڄ گرفتار چو ڪو نہ ڪيو؟ نذير چيو تہ هو چڻ مون کي وارننگ ڏيڻ آيا هئا تہ تنهنجون سرگرميون اسان کان ڳجهيون ناهن پوءِ بہ پاڻ کي ائين ڪم ڪرڻو آهي جيئن صوفي چوندا آهن "جو دم غافل سو دم ڪافر" جيسين تائين ڇڏين ٿا ڪم ڪبو رهبو ۽ اها ويڙهہ جاري رهندي. نذير جي شهادت ڪانپوءِ جڏهن وري پ پ جي حڪومت آئي اسان ڪين نذير جي ڪيس جي تحقيقات لاءِ چيو. صاف صاف لنوائي وئي. پوءِ محسوس ڪيوسين هي جمهوري دور ناهي بلڪ مڙئي ڍڪو سلو آهي. اڄ بہ مون لاءِ اهڙي جمهوريت نام نهاد آهي يا هوندي جا اهڙن ڪيسن جي تحقيقات ڪرائي قاتلن کي سزا ڏيئي نٿي. چو تہ جمهوريت جي لاءِ جان جي قرباني ڏيندڙن جي قاتلن کي جيڪي سزا نٿا ڏيارائي سگهن اهڙا اصل حاڪمن جا ڳنجوڙ ڪندڙ جواري سياستدان آهن. انهن مان گهٽيون

اميدون وابستہ ڪرڻ ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ برابر آهي. هن دفعي پ پ حڪومت وڏيون ڊاڙون هڻي چيو تہ اسين نذير جي قاتل برگيڊيئر امتياز ٻلو تي ڪيس هلائي عبرتناڪ سزا ڏينداسين. مان نئون سمجهان تہ هڪ اهڙي انسان جنهن سڄي حياتي فوجي مداخلت خلاف جدوجهد ڪئي هجي ان جي قتل جي ڏوهہ ۾ وري فوجي قاتلن کي عبرتناڪ سزا هن دور ۾ ڏئي سگهن ٿا تہ هي ويچارا خود انهن جي آشيرواد سان آيل آهن. اهي امتياز کان ڪا ٻي ڳالهہ پڇڻ چاهين ٿا جي ان تي نهي ويا تہ بس ڇا جو نذير!! هنن پنهنجن جيالن جي قاتلن تي ڪيس ڪو نہ هلايا آهن سي وري هڪ غريب انسان جي قاتلن کي سزا ڏياريندا! جنهن سان سنڌ جي نوجوانن ۾ نئون روح ڦوڪجي ويو! جنهن سان وري مظلوم انسانن ۾ نئين جوت حاڪمن سان وڙهڻ جي جاڳي پئي، نہ سائين نہ هي ويچارا ائين نٿا ڪري سگهن نہ وري سندن آقا ئي ان جي اجازت ڏيندن. باقي وات جا نڪاءَ هڻڻ سان ڪنهن جو ڪو خرچ تہ ڪو نہ ٿو اچي، هونئن بہ هن ڪيس کي رڳو اٿلائڻ جو نالو ورتو ائن تہ بہ الائي ڪيترين دلين کي جيتي ورتو ائن. اهو ئي سندن مشن جو حصو آهي وڏيڪ ڪجهہ بہ نہ. اهو چوڻ غلط آهي جنهن نظام لاءِ نذير قربانيون ڏنيون هيون اهو نظام ئي نہ رهيو تہ پوءِ سندس شهادت رائيگان وئي، جيڪڏهن انهي اصول تي ڪاربند رهنداسين تہ پوءِ ڪو بہ شهيد سوڀارو نظر نہ ايندو. ويندي امام حسين تائين، تہ اهو اسلامي نظام تہ ڪٿي بہ ڪو نہ ٿو نظر اچي، بيشڪ ڪميونزم فيل ٿي ويو هجي پر امر انسانن جيڪا جوت اونداهي راتين ۾ ٻاري هئي انهي روشني جا جلوا رهندڙ دنيا تائين ڏسبا رهبا ۽ اهڙن اونداهين راتين ۾ هلچل هلائيندڙن کي اتساهہ بخشيندا رهندا.

يادون هميشہ زندھ رهنديون آهن

حميده گهانگهرو 1995ع

وقت ڪڏهن بہ ڪنهن جو انتظار ناهي ڪندو ۽ نہ ئي ڪڏهن رڪجندو آهي. پر وقت جون ڪجهہ يادگيريون اهڙيون هونديون آهن جيڪي ڌرتيءَ کي ڌوڏي، آسمان کي چيري پنهنجو احساس ڏياريندين آهن. ڏڏندڙ ڌرتيءَ جي هڪ ياد هن روشنين جي شهر ۾ اها اونداهي رات يعني 9 آگسٽ!! چوڻ ۾ تہ اسلامي 27 رمضان شريف جڏهن سڀ انسان جاڳندا آهن ۽ انهيءَ رات فرشتن کي پاڻ مجرائتو هوندو آهي. شيطان جي هر حربي کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پر ان رات ظالم حڪمرانن جي ڪجهہ ڇاڙتن پنهنجي پاپي هٿن سان "عبادت ڪرڻ" جو هڪ نئون ڍنگ استعمال ڪيو. پنهنجي وحشي جبلتن کي ظاهر ڪندي هڪ باهمت، باشعور پرعزم حوصلي مند انسان کي ڇڳي طرح ڪچلي سگهن پيا. اڪيلي انسان جو جيڪڏهن ان وقت ڪو يار هو، ڪا قوت هئي، ڪو هجوم هو تہ اهو صرف ۽ صرف هن سان هن جو مقصد هئو. جنهن سان هو پرپور انداز ۾ پيار ڪري سچائيءَ جو اظهار پيو ڪري. هو ظالمن جي هر ڌڪ سان پنهنجو پاڻ کي کُلي فضا ۾ پوري ملڪ جي پورهيتن سان پاڻ کي گڏ پيو محسوس ڪري. هن جي هر صدا گونج بڻجي اذيت گاهہ ۾ امر پئي ٿئي. ان ڪري جو هن جو هڪ جسم ظالمن جي هٿ ۾ هو پر ان هڪ جسم ۾ ڌرتيءَ جي تمام ماروئڙن، جهانگيئڙن جي بکن، ڏکن ۾ ڳهندڙ ۽ فاقہ ڪش انسانن جو مقصد سمايل هو، جنهن کي هو ختم نہ پيا ڪري سگهن. آخر وحشي پنهنجي ڪارروائي ۾ ايترو ئي ڪامياب ويا جو چند ڪلاڪن جي اندر اها گونج اها صدا جسم کي ٿڌو ۽ خاموش ڪري لڙهندڙ رت جي شڪل اختيار ڪري وئي. وحشي درندن لاءِ اهو عبرتناڪ منظر هو ۽ هو پنهنجي بدبودار پسيني کي اگهندي بوکلاهٽ ۾ "ڊاڪٽر، ڊاڪٽر" ڪرڻ لڳا. ڊاڪٽر جي خاموشيءَ مان هنن پنهنجي هار ۽ امر انسان جي موت جي تصديق ڪئي. هو جيڪو چند گهڙيون اڳ گونجي پيو آزاديءَ جي گيت جيان هر ظلم جو جواب پيو ڏئي. جيڪو مري بہ ڪين مات ڏئي ويو. قاتلن جا هٿ ڏکن ٿا جيڪي ڪيس ڪٽي الشفا نيوي هاسپيٽل ڊوڙن ٿا ۽ اتان جو ڊاڪٽر جڏهن ڪين ساڳيو جواب ٿو ڏئي تہ هي اتان رفو چڪر ٿي وڃن ٿا. پوءِ ڊفينس ٿاڻي جي ايس ايچ او کي گهرايو ٿو وڃي جيڪو تصديق ٿو ڪري تہ هيءَ گاڏي آرمي جي تحويل ۾ آهي پوءِ آرمي وارا اچن تہ ٿا ليڪن سندن اها پوزيشن

نہ هئي جيڪا بہ چار ڪلاڪ اڳ هين. هاڻي هو هن ميت ڪان ڊڄڻ لڳن ٿا ۽ سول اسپتال جي ڊاڪٽرن کي آزيون ڪن ٿا تہ لکو تہ قدرتي موت مئو آهي ليڪن ڊاڪٽر ايئن ڪرڻ کان قاصر آهن بعد ۾ ستار ايڌي معرفت دفن ڪرائن ٿا. هڪ امر انسان پاڻ تہ خاموش ٿي چڪو هو، جو هو پنهنجي هن انڌيري رات جي حقيقت بيان ڪري سگهي، پر ان لاءِ اهو ڪافي آهي تہ ويندي ويندي بہ امر ٿي ويو ۽ جنهن کي نہ تہ ڪنهن اصلي رپورٽ ڏيڻ جي ضرورت آهي ۽ نہ تصديق ڪرائڻ جي ۽ نہ ئي ماڻهن جي آڏو من گهڙت قصا بيان ڪرڻا آهن. بلڪ 27 سالن جو هيءُ نوجوان ڪيئي قصا پڙهندي پڙهندي پاڻ هڪ قصو بڻجي تاريخ جي ورقن ۾ ويڙهجي ويو. اها تاريخ جيڪا نہ مٽجندڙ تاريخ آهي، اها تاريخ جيڪا منصور کي سوليءَ تي لٽڪندو ڏسي، اها تاريخ جيڪا بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙجندو ڏسي ۽ قلم سان گواهي ڏئي، اڄ بہ پڙهي ٿي وڃي. انهي تاريخ ئي پنهنجي قلم جا ڳوڙها ڳاڙيندي هڪ ٻيو نالو بہ لکيو هو نذير عباسي! جسم سن هو، پير ٿڌا هئا پر ذهن ۾ هڪ جنگ هئي هڪ جاڪوڙ هئي ۽ آخر مون پاڻ سنڀاليندي جڏهن نذير جي امڙ ڏي ڏٺو تہ مون کي ائين لڳو ڄڻ چوي پئي.

سولي ساري ڳاڙهي ڇو؟

سيج بہ هيٺ سينگاريل آ!

مامتا تيزيءَ سان ڊوڙي چوي ٿي

نذير منهنجو ٻچڙو آ!!!

موت تہ برحق آهي. اچڻو آهي پر جهڙي نموني ظالم پنهنجي پاپي هٿن سان ناپاڪ سوچن جو مظاهرو ڪري هڪ انسان جي جان ختم ڪن ٿا، اهو هڪ تاريخ جو حصو آهي، شيخ اياز جي چوڻي تہ :

"سچ وڏو ڏوهاري آهي،

روز ازل کان پڪڙيو ويو آ.

زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو آ....

بلڪل اهڙي نموني نذير جي شهادت ماڻهن جي دلين ۾ ڪرندڙ پهاڙ جيان گهاءُ ڪري ڇڏيا. ننڍڙن ٻارن کان وٺي نوجوانن تائين ۽ نوجوانن کان وٺي ضعيفن تائين اکيون آليون هيون. عيد جا پڪل ديگڙا باسي ٿي ويا پر نذير جي خبر هن ڌرتي جي هر ان سچائيءَ جي قائل انسان جي نڙيءَ ۾ اٽڪيل هئي، ۽ آخر اهڙين ڪيفيتن کي سکر جي مشهور وڪيل ۽ ترقي پسند شاعر مرحوم حسن حميديءَ پنهنجي قلم ذريعي هن ملڪ جي قانون ۽ انصاف جو اظهار"جرم آگهي" جي نالي سان تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ڪيو. نذير جهڙي نموني ڌرتيءَ تي رهندڙ هر عمر جي انسان سان محبت ڪئي جيڪو پيدا ٿيڻ کان مرڻ گهڙي تائين جيئڻ جي تمنا رکن ٿا. اهڙي نموني محدود ۽ ننڍڙي دنيا هن جي ذاتي زندگي ۾ بہ هئي. ضعيف ماءُ، نوجوان زال ۽ ننڍڙي ڌيءَ سان پيار ۽ شفقت سان رهيو. زرقا هن جي وجود جي تخليق هئي ۽

پنهنجي وجود جي تخليق سان ماڻهو ڪيترو پيار ڪري سگهي ٿو اهو تہ هر پيءُ ماءُ ٻڌائي سگهي ٿو. پر تنهن هوندي بہ نذير ان پيئرن کان ڪجهہ مٿانهون هو جيڪي صرف ۽ صرف اولاد جون خواهشون ۽ خوشيون ڏسندا آهن. نذير ان تمام معصومن مفلسن کي پاڻ کان الڳ نہ ڪري سگهيو هو. جيڪي محرومين جو شڪار ڪي بيگار ڪئمپن ۾ روزگار جي تلاش ۾ بوٽ پالشون ڪن. ڪي روڊن رستن تي گاڏيون صاف ڪن تہ ڪي هوٽلن ۾ بيراگيري ڪن تہ ڪي وري سڄو سڄو ڏينهن وڏيرن جي اوطاقن ۾ ٻهاريون ڏين. اهي سڀ هن جي سوچ جو هڪ حصو هئا. ان ڪري نذير ڪڏهن بہ اهو وڃن نہ ڪيو هو تہ سڄي عمر منهنجي توهان لاءِ آهي. هو پنهنجي سچ جي گيت سان صبح جو ڪرڻو ڏسندو هو ۽ رات جي انڌيري کي ڏسڻ کان اڳ اهو يقين ضرور رکندو هو تہ آخر صبح ٿيڻي آهي. هڪ ڏينهن مون پڇيو مانس تہ "نذير اهڙي ڪا سختي ٿئي جو تون اسان کان الڳ ٿي وڃين تہ تمام پرخلوص انداز ۾ موتيہ(زرقا) کي ٻنهي ڳڻن تي پيار ڪندي اهو جواب ڏنائين:"تہ پوءِ منهنجي نظر ۾ هن جيڏا ڪروڙين ٻار هوندا. هن کي توکي سنڀالڻو آهي" ۽ ڪلي مذاق ۾ چيائين تہ"مان نہ هوندس تہ منهنجي ڌيءُ هوندي." موتيا جي اکين ۾ اکيون ملائيندي ۽ هن جي هٿ کي مٺي ڪري ٿورو ڳري آواز سان چوڻ لڳو"زرقا نذير عباسي" ۽ پوءِ موتيا کي ڳل تي چمي ڏئي ياڪر پائي ڪٽي پنيءَ تي ويهاريائين. هڪ سال ٻن مهينن جي موتيا پنهنجي پيءُ کي گهوڙو گهوڙو راند ڪرڻ ۾ ڏاڍي خوش پئي ٿئي ۽ ڪجهہ گهڙين لاءِ هن جي خوشين جا لمحا سڄي گهر ۾ گونجن پيا. ادا غلام نبي(نذير جو دوست) مذاق ۾ چوڻ لڳو"پاڇائي ڏسوس ٿا هيءُ ڪو ايڏو وڏو ليڊر لڳي ٿو!؟ مان چا چوانس تہ ليڊري ماڻهوءَ جا جذبا ختم ناهي ڪري سگهندي. پر هڪ صحيح ليڊر جي پيداوار اسٽيج نہ پر ماڻهن جي گهرائي ۽ جذبا ٿي هوندا آهن. واقعي امر انسان امر هوندا آهن. نذير تہ جيئري پنهنجو پاڻ مڃرايو هو. جنهن لاءِ طارق اشرف جا اهي لفظ ڪافي آهن تہ"نذير مون پهريون سياسي ماڻهو ڏٺو آهي جنهن لاءِ مون وٽ لفظ ئي ناهن تہ مان هن جي تعريف ڪهڙن لفظن ۾ ڪيان. منهنجي ادب جي دنيا ۾ هو سڀني کان مٿانهون آهي." واقعي قلمڪار جون اکيون قلم کان وڌيڪ تيز هونديون آهن. اها هڪ حقيقت هئي جنهن کي مرحوم طارق اشرف بيان ڪيو. پر ان کان بہ وڌيڪ اها هڪ حقيقت آهي تہ جنهن کي نذير ثابت ڪيو آهي. هو پنهنجي دوستن ۾ بہ'اهو ثابت ڪندو هو تہ زندگي اها آهي جيڪا ٻئي لاءِ وقف ڪجي. جيئڻ اهو آهي جيڪو ڪنهن مقصد سان وابستہ هجي. هڪ امر انسان ڪيئن ويو. اهو ڪنهن ڏٺو تہ ڪهڙي نموني ويو. اهو ذرتيءَ جو ٻچو ٻچو سمجهي ٿو. اڄ بہ سڀني جي نظرن آڏيان اونداهيون راتيون ۽ روشن ڏينهن گهٽيئي آيا پر اها روشني وري نظر نہ آئي. اڄ 15 سالن جي اپريل سچ جي تپش بہ پنهنجي 9 آگسٽ تي ڪسيل لاٽ جي تلاش ۾ آهي ۽ هر صبح تي هڪ سوال بڻجي سڀني جي ذهنن ۾ ٿي چمڪي. نذير جي گرفتار ٿيل

سائين شبير شر، جمال نقوي، ڪمال وارثي ۽ سهيل سانگيءَ جو چوڻ آهي ته نذير کي اڪين تي پٽيون ٻڌي 7 آگسٽ تي اسان جي سامهون وٺي ويا ۽ نذير کي پويان هٿ ڪري هٿ ڪڙيون ٻڌل هيون پر هن پنهنجي هٿڪڙين کي ائين پٽي ڇٽڪايو جهڙوڪر هن کي پنهنجي مقصد لاءِ امتحان ڏيڻ جي خوشي هجي. ڇٽڪندڙ آواز، مسڪرائيندڙ چهرو، اکين تي پٽي ٻڌڻ جي باوجود به پنهنجي سائين کي سوڀ جو يقين ڏيارڻ جهڙا تاثر ڪٽي اکين کان اوجهل ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن گذرڻ کان پوءِ صبح سان هڪ سپاهيءَ رازداري ۾ اها خبر ٻڌائي ته توهان جو ساٿي فوت ٿي ويو. ظالمن کي اها ڪهڙي خبر ته هنن جو ساٿي فوت ٿي ويو آهي، يا هنن جون پاپي سوچون فوت ٿي ويون. جو پوءِ نذير جي باقي ساٿين تي موتمار اذيتن جا اوزار استعمال ڪرڻ کان ڪيٻائين پيا ۽ آخر ڪجهه مهينن کان پوءِ هنن کي عدالت ۾ آندو ويو. اسان جي ملڪ جو قانون ڪهڙو آهي. قانوني اختيارات ڪهڙا آهن. وڏ ۾ وڏ ستن سالن جون سزائون ڏئي آخر آزادي جو ڏينهن به مقرر ڪيائون. پر ان امر انسان جو انصاف عدالت ۾ واجهائيندو ئي رهجي ويو! عوام جي عدالت آڏو اسان جي ملڪ جي عدالت خاموش رهي. پنهنجا قانوني ورق ويڙهي محفوظ ڪري وقت جو انتظار ڪرڻ لڳا.
حالانڪ ان کان به سال اڳ جڏهن نذير ڪوئيٽا قلي ڪيمپ ۾ هو ۽ جهڙي نموني اتي ڪيس ذهني اذيتون ڏنيون پئي ويون تن مهينن تائين هڪ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند جتي به اندر جُتي پائڻ جي اجازت نه هئي ۽ اها به ٻاهر لاهيندو هو. 24 ڪلاڪن ۾ صرف صبح جو 15 منٽن لاءِ ٻاهر ڪيندا هئا ۽ هفتي ۾ هڪ دفعو اڌ ڪلاڪ ۾ ڇوندا هئا ته ڪپڙا ڌو يا وهنج اهڙي نموني هي ٻنهي ڪمن مان ڪو هڪڙو ڪندو هو ۽ اهڙي نموني 15ڏينهن ۾ وارو ايندو هو هن پهاڙ کان به وڌيڪ مضبوط انسان ڪوئيٽا جي پهاڙن کي به ڪيرائي وڌو ۽ پنهنجي تڪليف کي مٽائڻ لاءِ روزانو پنهنجي ڪوٺڙي جي ماپ هٿن پيرن سان سجو ڏينهن ڪري روزاني جو معمول بڻائي پنهنجي ذهن ۾ پويل مقصد کي محفوظ رکيو. ظالم حڪمران پنهنجي شڪست کي محسوس ڪندي نذير کي هڪ گاڏيءَ ۾ ويهاري ڪوئيٽا اسٽيشن تي 20 روپيا کيسي ۾ ڏئي شرمندگيءَ کي مٽائڻ لاءِ اهو چئي هليا ويا ته "تنهنجي والده سخت بيمار آهي. تنهنجي زال ٽيليگرام ڪٽي آئي هئي. هاڻي وڃ!.
حالانڪ ائين نه هو. انهيءَ ٽائيم تي به مون هاءِ ڪورٽ ۾ حبس بي جا جي رپورٽ داخل ڪئي هئي ۽ عدالت جي طرفان ئي اها انصاف جي اپيل هئي. پر نذير کي ڇڏڻ کان پوءِ پوليس فورن انهي ئي رات محرابپور ۾ بابا کي اچي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو ته نذير اتي آيو آهي. جڏهن ته بابا کي اها خبر ئي ڪا نه هئي ته نذير آزاد ٿيو آهي. انهي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته نذير جي سوچ ۽ فڪر جي ڪري هنن جي بوکلاهٽ ڪيترو عروج تي هئي. بهرحال آزاد ٿيندي به نذير روپوش هو پر هن جي سوچ نه ته ڪنهن کان لڪل هئي ۽ نه ئي ڪنهن جي پابند هئي اهو ئي

سبب هو جو جنرل ضياءَ جي آرڊر تي قيد ڪيل نصرت ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جي گرفتاريءَ کي نذير وڏي واڪي ڪليل لفظن ۾ شرمناڪ قرار ڏنو. نذير جي سوچ ۽ جدوجهد جو انداز نرالو هو. هو هر ڪنهن جي ڏک ۽ تڪليف ۾ برابر جو شريڪ هوندو هو اهو ئي سبب آهي جو هن جي موت تي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان تقريبن سيني باشعور ماڻهن خواهه ڪهڙي بہ پارٽيءَ سان واسطو هئن. پر هماليہ مان وهندڙ وهڪري جيان انهن جا ڳوڙها ڳلن تي هئا. هونئن بہ جيڪڏهن ڏسجي تہ شهيد ڪنهنجي ميراث ناهن هوندا. پر اهي انهن سيني جي ميراث آهن جيڪي پنهنجي جذبي سان دلين ۾ سانڊي انهن جي مشعل کي اجهائڻ نہ ڏين. انهيءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ 5 جولاءِ جا اهي پروگرام ڪافي آهن جڏهن بينظير ڀٽو ٻهريون دفعو جمهوريت جو علم کڻي اقتدار سنڀاليو ۽ "يوم سياهہ" يعني 5 جولاءِ تي جنرل ضياءَ جا اهي سڀ ڪڌا ڪرتوت ڏيکاريا جيڪي هن 11 سالن جي اقتدار ۾ سرانجام ڏنا. انهن ۾ نذير عباسي، ناصر بلوچ ۽ اياز سمون، سرفهرست هئا. جيڪي هن کي مات ڏئي امر بڻجي ويا. بينظير ڀٽو کي 5 جولاءِ تي شروع ٿيندڙ ان انڌيري رات کي 11 سالن ۾ سميٽي اهوثابت ڪيو تہ ان انڌيري رات ۾ ڪيترا ڪاريهر نڪتا ڪيترن جا ڏنگ زهريلا هئا ڪيترن جا پيٽ کسيا ويا ڪيترن جا پٽ کسيا ويا ڪيترن جا ور کسيا ويا. چاڪاڻ جو هيءَ بہ ان پيءَ جي ڌيءَ آهي جنهن کان رات جي انڌيري ۾ پاپي شفقت جا هٿ ۽ سايوڪسي وجن اهڙي نموني زرقا بہ ان پيءَ جي ڌي آهي جنهن کي رات جي انڌيري ۾ معصوم ادائن کي پيءَ جي پيار کان محروم ڪيو. حقيقت اها آهي تہ 5 جولاءِ تي اچانڪ جڏهن نذير جو چهرو اسڪرين تي آيو تہ مون کي اهو وقت ياد اچي ويو جڏهن فيض پاءُ پنهنجي نوجوان پيٽ جي شهيد ٿيل مڙس جي لاءِ بئريسٽر ودود وٽ وني ويو تہ سيءَ آءِ ڊي گهيرا ۽ ڪيو ۽ فيض پاءُ چيو تہ"پيڻ، گهبراءِ نہ، مان توسان گڏ آهيان. نذير جو هڪ دفعو ڪيس داخل ٿي وڃي پوءِ فيصلو پلي ڪورٽ نہ ڪري. تاريخ فيصلو پاڻهي ڏيندي آهي!" مون کي لڳي ٿو تہ اڄ 15 سالن جي ڊگهي رات کان پوءِ سج اڀريو آهي ۽ تاريخ پنهنجو فيصلو ڏيڻ واري آهي." جڏهن نذير شهيد ٿيوهو تہ زرقا هڪ سال ٽن مهينن جي هئي. پر جيئن وڏي ٿيڻ لڳي تہ هن مونکان اهو پڇڻ شروع ڪيو تہ هن جو پيءُ ڪيئن مئو. مان هن کي ڪيئن ٻڌايان تہ هن جي بابا جون اکيون سج جي ٻرندڙ مشعل هيون. جبر ظلم ۽ ڏاڍ خلاف بغاوت ڪندي سقراط بڻجڻ کي اهميت ڏيندي مسڪرائيندا هئا نڪ انسانيت جو علمبردار، ضمير جي سچائي بڻجي جهڪڻ کان انڪاري هجي. رنگ پاڪ صاف شفاف امن پسند علامت جهڙو. اڄ انهي يقين سان نذير جو ڪيس عوام جي عدالت ۾ آيو آهي ۽ تاريخ جي آڏو جوابدار ٿيڻو پوندو. 15 سال اڳ تاريخ جو رڪيل قلم اڳتي وڌندو تاريخ پنهنجي باب کي داغدار ٿيڻ کان بچڻ لاءِ انصاف جا اکر ضرور لکندي، اها وقت جي ضرورت بہ آهي ۽ وقت جو فيصلو بہ آهي!

شهيد نذير عباسي: انسانيت جو عملبردار

صالح بلو　　　　1995ع

انساني زندگي مقصد ۽ جدوجهد جو ڪردار ادا ڪرڻ سان تاريخ جو حصو بڻجي ٿي. جن زندگي ۾ حق ۽ سچ کي پنهنجو بڻايو تنهن سچائي واري واٽ ۾ ڪيترائي ڪونڊر ڪسجي ويا. اهڙن ئي املهه انسانن مان شهيد نذير عباسي به هڪ هو. جنهن ڪنڊن جي سيج تي سمهي به زندگي کي عظيم مقصد لاءِ ارپي ڇڏيو ۽ دولت ميڙڻ بجاءِ محبتن کي ميڙيندو رهيو. شهيد نذير عباسي ٽنڊوالهيار جهڙي ننڍڙي شهر ۾ جنم وٺي تاريخ ۾ وڏن وڏن نالن ۾ شمار ٿئي ٿو. جنهن پنهنجي زندگي مظلومن لاءِ قربان ڪري ڇڏي ۽ جدوجهد کي ايمان ۽ محنت کي عظمت بڻايو. شهيد نذير يارن جو يار استادن جي اکين جو تارو هو. سندس منڍن ٻولن سان رتل به پرچي ويندا هئا. شهيد جنهن زندگي جا ڏينهڙا ڏکن ۾ گذاريا تنهن محنت کي پنهنجو ايمان بڻايو ۽ ٽنڊوالهيار جهڙي شهر ۾ ميونسپل ۾ نوڪري ڪري ڪامورن جو ٻڌڻ بجاءِ پورهيتن کي پنهنجو ساٿي بڻايو. جتي پورهيتن سان ٿيندڙ ظلمن شهيد جي اندر کي جهوري ڇڏيو ۽ اهڙين ٿيندڙ ناانصافين خلاف آواز بلند ڪري پورهيتن جو ساٿي بڻيو. جنهن پاداش ۾ کيس نوڪري تان هٽ ڪڍڻو پيو. شهيد نذير عباسي جيڪو فلمن جو شوقين سو زرقا فلم ڏسڻ سان اجا به بدلجي ويو ۽ گهر واپس وڃڻ بجاءِ هلندڙ سنڌي لسڻن جي تحريڪ ۾ شامل ٿي جيل جي بندي خاني ۾ پهچي ويو جتي ترقي پسند ڪامريڊ دوستن جي صحبت کيس اجا به ذهني طور بدلائي ڇڏيو.شهيد جيل اندر جيڪو ڪجهه سکيو اهو سندس تجربو ۽ سختين سهڻ جو امتحان هو. جنهن رهائي ملڻ بعد گهر جو ٿيڻ بجاءِ مسڪين ماروئڙن جي دردن جو دارون بڻجي حيدرآباد، ڄامشورو يونيورسٽي پهچي نوجوانن جي دلين جي ڌڙڪن ٿيو ۽ شاگردن جي هاسٽلن ۽ پورهيتن جي ٽٽل ڦٽل ۽ گند سان ڀريل ڪالونين کي پنهنجو گهر بڻايو. شهيد جي زندگي جتي شاگردن ۽ مزدورن جي حقن لاءِ هئي اتي سنڌ جي هارين کي ظلم جي شڪنجي مان ڪڍڻ لاءِ جهر جهنگ پيغام بڻيل هئي. جن سان راتين جون راتيون ڪچهريون ڪري هي شهري بابو ڳوٺاڻن مسڪين ماروئڙن جو پنهنجو ٿي ويو. شهيد عباسي قول جو پڪو واعدي جو سچو اندر جو اجرو ۽ تاثير جو پابند هو. جيڪو هر وقت ڪل پوڳ ڪندو رهندو هو. کيس ماسي نذيران ڪري به دوست چيڙائيندا هئا. ليڪن وقت جي پابندي جي پچڪڙي نذير کي ڏکي لڳندي هئي ۽ ڪيترائي دوست سندس دڙڪا کائيندا رهيا. شهيد جيڪو پنهنجن منڍن ٻولن سان ٻين کي موهي ڇڏيندو هو سندس زبان تي

پڇري کي پنڇي ري تيرا درد نہ جاني ڪوئي ۽ ديک ميري سنسار ڪي حالت تيرا درد نہ جاني ڪوئي جا سر هوندا هئا. شهيد نذير عباسي جي زندگي سادي ۽ پنهنجائپ واري هوندي هئي هو جنهن وٽ بہ روپوشي دور ۾ رهندو هو تہ ان گهر کي پنهنجو سمجهي گهر جي ڪم ڪار تائين ڪندو هو ۽ ڪنهن تي بار ٿيڻ نہ چاهيندو هو. جڏهن تہ جيل جي زندگي ۾ مخالف بہ سندس تعريف ڪندا رهيا آهن. شهيد نذير عباسي جيڪو جيل ۾ غربت ۽ دوستن جي سهڪار نہ ڪرڻ سان سنڀال نہ لهڻ ڪري اڪثر بين پارٽين جا شاگرد ڪيس ڇيڙائيندا هئا. ليڪن شهيد ڪنهن سان بہ منهن نہ گهنجايو بلڪ ڪلي معاملو ٺاري ڇڏيندو هو. جيڪو جيل ۾ بہ هڪ جوڙي ڪپڙن ۽ ڪيسن خالي هئڻ تي بہ ساٿين سان شڪايت نہ ڪندو هو. شهيد نذير عباسي جي شادي جيڪا پڻ دلين جي ميلاپ هئي. ساڳئي تنظيم سان واسطو رکندڙ محرابپور جهي نينگري حميده گهانگهرو، ڪامريڊ هاشم گهانگهرو جني نياڻي سان ٿي جيڪو ڪم جو سچو اصولن جو پڪو جنهن نياڻي کي تعليم ڏياري جڻ محرابپور جهڙي شهر ۾ وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو جنهن جي نياڻين ساٿين سان گڏ ڪنڌيارو ۾ ڪاليج قائم ڪرڻ لاءِ بک هڙتالون ۽ جدوجهدون ڪري نيٺ ڪاليج قائم ڪرايو، جنهن ۾ اڄ بہ سون جي تعداد ۾ شاگردياڻيون تعليم حاصل ڪري رهيون آهن. جنهن ڪامريڊي گهر پڻ دلين کي اڪين ۾ جايون ڏئي گڏي ڇڏيو جن جي شادي عام رواجي شادي بجاءِ ڪلي آسمان هيٺان پوري ڪاڄ ۾ عوام اڳيان ويهي نڪاح ڪرائي نئين روايت وڌي جتي ابراهيم منشي، منصور ميراڻي جو گيتن ۽ ڪامريڊ ساٿين جا جهومندڙ جسم هئا. جيڪي شادي مائٽن بجاءِ دوستن ڪاڄ ڪري ڪرائي جنهن شادي ۾ بہ شهيد نذير عباسي ساٿين کي پيغام ڏيڻ لاءِ جوشيلي تقرير ڪري اتساهہ پيدا ڪيو. جيڪا شادي بہ حڪمرانن کي سازش نظر آئي. جن 32 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪري پنهنجي ڪمزوري ظاهر ڪئي. نذير شادي کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ پڪڙيو ويو ۽ ڪوئيٽہ قلعي ڪئمپ ڪيس پهچائي تشدد جو نشانو بڻايو ويو. جتي بہ شهيد پنهنجي بهادري جا جوهر ڏيکاري رهيو هو تہ ٻي طرف سندس ونی حميده گهانگهرو جيڪا پٽ فيدر جي هارين سان ٿيندڙ ڏاڍ خلاف پنهنجن ساٿين پير شهاب ۽ ٻين سان گڏ بلوچستان جي پٽ فيدر جيل ۾ پنهنجي مظلوم عوام سان ڪيل وچن پاڙي رهي هئي. ٻئي زال مڙس حڪمرانن اڳيان آڻ مڃڻ بجاءِ زندگي کي داءُ تي لڳائي رهيا هئا. شهيد نذير عباسي جيڪو دوستن جي هاءِ گهوڙا ۽ ڪورٽ ۾ پيل رٽ سبب آزاد ڪيو ويو آزادي ملڻ سان گهر وڃڻ بجاءِ سڪرنڊ ۾ ٿيندڙ هاري ڪانفرنس ۾ پهچي آرام ڪرڻ بجاءِ ساٿين سان گڏ ڪوڏر کڻي ڪم کي جنبي ويو. شهيد جيڪو هر وقت محنت کي ايمان ۽ سچائي کي منزل سمجهندو هو.تنهن تڪ لاهڻ بجاءِ ساٿين سان ڪم ڪري خوشي محسوس ڪرڻ لڳو. شهيد جي جرئي حاڪمن کي تڪليف پهچائي رهي هئي. جن ڪراچي ۾ ٻين ساٿين سان گڏ ڪيس پڪڙي فوجين جي ڪئمپ ۾ آڻي تشدد جو نشانو

ٻڌايو ويو ليڪن شهيد آڻ مجڻ بجاءِ زندگي جي قرباني ڏئي دشمن اڳيان جهڪڻ بجاءِ 9 آگسٽ تي جام شهادت پي امر شهيد ٿي ويو. جيڪو جسماني طور تي موجود نہ آهي ليڪن نظرياتي طور اڄ بہ زندهہ آهي. جنهن جي زندگي نوجوانن توڙي سياستدانن لاءِ هڪ اهڙو سبق آهي جنهن کي مخالف دشمن بہ وساري نٿا سگهن. شهيد جي زندگي سنڌ جي مظلوم عوام جي راهہ نجات ۽ روشني جو ڪرڻو آهي. جيڪا پنهنجي مظلوم عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي.پنهنجي وطن کي سائو ستابو رکڻو پوندو. شهيد نذير عباسي جي ڏنل واٽ تي هلي منزل ماڻي سگهجي ٿي. شهيد جي زندگي عمل جو رستو شهيد جو رستو اسان جو رستو آهي.

شهيد نذيرجا قاتل تاريخ جي ڪٺهڙي ۾

سهيل سانگي

ڪسنجر پٽي جي لاءِ چيو هو تہ "تون مان بدترين مثال ناهيندس" تيئن ايشيائي ڊڪٽيٽر ضياءَ الحق، پنهنجي آمريت جي ڦوهہ جواني ۾ چيو هو تہ "مان ڪميونسٽن جا ڪنڌ ڪپي ڇڏيندس" جيڪي مارشل لا جي مخالفت ۽ جمهوري تحريڪ جي اڳواڻي ڪري رهيا آهن. پوءِ ٿيو ايئن پنهي ڇٽن پنهنجي قول کي پاڙيو. جولاءِ 80ع آخري هفتي ۾ ڪراچي شهر جي نارٿ ناظم آباد واري علائقي ۾ پيپلز ڪالوني نالي ڪچي آبادي جي هڪ اڏ نهيل ڪچي گهر تي ڪمانڊو آپريشن ڪري ڇٽن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. اهي چار ئي ماڻهو تن ڏينهن ۾ يا نيم گمنامي يا وري نيم روپوشي جي زندگي گذاري رهيا هئا. اهي هئا نذير عباسي شهيد، پروفيسر جمال نقوي، شبير شر ۽ ڪمال وارثي. جيڪي ڄام ساقي ڪيس جا مک جوابدار بڻيا. جن مان سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر ۽ نوجوان اڳواڻ نذير عباسي، انٽيروگيشن دوران اذيتون سهندي شهيد ٿي ويو. چند ڏينهن ۾ سهيل سانگي امر لال ۽ بدر ابڙي کي بہ صوبي جي مختلف هنڌن تان گرفتار ڪري هن قافلي ۾ شامل ڪيو ويو. سرڪار مٿن سديشن(غداري ۽ بغاوت) مارشل لا جي مخالف ۽ مارشل لا حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جا ڪيس مڙهيا ۽ مٿن ڪرنل عتيق جي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلايو. ڪيس ۾ ٻہ سال اڳ گرفتار ٿيل ۽ مارشل لا اختياري وارن جي قيد تڏهوڪي ڪميونسٽ اڳواڻ ڄام ساقي کي بہ شامل ڪيو ويو. پر نذير عباسي کي فوجي عدالت ۾ بہ پيش نہ ڪيو ويو. جو ڪيس اڳواٽ ئي ماريو ويو هو.

ڄام ساقي ڪيس، جيڪو پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪميونسٽ ڪيس طور مشهور ٿيو ۽ جنهن ۾ بچاءَ جي شاهدن طور محترما بينظير ڀٽو کان وٺي ولي خان، غوث بخش بزنجو، مولانا امروٽي، شيخ علي محمد تائين مختلف شخصيتون آيون، ان جي سياسي ۽ تاريخي تناظر ۾ ڪارڻ ۽ اهميت اها ئي آهي جو هنن ماڻهن تڏهن مارشل لا کي مزاحمت پئي ڏني، سا بہ منظم مزاحمت ۽ حوصلو. جڏهن سياسي پارٽين ۽ سياسي سرگرمين تي پابندي هئي، اخبارن تي بدترين سنسر شپ لاڳو هئي، تڏهن مارشل لا جي مخالفت ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ واقعو بہ وڏي ڳالهہ هئي. هنن تہ منظم طريقي سان غير قانوني رسالا ۽ پرچا پئي ڪڍيا. نتيجي ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺ ۽ ڄام ساقي جي قيادت ۾ سڏجندڙ هن گروهہ جي مقبوليت ۽ سندن سرگرمين کي ماڻهن ۾ مڃتا ملي رهي هئي ۽ ماڻهن کي وري ان جي موت ۾ حوصلو ملي رهيو هو.

مارشل لا انتظاميا، جيڪا گهڻين ايجنسين جي تڏهوڪن عملدارن جي رپورٽن ۽ صلاحن تي عمل ڪري رهي هئي، تنهن جڏهن ڪميونسٽ پارٽي جي جهوپڙ پٽي ۾ واقعي هيڊ ڪوارٽر ٻڌي چاپو هنيو تہ اتان ڪين بہ ٽائيپ رائيٽر سرخ پرچم ۽

هلچل نالن سان سائيڪلو اسٽائيل تي ڇپجندڙ رسالن جون ڪاپيون ۽ ڪجھ اچا پنا مليا هئا. ايترو ضرور هو ته اهي رسالا مارشل لا لڳڻ کان پوءِ باقائدگي سان نڪرندا هئا ۽ سنڌ ۾ وڏي پيماني تي ورهائبا هئا. بچاءُ جي شاهد طور انهيءَ سامان متعلق ڳالهائيندي فوجي عدالت جي سربراھ ڪرنل عتيق ۽ ميجر افتخار کي مير غوث بخش بزنجو چيو هو ته"مون کي خبر ئي ڪو نه هئي ته ايتري ۽ اهڙي سامان سان ئي ملڪ ٽٽي سگھي ٿو. يا وري افغانستان جهڙو انقلاب اچي سگھي ٿو"

گرفتار ٿيل اڳواڻن ۾ ڊاڍي رنگيني هئي، نذير عباسي سنڌ يونيورسٽي جو شاگرد اڳواڻ هو جيڪو نوخيز سياستدان طور اڀري رهيو هو. جمال نقوي پروفيسر هو. سهيل سانگي صحافي ۽ بدر ابڙو اديب هو جڏهن ته شبير شر ٽي وي آرٽسٽ هو. گرفتاري بعد هنن "جوابدارن" کي پراسرار طور ۽ خفيہ نموني لڪائي فوجي ڪيمپن ۾ اذيت گاهن ۾ رکيو ويو ۽ اذيتون ڏنيون ويون. انهن اذيتن دوران نذير عباسي 9 آگسٽ 80ع تي شهيد ٿي ويو. سنڌس لاش جو پوسٽ مارٽم ڀڏائي ٿو ته ڪيس گھرا گھاءَ هئا. مرڻ بعد ڪيس رات جي اونداهي ۾ سخي حسن جي قبرستان ۾ دفنايو ويو. انهيءَ سڄي ڪارروائي ۾ آپريشن لاءِ ڪرنل امتياز جيڪو هاڻ برگيڊيئر امتياز طور مشهور ٿيو آهي ۽ ڪرنل سعيد ذميوار سمجھيا وڃن ٿا. انهن گرفتارين، اذيتن ۽ نذير عباسي جي قتل جي محڪماتي جاچ ڳجھن ادارن بہ ڪئي پر جيئن ته انهن جي ئي تحويل ۾ موت ٿيو هو. ان ڪري ڪا ڳالھ عوام آڏو نہ آئي. حميده گھانگھرو رجسٽرڊ ٽپال رستي فرياد داخل ڪرائڻ لاءِ ڊفينس ٿاڻي ۽ ناظم آباد ٿاڻي کي درخواستون موڪليون پر ان جو اڃا ڪو داد فرياد نہ ٿيو آهي. نہ وري نذير جي قتل جي ڪارڻن جي خبر پئي سگھي آهي ۽ نہ جوابدارن جي فوجي عدالت ۾ هلندڙ ڪيس ۾ نارٿ ناظم آباد ٿاڻي جو ايس ايڇ او صفدر ۽ ٽڏهوڪي ڊي ايس پي ممتاز برني کي انويسٽيگيشن آفيسر طور ڏيکاريو ويو هو. پر هنن پوليس اهلڪارن رڳو خانہ پوري ڪئي هئي.

در حقيقت شروعاتي طور پنج ڄڻا نذير عباسي، جمال نقوي، ڪمال وارثي، شبير شر ۽ سهيل سانگي گرفتار ٿيا هئا. انهن جي نظر بندي خلاف نذير عباسي جي گھر واري حميده گھانگھرو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ حبس بي جا جي آئيني درخواست سندن گرفتاري جي ٽن ڏينهن اندر داخل ڪئي هئي. انهي آئيني درخواست جي پيروي جهونو وڪيل بئريسٽر ايس اي ودود ۽ اختر حسين ڪري رهيا هئا. انهي درخواست جي شنوائي دوران هاءِ ڪورٽ کي ٻڌايو ويو تہ پڇا ڳاڇا دوران نذير عباسي جو موت تشدد ۽ ٽارچر وگھي ٿيو آهي. عدالت ۾ سرڪار طرفان ڪيس ڪيل پوسٽ مارٽم جي رپورٽ کي چئلينج ڪندي هنن چيو تہ هو تہ ان تي "سپليمينٽري رپورٽ" لکيل آهي. ان ڪري اصل ۾ سپليمينٽري رپورٽ پيش ٿيڻ تي، وڪيلن ۽ پٽيشنرن حميده جي انهي مؤقف کي هٿي ملي. تہ واقعي نذير کي تشدد ڪري ماريو ويو آهي. وڪيلن عدالت کي درخواست ڪئي تہ لاش ڪڍي ان جو ٻيهر پوسٽ مارٽم جو حڪم ڏنو وڃي، پر هاءِ ڪورٽ ٻڌايو تہ لاش ڪڍي ٻيهر پوسٽ مارٽم جو اختيار ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کي آهي.

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي انهيءَ ريمارڪس تي اختر حسين ايڊووڪيٽ

ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ سانگهڙ جي عدالت ۾ 18 آگسٽ 80ع تي درخواست ڏني، جنهن ۾ ڪيس گذارش ڪئي وئي تہ ڪين خدشو آهي تہ نذير عباسي جو موت ماڙيپور ٽارچر سيل ۾ تشدد وگهي ٿيو آهي، ان ڪري سنڌس لاش کي ڪڍي ٻيهر پوسٽ مارٽم ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي، پر ٺٽي جي ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ شفيق احمد خان ڪيس جي نازڪ نوعيت هجڻ جي باوجود اڍائي مهينن تائين فيصلو نہ ڏنو. نيٺ 29 آڪٽوبر 80ع تي سرڪاري وڪيل ۽ ايس ايچ او ڊفينس جا بيان قلمبند ڪرڻ بعد درخواست رد ڪري ڇڏي ڇيو تہ ماڙيپور ضلعي ايسٽ ۾ آهي ۽ اتي درخواست ڏني وڃي. پٽيشنر ۽ وڪيلن کي دليل هو تہ واقعو ماڙيپور سيل ۾ ٿيو جنهن جو هو ذڪر درخواست ۾ ڪري چڪا آهن. جيڪڏهن ضلعي جي حدن اندر نہ هجڻ واري بنياد کي ئي اڳارڻو هو تہ اڳنڊي ئي اها ڳالهہ چئي وڃي ها. پر ٻہ اڍائي مهينا گذرڻ بعد لاش ڪڍائي ان جو ٻيهر پوسٽ مارٽم ڪرائڻ جو ڪو بہ فائدو ڪو نہ هو.

انهي درخواست جي شنوائي دوران پوليس طرفان جيڪي بيان ڏنا ويا، سي نذير عباسي جي موت جي ڪارڻ ۽ جوابدارن جي حوالي سان ڏاڍا اهم آهن. ان مان اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ ان سموري ڪيس جو رڪارڊ موجود آهي، جيڪو فوري طور واسطيدار ادارن ۽ ماڻهن کي هٿ ڪرڻ گهرجي. ڊفينس ٿاڻي جي ٺٽي جي ايس ايچ او لکت ۾ اهو بيان ڏنو ۽ قبوليو تہ نذير عباسي جي گهر واري حميده گهانگهرو جي هڪ درخواست آئي آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ سنڌس مڙس نذير عباسي کي ماڙيپور سيل ۾ قتل ڪيو ويو آهي ۽ اهڙو فرياد داخل ڪيو وڃي ۽ ايف آءِ آر ڪاٽي وڃي. پر هن عدالت کي اهو نہ ٻڌايو تہ انهي درخواست پهچڻ کان پوءِ ڪهڙي ڪارروائي ڪئي وئي.

پوليس آفيس عدالت کي اهو نہ ٻڌايو تہ نذير عباسي جو لاش پي اين شفا (نيوي جي اسپتال) نيو ويو هو. ڪيس ايس پي فون ڪري ٻڌايو تہ ڪنهنجو پي اين شفا ۾ لاش آيو آهي کڻي اچو. جڏهن هو پي اين شفا پهتو تہ اتي ايف آءِ سي جو هڪ حوالدار مليو جيڪو لاش کڻي آيو هو. پر هو لاش بابت منهنجي سوالن جا جواب نہ ڏئي سگهيو. اتان اسان لاش کڻي سول اسپتال ۾ پوسٽ مارٽم ڪرايو ۽ سخي حسن ۾ دفنايو. قانوني ماهرن جو چوڻ آهي تہ تحويل ۾ موت، جنهن جا سبب چٽا نہ هجن، وارث ۽ عام ماڻهن ۾ شڪ ۽ شبها هجن تہ ان معاملي جي عدالت پاران جاچ ڪرائي ويندي آهي. هن نذير عباسي جي موت جي عدالتي جاچ بہ نہ.

جيڪي ڏينهن نتا وسرن

نذير سان جيل ۾ گهاريل گهڙيون

قاسم پٽر 1995ع

چاهت جا آخري ڏينهن هيا. ڪراچي جيل ۾ ڊي پي آر ۾ واڙيل هياسين. جاتي جا ٻه هاري ورڪر آچار ۽ عمر ملاح به ڊي پي آر ۾ ٻڌجي آيا. اسان نئين جيل جي نالي سان بئرڪ ۾ رهندا هئاسين صبح جو سپاهين اچي ملاحن کي اٿاريو ته هلو ڪم تي اسان سياسي قيدين جي حيثيت ۾ اعتراض ڪيوسين ته هنن کان ڪم نه وٺو. هي ڪو ڏوهه ڪري نه آيا آهن. ڪن وڏيرن جي چوڻ تي هنن کي ٻڌو ويو آهي. پر اسان جي ڪنهن به نه ٻڌي. هنن کان سچو ڏينهن جيل ۾ پورهيو هٿائي وئي ڏينهن جو سڄي سنگت صلاح ڪئي ته هنن ويچارن کي هن مصيبت مان ڪيئن ڇڏائجي جيل ۾ وڙهڻ جو هٿيار سواءِ بک هڙتال جي ٻيو ڪو به نه هوندو آهي. ڇا ڪجي نيٺ فيصلو ٿيو ته سياڻي پتو نه وٺبو. جيل جو ڊپٽي سپريڊنٽ سنڌي هو جنهن گهرائي لٺ به ڏيکاري ڇٽ به، ڪي دوست مڙي ويا ڪي پنهنجي مطالبي تي قائم رهيا. نتيجي ۾ مون کي ۽ شهيد نذير ۽ عادل ٻٽ کي رات جو سادي 9 وڳي ڪراچي جيل مان لاڙڪاڻي بدلي ڪيو ويو. نظير عباسي کي بي ڪلاس مليل هو. آئون ۽ ٻٽ سي ڪلاس ۾ هياسين. حيدرآباد ۾ مرحوم قلندر بخش اسان کي ماني ڪارائي سيءَ گهٽو هئڻ ڪري ڏڪون پيا پر ڪري به ڇا ٿي سگهياسين.

رات جو سادي 3 وڳي لاڙڪاڻي جيل پهتاسين. سپرنٽنڊنٽ جيل نذير عباسي کي چيو ته تون بي ڪلاس جون سهولتون ڇو نه ٿو قبول ڪرين؟ چيائين ته اسين دوست گڏ آهيون اوهان جيڪا سهولت ڏيو ٿا اها اسان کي گڏ ڏيو. هنن وٽ ڪٿا به پورا نه هيا مڙيئي ڏکي سڄي رات گذاريسين. صبح جو سوير پروارين ڪوٺين ۾ رهيل ستار مورئي ۽ مظفر بليدي اسان جو چرچن پوڳن سان آذر ڀاءُ ڪيو. ڏاڍا حسين ڳڀرو هيا، جيڪي پروفيسر جي مارڻ جي ڏوهه ۾ بند ٿيل هيا انهن کانسواءِ قمر پٽي ۽ مظفر شاهه به پرواري ڪمري ۾ بند هيا. هنن سيني جو تعلق جيئي سنڌ سان هيو. اسان جو وقت گهٽو ڪري پڙهڻ ۽ شطرنج راند ۾ گذرندو هو. ڪڏهن ڪڏهن لهواريون اوياريون ڪندي خبرن ۾ چوندو هو ته مون کي ڪميونسٽ پارٽي ۾ آڻڻ وارو مير ٿيبو آهي. اتفاق سان سرخ پرچم جيڪو جيل ۾ دوست موڪليندا هيس. تنهن ۾ ٻئي همراهه جو حوالو هو. پڇيو مانس ته خبر نه آهي تون سچو آهين يا نه سرخ پرچم ته ڪلي مات ڪيائين. اهڙي طرح حميده گهانگهرو جا خط ملندا رهيا. ڏاڍو خوش هوندو هو. مون کي جيتري قدر ياد آهي ته شهيد نذير عباسي لاءِ صرف

هڪ ڀيرو ملاقات تي آئي هئي. آئون ڪانئس پڇندو هوس تہ. اوهان جا دوست اهڙا ڪلال ڇو آهن جو ساٿين جي سار ڪو نہ ٿا لهن. چوندو هو تہ اسين غريب ماڻهو آهيون سنگت وٽ ايترا وسيلا ڪٿي آهن جيل ۾ ڏاڍو سنجيده هوندو هو. ڪڏهن بہ بور نہ ٿيندو هو. چرچن، ڀوڳن جو شوقين هوندو هو. جڏهن قيدي بيزار ٿي وڃهندا هيا، تہ هي مذاق ۾ ڪر موڙي چپ ٿيندي چرچا ڪندو هو تہ سڀ ماڻهو کلي پوندا هئا. جيل ۾ رهندي سندس دوست ڪيس چيو تہ جيڪڏهن تون ماسڪو پڙهڻ لاءِ ڪي دوست موڪلين تہ نالا ڏي. گڏ رهڻ ڪري هن مون کي صلاح ڏني تہ تون بہ انهي سفر ۾ تڪليفون ڀيو سهين تنهنجو پاڻيجو رفيق انٽر پاس آهي جيڪڏهن تنهنجي مرضي هجي تہ آئون سفارش ڪريان چيومانس تہ وڏي مهرباني ٿيندي. پر ويچارو اندر رهندي مجائي نہ سگهيو. ايمانداري جي اها حد هئي جو جڏهن پٽي صاحب جيئي سنڌ ۾ ٻين شاگردن کي ملاقات لاءِ گهرايو انهن ۾ نذير عباسي جو نالو بہ هو. جڏهن هي تيار ٿي ڪراچي ويو تڏهن ڪنهن دوست ڪان جوتو وٺي ويو هو. واپسي تي اهو جوتو مون کي ڏنائين تہ انهن همراهہ کي واپس ڪج جيل جي زندگي ۾ اهڙا ماڻهو گهٽ هوندا آهن. هڻ جو ڪميونسٽ ٿيڻ جاگيرداري ڪلچر ڪان بيزاري هو. ڇو تہ ٻين تنظيمن ۾ غريب ورڪرن سان غلامن جهڙو ورتاءُ ڪيو ويجي ٿو. ڪميونسٽ پارٽي ۾ سرمائيدارن وارو ڪلچر اپنايو وجي ٿو. انهيءَ ڪري غريب ڪارڪنن لاءِ ٻي واهہ نہ آهي. رڳو روين جو شڪار ٿين ٿا. باقي سمجهي ڪميونسٽ ٿيڻ اها شهادت شل ڪنهن قوم کي نصيب ٿئي. نذير عباسي بائي ڪلچر ڪميونسٽ هو ڏاڍو ڀلو انسان هو.

ڪامريڊ نذير عباسي ۽ سنڌس جدوجهد

ڪامريڊ امير بخش لاشاري 9 آگسٽ 1995ع

دودي، دولهہ ۽ هوشو کان وٺي ٻرندڙ انقلابي مشعل شهيد حسن ناصر جي ڪنيل انقلابي قدمن کان بہ اڳتي وڌي ويندڙ شهيد نذير عباسي کي اسان کان ڪراچي جي ٽارچر سيلن 30 جولاءِ کان 9 آگسٽ 1980ع تائين تشدد جو نشانو بڻائي کسي ورتو. سنڌس رت جا ڦڙا اڄ بہ جڻ ٽارچر سيلن جي ميوزم ۾ رکيل تشدد جي اوزارن تان ڳڙي رهيا آهن. نذير عباسي انقلابي تاريخ جو تسلسل آهي. جنهن انقلابي تاريخ ۾ ويڙهہ وڙهڻ جا نوان واڌارا ڪيا. انهن واڌارن تحت ٿر جي پٽن، سنڌ جي ٻيلن ۽ ميداني علائقن بلوچستان جي پهاڙن، پنجاب جي چولستان جي پٽن، مري جي مائرين سرحد جي اڻ زرخيز زمين تان وڙهندو رهيو. جدوجهد دوران ڪئي پيرا جيل ياترا بہ ڪري آيو. روپوشي جون چيڙائيندڙ گهڙيون انقلابي اتساهہ سان گهاريائين. ڪمپرومائيزنگ سنڌس اجتماعيت پسندي تي حاوي ٿي نہ سگهي. مات ڪرڻ ڪانسواءِ جدوجهد جاري رکيائين. جنرل ضياءَ جي دور ۾ ٿي سنڌس شادي ٿي. شادي جي ٻئي ڏينهن سنڌس گرفتاري جا وارنٽ جاري ٿين ٿا. جواز اهو هو تہ اوهان شادي نہ پر سياسي گڏجاڻي ڪئي آهي ۽ ان کان پوءِ نذير عباسي گرفتار ٿئي ٿو ۽ سنڌس گهر واري روپوش آ ۽ پيڻ حميده جڏهن گرفتار ٿئي ٿي تہ نذير عباسي روپوش آ. جڏهن آخري ۽ هميشہ لاءِ پورهيت طبقي کان جسماني طور تي جدا ڪرڻ لاءِ گرفتار ڪيو ويو ان دوران مٿس جيڪو تشدد ٿيو ڪيس مايوس ڪين ڪيو. پر سنڌس سيني ۾ عزم جيڪو پهاڙ کڙو ڪيو تنهن کي ڪير بہ ڪمزور ڪري نہ سگهيو. هن جنهن ڪارج واسطي شهادت ماڻي امر ڪيو اهو ڪارج صدين جي سيني تي ڦٽڪندڙ انسانن جي دائمي ڇوٽڪاري واسطي هيو. معصومن جي مرڪ سبز کيتن جي ساوڪ جي مستقبل بحالي بختاور، ماروئين ٻاگهين جي تحفظ ۽ ساک رکڻ لاءِ هيو. نذير عباسي جي جدوجهد سول فوجي بيورو ڪريسي جي سيني تي ٻريل ٽانڊا رکندي هئي. شهيد چيو هو تہ منهنجو موت جدوجهد جو سڏ آ هڪ وقت اهڙو ايندو جو منهنجي خاموشي توهان جي بلند آواز کان ڪيئي دفعا وڌيڪ طاقتور هوندي. نذير عباسي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر ۽ ڪميونسٽ تحريڪ جو هيرو آهي. سنڌس پارٽي جو پروگرام قومي جمهوري انقلاب کان سوشلزم لاءِ جدوجهد وارو پروگرام هيو. جدوجهد جي پهرين مرحلي ۾ قومي جمهوريت جنهن ۾ مرکز کي چار کاتا خارجا پاليسي، دفاع، ڪرنسي ۽ مواصلات.

قومن ڪي برابر جا حق بشمول حق علحدگي سميت سامراج کان قومي آزادي، مارشل لا جي خاتمي، عوام کي ووٽ جو حق ڏيارڻ، چونڊ ڪرائي اقتدار عوام جي چونڊيل نمائندن کي منتقل ڪرائڻ ۽ ملڪ ۾ عوامي جمهوريت جي بحالي، سرمائيدار، جاگيرداري، دهشتگردي، نسل پرستي، بنياد پرستي، مهانگائي، بيروزگاري جي خاتمي، فوجي خرچ گهٽائي فوج کي قومي امنگن مطابق بنائڻ، صحت، تعليم، روزگار ڏيڻ جي ضمانت، عورتن، اقليتن کي برابري جا حق ۽ تحفظ ڏيارڻ ذريعي اصلاحات تي عمل ڪرائڻ هاري ڪورٽون قائم ڪرائڻ، جاگيردارن سردارن ۽ چوڌرين جي خانگي جيلن کي ختم ڪرائي هارين کي آزادي ڏيارڻ، تقرير، تحرير، جلسن، جلوسن عدالتن جي فيصلن ڪرڻ جي آزادي، هارين، مزدورن، شاگردن ۽ سياسي پارٽين کي تنظيم سازي جا حق ڏيارڻ شامل آهن. شهيد جي پاريل مشعل اڃ ڪامريڊ امام علي نازش (چيئرمين ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي) جي ساٿين جي هٿن ۾ ٻڙڪي رهيو آهي ۽ مشعل ٻري رهي آهي. سوشلسٽ بلاڪ جي خاتمي کان پوءِ شهيد نذير عباسي جي پارٽي قومي جمهوري انقلاب کان سوشلزم تائين جدوجهد ڪرڻ واري پروگرام کي تبديل ڪري عوامي جمهوري انقلاب واري پروگرام رکندڙ پارٽي جو نالو ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي رکيو آهي. هي پارٽي اپريل 1994ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۽ مزدور ڪسان پارٽي ميجر اسحاق گروپ جي انضمام جي نتيجي ۾ ٺهي آهي. نئين ٺهندڙ پارٽي جي ڪانگريس روهڙي شهر ۾ اپريل 1995ع ۾ ٿي چڪي آهي. پارٽي پنهنجي ڪانگريس ۾ عوامي جمهوري انقلاب جي ذريعي آخري هدف ڪميونزم مقرر ڪيو آهي. ڪميونزم تائين پهچڻ لاءِ پارٽي عبوري مرحلا بہ طئي ڪيا آهن. جن مرحلن مان گذرڻو پوندو ۽ سوشلزم کي پڻ عبوري دور تسليم ڪيو ويو آهي. ڪانگريس جدوجهد جا چار بنيادي نڪتا طئي ڪيا آهن.

1- سامراج خلاف جدوجهد ڪرڻ ۽ پاڪستان کي قومي آزادي ڏيارڻ.

2- جاگيردار سوسائٽي ۽ جاگيرداري سسٽم جا معاشري تي جيڪي سياسي ۽ سماجي اثر آهن انهن کي ختم ڪرائڻ.

3- عوام جو حقيقي اقتدار اعليٰ بحال ڪرائڻ، سول، فوجي بيورو ڪريسي کي اقتدار اعليٰ کان الڳ ڪرڻ.

4- سوشلزم کي نافذ ڪرڻ، پاڪستان جهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ انقلاب جو جيڪو نظريو هوندو اهو سوشلزم، ڪميونزم هوندو. انقلاب جون هر اول دستي عملي قوتون جيڪي هونديون اهي ورڪنگ ڪلاس، مزدور، هاري، شاگرد، وچولو طبقو، اديب، دانشور، ننڍا واپاري، وڪيل استاد ۽ ڪلارڪ وغيره هوندا، اهي جيڪي طبقا آهن اهي هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندا ۽ پارٽي انهن کي پيپلز ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي نالي سان منظم ڪندي ملڪ ۾ جيڪا سياست هلي پئي ان ۾ حڪمران

طبقي جون بہ سياسي پارٽيون آهن هڪ پيپلزپارٽي ۽ ٻي نواز ليگ جيڪي ظاهر اڃي رهيون آهن. ليڪن ٽين قوت ڪمزور پوزيشن ۾ هن ملڪ جي مزدور طبقي ۽ محنت ڪش عوام جي پارٽي ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي آهي ۽ ٻيا ڪابي ڏر جا ننڍا ننڍا گروپ آهن. پ پ پ ڳوٺاٽي سرمائيدار طبقي جي نمائنده پارٽي آهي. سرڪاري پ پ جي چيئرمين آمريڪا جي حڪومت جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ واشنگٽن جو دورو ڪيو ۽ آمريڪي منصوبن کي قبول ڪندي چڪوال ۾ زلزلن جي چڪاس واري اسٽيشن قائم ڪرڻ تي رضامند ٿي تہ جيئن ايران ۽ چين جي ايٽمي پروگرامن تي نظر رکي سگهي. افغانستان ۾ طالبان جي مدد ڪرڻ ۽ گوادر بندر وٽ اومان کي فوجي اهميت جي زمين ڏيڻ، آمريڪي حمايت سان صوماليا ۽ هيٺي جهڙن ملڪن ۾ گڏيل قومن جي امن قائم ڪرائڻ واسطي فوج ۾ وڏي پئماني تي شرڪت ڪئي وئي. هن جانسن هاپڪسن يونيورسٽي ۾ تقرير ڪندي چيو هو تہ ڪميونزم کي روڪڻ ۽ آزادي جي قوتن سان اسان جو وچن ڪڏهن متنازعہ نہ رهيو آهي. ۽ پاڪستان پنهنجا فرض نڀايا آهن. پر حقيقت ۾ هو فوجي حڪومتن جي واڪاڻ ڪري رهي هئي هو لاشعوري طور تي ايوب خان، يحيٰ خان ۽ جنرل ضياءُ الحق جي پاليسين جي حمايت ڪري رهي هئي.

ٻئي طرف نواز ليگ ۾ بہ ظاهري طرح سماج جي سيني طبقن جا ماڻهو نظر اچن ٿا. بنيادي طرح نواز ليگ سرمائيدار طبقي جي نمائنده پارٽي آهي جيڪا سامراج سول، فوجي بيورو ڪريسي سان ٽڪرائڻ لاءِ تيار نہ آهي. نواز ليگ جو لانگ مارچ، ٽرين مارچ ۽ ڦيٿا روڪ هڙتال وغيره پروگرام جي حوالي سان اٽپورا رهيا آهن. نواز ليگ جيڪڏهن هڪ جاگيردار مخالف ٻيو بنياد پرست قوت مخالف، ٽيون نجڪاري عمل کي روڪي نجي ۽ سرڪاري صنعت کي ملڪ ۾ گڏوگڏ ترقي ڏيارڻ، چوٿون سول فوجي بيورو ڪريسي جو تعداد گهٽائڻ وارو پروگرام ڏئي پاڪستان جي مزدور طبقي پورهيت عوام کي ساڻ ڪري تہ بينظير، جوڻيجو ليگ جي گڏيل حڪومت جو خاتمو ۽ ان سان گڏ سماجي تبديلي کي بہ عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو. جاڪاڻ تہ سماجي تبديلي جي جدوجهد لاءِ عوام پنهنجا نيڻ وڇايو وينو آهي، جڏهن تہ اهڙي قيادت اهڙي پارٽي جدوجهد جي ميدان ۾ ايندي تہ عوام ان تحريڪ جو استقبال ڪندو ۽ شريڪ ٿيندو.

ڪامريڊ جي نظريي کي ڇڏي ويندڙ رحيم بخش جعفري، مير ٿيبو، نواز ليگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار وينا آهن. پهريائين نواز ليگ کان جاگيردار مخالف سول فوجي بيورو ڪريسي جو تعداد گهٽائڻ وارا شرط مڃائين ۽ ٻيٽي وارن جتوئين کي راضي ڪن جيڪي نواز شريف کي اهو چئي سندس ليگ ۾ شامل ٿيا آهن تہ اسان خانداني وفادار ليگي آهيون. شهيد تي غلام رسول سهتو غلط مضمون لکي ان کي قوم پرست ڪري پيش ڪري رهيو آهي. سندس مضمون طبقاتي جدوجهد کان فراريت

جو مظهر آهن. سهتو ڪميونسٽ تحريڪ طبقاتي جدوجهد. با باءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي تحريڪ سنڌ هاري ڪميٽي ڪان فراريت اختيار ڪئي آهي. شهيد جا قاتل رٽائر ميجر امتياز. سنڌ جو اڳوڻو گورنر ايس ايم عباسي، جنرل ضياءُ الحق ۽ پروفيسر جمال نقوي آهن. پروفيسر جمال ڪميونسٽ پارٽي جا لکين روپيا کٽي فرار ٿي ويو آهي ۽ پاڪستان ڪميونسٽ تحريڪ جو ڏوهاري ٿيو آهي. شهيد نذير عباسي جي قتل ۽ پارٽي فنڊ جو ڪيس داخل ڪرائي حساب چڪايو وڃي. جمال نقوي جو شاگرد ڄام ساقي ڪميونسٽ پارٽي ڪان علحدگي ڪري ۽ پارٽي جا اثاثا وڪٽي سرڪاري پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيو. ڄام ساقي 1989ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي کي ڇڏي ويندڙ اقليتي ڌر جي مثال ڏيندي چيو هو ته ڪميونسٽ اهي پکي آهن جيڪي سمنڊ ۾ موتي چڳندا آهن ۽ ڇڏي ويندڙ اقليتي ڌر لاءِ چيو هٿائين ته هي اهي پکي آهن جيڪي ڪنهن ڪن ڪچري جي ڍير تي ويهي داڻا چڳندا آهن. هاڻي ڄام ساقي جڏهن سرڪاري پيپلزپارٽي ۾ شامل ٿيو آهي ته هو پاڻ ٻڌائي ته هن کي ڇا چئجي.

پاڪستان ۾ اڄ ڏينهن تائين جيڪي حڪومتون قائم ٿيون آهن اهي ننڍن اقليتي استحصالي طبقن ۾ قائم ٿيون آهن. اهڙي طرح هر حڪمران اقليتي ٽولي جو تختو اونڌو ڪري انهن جي جڳهه تي ٻيو اقليتي ٽولو اقتدار تي قبضو ڄمائي رياستي ادارن کي پنهنجي مفاد ۾ استعمال ڪندو آهي. هر پيري اهو اقليتي ٽولو اقتدار ۾ ايندو آهي جيڪو ان وقت جي معاشري ارتقا جي سطح مطابق حڪومت ڪرڻ جي طاقت رکندو آهي ليڪن اڪثريتي عوام حقن ڪان انقلاب لاءِ وڙهيا يا خاموشي سان قبول ڪيو. جيڪڏهن هر مسئلي کي نظرانداز ڪيو ويو ۽ اڪثريتي عوام ان ۾ شعوري يا لاشعوري طور تي ان کي قبول ڪري ٿو ته به اهي صرف اقليت جي ئي خدمت ڪن ٿا. ان مان ثابت ٿيو ته اڪثريتي عوام سڀني ماڻهن جو نمائنده طبقو آهي ۽ حڪمراني حاصل ڪرڻ ان طبقي جي ذميوارين ۾ شمار آهي. اڄ ڏينهن تائين قائداعظم ڪان وٺي بينظير ڀٽو تائين جيڪي حڪومتون تبديل يا قائم ٿيون آهن. اهي اقليتي طبقي جون حڪومتون آهن. اهي اقليتي طبقا رياستي اقتدار حاصل ڪري يا ويٺل حڪمرانن جو تختو اونڌو ڪري. اقتدار تي قبضو ڄمائي انهن طبقن رياستي ادارن کي پنهنجي مفاد ۾ استعمال ڪيو آهي. سرمائيداراڻي جمهوريت جيڪا ووٽ جي پرچي تي اچي ٿي اها پورهيت طبقي جي ضرورتن جي ضمانت نه ٿي ڏئي ۽ سرمائيداراڻي جمهوريت هڪ اهڙي زهر جي مٺي گوري آهي جيڪا طبقاتي جدوجهد کي روڪي ٿي. آمريڪا جي جمهوريت اتان جي ڪميونسٽ پارٽي کي اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جي ان ڪري اجازت نٿي ڏني وڃي جو ان کي پنهنجا اثاثا اربين ڊالر جا نه آهن. جمهوريت هڪ عمل آهي حڪم يا خواهش نه آهي. جمهوريت ڪوئي مذهب يا عقيدو نه آهي. جمهوريت فرد جي زندگي ۽ معاشري ٻنهي جي

ڪردار ۾ پيدا ٿيندي آهي نہ ڪٿان مٿان نازل ڪئي ويندي آهي. جمهوريت هر جڳهہ تي طبقاتي هوندي آهي يا نعري واري جمهوريت جيڪا هڪ فريب آهي. ٿيندو هيئن آهي جو ڪنهن سماج ۾ جيڪي طبقا پيداواري وسيلن ۽ دولت تي ڪنٽرول ڪندا آهن. اهي ئي طبقا جمهوريت جو ڦل بہ کائيندا آهن ۽ عوام کي اهي طبقا پرچي پڪڙائي ڇڏيندا آهن. سرمائيدار معاشري ۾ سرمائيداراڻي جمهوريت قائم ٿيندي آهي جاگيرداراڻي معاشري ۾ جاگيردارا طبقو جمهوريت جو مالڪ هوندو آهي. قبائلي دستور ۾ پڳ پرچي سردار جي جمهوريت هلندي آهي. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ سول ۽ فوجي نوڪر شاهي طاقتور هوندي آهي تہ جمهوريت ان نوڪر شاهي جي ٻڌي ٻانهي هوندي آهي عوام جي مفادن جو تحفظ نہ سرمائيداراڻہ جاگيردار ۽ نہ سول، فوجي نوڪر شاهي ڪندي آهي انهن استحصالي طبقن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جدوجهد ۾ مصروف رهندو ۽ انقلاب جي تمنا ان ڌرتي جو سڀ کان وڏو خواب هوندو آهي. ڪميونسٽ تحريڪ جي جدوجهد سرمائيداري جي خلاف سامراج پرستي جي خلاف سامراج جي خلاف پورهيت طبقي جي فتح لاءِ انسانيت جي بحالي لاءِ ساري دنيا جي آزادي لاءِ هڪ نئين دنيا جي تخليق لاءِ وقت جو واعدو آهي اهو. واعدو ضرور پورو ٿيندو. نذير ۽ ناصر پاڪستان جي ڪميونسٽ لاءِ مثال آهن. هو اخلاقي طرح مثالي زندگي جا عملبردار رهيا آهن. سندن مٿان اهو الزام نہ لڳندو تہ هنن پبلڪ يا پارٽي ذريعن جو غلط استعمال ڪيو يا عياشي ڪئي. هو هڪ ٻرندڙ لاٽ مثل هئا جن پاڻ ساڙي ٻين کي راهہ ڏيکاري ۽ اسان جي نندڙي ملڪ ۾ قرباني ۽ لڳاءَ جو مثال قائم ڪري ويا. شل اسان ڪامريڊن کي نذير جي ياد مان وري ڪو اڏمو اڀي جنهن مقصد لاءِ نذير ۽ ناصر قرباني ڏني ان مقصد لاءِ پاڻ کي نئين سر ارپين ڇو تہ نيٺ جيت اسان جي ٿيندي ساڀي جيت اسان جي ٿيندي.

سنڌ لاءِ هڪ ٻيو ڪارو ڏينهن

ظهير ميراڻي

شهيد نذير عباسي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي وچ ۾ سڀ کان وڏو فرق اهو آهي تہ اڄ شهيد ڀٽي جي نياڻي ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم آهي، پر شهيد نذير جو سمورو ڪٽنب ۽ سندس ٻار ٻچا ڏکين زيادتين، سُورن ۽ پيڙائن جو ڪليل داستان بڻيل آهن. جنهن ڪٽنب جو وڏو پنهنجو سر پنهنجي وطن، عوام ۽ لوڪ شاهي تان قربان ڪري وڃي ۽ پوءِ وري پوريان سندس قوم، سندس ڪٽنب سندس "موتيا" ۽ ٻين جي سار نہ لهي، ساڻن وڏي سندي ڏينهن تي ڏکن ۾ شريڪ نہ ٿئي تہ اها ان قوم ۽ شهيدن جو وارث هجڻ جو درجو ماڻيندڙن جي ڪيڏي نہ وڏي بيحسي ليکبي؟ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ آخر ڪار هن قوم ۽ سياسي رهبرن کي ڇا ٿيو جيڪا اجا تائين پنهنجن شهيدن جي قربانين جو بہ قدر ڪرڻ نہ سکي سگهيا آهن. انصاف جي حوالي سان بہ ٻنهي اڳواڻن وچ ۾ ڪافي فرق آهي. شهيد ڀٽي جي مک قاتل کي "فنا ڪرڻ واري" 11 سالن جي مڳيءَ ڪانپوءِ ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو. جڏهن تہ ٻين کان ملڪ جي عوام ووٽ وسيلي خوب حساب چڪايو آهي. باقي جيڪڏهن بچيل ماڻهن کان حڪومت ۽ طاقت هوندي شهيد جي نياڻي پنهنجو حساب ڪتاب نہ ٿي چڪائي يا ائين ڪٽي ڇڻون تہ کين سڀ ڪجهہ بخش ڪري رهي آهي تہ اهو ان جو پنهنجو معاملو آهي. عوام کي جيڪو ڪرڻو هئو، اهو ان ڪري ڏيکاريو آهي. ان جي پيٽ ۾ وري نذير جو خون اسان سيني آڏو انصاف لاءِ سوال بڻيل آهي. اسان سيئي سندس جا قرضي آهيون. اڄ ڏينهن تائين نہ عوام، نہ سندس ساٿين، سندس خون خلاف دانهيون آهي ۽ نہ ئي وري شهيدن جي گهراڻي جي سياسي وارث(بينظير ڀٽو) . انهن ۽ ٻين کوڙ سارين قربانين جي رنگ لاٿڻ کان پوءِ شهيد نذير سان انصاف ڪرايو آهي: اسان سيني ماڻهن جون منجهس ئي تمام وڏيون اميدون هيون تہ جڏهن هوءَ عوامي اقتدار ماڻيندي تہ عوام جي جملي دشمنن کي ظاهر ڪري ٻاهر ٻيهاريندي ۽ کين پنهنجي ڪئي جي سزا ڏياريندي. پر اڄ مٿان سندس جي ٻي حڪومت اچي قائم ٿي آهي پر شهيدن جا ڪيس کلي نہ سگهيا آهن. ان جو جيڪو انهي طرف ڌيان آهي سو بہ اسان سيني جي سامهون آهي. اها ڪيڏي نہ حيرت جوڳي ڳالهہ ڇئبي تہ شهيد

پٽي جي نياڻيءَ جي اڳواٽي ۾ قائم ٿيل عوامي راڄ ۾ شهيد نذير عباسي کي ڏينهن ڏٺي داستي قتل ڪندڙ ماڻهو گرفتار ٿيل هجي پر اسان ڪيس عدالتي ڪٽهڙي تائين صرف پهچائڻ ۾ بہ بيوس بڻيل هجون. هن تہ اسان جي ماڻهو کي دليري سان ٽارچر ڪري ماريو پر اڄ اسان ايترا ڪمزور ڇو آهيون جو ڪانئس صرف ان جو پڇاڻو بہ ڪرائي نہ ٿا سگهون. ڇا عوامي حڪومتون واقعي ڪمزور ٿينديون آهن؟ انهن ۾ عوام دشمن ماڻهن کان پڇا ڳاڇا جي شڪتي نہ ٿيندي آهي.؟

ڪجهہ ڏينهن اڳ جڏهن اسان اخبار ۾ وزيراعظم جي حوالي سان خبر پڙهي هئي تہ هن شهيد جي ٻارن ڏانهن آماٽيل تار ۾ ڪين پڪ ڏني آهي تہ هوءَ "سندن شهيد جي قاتلن کي پنهنجي انجام تائين پهچائيندي" تہ سنڌ جي ماڻهن کي تمام گهڻي خوشي ٿي هئي. ان ڪانپوءِ جڏهن اخبارن ۾ وري اها خبر پڙهيسين تہ وزيراعظم جي هدايتن موجب شهيد جي گهر واري محترمہ حميده گهانگهرو پوليس ٿاڻي تي پنهنجي فرياد لکرائي آئي آهي تہ پوءِ اسان کي اڃا وڌيڪ اطمينان ٿيو. پر اهي سڀ ڳالهيون اڃا تائين هڪ اخباري خبر کان اڳتي وڌي نہ سگهيون آهن. نہ ڪيس ڪليو آهي ۽ نہ ئي وري حڪومت جي ڪنهن ذميوار ماڻهوءَ پنهنجي وات سان ڪا تصديق ڪئي آهي تہ هو ڪيس هلائيندا بہ يا نہ؟ جنهن ڪري خوني ماڻهو باوجود سڃاڻپ جي سزا کان آجو آهي. جيڪا ڳالهہ سنئين سڌي مظلومن جي هار ۽ ظالمن جي سوڀ آهي. ڇاڪاڻ تہ اڃا تائين اسان کي اهڙي ڪا بہ شيءِ نظر نہ آئي آهي. جنهن جي آڌار تي شاهدي ڏيون تہ ظالم شڪست کائي چڪا آهن. تنهن ڪري هينئر اسان سڀئي انهي آسري ۾ ويٺا آهيون تہ وزيراعظم ڪڏهن ٿي پنهنجي وات سان شهيد نذير عباسي جي خوني مٿان ڪيس هلائڻ جو اعلان ڪري. ڪڏهن ٿي اها ملڪ مان ظلم جا ٽنيا ڪيرائي

وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو کي ٻين ڳالهين سان گڏ انهن معاملن کي بہ اهميت ڏيڻ گهرجي. ڪيس شهيدن کي نہ وسارڻ گهرجي. هڪ شهيد جي نياڻيءَ جي حيثيت ڪيس پاڻ جهڙين ٻين نياڻين کي انصاف فراهم ڪرڻ گهرجي. اها ان جي بنيادي ذميواري آهي.ڇاڪاڻ تہ انهن نياڻين ۽ سندن شهيد والدين گڏجي ڪيس ان منزل تي پهچايو ئي ان ڪري آهي تہ اها سندن جا خون تاريندي، تنهن ڪري هينئر جڏهن اها حڪومتي سربراهہ بڻي آهي تہ ڪيس شهيدن کي نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي. مڃيوسين تہ نذير عباسي ڪميونسٽ هئو. پر ان بنياد تي سنڌس ڪيس نہ ڪلڻ سانس زيادتي ٿيندي، ڇاڪاڻ تہ هو ڪميونسٽ سان گڏ وطن دوست، عوام ۽ جمهوريت پسند انقلابي اڳواڻ هو. هو عوام ۽ جمهوريت جو شهيد هئو. هو اسان سڀني جي گڏيل شهيد آهي ۽ اڄ جيڪا ملڪ ۾ عوامي حڪومت آهي سا بہ شهيد پٽي ڪلڻ پوءِ سندس ڏنل قرباني جو ئي نتيجو آهي تنهن ڪري سانس هر قيمت تي انصاف ٿيڻ گهرجي. وزيراعظم کي وسارڻ نہ گهرجي تہ جيڪڏهن سانس انصاف نہ تو

ٿئي تہ ماڻهن وٽ قربانين ۽ جدوجهد جا لفظ پنهنجي اهميت وڃائي ويهندا. اڳتي ڪو بہ ماڻهو شهيد ڀٽي واري واٽ نہ وٺندو. ڪا بہ ماءُ پنهنجي پٽ کي جمهوريت آڻڻ لاءِ سينگاري شهادت جو رتبو ماڻڻ لاءِ نہ موڪليندي. هر هڪ ماڻهو قربانين ڏيڻ وارو رستو ئي ڇڏي ويندو. تنهن ڪري هوءَ شهيد نذير عباسي جي خون ۾ ملوث برگيڊيئر امتياز کي عدالتي ڪٽهڙي ۾ بيهاري ۽ اتان ڪيس سزا ڏياري اهو ثابت ڪري تہ شهيدن جون قربانيون نہ اڳ ڪڏهن رائيگان ويون آهن ۽ نہ ئي وري هاڻي وڃڻ ڏنيون وينديون. بهرحال جيڪڏهن شهيد ڀٽي جي نياڻي جي اڄوڪي حڪومت ۾ بہ شهيد نذير کي انصاف نہ ملي سگهيو تہ اها جمهوريت ۽ عوام جي سڀ کان وڏي بدقسمتي چئبي. جنهن سان وري عوام دشمن ماڻهن کي اڃا بہ وڌيڪ سگهہ ملندي. سنڌ جا من وڌي ويندا ۽ اهي اڳتي اڃا وڌيڪ ظالم بڻجي عوام مٿان ڪڙڪندا.

سورهيہ مرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا وڙهہ ڀاڪرين آڏي ڍال ۾ ڍار
مٿان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين(شاهہ)

جمهوريت جي راهه ۾ سر گهوريندڙ
ڪميونسٽ اڳواڻ

زلف پيرزادو

سنڌ جي ڏکن ۽ تڪليفن جي تاريخ گهڻي پراڻي آهي، ان حوالي سان سنڌ جي فطري آزادي لاءِ ويڙهه ۽ سنڌي عوام جي پيدائشي بنيادي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد جي تاريخ بہ تمام ڏکي آهي. ان جدوجهد ۾ جيڪا هر دور ۾ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ هلندي رهي آهي. ڪيترن ئي نوجوانن پنهنجا سر گهوري سنڌ جي آجپي واري ويڙهه کي پنهنجي گرم رت سان زندهه رکيو آهي. اهڙن سرويچن ۾ شهيد نذير عباسي بہ شامل آهي. شهيد نذير عباسي اهڙي دور ۾ آزادي جي قافلي جي سرواڻي سنڀالي، جڏهن ملڪ تي مارشل لا جو راڄ هو ۽ هڪ فوجي آمر عوام جي چونڊيل وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي رات جي اونداهہ ۾ تخت تان لاهي ڦاسي جي تختي تي پهچائڻ واري سازش تي عمل شروع ڪيو هو. جيتوڻيڪ شهيد عباسي شهيد ڀٽي جي اقتدار وارن ڏينهن ۾ بہ ڪال ڪوٺڙين جو عذاب ڀوڳي چڪو هو. پر ان هوندي بہ اصول پسندي جو مظاهرو ڪندي شهيد نذير عباسي شهيد ڀٽي کي غير قانوني، غير اخلاقي ۽ غير سياسي طريقي سان اقتدار تان هٽائڻ جي مزاحمت ڪئي هئي. نہ صرف ايترو،پر مارشل لا جي سخت مخالفت ڪندي جدوجهد وڌيڪ تيز ڪري ڇڏي، جنهن جي نتيجي ۾ شهيد نذير عباسيءَ کي بہ شهيد ڀٽي جيان ئي شهادت نصيب ٿي. پر فوجي آمر جي مقصد پوءِ بہ حل نہ ٿيو ۽ شهيد نذير ۽ شهيد ڀٽي جي خون، فوجي آمرن خلاف هلندڙ جدوجهد کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو. نتيجي ۾ ايم آر ڊي جي شڪل ۾ سنڌ اندر اهڙي زوردار تحريڪ شروع ٿي جنهن مارشل لا جا بنياد کوکلا ڪري ڇڏيا ۽ فوجي آمرن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. اهو چوڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نہ آهي تہ اڄ ملڪ ۾ جيڪا جمهوريت قائم ٿي آهي اهو 9 آگسٽ 80ع تي شهيد ٿيندڙ نذير عباسي ۽ ان ڪانپوءِ هلندڙ تحريڪن ۾ اڻ ڳڻين شهيدن جي قربانين جو ئي نتيجو آهي.

شهيد نذير عباسي سان ايس اين ايس ايف جي زماني کان سڃاڻپ ٿي ۽ پوءِ ڊي ايس ايف ۽ ڪميونسٽ پارٽي تائين ساٿ رهيو. شهيد نذير عباسي هارين، مزدورن ۽ شاگردن جي بنيادي سياسي ۽ سماجي مسئلن جي حل لاءِ زندگي جي آخري گهڙين تائين استحصالي قوتن خلاف وڙهندو رهيو. وٽس انسان جو وڏو قدر ۽ مان هو، اهو ئي سبب هو جو شهيد نذير عباسي بنا ڪنهن ذات، قبيلي ۽ قوم واري فرق جي سڀني ماڻهن جي پيدائشي حقن لاءِ وڙهندو رهيو. شهيد نذير عباسي فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس جو بہ اڳواڻ ٿيو، جنهن ۾ چئني صوبن جون شاگرد تنظيمون شامل هيون. نتيجي ۾ سنڌ اندر شهيد نذير عباسي ۽ سندس ساٿين کي قومپرستن جي سخت مخالفن سان بہ منهن ڏيڻو پيو. پر شهيد آخر تائين ملڪي سطح ۽ عالمي

سطح تائين مظلومن جي اتحاد جو حامي رهيو. نذير عباسي غريب طبقي سان تعلق رکندڙ بهادر هو ۽ سياسي توڙي سماجي علم جو پندار هو. جدوجهد دوران شهيد پنهنجي دور ۾ ڊي پي آر جي قانون هيٺ جيل ۾ رهيو. ان کانپوءِ ڪوئيٽا ٽارچر ڪئمپ ۾ عذاب پوڳيائين ۽ آخر ڪار برگيڊيئر امتياز جهڙي خوني ماڻهوءَ هٿان ماڙيپور ٽارچر ڪئمپ ۾ فوجي آمرن جي هر حڪم کي ٺڏيندي سيئي اڳون نڪرائيندي، جان قربان ڪئي. اڄ شهيد جا ڪجهه دوست ڦرٽين ڪرسين، ايئر ڪنڊيشنڊ آفيسن ۽ پجيرو گاڏين جا مزا ماڻي رهيا آهن پر شهيد اهڙيون اڳون ٺڏي سرگهوري ڇڏيو. شهيد جا ڪجهه ساٿي سياسي مصلحتن جو شڪار ٿي سياسي ميدان مان غائب ٿي ويا. پر شهيد نذير عباسيءَ جي جدوجهد وري به ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ جاري آهي. جيڪا سنڌي عوام جي پيدائشي حقن جي حاصلات تائين جاري رهندي. اڄ جڏهن سنڌ جو وڏو وزير سائين عبدالله شاهه حيدرآباد ۾ شهيد نذير جي 15 هين ورسيءَ ۾ خاص مهمان جي حيثيت ۾ شريڪ ٿي رهيو آهي تڏهن اها اميد ڪجي ٿي ته وڏو وزير شهيد جي ڪيس جي جاچ ڪرائڻ جو اعلان ڪندو ۽ شهيد جي بيواهه سان انصاف ڪندي شهيد جي قتل ۾ ملوث ماڻهن کي قانون موجب سزا ڏئي شهيد جي خون سان انصاف ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندو.

اسان نذير لاءِ آسمان ۾ ڪڏهن ڏسون؟

ايڊيٽوريل روزاني"سنڌ" حيدرآباد 9 آگسٽ 1996

جڏهن رات شهيد جي بيواهہ جيان ڪارو لباس پائي ڪراچي جي وڏي قبرستان "سخي حسن" جي مٿان لهي ٿي، تڏهن ستارا سس پس ڪن ٿا. مري ويل ماڻهن جي تربتن ڏانهن تڪي ڪچهريون ڪن ٿا ۽ هڪبئي کي ٻڌائين ٿا تہ خاڪ ۾ پنهان ۽ غرق ٿي ويل ماڻهو ڪير هئا؟ انهن جيون ۾ ڇا ڪيو؟ ۽ پنهنجي پويان ڇا ڇڏي آيا؟ ڪنهن ڪوئيون ڇڏيون ۽ ڪن جا جنازا ڪراچيءَ جي ڳتيل آبادين ۾ ورتل ڪرائي جي گهرن مان نڪتا. انهن جو جيون ستارن جي اکين کان ڳجهو نہ هو. ستارن انهن جي موت جو بہ مشاهدو ڪيو. انهن سڀني ماڻهن جو جيڪي عظيم هئا ۽ انهن جو بہ جيڪي ذليل هئا. ڪن پنهنجي زندگي کي روشني ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ مستقل جاڪوڙ ڪئي ۽ ڪن اونداهي ۾ سازشون ڪيون ۽ پنهنجي پويان واڳون جي وات جهڙيون وزارتون ۽ اعليٰ عهدن جون ڪرسيون ڇڏيون. انهن ستارن هنن کي بہ ڏٺو ۽ انهن جي ابن ڏاڏن کي بہ. هو مختلف قبرن ڏانهن اشارا ڪري چون ٿا تہ هي اجا وڏيڪ بي ضميريءَ سان زندگي گذاري اجا وڏيڪ مال ميڙڻ جي حسرتن ۾ مري ويا. هن زندگي ۾ نوٽ ناهڻ بدران شعر ناهيا. هن پلاٽن تي قبضي ڪرڻ جو ڏنتو ڪيو ۽ هن پنهنجي شهر جي ڪچين آبادين جي قبايل حقن جي لاءِ جاڪوڙ ڪندي زندگي گذاري. هن هيئن ڪيو. هن هونئن ڪيو ۽ پوءِ آخر ۾ هو نذير جي قبر کي نهاري هڪ ٻئي کي ڏسن ٿا ۽ چون ٿا تہ هي ماڻهو هڪ خواب جي تعبير لاءِ تاريڪ رات ۾ خون ٿي ويو.

هن ماڻهوءَ ٽنڊي الهيار جي ننڍڙي شهر ۾ جنم ورتو هو ۽ پنهنجي سمجهہ موجب ايمانداري سان مخصوص سياسي راهہ جي چونڊ ڪري، انساني نجات لاءِ وڙهيو ۽ 9 آگسٽ جي رات ۾ هن جي زخمي جسم جي پڃري مان سندس ساهہ جو پرندو پراسرار نيرين فضائن ۾ پَرَ هڻندو ان پار اڏامي ويو. جتي انساني اکين جي پهچ ناهي. اهو ماڻهو جنهن کي سنڌ جي جهان ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي انقلابي اڳواڻ طور سڃاتو ويندو هو. جيڪو پنهنجن ساٿين کي سريلي آواز ۾ اهو هندستاني گيت ٻڌائيندو هو تہ:

پنڃري کي پنڇي ري، تيرا درد نہ جاني ڪوئي،

هن جي اندر ۾ ڪيترو درد هو؟ اهو ڪنهن نہ ڄاتو. ڇو تہ هو ماڻهن سان مسڪرائي ملندو هو ۽ هن جي سڃاڻ ڪل مک ۽ زندهہ دل ماڻهو واري هئي.

پريشانين جي پرواهه نه ڪندڙ هي ماڻهو پنهنجي ڌرتي جي املهه ميراث هو. هي ماڻهو جيڪو وڻ جو ڏڪ ٿيو. تنهن جو ڪردار لڪ ۾ رڪ جهڙو هو. پر هن جي ڌرتي جو نئون نسل هن جي نالي کان به پوري طرح آشنا ناهي. هن جي همزبان ۽ هموطن نوجوانن کي اهو پتو ناهي ته انهن جي بهترين زندگي لاءِ هن ماڻهوءَ پنهنجي زندگي قربان ڪري ڇڏي.

هي ماڻهو سچو پچو بالشويڪ هو. سنڌ جو اتهاس ان سچ تي پنهنجو سر فخر سان اوچو ڪري سگهي ٿو ته انقلاب جي مهاڀاري جنگ هن جي ننڍڙي شهر جي ڪک اهڙي مڙس ماڻهوءَ کي جنم ڏنو جنهن جا فوٽا ماسڪو ۽ هوانا جي پرنٽنگ پريسن ۾ ڇپيا. جنهن لاءِ اوپر جرمني ۾ مظاهرا ٿيا ۽ جنهن پنهنجي پريان"روبل" نه پر هڪ غريب بيواهه امڙ. هڪ پنيور لٽيل بيواهه ونيءَ ۽ معصوم نياڻي انتهائي غربت واري حال ۾ ڇڏي. ايتري حد تائين جو نذير عباسي ڪيس داخل ڪرڻ واري "جرم" ۾ هن جي انقلابي بيوهه لاءِ ڪنهن گهر کي پناهه ڏيڻ ڏکيو ٿي پيو. جنهن جي گهر واري نام نهاد انقلابي دنيا جا ذليل ترين رويا ڏٺا ۽ پنهنجي هنج ۾ انقلابي مڙس جي معصوم نشاني سانڍي هڪ در کان ٻئي در تائين پناهه لاءِ پنڌ ڪندي رهي. اڄ نذير جي نياڻي زرقا نوجوان سنڌياڻي جي حيثيت ۾ ڪاليج جي شاگردياڻي آهي ۽ ڪجهه وقت اڳ جڏهن نذير جو ڪيس پيهر کلڻ جي ڳالهه کلي ۽ ڪٿان اهو سڙٻات به ٻڌڻ ۾ آيو ته نذير جي شهادت کي نگاهه ۾ رکندي سرڪار نذير جي خاندان جي مالي مدد ڪرڻ چاهي ٿي ته پنهنجي انقلابي پيءُ جي زرقا زوردار لفظن ۾ چيو ته" منهنجي پيءُ جو قتل مارڪيٽ ۾ نه ٿيو هو جو خون بها وٺون. منهنجو پيءُ ٽارچر سيل ۾ قتل ٿيو هو اسان کي انصاف کپي." اهي لفظ ان خون جا آهن. جنهن ۾ انقلابي جذبن جو ڪڏهن نه وسامندڙ مچ ٻري ٿو. هر ماڻهوءَ کي مرڻو آهي. ڪوئي چا ٿو ڇڏي مري، ڪوئي چا ٿو ڇڏي مري! نذير پنهنجي نياڻيءَ جي مٽي تي پنهنجي انقلابي لهوءَ سان رڱيل پوتي ڇڏي مري ويو ۽ هڪ باشعور نياڻي لاءِ ايتري وڏي عزت ۽ احترام جو ايترو گهڻو سرمايو ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ ان ڪري زرقا کي پنهنجي پيءُ جي نالي تي فخر آهي. هن کي فخر آهي ته هوءَ نذير عباسي جي نياڻي آهي. جو ته عمر جي هن موڙ تي هوءَ فيض احمد فيض جون اهي سٽون سمجهي سگهي ٿي ته:

"جس ڌج سي ڪوئي مقتل ۾ گيا
وه شان سلامت رهتي هين
يه جان تو آني جاني هي
اس جان ڪي ڪوئي بات نهين

فيض جون اهي سٽون نذير جي نالي تي منديءَ جي ٽڪ وانگر ٺهي اچن ٿيون. اهو نذير عباسي جنهن تي قومپرست اديب ۽ صحافي طارق اشرف پنهنجي

جيل جي ڊائريءَ ۾ سپني اسيرن ڪان مختصر لکيو هو. جنهن ۾ هن چيو هو تہ"ڪاش! سنڌ جو هر نوجوان نذير عباسي جهڙي ڪردار جو مالڪ ٿئي" ڇا اسان اها دعويٰ اڄ ڪري سگهون ٿا" ڇا اسان جا هٿ هن دور ۾ بہ اهڙي دعا گهري سگهن ٿا؟ نذير عباسي جيڪو ويساهہ جي علامت هو ۽ آهي. استحصال ڪان پاڪ معاشري جي قيام جو ويساهہ ۽ ان ڳالهہ جو ويساهہ تہ آخري ساهہ تائين ظلم ۽ جبر جي خلاف جنگ جوٽي سگهجي ٿي. سنڌ ڪا اهڙي پارٽي ناهي جنهن جي ڪارڪنن تـوڙي اڳواڻن ڪنهن بہ دور ۾ اهو چيو هجي تہ نذير ننڍو ماڻهو آهي يا هو."ننڍي ماڻهو ۽ وڏي ماڻهو" ٻارو بحث اڄ بہ ڪري سگهجي ٿو. ٻڌا ماڻهو ڪير آهن؟ اهي جن وٽ مهانگيون گاڏيون، عاليشان بنگلا ۽ جديد سائنس جا سڀ سک آهن. يا هي ماڻهو جيڪي انسان ذات جي گڏيل ڏکن خلاف وڙهن ٿا ۽ دنيا ۾ ڦرلٽ، ظلم ۽ زيادتي ڏسي انهن کي چين نٿو اچي. جن جي زندگي هڪ اهڙي معاشري جي قيام لاءِ ارپجي وڃي ٿي. جنهن لاءِ شاعر خواب ڏسندا آهن.

پنهنجي بهادري، سمجهہ ۽ ثابت قدمي جي حوالي سان هڪ "انقلابي هيرو" جي ڪردار جا سڀ اکر پورا ڪندڙ ماڻهن جي شهادت وارو ڏينهن موٽي آيو آهي ۽ پاڻ سان گڏ سوين سوال بہ کڻي آيو آهي. پر پاڻ وائڙا ٿي وقت جي منهن ۾ نهاري رهيا آهيون ۽ سوچي رهيا آهيون تہ کيس ڪهڙو جواب ڏيون؟ نذير جي شهادت انهن ڏينهن ۾ ٿي هئي، جڏهن هيءَ دنيا ٻن ڪئمپن ۾ ورهايل هئي ۽ سياسي تجزيا بيحد سولا هئا. هڪ پاسي سامراجي دنيا هئي ۽ ٻئي پاسي سرخ انقلابي دنيا. نذير بين الاقوامي طور انقلابي دنيا جو طرفدار هو. ان دنيا جو حامي هو جيڪا هينئر تائين تاريخ جي تابوت ۾ پهچي چڪي آهي ۽ اها سچي انقلابي جدوجهد هڪ سپني وانگر وسري رهي آهي. جڏهن نذير جهڙن سورمن جو نالو کڻجي ٿو تڏهن ان ويسر جي واهڙ ۾ لڙهندڙ پل ڪجهہ وقت جي لاءِ رڪجي وڃن ٿا ۽ پڇاڻو ڪن ٿا تہ ماڙي پور کان وٺي ماسڪو تائين جيڪي بہ انقلابي ماڻهو سر جو سانگو ڪٽي انسان ذات جي بهترين آدرش لاءِ وڙهيا ۽ پنهنجون زندگيون قربان ڪري ڇڏيون ڇا انهن جون زندگيون ائين اجايون ويون جيئن زلزلن، طوفانن، سيلابن ۽ موتمار بيمارين ۾ مري ويل لکن ماڻهن جون زندگيون وينديون آهن؟ جيڪي رڳو "افسوس" جو اکر ڇڏي وينديون آهن.

اڄ اسان جي ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت کي سورنهن سال پورا ٿيا آهن. نذير جي جدائي جوان ٿي چڪي آهي ۽ اها پڻ هن وانڱي وقت وانگر اسان کان پڇي ٿي تہ" هو ڪير هو؟" نذير جي "سنڌ سٽ" وٽ انهيءَ سوال جو جواب اهو ئي آهي تہ "هن جو ڏس آسمان کان پڇو." ڇو تہ يا بنگلاديش جي انقلابي سورمن جي پڇاڻي جو سوال جڏهن انقلابي شاعر نذر السلام آڏو آيو هو تہ هن ان سوال جو منظوم جواب ڏيندي چيو هو تہ "جڏهن ڪائي آزاد شام پنهنجو پرچم ائين لهرائي

جيئن حسين دوشيزا آنچل لهرائيندي آهي ۽ سڦل جدوجهد جو سفر ياد ڪري توهان جا نيڻ پرجي اچن ۽ توهان جي گرد جدائي جي غم ۾ پنهنجي ڏڙڪن ڏيمي ڪري ڇڏي تہ توهان ملول نہ ٿجو ۽ اسان لاءِ آسمان ۾ نهار جو اسان توهان کي ستارن ۾ مرڪندا نظر ايندا سين"

"سنڌ" موجوده دور کان فقط ايترو ٿي پڇي تہ اسان نذير لاءِ آسمان ۾ ڪڏهن ڏسون.؟

ڇا هي حڪومتون نذير جي قاتل تي ڪيس هلائي سگهن ٿيون؟

ڪامريڊ غلام رسول سهتو 1996ع

اڳئين سال سرڪاري دانشورن ۾ (جن جي اڪثريت سابق سرخن جي هئي) وڏي حرڪت هئي. ائين پئي لڳو ڄڻ شهيد نذير عباسي جا اصل ۾ حقيقي وارث جاڳي پيا هئا. هاڻ قاتلن کي نه ڇڏيندا. ڪن اخباري بيان ڪڍيا ڪن مضمون لکيا ته ڪن وري وات سان اها يخي هنئي. مطلب ته سابق ڪامريڊ ڀهرين جيان ريڊ الرٽ تي هر ڪو پنهنجي ڊيوٽي تي قائم هيو. مير ٿيبي مون کي اطلاع ڪرايو ته جلدي پهچ. ٻڌايائين ته حڪومت پاران نياپو پهتو آهي ته نذير جو ڪيس اسين اٿلايون ٿا. ميجر امتياز کي به گرفتار ڪيو اٿئون. هاڻي فقط حميده گهانگهرو اچي ڪيس جي پيروي ڪري. سندس، زرقا ۽ مون لاءِ هوائي جهاز جون ٽڪيٽون پهتيون آهن. پر مان ساڻس وڃڻ کان انڪار ڪيو آهي. تون حميده سان گڏجي اسلام آباد وڃ. بينظير صاحبه گهرايو اٿس. مون چيس ته مان کليو ڳالهائڻ جو عادي آهيان. مان ته ڪيس چوندس ته محترمه اوهان پنهنجي والد جو ڪيس ته الائي ڪهڙين مجبورين تحت ڪو نه ٿا هلائي سگهو پر نذير جو قاتل ته اوهان جو دشمن به آهي. اوهان جي قيد ۾ به آهي، جي ان تي ڪيس نٿا هلائي سگهو ته پوءِ اسان جي زخمن تي لوڻ نه ٻرڪيو؟ جنهن تي مير ٿيبي چيو ائين ڳالهائبو آهي ڇا؟ پرائيم منسٽر آهي ميجر کي ڇڏي وري توکي جيل ۾ وجهرائي ڪجهه ڳالهيون رکڻ لاءِ اينيڪٽس به ٿيندا آهن. مون چيس ته مڙس به اسان جو مارجي، 15 سالن کان ڪيس به حڪومتون نه هلائين، پوءِ اندر جو آواز به حاڪمن تائين نه پهچائجي ته مقصد وڃڻ جو ڇا ٿيو؟ سندن خرچ تي اسلام آباد گهمي اچڻ مان ڪو نه ٿو چاهيان.مون پڇيس ته تون ڇو ڪو نه ٿو گڏجي وڃين؟ سندس موقف هيو ته مان نذير جو خون وڪڻڻ نٿو چاهيان!؟ حميده پلي وڃي، مان ڪو نه ٿو روڪيانس.....

بهرحال سابق ڪميونسٽن باهه ٻاري ڏني. زرقا جو انٽرويو ٿيو، حميده جو به انٽرويو ٿيو. شبير شر جو انٽرويو آيو، جام ساقي جو بيان آيو، مطلب ته جبار خٽڪ کان ويندي انور پيرزادي تائين سڀ سرگرم هيا. شايد هوائي جهاز جي ٽڪيٽن

جا پٽسا يوسف شاهين پريا ته استقبال لاءِ اتي اعجاز مهر ڪاوش وارو (پراڻو عزيز پوهيو جو شاگرد) موجود هيو ته عاشق سومرو کي جبار فون ڪري چيو ته حميده کي تون پاڻ وٽ رهاءِ. حڪومت اسلام آباد هوٽل ۾ حميده ۽ زرقا کي رهايو. ست اٺ ڏينهن رهائڻ جي باوجود ڪن ايجنسين جي آفيسرن جي ملاقات ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿيو ۽ انهن آفيسرن به حميده کي ڊيڄاريو ٿي"بي بي آپ اڪيلي باهر نه جايا ڪرين وه بهت طاقتور لوگ هين آپ ڪو نقصان پهنچا سڪتي هين" بينظير صاحبه ته مليس ئي ڪو نه. جنهن لاءِ نياپو هيو ته ان گهرايو اٿس. نصيرالله بابر به ڪو نه مليس، جو ڪو ڪٿي يقين ڏياري ها ته واقعي ڪيس هلايون ٿا. اهو ئي ٿيو جيڪو مون اڳين سال مضمون ۾ لکيو هو. انهن کي فقط ميجر کي بليڪ ميل ڪرڻو هو. چاڪاڻ ته هو انتهائي سازشي ماڻهو هو، ان کي چپ ڪرائڻي هين. انهي ۾ هو ڪامياب ويا. ان ٿي به پيو ڪو به ڪيس ڪو نه هو. باقي نذير جي ڪيس ۾ بلڪل سڪ هو ۽ آهي پوليس جي صوبيدار ان وقت فوج کان لکرائي ورتو هو ته"هي نذير عباسي 9 آگسٽ تائين اسان جي تحويل ۾ هيو ۽ فوج جي صوبيدار کان بيان ڏيارايو هين ته نذير عباسي ميجر امتياز جي تحويل ۾ هو. ان وقت فوجين بيان ڏياريو هو ته نذير عباسي خودڪشي ڪري ڇڏي هئي ته ان وقت مون کي ڏاڍي تڪليف ٿي هئي ته هي اسلامي فوج جا آفيسر ايترا ڪمر ظرف آهن، جو سچ ڳالهائي به نه ٿا سگهن. حالانڪ اسان اهڙن انقلابين لاءِ پڻ پڙهيو هيوسين جن پنهنجون زبانون ڏندن جي وچ ۾ ڏئي ڪپي ڇڏيون پر پڙڪ به پاهر نه ڪڍي هئي. انهن جي سهڻي لطيف هيئن ترجماني ڪئي آهي:

"جي لوڻ لڳين لائين ڇيري ڇيري چم
مون ڪر ڪو نه ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعوي دم، تان تان پريت پنهوارن سين "

اهڙن موقعن تي پنهنجن سائين مٺان باهڻ بدران پنهنجي جان جو نذرانو ڏيڻ ئي بهتر هوندو آهي. پر نذير انهيءَ کان به وڌي حوصلي وارو انسان هو. انهن ئي ڏينهن ۾ مون کي هڪ نيول اڪيڊمي جي ڪنهن جوان ٻڌايو ته مان ڊيوٽي ڪري ستو پيو هيس ته منهنجي آفيسر وٽ ڪو مهمان آيل هو. انهن جي وچ ۾ ڳالهين هلندي هلندي وچي نذير جي وفات جي ڳالهه نڪتي ته فوجي جوان چيو ته"عباسي هيو بهادر انسان، هن جو ڳالهائڻ ئي ٻڌائي پيو ته ڪنهن ملڪ جو ايجنٽ ڪو نه هو ان تي آفيسر ڏٺو ته فوجي جوان به ان کان متاثر ٿيڻ لڳو آهي. ان بڪواس ڪرڻ شروع ڪئي چوڻ لڳو ته عباسي آخر ۾ اهي منٿون ڪيون ۽ رڙيون ڪيون ته جيئن چئو ته بيان ڏيان پر مون کي ڇڏيو ته مون ڪيس چيو ته هنن آفيسرن وٽ ته انگريز ڏارين جيتري به غيرت ڪونهي جو انهن هوش محمد شيدي کي مارڻ کان پوءِ سلام پيش

ڪيو هو. هي ايترو بہ برداشت نٿا ڪن تہ ڪنهن جي مارجي وڃڻ ڪان پوءِ بہ ان جو اهو تاثر نہ رهي تہ هو هڪ بهادر انسان بہ هو. اڳئين سال زرقا عباسي شهيد جي نياڻي ڪان انٽرويو ورتو ويو تہ" ان چيو تہ مان فوج ۾ ويندس" تہ ان ڪي سب ايڊيٽر صاحب انٽرويو مان ڪٽي ڇڏيو هو. جنهن تي زرقا رڙيون ڪيون تہ منهنجو پورو انٽرويو ڇو نہ ڇاپيو ويو. مان اڄ بہ فوج ۾ وڃڻ تي بضد آهيان. شهيد نذير عباسي کي پنهنجي جان جو نذرانو ڏيندي اڄ 16 سال ٿيا آهن ۽ سندس هن دنيا ۾ فوٽو ڪاپي زرقا عباسي اڄ 17 سالن جي ٿي چڪي آهي. سندس هڏ ڪاٺ منهن مهاندو هڪ سئو سيڪڙو نذير جيان آهي. سندس مرڪ، سندس ٽهڪ، سندس مشڪرن واريون حرڪتون پڻ نذير واريون آهن. هن کي پنهنجو رول هن دنيا ۾ ادا ڪرڻو آهي، پوءِ ڇاهي ڪهڙو بہ ادا ڪرڻ چاهي، اهو سندس حق آهي. اسين ڪامريڊ ڪير ٿيندا آهيون جو ڪيس روڪيون تہ فوج ۾ نہ وڃ، ڇو جو تنهنجو پيءُ انهن ماريو هيو.

مان پاڻ اڄ بہ ان جو قائل آهيان تہ سياستدان ايترا تہ ڪرپٽ ٿي چڪا آهن. جو جنهن کي وارو ملي ٿو اهو ڊالر ٺاهڻ جي چڪر ۾ آهي. وري ہيو اڇي ٿو تہ اهو بہ ساڳئي ڏنڌي سان لڳيو وڃي. ڪو بہ فرق نہ آهي. اي ڊي خواجہ هڪ پوليس آفيسر آهي تہ ان جي ايڏي وڏي عزت آهي، جو شايد ئي ڪنهن پوليس آفيسر کي ايتري عزت ملي هجي. يا ڪنهن بہ هن وقت جي سياستدان کي ملي هجي. نثار صديقي ڪمشنر آهي تہ ان تي نوشهروفيروز جو عوام يا سکر جو عوام اڄ بہ عاشق آهي. اهڙي طرح زرقا عباسي فوج ۾ وڃي اهم رول ادا ڪري سگهي ٿي. اسان جي نفرت انهن جي ڪردار ڪان آهي. ڪالهہ اهي فوجي عملدار آمريڪا جا وڏي ۾ وڏا چاڙتا هيا. خود انهن جو وڏو چاڙتو ضياءُ هو. ان جو حشر بہ خود آمريڪا اهڙو ڪري ڏيکاريو جو مثال بڻجي ويو آهي. هاڻي خود هتان جي اصل حاڪمن جي ضرورت بڻجي وئي آهي تہ آمريڪا جي خلاف آواز اٿڻ گهرجي. ان لاءِ جماعت اسلامي کي تيار ڪيو ويو آهي پر ان جو اهو تاثر ڪو نہ ٿو ويهي ڇو تہ جماعت اسلامي سڄي حياتي حڪمرانن جي پسند جي سياست ڪئي آهي. هاڻ هر ڪو سمجهي پيو تہ "قاضي آ رها هي" ڪير پيو ڇورائي؟ جي اصل حاڪمن ۾ ڪو بہ حقيقي غيرت مند هوندو تہ اهو اندر ۾ ضرور شرمندو ٿيندو هوندو تہ اسان ئي وطن دوست سياست کي ختم ڪرائڻ لاءِ ايجنٽ سياست شروع ڪرائيسين. اڄ هر ڪو ايجنٽ سياستدان ڊالر ڪمائڻ جي ڪڍ آهي. هونئن بہ جيڪو ايجنٽ سياستدان آهي اهو ڪهڙي وطن دوستي ڏيکاريندو يا انسان دوستي ڏيکاريندو؟ ان جو تہ دين ڌرم ڊالر هيو ۽ آهي. اڄ جي نذير عباسي شهيد جي دوستن مان ڪو ڪيئن بہ ڪري ڊالر ڪمائڻ واري سياست جي ڪڍ آهي تہ انهيءَ بہ نذير جي خون جو سودو ڪيو جي اڄ نذير جي 16 ورسي تي ويهي اهو سوچيو تہ پي پي حڪومت نذير جو ڪيس نہ اٿلائي غداري ڪئي

آهي تہ اهو غلط ٿيندو. غدار تہ ان کي چئبو آهي جيڪو ڪالهہ تائين اسان جو نظرياتي ساٿي هجي ۽ اڄ اڄي حاڪم طبقن سان ملي ڳٽ جوڙ ڪري غداري ڪري ويو هجي. باقي جيڪو ڪالهہ بہ حاڪمن جو ايجنٽ هيو ۽ اڄ بہ آهي تہ ان تي ڪهڙي معيار؟ ان جو تہ اهو پيشو ٿيو انهي ڪري هنن حڪومتن مان اهي توقعات رکڻ ٿي بيوقوفي جي برابر آهي تہ" هي پيئو پلاٽو ڪلچر" جا مالڪ ڪو نذير جي ڪيس اٿلائڻ جو واقعي سوچي بہ سگهن ٿا؟. لکين بنگالين جي قاتل ٽڪا خان کي هنن چيف آف اسٽاف جو رتبو ڏنو. هي بہ تہ انهي جي نقش قدم تي هلندڙ آهن. بلڪ هي تہ انهي کان هزار دفعا وڌيڪ ڪرپٽ حڪومتون آهن. هن دور ۾ ڪرپشن هنن جي سجاٽپ ٿي وئي آهي. هاڻي هر اهو ماڻهو نذير جي قاتلن جي صف ۾ شمار ٿيندو. جيڪو انصاف جو دشمن آهي، هارين جي خوشحالي جو دشمن آهي، جيڪو پورهيتن جو دشمن آهي، جيڪو قومن جي حق خود اختياري جو دشمن آهي ۽ هڪ ڪرپٽ سياستدان تہ نذير جو وارث ٿي نٿو سگهي. اڳئين سال عبدالله شاهہ چگو ڪيو جو نذير جي ورسي تي ڪو نہ آيو نہ تہ هڪ منافقي واري تقرير ڪرڻي پويس ها. ڇو تہ نذير عباسي هڪ ڪردار جو نالو آهي. هو سڄي جياتي حاڪمن خلاف تہ وڙهندو رهيو پر يونيورسٽي اندر بہ پنهنجي پتہ خورن سان وڙهندو رهيو. انهن ڪيس ڪافي مارون بہ ڏنيون، پر نذير عباسي حاڪمن کان ڪو نہ ڊنو. سو انهن ايجنٽن جي ايجنٽن کان ڪٿان ٿي مرعوب ٿيو. اڄ نذير جي شهادت واري ڏهاڙي تي اچو تہ وچن ڪيون تہ نذير جي ڪردار جهڙو ڪردار بنائڻ لاءِ ڪوشش ڪنداسين. ڀلي ڪو نذير جيان سر جو نذرانو ڪٿي نہ بہ ڏئي پر ايترو تہ ڪري سگهجي ٿو جو هنن مارو ماڻهن جي خون مان ڀي ٽي سرڪيون ڪٿي پاڻ نہ ڀري، تہ ان بہ ڇڻ نذير جي ساٿي هجڻ جو ثبوت ڏنو. اوهان ڏنو هوندو تہ حاڪمن هٿان ڪيئي سياسي ڪارڪن مارجي ويا. پر انهن سڀني مان سياسي طور زندهہ فقط نذير عباسي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جو ڪردار بہ هر طرح شفاف ۽ اڏول رهيو. بغير ڪردار جي سياست ڪرڻ منافقي برابر آهي. تنهن ڪري ڪريل ڪردار وارو ماڻهو نذير جو ساٿي نہ ڪالهہ هيو نہ اڄ ٿي سگهي ٿو. جي ڪو سڏائي ٿو تہ اهو پنهنجي ٿو هٽي. جهڙي ريت محمد امين ڪوسي سائين جي ايير سيد کي لکيو هيو تہ پٽائي جي روزي تي ڪامورا اچي لطيف تي ڳالهائن ٿا اهو ائين آهي جيئن گڏهہ هينگندا هجن ۽ ڪتا ڀونڪندا هجن.

نذير عباسي جي قتل جي ايف آءِ آر موجود آهي

نذير عباسي ڪيس جو وڪيل اختر حسين ايڊووڪيٽ ڪيس بابت حقيقتون ٻڌائي ٿو

1996ع

اختر حسين ناليوارو وڪيل آهي پر سنڌ جي ماڻهن سنڌس نالو وڪيل طور گهٽ پر ترقي پسند سياستدان طور وڌيڪ ٻڌو هوندو. نيشنل عوامي پارٽي، پاڪستان سوشلسٽ پارٽي، ورڪرز پارٽي ۽ ٻين ترقي پسند جماعتن جو سرگرم اڳواڻ رهيو. ملڪ ۾ ماڻهپي جي حقن خلاف ٿيندڙ قانوني جنگ ۾ سندس ٻـ ڪردار آهي، ملڪ ۾ ترقي پسند ڌرين خلاف جيڪي سازشون ٿيون انهن کي وائکو ڪرڻ کان وٺي ترقي پسند سياسي اڳواڻن کي قانوني مدد فراهم ڪرڻ تائين اختر حسين ايڊووڪيٽ جو ساراهـ جوڳو ڪردار رهيو ۽ بدترين آمريتي دور ۾ سندس اهڙو ڪردار تاريخ ۾ امر يادگيرين طور سجاتو ويندو. ملڪ ۾ مشهور ڄام ساقي ڪيس ۾ بئريسٽر عبدالودود اختر حسين ايڊووڪيٽ ٺي وڪيل هئا. 9 آگسٽ 1980ع تي نذير عباسي جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ عبدالودود ۽ اختر حسين هاءِ ڪورٽ ۾ نذير جي ونـي حميده گهانگهرو جي پٽيشن داخل ڪئي هئي ساڻس نذير عباسي جي شهادت ۽ ڪيس بابت ٿيل ڳالهه ٻولهه هن ريت هئي.

س: اوهان نذير عباسي ۽ سندس ٻين ساٿين جا وڪيل هئا. آمريتي ۽ مارشل لائي دور ۾ وڪيل هئڻ وقت اوهان ڇا محسوس ڪيو ۽ اوهان کي ڪهڙيون مشڪلاتون پيش آيون؟

جواب: اصل ۾ ان ڪيس جا ٻـ پهلو آهن. هڪ پهلو اهو آهي تـ جنرل ضياءُ اهو ڪيس ترقي پسند ۽ ڪميونسٽن خلاف ٺاهيو ان ڪري اسان جمهوريت پسند هئڻ ناتي ان ڪيس کي رد ڪيو ۽ ٻيو پهلو اهو آهي تـ ان ڪيس کي اسان انساني ۽ جمهوري حقن خلاف سازش سمجهـي بطور وڪيل پنهنجو فرض سمجهندي وڙهيوسين، ڇو تـ ضياءَ جي پوري دور ۾ جيڪو بـ ماڻهو ملٽري جي رول جي مخالفت ڪندو هو پوءِ ان کي ملڪ دشمن چيو ويندو هو ان وقت ملڪ جي حالت اها هئي جو ملڪ ۾ جمهوري ادارا نـ هجڻ ڪري فوج جو سياست ۾ عمل دخل وڌي ويو هو ان وقت جيڪي ماڻهو چوندا هئا. سياست ۾ فوج جي مداخلت غلط آهي اڄ هيترا سال

گذرڻ ڪانپوءِ اها ڳالهہ ثابت ٿي وئي آهي تہ اهي ماڻهو جيڪي جمهوري ادارن جي بحالي ۽ فوج جي مخالفت ڪندا هئا اهي صحيح هئا ٻي ڳالهہ آهي"ڊيموڪريٽڪ اسٽينڊ" جي چو تہ ادارن جي گهٽي مداخلت نہ صرف عوام لاءِ پر ملڪ لاءِ بہ خطرناڪ آهي ۽ هاڻ ان جو ثبوت ملي ويو آهي ۽ هاڻ ڏسو اهو سڀ ڪجهہ ثابت ٿي رهيو آهي تہ آءِ ايس آءِ ۽ ٻيون ايجنسيون ڪيئن نہ سياست ۾ ملوث هيون. مان چوندو رهيو آهيان تہ آءِ ايس آءِ جو باقاعده سياسي رول 1973ع کان شروع ٿيو نعپ جي دور ۾ انٽر سروسز ايجنسي (آءِ ايس آءِ) بيسيڪلي(بنيادي) سياسي ڪم شروع ڪيو. خود اسلم بيگ اها ڳالهہ ڪئي آهي تہ اسان کي سياسي ذميواريون 73 کان پوءِ ڏنيون ويون. ان حوالي سان اسين سمجهون پيا تہ مارڪسٽن يا ترقي پسندن خلاف جيڪي ڪيس ٺيا اهي سڀ هٽ نوڪيا هئا چو تہ اڳتي هلي ڪيس ڪندڙ خود انهن ڪيسن تان هٽ ڪٿي ويا. اهڙا سمورا ڪيس نعپ ڪيس سازش ڪيس يا ڪميونسٽن خلاف ڪيس ٺيا اهي سڀ ڪيس هاڻ ڪوڙا ثابت ٿي چڪا آهن. ان ڪري اسان جي انهن ڪيسن خلاف جيڪا قانوني جنگ وڙهي هئي اها صحيح جنگ هئي.

سوال: نذير عباسي جو ڪيس ڪجهہ منفرد ٻڌجي ٿو. يعني نذير جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ ان ڪيس کي وائکو ڪرڻ ۾ اوهان کي پريشانيون ٿيون هونديون. هڪ وڪيل طور اوهان ان وقت ان ڪيس کي ڪيئن محسوس ڪيو؟

جواب: خود منهنجو ذاتي طور ان وقت واسطو اهڙن ماڻهن سان هو جيڪي ان ڪاز لاءِ وڙهي رهيا هئا جنهن ڪاز لاءِ نذير جنگ ڪري رهيو هو ۽ ٻيو تہ هڪ جمهوري رائيٽ لاءِ وڙهڻ وڪيل جي ڊيوٽي ۾ شامل آهي ۽ انساني حقن خلاف ٿيندڙ پچڪڙي خلاف آواز اٿارڻ وڪيل جي پروفيشنل ازم جو حصو آهي ان ڪري مون سڀ ڪجهہ محسوس ڪندي يعني آرمي سميت ادارن جي ۽ حڪومت ۾ نظر اچڻ واري ڳالهہ تہ ڪئي پر ان جي باوجود نذير عباسي جو ڪيس بطور هڪ وڪيل جي مون وڙهيو.

سوال: ان وقت اوهان جي اڳيان ڪي رڪاوٽون پيدا ٿيون؟

جواب: عدالت تائين پهچڻ واري مرحلي ۾ تہ ڪي رڪاوٽون ڪو نہ رهيون سواءِ پروفيشنل ڪيريئر ۾ رسڪ کڻڻ واري ڳالهہ جي جيڪا مون توهان کي ٻڌائي. باقي نذير عباسي يا ڄام ساقي ڪيس جي پيٽ ۾ نعپ واري ڪيس ۾ عدالت تائين پهچڻ ۾ بہ رڪاوٽون ڪڙيون ڪيون ويون هيون چو تہ ڪيس جيل اندر هلندا هئا اسين مختلف وڪيل ڪيس وڙهڻ حيدرآباد ويندا هئاسين ان وقت وڏو مسئلو اهو هو تہ جيل وارا چوندا هئا اسان توهان جا بريف ڪيس چيڪ ڪنداسين پر اسين چوندا هئاسين اسين پنهنجي ڪيس جا دستاويز اوهان کي ڪيئن ڏينداسين. ان تي اڪثر ڦڏو ٿيندو هو ٻيو اهو تہ ڪورٽ طرفان اهو حڪم هو تہ اسان جي رهڻ لاءِ ڪنهن سٺي هوٽل ۾ حڪومت بندوبست ڪري پر اٿارٽين طرفان ان جي ابتڙ ڪيو ويندو هو جو اسان کي ڪنهن بہ هوٽل ۾ ڪمرو ئي نہ ملندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مجبور ٿي

اسان وڪيلن کي نندڙن فوٽ پاٿي هوٽلن ۾ رهڻو پوندو هو جڏهن تہ ان وقت سرڪاري وڪيلن کي سرڪاري ريسٽ هائوس ۾ رهايو ويندو هو.

سوال: چوڏهن سالن گذري وڃڻ کان پوءِ قانوني نقطہ نگاهہ کان اوهان هن وقت نذير عباسي جو ڪيس اٿلائڻ واري سوال تي ڇا چوندا؟

جواب: نذير جو ڪيس جي باري ۾ منهنجو اهو خيال آهي تہ هن ڪيس جي جوابدارن خلاف جاچ ٿيڻ گهرجي. ڇو تہ قانوني طور تي هڪ ايف آءِ آر داخل آهي قتل جي ايف آءِ آر داخل ٿيڻ کان پوءِ ان جي انويسٽيگيشن ٿيڻ قانوني فرض آهي. اڄ هن گورنمينٽ کي اها خبر آهي تہ نذير عباسي جا دوست اهو مطالبو ڪندا آيا آهن تہ ان ڪيس جي تحقيقات ٿيڻ گهرجي ۽ اهو مطالبو بلڪل قانوني ۽ اصولي ۽ انصاف جي گهرج تي ٻڌل آهي. اڄ مان هڪ وڪيل طور هن گورنمينٽ کي چوان ٿو انصاف جي تقاضا پوري ٿيڻ گهرجي ڇو تہ نذير عباسي جي ڪيس ۾ خود سرڪاري اهلڪارن اها ڳالهہ مڃي آهي تہ نذير جو موت ادارن جي تحويل ۾ ٿيو آهي ۽ ان جا اسان وٽ دستاويزي ثبوت موجود آهن تہ پوءِ سرڪار جي اها ذميواري بڻجي ٿي تہ هو هن ڪيس جي پوري پوري تحقيقات ڪرائي ۽ ڪيس ۾ ملوث ماڻهن کي بي نقاب ڪري.

نذير جي جسم تي ٽارچر دوران ٻارنهن زخم هئا

حميده گهانگهرو 1996ع

حميده گهانگهرو سنڌ جي اها سورمي آهي، جنهن ستين درجي ۾ ٿي هڪ ڪاليج جي مطالبي سبب پنهنجيءَ ڀيڻ زبيده ۽ پيءُ سميت جيل جو منهن ڏٺو. ڪميونسٽ پارٽي جي شاگرد ونگ ۾ سندس خدمتون ۽ تنظيم سان سچائي تاريخي حيثيت رکن ٿيون. حڪمرانن حميده کي نارا جيل ۽ مچ جيل ٻه ڏيکاريو. سنڌ جي تاريخ ۾ حميده ۽ زبيده جهڙن باهمت، باڪردار ۽ اڏول مايون گهٽ ۾ گهٽ سياست ۾ مشڪل ملنديون. قوم جي حقن حاصل ڪرڻ لاءِ حميده گهانگهرو سياست ۾ پنهنجو مڙس به گهوري ڇڏيو. شهيد نذير عباسي شهادت ماڻي امر ٿي ويو. حميده ۽ زبيده جي اڏولائپ ۽ همت ۾ سندن والد هاري اڳواڻ ڪامريڊ محمد هاشم گهانگهري جو به وڏو هٿ آهي. جس هجي ان مرحوم کي جنهن اهڙيون ڌيئرون ڇڏيون.

حميده سياست دوران جيڪا زندگي گذاري سا روپوشي ۽ جيلن واري هئي. جڏهن شهيد نذير عباسي شهيد ٿيو ان کان پوءِ ته ويتر ويچاري ڏکن ۾ اچي وئي ۽ آخر هوريان هوريان پارٽي جي اڻنگي رويي سبب ڪميونسٽ پارٽي کان پري ٿي وئي. سندس شخصيت جا ڪيئي روپ آهن. هوءَ بهترين ماءُ به آهي ته شفيق ڀيڻ ۽ ان ڪانسواءِ پڙهائڻ ۽ سماجي خدمتون به هن جي زندگي جو حصو آهن. حالتن، پارٽي ۽ رشتن ۾ حميده گهانگهرو ڇا وڃايو ۽ ڇا پلئه پاتو ان جو اولڙو هن ڳالهه ٻولهه مان پسي سگهجي ٿو.

سوال: ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اوهان شهيد نذير عباسي جي ڪيس جي صحيح طرح پوئواري ناهي ڪئي؟

حميده: ڪيس جي پوئواري جو جيڪو تعلق آهي ته ان سلسلي ۾ 1994ع ۾ منهنجي ڌيءَ زرقا جي اپيل تي ٿوري هلچل شروع ٿي هئي. ان ۾ مون اهو ڪيو ته گهڻن ساٿين جي انڪارجي باوجود مون بيان ڏنو هو. ساٿين جو چوڻ هو ته ڪجهه عرصي کان پوءِ خاموشي ٿي ويندي. منهنجو موقف هو ته اسين اڄ تائين رڳو ڪتابن ۽ اخبارن ۾ آيل واقعا ۽ قصا نذير سان ڳنڍيون ٿا. جڏهن ته جانچ سان ڪي حقيقتون ضرور سامهون اينديون آهن. منهنجي پوئواري جي ڪري اسان کي اصلي پوسٽ مارٽم رپورٽ ملي جنهن ۾ واضع آهي ته نذير جي جسم تي ٽارچر دوران ٻارنهن زخم آهن. جڏهن ته اخبارن ذريعي مختلف قصا سامهون آيا. اخباري بيان ڏيندڙ ماڻهو جيڪڏهن واقعي سنجيده ٿي ان ڪيس کي کڻن ها ته ضرور ڪجهه نه ڪجهه ٿئي ها.

اسان وٽ هڪ ٽرينڊ آهي تہ ورسي تي ڪو مضمون لکي ڇڏيندا آهيون. باقي ڪو ياد ئي نہ هوندو آهي. هڪڙي مضمون ۾ هڪ ڀاءُ تنقيد لکي هئي تہ حميده بيان جي لاءِ اسلام آباد نہ وئي هئي. جڏهن تہ مان وئي هئس. حقيقت ۾ جيڪڏهن نذير جي ڌيءُ زرقا ۽ مون سان هنن جو ڪو ٿورو بہ رابطو هجي ها تہ ڪين ضرور خبر پئجي وڃي ها. اهو سمورو بار زرقا ۽ مون اڪيلي سر ڪنيو. آمرن نذير کي شهيد ڪيو. نذير عباسي جي ڪجهہ سائين، جيڪي پاڻ کي سياسي رکوالا سمجهندا هئا. تن منهنجن انهن جذبن ۽ سوچن کي قتل ڪيو. اهڙي نموني منهنجي نظر ۾ قاتل ٻن قسمن جا آهن. هڪ آهي جيڪي ماڻهو مارن ۽ ٻيا آهي جيڪي جذبا ۽ سوچون قتل ڪن.

سوال: نذير سان توهان جي شادي ڪڏهن ٿي ۽ پوءِ جيل ڪيئن ويا؟

حميده: نذير سان 78- 2- 4 ۾ شادي ٿي ۽ ميندي رتن هٿن سان ئي 78-3- 4 تي پٽ فيڊر ۾ هارين تي ڪيل ڏاڍاين خلاف بک هڙتال ڪرڻ تي گرفتار ڪري مچ جيل اماڻيو ويو. مان اجا جيل ۾ ئي هئس تہ نذير کي حيدرآباد مان گرفتار ڪيو ويو. جيل وارا ٽوڪون ڪندا هئا تہ اوهان ٻنهي جي هني مون جيل ۾ پيو ملهائجي. منهنجي مينديءَ وارن هٿن کي ڏسي هو چوندا هئا تہ توهان تہ جيڪر جيل جي ماني نہ پر ٻاهر جون دعوتون کائو ها.

سوال:نذير کي ڪهڙي جيل ۾ رکيائون؟

حميده: جيل ۾ نہ، البتہ ڪنڊياري لاڪپ ۾ ڪجهہ ڏينهن هو. تہ مان جڏهن آزاد ٿي ڪنڊياري ملڻ وئي مانس تہ ٻئي ڏهاڙي خبر پئي تہ سنڌس پيءُ وفات ڪري ويو آهي. مون ۽ ادي غلام رسول سهتي ڏاڍي ڪوشش ڪئي تہ نذير آخري رسمن ۾ شامل ٿئي پر اجازت نہ مليس مورڳو ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ٻنا ٻڌائڻ جي اٽڃاتل ماڳ ڏي وٺي ويس.

سوال: ان صورتحال ۾ اوهان ڇا ڪيو؟

حميده: ٻهرين تہ سيني جيلن ۽ ٿاڻن تان ٻڇا ڪئي سين پريس ڪانفرنسون ڪيون سين پر ڪا خبر نہ پئي. هاءِ ڪورٽ ۾ حسب بي جا جي رٽ داخل ڪئي سين جنهن تي پنجن مهينن ڪان پوءِ اوچتو ڪوئيٽا قلي ڪيمپ مان نذير کي آزاد ڪيو ويو. پر انهن ڏينهن ئي محرابپور ۾ بابي کي نذير جي گرفتاري جا وارنٽ ڏيکاريا ويا. جنهن تي وري روپوش ٿيڻو پيس.

سوال: روپوشي ۾ اوهان شامل هيئو؟

حميده: نذير تنظيم جو صدر ۽ مان جوائنٽ سيڪريٽري هئس ٻنهي کي روپوش ٿيڻو پيو. پر وري ٻيهر ريگل چونڪ تي ادي ڇانہ ساقي جي آزادي لاءِ مظاهرو ڪندي گرفتار ڪري مون کي سکر جيل اماڻيو ويو.

سوال: نذير ٻيهر ڪڏهن گرفتار ٿيو ۽ شهادت ڪڏهن ٿي ۽ توهان ڇا ڪيو؟

حميده: 30 جولاءِ 1980ع تي نذير بيهر گرفتار ٿيو ۽ ڏهن ڏينهن کان پوءِ 9 آگسٽ 1980ع تي شهادت جو واقعو ٿيو. منهنجو ڪاٺڻ پيٽڻ بند ٿي ويو. ٽئين ڏينهن تي امان(نذير جي امڙ) مون کي اسپتال وٺي وئي، جتي گلوڪوز جي ڊرپ لڳي. اهڙي نموني فروٽ جو ٿورو ٿورو جوس پيارڻ لڳا. پوءِ ڪجهه ڳالهائڻ به لڳس. سڀني کي چيم مان بدلو وٺندس. شهيد ته امر هوندا آهن. سندن زالون عدت ناهن ڪنديون. اهو چئي مون سترهين آگسٽ تي نذير جي بيڏوهيءَ لاءِ ايف آءِ آر داخل ڪئي.

سوال: زرقا (موتيا) لاءِ اوهان جي ڪنهن مٽ مائٽ، دوست يا سياسي ساٿي مدد ڪئي؟.

حميده: نه ڪنهن به نه ۽ ڪڏهن به نه! مان نوڪري ڪري هن جون سڀ ضرورتون پوريون ڪيان ٿي. تمام گهڻي ڏک مان(مون کي ڪنهن جي مدد جي ضرورت به ناهي جن نذير جي خون کي نه سڃاتو تن جي مدد جي ڪهڙي ضرورت آهي)

سوال: ضياءُ آمريت جو نشانو بڻيل توهين به هڪ عورت آهيو ۽ محترمه بينظير ڀٽو به. توهان هڪ زال جي روپ ۾ محترمه هڪ ڌيءُ جي روپ ۾ جيل ۾ روپوشي ۽ ذهني اذيت سٺي. توهان ڪيس انصاف جي اپيل ڪئي آهي؟.

حميده: انصاف تي مون کي ياد آيو ته به سال اڳي منهنجي ڌيءُ جي اپيل تي ڪيس بيهر اٿلايو ويو. جنهن تي محترمه هوم ڊپارٽمينٽ کي چيو ته ان تي ڪافي ڳالهيون سامهون آيون پر خبر ناهي ته پوءِ ڇا تي خاموشي ٿي وئي.

سوال: ڇا بينظير ڀٽو جي حڪومت کان اوهين مطمئن آهيو؟.

حميده: پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪافي حڪومتون آيون ۽ ويون، ماضي جي پ پ حڪومت کان هاڻي بينظير ڪافي پختگي سان واڳون سنڀاليو بيٺي آهي. هن عورتن کي ڪافي سجاڳ ڪيو آهي. وومين بئنڪ، وومين ٿاڻا، ڪميونٽي سينٽر، ليڊي هيلٿ ورڪرز، نوڪرين ۾ عورتن جي ڪوٽا، ٽي وي تي ئي ڏسو ته اڄ تي ڊراما عورتن جي مسئلن تي آهن. ائين امن امان قائم ڪرڻ ۽ ٻيا ترقياتي ڪم وغيره ساراهڻ جوڳا عمل آهن.

سوال: اوهان سياست يا عام زندگي ۾ ڏاڍا ڏک ۽ جيل ڏٺا. جيل ته جيل ئي هوندا آهن ٻڌايو ته سڀني کان وڌيڪ ڏکيو جيل اوهان کي ڪهڙو لڳو؟

حميده: سکر ۽ نارا جيل ۾ ملاقات بند هئي، جنهن ڪري، وقت قيدياڻين سان ڪچهرين ۾ گذرندو هو. باقي مڇ جيل گرمين ۾ گرم ۽ سردين ۾ انتهائي ٿڌو هوندو هو. پر پختو عزم سڀ تڪليفون بي معنيٰ ڪري ڇڏيندو هو. جيل ۾ هر گهڙي هر پل اهم هوندو آهي. ڪيترائي واقعا ٿيا جن مان به واقعا مون کان ناهن وسرندا. هڪ ڀيري رات جي ٻي وڳي سکر جيل آندو ويو ته ڏاڍي خاموشي هئي، ميٽرن اوچتو وارڊ کوليو ته سڀ قيدياڻيون سيخن مان ڏسڻ لڳيون ۽ رڙ ڪري چين ته ڪير آهي؟

ميٽرن چين تہ قيدياڻي، وري پڇين تہ پڪي يا ڪچي، جواب ۾ ڪچي. قيدياڻين وراڻيو تہ پوءِ اچلينس ايڏانهن ڪچين بنگالين ۾. ميٽرن چين تہ هوءَ توهان کي سڃاڻي ٿي. اصل ۾ هي اهي ئي قيدياڻيون هيون جن سان ادي زبيده ۽ مان نارا جيل ۾ رهيون هيونسين. پوءِ تہ پاڪر پاتن، سڄي رات ڪچهري ۾ گذري. صبح ساڻ ڪا صابڻ ڪٽي آئي تہ ڪا پنهنجا ڌوتل ڪپڙا. قيدياڻين جي اها پنهنجائپ اڄ بہ مون کي ياد آهي بيو مڇ جيل جو واقعو آهي. جڏهن اتي بہ رات جو ٻارهين هڪ وڳي نيو ويو تہ مون سان گڏ ڪجھ ٻيا ساٿي بہ هئا. انهن کي مرداڻي وارڊ ۾ وٺي ويا ۽ اسان کي زناني ۾ پوءِ بنا پڇا ڳاڇا جي پير شهاب کي صوبيدار ڏاڊو ماريو ۽ چيو"سالي لڙڪي اغوا ڪرتا هي" منهنجي خيال ۾ بلوچستان جي تاريخ ۾ اهو پهريون سياسي قيدياڻين جو واقعو هو. صبح جو جيل وارن کي خبر پئي تہ اسين سياسي قيدي آهيون پوءِ تہ هو معافي وٺڻ لڳا.

سوال: ايترين تڪليفن سهڻ جي باوجود توهان سياست کان پري ڇو ٿي ويا؟

حميده: مان سياست کان پري ناهيان ٿي، حالتن نراسائي جي اوڙاهہ ۾ اهڙو اڇليو آهي جو مون پاڻ بچايو آهي. اهو ئي مون لاءِ غنيمت آهي. اصل ۾ نذير جي شهادت کان پوءِ ڪجھ ساٿين جي بي حسي ۽ اوپرائپ وارو رويو شروع ٿي ويو. ماڻهن جي منهن تي چڙهيل مڪاري جا غلاف لهڻ لڳا. مون اڪيلي سر انهن سان ويڙهہ ڪئي. منهنجو واسطو ڪنهن امير گهراڻي سان نہ هو ان ڪري وچ درياهہ ۾ ئي اڪيلي رهجي ويس. پر چوٽي آهي تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪنارو ضرور ملندو.

سوال: مير ٿيٻي سان اوهان جي شادي ڪڏهن ٿي ۽ مير صاحب جو شهيد جي نياڻي زرقا عباسي سان رويو ڪيئن هوندو آهي.

حميده: ڊسمبر 1983ع ۾ مير سان شادي ٿي مير جو زرقا(موتيا) سان تمام سٺو رويو هوندو آهي. مير، موتيا کي ننڍي هوندي کان ئي پاليو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪاليج جي بس نڪري ويندي اٿس تہ ڪيڏي بہ گرمي هجي يا سردي مير ڪيس ڇڏي ۽ وٺي ايندو آهي. مير سان ايتري ئي فرمائش ڪندي آهي جيتري مون سان بلڪہ جيڪا مان نہ مڃيندي آهيان سان مير کان مڃرائيندي آهي.

سوال: توهان جون اڄڪلھ ڪهڙيون مصروفتيون آهن؟

حميده: پڙهڻ ۽ پڙهائڻ ڪانسواءِ پيپلز ورڪرز يونين پاڪستان اسٽيل جي ايجوڪيشن ڪميٽي ۾ هڪ ميمبر ۽ ايجوڪيشن ايڊوائيزر جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي آهيان. ورڪرز يونين جي بهترين ڪارڪردگي جي ڪري ئي مان ايجوڪيشن ڪميٽي جي ايڊوائيزر ٿيس. يونين اسٽيل مل جي تاريخ جو بهترين چارٽر آف ڊمانڊ منظور ڪرايو. جنهن ۾ بيڻ تي پگهارون وڌيون. رهائشي منصوبو، تعليمي ادارا وظائڻ ۽ پينشن پاليسي تي بہ سي بي اي ڪم ڪري رهي آهي.

سوال: اوهان پهريان شاگرد يونين ۾ هئا ان کانپوءِ پورهيت يونين ۾ آيا. اوهان کي ڪا ڏکيائي ته نه ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻئي محاذ هڪٻئي کان مختلف آهن؟.

حميده: شاگرد يونين ۾ سڀ ئي تعليم سان لاڳاپيل هوندا آهن. جڏهن ته پورهيت يونين ۾ ڪٿي ڪٿي تعليم جي اڻاٺ محسوس ٿيندي آهي انهيءَ جي باوجود هڪ اداري جا ملازم هئڻ ڪري پورهيتن جا مفاد ساڳيا ٿين ٿا. ان ڪري ڪا گهڻي ڏکيائي محسوس ناهي ٿيندي. تنهن هوندي به ادو ڏٽي بخش سمون ۽ ادو نجم سوهو ڪافي حوصلو ڏيندا رهندا آهن. ڪاميٽي سان لاڳاپيل هئڻ ڪري ادي اڪبر ناريجي سان به تعليمي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي آهي. باقي ساٿي به سٺا آهن. جنهن ڪري ڪا مشڪل ناهي ٿيندي.

سوال: وندر لاءِ ڇا ڪندا آهيو؟

حميده: اخبار يا ڪتاب وغيره پڙهندي آهيان. آرٽ موويون ڏسندي آهيان. ميوزڪ سان به لڳاءُ آهي. خاص ڪري انڊين ۽ پاڪستاني غزل پسند آهن. دل چوندي آهي ته ميوزڪ اسڪول کوليان.

سوال: ڇا ميوزڪ اسان جي معاشري ۾ ايتري صحيح سمجهي وڃي ٿي جو اسڪول کولي سگهجي؟

حميده: ذات فطرت ۾ ڳئي ويندي آهي توهان ڪا به سٺي ڌن ٻڌندو ته پاڻ ئي جهومندوءُ ان جو مطلب آهي ته موسيقي فطرت ۾ آهي. پهريان اسان ٻوليءَ، مذهب کان الڳ انسان آهيون. ان کان پوءِ معاشري جي قدرن ۾ وڪوڙجون ٿا. مجبون ٿا ته اسان جو سماج موسيقي کي گهڻ اهميت ڏئي ٿو. باقي انڊيا ۾ ڏسو ته ڊانس عبادت آهي. ان جو مطلب ٿيو ته انسان جيستائين پنهنجي نفس ۾ پاڪيزگي نه ٿو آڻي تيستائين اها عبادت ناهي. جيڪڏهن نفس تي ڪنٽرول آهي ته اڏ اگهاڙي مورتي به ڀڳوان آهي. ميوزڪ اندر ۾ لڪل ڏک ۽ خوشي جي اظهار جو هڪ سٺو ذريعو آهي.

سوال: جيڪو سوال اوهان کان سڀ کان اڳ ۾ ڪرڻ گهربو هو سو سڀ کان آخر ۾ اوهان پنهنجي سياست جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي؟.

حميده: مون جڏهن کان هوش سنڀاليو ته منهنجو سياسي آغاز شروع ٿي ويو هو باقي ڪامريڊ محمد هاشم گهانگهري جي هاري حقدار تحريڪ جا نعرا ۽ ڏاڍن جا ٻيج ناهيندي ۽ چولي تي لڳائيندي مان تمام گهڻي خوشي محسوس ڪندي هيم. اها خوشي اڳتي هلي حقيقت ۾ بدلجي وئي. باقاعدي سياست جي شروعات 1974ع ۾ ايس اين ايس ايف جي پليٽ فارم کان ڪيم. محرابپور هاءِ اسڪول ۾ شاگرد يونين جي جنرل سيڪريٽري ٿيم. جنهن ۾ پهريون مطالبو ڪاليج قائم ڪرڻ جو هو. جنهن جي بدلي ۾ مون کي ادي زبيده ۽ بابي کي جيل جي هوا کائڻي پئي. محرابپور ۾ ڪاليج ته نه قائم ٿيو پر تڏهن به ڪنڊياري ۾ ڪاليج کوليو ويو. اسان گهانگهرا

قبيلي جون محرابپور ۾ پهريون نياڻيون هيون سين جن تعليم حاصل ڪئي سا بہ ڇوڪرن جي اسڪول ۾. ان ڪري ننڍي عمر ۾ ئي برقعا پائي وينديون هُيون سين. پر جڏهن ڳوٺ وارا سمجهي ويا تہ پوءِ تنگ ڪرڻ بدران عزت ڏيندا هئا. پهريان پڙهڻ ڪري خاندان وارن بہ برادري مان ڪڍي ڇڏيو هو. پر هاڻي مان ڏيندا ۽ ياد ڪندا آهن.

انٽرويو ڪمال ڇامڙو

مان ۽ ڪمال وارثي امتياز جو چهرو ڏٺو هو

شبير شر جو بيان 1996

سڄاٽپ پريڊ ڪرائي وڃي ته سوين ماڻهن ۾ به امتياز بلي کي سڃاڻيندا سين. اسان اهو چاهيون ٿا ته نذير عباسي جي قتل جي نئين سر جاچ ڪرائي وڃي. هيءُ ڪيس شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد ناصر بلوچ، شهيد اياز سمون ۽ ادريس طوطي ۽ رزاق جهرنا وارن جي ڪيسن کان بنهه مختلف قسم جو ڪيس آهي جو ته هنن سيني تي ڪوڙا الزام ئي سهي پر ڪورٽن ۾ ڪيس هلائي هنن کي شهيد ڪيو ويو. نذير عباسي تي نه ڪنهن ڪورٽ ۾ ڪيس هلايو ويو ۽ نه ئي هن تي قتل، ڌاڙي، ڦر جو ڪو الزام هيو. جيڪڏهن هن تي ڪنهن عدالت ۾ ڪيس هلائي ڦاسي جي سزا ڏني وڃي ها ته پوءِ موجوده حڪومت لاءِ اهو مسئلو هو ته ان ڪيس جي نئين سر جاچ ڪرائڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ها. جڏهن ته هن کي هڪ معمولي پمفليٽ ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو. ان وقت جو آءِ ايس آءِ ڪراچي وارو سربراهه ليفٽيننٽ ڪرنل امتياز جيڪو هن وقت رٽائرڊ برگيڊيئر امتياز"بلي" جي نالي سان مشهور آهي. ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر ضياءُ الحق وٽ نمبر ناهڻ لاءِ چئن ڪميونسٽن کي گرفتار ڪري وڏو ڊرامو رچايو هو ته هن وڏي سازش پڪڙي آهي. پاڪستان جي بنيادن کي ڊاهڻ وارا خطرناڪ ڏوهاري گرفتار ڪيا آهن. جڏهن ته انهن الزامن مان هڪ به الزام ثابت ڪرڻ کان اڳ 9 آگسٽ تي نذير عباسي، ڪمال وارثي، سهيل سانگي ۽ مون کي لڳاتار اذيتيون ڏنيون ويون. لانڌي جيل ۾ ملاقات ڪانسواءِ هڪ ڪولي ۾ 24 ڪلاڪ بند رکيو ويو ۽ مڪمل قيد تنهائي ۾ رکيو ويو. ايستائين جو ٽوال صابڻ به نه ڏنو ويو هو. موت جي سزا واري قيدي کي به 24 ڪلاڪن ۾ به ڪلاڪ چهل قدمي لاءِ ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي پر اسان کي 24 ڪلاڪ بند رکيو ويندو هو. سخت سيءَ ۾ رڳو به ڪمبل ڏنا ويا هئا. هڪ مٿان وڇڻدا هئاسون ۽ هڪ هيٺ وڇائيندا هئاسون. ايڏيون اذيتيون ڏيندڙ امتياز "بلي" اسان تي جيڪي الزام لڳايا ملڪ سان غداري، بغاوت، "ڪي جي بي" کان ڏوڪڙ وٺي سوويت يونين جي مفادن لاءِ ڪم ڪرڻ وارن الزامن مان هڪ به ثابت نه ڪيو. مون کي ۽ ڪمال وارثي کي فوجي ڪورٽ ضياءُ الحق جي هدايتن تي ست ست سال سزا ڏني.

افسوس جي ڳالهه اها آهي ته جڏهن شهيد نذير عباسي جو ڪيس ڇوڏنهن سال پوءِ بحث هيٺ آيو آهي ته ان وقت جي پارٽي ختم ٿي چڪي آهي. هن جا وڏا

ساٿي وڏا سرڪاري عهدا ماڻي چڪا آهن. ڪو بہ هن جو ساٿي اڳتي وڌي اها درخواست ڪرڻ لاءِ تيار ناهي تہ نذير عباسي جي قاتل امتياز"بلي" تي ڪيس هلايو وڃي. هر دوست ان ڏپ ۾ بہ تہ ڪٿي منهنجي نوڪري نہ هلي وڃي. ڪٿي وري نئين سر مارشل لا نہ لڳي" وري ڏڇي ۾ نہ پوان. نذير عباسي جا مٽ مائٽ سڀ غير سياسي ڏنل ماڻهو آهن جيڪي ان خيال ڪان ان ڪيس تي خاموش رهيا تہ هڪ مازايوسين ڪٿي وري ڪو بيو بہ نہ هليو وڃي. نذير عباسي جي نياڻي موتيا بي سمجهہ معصوم ٻار آهي هن کي انهن ڳالهين جو پتو ئي ناهي.

مان سمجهان ٿو تہ جتي حڪومت شهيد نذير عباسي جي ڪيس ۾ دلچسپي نئي وٺي اتي ان جا ساٿي بہ چپ ۽ خاموش رهي هن سان ڪيل وچن واعدن سان غداري ڪري رهيا آهن ۽ مان بہ انهن ۾ شامل آهيان. ڇو تہ مان اڃا تائين پنهنجي اندر سان وڙهندو آهيان ڇو اڳتي وڌان. منهنجا ٻچا ننڍا آهن مان انهن لاءِ آهيان. موتيا لاءِ تہ ڪير بہ ناهي. جيستائين برگيڊيئر رٽائر امتياز جو تعلق آهي تہ ان لاءِ پڪا ثبوت آهن. جڏهن اخبارن ۾ فوٽو ڇپيا تہ مون هن کي سڃاڻي ورتو. ڪمال وارثي بہ هن کي سڃاڻي ٿو. هي اهو شخص آهي جنهن جي اڳواڻي ۾ هڪ آءِ ايس آءِ جي ٽيم 29 جولاءِ 1980ع تي پيپلزڪالوني مان اسان کي گرفتار ڪيو هو. هو گرفتار ڪري جڏهن اسان کي ايم پي اي هاسٽل وٺي آيا هئا ايم پي اي هاسٽل ۾ تڏهن فوجي ڪورٽون ۽ ايس ايم ايل جو هيڊڪوارٽر قائم هو. ڪو ڪمرو خالي ڪرائڻ لاءِ اسان کي اڌ ڪلاڪ کن ان ئي جيپ ۾ ويهاريو ويو هو جنهن ۾ اسان کي پيپلز ڪالوني مان گرفتار ڪري آندو ويو هو. چار پنج ميجر ان وقت اسان کي ڏسڻ آيا هئا. هڪ ميجر جي پڇڻ تي هڪ سادن ڪپڙن واري ڪيس ٻڌايو تہ هي ڪرنل امتياز جا مهمان آهن. ڪمال وارثي ۽ مون اهو نالو ڇنائي سان ٻڌو هو ان ڪان پوءِ هن ٽارچر ڪئمپ ۾ پاڻ بيهي اسان کي اذيتيون ڏياريون هيون. اڄ بہ سڃاڻپ پريڊ ڪرائي وڃي تہ اسان هن کي سوين ماڻهن جي ميڙ مان ڳولي ڪيندا‌سون تہ اهو ئي امتياز بلو آهي. هن جو قد بندرو ۽ جسم ٿلهو، پيٽ نڪتل هو. اهو ئي وحشي درندو نذير عباسي جو قاتل آهي. ان تي ڪليل عدالت ۾ ڪيس هلايو وڃي. هن ۾ اسان بہ هن خلاف شاهدي ڏينداسون. مان پنهنجي لاءِ تہ يقين سان چوان ٿو. باقي ٻين جي خبر ناهي تہ انهن جا ان ڏس ۾ ڪهڙا ارادا هوندا. موجوده حڪومت کي بہ گهرجي تہ ان ڪيس جي جاچ غيرجانبداراڻي بنيادن تي ڪرائي، اها جاچ هاءِ ڪورٽ جي جج کان ڪرائي وڃي. جيڪڏهن اها جاچ رٽائرڊ ججن دراب پٽيل ۽ فخر الدين جي ابراهيم ڪان ڪرائي وڃي تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو.

موت جي ڳڻتي تي چمي ڏيندڙ نذير عباسي شهيد

پيٽا جا اکر— ايس جي پاڳيو 1996

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي پرکڻو آهي ۽ ان جي هر پهلوءَ ڪان لاڳاپي ۽ سچائي جي پڪ ڪرڻي آهي ته ان کي ان گهڙي ڏسڻ گهرجي جا گهڙي زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي ساعتن ۾ فيصلي جي گهر ڪندي آهي. اهي ساعتون ئي زندگي کي ٺاهينديون، امرتا بخشينديون ۽ ڊاهينديون آهن. اها فيصلي جي گهڙي زندگي جي پنڌ ۾ ڪنهن به هنڌ تي اڳيان اچي سگهي ٿي ۽ جيڪڏهن اها جُوان وهي ۾ ئي اچي وڃي ته موت کي موٽائڻ، بزدلي پائڻ جي برابر سمجهندڙ شخص سڀ سورهيائون پاڻ وٽ رکي ٿو. نذير عباسي به ان گهڙي موت کي ڳڻتي تي چمي ڏني جڏهن هو جوين جواني جي مهڪار ۾ وڪوڙيل هو. ان وقت پاڻ وارڻ بهادري جي انتها آهي. هن کي به ذاتي زندگي جي خوشحالي جو خيال اچي پئي سگهيو. هن کي به پنهنجي زرقا جي زندگي جو اونو ٿي پئي سگهيو. هن کي به پنهنجي جيون ساٿياڻي حميده جي آئيندي جو فڪر ٿي پئي سگهيو. هن کي به پنهنجي جهور ڪراڙي امڙ قمر النساءِ، امان ڪريما جي ڳڻتي ٿي پئي سگهي. هن کي به هن خوبصورت ۽ موهڻي سنسار ۾ جيئڻ جي آشنا ٿي پئي سگهي. پر هي گهٽائي جي آجپي واري گس کي سهنجو بڻائڻ خاطر ان مٺان زندگي جي گهور ڏئي ويو ۽ اهو سڀ ڪجهه عشق ئي ڪرائي سگهي ٿو. نذير عباسي سڌڙيو نه هو. هي پنهنجي روح تائين من جي پاتال تائين، پنهنجي آدرش سان مٺو مٺي تي سچو هيو ۽ نذير پڻائي جي هن سٽ ۾ سڀ ڪجهه چئي ويو.

"سورهيه سوچوئي، جو رڳو ئي رڻ گهري"

9 آگسٽ 1980ع تي بدن ۾ هن سنهي سيپڪڙي سان، ڪراچي جي ماڙيپور ڪئمپ ۾ جا اذيت آميز روش روا رکي وئي، ان جو تصور به ڇرڪائيندڙ آهي. لانگ بوٽن جا ڌڪ، تشدد جي آوازن سان ايذاءَ نازڪ جسم جي هڏن جو ٽڙڪاٽ ڏيئي پڇي پوڻ، ذهني اذيت، ڪرب، پوءِ به ڪين ڪچڻ، ڇڻ راز ٻڌائڻ ڇپ ڪپچي ويل، "مان ڪميونسٽ آهيان منهنجو هڪ انقلابي پارٽي سان واسطو آهي، ٻ ،" ان جملي تي چمي بيهي رهيل، وڏيڪ ڪانئس هو جلاد ڪجهه به اڪلائي نه سگهيا .اڄ کي ڇون ٿا"نذير مارشل لا دور ۾ شهادت ماڻي، ان ڪري صرف

جمهوريت جو شهيد، ڪي چون ٿا، " هو قومپرست آهي " ڪي چون ٿا، " هو ڪميونسٽ آهي" پر نذير ڇا آهي؟؟ نذير تہ نذير آهي! نذير انهن ٽنهي شين جو سنگم آهي رڳو جمهوريت پسند هجي ها تہ پيپلزپارٽي ۾ هجي ها، رڳو قومپرست هجي ها تہ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ هجي ها پر هو ڪميونسٽ پارٽي ۾ هيو، جتي هو جمهوريت پسندي، ترقي پسندي ۽ قومپرستي جي جزن ۾ بغير انتها پسندي جي توازن قائم رکي هلچل ۾ هلندو رهيو. نذير عباسي کي جنهن وقت شهيد ڪيو ويو، اهو سخت ترين مارشل لا جو دور هيو ۽ دنيا اندر بہ اهي تبديليون نہ آيون هيون. جيڪي 1985ع کان پوءِ عالمي سياست جي آڪاش منڊل تي آيون آهن. خاص طور تي اهي تبديليون سوشلسٽ بلاڪ جي اڳواڻ ملڪ سوويت يونين جي ڍهي پوڻ ۽ سوشلزم متعلق شڪ شبهن سان گڏ هن ملڪ اندر ڪمزور ۽ نبل جمهوريت جي صورت ۾ آيون آهن ۽ جدوجهد جا تقريبن طريقا نئين سر ترتيب تي رهيا آهن. ان صورتحال نذير عباسي جي بہ ساٿين کي ويڙهائي ورهائي ڇڏيو. انهن مان تہ ڪي ڪڙم جا ويري، قاتل جا دوست ۽ ڪي نذير جي آدرش کي تڏا ۽ نوڪرون هٿنڊ نڪري پيا. اڄ جڏهن مونجهاري جي گهيري ۾ آيل حالتن ۾ هر لحاظ کان پلجئون ٿا، اڄ جڏهن سمورو جوش، ولولو ارڏائپ ۽ اتساهه ساهه ڏئي ويٺو آهي اڄ جڏهن ڏراڙن جا ڏڪ ماٿ، بنهه گهٽ ٿي ويا آهن. اڄ جڏهن فڪري تبديلي پنهنجي ڳجهي پرڻ جي لئہ ڪيترن ئي رسمن کي جنم ڏنو آ. اڄ جڏهن ڪنهن جي بہ اکين مان، ڪنهن بہ ڳپرو جي موت تي ڳوڙها نٿا وهن، اڄ جڏهن بي وسي ۽ بي حسي جي طوفان ۾ هن پوني جو انسان اڪيلو آهه، اڄ جڏهن ايف آءِ آر ڪٽيل نذير جو ڏاريو، عالمي توڙي ڏيهي قاتل وڏيڪ پاڻ ۾ سگهه پائڻي رهيو آهي. اڄ جڏهن گولي، ڪات ۽ ڪهاڙي، اپاٽڪن ۽ معصومن جي ڪنڌ وڍڻ کان بس ناهي ڪئي. اڄ جڏهن سيني کي سپ ڪجهه وسري وڃڻ جي "هير" پئجي رهي آ، تڏهن ڇا شهيد نذير بہ وسري سگهي ٿو؟

اي نذير
منهنجا نيڻ، نئين صبح جو
تنهنجو تصور ڪري
تنهنجي ياد ڪري،
وري پڇي پيا آهن،
پل پيا سپ وسارڻ چاهن،
توکي
پر منهنجو من ڪاسي ٿو،
مان نہ وساري سگهندس توکي
مان نہ وساري سگهندس توکي
موڻ تي اعتبار ڪجانءِ!

نذير عباسي: هڪ انقلابي اڳواڻ

منظور حسين ڪالرو 9 آگسٽ 1996ع

9 آگسٽ ٽنڊوالهيار شهر جي ان بهادر ۽ دل جي شاهوڪار شخص دوستن جي دوست، شاگردن، مزدورن، غريبن جي همدرد سچي ۽ کري سياسي اڳواڻ جي 16هين ورسي جو ڏينهن آهي جيڪو هاڻ شهيد نذير عباسي سان وڏيڪ سڃاتو وڃي ٿو. جڏهن نذير عباسي زنده هو تڏهن لوڪ کي سندس عظمت جي ايتري خبر نہ هئي سواءِ سندس ويجهن ساٿين جي پر جيئن جيئن پاڪستان جي سياست تان ڪارا ڪڪر هٽي رهيا آهن ۽ ہاڻ اونداهي وارو دور ختم ٿي چڪو آهي تيئن تيئن شهيد نذير عباسي بابت راز سامهون اچي رهيا آهن تہ هو کهڙي جهان جو کهڙو انسان هو. جيتوڻيڪ سندس ٽنڊوالهيار جي دوستن باشعور شخصيت کي معلوم هو تہ هن هيري جو ڪو بہ ملهہ ڪونهي ۽ هي گهوٽ اڻ موٽ آهي ۽ اهو چنڊ آهي جيڪو ساري جهان کي پنهنجي خوبصورت ۽ وڻندڙ سهائي سان چمڪائيندو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جهرجهنگ ڳوٺن توڙي شهرن ۾ ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر علم سياست جا شاگرد ڪيترائي دانشور شاگرد سياست جا سابق يا موجوده اڳواڻ اڪابر ۽ پورهيت طبقو شهيد نذير عباسي جي گيتن پري زندگي کي ۽ سندس موت بعد جاري جدوجهد واري سڏ تي لبيڪ چوندي کيس عقيدت جا لاتعداد سلام پيش ڪري رهيا آهن نذير عباسي جهڙو بهادر سياسي اڳواڻ ٽنڊوالهيار جي حجام پاڙي ۾ ڄائو. سندس والد بزرگوار نهايت ئي داناءُ شخص هو. نذير هتي ئي پرائمري ۾ انگريزي علم پڙهي سياست جي ميدان ۾ (شاگردي واري زماني ۾) پختا پير رکيا. نذير عباسي جي باري ۾ وڏيڪ پيرائتيون خبرون ان وقت جي سندس شروعاتي هم ڪلاسي دوستن(ديدار حسين شاهہ)اتاليق الزمان قنمبراڻي، رزاق ڏنو سونارو، قادر سونڊائي، صديق يوسفاڻي وٽان مليو سگهنديون جيڪي سياسي سرگرمين ۾ پيش هئا. اهڙي ريت ٽنڊوالهيار جو راهب پاڙو جيڪو سياست توڙي مذهب ۾ فلسطيني ويٽ نامي ۽ ايراني پاڙو سڏيو وڃي ٿو اتي بہ نذير عباسي جون سياسي خدمتون سارهڻ جوڳيون آهن. جڏهن تہ مختلف سياسي پارٽين جا ٻيا بہ ڪيترائي صوبائي توڙي ضلعي سطح جا ننڍا وڏا ليبر پنهنجن پنهنجن تنظيمي ڪمن ڪارين جي سلسلي ۾ پڻ ايندا رهندا هئا اهو وقت نذير جي شروعاتي سياست جو هو جنهن ڪري سندس ڪاوشن سان مختلف وقتن ۾ مختلف پارٽين جا بنياد وڌا ويا تہ ڪيترن جماعتن جي شاخن جا بنياد ئي ختم ڪيا ويا.

نذير عباسي نهايت ئي سادي طبيعت رکندڙ محبوب شخص هو. تہ وري مزاحيہ پوڳ چرچا بہ ڪندو هو. منجهس لئي بازي نبي نہ هئي. سنگت ۾ ڳائيندو بہ سريلو هو ۽ اداڪاري بہ چڱي ڪندو هو غريبن سان ايتري همدردي هئس جو انهن وٽ هلي وڃي سندن ڏک سور معلوم ڪندو هو. سندس نيت سوچون اعليٰ درجي جون هيون. پاڻ ٺلهو اخباري بيانن جي شوشن وسيلي سياست ڪرڻ جو قائل نہ هو. پر هو عملي ڪم ۾ يقين رکندڙ محبوب سياسي رهنما هو. پاڻ هر دوست کي ماما ڪري سڏيندو هو جنهن ڪري دوست بہ کيس ماما نذير ڪري ڳالهائيندا هئا. ماما ڪهڙا حال آهن ماما خوش آهين ماما تنظيم ڪيئن پئي هلي، ماما سياست جو ڇا حال آهي؟ ماما ايم پي اي، ايم اين اي عوام جا مسئلا حل ڪن ٿا؟ يا ٺلهو غريب عوام جي نالي تي نچي ٿا ڪن؟ شهيد نذير عباسي ٽنڊوالهيار جي سياست ۾ ٿورو عرصو رهيو. ان بعد جيئن ئي هو مٿئين سطح تي اپري وڏو ليڊر بڻيو تہ سندس رابطو ٽنڊوالهيار وارن غير نظرياتي دوستن کان ڪٽجي ويو. پر جڏهن بہ ايندو هو تہ مارڪيٽ چوڪ ۾ احمد علي ميمڻ جي هوٽل تي دوستن همدردن مزدورن شاگردن ۽ سياست سان دلچسپي رکندڙ جا ميلا لڳي ويندا هئا. انهن جي وچ ۾ غريبن جو هڏ ڏوکي ڪامريڊ نذير عباسي سنڌ توڙي بين الاقوامي مسئلن تي وڏي واکي پنهنجي بهترين انداز گفتگو سان تبصرا ڪندو هو تہ ڪُٺن جا عقل دنگ رهجي ويندا هئا. اهڙن اجتماعن ۾ هو وڏن وڏن انقلابن ۽ مزدورن شاگردن ۽ هارين جي مسئلن تي تفصيلي روشني وجهي عوام کي سجاڳ ٿيڻ جو درس ڏيندو هو. اهو ئي سبب هو جو حڪمتون اهڙو سچ ٻڌي نٿي سگهيون. جنهن ڪري نذير عباسي سندن اک جو ڪنڊو بڻجي ويو ان لاءِ حڪومتن ۽ سرڪاري ڪارندن گهڻا وس ڪيا تہ نذير جو ڪنڌ جهڪائجي پر کين ڪهڙي خبر تہ هي ڪنهن ٻي جهان جو دلير ۽ دلبر جوان آهي جيڪو اصولن تي ڪنهن بہ حالت ۾ ڪنڌ جهڪائڻ کان اڳ ڪنڌ ڪپائڻ کي ترجيح ڏيندو. اهڙيون حالتون ڏسي نذير روپوش ٿي پنهنجي پيغام کي عام ڪيو. نيٺ هن نوجوان انقلابي اڳواڻ ۽ غريبن جي حقيقي همدرد کي مها ڊڪٽيٽر ضياالحق جي دور ۾ 30 جولاءِ 1980ع ۾ آءِ ايس آءِ ڪراچي جي پيپلز ڪالوني نارٿ ناظم آباد مان گرفتار ڪيو. ان کانپوءِ مازيپور جي ٽارچر سيلن ۾ بي انتها مارڪٽ ڪئي وئي پر ڪامريڊ جا حوصلا هماليہ جبل کان بہ مضبوط ۽ سندس ارادا اٽل هيا. آخر 9 آگسٽ 1980ع ۾ کيس طرح طرح جون اذيتون ڏئي بيگناهہ شهيد ڪري ڇڏيو. تنهن بعد يزيدي عمل جي پيروڪارن شهيد جو آخري ديدار بہ ڪرائڻ نہ ڏنو. سندس گهر واري جيڪا سنڌ تنظيمي ساٿياڻي بہ هئي محترمہ حميده گهانگهرو ۽ سندس نياڻي زرقا جيڪي منهن ڏسڻ لاءِ ترسنديون رهيون.شهيد نذير عباسي دوستن ۽ ساٿين ۾ هميشہ اهي لفظ چوندو هو "منهنجي زندگي هڪ گيت آهي ۽ منهنجو موت جدوجهد لاءِ سڏ آهي" ڪامريڊ عباسي جيڪو ان وقت سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ايس اين ايس

ايف جو مرڪزي صدر ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس جو نائب چيئرمين هو تنهن جي بيگناهه خون جو پلاٽ ونڻ لاءِ سندس روپوش ساٿين خاص حڪمت عملي جوڙي ته جيئن ڳجها هٿ سندن امن پري تحريڪ کي دهشت گردي جي ور چاڙهي ڪين اجايو بدنام نه ڪن. ان لاءِ انهن هڪ نعرو عام ڪيو ته ڪامريڊ نذير عباسي جي خون جو بدلو عوام وٺندو. اهڙي ريت ڪنهن امڪاني سازش کي ناڪام بڻايو ويو. نذير جي شهادت ڪانپوءِ آهستي آهستي عوام کي خبرون پئجي ويون ته ڪيس ان ڪري موت جي نه ختم ٿيندڙ ننڊ ۾ سمهاريو ويو جو هن پورهيت دنيا جي عوام کي ننڊ مان جاڳائڻ ۽ ڪين منظر ڪرڻ وارو ڪم پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو هو. شهيد عباسي جي قاتلن ۽ انصاف لاءِ سندس گهر واري حميده گهانگهرو جا لفظ آهن ته هاڻي مير مرتضيٰ ڀٽو به اهو چئي چڪو آهي ته سندس پاءُ شاهنواز ڀٽو کي قتل ڪرڻ ۾ برگيڊيئر امتياز ملوث آهي سو مون کي به اها اميد آهي ته بينظير ڀٽو جڏهن به پنهنجي پيءُ پاءُ جي بيگناهي جا ثبوت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تنهن وقت هو شهيد نذير کي به نه وساريندي ۽ سندس قتل جي جاچ ڪرائيندي. مون کي پڪ آهي ته هو جتي بين شهيدن سان انصاف ڪندي اتي نذير جو خون به لوڙهڻ نه ڏيندي. پيو ته پي پي جي 88 واري حڪومت ۾ شهيد نذيرڪي شهيد اياز سمون ناصر بلوچ ۽ بين شهيدن سان گڏ ڏيڪاريو ويو هو. ان وقت ڪان مون کي يقين آهي ته جنهن به وقت پي پي حڪومت شهيدن جي قاتلن بابت جاچ ڪرائي تنهن وقت حقيقتون پاٽمرادو سامهون اينديون ۽ نذير جا قاتل به اسان مڙني جي سامهون اچي ويندا ۽ هو سزا کان بچي نه سگهندا. انهي ڏس ۾ نذير جي قتل ۾ ملوث قاتلن بابت ڄام ساقي کي شاهدي ڏيڻ گهرجي ۽ ڪيس سڀ حقيقتون ظاهر ڪرڻ ڪپن. اهڙي ايف آءِ آر سڏي سنئين جنرل ضياءُ الحق ۽ ايس اير عباسي خلاف ڪٽرائي وئي هئي(عوامي آواز 9 آگسٽ 1994ع) شهيد نذير عباسي بابت عوام الناس کي اهي خبرون ملڻ گهرجن جيڪي پوري طرح نه ملي سگهيون آهن ته هن ڪهڙو ڪبيره گناهه ڪيو: هن ڇا ڇا ڪيو ۽ ڇا ڪرڻ ٿي گهريو! سندس ڪهڙا ڪهڙا ساٿي ابن الوقت غدار دوکيباز ۽ مفاد پرست نڪتا ۽ ڪهڙا ڪيس جوڙي ڪٽي بڌائڻ ۾ ملوث آهن. سندس ڪهڙن ڪهڙن ملڪن سان ڪهڙا رابطا هئا ۽ اهي رابطا ڇو ۽ ڇا جي لاءِ هئا وقت جون حڪومتون سندس مخالف ڇو هيون ۽ پاڻ گهڻو وقت روپوش ڇو رهيو؟؟؟ ڪهڙا ساٿي ثابت قدم ۽ سچا رهيا؟ هاڻ ڏسجي ته هن جهان ۾ ڪڏهن ۽ ڪهڙي ريت زرقا، نذير عباسي سان انصاف ٿو ٿئي ۽ اهو ڪير ٿو ڪري.....؟؟ شهيد جي مزار سخي حسن قبرستان (ڪراچي) ۾ اڄ به انقلابي جدوجهد ڪندڙ مزدورن، شاگردن، هارين سچن سياستدانن ۽ غريبن لاءِ دعوت فڪر ڏئي رهي آهي.

موت تہ ڪا شيءِ ناهي

ذوالفقار گراماڻي 1996ع

موت بذات خود ڪا بہ وڏي شيءِ ناهي ۽ نہ ئي وري موت ڪنهن انسان کي امر بڻائي سگهي ٿو پر ڪنهن مقصد ۽ اصول ڪاڻ زندگي کي موت جي وادي ۾ اڇلي ڇڏڻ موت کي وڏي معنيٰ ڏئي ڇڏي ٿو. جيل ۽ ڦاسيون تہ رهزنن ڌاڙيلن کي بہ ملنديون آهن پر ذوالفقار علي ڀٽي ۽ نذير عباسي جو جيل ۾ پوڻ ۽ شهيد ٿيڻ هڪ الڳ ڪهاڻي جو عنوان آهي. هڪ اهڙي ڪهاڻي جو عنوان جيئن پشتو جو هڪ شعر آهي تہ:

"رڙ ٿي تہ هن کي ڪنيو پيا اڇن
مون سوچيو تہ ڪٿي گولي پٺي ۾ نہ لڳل هجيس"

پٺي ۾ لڳل گولي موت کي بہ شرمسار ڪري ڇڏيندي آهي پر موت سان مهاڏو اٽڪائي هلڻ ۽ نظرين ۽ اصولن کي زندگي جهڙو جيءَ دان ڏيڻ کي ئي ويڙهہ ڇئبو آهي ۽ اصولن واري ويڙهہ کي ئي ويڙهہ کان ڌجي عيش ۽ عياش واري زندگي گذارڻ جو مطلب موت هوندو آهي. عبدالحڪيم ارشد جو شعر آهي تہ:

"زندگي نالو آهي سيلابن ۽ طوفانن جو دوست زندگي نالو غمن جو، صدمن ۽ ارمانن جو دوست شيش محلن ۾ جا پلجي، نہ آ سا زندگي
زندگي نالو آ مزدورن ۽ ڳوٺاڻن جو دوست"

اڄ آگسٽ جي 9 تاريخ اهڙي ئي ڪردار جي ياد ڏياري ٿي، جنهن زندگي کي وسيع معنيٰ ڏيڻ جي لاءِ تڪليفن وارو ڏڳ ڳولي اصولن جي ويڙهہ وڙهندو رهيو. ٽنڊوالهيار جو هو سادو شخص جيڪو پنهنجي اندر ۾ سڀ کان وڏو ماڊرن هيو، هن جي خيالن جي روشني آسمان جا تارا ٽپي ويندي هئي. جيئن وشال چيو آهي تہ:

"هي چنڊ ۽ ستارا اوهان ئي پيا ڏسو.
اسان جي نظر وڃي ٿي ستارن کان پرڀرو"

سو هن جي نظر بہ ستارن کان پرڀرو واري دنيا کي ڏسندي هئي. جنهن ۾ هو سنڌ جي هارين، مزدورن کي خوشحال پسندو هيو. هو پنهنجي انهي خواب جي ساڀيان لاءِ انهن سامراجي ٽولن سان اٽڪيو جيڪي حقيقت جي دنيا ۾ هارين ۽ مزدورن جي ساهہ تي لت رکيو ويٺا هئا. سامراجي ٽولا هن انهي ڪري اٽڪيا جو هن پنهنجي زبان کي

حرڪت ۾ آڻي ڇڏيو ۽ سچ ڳالهائڻ وارن سرڪشن لاءِ هي ملڪ پروين شاڪر جي انهي نظم جهڙو بڻيو جنهن ۾ هوءَ چوي ٿي:

"سو اب یہ شرط حیات ٹھری
کہ شهر کي سب نجیب افراد
اپني اپني لهو کي حرمت سي
منحرف هو کي جينا سيکهين
وہ سب عقيدي کہ ان گهرانو مين
ان کي آنکون کي رنگتون کي طرح تسلسل سي چل رهي تي
سنا هي باطل قرار پائي
مگر میري شهر منحرف مين
أبهي کچ ايسي غيور صادق بقيد جان هي
کہ حرف انکار جن کي قيمت نهين بنا هي"

اڄ بہ سنڌ جي ڪيترن ئي هاسٽلن تي سنڌ سنڌ ڪنڊڙ ڪافي دوست رهن ٿا پر جن جي جذبن ۽ اصولن تي سنڌ جو ناءُ اڪريل ڪونهي. ڪاٽن ڪلچر وارو لڏو نذير عباسي جي سادگي واري ويڙهہ کان ڪوهين ڏور آهي، انهي ڪري اهي سامراجي ٽولن جي نظر کان گهٽو پري آهن. بلڪ سامراجي ٽولا انهن لاءِ چون ٿا تہ هي تہ اسان جو ئي ڪم ڪري رهيا آهن. گهٽا اهي ماڻهو هوندا جيڪي سنڌ سنڌ ڪري سنڌ جو ئي نقصان ڪري رهيا آهن. چي گويريا ڪيڏي نہ زبردست ڳالهہ چئي آهي تہ "نظرياتي ماڻهن جو ڪم آهي تہ پهرين پنهنجو پاڻ کي سڃاڻن پوءِ دشمني جي سمجهہ رکن" پر اسان انهي حوالي سان وڏا بدقسمت آهيون اسان کي نہ دوستن جي خبر آهي نہ وري دشمنن جي پهچان. اسان تہ پنهنجو پاڻ کي ئي سڃاڻڻ کان غافل آهيون. پوءِ اسان پنهنجو پاڻ کي خوشقسمت ڪيئن ٿا سڏي سگهون؟ ڇا خوشقسمتي اها آهي تہ اسان جي ديس ذوالفقار علي ڀٽي ۽ نذير عباسي جهڙا ڪردار پيدا ڪيا؟ ها اها هن ديس جي تاريخ جي خوشقسمتي ٿي سگهي ٿي پر جن ڪاڻ انهن پنهنجن جانين جو نذرانو ڏنو انهن پنهنجن هيرن جي سار سنڀال بہ ڪا نہ لڌي. سار سنڀال تہ پري جي ڳالهہ آهي پر ڪرسين جي حاصلات لاءِ نظرين جو داءُ لڳائي اسان جا نظريدان تہ ان ميوزڪ ڇيئر جا سنا ڪلاڙي ثابت ٿيا آهن. اسان کي اهو ارمان ڪونهي تہ انهي نسل جنهن جي اڳواڻي نذير عباسي ڪري رهيو هو انهي نسل جي پنيان واري نسل سنڌ ۾ انهي ويڙهہ جي باب کي ختم ڪري ڇڏيو آهي. ڇو تہ اسان جي اها راءِ ماضي جي تسلسل ۾ ڇيل هڪ سچ جيان هوا ۾ اڏامندي هئي ۽ شيخ اياز چوندو هو تہ" آهي ڪو ئي جيڪو سچ چوي" سو سچ اهو هيو تہ مفادن جي ويڙهہ وڙهندڙ بہ ڪڏهن ڪڏهن نظرياتي ماڻهن جي چوگرد ڦري ويندا آهن ۽ انهن جي نظرين کي ڪاپاري ڏک رسائي قومن جي تقدير ئي بگاڙي ڇڏيندا آهن، تنهن ڪري اهو

ڪلهه هجي يا اڄ، اهڙا ڪردار جيڪي قومن جي تقدير لاءِ ڦاسي جا ڦندا تيار ڪندا رهن ٿا سي هميشه پيدا ٿيندا رهندا پر جهڙي نموني سان فيض چيو آهي ته " نه انهن جي هار نئين آ ۽ نه وري پنهنجي جيت نئين" سو اهي پنهنجا ڪم جاري رکندا ۽ اسان جون ڪاميابيون اسان جا قدم چمنديون. ڇو ته جنهن قوم جا جگر لاشن جي صورت ۾ سامهون پيا هجن ۽ انهن جي گهر جا ڀاتي انهن جون مائرون، ڀينرون "وڪٽري" جا نشان ڏيکارين ته يقين ڪريو ته هن قوم جو مستقبل شاندار آهي. پر شرط صرف اهو آهي ته اسان پنهنجي ڪردارن سان مايوسين جا غلاف لاهي اڇليون ۽ پنهنجي شڪل ۽ صورت ڪي اهڙو نه بڻايون جو ڪو ماڻهو اسان کي همدردي جي قابل سمجهي. پر اسان پنهنجو پاڻ کي ايڏو پروقار، پراعتماد، جوش ۽ هوش جي سمنڊ ۾ ترندڙ بڻائي ڇڏيون جو اسان پاڻ ماڻهن جي لاءِ سهارا بڻجي وڃون ۽ اسان پاڻ ٻين کي چئون ته اوهان پرواهه نه ڪيو اسان آهيون. شرط اهو آهي ته اسان پنهنجي هجڻ جو ثبوت ڏيون. پنهنجي هجڻ جي ثبوت مان مراد اها ناهي ته اسان انهن کي پنهنجا هي ساهه ڪٽندڙ جسم ڏيکاريون پر زندهه هجڻ جو مقصد اهو آهي ته اسان انهن کي ٻڌائي سگهون ته اسان اندر ۾ به جيئرا آهيون ۽ شهيد نذير عباسي جيان موت کي مارڻ ڪان پوءِ به جيئرا رهنداسين. اسان جا سينا توهان جي ڍال آهن، توهان عمل ڪيو، توهان سهڪار ڪري مايوسين کي ٽڙيو، اسان جون ٻانهون حوصلن ۽ همت جو بار کڻڻ لاءِ آتيون آهن. ڪفن ٻڌل جسمن کي ماڻهو موت جو طعنو ڪيئن ٿا ڏئي سگهن!؟ موت ته انهن کي ماري سگهي ٿو جيڪي ساهه کڻڻ کي زندگي سمجهندا هجن پر موت انهن جو ڇا بگاڙي سگهندو؟ جيڪي ٻين جي ساهه لاءِ پنهنجي ساهه کي قربان ڪري ڇڏيندا هجن! موت جي ويڙهه معمولي ويڙهه آهي ڇا. موت نذير عباسي جو ڪجهه بگاڙي سگهيو آهي؟ جي ڪجهه به نه ته پوءِ نذير عباسي جي دشمنن کي چئو ته اسان سان وڏي گهير ڪيڏو، موت ته ڪا شيءِ ئي ناهي. ايڏي گهير جيڪا نسل در نسل وڙهي وڃي ۽ اسان بي اعتباري جي هن دور ۾ جان جي قرباني ڏئي جالب جي انهي شعر جي ترجماني ڪريون جنهن ۾ جالب چئي ٿو ته:

ڪهتي ٿي وه اب ڪوئي نهي جان سي گذرتا
لو جان سي گذر ڪر انهي جهٽلا تو گئي هم

شهيد نذير عباسي

طفيلْ مگسي 1996ع

ڪي انسان پنهنجي مقصد سان ايترو تہ سلهاڙجي ويندا آهن ۽ ان مقصد جي جدوجهد ۽ حاصلات ۾ ايترو تہ پيهي ۽ پچري ويندا آهن، جو مقصد ۽ اهي انسان بہ سڃاڻپون نہ رهنديون آهن، بلڪ هڪ ٿي ويندا آهن. جيئن ڪامريڊ لينن ۽ سوويت انقلاب هڪ سڃاڻپ آهي، ويٽنام ۽ ہوچي منهہ ڌار نٿا ٿي سگهن، منصور ۽ سچ کي ڪير الڳ نٿو ڪري سگهي، ڪيوبا ۽ فيڊرل ڪاسترو جدا نٿا ٿي سگهن، حيدر بخش ۽ هارين جي عشق کي مات نٿي ڏئي سگهجي، شهيد ڀٽو ۽ عوام کي ڪير بہ ڇني نٿو سگهي۔ڀٽائي ۽ سنڌ کي ڌار ڪرڻ ناممڪن آهي، جيئن ڀٽائي جي بقول:

جيئن ڳنڍيون مجهہ ڳنڍير
تيئن مَنَ مون ماروئڙن سان

سو جيڪڏهن ڪير ڳنڍيون ڇني ڇڏي تہ حقيقت ۾ ڳنڍير جو وجود ئي ختم ٿي ويندو. ساڳئي طرح نذير عباسي ۽ سندس نظرياتي جدوجهد سنهي سئي سان سبجي اهڙا تہ پختا ٿي ويا آهن تہ ڪائي فتويٰ ان رشتي ۽ پيار جا ٽاڪا نٿي اڌيڙي سگهي. نذير عباسي جنهن 9 آگسٽ 1980ع جي ڀاڱ اونداهي رات پنهنجي ساٿ کان جدا رهي ماڙيپور ڪراچي جي ٽارچر سيل ۾ سنڌ جي عوام سان محبت، عشق ۽ انسانيت جو رت ورنو وچن ورجايو ۽ ان مهل، ان گهڙي ۽ ان سمي وڏا وڏا بت بہ پور پور ٿي ويندا آهن. پر ڌرتي جو سچو پٽ انسانيت جو عاشق، حق موجود ۽ ڪلمہ حق جو علمبردار نذير اجا بہ ارڏو ۽ اڏول رهيو. جنهن جي لاءِ سنڌ امڙ جي چپن منجهان هي لفظ ورد ڪري نڪتا:

جي راهہ اجل ڪنهن ورتي آ
هن پونءِ ڪئي ٻئي پرتي آ. اياز

نذير عباسي جنهن پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ ۾ ئي پنهنجي فاني وجود کي عوام جي راهہ ۾ قربان ڪري ڇڏيو ۽ هو هڪ اهڙو متوالو هئو جنهن تي ڌرتي ڏٺي ۽ انسانيت جا علمبردار تاحيات فخر ڪري سگهن ٿا. مٽيءَ ماءُ جي هن سورهيہ سرويچ سپوت پنهنجي جان مظلوم قومن ۽ مظلوم طبقن جي ازلي آفاقي حقن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ واري ڇڏي، هو انقلاب جو اهڙو متوالو هيو جيڪو منافقت، دغا

۽ دوکي کان بنهہ اٹواقف هو ۽ جڏهن سچي عاشق کي پنهنجي عشق کي آزمائش جو موقعو ميسر ٿيو تہ هو ارواح جا سپ آسرا لاهي محبتي مچ ۾ ڪڏي پيو.

تون مچ ستم جو ٻاري ڇڏ، مان ٻڻجي ايندم پروانو

مان ظلم جو ڪنڌ جهڪائيندس ڏئي پنهنجي رت جو نذرانو

محبتي مچ ۾ ڇو ڪڏي پيو ان ڪري تہ ڌرتي ماتا جي پوڄارين ۽ پورهيت عوام جي نجات جي لاءِ وڙهندڙ جان نثارن جي لاءِ ڪنڌا بہ سيج برابر هوندا آهن ۽ زهر بہ پاڻي ۽ ڏيج برابر. نذير جنهن جو فلسفو ئي هيو تہ:

سنڌڙي رهي، اسان نہ رهياسين تہ ڇا ٿيو

هن راهہ ۾ رفيق مٽاسين تہ ڇا ٿي پيو

نذير عباسي پنهنجي ريٽي رت جي پيٽا ڏئي اهو ثابت ڪيو تہ هو عوام سان عشق ڪري ٿو، پر خالي لپاڙ نٿو هڻي، هو انهن ڪاهوڙين منجهان هو، جيڪي سر اڏي تي رکي انسانيت جو ڳاٽ اوچو رکندا آهن. سندس بقول تہ جيڪڏهن ملڪيت وارن طبقن جا سياستدان عوام دوستي جي راهہ ۾ قربان ٿي سگهن ٿا تہ اسان کي جيڪي پورهيت جي نجات جي لاءِ مظلوم قومن جي آزادي واري رستي جا پوئلڳ آهيون، قرباني کان بہ وڌيڪ قرباني ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ کپي. اهو ئي وچن ورجائيندي مسلسل 9 ڏينهن تارچر سيل ۾ جنگ وڙهندو رهيو. نذير عباسي جنهن جو تعلق ڪنهن پيٽ وڏي خاندان سان نہ هئو، بلڪ سندس تعلق هيٺين طبقي وچولي طبقي سان هو. پر پاڻ ذاتي طرح سان پورهيت هو ۽ اهو ئي سبب هو جو ننڍپڻ ۾ ئي هن پيٽ جي دوزخ کي پرڻ ۽ علم جي خزاني کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڇا ڇا نہ ڪرڻو پيو. جڏهن وڏو ٿيو تہ ناڪي منشي ڪرڻي پيس. جيڪا هن وقت جي شاگرد اڳواڻن جي لاءِ بہ ڊڪ پاڻي ۾ ٻڏي مرڻ جو برابر ڳالهہ ٿيندي، غربت، مفلسي ۽ ڏک ڏولاوا ئي هئا، جن هڪ عظيم آدرشي انسان کي هڪ قومپرست شاگرد تنظيم ۾ رسايو، ڇاڪاڻ تہ هن ان ۾ ئي پنهنجي طبقي، ذات، ڌرتي جي مستقل نجات پسي. جنهن جو نالو ايس اين ايس ايف هو، بعد ۾ هن ڊي ايس ايف جي نالي ملڪ گير شاگرد تنظيم جو بنياد وڌو ۽ پنهنجي باعمل سرگرم ذات ۽ ڏانو سان ملڪ توڙي سنڌ جي شاگرد تحريڪ تي اهم اثر وڌا. مقصد تہ نذير پنهنجي زندگي جي گهڙي گهڙي عوام ۽ عوام جي خوشحالي ۽ آجپي تان گهوري ڇڏي ۽ ويندي ويندي پنهنجي پويان سچي سنڌ جي عوام جي لاءِ خاص طور تي سنڌي نوجوانن جي لاءِ هي هڪ پيغام ڇڏيو تہ:

هي ڌرتي توکي پرتي آ،

مهمان هزارين مان نہ رکو. (اياز)

شهيد نذير عباسي: تاريخ جو اڻ کٽ سفر

عاجز جمالي 1996ع

زندگي جي ڊگهي رات جيڪا 31 جولاءِ کان شروع ٿئي ٿي ۽ بظاهر 9 آگسٽ تي پرهه ڦٽڻ سان پڄاڻي تي پهچي ٿي، 9 آگسٽ 1980ع جو پهريون ڪرڻو ڪائنات جي حسن کي پهرين ڇمي ڏيڻ وقت دنيا جي ڪميونسٽ تحريڪ کي ريٽي رت ۾ هڪ ڳڀرو جو لاش ارپي ٿو. تڏهن کان جديد سنڌ جي انقلابي تحريڪ ۾ هڪ نئون روح ڦوڪجي ٿو ۽ هڪ گيت گونجڻ لڳي ٿو:

هن ڌرتي جا او راڄ ڌڻي
تو رت ۾ ريٽو ٿي ايندين،
مان ڇيرين کي ڇمڪائيندس

اصل ۾ اتان کان ئي سنڌ ۾ انقلابي تحريڪ جي اها شروعات ٿي، جنهن کي اڳتي هلي ايم آر ڊي جو نالو ڏنو ويو ۽ ان ئي تحريڪ آمريت جي خونخوار اکين ۾ اکيون وجهي ڊگهي ويڙهه وڙهي، ذوالفقار علي ڀٽو جي ڌيءُ کي وزارت اعظمي جي مسند تي ويهاريو ويو، ڇو ته اڄوڪي پاڪستان ۾ بينظير جي وزارت اعظمي جي لڏندڙ ڪرسي جون چار ئي ڄنگهون شهيدن جي ان ڊگهي فهرست تي بيٺل آهي، جن ۾ ڪيئي گمنام راهن جا اهي بي نام سپاهي هئا، جن سان وقت جي ڌارا ۾ لڙهي ويل تاريخدان انصاف ڪري نه سگهيا. پر ان جي باوجود اڄ جڏهن نذير عباسي جي شهادت جو 16 هون سال سندس تڏهوڪا نظريا مخالف به ملهائي رهيا آهن ۽ بظاهر سندس اڄوڪا سياسي رفيق به سندس قبر تي گلن جي چادر چاڙهڻ ويندا. تڏهن اهو محسوس ڪرڻ ۾ ڪا به هٻڪ نه ٿي ٿئي ته تاريخ جي هنج ۾ نذير اهو مقام ماڻي ورتو آهي جيڪو مقام ڌرتي جي امر ڪردارن جو هوندو آهي. اهو سبب آهي جو تاريخ هٿان مجبور ٿيل اهي سڀ ماڻهو اڄ نذير جي وارثي جا دعويدار آهن، جن جيئري نذير عباسي کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي ڪا نه ڪئي يا نذير انسان دوستي وارو فلسفو سندن سوچ کان مٿي هو.

31 جولاءِ کان وٺي 9 آگسٽ جي سفر تائين جا ڏهه ڏينهن جيتوڻيڪ سوويت انقلاب جا دنيا کي جنجهوڙيندڙ اهي ڏهه ڏينهن نه هئا، جن سڄي دنيا ۾ هڪ نئون انقلاب برپا ڪري ڇڏيو هو. پر هي هڪ انقلابيءَ جي جسم کي اذيتون رسائيندڙ اهي تلخ گهڙيون هيون، جن ۾ مصلحت پسندي ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو نظر نه ايندو آهي. جيتوڻيڪ اهو ڪير به نٿو چئي سگهي ته نذير سان گڏ

گرفتار ٿيندڙ سندس ٻيا سڀ ساٿي مصلحت پسندي سبب جيئرا موٽي آيا. پر اهو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ نذير عباسي جو نرم نازڪ جسم جو ٽٽو ٽي وڃڻ ئي اذيت گهر ۾ بند سندس ٻين ساٿين لاءِ سرگرم زندگي جو پيغام ڪٽي آيو.

نذير جا سمورا نظرياتي ساٿي اڄ سندس يادن کي نظرئي جي چادر اوڙهائي اڳي جيان زندگي جي گرمجوشي ۽ سمورن رنگينين سميت تيزي سان اڳتي ڊوڙي رهيا آهن. ڪالهہ سندن ڊوڙ جي آخري سرحد هر قسم جي مت ڀيد کان مٿانهون سماج ۽ سڄي ڪائنات کي هڪ اهڙي جنت ۾ تبديل ڪرڻ هئي، جنهن ۾ انسانيت کانسواءِ باقي ڪجهہ نہ هو، نہ قوم، نہ ڌرتي، نہ سرحدون ۽ نہ علائقا. سندن خيال هو تہ پورهيت لاءِ ديس بہ ساڳيو ويس بہ ساڳيو. ڪالهہ هو ڪارل مارڪس جو هي فلسفو سمجهائيندا هئا تہ پورهيت کي بچائڻ لاءِ صرف غلامي جون زنجيرون ئي حاصل ڪرڻ لاءِ سڄي ڪائنات آهي. ڪالهہ هو سڄي دنيا کي هٿوڙي ۽ ڏاٽي وارو ڳاڙهو جهنڊو لهرائڻ جو درس ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا:

پنهنجي رت ۾ رڱيو جهنڊو اڀ تائين جهوليندو،
اهڙو ڏينهن بہ ايندو ساٿي ،اهڙو ڏينهن بہ ايندو

پر اڄ سندن نہ رڳو مقصد بدلجي چڪو آهي نہ رڳو سندن منزل بدلي وئي آهي، نہ رڳو سندن پيچرا بدلجي ويا، پر هنن ڪالهہ جا پيرا بہ ڊاهي ڇڏيا. هتي مٿن اها تنقيد ڪو نہ ٿو ڪرڻ چاهيان تہ هنن صلاحڪارين وزارتون ڇو ورتيون؟ يا هنن ساري حياتي سرمائيندارائي سرشتي جي ڪرندڙ ديوارن کي ڌڪا ڏيڻ جي ڳالهہ ڪري، اتي پنهنجا محل ڇو ٺاهڻ شروع ڪيا؟ ڇو مٿن سڀ کان وڏي تنقيد اها ئي ٿي تہ انهن زماني جي سنگينن ان غم کي ڪيئن ڀلائي ڇڏيو. جيڪو نہ رڳو سندن شخصيت جي سڃاڻپ بڻجي ويو هو، پر سڄي ملڪ جي ڪميونسٽ تحريڪ جي علامت بہ بڻجي ويو.

مون جڏهن کان اخبار ۾ پڙهيو تہ برگيڊيئر امتياز جي ضمانت منظور ٿي وئي، تڏهن مون نذير جي ساٿين تي اها تنقيد ڪرڻ پنهنجو حق تسليم ڪري ورتو، ڇو تہ مان سمجهان ٿو تہ برگيڊيئر امتياز تي نذير عباسي جو ڪيس داخل نہ ڪرڻ وارو ڏوهہ جيترو بينظير ڀٽو جي حڪومت جو ٿي سگهي ٿو، اوترو ئي ڏوهہ نذير عباسي جي انهن سمورن ڪردارن جو ٿي سگهي ٿو، جن کي برگيڊيئر امتياز جي گرفتاري وقت موجوده حڪومت اها آڇ ڪئي هئي تہ هو نذير عباسي جو ڪيس وڙهڻ اسلام آباد پهچي جيڪا بينظير حڪومت اهڙي آڇ ڪري هڪ طرف اهو ثابت ڪرڻ پئي چاهيو تہ هو برگيڊيئر امتياز کان سمورا پراڻا پلاند چڪائيندي ۽ ٻئي طرف اهو بہ ڏيکارڻ پئي چاهيائين تہ هو ملڪ جي ڪميونسٽن جا اهي احسان لاهڻ ٿي چاهي، جيڪي هنن مارشل لا دؤر ۾ مٿس ڪيا هئا. اهو شايد ئي ڏٺو هو تہ ڪو واقعي نذير عباسي جو خون حڪومت برگيڊيئر امتياز کان وصول ڪري ها، ڇو تہ جيڪڏهن

حڪومت سنجيده هجي ها تہ يقينن اهو سڄو رڪارڊ هٽ ڪري پئي سگهي، جيڪو نارٿ ناظم آباد ٿاڻي تي آهي يا ڊفينس ٿاڻي تي موڪليل نذير جي ونيءَ حميده جي اها ٽپال ذريعي موڪليل ايف آءِ آر آهي، يا سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيل اها درخواست آهي جنهن ۾ نذير جي گرفتاري ڪانپوءِ سندن مارڻ جو خدشو ڏيکاريو ويو هو. يا پي اين شفا اسپتال جا اهي ماڻهو جن ان وقت آخري پساهن ۾ نذير کي ڦٿڪندي ڏسي اهو چئي اسپتال ۾ داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو تہ هتي جيئرن کي داخل ڪبو آهي پر حڪومت پنهنجي ٽن سالن جي عرصي ۾ اهو سڀ ڪجهہ نہ ڪري سگهي آهي، جنهن ڪري اسين اهو چئي سگهون ٿا تہ حڪومت تہ واقعي سنجيده ڪا نہ هئي، پر نذير جا سمورا ساٿي ڪيترا سنجيده هئا.جيڪي اڄ بہ نذير جي نظرياتي ۽ ذاتي وارثي جي دعويٰ ڪن ٿا.

بنگلاديش جي تازين چوندن کان پوءِ شيخ مجيب الرحمان جي ويڙهاڪ ڌيءُ حسينہ واجد جو مجيب جي قتل ۾ ملوث حسين محمد ارشاد سان گڏ ويهڻ جو مثال اقتداري سياست ۾ مصلحت پسندي جو هڪ مثال ٿي سگهي ٿو يا ذوالفقار علي ڀٽو کي قتل ڪرائيندڙن جو بينظير جي ڪابينا ۾ بقول مير مرتضيٰ جي تہ پارٽي جي سينٽرل ڪاميٽي ۾ موجود هجڻ بہ اهڙو ڪو بيو مثال ٿي سگهي ٿو تہ اهڙو ئي مثال برگيڊيئر امتياز جي ضمانت ٿيڻ يا آزاد ٿيڻ بہ ٿي سگهي ٿو. پر هن رويي کي ڪهڙو نالو ڏجي، جو گذريل سال وزيراعظم بينظير ڀٽو پاران نذير عباسي ڪيس جا گهرايل سمورا تفصيل وزيراعظم سيڪريٽريٽ اندر اهڙي ڪنڊ ۾ فائيلن هيٺ دٻجي وڃن ٿا. جيڪا ڪنڊ شايد دٻيل فائيلن لاءِ مخصوص ٿيل آهي نہ ڄاڻ وزيراعظم سيڪريٽريٽ جي ان ڪنڊ جا رکوالا هن وقت ڪير هوندا پر هن وقت ملڪ نهڻ کان وٺي اڄ تائين دٻيل فائيلن جا پهريدار هميشہ اهي رهيا آهن جيڪي هر ان آواز کي دٻائڻ چاهيندا آهن. جن ۾ اها گهري چيخ لڪي ٿي جيڪا ڌرتي کي ڌوڏي ۽ آسمان کي لوڏي وجهندي آهي. اهڙين چيخن ۾ سوين هزارين انهن گمنام سپاهين جي ڏيٽرن، امڙن ۽ ونين ۽ پيئرن جون چيخون بہ هونديون جي بي نام واٽن جا اهي مسافر هئا. هانءُ چيريندڙ گهگهہ راتين ۾ زندگي جا حسين گيت ڳايا. اهڙين گهرين چيخن ۾ هڪ چيخ "موتيا" بہ آهي، جيڪا سمجهہ پري ٿيڻ کان وٺي اڄ پنهنجي بابل جي سورهين ورسي تائين نہ ڄاڻ ڪيترن ڪرب ناڪ لمحن مان گذري هوندي، جو دنيا جا سڀ ماڻهو سڄي عالمي ڪميونسٽ تحريڪ، دوستي جا سڀ دعويدار آدرش جا سمورا والي نذير عباسي جي وڇوڙي جو غم تہ ڀلائي سگهن ٿا. پر هڪ ڌيءُ ڀلا اهو ڪيئن وساري سگهي ٿي تہ راندڪن سان کيڏڻ واري وهيءُ ۾ کيس بابا جي موت جو پيغام مليو. جنهن ڌي کي پيءُ جو پيار نہ مليو هجي، جنهن جي وارن ۾ ڪنهن شفقت جا هٿ نہ ڦيريا هجن. جنهن کي نذير جا ساٿي سٺي اسڪول ۾ داخلا نہ ڏياري سگهيا هجن. انهيءَ جي ڌيءُ کي اهو غم حياتي ڀر نہ ٿو

وسري سگهي. اهڙو غم جيڪو هڪ شهيد جي وزيراعظم ذيءَ کان اڄ اها آس رکيو ويٺو آهي تہ سندس بابا جي قاتلن کي عدالتن جي ڪٽهڙي ۾ ضرور آندو ويندو، ساڻس انصاف ضرور ٿيندو ۽ نذير جي نياڻي موتيا سان انصاف ٿيڻ سچ تہ هن ملڪ جي سڄي ڪميونسٽ تحريڪ سان انصاف ٿيڻ جي برابر آهي ڇو تہ هڪ پيرو سرڪاري فائيلن جي رڪارڊ جي درستگيءَ لاءِ اها ڳالھ اچڻ گهرجي تہ 31 جولاءِ کان وٺي 9 آگسٽ 1980ع جي ڪارين ڊگهين راتن ۾ سنڌ جو هڪ نوجوان آمريت جي اذيت گهرن ۾ پنهنجي جسم تي آيل ڇهڪن ۽ نرم ڇهري تي لڳندڙ بوٽن کانپوءِ بہ اهو چوندو رهيو تہ:

"جي لوڻ لڳين لائين چيري چيري چم،
مون ڪر اڳي نہ ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم
جان جان دعوي دم، تان تان پرت پهنوارن سين".

هونئن تاريخ کي سرڪاري فائيلن جي ڪا پرواھ نہ هوندي آهي. تاريخ اڳئي اهو ثابت ڪري چڪي آهي تہ طبقاتي، نسلي، مذهبي ۽ بنياد پرستي جي ٿنين تي بيٺل هن ملڪ ۾ ڏاڍ ۽ بربريت خلاف، انسان دوستي، جمهوريت، ماڻهپي جي حقن لاءِ وڙهندڙن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي. ان فهرست ۾ هڪ اهو نوجوان سنڌي ڪميونسٽ ۽ سنڌ جي شاگرد تحريڪ جو امر ڪردار نذير عباسي بہ آهي.

ٿارچر سيل ۾ گهايل نذير عباسي جي ڌرتي کي آخري چمي

عبداش پنهور 10 آگسٽ 1996ع

منظر: اهو سڄي سنڌ جهاڳي ڪراچي شهر ۾ نصرت ڀٽو ڪالوني ڪچي آبادي نيازي منظور نالي ڪناري روپوش پارٽي(ڪميونسٽ) جي روپوش آفيس ۾ صبح جو 11 وڳي پهچي ٿو روپوشي واري انداز سان ڪنهن انگريزي جاسوسي فلم جي هيري وانگر هو جهاتي پائي ٿو ان کي اڻ سڃاتل ملٽهو نظر اچن ٿا انهن جي چرپر شڪي بڻجي وڃي ٿي هو ان شڪي حالت ۾ ڀجندو ڀڄندو ٿو ڪي بس ۾ چڙهي ٿو بس جي پوئين سيٽ تي ويهي ٿو رهي. ساڳيا شڪي ماڻهو هن جي پيڇو ڪن ٿا 29 جولاءِ تي اٽڪل 11 وڳي 12 منٽن تائين اهو لقاءُ جاري رهي ٿو سرڪاري جاسوس هن کي پڪڙي جهڙتي ٿا وٺن هن جي کيسي مان ڇاڙ ساقي ڪيس جي لاهور واري حاضري واري تاريخ جو ڪاغذ ملي ٿو ۽ هو اُن کي بس مان لاهي ساڳئي جاءِ تي وٺيو ٿا وڃن. جتان هو ڀڳو هو ۽ هو ڏسي ٿو هن جو خيال هن سان مخاطب ٿئي ٿو هي ڇا؟ مطلب ڇاپو. شبير شر ۽ ڪمال وارثي بہ هتي ۽ هو سوچي ٿو.....

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پروفيسر جمال نقوي بہ پهچي ٿو هن سڄي آپريشن کي آپريٽ سرڪاري جاسوس امتياز ڪري ٿو....!! باقي بچيل نالي لسنءَوارا پڪڙيا وڃن ٿا....!! ۽ پوءِ سچ لهي ٿو!! رات شروع ٿئي ٿي. ائين 5 ڏينهن 5 راتيون گذري وڃن ٿا پڇا ڳاڇا لاءِ سڀ سرڪاري اوزار استعمال ڪيا وڃن ٿا اهڙي پڇا هن کان بہ شروع ٿئي ٿي.

- نالو ٻڌاءِ سرڪاري ڌر جو پهريون سوال جنم ٿو وٺي.

اوهان مون بابت سڀ ڪجهه ڄاڻو ٿا نالي جي ڪهڙي ضرورت آهي هن جو پهريون جواب

- اسان تنهنجي زبان مان تنهنجو نالو ٻڌڻ چاهيون ٿا (ساڳيو سوال پر انداز مٽيل.

اوهان کي منهنجي زباني الفاظن جي ڪهڙي ضرورت آهي ڇاڻ رڪندي بہ اڻ ڇاڻائي جو مظاهرو هي پڇا ڳاڇا جو ڪهڙو ڍنگ آهي" هو بہ دليري سان اکيون اکين سان ملائي ساڳئي جواب جو انداز تبديل ڪري ٿو"

ڏس تون نوجوان آهين توکي پڙڪايو ويو آهي انهن تنهنجي پارٽي وارن اسان کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيو آهي هاڻ صرف تون بچيل آهين"اهو سوال جيڪو سرڪار گرفتار هر ميمبر کي ڏار ڏار ٻڌايو تہ جيئن هو زبان کولي"

جڏهن اوهان کي ٻين گرفتار ڪيل سڀ ڪجهہ ٻڌايو آهي تہ پوءِ مون کان ڇا ڪرڻ جي ڪهڙي اميد رکون ٿا (هو جواب ٿو ڏي)

- هي ائين نہ مڃيندو. هاڻ گار ۽ مار جي سرڪار شروع ٿئي ٿي.
- اسان کي.....!! تنهنجي زبان ضرور لکندي ۽ ۽ گار ۽ مار شروع ٿئي ٿي.
- آهہ. آهہ. آهہ. اهو گار سان گڏ مار تي رڙ ٿو ڪري!!
- ڇڏيوس بيهوش ٿي ويو آهي"ٻڙي آواز سان هڪ ماڻهو چوي ٿو"

هو ڏرتي کي پاڪر وجهي گار ۽ مار پيار ۾ تبديل ٿو ڪري. جڏهن هوش ۾ اچي ٿو تہ وري سوالن جو وسڪارو ٿئي ٿو گار ۽ مار جو وسڪارو ٿئي ٿو.

- اسان کي ٻڌاءِ تنهنجو نالو ڇا آهي(ڦهريون سوال جاري آهي؟
- تنهنجو روسي خفيہ اداري ڪي جي بي سان ڪهڙو واسطو آهي؟
- تنهنجا ٻيا ڪهڙا ساٿي روپوش آهن؟!

ڏس تون هڪ مسلمان نوجوان آهين تنهنجو انهن ڪميونسٽن ڌرين ڪافرن سان ڇا وجهي؟ءاسان کي سوالن جا درست جواب ڏيندي تہ توکي ڪجهہ بہ نہ چونداسين بلڪ انعام ۾ توکي آزادي ڏينداسين" سرڪاري لباڙ جاري آهي!!

ڪهڙي آزادي؟ جيڪا عوام کي ڏني اٿو ٽوڪ ۾ هو مختصر جواب ڏئي ٿو باقي ماڻ"

- وري مار ۽ گار شروع ٿئي ٿي.....!!

آهہ. آهہ. آهہ. "صرف رڙ نڪري ٿي جيڪا صدين جي ڀيڙهيل سماج جي رڙ آ ۽ هو خاموش آهي"

ڇڏيوس بيهوش ٿي ويو ڪميونسٽ اهڙا ئي ڪتا هوندا آهن دنيا ۾ ڪميونسٽ رڳو مار کاڌي آهي"سرڪاري موقف منهن کولي ٿو"

ها. ها. منهنجو نالو مشتاق نہ نظر عباسي آهي هاڻي جيڪڏهن اوهان صرف منهنجو نالو منهنجي زبان مان چورائي ويا تہ مان اوهان کي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس مان اوهان سان واعدو ٿو ڪريان تہ مان هي واعدو اوهان سان نہ ٽوڙيندس اوهان تہ 47 واري ملڪ کي ٽوڙي ڇڏيو. اوهان وعدا ڪري عوام کي غلام بڻائي ڇڏيو مان هڪ نوجوان آهيان منهنجي زندگي هڪ گيت آهي منهنجو موت جدوجهد لاءِ سڏ آهي. اوهان ظلم جي انتها ڪئي مان محبت جي انتها ٿو ڪريان مان اوهان سان واعدو ٿو ڪريان. مان واعدو نہ ٽوڙيندس مان اوهان وانگر آمريڪا جي پاڙي تي نہ پليو آهيان ۽ مان واعدو ٿو ڪريان اوهان کي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس منهنجو بہ شرط آهي تہ هاڻ ٻيهر هڪ ڀيرو اوهان منهنجو نالو منهنجي

زبان تان اچاري ڏيکاريو. مان ضياء نہ آهيان جو ڪعبت الله ۾ واعدو ڪري ڦري ويو تہ ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرايون وينديون.جنهن ملڪ تي مارشل لا مڙهي عوام کي افغانستان جي دال جي لالچ ۾ غلام بڻائي ڇڏيو آهي هو بہ عوام جي ڪهر کان بچي نہ سگهندو. اوهان اسان کي ختم ڪرڻ جو وچن ڪري ورتو اسان بہ حالتن جي مڙسي سان مقابلو ڪنداسين اجا هو ڳالهائي ئو تہ سرڪاري مار ۽ گار شروع ٿئي ٿي ۽ هو بيهوش ٿي وڃي ٿو ۽ ڏرتي تي ڪري ٿو پوي.

هاڻي لڳي ٿو تہ مار اثر ڪيو آهي. هو سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ تي راضي ٿي ويو. سرڪار

- هان. هاڻ ٻڌاءِ ڏس اسان بہ توکي ٻڌو: سرڪار
- مان ڇا ٻڌايان مون کي ٻڌڻ جي سزا بہ اوهان موقعي تي ڏني(قيدي)

هي ائين نہ مڃيندو هڪڙو سرڪاري عملدار، نہ سر هٿ ٿڏو رکو پيو عملدار ها، تہ هاڻ ٻڌاءِ اسان بہ مجبور آهيون تو جهڙي پاڪستاني نوجوان کي مار ڏيڻ تي ڏک ٿو ٿئي اسان کي صرف معلومات کپي. تنهنجي عمر اجا پاڪستان جي خدمت ڪرڻ واري آهي پر جيڪو تو رستو اختيار ڪيو آهي اهو ملڪ سان غداري وارو رستو آهي اسان کي غدار پاڪستاني نہ پر سچار پاڪستاني گهرجي تون غلط راهہ ڇڏ. اسان کي انهن ٻين غدارن بابت سڀ ڪجهہ ٻڌاءِ نہ تہ اسان کي ڳالهہ مڃائڻ لاءِ سڀ طريقا اچن ٿا....!! سرڪار

- هو خاموش آ. هن جا خيال ڊوڙن ٿا.

نذير عباسي سچو انقلابي

سارنگ لاشاري 9 آگسٽ 1996ع

سرت جي سگهه هر ان سونهن جي اهڃاڻ آهي جيڪا هاري جي ڏاٽي ۾ آهي، جيڪا مزدور جي هٿوڙي ۾ آهي جيڪا پورهيت عوام جي مرڪ ۾ تخليقي عمل ۾ آهي اهڙي ئي سرت رکڻ جي ڏوهه ۾ نذير عباسي کي شهيد ڪيو ويو پر سچائي جي واٽ تي هلڻ وارن جي ڏوهه ۾ مارجي ويل ختم نه ٿيندا آهن. اهي هر دور جي سوچ اندر جيئندا آهن. اها سوچ سوين هزارين ذهن جوڙي اهڙي راهه ناهي وٺندي آهي. جنهن ۾ موت ته اچي سگهي ٿو پر جهڪي نٿو سگهي. شهيد نذير عباسي جو فڪر ۽ جدوجهد مڪاني لحاظ کان لامحدود ۽ زمان جي اندر لافاني آهي. نذير عباسي جيڪو پورهيت طبقي جي نجات جي مشعل ۽ نوجوانن جي امنگن جو ترجمان آهي، سو هميشه زنده رهندو. ڇاڪاڻ مرندو ماڻهو آهي تحريڪ ۽ فڪر لافاني آهي. جيڪو هر گز نه مرندو آهي. نذير صرف انسان نه پر ڪميونسٽ انسان ۽ آفاقي فڪر يعنيٰ مارڪسزم، لينن ازم جو حامل باشعور ۽ عملي انسان هو. تمام گهٽ ماڻهو اهڙا آهن جيڪي پنهنجي جسم مان ماس ڪوريندا آهن. نذير عباسي هتان جي مظلوم قومن، شاگرد برادري ۽ پورهيت طبقي جو ترجمان هو. انهي ڪري هو عظيم آهي ڇاڪاڻ جو ان جو عظيم فڪر ۽ جدوجهد ۽ عظيم طبقي سان ناتو هيو. نذير عباسي اها قوت هئي جيڪو صرف تاريخ جو مطلب نه ٿي ڪري پر تاريخ جوڙي به ٿي ۽ بدلائي به ٿي.

نذير عباسي کي ٽارچر سيل اندر ٽارچر ڪندڙ بي رحم فوجي درندن 9 ڏينهن مسلسل تشدد جاري رکڻ کان پوءِ ڪائنس پارٽي ۽ انقلابي ڪمن جي طريقي ڪار بابت پڇا ڳاڇا ڪندا رهيا. پر ڪين هڪ ئي جواب ڏنو هٿائين ته منهنجو نالو نذير عباسي آهي ۽ منهنجو واسطو انقلابين سان آهي هاڻي مون کان جيڪڏهن اوهين صرف منهنجو نالو ئي چورائي ويا ته سڀ ڪجهه اوهان کي ٻڌائيندس جيڪو اوهين پڇڻ چاهيو ٿا. پر سندس زبان لطيف جي ٻولي ڳالهائيندڙ ۽ سنڌو جو پاڻي پيئندڙ هئي. تنهن ڪري "ڪچان ته ڪافر ٿيان" چئي ڪچڻ ڪين قبوليو تشدد دوران سندس جسم مان وهندڙ ڳاڙهي رت جون ڦهنگون جنرل ضياءُ الحق، جاگيردارن سرمائيدارن، استحصالي طبقن ۽ آمريڪي حڪمرانن جي چهرن تي پئجي سورهيائي سبب ٽپا ڏئي رهيون آهن. نذير عباسي جنهن مقصد لاءِ پنهنجي جان ڏني. اڄ به ان مقصد لاءِ سچي دنياجا سرويچ ساٿي جدوجهد ڪري رهيا آهن. دنيا ۾ اهڙو منصفاڻو

سماج اڏجي (سوشلزم، ڪميونزم) جنهن ۾ انسان، انسان جو محتاج نہ هجي. شهيد نذير عباسي جي ڪميونسٽ پارٽي ۽ مزدور ڪسان ميجر اسحاق گروپ اپريل 1994ع ۾ انضمام جي نتيجي ۾ ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي ٺهي چڪي آهي. جنهن جي ڪانگريس اپريل 1995ع ۾ ٿي چڪي آهي. ان نئين ٺهندڙ پارٽي جي چيئرمين ڪامريڊ امام علي نازش کي منتخب ڪيو ويو. پارٽي پنهنجي ڪانگريس ۾ عوامي جمهوري انقلاب جو پروگرام ڏنو آهي ۽ جدوجهد جا مرحلا بہ طئي ڪيا آهن. جن مرحلن مان گذرڻو پوندو ۽ سوشلزم کي پڻ عبوري دور تسليم ڪيو ويو آهي. پارٽي جدوجهد جا بنيادي نڪتا بہ مقرر ڪيا آهن. سامراج خلاف جدوجهد ڪرڻ ۽ پاڪستان کي قومي آزادي ڏيارڻ، جاگيرداري سوسائٽي، جاگيرداري جا جيڪي سياسي ۽ سماجي اثر آهن انهن کي ختم ڪرائڻ عوام جي حقيقي اقتدار اعليٰ بحال ڪرائڻ سول فوجي بيورو ڪريسي کي اقتدار اعليٰ کان الڳ ڪرڻ، سوشلزم کي نافذ ڪرڻ ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي سماج جي مختلف طبقن کي پيپلس ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي نالي سان منظم ڪندي. اڄ جي حالتن ۾ ڪالهہ کان بہ وڌيڪ ذميواري ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي جي قيادت تي عائد.ٿئي ٿي تہ هو پنهنجي پارٽي کي وڌيڪ جمهوري بنائڻ ۽ پورهيت طبقي کي وڌيڪ جمهوري بنائڻ ۽ پورهيت طبقي جي ڊڪٽيٽر شپ تان هٿ ڪڻن ۽ پارٽي جي نئين ڪانگريس منعقد ڪن تہ جيئن سماج جي مختلف طبقن کي پاڻ سان جوڙي عوام جي حقيقي مسئلن کي ڪڻن انهن کي درست واٽ ڏيکارين ۽ موجوده اقتصادي، سياسي، سماجي، بحران ۽ انهن جي اڳواٽي لاءِ متحد ٿين. عوامي محاذن پارٽي تنظيم کي متحرڪ ڪن ۽ ايجيٽيشن جو عمل شروع ڪن ان لاءِ خاص طور نوجوان سموري محنت ڪش عوام ۽ وچولي طبقي کي منظم ڪري ملڪ جي عوام کي فرقي پرستي، نسل پرستي ۽ دهشتگردي، فاشزم، جي باهہ ۾ سڙڻ کان بچايو وڃي. عوام جي هيئنين فوري مسئلن لاءِ جدوجهد ڪرڻ واسطي جلد از جلد صف بندي ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ عوام پنهنجي نجات ڏياريندڙن ۽ مسيحائن جي انتظار ۾ آهي. آمريڪي ۽ ان جي رهنمائي ۾ هلندڙ سامراجي مالياتي ادارن جي پاليسين مان عوام کي نجات ڏياري وڃي جنهن ڪري عوام بيروزگاري بک ۽ بدحالي جو شڪار ٿي رهيو آهي.

نذير زنده آهي

سيف سميجو

شهيد نذير عباسي جي غربت ۾ گهاريل اذيتي گهڙين جا داستان اڄ بہ اوهان ۽ اسان کي تنبوالهيار جون گهٽيون ۽ چوڪ ٻڌائيندا. هاري مزدور ٻڌائيندا. جن دوستن نذير عباسي جي بدترين معاشي حالت ۾ گهاريل زندگي ڏٺي آهي ڇيو ٿو وڃي تہ اها ئي سندس سياسي تربيت جي ابتدا هئي ان گهاٽي ۾ پيسجندڙ زندگي بابت نذير وٽ ٻہ واٽون هيون يا تہ پيڙا سهندو رهي يا پيڙا جي خاتمي لاءِ جدوجهد جو رستو اختيار ڪري. پوءِ نذير اهو رستو قبول ڪيو جيڪو هر انقلابي جو پيڙا ۽ ڏکن جي خاتمي خلاف جدوجهد ڪرڻ جو رستو هوندو آهي. نذير عباسي صدين جي سيني تي ڦٽڪندڙ انسانن جي غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي انسانن جي جياپي معصومن جي مرڪ سرسبز ٻنين جي ساواڻ جي مستقل بهاري ۽ خوشحالي خاطر، بختاورن، ماروين جي ساک رکڻ لاءِ مخدوم بلاول، هوشو شيدي، روپلي ڪولهي، دودي سومري شاهه عنايت شهيد ۽ حسن ناصر جو روپ ڌاري، لينن، مارڪس، هوچي منهہ نگوين وان تروئي جيولس فيوچڪ جي ڪنيل انقلابي قدمن ۽ سندن ڪئل راهن تي هلندو رهيو. نذير عباسي جي دل ۾ ايڏي پيڙا جنهن ڪيس جسماني خاتمي آخري ڇيڙي تائين رسايو ڪيئن پيدا ٿي؟ اهڙو سماج جتي هر طرف ظلم ۽ ڏاڍ هجي عورتن جون عزتون هارين ۽ مزدورن جا حق محفوظ نہ هجن ۽ وستي وستي، گهر گهر نوجوانن جا لاش بي ڪفنا موڪليا وڃن. هر طرف نفرتون ئي نفرتون هجن ۽ هر هنڌ رت جي هولي کيڏي وڃي اتي نذير جو پيدا ٿيڻ بہ ظلم خلاف ديوار ٻڌجڻ ۽ سامهون اچڻ هڪ فطري ڳالهہ هئي. نذير انقلابي هيو ۽ انقلابي ڪڏهن بہ انفراديت پسند نہ ٿيندو آهي. ان ڪري هن پنهنجو رشتو پين ڪاهوڙين سان جوڙي سماج جي ريتن رسمن خلاف بغاوت جو اعلان ڪيو. نذير عباسيءَ نہ صرف سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو مرڪزي صدر هيو پر ڳوٺ ڳوٺ ملڪ جي ترقي پسند ۽ روشن خيال شاگردن جي تنظيم ڊي ايس ايف جو باني پڻ هيو. شاگرد جيئن تہ باشعور هئڻ ناتي مسئلن کي سمجهي نہ سگهندا آهن مگر تبديلي لاءِ پورهيت طبقي جي عملي جدوجهد ۾ سرگرم شرڪت ڪانسواءِ تبديلي يا انقلاب ممڪن نہ هوندو آهي ان حقيقت کي محسوس ڪندي نذير عباسي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۾ شموليت اختيار ڪئي. سندس ساٿين جي چوڻ مطابق نذير اسان مان ننڍي ڄمار جو ڪميونسٽ اڳواڻ هيو. نذير عباسي شاگرد سياست ۾ هڪ مثالي ڪردار ادا ڪيو. شاگردن جي جدوجهد هجي يا ون يونٽ جي خلاف اسٽرگل نذير عباسي ڪڏهن بہ پوئتي نہ هٽيو. بلڪ ان ۾ سرگرم رول ادا ڪيو. تحريڪ ۽ تنظيم سان سندس گهري سچائيءَ ويجهڙائپ کان ڪير بہ انڪاري ناهي. نذير پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ عالمي سامراج، سندس دلال سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ فوجي ۽ سول آفيسر شاهي جي خلاف سخت جدوجهد ڪئي. تاريخ گواهہ آهي

ته ازل کان ائين ئي ٿيندو آيو آهي ته جن سچ ڳالهايو انهن کي سولي تي چاڙهيو ويو. جن انساني حقن جي ڳالهه ڪئي يا ان لاءِ جدوجهد ڪئي ته انهن کي قيد ۽ بند ڪري اذيتون ڏنيون ويون ۽ سندن کي هميشه لاءِ خاموش رکڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي پر نذير کي قيد ۽ بند جون اذيتون ۽ ٽارچر جهڪائي نه سگهيا. شهيد نذير عباسي سدائين پنهنجي هن بيت کي پنهنجو مقصد بنائي جدوجهد ڪندو رهيو.

"جت نه پکيءَ پير، تت تمڪي باهڙي
پيو پاريندو ڪير، ڪاهوڙي ڪير ري

نذير جيڪو لطيف جو حقيقي وارث ۽ ڪاهوڙي هيو. سو عوامي حقن جي جدوجهد مظلوم قومن تي ظلم خلاف آواز اٿارڻ جي ڏوهه ۾ ڪيترائي ڀيرا جيل ڪاٽيا. مارشلا لا جي دور ۾ ڪيس سپ کان پهريائين ڪوئيٽا جي قلي ٽارچر ڪيمپ ۾ سندس کي سخت جسماني ۽ ذهني عذاب ڏنا ويا ۽ ان ئي ڪيمپ ۾ فوج جي ڪئپٽن نذير کي ڌمڪي ڏيندي چيو هيو ته جيڪڏهن تو پورهيت طبقي جي سياست نه ڇڏي ته پوءِ ٻئي دفعي تون نه بلڪ تنهنجو لاش ئي تنهنجي گهر وڃي سگهي ٿو. مگر جنهن انسان جو لڪين ۽ ڪروڙين مظلوم انسانن سان عشق هجي اهو ڪيئن ٿو ڪنهن آمر جي ڌمڪي کان ڊڄي. نذير ٽارچر ڪيمپ کان ٻاهر نڪري جلد ئي پنهنجي سياست ۾ سرگرم ٿي ويو. هن سپ کان پهريائين ملڪ جي سمورن ترقي پسند، جمهوريت سوچ رکندڙ شاگردن کي هڪ ئي لڙهي ۾ پوئڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان سلسلي ۾ هن ڇئني صوبن جو دورو ڪيو ۽ ڪيترائي اجلاس طلب ڪيا. اها ڳالهه فوجي آمرن کي هر گز پسند نه آئي، ڇاڪاڻ ته عوام دشمن آمر عوام جي قومي ۽ جمهوريت تحريڪ کان گهڻو ڊنل هيا سو هڪ دفعو وري نذير کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هڻڻ لڳا رياست جون سموريون خفيه ايجنسيون هن سنهڙي مگر بهادر انقلابي اڳواڻ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ هنڌ هنڌ ڇاپا هڻي رهيون هيون. آخرڪار 30 جولاءِ تي نذير عباسي کي ڪراچي مان گرفتار ڪيو ويو. مسلسل نون ڏينهن جي ٽارچر سهڻ کانپوءِ بهادر اڳواڻ اسان سڀني کان جسماني طور تي الڳ ٿي ويو. فوجي قاتلن نذير جو خون ڪري ڪيترائي نذير پيدا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو ڇاڪاڻ ته سنڌ جي تاريخ رهي آهي. ته جڏهن به سخت آمر يا آمريت هوندي آهي ته ان سان ٽڪر ڪائڻ وارا آهن ذهن به اوترا پختا ۽ مضبوط اپري ايندا آهن. واقعي نذير پنهنجو خون ڏيئي شهادت ماڻي تاريخ ۾ هميشه لاءِ امر بنجي ويو اڄ سنڌس ۽ عوام جي قربانين جي نتيجي ۾ ملڪ اندر ڪمزور جمهوريت آهي. اگر نذير عباسي شهيد کي خراج تحسين پيش ڪرڻو آهي ته پوءِ ضروري آهي ته سنڌ جا سمورا نوجوان نذير بنجي هر ان جمهوريت دشمن، سنڌ دشمن ۽ عمل خلاف ڄمي ويڙهه ڪن ته جيئن سنڌ کي هڪ دفعو ٻيهر آمرانه دور ۾ وڃي وڃڻ جو موقعو نه ملي.

ايڊيٽوريل عوامي آواز 9 آگسٽ 1997ع

نذير عباسي: سنڌ جو يگانو شهيد

سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ 4 اپريل وانگي 9 آگسٽ يعني اڄوڪي ڏينهن کي بہ ڪاري ڏينهن طور ياد ڪيو وڃي ٿو. اڄوڪي اڀاڳي ڏڻ تي بہ سنڌ کي شهيد ڀٽي ڪانپوءِ هڪ ٻيو رت ۾ ٻڏل لاش مليو هو. هي لاش جهان کي مٺائڻ جا سنا خواب ميڙي ڇوندي پاڻ وٽ گڏ ڪري رکڻ واري نذير عباسي جو هئو، جنهن کي اسان سڀئي محبت ۾ ڪامريڊ نذير عباسي ڪري سڏڻ ۾ فخر محسوس ڪنداهئاسين. سنڌ وارن وٽ هي لاش بہ سنگينين جي پهري هيٺ ائين پهتو هئو. جيئن شهيد ڀٽي کي ڳڙهي خدا بخش ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو هو. مارشل لائي راڄ سبب سنڌ وارن جا سڏڪا ان ڀيري بہ چوطرف ڇانيل خاموشي ۾ دٻجي ويا هئا.

ڪاري ڪکر هيٺ مون جهيڙيندي ڇڏيا
ڪارا ڪَند هٿن ۾ اڙل وڇيرا هيٺ
ٿي تنهين سين ڏيٺ، مونن جنهين مهٽو"شاهہ"

شهيد نذير جي ڪٽنب کي سندس جوابدارن جي خبر هئي، پر اهي ڪري ڪجهہ نہ ٿي سگهيا، ڇاڪاڻ تہ شهيد نذير عباسي جا جوابدار ماڻهو بہ اهي ئي هئا، جن اسان کي ڇونڊيل وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جو لاش ڏنو هو. انهن ماڻهن جي سگهاري هٿڻ جو اندازو ان ڳالهہ مان چڱي طرح لڳائي سگهجي ٿو تہ هي اسان جا، اهي ٻئي خون دينا داستي ڪاڏيون وينا آهن. پر ڪانئن ڪير ٻانهن جهلي پڇڻ وارو ڪونهي تہ، انهن هي ڪيس ڇو ڪيا هئا؟ يا ڇو نہ ٿا سنڌ وارن سان ويهي خونن جو حساب ڪن.

شهيد نذير عباسي کي اها سزا ان ڪري ملي جو هو بہ ذوالفقار علي ڀٽي وانگر عوام جي ڳالهہ ڪري رهيو هو. شهيد ڀٽي بہ عوام جي ڳالهہ ڪئي تہ نذير عباسي بہ ملڪ جي ٻورهيت ۽ مسڪينن جي حڪمراني ۽ بالادستي ڏسڻ ٿي چاهي، ٻنهي جو مقصد ساڳيو هو. پر واٽون الڳ الڳ ۽ سياسي نظريا مختلف هئا. شهيد ڀٽي سوشلزم جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ نذير عباسي "جيڪو ڪيڙي سو کائي" واري سياسي فلسفي ۾ ويساهہ رکندو هو. پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ ٻئي خوب وڙهيا. سندن حوصلا تمام گهڻا بلند هئا. هنن پنهنجن آدرشن تي ڪا بہ سوديبازي نہ ڪئي. هنن سر ڪٽايا پر جهڪايا نہ. سندن جرئت، دليري ۽ پنهنجي پنهنجي سياسي فڪر ۽ عوام سان سچائي جي انتها هئي، جو مٿن ظلم جا سمورا طريقا آزمايا ويا پر هو سنڌ جي رهبر ۽ فيلسوف شاعر جي اها سٽ جهونگاريندا رهيا تہ:

"اڳيان ئکر ئڙ، متان روهہ رنيون ٿئين"

انهي جي سزا وري سنڌ جي انهن ٻنهي ڇاون کي حياتي کسڻ جي صورت ۾ ڏني ويئي، جيڪا هنن کلي قبول ڪئي، هو اها سزا ڪاٽي سنڌ وارن، جمهوريت ۽ ڏتڙيل ماڻهن جو منهن مٺي ڪري ويا. اڄ هو ٻئي اسان وٽ نہ آهن، پر سنڌن عظيم قربانيون ۽ فڪر خوني ماڻهن سان پيو قيامت تائين ٽڪرائيبو. اسان سنڌن جي انهن قربانين کي سلام پيش ڪريون ٿا. تاريخ ساڻن ڪجهہ انصاف ڪيو آهي ۽ اڃا ڪجهہ ڪندي، جڏهن تہ جن ماڻهن جا هٿ سنڌن خون سان رڱيل آهن ۽ جيستائين هي جڳ قائم آهي تيستائين مٿن ڦٽڪار ڪئي ويندي. جيڪو اسان جو پنهنجن شهيدن جي پختن آدرشن وانگر مضبوط ايمان آهي. توڙي جو شهيد ڀٽي ۽ شهيد نذير عباسي جي شهادتن جي نوعيت ساڳي آهي پر ٻنهي وچ ۾ بنيادي فرق اهو آهي تہ ذوالفقار علي ڀٽو لاڙڪاڻي جي هڪ مشهور سياسي گهراڻي مان هو، جڏهن تہ نذير عباسي ٽنڊوالهيار جي مسڪين گهراڻي جي مسڪيني جو نپوڙيل فرد هو. شهيد ڀٽي ڦاسي تي هڪ چونڊيل وزيراعظم جي صورت ۾ لٽڪايو ويو، جڏهن تہ شهيد نذير کي مظلوم ۽ آزادي پسند ماڻهن جي حيثيت ۾ تشدد ڪري ماريو ويو. شهيد ڀٽي جي شهادت ڪانپوءِ سندس ڪٽنب ۽ سندس سياسي پوئلڳ تہ پنهنجي قائد جي جدوجهد کي قائم رکيو آيا پر شهيد نذير جا سياسي پوئلڳ اڄ پنهنجو سياسي قد وڃايو ويٺا آهن. هو سڀ جو سڀ ڏڳ وڃايو ويٺا آهن. هنن پنهنجي شهيدن جي قربانين کي وساري ڇڏيو آهي. اڄ جيڪا سنڌن حالت آهي ان کي ڏسي شهيد نذير جو روح لازمي تڙپندو هوندو. ڪيس اهو احساس شدت سان ٿيندو هوندو تہ هن جيڪا لازوال قرباني ڏني سا سندس جي غلطي تہ نہ هئي!! شهيد نذير عباسي جو خون اسان سڀني آڏو انصاف لاءِ سوال بڻيل آهي. اسان سڀئي سندس قرضي آهيون، اڄ تائين نہ عوام، نہ سندس ساٿين سندس خون خلاف دانهيو آهي. بهرحال ڏک جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ اسان جي سياسي حالت اڄ ڪلهہ اهڙي ٿي چڪي آهي، جو جن ماڻهن عوامي آدرشن ۽ نظرين تي سر قربان ڪيا، تن کي ڪو ياد ڪرڻ وارو بہ ناهي رهيو. اڄ نذير شهيد جي شهادت جو ڏهاڙو آهي، پر ڪنهن کي بہ خبر ناهي، ڪير بہ ياد ڪرڻ وارو ناهي. جن ماڻهن سان گڏجي هن سچائي سان جدوجهد هلائي، سي خبر ناهي تہ آهن بہ يا نہ؟ جيڪڏهن آهن تہ ڪٿي؟ تنهن هوندي بہ مايوسي جي اسان سمجهون تہ ڪا بہ ڳالهہ ناهي. نذير عباسي سنڌ جو شهيد هو. هن سڀني ڳالهين کان مٿيرو ٿي پنهنجي وطن ۽ عوام تان جان قربان ڪئي. هيءَ تمام وڏي قرباني آهي، جيڪا سواءِ ڪنهن انقلابي جي ٻيو ڪو بہ نہ ٿو ڏئي سگهي. ماڻهو ڪيس ياد نہ ٿا ڪن، پر تاريخ ۽ سنڌ ساڻس ضرور انصاف ڪندي، هو سنڌ جو يگانو شهيد هو، آهي ۽ رهندو. اسان صرف ائين چونداسين تہ:

اسان جو جڏهن خوش ٿي ايندو
تہ ويڙها وطن جا بہ واسي ڇڏيندو

آگسٽ مهينو پاڪستان جو جنم ۽ نذير عباسي جو موت

عبدالخالق جوڻيجو 1997ع

ڪجھ ڏينهن اڳ ۾ نذير عباسي جي ورسي ملهائي وئي. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ پاڪستان جي سالگره ملهائي ويندي. نذير عباسي جي مرڻ جي تاريخ 9 آگسٽ آهي ۽ پاڪستان جي ڄمڻ جي تاريخ 14 آگسٽ هاٿي ٻنهي جو مهينو ساڳيو آهي. ساڳئي مهيني ۾ هڪ جو ڄمڻ ٻئي جو مرڻ محض هڪ اتفاق آهي يا ان کان وڌيڪ ڪجھ ؟ ظاهري طرح تہ هڪڙي ملڪ جو ڄمڻ ۽ هڪڙي فرد جو مرڻ بہ بلڪل جدا ۽ هڪ ٻئي کان لاتعلق واقعا آهن پر ٿورڙو گهرائي ۾ وڃي ڏسجي تہ ٻنهي ۾ ڳانڍاپو ۽ تعلق موجود نظر ايندو. هر هڪ واقعي جا هڪڙا فوري ۽ سطحي ڪارڻ هوندا آهن. جڏهن تہ ٻيا دور رس ۽ اصلي سبب هوندا آهن. پاڪستان جي ڄمر جو ظاهري سبب"اسلام جو نفاذ" هئو. اهڙي طرح نذير عباسيءَ جي موت جو فوري سبب چند فوجي آفيسرن جو تشدد هو پر ٻنهي جا حقيقي ۽ دور رس ڪارڻ ساڳيا هئا. يعني نااانصافي، ڦرلٽ ۽ استحصال. پاڪستان ڪي وجود انهن شين جي فروغ لاءِ ڏنو ويو جڏهن تہ نذير جو موت انهن ڳالهين جي خاتمي واري جاکوڙ جي ڪري ٿيو. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ نذير جو موت سڌي ريت پاڪستان جي ڄمڻ جو نتيجو آهي. البتہ اهو چئي سگهجي ٿو تہ پاڪستان جي ولادت ۽ وجود جو نشانو رڳو نذير عباسي ڪو نہ بڻيو. هن ملڪ جي قيام ۽ ان جي نتيجي ۾ جاري استحصال جو شڪار ٿيل نوجوانن ۽ ٻڍن، ٻارن ۽ عورتن جي خون جا اڻمٽ نشان بنگال جي سونهري کيتن، پختونخواه جي وادين، بلوچستان جي ٻهاڙن ۽ سنڌ جي ميدانن ۾ جڳھ جڳھ پکڙيل نظر ايندا. سنڌ ۾ عبدالرزاق سومرو، اشوڪ ڪمار، دوست محمد پراچا، علي مردان شاھ رقصر، جان محمد ڪيڙو، احسان ميمڻ، ٽوڙهي جا گهوٽ، ذڪريا ميمڻ، مالڪ خشڪ، امان الله وسطڙو، منو بليدي ۽ انور عباسي ۽ ايم آر ڊي تحريڪ جي بيشمار ۽ بي نام جوڌا ۽ ٻڻ ٻيا ڪيترا شهيد، انهن جا لاش سندن والدين، ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ اسان سنڌ واسين لاءِ پاڪستان جي جشن ولادت جا تحفا آهن. پر نذير جي شهادت ان ڪري ڪجھ وڌيڪ نمايان ٿئي ٿي جو مهينو ٿي

ساڳيو اهو پاڪستان جي ولادت وارو آهي ۽ ان جو بہ منهنجي خيال ۾ هڪڙو سبب (پلي اهو ڪٺي ڪيترو پـر اونهون ۽ ڪيترن تهن ۾ لڪل هجي) آهـي تـہ نذير پاڪستان سان گڏ وجود وٺندڙ ڦرلٽ واري نظام جي خلاف وڏيڪ شعوري جدوجهد ڪئي.

پاڪستان جي قيام سان جنهن نظام وجود ورتو ان تي سول ۽ فوجي بيورو ڪريسي، جاگيردار ۽ ملان جو قبضو هئو ۽ ان جا بنياد قومن جي غلامي ۽ غريب ۽ ڏتڙيل طبقن جي ماڻهن جي استحصال تي رکيل هئا. نذير عباسيءَ جڏهن کان هوش سنڀاليو تڏهن کان ان نظام جي خاتمي لاءِ جدوجهد شروع ڪئي ۽ اها جدوجهد ڪندي جان ڏنـائين. ان جدوجهد ۾ نذير اڪيلو ڪونہ هئو. هونءَ تہ ڪيترائي ماڻهو آهن جيڪي مختلف طريقن سان ۽ مختلف ميدانن تان ظلم ۽ ناانصافيءَ واري ان نظام خلاف جدوجهد ڪندا رهيا آهن. اهي سڀئي وسيع مفهوم ۾ نذير جا ساٿي هئا ۽ نذير انهن جو ساٿي هئو. پر سندس مخصوص ميدان ۾ يعني سندس پارٽي ۾ پڻ سندس ڪيترا ساٿي هئا. جن منجهان ڪجهہ ڪانئس سينيئر هئا تہ ڪن کان هو پاڻ سينيئر هئو. ڪن جي جدوجهد کان متاثر ٿي هن اهو رستو اختيار ڪيوهئو تہ ڪيترا وري اهڙا هئا جيڪي سندس جدوجهد کان متاثر هئا. پر جيئن فطرت جو اصول آهي تہ جنهن ماڻهوءَ جي جيتري گهري ڪمٽمنٽ هوندي ان کي اوتري وڏي قيمت ڏيڻي پوندي سو نذير عباسي سڀ کان وڏي يعني جان جي قرباني ڏئي پنهنجي پارٽي جي ساٿين ۽ اسان جهڙن مقصد جي ساٿين کان هميشہ لاءِ هليو ويو. نذير تہ ويوهليو پر هاڻي سوال اهو ٿو سامهون اچي تہ نذير واري مقصد ۽ سندس ساٿين جي ڪهڙي صورتحال آهي.جيستائين مقصد جو سوال آهي تہ ان جي صورتحال ساڳي آهي ظلم، استحصال، ناانصافي ۽ ڦرلٽ تي ٻڌل رياستي نظام جيئن جو تيئن موجود آهـي. قومون غلام ۽ محڪوم زندگي گذاري رهيون آهن غريب تہ اڳ کان وڌيڪ غريب ٿي ويا آهن جو هاڻي ڪائڻ لاءِ اٽو بہ ڪو نہ ٿو ملين، جهالت جو تناسب اڳي کان اڳرو، اقتدار تي اهو ئي سول ۽ ملٽري بيورو ڪريسي، جاگيردارن ۽ ملن جو قبضو آهي. سرمايہ دارن جي هڪڙي ٽولي بہ اقتدار جي ايوان ۾ پير پاتو آهي پر اهو بہ اڳواٽ قابض گروهن جي غلام ٿي ٿو هلي(ان جي ڪردار تي تفصيل سان الڳ مضمون ۾ لکبو) البتہ ڪجهہ وڌيڪ منفي ۽ سماج دشمن عنصرن جو واڌارو ٿيو آهي.نسلي ۽ مذهبي بنيادن تي دهشتگردي سموري سياسي، اقتصادي توڙي ڪلچرل عمل کي هٽي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان صورتحال جو اهم پهلو اهو آهي تہ ملڪي توڙي غير ملڪي پريس جي رپورٽن مطابق ان دهشتگردي ۽ قتل غارتگري کي رياستي ادارن جي پٺڀرائي حاصل آهي. اهڙي صورتحال ۾ ان نظام کي تبديل ڪرڻ لاءِ اهڙي ئي جدوجهد جي ضرورت آهي(جيتوڻيڪ جديد طريقن سان) جهڙي نذير ڪئي.

سنڌ ۾ نذير جا ساٿي ٻن بلڪ ٽن گروپن ۾ ورهائجي ويا آهن. ٽئين گروپ ۾ هڪ ئي ماڻهو آهي پر ان کري قابل ذڪر آهي ته اهو نذير جو ليڊر هو ۽ شايد انهن ماڻهن منجهان هو جن جي ڳالهين ۽ جدوجهد کان متاثر ٿي نذير اهو رستو اختيار ڪيو. هينئر اهو همراهه رڳو حڪمران ٽولن جو ساٿاري بڻجي چڪو آهي پر تبليغون ڪندوءِ چلا ڪيندو ٿو وتي. نه رڳو ايترو پر چوي ٿو ته پراڻي(جدوجهد واري) راهه تبديل ڪرڻ سان ڪيس روحاني سڪون نصيب ٿيو آهي. جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ نذير عباسي جي موت لاءِ رياستي ادارن سان گڏ ڪجهه ذميواريون ان همراهه تي ڪو نه ٿيون اچن؟. جدوجهد ۾ قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن ۽ انهن ۾ جان جي قرباني به شامل آهي جيڪا نذير ڏني. انهن ماڻهن جي ڦري وڃڻ سان نذير جي مان ۽ مرتبي ۾ ڪا گهٽتائي ڪا نه ايندي!! پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جنهن ماڻهو کيس ظلم، ناانصافي ۽ اڻ برابري خلاف جدوجهد ۽ قرباني جا سبق ڏنا اهو نذير جي هيڏي وڏي قربانيءَ کانپوءِ ان جدوجهد کي ئي ننڍي ته ان جو بيو مطلب اهو ٿيو ته هو ان قربانيءَ کي ئي ننڍي ٿو ۽ پوءِ اهڙي ماڻهو جي حيثيت ڪهڙي ٿي بيهي!؟ ۽ انصاف جي عدالت ۾ سندس جاءِ ڪٿي هجڻ کپي؟

ٻاقي ٻن گروپن مان هڪڙو گروپ انهن همراهن جو آهي جن نذير جي موت کانپوءِ سندس ورثي کي پنهنجي زندگي جومقصد ۽ حصو بنائڻ جا اعلان ڪيا هئا. پر هينئر اهي انهي ئي نظام جو حصو بڻجي چڪا آهن. جنهن جو نشانو نذير بڻيو ۽ جنهن گذريل پنجاهه سالن دوران اسان کي ڪيترن ئي لاشن جا تحفا ڏنا آهن ۽ اهو سلسلو اڃان به جاري آهي. جڏهن اهي دوست ان جو حصو بڻيا آهن. اهو "ڏاهن جو گروپ" جيڪڏهن رڳو ان استحصالي نظام جوحصو بڻجي ها تڏهن به خير هئو پر اهي هينئر پنهنجي ڏاهپ جو سڄو زور استعمال ڪندي ان کي مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي نجات جو واحد رستو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. گندگي جي ڍير کي گلشن، بدبوءِ کي خوشبو، مقتل گاهه کي عبادتگاهه چئي رهيا آهن. يا ائين چئجي ته بدي کي نيڪي ۽ برائي کي چڱائي ڪري پيش ڪري رهيا آهن ۽ اها ڪيڏي نه ناانصافي آهي جو برائي کي چڱائي ڪري مڃيو وڃي. برائي پنهنجي جاءِ تي برائي آهي پر ان کي چڱائي چوڻ اڃان به وڏي برائي ۽ دنيا جي سڀ کان وڏي ناانصافي آهي.

نذير عباسي جي ساٿين منجهان آخري گروپ انهن همراهن جو آهي جيڪي خاموش وينا آهن. استحصالي نظام جو حصو ته ڪو نه بڻيا آهن پر ان جي خلاف جدوجهد به ڪونه ٿا ڪن. ملڪي ۽ عالمي سطح تي استحصالي قوتن جي وقتي سرسي جڻ ته يارن جي ڇيلهه ڀڃي وڌي آهي. يا ائين چئجي ته ماضيءَ جي ڪنيل ڪجهه قدمن جي غلط ثابت ٿيڻ ڪري پنهنجو پاڻ مان اعتماد کڄي ويو اٿن. اهو پروسو نٿو بيهين ته هينئر جيڪو قدم کڻنداسين اهو به صحيح ثابت ٿيندو يا نه ۽

ڪامياب وينداسين يا جيتوڻيڪ ڪمٽمينٽ وارو ماڻهو ايئن نہ سوچيندو، آهي ۽ نہ سوچڻ ڪپيس. ان ڪي تہ جنهن مرحلي تي جيڪو رستو بهتر نظر اچي اڻ تي عمل ڪري غلطين ڪان ڊڄي نہ پر ان مان سبق حاصل ڪري ۽ نيڪي لاءِ اُجگائي لاءِ جدوجهد هر حال ۾ جاري رکي چاڪاڻ تہ حڪمت عمليون تبديل ٿينديون رهنديون آهن. مقصد برقرار رهندو آهي. اهو ئي نذير عباسي جي زندگيءَ جو ۽ سمورن انقلابي ماڻهن جي زندگين جو سبق آهي. ظلم، اڻ برابري ۽ ناانصافي ڪي ڏسندي خاموش رهڻ اڻ سڌي طرح ان جي حمايت جي برابر آهي.

شهيد نذير عباسي جي راھ ڪان پنڪي ويل سندس دوست

ڪامريڊ واحد بخش بنگلاڻي 1997ع

شهيد نذير عباسي ڪي اڄوڪي ڏينهن تي سواءِ سرخ سلام پيش ڪرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڇا چئي سگهجي ٿو. هو اسان کان 9 آگسٽ تي هميشھ لاءِ جسماني طور تي جدا ٿي ويو هو، پر ان جي جدوجهد، نظرئي ۽ فڪر کي نہ ٿو وساري سگهجي. ان جي جدوجهد، نظريو ۽ فڪر هميشھ لاءِ زندھ آهي. زندھ رهندو. ڪميونزم يا سوشلزم جو نظريو اسان لاءِ مشعل راھ ۽ راھ نجات آهي. شهيد نذير جو ڏنل نظريو يا فڪر ڪنهن بہ تعليم يافتہ شخص کان لڪل نہ آهي. ڪيس ننڍي عمر ۾ ڪيونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر هئڻ جو اعزاز پڻ حاصل هو. ان ڪري فوجي مارشل لا ضياءَ جي ڪاري اونداهي دور ۾ اذيتون ڏئي شهيد ڪيو ويو. هن ظالم آڏو ڪنڌ نہ جهڪايو. پنهنجو سر قربان ڪريَ هميشھ لاءِ امر ٿي ويو.

اڄ شهيد نذير جو روح ۽ نظريو ساٿين کي پڪاري رهيو آهي. پڻ فيڊر جي جدوجهد جي حوالي سان يا شاگردن کي متحد ڪرڻ جي حوالي سان يا وري مزدور شاگرد اتحاد جي حوالي سان يا وري عورتن جي حقن جي حوالي سان ڇئي سگهجي ٿو. اهڙي اڻ موٽ ڪميونسٽ اڳواڻ شهادت جو تہ جام پيتو پر لانگ بوٽن اڳيان سر نہ جهڪايائين. جيستائين دنيا ۾ نابرابري ۽ عدم مساوات جاري رهندو، تيستائين نذير عباسي جو فڪر ۽ نظريو بہ زندھ رهندو. شهيد نذير عباسي پنهنجي منڙي ماءُ جي ٿڃ ملهائيندي سرخرو ٿي سر تري تي رکي پنهنجي ماءُ جي ٿڃ جو مان رکيو. شهادت جو جام پيتو ۽ پنهنجي مٽي ماءُ جي هنج ۾ هميشھ لاءِ آرام ڪري رهيو آهي.

اڄ شهيد نذير جو روح پنهنجي ساٿين کي پڪاري رهيو آهي تہ هو ڪٿي آهن. اڄ ڪٿي آهي، مير ٿيبو، رحيم بخش جعفري، ڊي ايس ايف اڳواڻ امداد چانڊيو، علي حسن چانڊيو ۽ ٻيا دوست ڪٿي آهن. مختيار باچا، افراسياب خٽڪ، امتياز عالم، ڊاڪٽر اعزاز نذير، امر لعل، غلام رسول سهتو، صالح بلو، جمال نقوي، جام ساقي، رمضان غلام حيدر چنگيزي، عبدالستار بنگلزئي، عبدالحق بلوچ، ممتاز منگي، پريل مري، معشوق ملاح، اقبال ملاح، عاجز جمالي، يونس مهر، شبير شر، غلام حسين ڪٿي آهن؟ رڏ برادري تہ ڪٿي آهي، پيلار برادري ڪٿي آهي، انور ملڪ ۽ ڊاڪٽر اسلم سيئي تاريخ جي وهڪري ۾ هميشھ لاءِ لڙهي هليا ويا. اڄ اهي ڪٿي

بيٺا آهن، ڪي تہ ٺپ قومپرست بڻجي ويا آهن تہ ڪي ليگ ۾ پنهنجي ذاتي مفادن خاطر شامل ٿيا ۽ ڪي وري پيپلا بڻجي جاگيرداري جو راڳ الاپي رهيا آهن.

مير ٿيبو ۽ سندس ساٿي ڪڏهن جمهوري انقلابي پارٽي ۾ تہ ڪڏهن مارڪسي پارٽي ۾ مگر اڄ هٽي هنڌ ڪيائون، جو آخرڪار پنهنجا پڪڙا معمولي مفادن خاطر ليگ ۾ کوڙيائون.

هڪڙا تہ لانگ مارچن ۾ ۽ بعد ۾ انقلابي ڪانفرنس ڪوٺائڻ ۽ ساڻدي وانگر ڪيئي رنگ ظاهر ڪرڻ، ڊيموڪريٽ گروپ ۾ وڃڻ ۽ صوفي ازم جو پرچار ڪرڻ درگاهن تي حاضريون پرڻ ۽ پي پي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ حڪومت جي ختم ٿيڻ کان پوءِ يڪدم پيرن تي چلا ڪيڻ ۽ تبليغي جماعت وارن سان گڏ اوجاڳا ڪاٽڻ ۽ گهٽائي روپ بدلائڻ ۾ پورا آهن. آءِ اهڙوڪي ڏينهن تي شهيد جي روح کي ٻڌائڻ گهران ٿو تہ جيڪي ساٿي توسان گڏ هئا. اڄ انهن جو حال ڏسو وڃي، ساڻدي وانگي ڪيترائي رنگ بدلايا اٿن ۽ بدلائيندا رهندا. ڪالهہ تو سان گڏ وڏيرن، پيرن، ميرن ۽ سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي خلاف هئا، اڄ انهن جا گيت ڳائي رهيا آهن. ڪالهہ جيڪي هارين جا گيت ڳائيندا هئا، اڄ اهي بينظير ڀٽو ۽ نوازشريف جا پوئلڳ بڻيا. پي ايم ۽ سي ايم هائوس جا چڪر ڏيئي رهيا آهن. ڪي وري اخبارن ۾ بليڪ ميلنگ تي هري پيا آهن، پر ويٺا هارين ۽ مزدورن جي دشمنن سان بہ هارين ۽ مزدورن جي خلاف واويلا ڪرڻ ۾ پورا آهن، اهو شهيد تنهنجي خون سان دوکي بازي ناهي تہ ٻيو ڇا هي؟

صرف هڪ ٻئي تي ڇتي تنقيد ڪرڻ لاءِ شهيد جي ورسي تي ٻڌاڪون هٽي گهر پيڙو ٿينداسين تہ ڇا اسين سچا ڪامريڊ آهيون، هو چوندا تہ شهيد جا اصل وارث اسين آهيون. هوڏانهن ويٺا پوتارن سان هوندا، جن ماڻهن وٽ ڪالهہ رهڻ لاءِ جڳهہ ڪا نہ هئي اڄ انهن وٽ ٻہ ٻہ، ٽي ٽي بنگلا آهن. سڀني جي گهرن ۾ ڪافي سهولتون آهن اڄ انهن نام نهاد ڪامريڊن وٽ هر شيءِ ميسر آهي، رنگين ٽي وي کان وي سي آر تائين سڀ سهولتون وٽن موجود آهن اهي پاڻ کي شهيد جا وارث سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪري وڏي هام هڻندا آهن.

اي نام نهاد ڪامريڊو! شهيد نذير وٽ ڇا هيو؟ ۽ اڪيلي زرقا لاءِ ڇا ڇڏي ويو آهي، فقط جدوجهد ۽ فڪر هو ڇي منهہ، لينن وٽ ڇا هو. داس ڪيپٽال جي مصنف ڪارل مارڪس وٽ ڇا هيو؟ جو پنهنجي اڪيلي پٽ جو علاج ڪرائي نہ سگهيو، ۽ تڙپي تڙپي مري ويو. نذير عباسي وٽ اها ملڪيت هئي جنهن لاءِ مارڪس فرمايو تہ پرولتاريہ کي وڃائڻ لاءِ غلامي جون زنجيرون ۽ فتح ڪرڻ لاءِ سڄي دنيا آهي، اسان وٽ ڪجهہ پاڻ پتوڙيندڙ شهيد جا ساٿي اڄ بہ موت سان ڪشمڪش ۾ اڪيلي سر نذير جي نظريي جي حفاظت ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ برک دانشور ۽ مارڪس فلسفي جي پرچار ڪندڙ ڪامريڊ امام علي نازش ۽ سيد

رشيد احمد شاهه اڪيلي سر بہ پوڙها ميدان ۾ آهن. انهن پوڙهن سان ڪو بہ ساٿ نڀائڻ لاءِ تيار ناهن، ڇو تہ اهي حق ۽ سچ جي ڳالهہ ڪرڻ وارا آهن. ڪامريڊ امام علي نازش جيڪو اڄڪلهہ ٽي بي سينٽر ڪراچي ۾ زير علاج آهي، اڪيلي سر پاڻ پتوڙي رهيو آهي ۽ جنهن وٽ نہ جڳهہ نہ بنگلو نہ گاڏي سواءِ هڪ ننڍي ٽي وي، ريڊيو ۽ ڪتاب زندگي جا ساٿي اٿس. ٻلي مخالف ان جي باري ۾ ڇا بہ چون. شهيد جي ساٿين مان هڪ ايماندار ۽ اڻ وڪائو آهي نہ گهر نہ ٻار. پنهنجي جواني جي جوڀن جا ڏينهن روپوش ٿي گهاريندڙ اڪيلي سر ميدان ۾ آهي، هاڻ تہ نہ هلڻ جهڙو، نہ گهمڻ جهڙو. اڄ بہ ڪميونزم، سوشلزم جي نظريي تي قائم دائم آهي شهيد نذير عباسي جي ساٿين مان چاچا مولابخش خاصخيلي، ٽريڊ يونينسٽ ليڊر بہ هڪ آهي، سچو ۽ ايماندار آهي، هيري ڦيري ڪي نہ ڄاڻندو آهي، ڪجهہ ساٿي ڌنڌن ۽ پيشن سان لڳي ويا آهن. انهن مان خادم ٿهيم وڪالت پيو ڪري، شهيد جي قافلي کان ٿورو پري هليو ويو آهي، ان جا گهڻائي سبب آهن. ڪامريڊن خاص ڪري ليڊرن ۾ هڪ بيماري اها آهي تہ جيڪو ڪجهہ آهيان اهو فقط مان آهيان. ان مان پارٽي کي وڏو نقصان ڏنو آهي. ليڊرن جي مرضي اها آهي تہ اسان عقل ڪل آهيون. رول ڪان وٺي آدم تائين مان ئي آهيان. سڀ جو ڀڳدار هجان. هر ڪنهن جي واڳ منهنجي هٿن ۾ هجي، ان ڪري دوست مايوس ۽ بيزار ٿيا آهن. هڪ-هٽي جي ڪري سڀئي پنهنجي ڌنڌن کي لڳي ويا آهن.

اي شهيد نذير عباسي توکي تنهنجي جدوجهد ۽ تنهنجي نظريي کي سرخ سلام آهي.

اي موت مٺا، شل موت اچيئي
تون ڪهڙا ماڻهو مارين ٿو!

نذير جا قاتل ۽ مڪافات عمل

ڪامريڊ غلام رسول سهتو 1998ع

اڄ 9 آگسٽ آهي. منهنجي محبوب ليڊر ۽ ساٿي جي شهادت جو ڏينهن 18 سالن کان ڪو به ساٿي نذير جي شهادت کي وساري نه سگهيو آهي. هر ڪنهن جي لات وائي اها آهي ته نذير عباسي جهڙا پٽ مائرون ورلي ڄڻينديون آهن. ڇو ته ويجهي ماضي جي وڏن وڏن لباڙي ليڊرن کي ڏسون ٿا ته جيل ۽ ٽارچر سيلن مان واپس ٿيڻ کان پوءِ ڪي ڇريا ٿي نڪتا يا ڇريو ٿيڻ جو ڊرامو ڪيئن. ته ڪن وري لفاظي ساڳي رکي پر اندران اندران ايجنسين جا ماڻهو ٿي نڪتا پوءِ آهي مهينن جي اندر ڪروڙ پتي ٿي ويا. جيئن اڪثر ملو پڙهندو ته قرآن آهي پر عملن هو حاڪمن جو چاڙتو ٿي ويندو آهي. اهڙي ريت تمام گهڻن نام نهاد انقلابين جو به عمل، ڪردار مُلي کان به بدتو وجي بيٺو آهي. انهن جي هڪڙي نشاني اها هوندي ته هو حاڪمن کان عوام کي ڊيڄاريندو. لکا ماڻهو مارجڻ جون ڳالهيون ڪندو. پاڻ هڪ سوئي به نه کائيندو. وتندو جل چرندو پر سنڌ جي مائرن کي اپيلون ڪندو ته هڪ پٽ اسان کي ڏيو ته سنڌ مٿان قربان ڪريون!! جيئن مائرن ۾ حراس ڦهلجي ته پنهنجي ٻچن کي جلوس ۾ نه موڪلين يعني اندران ويهي تحريڪ کي ڪاٽ هڻندو. اهڙي ايجنٽ جي ٻي نشاني ٿي اها هوندي ته تحريڪ کي وڏائي پيش ڪندو ۽ ان جو رخ موڙيندو. تحريڪ هوندي ڪالاباغ ڊيم خلاف ته اهو حلالي صاحب سنڌ پنجابي فساد ڪرائڻ جون ڳالهيون ڪندو. بلڪ هتان وارا پنجابي مارڻ جو الاعلان ڪندو جيئن اصل تحريڪ اتي جو اتي رڪجي وڃي ۽ "اصل ٿي وڃي" سرڪار جي اچڻ لاءِ راهه هموار ڪندو. جڏهن ڪالاباغ ڊيم حاڪمن جو هڪ بيحوده اعلان آهي جنهن ۾ سندس فرعونيت عيان ٿئي ٿي. ان جو اهو علاج آهي عوام جو شعور وڌايو وڃي ۽ انهن جي جدوجهد ۾ شرڪت کي يقيني بڻايو وڃي، جيئن حاڪمن کي اڪيلو ڪري بيهارجي مثال طور سياڻي 10 آگسٽ تي سنڌ جي عوام جو تاريخ ۾ سڀ کان وڏي ۾ وڏي احتجاجي اجتماع ۽ ڏرڻو آهي هاڻي ايجنٽ جو ڪارنامو هڪ ته هي هوندو ته ان کي فساد ۾ تبديل ڪرائي ان جو رخ تبديل ڪرائي وري ان کي پر تشدد بڻائي انهي ماحول پيدا ڪرائڻ لاءِ پوليس جا اهلڪار به سهڪاري هوندا. جيڪڏهن سياڻي هڪ لک سنڌي هڪ پر امن احتجاج ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ٿا وڃن ته پوءِ اهو مجهڙو پوندو ته هاڻي سياسي سجاڳي جي ليول وڌي چڪي آهي. مون کي ياد تو اچي ته اهڙا ئي احتجاج پڻي جي ڦاسي خلاف ٿيندا هئا. انهي ڏينهن شهيد نذير عباسي حيدرآباد نوابشاهه هڪ ميٽنگ اٽينڊ ڪرڻ اچي رهيو هو ته هالا وٽ روڊ بلاڪ هو. هزارين عوام جو

وڏو جلوس فيڊر لائين بيهاري ان جا شيشا ٽوڙي رهيو هو ۽ گاڏين کي ڪهاڙيون هڻي رهيو هو. شهيد انهي هجوم ۾ شامل ٿي سياسي نعرا هڻائڻ شروع ڪيا. پوءِ آهستي آهستي عوام سندس ڪڍ نعرا هڻڻ شروع ڪيا ۽ گاڏين کي ڪهاڙيون هڻڻ بند ڪيون. ٻه ڪلاڪ اهڙي جلوس جي قيادت ڪرڻ کان پوءِ نوابشاهه ميٽنگ تي ٻه پهچي ويو. چو ته اتي اهڙو ماحول ناهي ورتائين جو ڪيس لفٽ ملڻ مشڪل نه رهي هئي. جتي اڃي سنگت کي سڄي صورتحال ٻڌايائين. اهڙي صورتحال لاهور ۾ پڻ ٿي گذري هئي جو اسين پاڪستان جي چئن قومن جون تنظيمون پختون اسٽوڊنٽ فيڊريشن، بلوچ اسٽوڊنٽس فيڊريشن، پنجاب اسٽوڊنٽ يونين ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي گڏيل پليٽ فارم PFUS تان لاهور يونيورسٽي جي اولڊ ڪئمپس ۾ جيئن ئي پهتاسين ته نعرا هڻڻ شروع ڪياسين. جيئي سنڌ جيئي بلوچستان، جيئي پنجاب، جيئي پختونستان ته جماعت اسلامي جي غنڊن حملو ڪري ڏنو. اتي ڪجهه پنجابي اسٽوڊنٽس اشتعال ۾ اچي ويا ڪي ٻيا جيڪي سامهون واري ديوار جون سرون ڪڍي اڇلائي ڏيڻ شروع ڪيون ته سنگت اهي سرون جوابي حملي ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيون. اتي رزاق بگٽي بي ايس او جي چيئرمين ۽ نذير عباسي دوستن کي سمجهايو ته پاڻ جنهن مقصد لاءِ آيا آهيون ان کي فيل ڪرائڻ لاءِ حڪمران فساد ۾ تبديل ڪرائڻ چاهين ٿا ته جئين صبح جو اخبارن ۾ اچي ته شاگردن جي ٻن گروپن ۾ ويڙهه ٿي. انهي ڪري پنهنجي ڪنوينشن کي اسين هاڻي پيپلزهائوس ۾ ڪنداسين. اها عجب جهڙي صورتحال آهي ته اها جماعت اسلامي هاڻي ڊيم جي مسئلي تي پختونن ۽ سنڌين سان گڏ بيٺي آهي ۽ "مار مارڪي پاڪستان بنائون گا" جي ڳالهه ڪندڙ ذوالفقار علي ڀٽو جي نياڻي بينظير صاحبه پڻ مظلوم قومن سان گڏ بيٺي آهي ۽ سياڻي پنجاب جي باردر تي ذرڻي هڻڻ ۾ سنڌين جي اڳواڻي ڪري رهي آهي. جي اها ڳالهه ڪالهه ذوالفقار علي ڀٽي کي سمجهه ۾ اچي ها ۽ جيئن ئي بنگال جي آزادي کان پوءِ پنجابي حڪمران سندس ڳيجهو ٿيا هئا ۽ ڪيس چون پيا ته جي ايم سيد ۽ غفار خان کي ڇٽو ته اسان جا قيدي ڇڏرائڻ ۾ مدد ڪن ۽ پوءِ پاڻ مفتي محمود، ولي خان ۽ مينگل سان سهڪار ڪيو هيائين. ٻن صوبن ۾ انهن جي حڪومت هئي ۽ 73ع واري آئين ۾ ٻه ساڻس سهڪار ڪيو هئائون. جڏهن ته اسان ولي خان تي الزام هنيو هو ته ولي خان وارا يعني نعپ واري آئين تي صحيح ڪري قومن سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي پر ڀٽو ته پنجابي حاڪمن جي ششڪر تي بلوچن جي جمهوري حڪومت ڊاهي وڌي، جيئن هاڻي نواز حڪومت اختر مينگل جي حڪومت ڊهرائڻ لاءِ اڻ سڌيون سازشون ڪيون هيون پر پاڻ ڀٽي صاحب ته سڌو سنئون غداري جو الزام هڻي، حڪومت ڊاهي گورنر راڄ لاڳو ڪري اڪبر بگٽي کي گورنر مقرر ڪري ڇڏيو هو. پر اها بلوچن جي جدوجهد 18 هزارن بلوچن جي شهادت تي پهتي، جڏهن ڀٽي جي حڪومت جو تختو انهن ساڳين پنجابي

حاڪمن اونڌو ڪيو تہ ضياءُ الحق عطا الله مينگل کي چيو هو تہ تنهنجي پٽ اسد الله مينگل کي پٽي مارايو هو. ان جو فرياد داخل ڪرائي تہ ان مرد مجاهد جواب ڏنو هيس منهنجي پٽ کي ايجنسين مارايو آ. انهن تي ڪيس داخل ڪندين؟ تہ ضياءُ الحق خاموش ٿي ويو هو. هي قدرت جا مڪافات عمل آهن. جو اڄ سڀ مظلوم وري اچي گڏ ٿيا آهن ۽ پنجابي آقا پنهنجي لڳايل چار ۾ ڦاسي پيا آهن. جو سڀ ڇٽي رهيا آهن تہ هاڻي برابري جي بنياد تي گڏ هلي سگهجي ٿو. يعني مرڪز وٽ صرف ٽي ڪاتا هجن. دفاع، امور خارجہ ۽ مواصلات سياڻي انهي نقطن لاءِ پنجاب جي ٽنهي سرحدن تي مظلوم قومن جا تاريخي اجتماع هڪ ريفرنڊم هوندا. ان مان پنجاب جي آقائن کي پنهنجن روين کي درست ڪرڻ گهرجي جي اقتدار جي گهمنڊ ۾ اچي اجا بہ سکڻ نٿا چاهين تہ پوءِ ان جو بہ هڪ مڪافات عمل ٿيندو. جنهن ۾ سندن ايٽم بم بہ ڪا مدد ڪري نہ سگهندو. ڇو تہ هاڻي ڪين دنيا جي ڪا بہ قوت ڪنهن بہ قوم جا هزارين ماڻهو مارڻ جي اجازت ڪو نہ ڏيندي. نہ وري ڪو هاڻي دنيا بلاڪن ۾ ورهايل آهي جو هر ڪو پنهنجي بلاڪ جي هر تشدد واري آمريت جي بہ حمايت ڪري سگهي. ڇو تہ هاڻي ميڊيا جو دور آهي اها عجب جهڙي صورتحال نہ آهي جو جيڪي اخباري ڏريون سال ڪن ڪان هر حڪمران جي سڌي اڻ سڌي طرح دلالي ڪنديون آيون آهن. انهن بہ اهو اعلان ڪيو تہ سنڌي اخبارون ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ۾ ڪو بہ اشتهار نہ ڇاپينديون. اها ڳالهہ ائين آهي جيئن وئيشہ گراهڪ کي موٽائي ڇڏي. اها هڪ حد آهي ڪنهن قومي ٻڌي جي، جو فنڪارائن ڪان وٺي عالمن تائين سڀ هڪ ٿي ويا آهن. فقط منصوري دم هڻڻ وارا صوفي فقير گم آهن. انهن جي ڪٿي بہ جلوس يا لانگ مارچ نہ ڏنو اٿم نہ ٻڌو اٿم. هونئن پنڌ ڪرڻ جا ڪي پاڙي بہ ڪونهن هر سال لاهوت وڃڻ وارن جو تعداد بہ هزارن ۾ هوندو آهي پر هن پيري شايد چرس جي پنڪي ۾ اچي ويا آهن يا وري ٿورو ميڊيا تي سندن ڪلامن اچڻ جي مزي ۾ مست ٿي ويا آهن. باقي جيڪي ٻارنهن مهينا ڪربلا ڪربلا چوندا وتندا آهن تہ ٻيبين جو پاڻي بہ بند ٿي ويو. هاءِ حسين ڪربلا. اهي بہ ڪافي عرصو گم رهيا سندن پاڪستاني رهبر ٽي وي تي اچي ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ۾ بيان بہ ڏئي ويو پر ٻڌو اٿم. تہ سنڌ بلوچستان ۽ پختونستان جي مجاهدن پنهنجي تاريخي روايت برقرار رکندي مظلومن جي حمايت ڪئي آهي ۽ پنجاب قيادت ڪان علحدگي اختيار ڪئي آهي. اهو بہ چڱو تہ "پلي پلي پاڻ آئي، سا بہ نہ پلي" هونئن بہ تاريخ تمام وڏا مذاق ڪندي رهي آهي. شهيد نذير عباسي کي جن الزام هٽي يونيورسٽي ۾ ڪٽون ٿي ڪڍيون تہ تون پنجابين جو دلال آهين ۽ اهي اڄ پنجابي حاڪمن جا اي ڪلاس جا چمچا آهن. حالانڪ نذير عباسي پنجاب جي مظلوم طبقي پورهيتن سان اتحاد جي ڳالهہ ٿي ڪئي پر پوتارن تہ وڃي اصلي تي وڏن حاڪمن جي بيعت ڪئي. ٻيا جيڪي وري شهيد نذير عباسي تي اهو الزام هڻندا هيا تہ هو مهاجرن جو چاڙتو آهي

انهن ويچارن کي تاريخ اڄ نواب مظفر جي اولاد سان اتحاد ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي. اسان جون اکيون ٺڏيون. پلي ياريون رکن پر ياري جي پرک عمل هوندو آهي. اڄا ڪالهه انهن ڪالاباغ ڊيم کي رد ڪرڻ واري رٽ کي ناڪام بڻايو آهي يعني سندن اتحاد کي اڃا چار ڏهاڙا به نه گذريا ۽ اهڙو دوستي جو عملي ثبوت ڏنن!! اها به اڃا ٻي ڳالهه آهي ته شهيد نذير عباسي جي قاتل مدنائيٽ جيڪال ميجر امتياز جي گرفتاري کان پوءِ حالت ڇا ٿي هئي. اها ته بينظير صاحبه هئي جنهن مٿس مڪمل ثابتين هوندي به ڪيس نه هلايو. فقط ڪيس هلائڻ جي ڌمڪي ڏني هئي ته به ميجر صاحب جي پوڪ ڪا نه ٿئي بيني. ٻئي طرف ضياءَ سميت پوري جنرلن جي ٽيم واري جهاز جو لال ڪوني پرسان ڪرڻ به هڪ عجيب اتفاق هيو. ان کي ڇئبو آهي مڪافات عمل. ته انهن هن ڌرتي جي سپ کان وڌيڪ غيرت مند فرزند شهيد نذير عباسي جي خون لوڙهائڻ ۾ حصو هيو يا قتل ڪرائڻ ۾ حصو هيو ان جو صلو ته آخر کين ملڻو ئي هيو نه!؟! شهيد نذير جو ڏوهه هي هيو ته هو هت پورهيتن جو سپ کان وڌيڪ وفادار ساٿي هيو. مظلوم قومن جو بهترين همدرد هيو. سامراج جو ازلي ويري هيو. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن ساڳي سامراج پاڻ وارن حاڪمن کي ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ شروع ڪيا آهن. هاڻي کين ڊالر جي اهميت جي خبر پڻ شروع ٿي آهي. هاڻ کين آءِ ايم ايف جي سازشي ڪردار جي ڇاڻ پوڻ شروع ٿي آهي ته اها قومن کي ڪيئن نه ڪنگلو بڻائي ٿي ڇڏي. اڄا کين گهٽيون خبرون پونديون وينديون پوءِ اهي سپ گڏجي نذير عباسي جهڙن شهيدن جي قبرن تي مزارون ٺهرائي پوڇيندا ته اهي ئي هن قوم جا اصل هيرا هئا جن اڄ کان ڪيترا سال اڳ ۾ سامراجي نيتن کي سمجهي ورتو هئو. هونئن به ظالمن کي ظلم ڪرڻ ئي ايندو اٿن ته ڪيهڙيون ۽ رانپاٽ ڪندا آهن پڙهندڙن مان جن به پائرن جنرل فضل حق کي گرفتار ٿيندي ڏٺو هوندو اهي ئي ڳالهه جو اصل حظ حاصل ڪري سگهن ٿا. ڇا ته منظر هيو.جنهن جنرل لاءِ ايتري پروپيگنڊا ڪئي وئي هئي ته الائي ڇا آهي ان جو پائيدان ۾ پک هيو ۽ رڙيون هيون يا جنرل نيازي پاران هٿيارن سان ليس هوندي پيش پوڻ جن ٿي وي تي ڏٺو هوندو اهي حضرات وري شهيد جي آخري تشدد وارن 9 ڏينهن تي غور ڪن ته هن پنهنجي مارو ماڻهن جو شان اوچو رکيو. سر ڏنو پر آڻ نه مڃي. هنن اسان وارن حڪمرانن ۾ ته عيسائي انگريزن جيتري به غيرت ڪا نه آهي جو اهي به پاڻ سان بهادري سان وڙهڻ واري جي تاريخ لکندا هئا ته هيتري سورهائي سان وڙهيو ۽ ان کي سلام به پيش ڪندا هئا پر هتان وارا مسلمان حاڪم انهن خصلتن کان محروم آهن هتي هيروئن ناهڻ. وڪڻڻ واري کي ڪجهه نه چيو ويندو آهي هٿيار پهچائي سوين مائن جا لال کهرائڻ وارن کي ڪجهه سزا نه ڏني ويندي آهي. ملڪ سان غداري ڪرڻ وارن تي ڪڏهن به ڪيس نه هليو آهي. هتي ٽيهه ٽيهه ڪروڙ روپيا ڪائي ويندڙ کي سزائون نه مليون آهن. هتي مظلومن جي ساٿين کي سدائين سزائون مليون آهن پر جن جيلن ۾

هيروئن ۽ هٿيار اسمگل ڪندڙ ۽ نـاهيندڙ هجڻ ڪپن ها اتي مظلومن جا ساٿي قيد ڪاٽيندا رهيا آهن! ملڪ جي دولت لٽي ملڪ کي ڪنگلو بڻائيندڙ آزاد گهمندا آهن ۽ شهيد نذير عباسي جهڙن محبوب ليڊرن کي تشدد ڪري ماريو ويندو آهـي پـر افسوس جو اڄ بہ حاڪمن ان مان ڪو بہ سبق حاصل نہ ڪيو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو تـہ سبق حاصل بہ نہ ڪن، ڇو تہ انهن جو طبقاتي مفاد آهي هن رياست جو رکيـل نـالو تـہ اسلامي رياست آهي پر اصل ۾ ايئن نـہ آهـي. هتـي جي برگيـڊيئر امتيـاز، اختـر عبدالرحمان ۽ ضياءُ الحق جهڙن جنرلن جا پيسا غير ملڪي خزانن ۾ جمع ٿيـل آهـن، انهن جو نظرياتي اولاد وري بين کي اپيل ڪندو آهي ملڪ سنواريون، ڇاڪاڻ دنيا جو ڪو بہ ماڻهو اها دعويٰ ڪري سگهي ٿو تہ اختر عبدالرحمان جيترا پيسا هن ملڪ مان افغانستان جي جنگ جي بهاني ڪمايا ايترا پيسا آصف زرداري پنهنجن سـتن پشتن ۾ ڪمائي سگهندو؟ پوءِ بـہ انهن ڪان اسلام جي نالي ۾ آهي پيسا پنهنجي ملڪ جي بئنڪن ۾ رکرائي ڏيکارن پوءِ مجون، تـہ هي احتساب ڪـري ڇاڻن ٿـا. پنهنجن سرمائيدارن کي ڪهڙي سزا ڏئي سگهيا آهن آخر ۾ جيڪي مهينو ڪن اڳ اوڇتو بئنڪن مـان پيسا ڪڍرائي ٻاهر رکي آيا آهن. آخر ۾ هنن کي سـڀ ڏوهـہ مظلومن ۾ ڇو ٿا نظر اچن يا انهن جي قيادت ۾ نظر اچن. سنڌي آبادگار ٽيهہ هزار بئنڪ مان قرض ڪڻڻ تي جيل ۾ پهچي سگهي ٿو تہ ٻہ ۽ ٽي ارب ڪاٽيندڙ سـرمائيدارن تي اڄ تائين ڪيس ڇو نہ هليا آهن يا ڪيـن سزا ڏئي ملڪيتون ڇو نـہ ضبط ڪيـون ويون آهن؟ اهو آخر مذاق ڇو ٿي رهيو آهي. سـنڌ جي ڊاڪٽرن، ماسـترن ڪـان پنجـاب جي ڊاڪٽر ۽ ماستر جي پگهار ڇو مٺي آهي؟ اهو آهي سنڌن اسلام ۽ اهو آهي سـنڌن ملڪ سان وفاداري؟! اهڙن ملڪن ۾ جتي عوام سان ايترو انڌير روا رکيو ويندو آهي انهن ملڪن جي حاڪمن سان قدر اهڙو ٿي حشـر ڪندي جهڙو ضيـاءُ الحق ۽ سـنڌس ساٿين جو ٿيو ۽ جهڙو هاٺوڪن حاڪمن سان ٿيڻ وارو آهي. ڪنهن کي خبـر هئـي تـہ حاڪمن جي خلاف هيئن بہ ڪو اتحاد ٿي سگهي ٿو. ڪنهن ۾ طاقت هئي جو بينظير ۽ ولي خان مينگل ۽ اير ڪيو اير ۽ جيئي سنڌ کي هڪ پليٽ فارم تـي گڏ ويهـاري سگهي ها. اها پنجابي حاڪمن جي اصل ۾ هٺ ڌرمي واري فرعونيت آهي جنهـن سيني کي گڏ ويهڻ تي مجبور ڪيو آهي. بس هڪ اتحادي انهي سٽ ۾ ڪونهي اهـو آهي عبدالحميد جتوئي جيڪو هر دور ۾ مظلوم قومن جي سٽ ۾ بيهندو رهيو پر اڄ اصل حاڪمن سان گڏ وينـو آهـي اخبـاري بيـانن جي حد تـائين تـہ ٺيـڪ آهي رئيـس شينهن لڳو پيـو آهـي پر سندس ولـي عهـد سنڌ اسيمبلي مـان هـاٺوڪي اجلاس مـان ڪالاباغ ڊيـم خلاف رٿ کي ناڪـام بڻائي ڇڏيو. ڏسـئون تـہ رئيـس کـي تـاريخ ۾ ڪهڙي پاسي تو لکيو وڃي. اجا وقت ويو نہ اٿس. "پلي پلي پاڻ آئي سا بہ نہ پلي" تي عمل ڪري وڌائين تہ سنڌين جو ايڪو تاريخي ليکيو وينـدو. جيڪـو پنـج هـزار سـالن جي تاريخ ۾ واحد مثال هوندو.

اڄو تہ شهيد نذير عباسي کي خراج عقيدت پيش ڪريون

امداد قاضي　　　　1998ع

ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت کي 18 سال مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ سندس قافلي جي پڻ تمام گهڻي پيچ ڊاهہ ٿي چڪي آهي. سندس تمام گهڻا پراڻا ساٿي رستا تبديل ڪري چڪا آهن. پر سندس پارٽي جا ڪجهہ ساٿي، بيشمار نوان ڪامريڊ ان جهنڊي کي اپ تائين جهولڻ جي دعويٰ تان اڄ تائين نہ صرف دستبردار نہ ٿيا آهن، پر هر چئلينج جو مقابلو ڪرڻ لاءِ سندن جسم هر لمحي هڪ نئين توانائي سان پورهيت طبقي، مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جي نجات لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. ڪامريڊ نذير جي شهادت وقت پاڪستان ۾ سامراجي مدد سان فوجي راڄ قائم هيو، عوام جمهوريت لاءِ آتو هيو، پوري دنيا ۾ پورهيت طبقي جو نظريو، مظلوم طبقن جي لاءِ مشعل راهہ هيو هر طرف سامراج مخالف پورهيت طبقي جي نظرئي سان مسلح پارٽيون اڳتي وڌي رهيون هيون. سوشلسٽ بلاڪ موجود هيو ۽ دنيا جي عظيم سوشلسٽ رياست سوويت يونين پڻ موجود هئي. هر طرف ڳاڙها جهنڊا هئا. "پنهنجي هٿ ۾ ڳاڙهو جهنڊو اپ تائين جهوليندو، ساٿي اهڙو ڏينهن بہ ايندو" جي للڪار هئي. سماج جو هر فرد پنهنجي حق لاءِ صف بند هيو ۽ هر ماڻهو جي وات تي هڪ ئي نعرو هيو:

جهنڊا ڪٿو، نعرا هڻو، وڙهندا هلو وڙهندا هلو

پر اڄ صورتحال تمام گهڻي تبديل ٿي چڪي آهي. سوويت يونين رد انقلاب جي ور چڙهي چڪو آهي. ڪميونسٽ تحريڪون هڪ پيرو شڪست کائي چڪيون آهن. عوام جو سياسي پارٽين تان اعتماد کڄي چڪو آهي. سندس ساٿي جيڪي عوام لاءِ جان قربان ڪرڻ، گهر گهاٽ ڇڏڻ لاءِ تيار هيا، انهن مان گهڻا ئي ڦورو نظام ۾ شامل ٿي ان جو حصو بڻجي چڪا آهن. ڪلهہ عوام جن پارٽين جي اثر هيٺ هيو ۽ چئي رهيو هيو تہ" بينظير آئي هي انقلاب لائي هي" ان وقت ان پارٽي ۾ شامل نہ ٿيا ۽ جڏهن عوام چئي ٿو تہ بينظير ۽ نوازشريف ٻئي اقتدار پرست پارٽيون آهن. عوام جي هڏ ڏوڪائيءَ جي انهن مان اميد رکڻ اجائي آهي ۽ 88 کانپوءِ بحال ٿيل جمهوريت ۾ عوام جي آڌو واڪيون ٿي چڪيون آهن. هي دوست ان وقت

انهن پارٽين ۾ شامل ٿيا آهن. جڏهن عوام انقلاب کي نہ سمجهي سگهيو هو ۽ صرف مارشل لا جي خاتمي سان جمهوريت جي بحالي سان پنهنجي مسئلن جي حل جي اميد رکيو ويٺو هو. اهو عوام اڄ ڪنهن خوني انقلاب جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. ان وقت جا نذير جا ساٿي هاڻي پ پ، مسلم ليگ ۽ روايتي پارٽين مان تبديلي جي اميد رکيو ويٺا آهن. 1980ع ۽ 1999ع ۾ اهو واضح فرق آهي پر ڪامريڊ نذير جا ساٿي مايوس نہ آهن. اهو نظريو ئي آهي، جيڪو حسن ناصر ۽ نذير عباسي ٽيڻ لاءِ نوجوانن کان نعرو بلند ڪرائي رهيو آهي تہ نذير جو رستو اسان جو رستو. پر ڇا اسان جو سماج تبديل ٿيو آهي، هارين تي وڏيرن جو ظلم ختم ٿي ويو آهي، مزدورن کي بهتر روزگار ۽ هڪ تولي سون برابر پگهار ملي رهي آهي، عام ماڻهن جي گهر ٿنهي ويلن تي سٺيا طعام پچي رهيا آهن. عوام کي اٽو، اجهو ۽ لٽو ملي چڪو آهي، غريب ماڻهوءَ کي دوا درمل ۽ تعليم جي سهولت ملي وئي آهي. فوج ۽ پوليس جو ڏنڊو ختم ٿي ويو آهي. عورتون ظلم جي گهاڻي مان آزاد ٿي چڪيون آهن، پاڪستان جي مظلوم قومن کي حق خود مختياري ملي وئي آهي، آمريڪا ۽ ٻين سامراجي ملڪن طرفان اسان جي ملڪ جي لٽ مار بلڪل ئي ختم ٿي وئي آهي؟

انهن سڀني سوالن جو جواب آهي نہ، نہ، نہ..... ائين ڇوڻ وڌيڪ بهتر ٿيندو تہ انهن مسئلن لاءِ جيڪو ٿورو گهڻو حوصلو ٿيو آهي، اهو بہ واپس کسجي ويو آهي. حالت اهڙي موڙ تي بيٺي آهي جو ماڻهو مسئلن کان تنگ ٿي خودڪشي ڪري رهيا آهن. ڇو تہ استحصالي سماج قائم آهي، نہ صرف قائم آهي بلڪہ حق ۽ انصاف جون قوتون جيتريون ڪمزور ٿيون آهن، اوترو ئي ظلم ۽ ناانصافي جون قوتون طاقتور ٿيون آهن (عارضي طور ئي سهي) ان ڪري ان خلاف ويڙهہ جي بہ اوتري وڌيڪ شدت سان ضرورت آهي. اڄ صورتحالُ ڇا آهي؟ 80ع جي ڏهاڪي انسانذات جي اجتماعي محنت سان ۽ سرمائيداري جي وڌيڪ نفعي جي لالچ ۾ اڄي پيداواري ذريعن جي لاڳيتي ترقي ڪري سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب ايس ٽي آر جي نئين مرحلي ۾ پيدا وار بي انتها وڌي وئي. جيڪا انساني تاريخ ۾ ڪڏهن وهم گمان ۾ بہ نہ هئي. ان ڪري ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪن (خاص طور سامراجي مرڪزن) ۾ نون بحرانن جنم ورتو آهي. انهن ملڪن ۾ هڪ طرف پيداوار بي انتها وڌي وئي آهي تہ ٻئي طرف ان ئي سائنسي ٽيڪنيڪي ترقي لکين ماڻهن کي بيروزگار ڪيو آهي. ڪميونسٽ انقلابن جي خوف سوشلسٽ بلاڪ جي انسانذات لاءِ مادل طور موجودگي ڪري، جن ملڪن ۾ بيروزگاري الائونس ۽ سماجي تحفظ ۽ ٻيون سهولتون ميسر هيون، اهي سڀ کسجي ويون آهن. يا کسجي رهيون آهن. ان ڪري انهن ترقي يافتہ ملڪن ۾ اقتصادي بحران ٻئي شڪل اختيار ڪري ويو آهي. هڪ طرف پيداوار وڌي آهي. جڏهن تہ منڊين ۾ ٻاهرين ملڪن ۾ ڪا بہ وڏي پيش رفت نہ ٿي آهي. ان ڪري

پيداوار کي روڪيو ويو آهي. مزدور ايس ٽي آر ڪري ۽ پيداوار روڪڻ ڪري وڏي پئماني تي بيروزگاري ٿي رهيا آهن. ان سان اندروني ملڪ خريداري جي سگهه گهٽجڻ ڪري منڊي پڻ سڪڙجي رهي آهي. جنهن سان پوري يورپ ۾ سياسي اٿل پٿل جا چٽا آثار نظر اچي رهيا آهن. (سوشل ڊيموڪريٽس جون اليڪشن ۾ ڪاميابيون ان جي هڪ شڪل آهن) وڏيون وڏيون هڙتالون ۽ مظاهرا ان جو مثال آهن. ان ڪري انهن سامراجي ملڪن هٿ ٺوڪين ننڍين سرمائيدار معيشتن کي ڪاٺڻ شروع ڪيو آهي. سوشلسٽ انقلابن جي طوفان خلاف اڏيل بند(نام نهاد ٽائيگرز) ٽٽي رهيا آهن. تائيوان کان ڏکڻ ڪوريا تائين انڊونيشيا کان سنگاپور تائين جي معيشت انهن جي پيٽ ۾ هضم ٿيڻ ڪري اتي جي معيشت تباهه ٿي چڪي آهي. ڇاڪاڻ ته جيڪو سامراج ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ننڍين ننڍين سرماين کي ڪاٺي اتان جي پيداواري عمل کي جيستائين بند نه ٿو ڪري تيستائين انهن جي پيداوار جي کپت لاءِ منڊي مهيا نه ٿي سگهندي ۽ منڊي جو مسئلو سامراجي معيشتن کان حل نه ٿو ٿئي ته سندن گهر جو مريض "سرمائيداري" جيڪو هڪ وقت بيماري جي هڪ اهڙي بستري تي ستل آهي جنهن لاءِ بلڊ ڊرين(خون جي پائيپ لائين) جي سخت ضرورت آهي. نه ته هي مريض مري ويندو ۽ انهن ملڪن ۾ ڪميونسٽ تحريڪون ڪامياب ٿي وينديون. انقلاب جو هڪ اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويندو. جيڪو پوري دنيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ويندو. ان ڪري آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ کي پنتي پيل ملڪن يا ڪمزور ۽ ننڍن سرماين کي ڪچلڻ لاءِ انهن ملڪن جي لوڪل پيداوار کي ختم ڪرڻ لاءِ بلڊوزر جو ڪم ورتو پيو وڃي. هڪ طرف سبسڊيز ختم ڪيون ويون، ٻئي طرف ٽيڪسز جو بار وڌايو ويو. توانائي کي بي انتها مهانگو ڪيو ويو آهي. قرض جي وياج جي شرح وڌائي صنعتي سيڙپڪاري کي غير فائدي مند بڻايو ويو آهي. ان ڪري پاڪستان ۾ پڻ ساڍا چار هزار کان وڌيڪ ڪارخانا بند ٿي چڪا آهن. ان کانسواءِ سرد جنگ جي زماني ۾ جن ملڪن کي دل کولي قرض ۽ امداد ڏني وئي، انهن کان وري ياري وياج سميت وصول ڪيو پيو وڃي. جنهن ڪري پاڪستان جهڙيون ڪمزور معيشتون ته نهيو، پر ڪافي ترقي ڪيل معيشتون پڻ تباهي جي ڪناري تي پهچي چڪيون آهن. ويتر معيشت جي گلوبلائيزيشن جي نالي ۾ نجڪاري، ڇانٽي(ڊائون سائيزنگ) جو عمل تيز ٿي چڪو آهي. مٿين سببن ڪري پوري دنيا هڪ معاشي بحران جي لپيٽ ۾ آهي. پاڪستان پڻ ان جو شڪار آهي. جنهن جي معيشت 40 ارب ڊالر جي قرض جي بار هيٺ آهي ملڪ جو هر شهري 20 هزار روپين جي قرض جي لعنت ۾ مبتلا آهي ۽ ملڪ جو ايندڙ مستقبل يعني پيدا ٿيندڙ هر ٻار 20 هزار کان وڌيڪ جو قرض کڻي ماءُ جي پيٽ مان جمي رهيو آهي. پاڪستان ۾ اهو بحران اڃان به تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي جنهن ڪري گذريل 10

سالن کان روزگار جا نہ صرف دروازا بند آهن بلڪ هر ايندڙ ڏينهن برسر روزگار ماڻهن کي بيروزگاريءَ جي ور چاڙهيو پيو وڃي. تعليم ۽ صحت بي انتها مهانگي ٿي رهي آهي. ان ڪري ڪروڙين انسان تعليم کان محروم ٿي رهيا آهن. صحت جي سهولت ڪسجڻ ۽ مهانگي ٿيڻ ڪري لکين انسان بغير دوا درمل جي موت جو شڪار ٿي رهيا آهن. ڪروڙين انسانن کي صاف پاڻي بہ مهيا نہ آهي. رياست خدمتن جي شعبي تان هٿ کڻي رهي آهي. ان کانسواءِ گهڻ قومي ڪمپنيون ايم اين سي اين ماڪڙ وانگر اسان جي معيشت تي حملي آور ٿي ويون آهن. پاڪستان جا حڪمران جيڪي اڳ سامراج جي مدد ۽ ان سان ٻڌ ٿي هتي سامراج مخالف، جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد کي ڪچليندا هئا، انهنَ جي ترڪيبي جزن ۾ بہ فرق اچي ويو آهي. پاڪستان جي فوج جيڪا سامراج جي ڪرائي ڪش طور ڪم ڪندي هئي، جاگيرداري ۽ دلال سرمائيدار انهن جي اشاري تي ناچ ڪندا هئا. سندن پيگهي متل هئي. اڄ انهن جون وايون ٻتال ٿي ويون آهن. انهن جي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي آهي. سول حڪمران تہ سامراج جي لٽ مار جي ايجنڊا ۾ پاڪستان تي قبضي ۾ نئين قسم جي بينڪي راڄ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪميشن وٺي هڪ ٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن. وردي واري قوتن جي خرچن گهٽائڻ ۽ سائيز گهٽائڻ جي حڪمن کي ٽاريندي ايندڙ سمورو بار حڪمران عام ماڻهن تي وجهي رهيا آهن. پ پ ۽ مسلم ليگ ان ايجنڊا تي ڪم ڪندي جڏهن ٿڪجي ٿيون پون تہ ان ڪم لاءِ وڏيڪ سامراج کان ڪميشن جي الزامن ۾ واري واري سان هٽايون ٿيون وڃن. جڏهن تہ فوجي ٽولو سامراج جي ڪيل ڏيڍ سئو سال جي خدمت جي باوجود سامراج طرفان اڪيون ڦيري وڃڻ جي ڪاوڙ ۾ ڪڏهن ڪڏهن گڏڙ ڀڀڪيون ڏئي آمريڪا کان نئين خدمت جو ڪم حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اهڙي ريت ملڪ وڃي پيو تيزي سان ڪنگال ٿيندو ۽ گهڻ قومي سرمائيدار ڪمپنين جي ملڪيت ٿيندو.

اهڙين حالتن ۾ عوام جي حالت وڃي ٿي خراب ٿيندي. ملڪ جي نوجوان آبادي منشيات جي عادي ٿيندي، ڌاڙيل ۽ مافيا جي چڪر ۾ ڦاسندي پئي وڃي. اهي حالتون تيزي سان ملڪ کي هڪ چو واٽي طرف وٺي وڃي رهيون آهن. ملڪ سامراجي ڪمپني(نين ايسٽ انڊيا ڪمپنين) جي ور چڙهندو پيو وڃي. غلاميءَ جو ڳٽ تيزي سان پاڪستان جي تقدير بڻجندو پيو وڃي. ان ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ قوتون جيتري قدر غير منظم ۽ غير عوام دوست هونديون، اوترو هي ملڪ هڪ انارڪي طرف ويندو. جنهن سان سول وار جا امڪان وڌي رهيا آهن. جنهن لاءِ سامراج کو بہ بهانو ڪري ڪوسوو وانگر پنهنجون فوجون لاهي سگهي ٿو. سماج ۾ بيگانگي وڌڻ ڪري هڪ طرف منشيات وڌي رهي آهي، ٻئي طرف چوريون، ڌاڙا ۽ ڦرون وڌي رهيون آهن. مذهبي بنياد پرستي ۽ فرقي پرستي طرفان فاشزم جا خطرا لامارا ڏئي رهيا آهن. ان

ڪري شهيد نذير عباسي جي نظرئي سان مسلح قوتن کي منظم ٿي، هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿي، جدوجهد کي نئين انداز ۽ نئين اتساهه سان عوام جي رهنمائي لاءِ ميدان تي اچڻ جي ضرورت آهي. سماج ۾ هڪ انقلابي امنگ ۽ تڙپ موجود آهي ۽ جمود ٽٽي رهيو آهي. تڏهن ئي عوام پنهنجي ننڍن ننڍن مسئلن تي احتجاج لاءِ روڊن رستن ۽ ميڊيا آفيسن تي مهينن تائين احتجاج نوٽ ڪرائي رهيا آهن. عوام جي هڏ ڏوکي ڪارڪنن کي عوام خاص طور مزدور طبقي جي ننڍي ڪان ننڍي لڙائي ۾ شامل ٿيڻ جي ضرورت آهي، عوام ۾ هر لڙائي ۾ گڏ هلڻ جي ضرورت آهي. ان سان انقلابي ڪارڪنن جي عوام ۾ ساک بحال ٿيندي ۽ اپريل شخصيتن جي دهڻ، وڪامڻ ۽ ٽڪجي پوڻ ڪري عوام ۾ پيدا ٿيل انقلابي قوتن ڏانهن مايوسيءَ جي ڪيفيت ختم ٿيندي ۽ عوام ۾ مزدور طبقو وري انقلابي ڪارڪنن تي ڀروسو ڪرڻ شروع ڪندو. انقلابي پارٽين کي پڻ گهڻ رخيون پاليسيون مرتب ڪرڻيون پونديون. ڪارڪنن کي سياسي ڪم جو درست ۽ وزنائتو رستو ڏيکارڻو پوندو. صرف نعريبازي ڪرڻ، زنده باد مرده باد ڪان اڳتي وڌي مسڪين ماڻهن جي روز مره جي مسئلن جهڙوڪ اسڪول ۾ ٻارن جي داخلا، ڪتابن مهيا ڪرڻ، ٽيوشن سينٽر قائم ڪرڻ، اسپتالن ۾ ماڻهن کي نڌڻڪو نه ڪرڻ، بجلي، گئس، پاڻي جي بلن جي مسئلن، گندي پاڻي جي نيڪال جي انتظامن، گهٽي جي صفائي، روشني ڪان وٺي سماجي براين تائين عرض تہ هر اهو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن کي اڄ تائين صرف سماجي تنظيمن جو ڪم سمجهي نہ ڪيو ويو آهي. ان ڪانسواءِ ڪيترائي نوان تخليقي گس ۽ پيچرا تلاش ڪرڻا پوندا. نہ تہ ٻي صورت ۾ آفريڪا جي ننگن بکين ماڻهن وانگر ڪوليون ۽ ماڪوڙا کائي پيٽ جي باهہ اجهائڻ جهڙي صورتحال ۽ ڏکڻ آفريڪا جي ماڻهن جي حالت زار کي ڏسي ڪري اندازو ڪرڻ گهرجي تہ اسان جو حشر ڇا ٿيندو؟ اسان جا حڪمران تہ روز نئون شوشو ڇڏي ملڪ جي عوام کي نسلي، علائقائي، مذهبي، فرقي پرستي ۽ ذات قبيلن جي بنياد تي ويڙهائي، ايندڙ خطرن کان بي خبر رکڻ جي سرتوڙ ڪوشش ڪري رهيا آهن. اڄ ڪامريڊ نذير عباسي شهيد جي شهادت جي موقعي تي اسان کي ان جي ۽ ان جهڙن لکين شهيدن جي خون سان نئين سر وچن ڪرڻو پوندو تہ اجان رج مان رڙ اچي پئي. توهان ۽ اسان سيني فطرت جي دوست قوتن کي انسان سان رشتي، انسانن جي سماج سان رشتي ۽ انسان جي فطرت سان رشتي کي دوستاڻو ناهڻو پوندو. ان لاءِ طبقاتي جدوجهد کي تيز ڪرڻو پوندو. قومن جي حق خود اختياري جي مسئلي کي طبقاتي مسئلن سان جوڙي قومن کي حقن جي ضمانت ڏيڻي پوندي. اهو ئي طريقو آهي ڪامريڊ نذير عباسي شهيد کي خراج تحسين ۽ خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو.

اونداهي ۾ سوجهرو، شهيد نذير عباسي

غلام حسين خاصخيلي 1998ع

جان جان آهن اوطاقن ۾ تان تان سائن اور
ڏهـ ڏهـ پيرا ڏينهن ۾ مٿانئن گهور .
ويا جي هنگلور تہ ڪرم ملندا ڪاپڙي

ڪائنات جي وسعتن جو ڪو بہ انت نہ آهي، فضائن برساتن، ڪڪرن، پولارن، سج، چنڊ، ڌرتين، نظام شمسي ڪهڪشائن، گرهن اپگرهن، پاهڙن پريتن، صحرائن، جبلن، برفاني، علائقن، دريائن سمنڊن، ٻيٽن، وڻن، جانورن ۽ انسانن جي وسيع و عريض ڪائنات ۾ ڪي انساني وجود پنهنجي نظرين عملن، جدوجهد، ڪوششن ۽ ڪاوشن ڪري زمانن، مڪانن جي حدن کي اورانگهي انسانيت جي جڳ جڳ جرڪندڙ جڳ جڳ جيئندڙ يادگار هوندا آهن. سنڌن گس وائون، ڏس، تاريخ کي تبديل ۽ ڪائنات کي تسخير ڪندڙ هوندا آهن. سنڌس چيل لفظ ۽ قول شعر زمانن جا ترجمان آهن.

ماڻهو سڀ نہ سهڻا پکي سڀ نہ هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ اچي بوءِ بهار جي

جڏهن منصور جهڙن جوانن کي ٽياس تي ٽنگيو ويندو آهي جڏهن سقراط کي زهر پياريو ويندو آهي جڏهن مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙايو ويندو آهي. جڏهن سروٽيس ۽ برونو جهڙن مانجهي مردن کي جيئري برندڙ اوڙاهہ ۾ اڇلايو ويندو آهي. جڏهن سيباستان ڪاسٽيلو جهڙن دلير انسانن جو جيئڻ جنجال ڪيو ويندو آهي. جڏهن اشرف حقاني جهڙين سورهيہ عورتن جي عزت لٽي ويندي آهي. جڏهن آخوند صالح جهڙن پنهنجي ڌرتي ۽ ٻولي سان پيار ڪندڙ شخصيتن جون زبانون ڪتريون وينديون آهن. جڏهن نذير عباسي جهڙن ڳڀرو جوانن کي شيشن تي سمهاري چيچلائي ماريو ويندو آهي. شهيد نذير عباسي پنهنجي مقصد سان هر وقت سچو رهيو. هن جو اندر ٻاهر هڪ جهڙو هو. نذير عباسي جهڙا سچا ماڻهو هن ڌرتي کي غلاميءَ جي زنجيرن مان ڇڏائي ٻاهر ڪڍي سگهن ٿا. نذير عباسي پنهنجي نظرئي سان سچائي ڪندي هن ڌرتي جي مظلوم غريب ماڻهن اندر انقلابي شعور آندو. هن انهن ماڻهن اندر پنهنجا حق گهرڻ لاءِ حوصلو پيدا ڪيو. هي هيسيل

انسان لاءِ هڪ بهادر انقلابي اڳواڻ ثابت ٿيو.

ماٺ مٺ سندوم، اونداهي ۾ سوجهرو
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نہ ويندوم
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏٿي

ان ڪري سنڌ ڌرتي جي سمورن نوجوانن کي شهيد نذير عباسي جي انقلابي قدم تي هلندي پنهنجي حقن لاءِ جاکوڙ ڪرڻي ۽ هن ڌرتي تي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل انسانن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ انقلابي نظرئي جي پرچار ڪن. اونداهي سماج کي روشني جي ڪرڻن ۾ تبديل ڪرڻ اسان سڀني کي نذير عباسي جي ڏسيل راهن واٽن تان هلڻو پوندو. نذير جيئان سچي ڏيهہ جي ماڻهن سچائي ڪئي تہ هن ڌرتي تي ڪو بہ ماڻهو غلام نہ رهندو. اڄو تہ پاڻ سڀئي گڏجي نذير عباسي جي روح سان اهو وچن ڪيون تہ اسان سندس ڏسيل واٽ مطابق جاکوڙ شروع ڪري هن ڌرتي تي هڪ وڏو انقلاب آڻيندا سين. اسان جو خون جڏهن خوشبو ٿي ايندو تہ ويڙهاڪ وطن جا بہ دڳ واسي ڇڏيندو.

نذير عباسي جي شهادت

سليم ٿهيم

اڄ رات جو اوچتو ڪنن ۾ رڙين جو آواز اچڻ لڳو ننڍاڪڙين اکين سان ٻاهر نڪتس ته پاڙي ۾ به گوڙ ڪونهي پرسان وارا به ستل آهن. آخر ڇا ڳالهه آهي؟ جو منهنجي ڪنن ۾ ڪنهن جي چيخن جو آواز ڪنهن جي ايذائڻ جو آواز مسلسل اچي رهيو آهي. گهڻي دير کان پوءِ جڏهن پڪ ٿيم ته پٽي هنڌ ڪٿي به آواز ڪونهي پر اهو ته منهنجي اندر مان آواز پيو اچي. جنهن آواز مون کي مٺي ننڊ مان اٿاريو اهو آواز هيو شهيد نذير عباسي جي چيخن جو اهو آواز هو شهيد جي ڳلي مان نڪرندڙ "نه" جو جيڪا ظالمن کي چماٽ ٿي پئي لڳي. انهي آواز مون کي ننڊ مان اٿاريو. اڄ 9 آگسٽ جي رات آهي، سڀ ماڻهو پنهنجي گهري ننڊ ۾ ستل آهن. 9 آگسٽ شهيد جي شهادت جو ڏينهن آهي، جنهن کي ڪافي ماڻهو وساري ويٺا آهن. مان جڏهن ڪاليج ۾ داخل ٿيس ته ان وقت اسان ۾ سياسي شعور اڀري رهيو هو. مون کي جنهن ماڻهو سياسي شعور ڏنو، اهو هو ڊاڪٽر قاسم بروهي صاحب جيڪو پاڻ به ڪميونسٽ پارٽي جو خير خواهه هيو ۽ سندس جا محترم ڄام ساقي سان گهرا تعلقات هئا. ان جي معرفت اسان ڄام ساقي صاحب سان مُلياسين ۽ ان جي ليڪچر مان متاثر ٿي اسان ڊي ايس ايف ۾ شموليت اختيار ڪئي. اسان جنهن وقت پارٽي ۾ پير رکيوسين ته ان وقت محترم نذير عباسي شهيد ٿي چڪو هو ۽ ان جي بهادري جا مثال ان جي هماليه پهاڙ جيڏن اٽل حوصلن جو مثال ڪنهن نه ڪنهن جلسي ۾ يار دوستن کان ٻڌندا هئاسين. پر ٿوري وقت کان پوءِ الائي ڇو انهن دوستن جي ذهنن تان شهيد جون يادون پاٿي جي لڪيرن جيان ثابت ٿيون. ايترو به سندن کان ڪو نه ٿي سگهيو ٿي جو سال ۾ هڪ دفعو شهيد جي شهادت واري ڏينهن تي هڪ اڌ اخبار ۾ بيان ڏين. تازو بينظير ڀٽو صاحبه شهيد جي گهر هڪ پيغام اماڻيو جنهن ۾ هن شهيد جي قاتلن کي سزا ڏيڻ جو وچن ڪيو هو. پر بينظير صاحبه جي واعدي جو سال گذرڻ کان پوءِ ڇا ٿيو؟ مان سمجهان ٿو ته سڀني دوستن کي پلي پٽ ڄاڻ هوندي ته گذريل سال اهو به انڪشاف ٿيو هو ته برگيڊيئر (رٽائرڊ) امتياز به ان قتل ۾ ملوث هيو. ڇاڪاڻ ته اهو وقت ڪراچي ۾ فوجي جاسوس کاتي ۾ ڪرنل هو. بينظير صاحبه جو اهو قدم ساراهه جوڳو هو. پر ڪهڙن سببن جي ڪري اهي قدم اتي ئي رڪجي پيا آهن. ڇاڪاڻ جو ڪو به ادارو/ قانون انسانن جي ڀلائي لاءِ ٺهندو آهي نه ڪي انسانن مٿان ظلم ڪرڻ لاءِ. هاڻي ان ظلم جي هلندڙ چڪي کي بند ٿيڻ کپي.

خدارا قانون، انصاف ۽ خوامخواهه جي ڏنل الزام وطن دشمني جي آڙ ۾ اسان کان نذير عباسي جهڙا ارڏا پٽ نہ کسيو. الائي اسان جي اهڙن ادارن وٽ وطن دشمني ۽ وطن دوستيءَ جي ڪهڙي معنيٰ رکيل آهي. اگر شهيد نذير عباسي جهڙا ماڻهو ڪنهن کي ظلم خلاف آواز اٿارڻ ۽ پنهنجي حقن وٺڻ جو سبق ڏين ٿا تہ اها انهن جي نظر ۾ وطن دشمني آهي ۽ وطن دوستي انهن جي نظرن ۾ اها آهي تہ "ڪرسي تي ويٺل هر ماڻهوءَ کي پليڪار ڪيو پوءِ چو نہ اهو ماڻهو ان ڪرسي جو اهل هجي يا نہ هجي انهن جي هر ناجائز ڳالهہ کي لبيڪ چئو تہ پوءِ انهن جي نظر ۾ اها وطن دوستي آهي. هڪ ڏينهن مون کي بہ وطن دشمني جو لقب مليو هو. جڏهن 88 واري دور ۾ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم جو معاهدو ٿيو تہ ان وقت اسان سان گڏ ڪم ڪندڙ اردو ڳالهائيندڙدوست جيڪو پ پ جو حامي هيو سچو ڏينهن ان معاهدي جا ڳڻ ڳائيندو هو. هو مون سان سدائين اچي ڳالهہ تي بحث ڪندو هيو هڪ ڏينهن جڏهن همراهہ کي بحث ۾ ڪُنايم تہ مون کي چيائين"آپ لوگ تو ويسي هي وطن ڪي دشمن هين. ڏيو منهن سائين جيڪي ماڻهو 50 سال پهريان آيا، اهي هن وطن جا سچڻ ٿي ويا ۽ جيڪي 5000 هزار سالن کان هن ڌرتي تي رهندا پيا اچن اهي ماڻهو وطن جا دشمن ٿي ويا سو منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ انهن ماڻهن جي نظر ۾ وطن دشمني اها آهي تہ اگر ڪوئي بہ ماڻهو انهن جي اڳيان پنهنجي حقن جي ڳالهہ چوي ۽ جي اها ڳالهہ سندس مفاد وٽان ڪونهي تہ اها وطن دشمني ٿي ۽ جي سندن مفاد وٽان آهي تہ پوءِ وطن دوستي. اها آهي انهن ماڻهن جي نظر ۾ وطن دوستي ۽ وطن دشمني جي معنيٰ. شهيد نذير عباسي کي بہ اهڙيءَ ئي وطن دشمني جي الزام ۾ شهيد ڪيو ويو. شهيد جي ورسي جي موقعي تي مون کي چند سٽون ياد ٿيون اچن، جيڪي ڪجهہ هن ريت آهن.

ترسو لانڍي اوٽ الا
گهر ۾ آيو گهوٽ الا
آزادي جي ونڙي کي
سينگاريو سينگاريو ڙي سرتيون
اگهو اکين مان نير ڙي پينر
گهر ۾ آيو نذير ڙي پينر
پوتي لاهي پرچم ناهيو
لهرايون لهرايو ڙي سرتيون.

بابا مون کي توتي فخر آهي

زرقا عباسي 9 آگسٽ 1999

بابا لاءِ مان ڇا لکان ڪجهہ سال اڳ مون مرحوم طارق اشرف جو ڪتاب پڙهيو جنهن جي آخر ۾ هڪ صفحي تي لکيل هئو تہ هن ماڻهو لاءِ مون کي ڪجهہ بہ لفظ ناهن جڏهن تہ نذير بابا انهي وقت زندهہ هئو جڏهن طارق اشرف جيل جي سياسي قيدين تي "جيل گهاريم جن سان" لکيو. ايترو مهان رائيٽر چوي تہ "مون وٽ لفظ ناهن" تہ مان ڇا ٿي لکي سگهان. جنهن پنهنجي پيءُ کي هڪ تصوير ۾ ڏٺو هجي. مان ٻڌندي آهيان تہ منهنجو بابا تمام خوش مزاج ۽ سريلي آواز وارو هو. هڪ اهڙو ارڏو انسان هئو جيڪو پنهنجي اصولن سان سوديبازي لاءِ سوچي بہ نہ پيو سگهي. مان پنهنجي تصوراتي پيءُ کي اڪثر جڏهن خواب ۾ ڪا گڏي وٺي ڏيندي يا ڪو ڪتاب وٺندي ڏسندي آهيان پوءِ ننڊ مان اک کلي وڃي تہ ڇرڪ ڀڃندي آهي تہ منهنجو خواب ڇو ختم ٿيو. پر ٿورو هوش سنڀاليندي اهو احساس ٿيندو آهي تہ خواب تہ انهن لاءِ هوندا آهن جيڪي پريڪٽيڪل ناهن هوندا. منهنجو بابا تہ هڪ اهڙي حقيقت آهي، هڪ اهڙو سچ آهي جيڪو هميشہ اکين بند ڪرڻ سان بہ نظر ايندو تہ اکيون کولڻ سان بہ. ڇاڪاڻ جو مرڻ کان پوءِ هميشہ ماڻهو ذهنن تان مٽجي ويندا آهن پر هي امر انسان تہ هميشہ هر دور ۾ ياد رهندو. مان نذير بابا جي ساٿين وانگر اهو تہ نہ لکنديس تہ هو اهڙو هو، هي ڪم ڪندو هو، هو ڪم ڪندو هو. هن جا اصول هي هئا. بس ايترو لکندس تہ هن جا جيڪي جذبات هئا، اهي سچا ۽ پڪا هئا. ان لاءِ تہ مان نذير بابا جي اڱر پڪڙي ڪڏهن ڪنهن شيءِ تي ضد نہ ڪيو. ڪڏهن هن جي ڪڍ لڳڻ لاءِ ضد نہ ڪيو. البتہ ايترو امي ضرور چوندي آهي تہ جڏهن بہ هو گهر ايندو هو تہ توسان ڏاڍو کيڏندو هو ۽ ڏاڍو پيار ڪندو هو. افسوس آهي تہ مان ان ٻي سمجهہ عمر جا يادگار سميٽي نٿي سگهان.

هن امر انسان کي نہ ڪنهن جو آسرو هئو، تنهن جي باوجود بہ پريشانين کي منهن ڏيڻ جي همت ۽ اعتماد هجڻ جي ڪري ٿي، اسان کي الله جي آسري ڇڏي پنهنجيَ هن رونئدڙ ڏرتيءَ کي پرچائڻ لاءِ پنهنجي جان ڏني. ان لاءِ تہ مون کان پوءِ منهنجي اچڻ جو مثال ٻڌجي اڳتي وڌن. همت ۽ حوصلي سان پنهنجو حق وٺن ۽ نوجوانن ۾ اڳتي وڌڻ جي هڪ اميد پيدا ٿئي ۽ سچائيءَ سان پنهنجا حق وٺي پنهنجي مقام حاصل ڪن. اهو قول ٻنجڻ تہ امان هن ڌرتي جا ٻچا بهادر ۽ شينهن آهن. نذير بابا تمام همت ۽ حوصلي سان جيلن ۾ ذهني ۽ جسماني اذيتون ڪاٽيون. پنهنجي

اصولن سان سوديبازي نہ ڪيائين ۽ پاڻ جهڙن کي پاڻ سان هميشہ گڏ رکيو ۽ پنهنجا ويچار مختلف نوجوانن ۾ ونڊڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. جڏهن نذير بابا ڪنڌيارو لاڪپ ۾ هئو ان وقت منهنجي امي مڇ جيل بلوچستان مان آزاد ٿي آئي هئي ۽ هن کي خبر پئي تہ نذير بابا جو والد صاحب فوت ٿي ويو آهي تہ ڪنڌيارو ۾ اهو نياپو ڪٽي وئي. پوليس نذير بابا کي ڇڏيو تہ نہ پر مورڳو قلي ڪئمپ ڪوئيٽا ۾ ڪٽي ويا. منهنجو بابا اصولن تي قائم هئو ۽ هن قلي ڪئمپ جي ذهني ٽارچر کي سقراط جي زهر جي جام جيان امرت سمجهي پيئندو رهيو. منهنجو ان وقت وجود نہ هئو. ڇاڪاڻ جو منهنجي امي ۽ بابا جي شادي کي اجا ٽي مهينا ٿيا هئا. منهنجي ماءُ هني مون جا ڏينهن مڇ جيل ۾ گذاريا ۽ پيءُ قلي ڪئمپ ۾. پر هن بهادر انسان کي جڏهن ڪنهن شيءِ جو جنون چڙهندو هو تہ پنهنجي ذاتي زندگي بہ وسري ويندي هئس. ۽ هڪ خيال ذهن ۾ موجود هوندو هئس تہ مون کي هي ڪم ڪرڻو آهي ۽ اهو ڪبو. ڏاڏي امان ٻڌائيندي هئي تہ نذير جنهن ڪم لاءِ سوچيندو هو تہ اهو هن کي پورو ڪرڻو آهي. تہ پنهنجي انا ۽ عزت کي برقرار رکندي محنت سان پنهنجو مقصد حاصل ڪيائين.

تاريخ جي ورق تي اڄ کان 19 سال اڳ هڪ تاريخ لکيل آهي. 9 آگسٽ 1980ع. هڪ امر انسان امر بڻجي ويو. هڪ اهڙي گهري ننڊ ۾ جيڪو خاموش مسڪرائيندڙ لبن ۾ اهو چوندو هجي تہ مان جاڳيل آهيان. منهنجي هن ستل جسم تي نہ پلجو. ڪاري رات کي جهنجهوڙيندڙ اها لاٽ آهيان. جنهن جي چمڪ تيز ڌار جيان انڌيري رات کي ڪٽي صبح جي سج جي منتظر آهي ۽ اهو انسان ڪلهہ بہ امر هو اڄ بہ امر آهي ۽ سپاڻي بہ امر رهندو. ڪلهہ جي معصوم زرقا جيڪا هڪ سال ٽن مهينن جي هئي ان کي پيءُ جي ضرورت نہ هئي؟ پر مان اڄ جي اها زرقا فخر محسوس ڪندي پنهنجي امر پيءُ لاءِ اهو تاثر پيش ڪيان ٿي تہ مان تاريخ جي ورقن ۾ سُهِيِّل امر انسان جي ڌيءُ آهيان. مان جڏهن ڪنهن لئبريري ۾ سهيلين سان گڏجي ويندي آهيان تہ مون کي نذير بابا تي لکيل ڪجهہ رائيٽرس جا مقالا ۽ مضمون پڙهڻ لاءِ ملندا آهن. مان انهي اعزاز کي پنهنجي ذهن ۾ سميٽي لائبريري جو هڪ خوبصورت خانو خالي ڪندي آهيان. جنهن ۾ نذير بابا تي ان جي ساٿين جا تمام مضمون سميٽي هڪ ڪتابي شڪل ۾ سجائڻ جي عزم ڪندي آهيان ۽ فخر محسوس ڪندي آهيان تہ منهنجو بابا تاريخ جو هڪ حصو آهي. ۽ مان لائبريري جي تاريخي ڪتابن ۾ پنهنجي بابا جو ڪتاب ضرور رکنديس. انهي عزم سان تہ مان پنهنجي بابا کي ڪو وڃن تہ نٿي ڏئي سگهان. ڇاڪاڻ جو بابا جا ساٿي منهنجي هوش سنڀالڻ کان اڳ ئي وڪرجي ويا. پر بابا کي نئين سوچ ۽ نئين جنريشن لاءِ هڪ پيغام ضرور بنائينديس.

نذير عباسي: 20 صدي جو شاهہ عنايت

انور پيرزادو 1999ع

اکيون کڍ مَ ڳجهڙي
تارا تون مَ کاءِ
پيو نہ پسين پٽ ۾ ري کڙيا روراءِ
جيئري جنهن جوان کي لڳا نوسو نو گهاوَ
رات جنهن جي ماءِ، روئي پرنئو رب کي (شاهہ)

مون کي جڏهن شهيد نذير عباسي ياد ايندو آهي تڏهن ذهن ۾ پنائي صاحب جو مٿيون بيت ٻرڻ لڳندو آهي. هن بيت ۾ کهڙي شهيد جو ماتم کيل آهي، تنهن جي ڄاڻ پنائي صاحب کي هوندي. اسان البت ايترو سوچي سگهون ٿا تہ مٿي ڏنل بيت وارو جوان شاهہ عنايت شهيد بہ ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن جي شهادت وقت پنائي صاحب 28 ورهين جي عمر ۾ ڀرپور جواني ماڻي رهيو هو. پر ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو کو اهڙو گمنام شهيد هجي جيکو انهن "ڦلنگين" سان وڙهي ڪيا ڪيا ٿي ويو هجي جن جو ذکر پنائي صاحب سُر سريراڳ ۾ کيو آهي ۽ ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهو شهيد اهڙو عام سنڌي هجي جيکو 1689ع ۽ 1752ع جي وچ ۾ کنهن لمحي پنهنجي ڌرتي تان قربان ٿي ويو هجي. بهرحال هن دور ۾ جڏهن مان اهو بيت پڙهندو آهيان تہ مون کي لڳندو آهي تہ جيکڏهن اهو بيت شاهہ عنايت جهوک واري لاءِ بہ لکيو ويو هو. تڏهن بہ ڇڻ تہ هن بيت جو هيرو شهيد نذير عباسي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن دور ۾ سنڌي هارين جو انقلابي سرواڻ ۽ اسان هن ويهين صدي وارو شاهہ عنايت در حقيقت نذير عباسي آهي. نذير عباسي لاءِ مان کهڙي صفت استعمال کيان، اهو مسئلو ايڏو ئي ڏکيو آهي، جيڏو هيٺ ڏنل سٽ لکڻ وقت پنائي صاحب محسوس کيو هوندو. اها سٽ آهي.

مون کان مطالعو ناٿئي سنڌي سور صفت"

نذير عباسي شهيد دراصل ان درد جي دانهن جو نئون جنم هو، جيکا صدين کان وني سنڌ ڌرتي تي ٻرندي رهي آهي. ان ظلم خلاف جيکو راکاس ٻڌجي خاص کري هتي جي هارين، کمي کارين ۽ پورهيت غريب عوام کي تاراج کندو رهيو آهي. اهو ئي سبب هو جو ضياءَ آمريت واري فوجي راکاس جو مقابلو هر کنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. بلکل اهڙي طرح جيئن کراچي جي کن ۾ پلجنڊڙ مانگر مڇ مارڻ جو حوصلو مورڙي ميربحر کانسواءِ ٻئي کنهن کي نہ هو.

اسان جو شهيد هڪ سچو انقلابي هو ۽ رت ڏيڻ وارو مجنو هو. هن جي اها حقيقت ان وقت بہ برقرار هئي جڏهن هو ٻارڙو هو ۽ جڏهن هو عام سنڌي ماڻهو تي اسريو هو تڏهن بہ هو ساڳيو انقلابي هو ۽ اهڙي طرح جڏهن هو شاگرد سياست جي ابتدائي مرحلي ۾ سنڌي قومپرست هو، تڏهن بہ هو انقلابي هو، جڏهن هو مزدور سياست ۾ آيو ۽ ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر ٿيو، تڏهن بہ هو ساڳيو ئي ماڻهو هو. مون کي ذاتي طور تي خبر آهي، شهيد نذير عباسي پنهنجن ڪيترن دوستن جي ابتڙ سنڌ جي قومي مسئلي تي جذباتي ٿيڻ کان ڪو نہ لنوائيندو هو ڇاڪاڻ تہ هو قومي ۽ طبقاتي جدوجهد کي ڳنڍيل هلائڻ جو قائل هو ۽ ان ڪري سچو ڪميونسٽ هو. هو نہ لڪير جو فقير هو ۽ نہ ڪتابي ڪميونسٽ هو. هن جي ڪميونزم پنهنجي ڌرتي مسڪين عوام جي اکين مان ڳڙندڙ لڙڪ جيان اندر جي ڪنهن اڌمي جي پيداوار هئي، هن جو نظريو مقصد نہ هو، پر ڪنهن مقصد کي رسڻ جو وسيلو هو ۽ اهو مقصد هو ڌرتي تي رهندڙ مسڪين ۽ مظلوم ماڻهن کي هر قسم جي ڦرلٽ کان آجپو ڏيارڻ ان سلسلي ۾ هو قومي آجپي جو ايترو ئي قائل هو جيترو طبقاتي استحصال کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪندو هو. ذاتي حيثيت ۾ نذير عباسي منجهہ مون هڪ اهڙي خاصيت ڏٺي جيڪا گهٽ انقلابي ماڻهن ۾ محسوس ٿيندي آهي. ان صلاحيت کي انگريزي ۾ هيٺن لکي سگهجي ٿو (فزيڪل ڪٽريج ان فيس آف فزيڪل ڊينجر) مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺو جو ڪنهن ڏکئي وقت جوکم واري جدوجهد دوران ۽ مونجهاري واري نظرياتي ڇڪتاڻ واري وقت هن جي نرڙ تي ڪو گهنج پيو هجي. اجا بہ جيتري مشڪلات آڏو هوندس ايترو وشال مرڪ هن جي منهن تي نظر ايندي هئي. هي خاصيت دنيا جي چند، سورهيہ ماڻهن ۾ هوندي آهي. مشهور انگريزي تاريخدان لئمبرڪ پنهنجي ڪتاب (سنڌ بيفور مسلم ڪنقينسٽ) ۾ لکيو آهي تہ انيڪ خامين هئڻ جي باوجود اها خاصيت راجا ڏاهر ۾ هوندي هئي ۽ اهو ئي سبب هو جو هن شهيد ٿيڻ قبول ڪيو پر محمد بن قاسم آڏو هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

"پريم، تنهنجا پار، کهڙا ڇئي کهڙا ڇوان"

رج جو هڪ سپاهي نذير عباسي

حميده گهانگهرو 1999ع

ڪي تاريخون اڻ مٽ ٿي وينديون آهن تہ ڪي تاريخون ورقن تي پنهنجا اهڙا نقش ڇڏينديون آهن جو پڙهندڙ پنهنجي ذهن جي نقشي تي ڇميل دز ڪي ڇنڊي هڪ نئون وچن ڪندو آهي. ڇاڪاڻ جو زندگي پنهنجي حسين رنگن ۽ حسرتن ڀريل خوابن جو آئينو هوندي آهي ۽ اهڙي زندگي ڪي ماڻهو هر ماڻهو جو خواب هوندو آهي. ڪي ماڻهو زندگي ڏيندا آهن تہ ڪي وري وٺندا آهن. زندگي ڏيڻ وارا ماڻهو تمام گهٽ هوندا آهن پر وٺڻ وارن جو تعداد وڌيڪ هوندو آهي. هونئن بہ زندگي قدرت جو هڪ انمول تحفو آهي جنهن ڪي خدا زندگي ڏني ٿو ۽ خدا ئي هڪ ڏينهن وٺڻ جو حقدار آهي، پر هن ڌرتي تي وحشي جبلتن جا ڪي سوداگر اچا بہ آهن. جيڪي پنهنجي خصلتن ڪي ساراهڻ جا ڏڪ ٿا ڀرين.

نفسا نفسي، خوشامند ۽ ساڙ، منافقي جو سهارو وٺي جيئندڙ تمام گهڻا آهن پر انهن ۾ ڪنول وانگر بہ ڪي گل ٽڙي پون جن جو مقصد زندگي هڪ خاص تمنا ڪٺي بڻي لاءِ پاڻ ڪي ارپڻ هوندي آهي. هو پنهنجي جسم جي زخمن، ذهن جي پيڙا ۽ دل جي درد ڪي سوين پيڙائن سوين دردن مٿان قربان ڪيو ڇڏين، ڇاهي انهن لاءِ زندگي جو نذرانو ڏيڻو پوي. انهن ماڻهن مان هڪ ماڻهو نذير عباسي هئو. هونئن تہ هي نالو تاريخ جي ورقن ۾ رت سان رنگيل آهي جنهن لاءِ جيترو بہ لکجي گهٽ آهي. ڇاڪاڻ جو تاريخ هن لاءِ طارق اشرف جهڙي ماڻهو ڪي قلم کڻڻ تي مجبور ڪيو تہ لک، ان جي جيئري! جنهن جي موت کان پوءِ مائن جا ڳوڙها ڳلن تان نہ سڪيا، پينرن جا اندر بہ رُنا، معصوم زرقا تہ پنهنجي وجود جي هرذري ڪي روئندو محسوس ڪندي رهي. اهڙي ماڻهو جي جيئري ان ڪي سمجهڻ ۽ چند سالن کان پوءِ هڪ حقيقت بڻجي تاريخ جو باب بنجڻ ڪنهن معجزي کان گهٽ نہ آهي. ڇا طارق اشرف جي دل جي ڌڙڪن هئي يا نذير جو اهو مانيٽو ڪردار جيڪو جيل ۾ نہ تہ ڪنهن دوست ساٿي کان شڪوهہ شڪايت پيو ڪري نہ فرمائش. سياسي قيدين سان ملڻ جو هڪ خاص اهتمام هوندو آهي پر نذير عباسي ڪنهن ساٿي جي لکيل هڪ ننڍڙي پرچي جيڪا چوري اماٽي ويندي هئي. پنهنجي زندگي جو سرور سمجهي سانڍي رکندو هئو. نذير عباسي جو موت تاريخ جي بي رحم رکوالن لاءِ زوردار چماٽ آهي. اڄ نذير عباسي جي شهادت کي 20 سال ٿيا آهن. هميشہ نذير جا ساٿي پنهنجي يادن ڪي پنن ۾ سميٽي اظهار ڪندا آهن.

حقيقت اها آهي تہ نذير تي لکڻ وقت ائين محسوس ٿيندو آهي تہ ڪو وقت ناهي گذريو. اڄ بہ اهو ماڻهو اسان ۾ موجود آهي پر وري مارشل لا جي 11 سالہ طويل انڌاري رات معصوم زرقا (موتيا) جيڪا ان وقت هڪ سال ٽن مهينن جي هئي هاڻي هوش سنڀالڻ کان پوءِ سڏڪا پريندي پيءُ کي ياد ڪندي ڪڏهن مير ٿيبي کان سياسي ڪردار تي پڇا ڳاڇا ڪندي تہ ڪڏهن پنهنجي ڏاڏي جي جهول ۾ مٿو رکي ننڊي هوندي جا قصا ٻڌندي آهي. انهي وقت محسوس ٿيندو آهي تہ نذير واقعي شهيد ٿي ويو آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ جڏهن مان هن کي ايمبولينس ۾ ڪٺائي اسپتال پئي وجان تہ داخل ٿيڻ کان پوءِ هن تمام درديلي آواز ۾ عابده کي چيو تہ اڄ مون کي ڏاڏي امان ڏاڍو ياد آئي آهي. مان محسوس ڪيو تہ هن پيءُ کي ياد ڪيو آهي. ۽ لفظ ڪائي وئي ۽ پوءِ جڏهن مير ٿيبو اسپتال ۾ آيو تہ روئي ڪري چيائين پاپا منهنجو بخار ختم نٿو ٿئي.

نذير عباسي پنهنجي ڌيءُ تہ ڇا پر هن قوم جي معصومن جي دلين جو هڪ آواز هئو. هن ڪڏهن بہ ڪنهن کي روئاڻڻ نٿي چاهيو. هن کي اها خبر نہ هئي تہ هن جي والده کي ڪيترا زهر جا ڍڪ پيئڻا پوندا. شايد ان لاءِ تہ هن ان بهادر امڙ جي ٿڃ پيتي هئي. جيڪا پٽ جي مري وڃڻ ڪانپوءِ هن جي ساٿين سان اُن ڪري محبت شفقت سان پيش ايندي هئي جو هو ان جي پٽ جا دوست هئا. حالانڪہ نذير پنهنجي ماءُ جي ڪنهن بہ مقصد تي پورو نہ لٿو. پر هن جو مقصد انهن سوين مائن جو مقصد هئو جيڪو سوين آسون رکي پنهنجي اولاد کي لوريون ڏينديون آهن تہ ابا وڏو ٿي شل جواني ماڻين. تون منهنجا ڏک ڏور ڪرين ۽ وڏي ٿيڻ کان پوءِ هو بہ هڪ بک بيروزگاري ۽ غربت جو نشانو بڻجي مفلسي جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن. نذير انهن مائن جي آسن جو علمبردار هو. حالانڪ نذير عباسي جڏهن شهيد ٿيو تہ هڪڙي تنظيم جو اڳواڻ هئو پر اها تنظيم اڳتي هلي ختم ٿي وئي. اها پارٽي نہ رهي جڏهن تہ اڄ 18 سالن کان پوءِ بہ نذير عباسي ڪنهن پارٽي جو محتاج ناهي. اهڙا ماڻهو ڪنهن چند ڪمرن ۾ بند پارٽين لاءِ پيدا ناهن ٿيندا. بلڪ پارٽيون انهن ماڻهن جي حوالي سان سڃاتيون وينديون آهن. ڏڙا بنديون مايوسيون پارٽين جو مقدر هونديون آهن پر اهڙا ماڻهو پارٽين کي زندهہ رکڻ لاءِ پارٽين جو مقدر هوندا آهن. اڄ نذير عباسي ڪنهن چند مخصوص نالن سان نٿو سڃاتو وڃي. نذير عباسيءَ جي تاريخ منصور شهيد جي تاريخ آهي. گهاٽي ۾ پيڙهيل مخدوم بلاول جو آواز آهي. نذير عباسي جي پارٽي هارين جي هٽ ۾ ڪنيل ڏاٽي جي پارٽي آهي، نذير عباسي جي پارٽي مزدورن جي ان مضبوط هٿوڙي جي پارٽي آهي جيڪي فولاد کي بہ پگهرايو ڇڏين. نذير عباسي ڪنهن بہ پارٽي جو محتاج نہ هئو. ان لاءِ تہ صرف هڪ مقصد هو. جنهن کي هن پنهنجو سمجهيو. مرڻ کان 15 ڏينهن اڳ مون پڇيو مانس تہ نذير جيڪڏهن ادا ڄام کي ماري ڇڏين ٿا تہ ڇا ٿيندو وراڻيائين پارٽي ۾ جيتري قوت

هوندي اوترو وڌيڪ. باقي ڄام جي قرباني ڪنهن جيءَ محتاج نہ رهندي، ڄام جي قيد ۾ گهاريل اذيتن کان تہ ڪير بہ منهن نٿو موڙي باقي نذير عباسي جي جسماني قرباني 15 ڏينهن کان پوءِ ٿيندي ان لاءِ ڪنهن بہ نہ سوچيو هيو. شايد نذير بہ نہ! پر هو اهڙي وقت لاءِ هميشہ تيار رهندو هئو جو هڪ ڏينهن مون کي جواب ڏنائين تہ موتيا جيترو مون کي پيارِي آهي مان اوترو ئي ان لاءِ پٿر دل بہ ٿي سگهان ٿو. ان ڪري جو نذير کي پنهنجو پاڻ تي اعتماد هئو ۽ پنهنجي ساٿين تي بہ ڀروسو. اهڙا ماڻهو صرف ڀروسي جي آڌار ئي پاڻ کي جيارينداآهن نہ تہ هي سنهڙي جسم وارو نفيس نازڪ ايڏي آفت کي ڪيئن منهن ڏئي پئي سگهيو.

نذير جي امڙ ٻڌايو تہ پنهنجي هڪ پٽ جي مري وڃڻ ڪانپوءِ جڏهن نذير ڄائو تہ مون هن جي جسم کي صحيح طرح مالش بہ نہ ڪئي تہ ڪٿي جسم جي ڪا هڏي نہ ڀڄي پوي يا تڪليف نہ اچي امڙ هن سنهڙين هڏين واري کي سانڍي هڪ ڏينهن ڀرپور جواني وارو ٻڌايو هن جي هٿن تي ميندي لاتي هن جي وجود جي نشاني نذير زرقا کي ڏنو ۽ هڪ ڏينهن خبر پئي تہ هن جي چڪنا چور لاش کي ايڏي ايمبولينس ذريعي رات جي انڌيري ۾ سخي حسن ۾ سمهاريو ويو آهي. ان امڙ جي دل تي ڪيترا گهاوَ ٿيا هوندا. شب قدر جي اها رات هئي جنهن رات لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ڪير جا وٽا ملندا. هڪ امڙ هڪ ڀيڻ هڪ زال ۽ هڪ ڌيءَ کي ان وَقت خون جو ڀريل جام ڏنو ويو. جنهن کي هٿ ۾ جهلڻ بہ هڪ وڏو امتحان هئو. خبر پئي تہ دشمنن بارود ڀريل بندوق جي بٽ سان نذير جي نازڪ جسم کي زخمي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. آخر هارهن زخمن ڪانپوءِ اهڙي گهور ننڊ ۾ پئجي هميشہ لاءِ امر ٿي ويو. نذير جي هڪ جسم جي ابدي ننڊ هزارين جانين جي اکين کي کولي ڇڏيو ۽ عيد جون واڌايون ڏئي جتي دوست ساٿي هڪ ٻئي جي گلي لڳي ملندا آهن اتي پنهنجي ساٿي جي جدائي جي غم ۾ هڪ ٻئي سان گلي لڳي روئڻ پيا. تاريخ گواهہ آهي تہ جيڪي بہ تحريڪون هلنديون آهن انهن جي پويان انهن ورقن جو وڏو هٿ هوندو آهي. جيڪي نذير عباسي جهڙن نالن سان ڀريل هجن حالتن جي لاءِ تہ اهو ماتم آهي پر وقت جي بي رحم قلم نذير عباسي کي پنهنجي تيز نوڪ سان لکي ڇڏيو.

اسين جڏهن سخي حسن ۾ نذير جي آخري آرام گاهہ کي ڳوليندا آهيون تہ هي هڪ گمنام سپاهي لڳندو آهي ۽ وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي محسوس ٿيندو آهي. هن جيُ اکين ۾ چمڪ لڳندي ۽ پوءِ پنهنجن نفيس نازڪ هٿن سان پنهنجي ساٿين جا اڇلايل گل ميڙي سيراندي کان سانڊي رکندو آهي. مون کي ائين لڳندو آهي تہ هن جا ٺهڪ اسان جي بي وسي تي آهن. حالانڪ هن جي اکين جي چمڪ اسان جي ذهنن کي فليش ٿي هٽي، پر اسين وري بہ اهڙي جا اهڙا ٿي چند صورتن پڙهڻ کان پوءِ سندس جي جذبي کي سلام ڪندي پنهنجي ماڳ تي موٽندا آهيون. ڀلا هو شخص ڇو مايوس ٿئي هن کي پنهنجي شهادت جو ذرو بہ افسوس ناهي. ان ڪري جو روز

ڪونڌر ڪسجندي ٿو ڏسي، روز چهرا بدلجندي ٿو ڏسي، ڇا نذير عباسي ڪي ڏاتا ڪنيل هارين مٿان ڏاڙيلن جي وسڪار نٿي محسوس ٿئي ڇا ملن ۾ پگهر وهائيندڙ مزدورن جي گونجار نٿي محسوس ٿئي، ڇا روز ڪنيل لاشن ڪان پوءِ مائن جون آهون نٿيون محسوس ٿين، اڄ به ڪي معصوم گاڏيون صاف ڪندي، بوٽ پالشون ڪندي هوندن ۾ بئرا گيري ڪندي هٿ ۾ ڪتاب بجاءِ پنڻ جو وٺو ڪنيل نظر نٿا اچن. نوجوان پنهنجي ڊگري ڪي ڪڇ ۾ سانڍي آفيس جا ڌڪا ڪائيندي نظر نٿا اچن. بلڪا، نظر اچن ٿا. نذير عباسي انهن سڀني جو آهي جيسيتائين هي ڪاري رات آهي نذير امر آهي، تاريخ هميشه انهن سڀني جي رهنما ٿي ڪندي.

اسين ورسيون ملهائيندڙ قوم

عابده گھانگھرو 1999ع

اڄ شهيد نذير عباسيءَ جي ورسي آهي. هر ماڻهوءَ جي پونير ان جي آل اولاد ليکي ويندي آهي. پر هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو پنهنجي زندگي ڪنهن نظريي جي حوالي سان نظرياتي ۽ سياسي موت مري ٿو، ان جي پونير، ان جي نظرياتي ساٿي هوندا آهن. شهيد نذير عباسي جي پونيرن کي به يقينن به ڏينهن اڳ ۾ سندس ورسي ياد پئي هوندي ۽ ڪيئن پئي هوندي؟ بلڪل ائين جيئن گهري ننڊ مان الارم تي ڇرڪ سان اک کلي وڃي ۽ حيرت مان سوچجي ته ڇا صبح ٿي ويو آ؟ ۽ پوءِ هين نسلن کي ڏانئوڙي اُتارجي بلڪل ائين 9 آگسٽ کان به ٽي ڏينهن پهريان، شهيد نذير عباسي جي ڪنهن ويجهي يا پري واري ساٿي جي اک کلندي آهي ۽ هو هين ساٿين کي ڪنڊن پاسن کان ڪٺو ڪندو آهي. ڪڏهن ته ائين به ٿيندو آهي پر ڪڏهن نه به ٿيندو آهي. هن دفعي به ضرور ائين ٿيندو. سڀ دوست ساٿي گڏجي طئي ڪندا آهن ته نذير عباسي جي قبر تي هلجي، گلن جون چادرون چاڙهجن، تصويرون ڪيرائجن ۽ اخبارن ۾ بيان ڏجن ۽ پوءِ اهو باب وري ايندڙ سال تائين بند رکجي. ضرور 9 آگسٽ جي صبح جو هڪ ماڻهو ويندو. ڊرڪي ويل ۽ پٽ پيل قبر ۾ مٽيءَ جو پراءُ وجهرائيندو ۽ به ٽي روپيا گورکن کي ڏئي قبر جي چوڌاري ڇنڪار ڪرائيندو، ان لاءِ نه ته ڪو ڊرڪيل قبر ڏسڻ سان هن شهيد جو ڪو روح ڏک ڪندو، جيڪي شهيد ٿيندا آهن. اهي انهن ڳالهين کان بالا هوندا آهن، جن کي پنهنجي حياتي ۽ زندگي جي آسائش جي پرواهه ناهي هوندي اهي ان ڳالهه کان قطعي بي نياز هوندا آهن ته مرڻ کانپوءِ انهن کي ڪير ۽ ڪيئن ياد ڪري ٿو يا نه ٿو ڪري. پر قبر کي مٽيءَ سان ان ڪري پرايو ويندو ته چار ماڻهو گڏ ٿيندا ۽ اهو ڏاڍو غير مناسب ٿو لڳي ته قبر جي وچ ۾ کڏ پيل هجي. مان اها ڳالهه ان ڪري ٿي ڪيان جو ڪجهه سال پهريان جڏهن اسان 9 آگسٽ تي سخي حسن وياسين ته اهو ساڳيو منظر هئو. گذريل ٻن سالن ۾ مان ڪن مجبورين سبب نه وڃي سگهي آهيان. پر 96ع تائين شهيد جي قبر جي اها ئي حالت هئي ۽ ان کان پهريان ته اسان باقاعده هڪ کڏ ڏٺي هئي. ادا غلام رسول سهتو به ساڻ هئو ۽ حميده پيڻ وٽ ان وقت نڪتل تصوير به آهي. مان هينئر اها ڳالهه ان ڪري ٿي ڪيان ته اسين ماڻهو ياد ڪري ورسيون ته ملهايون ٿا، تقريرون ڪيون ٿا، واعدا اقرار شهيدن سان ڪيون ٿا ۽ سال جا ايندڙ 364 ڏينهن ان شهيد کي ذهن جي پٽي تان گم ڪري ڇڏيون ٿا، گاڏيون پري انهن جي قبرن تي گلن جون چادرون چاڙهيون ٿا. مون کي جڏهن اهو ڏينهن ۽ منظر ياد ايندو آهي ته دل

چوندي آهي تہ انهن نذير عباسيءَ جي پونيرن کان پڇان تہ توهان اڄ اڪيل ۾ ڳوڙها پري جيئڻ شهيد جون يادگيريون بيان ڪيو ٿا، ڇا ڪڏهن ٻين ڏينهن ۾ چند گهڙيون ڪڍي شهيد وٽ آيا آهيون؟؟ يا اسان يادگيريون رڳو ورسي.وارن ڏينهن لاءِ سانڍي رکندا آهيون؟ مون جيڪو منظر ڏٺو هئو تہ هڪ طرف اهو بہ سوچي دل سرهي ٿي تہ ٻيلي شهيد نندڙڪو ناهي ٿيو. ايترا ماڻهو، گاڏيون پري پري اچي ڪٺا ٿيا آهن پر هن جي قبر جي حالت ڏسي وري اينڊڙ ماڻهن جي هٿن ۾ گل ۽ گلن جون چادرون ڏسي سوچڻ لڳس تہ ڪاش اهي ماڻهو بجاءِ گل وٺي اچڻ جي جيڪڏهن سيمينٽ ۽ بجري وٺي اچن ها تہ شهيد جي آخري آرامگاهہ اينڊڙ سال تائين ڪڏ ٿي وڃڻ کان بچي وڃي ها. هن وٽ هن جا پونير سال ۾ هڪ ڀيرو وڃن ٿا، هن تي ڀيل مٽيءَ کي آلو ڪن ٿا ۽ گلن سان سرهو ڪن ٿا پر ٻہ ڏينهن ڪانپوءِ اهي گل بہ سڪي وڃن ٿا ۽ مٽي بہ. شهيد تہ ويچارو ڪجهہ نہ ٿو ڪچي پر هن جي قبر هن جون دانهون ڏئي ٿي ۽ ڏک مان ان ۾ ڏار پوڻ لڳن ٿا. پر جڏهن ڪو اينڊڙ ويندڙ نہ ٿي ڏسي تہ ويچاري حياءَ کان جهڪي وڃي ٿي، نہ رڳو شهيد جي قبر بلڪہ شهيد جي اڪيلي نياڻي سان بہ اها حالت آهي. 9 آگسٽ کان ٻہ ڏينهن اڳ ۾ ماڻهن کي ياد ايندو آهي تہ موتيا بہ ڪا نينگر آهي. جيڪا نذير عباسي جي نشاني آهي ڪهڙي حال ۾ آهي؟ ڪيئن آ؟ جيئري بہ آهي يا؟ ڪنهن ڇيو تہ زرقا نذير عباسي تي ڪجهہ لکي. ڇو لکي؟ ان لاءِ تہ ماڻهو هن جا احساس ۽ جذبا پڙهن، ٻڌن ۽ سمجهن، ڪهڙا ماڻهو؟ جن کي هوءَ سڃاڻي نہ ٿي يا جيڪڏهن سڃاڻي بہ ٿي تہ ڪڏهن ڪنهن هن جي مٽي تي هٿ اچي نہ رکيو هوندو. ٿي سگهي ٿو تہ حميده پيڻ جهڙي انا پرست عورت کي منهنجي اها ڳالهہ ڪرڻ خراب لڳي پر اها هڪ حقيقت آهي ۽ اسان سڀ سمجهون ٿا تہ شهيد نذير عباسيءَ پويان ڪا ملڪيت نہ ڇڏي آهي جيڪڏهن ڪجهہ ڇڏيو اٿائين تہ اهي سندس آدرشون ۽ معصوم زرقا، جنهن هن سال انٽر پري ميڊيڪل جو امتحان ڏنو آهي. شهيد جا ڪيترائي نظرياتي دوست ۽ تمام ويجها ساٿي تعليمي ادارن سان واڳيل هوندا، ڪڏهن ڪنهن زرقا کان اهو نہ پڇيو آهي تہ هن سان ڇا وهي واپري ٿو ۽ سماجي ۽ معاشي طور تي اڄوڪي رشوت ۽ سفارش وارين حالتن ۾ رهي ٿي؟ اهو ڪنهن ناهي سوچيو. اسان سوچيندا آهيون تہ رڳو ايترو تہ ورسي پيا ملهايون. شهيد جي ڏيءَ کي خاص مهمان ٿا ڪيون. ان سان اوهان جا پروگرام تہ ڪامياب ٿين ٿا. پر اهڙيون يادگيريون سانڍڻ جو ڪهڙو فائدو جڏهن ڪنهن ماڻهو جون اصلي يادگيريون يعني هڪ ان جو ماڳ پيو ان جي اولاد کي نہ سانڍي سگهجي. يا اهو سوچجي تہ اها اسان جي ذميواري ناهي. ڇا اسان جي ذميواري رڳو ورسيون ملهائڻ آهي. ڇا اسان جي تاريخ رڳو ورسين ملهائڻ تي نهندي؟ ڇا اسين رڳو ورسين ملهائيندڙ قوم آهيون؟

نذير عباسي امر آهي

زبير رحمان 9/8/99

9 آگسٽ اهو منحوس ڏينهن هو، جنهن ڏينهن سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪامريڊ بئريسٽر سيد عبدالودود مرحوم مون کي انگريزي اخبار ڏيندي چيو تہ ڏس فوجين نذير عباسي کي ماري ڇڏيو. ڪامريڊ نذير عباسي کي 9 آگسٽ 1980ع تي شهيد ڪيو ويو هو. مون کي ڏهين آگسٽ تي صبح جو خبر پئي، ان ڏينهن ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ڪراچي ۾ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن طرفان هڪ احتجاجي جلسي جو بندوبست ڪيو ويو هو. ان جلسي جو سڀني کان وڌيڪ مقبول نعرو هو"نذير اسان شرمنده آهيون، تنهنجا قاتل زنده آهن" ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ عيد جو ڏينهن هو، نشتر پارڪ ۾ نماز ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن ماڻهو دروازي کان ٻاهر آيا تہ نوجوان ۽ عام ماڻهو اهو نعرو هڻندي گذريا تہ نذير عباسي کي سرخ سلام.

17 آگسٽ 1980ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نذير عباسي کي اجايو حراست ۾ رکڻ (حسب بيجا) واري درخواست جي شنوائي هئي، عدالت جڏهن سندس درخواست شنوائي لاءِ منظور ڪئي ۽ عدالت جو وقت ختم ٿي ويو تہ عدالت واري ڪمري ۾ ئي نعرا لڳا تہ"نذير عباسي امر آهي، نذير عباسي شهيد آهي، نذير کي سرخ سلام" وغيره وغيره جج صاحب جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ ويو تہ هن ڪامريڊ بئريسٽر عبدالودود کي گهرائي پڇيو تہ اهي ڇوڪرا ڇا چئي رهيا هيا. ودود ڪيس ٻڌايو تہ اهي چئي رهيا هئا تہ "نذير عباسي شهيد آهي، امر آهي مئو ناهي". شهيد نذير عباسي کي عبدالستار ايڌي غسل ڏنو هو هن جو چوڻ هو تہ وقت اچڻ تي سڀ ڪجهہ ٻڌائيندس. نذير عباسي جي جسم تي شيشي جا گهاءَ جسم تي ڌڪن ۽ تشدد جا گهڻا نشان هئا ۽ فوجي حڪام نڪ جي پڪائي سان اهو چئي ڇڏيو تہ نذير عباسي دل بيهجي وڃڻ ڪري فوت ٿي ويو. اهڙي ئي ڳالهہ حسن ناصر شهيد بابت چئي وئي هئي تہ هن اڱڻ(ناڙو) ڳچي ۾ وجهي خودڪشي ڪري ڇڏي.

بينظير ڀٽو بہ نذير عباسي جي موت تي حڪام جي مذمت ڪئي هئي ۽ جاچ جو مطالبو ڪيو هو. پر اقتدار دوران جڏهن پنهنجي پيءُ جي قتل جي تحقيقات نہ ڪئي تہ نذير عباسي جي قتل جي جاچ ڪيئن ڪري ها. نذير عباسي جي ايف آءِ آر سندس بيوهہ حميده گهانگهرو جنرل ضياءُ الحق جي نالي ڪٽرائي هئي، جنهن جي اڄ ڦائين ڪا جاچ نہ ٿي، بعد ۾ وري ضياءُ الحق جي قتل خلاف سندس پٽ اعجاز

الحق بہ اقتدار ۾ رهڻ باوجود پنهنجي پيءُ جي قتل جي ڪا تحقيقات نہ ڪرائي سگهيو تہ نذير عباسي لاءِ تحقيقات ڪيئن ٿي سگهي ٿي. ها جيڪڏهن بنگلاديش جهڙو غير جاگيردارانہ سماج هجي ها تہ ان حد تائين آمريڪي غلام نہ هجن ها. جنهن حد تائين پاڪستاني حڪمران آهن. شيخ حسينہ پنهنجي پيءُ شيخ مجيب الرحمان جي قتل خلاف اقتدار ۾ اچي ڪيس هلرايو ۽ ڏوهارين کي سزا ڏياري. پر نذير عباسي تہ هڪ غريب گهراڻي جو ڇوڪرو هو پر حڪمرانن کي اها ڄاڻ ناهي تہ هو مرڻ کان پوءِ بہ امر آهي، نذير لوممبيا، چي گويرا، جيولس فيچڪ، چائوشسڪو، هاني ڪرئايس ۽ ڊاڪٽر تاج جي صف ۾ بيٺو آهي.

شاگرد هجڻ دوران نذير مارونڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو ميمبر بڻيو. اها هڪ سنڌي قومپرست تنظيم هئي، بعد ۾ ايس اين ايس ايف جي شاگردن سان ملاقات ٿيس تہ کيس اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي تہ شاگردن جا مسئلا هڪجهڙا هوندا آهن، پوءِ ڇو نہ اهي سنڌي هجن يا پنجابي يا ڪنهن ٻي قوميت جا هجن، ان ڪانپوءِ هو ايس اين ايس ايف ۾ شامل ٿي ويو. اها تنظيم ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان سان لاڳاپيل هئي. نذير عباسي بعد ۾ ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر بڻيو ۽ 24 سالن جي عمر ۾ مرڪزي ڪميٽي جو ميمبر ۽ سنڌ جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. هونئن تہ منهنجي ساڻس پراڻي ڄاڻ سڃاڻ هئي پر بسنت هال حيدرآباد ۾ ٿيل پهريون پيرو بيروزگاري ختم ڪريو ڪانفرنس ۾، ۽ پوءِ ڪراچي ۾ ڪيترا ڀيرا سندس تقريرون ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيو. ساڻس منهنجي آخري ملاقات ناظم آباد گول مارڪيٽ ويجهو ڪراچي ڪميٽي جي هڪ ڳجهي اجلاس ۾ ٿي، جنهن ۾ جاويد شڪور، جبار خٽڪ، عزيز الرحمان ۽ آئون (زبير الرحمان) هئاسين. آئون ان ڪميٽي جو سيڪريٽري بہ هوندو هوس. نذير عباسي ان ڪميٽي جو انچارج طور آيو هو. پهراڻ پاجامو پاتل ۽ وار ننڍا هئس. مسڪرائيندي ڪمري ۾ داخل ٿيندي ئي منهنجي پٺي تي ڌڪ هڻندي ٺهڪ ڏئي چيائين. ڪامريڊ شادي ڪڏهن ٿو ڪرين.ڪاش! سندس زندگي ۾ منهنجي شادي ٿي وڃي ها. اها ساڻس منهنجي آخري ملاقات هئي. ڪجهہ هفتن کان پوءِ هو گرفتار ٿي ويو.

نذير عباسي اڄ جسماني طور اسان سان گڏ ناهي پر ان جو فڪر، ان جو جوش جذبو ۽ ان جو نظريو اڄ بہ اسان جي رهنمائي ڪري رهيو آهي. اڄ سڄي دنيا ۾ ننڍو کنڊ(پاڪستان ۽ ڀارت) سخت مالي گهوٽالي مهانگائي، بيروزگاري، ناخواندگي، بي گهري ۽ لاعلاجي ۾ مبتلا آهي. ان ڪري عوام کي انهن ڏکيائين مان ڇوٽڪارو ڏيڻ لاءِ عوام جي مڪمل شرڪت سان سوشلسٽ انقلاب آڻي مسئلا ختم ڪرڻا پوندا. ان سلسلي ۾ هن ڀيري اها وڏي اميد افزا ڳالهہ آهي تہ شهيد نذير عباسي جي 19 هين ورسي جي موقعي تي کاٻي ڌر جي ڇهن پارٽين محنت ڪش جمهوري محاذ، ليبر پارٽي، نيشنل ورڪرز پارٽي ۽ ڪميونسٽ مزدور ڪسان پارٽي

گڏيل نموني 13 آگسٽ 1999ع تي شام جو 5 وڳي پي ايم اي هائوس ۾ هڪ سيمينار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. شهيد نذير عباسي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو اهو بهترين طريقو آهي ته ڪابي ڌر جون پارٽيون هڪ ٻئي جي ويجهو اچن.

اسان ڪامريڊ نذير عباسي جا ڏوهي آهيون

عباس جلباڻي 9/8/99

اڄ ڪامريڊ نذير عباسي شهيد جي اٽويهين ورسي آهي. سنڌس پارٽي ڪي ٽني ٻه ڪي ٽيرنهن ورهيه لنگهي ويا آهن. هن وچ ۾ پل هيٺان پاڻي جا ڪيترائي وهڪرا وهي ويا آهن. 1986ع ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ۾ "اقليت-اڪثريت" واري جهيڙي دوران " ان جي نتيجي ۾ پارٽي جي ٽٽڻ مهل ٻنهي ڌرين پاران وڏي وٽ ونان تي هئي " گيٽيون ڳالهيون ٿيون هيون. اڄ جڏهن هن سڄي عمل کي ڏهاڪي کان به وڌيڪ سال گذري ويا آهن ته اسان کي هن لائق تي وڃڻ گهرجي ته گذريل ٽيرنهن سالن جي تجربن ۽ مشاهدن جي روشني ۾ هن سانحي جي نئين سر اڻ ڏريو تنقيدي جائزو وٺون. سڀ کان اڳ اسان کي اهو ڏسڻ گهرجي ته ڪميونسٽ پارٽي جو اسان جي سماج ۾ ڪهڙو ڪردار يا ڪارج هيو ۽ ان جي نه هئڻ جا پاڪستان جي سياست تي ڪهڙا اثر پيا آهن. هن ملڪ جي سياسي تاريخ هن ڳالهه جي شاهدي ڏي ٿي ته توڙين جو ڪميونسٽ پارٽي ڪا وڏي عوامي پارٽي نه هئي پر هڪ دٻاءُ وجهندڙ ٽولي(پريشر گروپ) جي حيثيت سان اسان جي سياست ۽ ملڪي پاليسين تي ان جو تمام گهڻو اثر هيو. اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته جمهوري قدرن، عورتن، پورهيتن، هارين، شاگردن جي ۽ انساني حقن سميت اسان جي ملڪ جي سياسي ثقافت جا جيڪي به هاڪاري جزا آهن، اهي ڪميونسٽ پارٽي جي ئي جدوجهد ۽ تبليغ جو نتيجو آهن.

اهو ئي سبب آهي ته ڪميونسٽ پارٽي جي سياسي منظر تان گم ٿيڻ ڪانپوءِ نه فقط پورهيتن، عورتن، غريب شاگردن ۽ سماج جي ٻين پيڙهيل حصن جي عذابن ۾ واڌ آئي آهي. بلڪ ملڪ ۾ جمهوريت کي پڻ پوڳٽو پيو آهي. اسان ڏسون ٿا ته ڪميونسٽ پارٽي جي پرملال انتقال ڪانپوءِ ملڪ جي پورهيتن کان هڪ هڪ ڪري سندن حق کسڻ جي اهڙي عمل جي شروعات ٿي جيڪو عمل هاڻ اڄي پورهيتن ۽ مسڪين ماڻهو جي اکين ۽ پاڻ ساڙڻ تي پهتو آهي. نجڪاري جي نالي تي ڪيئي ادارا بيهر سيٺين جي حوالي ڪيا ويا آهن. ڊائون سائيزنگ جي بهاني هزارين پورهيتن کي بيروزگار ڪيو ويو آهي. وقت گذرڻ سان گڏ سرڪاري ادارن جي پورهيتن جون پگهارون وڌيون ته آهن پر مهانگائي جي وڌندڙ شرح جي حساب سان اهو واڌارو نه آهي، چرچو آهي. تڏهن ئي ته ڪراچي جي صدر بازار واري ڪيپيٽل لين جي ڪنڊ تي ڪتاب ۽ رسالا وڪڻندڙ(ايم اي پاس) عثمان چئي ٿو ته اڄوڪا

پاڪستاني بڪ سان مرن تہ نہ پيا پر ڪيترائي ماڻهو رات جو بکئي پيٽ سمهڻ تي مجبور آهن. شاگردن يا تعليم جي حوالي سان ڏسجي تہ ڪميونسٽ پارٽي جي شاگرد شاخ ڊي ايس ايف جي ٺٺڻ کان ڪجهہ ئي عرصي ڪانپوءِ تعليم ۾ خاص ڪري اعليٰ يا پيشہ ور تعليم کي هڪ خاص طبقي جي ملڪيت ناهڻ جي پاليسي تي عمل شروع ٿي ويو. اڄ نہ فقط سرڪاري تعليمي ادارن خاص ڪري يونيورسٽين جي فين ۾ وڏا وڏا واڌارا ڪيا ويا آهن. بلڪ سيلف فناس اسڪيم تحت شاهوڪار پيءُ ماءُ جي جڏي ۽ نااهل اولاد کي تہ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ داخلا ملي ٿي وڃي پر لائق ۽ غريب شاگردن لاءِ اعليٰ تعليم جا در بند ڪيا پيا وڃن. توڙي جو ڪميونسٽ پارٽي پاڻ ڪڏهن بہ پارلياماني طاقت جو ننڍڙو حصو بہ نہ بڻجي سگهي هئي پر اها پارلياماني پارٽين جي سياست ۽ پاليسين تي اثر ضرور وجهندي هئي. فرض ڪيو تہ جيڪڏهن اڄ ڪميونسٽ پارٽي بہ ميدان ۾ هجي ها تہ ڇا پيپلزپارٽي جي سياست ڪنهن بہ واضح رخ کان ايتري وانجهيل هجي ها. ڇا اسان جون اسيمبليون عوام جي ڏکن ۽ ڏوجهرن کان ائين لاتعلق رهي سگهن ها. گهٽ ۾ گهٽ ڪري نہ. ڪميونسٽ پارٽي پارليامينٽ کان ٻاهر رهندي بہ پريس بيانن، جلسن، جلوسن ۽ سيمينارن ذريعي اهڙو ماحول پيدا ڪري ها جو حڪومتي پارٽيون توڙين مخالف ڌر کي پنهنجا رويا تبديل ڪرڻا پون ها.

مگر يہ هو نہ سڪا اور اب يہ عالم هي
ڪہ تو نهين، تيرا غم، تيري جستجو ڀي نهين
گذر رهي هي ڪچ اس طرح زندگي جيسي
اسي ڪسي ڪي سهاري ڪي آرزو ڀي نهين
نہ ڪوئي راهہ نہ منزل نہ روشني ڪا سراغ
ڀٽڪ رهي هي انڌيرون ۾ زندگي اپني

اڄ تہ اڄوڪي اونداهي دور ۾ شهيد نذير عباسي جي پاڪ رت سان روشن ٿيندڙ چراغ کي سارينديِ تنقيدي ۽ خود تنقيدي جي نئين جذبن سان هن سچي مامري جو نئين سر جائزو وٺئون تہ ڪميونسٽ پارٽي ڇو ٽٽي ۽ ڇا ان جو ٽٽڻ اٽل هيو؟ جيستائين نظرياتي اختلافن جو واسطو آهي تہ ڪهڙي انقلابي پارٽي ۾ نظرياتي اختلاف ناهن هوندا؟؟ بلڪ جيڪڏهن پارٽي اندر جمهوريت موجود هجي تہ پوءِ تہ نظرياتي اختلاف پارٽي کي اڳتي وڌائيندا آهن. پر اسان وٽ ائين نہ ٿيو ۽ اختلافن جي نالي تي پارٽي کي ٽوڙي ناس ڪيو ويو.

اڄ پارٽي جا ڪيترائي ايماندار ڪارڪن چون ٿا تہ اهي نظرياتي اختلاف ايترا وڏا نہ هئا جو انهن جي بنياد تي پارٽي ئي ٽوڙي ڇڏجي ها. وري ڪجهہ اڳواڻن جي رويي تي نظر وجهبي تہ وڏيڪ اڄرج ۾ پئجي وڃئون ٿا. پروفيسر جمال نقوي جيڪو اقليت اڪثريت واري جنگ ۾ ڪابي ڌر جي تنگ نظر سوچ جو نمائندو بڻيل

هيو. اچ ڇئي تو تہ طبقاتي سوال پاڪستاني سياست جي ايجنڊي تي آهي ئي ڪو نہ. هتي لڙائي فقط جمهوريت/ روشن خيالي ۽ آمريت پنتي پيل ذهنيت وچ ۾ آهي. اها ڳالهہ تيرنهن سال اڳ سندس موقف جي صفا ابتڙ آهي. هن عرصي ۾ هن جي هن ذهني ڪايا ڪلپ ميٽا مار فورسز جو سبب سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. ٻئي پاسي ڪابل/ سرحد صوبي ڪان "جديد لائن" موڪليندڙ ٽولي جو حشر بہ اسان جي سامهون آهي. اقليت اڪثريت جنگ دوران تہ هنن همراهن جو موقف هو تہ ننڍڙي پارٽي جي ڪا بہ گهرج ڪونهي. ڪامريڊن ڪي وڏين پارٽين جو حصو بڻجي سياسي عمل ۾ پنهنجو ڪردار وڌائڻ گهرجي. پر عمل ۾ هنن ڪيو ڇا؟ ڪميونسٽ پارٽي ٽوڙي قومي انقلابي پارٽي ناهيائون. (هنهي وچ ۾ فرق فقط ايترو هو جو قومي انقلابي پارٽي زير زمين نہ هئي) پختون دوست ٻين صوبن جي دوستن ڪي تہ قومي انقلابي پارٽي ۾ شامل ٿيڻ تي راضي نہ ڪري سگهيا پر پاڻ بہ گڏ هلي نہ سگهيا. اچ افراسياب خٽڪ، لطيف آفريدي ۽ مختيار باچہ جدا جدا رستن جا راهي بڻجي ويا آهن. جمال نقوي ٽولي تي تہ انتها پسندي جو الزام هيو ئي پر جڏهن پختون دوستن جي اڳواٽي ۾ اقليتي ٽولو بردباري ۽ سهپ جو مظاهرو ڪري ها تہ پارٽي نہ ٽٽي ها. اچ نہ ڪميونسٽ پارٽي آهي نہ ان جي سياست پر ڪراچي جي سخي حسن قبرستان جي هڪ قبر مان آواز پيو اچي تہ ڇا مان ان ڪري پنهنجي جان جي قرباني ڏني هئي؟ ها ڪامريڊو!! اسان نذير عباسي شهيد جا ڏوهي آهيون!! اسان انهن دوستن جا ڏوهي آهيون جيڪي پارٽي ٽٽڻ جو صدمو برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ (ذاتي پيڙائن سان گڏوگڏ) ان حادثي کين مستقل طور نفسياتي مريض بڻائي ڇڏيو!! اسان پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ پيڙهيل طبقن جا ڏوهي آهيون!! ها، اسان ڪامريڊ تاريخ جا ڏوهي آهيون!!!

شهيد نذير عباسي

9 آگسٽ تي 19 هين ورسي جي مناسبت سان لکيل

ساگر لاشاري 1999ع

جيجل سنڌ جنهن هر دور ۾ پنهنجي ڪک مان سدائين وڏا وڏا عظيم شاعر، مفڪر، اديب، انسان دوست، قوم دوست ۽ سرفروش جنم ڏئي پنهنجو مان مٿانهون ڪيو آهي، جن هر دور ۾ انسانيت جي ٻڏندڙ ٻيڙي کي سهارو ڏئي ۽ مظلومن جي حقن جي لاءِ سچ جو ساٿ ڏئي مارشلا جي ڪارن قانونن کي ڌار ڌار ڪيو، پوءِ چو نہ اها ايوبي آمريت هجي يا ضيا شاهيءَ جو ننگو، وحشي ۽ خونخوار دور هجي، ليڪن انهن عظيم بيباڪ، بي مثال ۽ لازوال انسان دوستن، ڪڏهن قلم جي نوڪ منجهان ڦٽي نڪتل سچ سان انهن ظالمن وحشين ۽ خونخوارن جون سسيون ڌڙن کان ڌار ڪيون آهن، تہ ڪڏهن ضمير جي آواز سان لبيڪ چئي، ترخانن، تاتارين، ارغونن، ايرانين ۽ افغانين کي ڌرتي تان ڌوڙائي ڇڏيو بلڪہ سندن ناءُ ۽ نشان بہ سنڌ تان مٽائي وڌو. تاريخ اڄ بہ شاهد آهي تہ ڪيئن نہ پنهنجي جوءِ جا جوڳي ڦاسين جي ڦندن جا سينگار تہ بڻيا، مگر ڪڏهن بہ استحصالي سامراج قوتن جي اڳيان آڻ نہ مڃيائون. اهڙن عظيم ۽ لازوال ڪردارن منجهان هڪ عظيم ڪردار شهيد نذير عباسي بہ هڪ آهي. جنهن کي آمريت جي آقائن پنهنجي ننگي جارحيت جو مظاهرو ڪندي 9 آگسٽ جي ڀاڙ اونداهي رات گهاون مٿان گهاوَ ڏيندي هن جنم ڀوميءَ جي باهمت، بااصول، باغيرت ۽ باضمير سورمي کي خوني بگهڙن حوالي ڪري ڇڏيو. هو جيڪو هڪ اهڙي راهہ تي پيئي هليو جنهن جي وک وک تي تڪليفون ۽ ڏک ڪارن واسينگ نانگن جيان ڪر کنيون بيٺا هئا، پر هن عظيم پٽ انهن راهہ وارين تڪليفن ۽ ڏکن کي هڪ نظر بہ نہ ڏنو، ڇو تہ ڪنهن انگريز شاعر جيان تہ" جيل جا پٿر ديوارون نٿيون ٿي سگهن ۽ لوهيون سيخون جيل جا دروازا نہ ٿا ٿي سگهن" يعني جي عظيم ماڻهن جو پنهنجن ويڙهيچن سان وچن ٿيل هجي تہ انهن عظيمن جي آڏو دنيا جو هر عمل ۽ فڪر نيچ هوندو آهي. هو اهڙي ڪاڪ جو مينڌرو هو تہ جتي سرن جا سودا بہ بنهہ سستا هوندا آهن. شهيد نذير عباسي نانءُ آهي انهي سچ، سونهن ۽ صداقت جي اڻ وسامندڙ مشعل جو!! جيڪا تاحيات روشن رهندي آهي، بقول شهيد جي چواڻي تہ:

"منهنجي زندگي هڪ گيت آهي
منهنجو موت جدوجهد جو سڏ آهي"

شهيد نذير عباسي جي زندگي جو مقصد جدوجهد ۽ جستجو هو. اها جدوجهد جنهن ۾ ڌرتي جي ڏکن سورن کان وٺي ننڍڙي ٻالڪ جي مرڪ کسجڻ تائين، هن ڌرتي جي عزت ۽ قوم جي غيرت خاطر زندگي جي پرواهه نه ڪئي. شهيد نذير عباسي، جنهن ڌرتي، ٻولي ۽ ڌرتي ڌڻين جي خاطر مقتل ڳاهن جي مرڪي آجيان ڪئي، اهڙي موت کي وڏو اعزاز سمجهيائين. جنهن پنهنجي ريٽي رت جو ڦڙو ڦڙو پنهنجي ڌرتي ۽ ٻولي خاطر جدوجهد جي راهه ۾ وهائڻ کان نه ڪيٻائيندي جيجل جي سينڌ ۾ سندور پريندي، ريٽي رت سان ڌرتي جي "مان ۽ شان" سان آشيرواد ڏنو، جنهن سامراجين جي ٽارچر سيلن ۾ سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي قوم جي روايتن کي اجاگر ڪندي مارئي جي لوئي جي لڄ رکندي جام شهادت جو پيالو پيتو. جيڪڏهن اهڙا افعال رهيا ته ايندڙ نسل کي نذير جي نانءُ جي به پروڙ نه رهندي. شهيد نذير عباسي سامراجين جي ٽارچر سيلن ۾ طرحين طرحين جون سزائون ڀوڳي رهيو هو ۽ نيڪ ان وقت اسان جي قوم مرده پرستي جي ماهر بنجي ۽ اسان جا موقع پرست اڄ جيان. ايئرڪنڊيشن جي ٿڌين هوائن ۾ آرام فرما هئا. پر جي اهي ان وقت ڪو اهڙو عمل ورجائين ها ته جيڪر نذير جي زندگي بچي پوي ها. ليڪن ڀاڄ جي ترن ائين ڪرڻ مناسب نه سمجهيو.

شهيد نذير عباسي جيڪو اڄ به امر آهي ۽ تاقيامت امر رهندو. جي اسين هن وقت به سندس مشعل پيغام ۽ جدوجهد جي لاءِ هٿ ڏئي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪريون ته سندس اڌورا خواب ۽ خيال هڪ دفعو. وري پورا ڪري سگهون ٿا. بشرطيڪ پنهنجن ذهنن تي پراڻي لڳل زنگ کي لاهي ڇڏيون. مون کي هن ڳالهه جو هر وقت افسوس رهندو آهي ته اسان جو نوجوان اڪثر ڪري پنهنجن بحثن مباحثن ۾ ٻين شخصيتن جا ته ڪردار ڳائيندي ٿڪبا ئي ناهن. پر ڪين ڪان سچ ڪان به اجري نذير جو ڪردار وسري ويندو آهي. اها آهي اسان جي قوم جي فردن ۽ اڳواڻن جي پنهنجي معصوم ۽ پاڪ شهيد کي موٽ!!

عوامي آواز 9 آگسٽ 2000ع

اونداهيءَ ۾ نڪرندڙ هڪ ڪرڻو

حميده گهانگهرو

9 آگسٽ جو صبح هڪ نئين روشني جو صبح آهي. ءِ تاريخ اهڙي بي رحم آهي جو ڪنهن کي بہ ناهي بخشيدي. شايد اهو ئي سبب آهي جو تاريخ جي ورقن ۾ ويڙهيل نذير عباسي انهي صبح تي گونجار بڻجي هر ڪنهن جي ضمير ۽ ذهن کي جهنجهوڙيندو آهي. هڪ ننڍڙي شهر ۾ پيدا ٿيندڙ نذير عباسي سچ جو ڪرڻو تي پوري دنيا ۾ پنهنجي خون جي تپش سان هر ڪنهن جي مٿان چمڪندڙ هو. اهو ڪنهن بہ نہ سوچيو هئو تہ ڪاري اونداهيءَ رات ۾ ڪرڻو بڻجي پنهنجي چمڪ ۽ جوڀن سان اڳ ٻڏل وايومنڊل تبديل ڪري ٿو. ان چمڪ جو نالو هڪ اهڙو امر انسان جنهن پنهنجي ايمان ۽ سچ جو ڏيئو روشن ڪرڻ لاءِ رت ۽ ست سان ساهہ جي آخري گهڙيءَ تائين بارود جي پريل جسمن کي مات ڏئي بندوق جي ناليءَ کي هيٺ ڪري ڇڏيو. ۽ تاريخ جو امر انسان پنهنجي جدوجهد جي آخري ساهہ ۾ آمريت کي زوردار چماٽ هڻي پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويو. هڪ اهڙو انسان جيڪو هميشہ انهيءَ ڳالهہ تي ويساهہ رکندو هئو تہ "مرڻو هر ڪنهن کي آهي پر زندگي اها شيءِ آهي جيڪا ٻين لاءِ وقف ڪجي ۽ ضمير جي عدالت ۾ سرخرو ٿجي" ڪن ماڻهن جو خيال هوندو آهي تہ سياست ۾ اهي ماڻهو هوندا آهن جيڪي پنهنجي گهر ۽ ٻارن کان باغي هوندا آهن پر مان پنهنجي زندگي جي تجربي ۾ اهو چونديس تہ سياست معنيٰ ڇاڻ رکندڙ ماڻهو، تمام گهڻو حساس، معاشري جي پيڙا کي محسوس ڪندڙ، پنهنجي جذبن، خواهشن ۽ اميدن کي سوليءَ جي تختي تي بيهاري اهو وڃن ڪندا آهن تہ انهن جي زندگي امانت آهي. نذير عباسي پنهنجي پسند جي شادي ڪئي. هن جيڪي بہ گهڙيون گهاريون اهي اڻ وسرندڙ آهن. مون کي ياد آهي تہ اسين هڪ ننڍڙي گهر ۾ رهندا هئاسين. زرقا ڪجهہ مهينن جي هئي گهر جي لائيٽ هلي وئي. نذير ٿڪ جي باوجود گهر ۾ جڏهن داخل ٿيو تہ زرقا کي کڻي ۽ هٿن ۾ اٿين لوڏڻ لڳو جيئن پينگهي ۾ لوڏجي هو پنهنجي ڌيءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو هئو. هن سان ڳالهيون ڪندو، کيڏائيندو ۽ هن جي شرارتن ۽ روئڻ سان تنگ ڪرڻ مان بہ لطف اندوز ٿيندو هو.

سريلي ۽ درد ڀريي آواز ۾ ڳائي نذير هر ڪنهن جي دل موهي وجهندو هيو. نذير جي تمام ويجهن ساٿين جو چوڻ آهي تہ اسان اهي گانا ٻڌڻ ڇڏي ڏنا آهن. جيڪي نذير ڳائيندو هئو ڇاڪاڻ تہ جي نذير جي آواز جي گونجار اسان جي ڪنن ۾

ٿي محسوس ٿئي. ڄڻ هو سامهون ويٺو آهي. هڪ مسڪرائيندڙ چهرو، اکين ۾ چمڪ، اصولن جو پڪو، ڪڏهن بہ ڪنهن سان سوديبازي نہ ڪرڻ وارو هي امر انسان 20 سال گذرڻ ڪانپوءِ بہ هزارين دلين تي راڄ ڪري ٿو. نذير جا دوست ساٿي ۽ هن جي مشعل کي صحيح سمجهڻ وارا 9 آگسٽ تي جڏهن گل ڪٺي سخي حسن ڏانهن رخ ڪندا آهن تہ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ انهن قافلن مان وچڙيل هڪ سپاهي سيني جي انتظار ۾ سخي حسن جو ميزبان بڻجي پنهنجي ساٿين سان ملڻ لاءِ آتو هوندو آهي. گلن جي ورکا ۾ نذير عباسي ڊڪجي ويندو آهي. ڪجهہ گهڙين جي ڪچهريءَ کي سڄي سال جي ياد بنائي هر ڪوئي پنهنجي ماڳ ڏانهن موٽندو اهي هڪ جاءِ تي ڪٺا ٿي پنهنجي ساٿيءَ جي يادن کي ورجائيندا ۽ انهيءَ جي وچن کي اڳيرو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

هونئن تہ شهيد نہ ڪنهن جا محتاج هوندا آهن ۽ نہ وري ڪير هنن جي ڪمزوري هوندي آهي. بلڪ هو پنهنجي سڃاڻپ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هوندا آهن. شهيد نہ ڪنهن جي ملڪيت هوندو آهي نہ ڪنهن جي وراثت. ها جيڪڏهن ملڪيت ۽ وارثت آهي تہ صرف اهو حق هن جي ڌيءُ کي آهي جيڪا اڄ 21 سالن جي ٿي. 21 صديءَ ۾ داخل ٿي آهي. نذير عباسيءَ جي وجود جو حصو زرقا عباسي، انهي وقت هڪ سال جي هئي .باوجود انهي جي تہ شهادت وقت هن پنهنجي ڌي جو بہ خيال نہ ڪيو ۽ هو ڇوڪري؟ ڇاڪاڻ جو هڪ اهڙي لاٽ، هڪ اهڙو ڏيئو جڏهن روشني ڦهلائيندو آهي تہ هر ڪک پن تي پنهنجا ڪرڻا ڇڏيندو آهي. نذير عباسي کي ان وقت انهي ڪري خيال نہ آيو ڇو تہ سوين ٻار هن جي سامهون هئا جيڪي بکيي پيٽ واجهائين پيا. هن پنهنجي وجود، شعور ۽ فرض کي سمجهيو ۽ ان تي ڀروسو رکيو. ڇاڪاڻ جو هن کي پنهنجي پاڻ تي يقين هئو. هن پنهنجي ڌيءَ کي هڪ سال ۾ سوين سالن جو پيار ڏنو. اڄ بہ جيڪڏهن نذير زندهہ هجي ها تہ پنهنجي ڌيءَ سان ائين پيار ڪري ها، جيئن پنجن سالن جي ٻار کي ڪٺي ڪيڏائي. پنهنجي ڌيءُ کي پنهنجي هٿن ۾ گڏيءَ وانگر ڪٺي ڪيڏائڻ واري نذير کي اهو احساس ڪڏهن بہ نہ ٿيو تہ هوءَ بہ هڪ ڏينهن جوان ٿيندي ۽ پنهنجي گهر مان رخصت ٿيندي. نذير جي ورسيءَ کان نيڪ 28 ڏينهن اڳ زرقا پنهنجي گهر ۽ وَرَ واري ٿي وئي. گلشن حديد ملير پريس ڪلب ۾ نذير عباسي جا سڀ ساٿي، پيڻ، ماسيون، جيڪي بلوچ قبيلي سان واسطو رکن ٿيون سيني خوشيءَ ۾ خوشيءَ جي ڳوڙهن سان زرقا کي رخصت ڪيو.

غلام رسول سهتو جيڪو نذير عباسيءَ جو ساٿي ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ جي حيثيت رکندو آهي. پنهنجو پاڻ ملهايو. هن پنهنجي محبوب ساٿيءَ جي ڌيءَ جو رشتو نہ صرف آندو ۽ آڇيو بلڪ آخري گهڙيءَ تائين نڀائڻ جو بہ وچن پورو ڪيو. زرقا عباسي ڊاڪٽر عامر عباس جي نالي سان منسوب ٿي هڪ اهڙي گهراڻي ۾ وئي آهي جنهن جي ڏاڏي ظلم ۽ جبر جي خلاف جنگ جوٽي شهادت جو جام پيتو. شهيد

الله بخش جو پوٽو ۽ صمد سومرو جو پٽ عامر عباس نہ صرف بردبار پر پنهنجي ڳالهہ مڃرائڻ وارو بہ آهي. زرقا لاءِ اهو ٺي مناسب هئو. شهيدن جي خون جو ميلاپ زندگي جو نئون رشتو ڏسئون تہ ڪيئن ٿو نباهہ ڪري؟! نذير پنهنجي ڌيءَ جي ابتدائي خواب کي ڪنهن بہ منزل تي نہ پهچائي سگهيو پر پنهنجي منزل کي ايترو تہ پاڪ ۽ شفاف ڇڏيو آهي جو هر ڪوئي انهيءَ تي هلڻ جي ۽ ان سچ جي رسيءَ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.

اڄ نذير عباسي اسان جي وچ ۾ ناهي پر هن جون يادون، هن جي ڌيءَ هن جا احساس ۽ جذبات اسان سيني لاءِ مشعل راهہ آهن. اڄ جي ڏينهن کي اسين سڀ نياز ۽ نوڙت سان ڪنڌ جهڪائي سلام ٿا پيش ڪريون ۽ تاريخ جي ان باب کي پنهنجي وراثت سمجهي حوصلو ڏيڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون. نذير توکي سلام آ.

عوامي آواز اربع 9 آگسٽ 2000

اڄ تہ نذير عباسي جي وجود کان معافي وٺون

زرار پيرزادو

اڄ شهيد نذير عباسي جي 20 هين ورسي آهي ڪيس اڄوڪي تاريخ تي 20 سال اڳ هڪ ٽارچر سيل اندر اذيتون ڏئي شهيد ڪيو ويو هو. هي موت ڪنهن شخص جو نہ پر اسان هن ڏوهہ ڪي هڪ انتهائي سچي ۽ شاندار نظريي تي وار سمجهون ٿا. ضياء جي مارشل لائي دور ۾ پٽي جي ڦاهي ڪانپوءِ هي ٻيو سياسي قتل هو جيڪو ملڪ جي جديد سياسي تاريخ ۾ درج ٿي ويو آهي.

شهيد نذير عباسي هڪ آدرشي سياسي اڳواڻ هو. اهڙو آدرش جيڪو اسان جي هاڻوڪي سياسي ڪلچر مان وڏي پيماني تي خارج ٿيڻ لڳو آهي. اهڙي آدرش جي کوٽ خاص ڪري موجوده ڪرپٽ سياسي ڪلچر ڪي ڏسندي وڌيڪ شدت سان محسوس ٿي رهي آهي. سو اڄ سنڌ کي واقعي بہ نذير عباسيءَ جهڙي سياسي ليڊر جي سخت ضرورت آهي. سنڌ جي شايد اها ئي سڀ کان وڏي بدقسمتي رهي آهي جو سنڌ ۽ جمهوريت دشمن طاقتن هميشہ اسان کان چونڊي چونڊي اهڙا قومي هيرا کسيا آهن. ڪيس ٽارچر ڏئي شهيد ڪرڻ جو مقصد بہ شايد اهو ئي هو جو سامراجي قوتن کي هن مان ئي گهٽو پيو هو. هي سامراج جي دلالن لاءِ واقعي بہ خطرناڪ وجود جي حيثيت رکي پيو. هو جسماني طور تي ڪمزور پر ارادن ۾ هڪ جبل هو. اهو جبل ڏورڻ ظاهر آهي تہ بيحد اوکو ڪم هو ان ڪري وقت جي حاڪمن پنهنجن ڇاڙتن ذريعي مٿس ذهني ۽ جسماني تشدد ڪيو. ڪيس بکيو ۽ اڃيو رکي، ڪيس بجلي جا جهٽڪا ڏنا ويا. دکندڙ سگريٽن سان ڪيس ڏنپ ملپا پر پوءِ بہ هي عوام، جمهوريت ۽ نظريي جي تقدس لاءِ اهو ٽارچر پاڻ مٿان سهندو ئي رهيو. ڪامريڊ ڄام ساقيءَ ۽ نذير عباسيءَ جي ان قربانيءَ الائي ڪيترن ڪميونسٽن کي بچائي ورتو آهي پر اڄ ايمانداريءَ سان ڏسجي تہ نہ انهن دوستن نذير عباسي جي قربانيءَ جو ڀرم رکيو نہ نظريي کي زوال کان بچائي سگهيا ۽ نہ ئي نظرياتي دوستي نڀائي سگهيا. شهيد ڪراچيءَ جي سخي قبرستان ۾ آرامي ٿيل آهي پر اسان سندس مزار تي فاتحہ پڙهڻ لاءِ بہ ٽائيم ڪڍي نٿا سگهون. انهيءَ بي حسيءَ جو نقصان اسان کي پاڻ ئي ٿي رهيو آهي. سياسي قدر ۽ آدرش جيڪي نذير عباسي ڇڏي ويو تنهن امانت ۾ اسان جيڪا

خيانت ڪئي آهي هيءَ ڏينهن ان تي شرمندگي جو اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏئي ٿو. سو اڄو تہ اڄوڪي ڏينهن شهيد نذير عباسي جي قرباني کي سلامي ڏيون ۽ سندس روح کان معافي وٺون ۽ پنهنجي سياسي وجود کي بچائڻ جو اهو ئي هڪ مورچو آهي تہ اسان نذير عباسيءَ جهڙن ڪردارن کي پنهنجو آدرش بڻائي ان نيت سان انهن جي پيرن تي هلون تہ شايد اهي اسان کي خوشحاليءَ جي منزل تي پهچائي ڇڏين.

دلبر هن دنيا ۾ وجي رهندو واس

نذير عباسي جي شهادت - تاريڪين جي راهه ۾ روشن لاٽ

امداد قاضي 9/8/2000

ڪامريڊ نظير عباسي جي شهادت کي 20 سال گذري چڪا آهن. انهن 20 سالن ۾ تمام گهڻيون تبديليون اچي چڪيون آهن. سوشلسٽ بلاڪ ٽٽي چڪو آهي. سامراجي بلاڪ جي سوشلسٽ بلاڪ خلاف گهيرو تنگ ڪرڻ ۽ سرد جنگ جون حڪمت عمليون پڻ گهڻي حد تائين تبديل ٿي چڪيون آهن. پاڪستاني سياست ۾ فوج جو ڪردار ڪلي ڪري سامهون اچي چڪو آهي ۽ فوجي ٽولو سنڌ سرحد ۽ بلوچستان ۾ پهريائين ڪنهن عزت پري نظر سان نه ڏٺو ويندو هو ۽ هينئر پنجاب ۾ به هندستان مخالف جذبا پنهنجي شدت وڃائي چڪا آهن ان ڪري فوجي ٽولي کي پنجاب جي عوام جي حمايت به گهٽجي چڪي آهي. سماجي پيچ دار هه جو عمل تيز ٿي ويو آهي. طبقاتي چند چاڻ به واضح ٿي رهي آهي. ان ڪري طبقاتي جدوجهد کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪمرانن جي حربن ۾ به تبديلي آئي آهي. سامراجي ملڪيت ۽ سامراجي مالياتي ادارن سميت گهڻ قومي ڪارپوريشن جي ڦرلٽ هڪ طرف وڌي آهي ته ٻئي طرف عوامي سطح تي شعور ۾ ايتري گهڻي هاڪاري تبديلي آئي آهي جو سامراجي مرڪزن ۾ پڻ مزدور طبقو ۽ عوام انهن جي ڦرلٽ خلاف سخت احتجاج ڪري رهيو آهي. ڪميونسٽ تحريڪ ۽ ڪابي ڌر جي سوچ ۾ پڻ گهڻيون تبديليون آيون آهن. سرمائيداري نظام جي چمڪ دمڪ ايتري وڌي آهي جو ڪميونسٽ ڪارڪن به ڏانهنس ڇڪجي ويا آهن ايتري قدر جو ڪامريڊ نذير جي پراڻن ساٿين مان اڪثر ماٺهو عوام سان رشتو ٽوڙي سماج جي تبديلي جي خواهش ڇڏي سٺيي زندگي گذارڻ لاءِ حڪمرانن جي پويان چڪر ڪاٽي رهيا آهن. يا ذاتي خوشحالي لاءِ هٿ پير هڻي رهيا آهن. .

شهيد نذير عباسي ڪميونسٽ سياست جي هڪ اهڙي علامت رهيو آهي جنهن کي اڄ به اپنائڻ جي سخت ضرورت آهي. ڪامريڊ نذير عباسي انتهائي سادگي، جي زندگي گذاري سادو ڪاٽڻ پينٽ سادو لباس پهرڻ جي حوالي سان هڪ مثالي شخصيت هو. خوش لباسي، ڪارن تي چڙهي ميٽنگون اٽينڊ ڪرڻ جهازن تي سفر ڪرڻ جهڙن عادتن کان بنهه پري هو. ڪڏهن به آسائش جي طلب هن جي ذهن ۾ نه آئي. پارٽي ۽ نظريي سان وابستگيءَ ۽ سماج سان لاڳاپو ايترو مضبوط هئس جو

زندگي وجائي وينو پر انهن خصلتن تان هٽ نہ ڪنيائين. اخلاق جو ايترو مٿانهون انسان هو جو هر عورت ۾ (سندس گهر واري ڪانسواءِ) ماءُ ڀيڻ يا ڌيءُ جي رشتي جو پاڇو نظر ايندو هئس. ڪنهن بہ دوست جي گهر ۾ ويندو هو تہ ڪڏهن بہ ان ساٿي جي گهر ۾ ڪا بري نظر ۽ لالچ نہ رکيائين. سچائي، ايمانداري هن جو عظيم ورثو رهيو. ڪڏهن بہ نہ ڪري سگهڻ جهڙن ڪمن ڪرڻ لاءِ اجائي ڊاڙ نہ هنيائين زندگي ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ بابت سندس ڪو بہ ساٿي بيان ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهي. وقت جي پابنديءَ جو ايترو تہ خيال ڪندو هو جو سموري زندگيءَ ۾ ميٽنگ يا ميٽنگ ڪانسواءِ ملاقات جي ڏنل ٽائيم ۾ ڪڏهن بہ ڪوتاهي نہ ڪيائين. هميشہ وقت ڪان پهريان يا ٺيڪ وقت تي پهچڻ ڪري ماڻهن ۾ پنهنجي خاص سڃاڻپ ڪرايائين. ڪڏهن گيڙو ڪپڙا پائڻ، ڪڏهن بينظير ۽ نوازشريف مان سماج جي تبديلي جي اميد ڇاڻائي رعايتون حاصل ڪرڻ جي خواهش ۽ ڪڏهن فوج مان سماج جي تبديلي جي اميد جهڙا عمل ڪري رهيا آ ن. شهيد نذير عباسي جي پارٽي ۾ پڻ موجود ساٿين ۾ ڪامريڊ نذير عباسي جي خوبين جي کوٽ ڏسڻ ۾ ٿي اچي.

شهيد نذير عباسي جي شهادت کي 20 سال گذرڻ کانپوءِ ڪميونسٽ سياست کي خدا حافظ چئي وڃڻ وارن ماڻهن پاران اهي سوال اٿاريا پيا وڃن تہ اڄ جي حالتن ۾ ڪميونسٽ پارٽي پنهنجو پاڻ ۾ ڪهڙيون تبديليون آڻي رهي آهي. اهي سوال ڪي نوان ناهن. تاريخ ۾ هميشہ جڏهن بہ انقلاب ناڪامي جو سبب ٿيا آهن يا تحريڪ ڪمزور ٿيڻ کانپوءِ انقلاب نہ اچي سگهيو آهي تہ اهڙي قسم جا سوال اٿندا رهندا آهن. ڪارل مارڪس، لينن کان بہ هر وقت اهي تقاضائون ڪيون وينديون هيون تہ هاڻي تاريخ گهڻو اڳتي نڪري چڪي آهي تنهن ڪري تبديليون آڻيو پر تبديليون ڪهڙيون آڻجن ان متعلق اڄ ڏينهن تائين ڪا بہ واضح ڳالهہ سامهون نہ آئي آهي. صرف هڪڙي ڳالهہ جيڪا 1991ع ۾ سامهون آئي هئي تہ هاڻي تاريخ ۾ ترقي پسند ۽ رجعت پسند وارو محاورو ختم ٿي ويو آهي سامراج خلاف جنگ جي ضرورت نہ رهي آهي. سامراج جي معرفت ٿي دنيا جي ترقي ٿيندي طبقاتي جدوجهد جي هاڻي ضرورت نہ رهي آهي. پر طبقاتي هم آهنگي سان تاريخ اڳتي وڌندي جهڙا سوال سامهون آيا هئا ان ڪري اهو سوال اٿاريو ويندو هو تہ هاڻي ڪميونسٽ پارٽي کي ختم ڪري ڪنهن لبرل پارٽي ۾ شامل ٿي وڃجي. گذريل چند سالن ۾ تاريخ فيصلائتي انداز سان اپرندڙ انهن سڀني سوالن کي رد ڪري اهو ثابت ڪيو آهي تہ شهيد نذير عباسي جي نظرياتي سياسي ۽ شخصي زندگي جا اصول اڄ بہ اٽل آهن. رجعت پسندي اسلام عيسائيت ۽ هندو ازم جي نالي سان تاريخ کي جنهن خانہ جنگين ۽ جنگي جنون کي اڀاريو آهي. يورپ ايشيا ۽ آفريقا ان رجعت پسندي جي دهشت ناڪي جي ور چڙهيل آهي. ان مان ترقي پسندي جي اهميت نروار ٿي آئي. آمريڪي سامراج آءِ ايم ايف ورلڊ بئنڪ ۽ گهڻ قومي سامراجي ڪارپوريشنون جنهن

نموني سڄي دنيا جي معيشتن کي تباھ ڪري رهيون آهن تنهن وري ٽين دنيا جي اقتصادي ترقي تہ درڪنار پر هتي پيداواري عمل ڪري بيروزگاري، بک ۽ افلاس کي اڀاريو آهي. ان جي نتيجي ۾ سامراج کان ڇڳائي جون دعائون گهرندڙ ماڻهن جي سوچ جي ڪوڪلائپ پڻ واضح ٿي چڪي آهي باقي رهيو سوال طبقاتي جدوجهد جو تہ پوين نون سالن ۾ اقتصادي، سماجي ۽ نفسياتي ڦرلٽ ايتري حد تائين وڌي آهي جو اسان ٽين دنيا جي ملڪن جي حالت تہ تمام رحم جوڳي آهي پر يورپ ۽ آمريڪا ڪانسواءِ جاپان تائين ان طبقاتي اونچ نيچ جا فرق شدت اختيار ڪندا پيا وڃن. اقوام متحده جي مختلف رپورٽن ۽ سرمائيدار دانشورن کان دانهون نڪري پيون وڃن تہ جيڪڏهن اميري رهي تہ غريبي جو ڇا ٿيندو.

نذير عباسي جي شهادت

۽ جڏهن پورهيت جدوجهد جو سج لهي ويو

صابر انور حسين ڪوسو 9/8/2000

پورهيتن جي حقن لاءِ وڙهندڙ سنڌي ماءُ جو لال شهيد نذير عباسي 9 آگسٽ 1980ع ۾ فوجي ٽارچر سيل جون اذيتون سهندي آمر جي اذيت گاهه ۾ شهيد ٿي ويو! اڄ 9 آگسٽ 2000ع تي سڄي سنڌ ۾ شهيد نذير عباسي سان محبت ڪرڻ وارن جي هر اک آلي هوندي. هر پورهيت مزدور جنهن سان ظلم ٿيندو هوندو. هن سان ڪا به حق رسائي نه ٿيندي هوندي، اهي پورهيت مزدور اڄ نذير عباسي جي وفائن ۽ سنڌس اڻ ڪٽ جدوجهد کي ساري ڪنهن گهرجي ڪنڊ ۾ يا ڪنهن جهنگل ۾ اونڌي منهن ضرور روئندا هوندا؟ وڏيرن جي جيلن ۾ بند هاري نذير عباسي کي ضرور ساريندا هوندا. جن تي رات ڏينهن وڏيرن جو ظلم تي رهيو آهي، غريب ۽ مسڪين هارين کي زور آور وڏيرا نجي جيلن ۾ بند ڪري پوءِ وسڪيءَ جا ڍڪ پيري شيطانيءِ ٺهڪ ڏيندا رهن ٿا ۽ انهن مسڪين ۽ ابوجهه هارين جي نوجوان زالن ۽ سندن ڌيئرن جي عزت تار تار ڪري رهيا آهن. انهن کان پڇڻ وارو ڪير به ڪونهي!! انتظاميا به ساڻن ٻٽ پيل آهي. پوليس ٿاڻا وڏيرن جي قبضي ۾ آهن. ٿاڻن تي فيصلا به وڏيرا ڪن ٿا ۽ پوءِ نه ڄاڻ ڪيترن بيڏوهي ماڻهن جا خون لڙهي وڃن ٿا. ڪيترن کي سزائون ملن ٿيون!؟ اهو سڀ ڪجهه انهن جي وس ۾ هوندو آهي پر اڄ ڏينهن تائين اهڙن بااثر وڏيرن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي؟ ڪاش! جيڪڏهن اڄ شهيد نذير عباسي زنده هجي ها. سنڌس پارٽي موجود هجي ها ته اها ضرور انهن وڏيرن پوليس عملدارن تي ۽ ڪجهه غريب ماڻهن سان ضرور ڪا نه ڪا حق رسائي ٿئي ها!؟ اڄ به نذير عباسي انهن مظلوم ماڻهن جو اڳواڻ هجي ها ته ڪنهن کي به جرئت نه ٿئي ها جو ڪنهن غريب جي نياڻي جي عزت ۾ هٿ وجهي ها. شهيد نذير عباسي ڪميونسٽ پارٽي جو اڳواڻ هو. جيڪا پارٽي پورهيتن جي حقن لاءِ جاکوڙيندي هئي ۽ اها ئي ڪميونسٽ پارٽي انهن غريب پورهيتن جي همدردي سان هڪ مضبوط پارٽي بڻجي چڪي هئي. جيڪا حڪومت کان وٺي هر سياسي يا غير سياسي پارٽي تي پڻ حاوي هئي!؟ پر اڄ اها پارٽي شهيد نذير عباسي جي مشن کي اڳتي نه وڌائي سگهي. نذير عباسي سان گڏ هلڻ وارا سنڌس ئي دوست آخر ۾ غدار

ٻڌجي ويا. 1986ع ۾ هنن نذير عباسي جي شاهيل پارٽي ڪميونسٽ پارٽي کي ٽوڙائي ڇڏيو. هنن کي نذير عباسي جي ڏنل قرباني جو ذرو بہ احساس نہ ٿيو. "شهيد نذير عباسي پڇاڙان" سندس پارٽي ٽٽي وئي. سندس دوست غدار ٿي ويا! نذير عباسي جو ٺهيل گهر اجڙي ويو. سندس نوجوان زال بيوهہ ٻڌجي وئي، نذير عباسي جي معصوم ڌيءَ جيڪا اڃا هڪ سال جي مس هئي، اها پنهنجي پيءُ جي شفقت بنا يتيم ٻڌجي وئي. اهي پورهيت مزدور ڀيهر وڏيرن وٽ غلام ٻڌجي ويا. غريب ماڻهن لاءِ ڀيهر بااثر زميندارن، وڏيرن نجي جيل تعمير ڪرائي ڇڏيا. شهيد نذير عباسي پڇاڙان ڇا ڇا نہ ٿيو. اڄ بہ سرداري نظام عروج تي آهي. اڄ ڪو بہ اهڙو نذير عباسي ناهي رهيو. جيڪو ڀيهر ڪميونسٽ پارٽي جا ٽٽل هڏ ڳنڍي ڀيهر انهن مظلوم هارين ۽ پورهيتن جي حقن لاءِ جاکوڙي!! پر ائين ٿئي بہ سهي ته؟ مون کي اڄ شهيد نذير عباسي جي ياد ۾ دادن فقير جو هي شعر ياد اچي رهيو آهي.

مري ويا پيارا وفادار ماڻهون
بچيا آهن باقي تہ بيڪار ماڻهون
نہ واپار ڪر ڪنهن سان دل جو اي "دادن"
خطرناڪ آهن خريدار ماڻهو!!؟

واقعي نذير عباسي بہ ڪو پيارو ماڻهو هو. جنهن پورهيتن جي حقن جي حاصلات لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو ڏئي سدائين لاءِ امر ٻڌجي ويو. اڄ بہ هن نفعي خور زماني ۾ نذير عباسي جي پاڪ رت سان ڪوڙ سارا ماڻهو محبت ڪن ٿا. سنڌي اخبارن جي سينن تي اوتيل سرخيون ۽ وڏا وڏا ايڊيٽوريل ساڻس سچي محبت جو ثبوت آهن!!؟ چو تہ شهيد نذير عباسي پنهنجي شاگردي دور کان وٺي هر سنڌي ماڻهو سان وفادار رهيو ۽ مرڻ گهڙي تائين بہ پنهنجي پارٽي جي ڪارڪنن کي اهو چوندو رهيو تہ سڀ کان وڏي عبادت اها ٿي آهي تہ "جيئو تہ ٻين ڪاڻ جيئو ۽ مرو بہ تہ ٻين لاءِ ٿي مرو" پر افسوس جو ڪارڪن بہ ڪيس سجاڻي نہ سگهيا! شهيد نذير عباسي جو قتل ڪيس 17 آگسٽ 1980ع تي داخل ڪيو ويو. جنهن جو ڪيس بئريسٽر ودود هلايو هو. پر انهي جي وفات کانپوءِ ڇتا ثبوت نہ ملڻ ڪري شهيد نذير عباسي جا قاتل گرفتار نہ ٿي سگهيا!! ان وقت جي اخبارن موجب شهيد نذير عباسي کي جيل اندر شيشن تي ليٽائي مٿس تشدد ڪري ڪيس ماريو ويو!؟ ۽ سندس خون رائيگان ٿي ويو. نذير عباسي سان گڏ هلڻ وارا دوست افراسياب خٽڪ. لطيف آفريدي ۽ مختيار باچہ بہ پارٽي ٽٽڻ کانپوءِ هاڻي جدا جدا رستن جا راهي ٻڌجي ويا آهن پر ڇا ڪجي!!!؟

مگر يہ نہ هو سڪا اور اب يہ عالم هي ڪي تو نهين
تيرا غم تيري جستجو ڀي نهين، نہ ڪو ئي راهہ نہ منزل
جيسي اسي ڪسي ڪي آرزو ڀي نهين، نہ ڪوئي راهہ نہ منزل
نہ روشني ڪا سراغ ڀٽڪ رهي هي انڌيرون ۾ زندگي اپني!!

اڄ هتي نہ تہ اهي نذير عباسي، نہ سندس پارٽي. پر پوءِ بہ ڪراچي جي سخي حسن قبرستان جي هڪڙي قبر مان هي آواز اچي رهيو آهي تہ دوست! اوهان مون کي سڃاڻي ڪو نہ سگهيا. 9 آگسٽ آهي ۽ شهيد نذير عباسي جي هر غيرتمند ۽ باشعور ماڻهن کي سندس 20 ورسي ملهائڻ گهرجي!! يقينن اڄ ڪراچي جي سخي حسن قبرستان ۾ دفن شهيد نذير عباسي جي قبر مٿان سندس ناني ڊاڪٽر عامر عباس سومرو ۽ سندس ڌيءَ زرقا عباسي سان گڏ ڪوڙ سارا سنڌي مٿس گلن جي ورڪا ڪندا ۽ فاتح پڙهي ڪيس خراج تحسين پيش ڪندا!!؟ اڄ شهيد نذير عباسي جي ياد ۾ مختلف اخبارون وڏا وڏا ڪالم ۽ ايڊيٽوريل شايع ڪنديون ۽ سنڌس ڪيل خدمتن تي روشني وجهنديون تہ وري نہ چاڻ ڪيتريون ئي حساس دليون جهري پونديون ۽ ايبو جون هيءَ سٽون پڙهي اکين مان لڙڪ روڪي نہ سگهنديون تہ:

اسان مٽي جي اوٽ ۾
جڏهن بہ دفن ٿي وڃون!
جڏهن بہ ڪفن ٿي وڃون
هي نيڻ پوتجي وڃن
هو چانڊوڪيون سمهي پون!!
جڏهن بہ عشق آڳ ٿئي
جڏهن درد کي جاڳ ٿئي
حسن جون اجرڪون لڏن!!
گجن جون ڦو تڪون پرن
وري ملهار جي اچي
اسان پڄاڻان شهر ۾
وري بهار جي اچي!!
اسان جي سار جي اچي
تہ اسان جي روح کي
لطيف جون سٽون ڏجو!
لطيف جون سٽون ڏجو!!!

شهيد نذير عباسي سهڻي لچڻ ۽ اڏول عزم جو نالو هو

محمد خان سولنگي 2000ع

شهيد نذير عباسي سان منهنجي پهرين ملاقات 1974ع ۾ ٽارو شاهه ۾ ٿي. پهرين ڪچهري جي آخر ۾ نذير کان موڪلائڻ وقت مون ايڊريس گهري جيڪا هن منهنجي هڪ ڪتاب جي اندرئين پني تي لکي ڏني جا مون وٽ اڄ تائين موجود آهي. بعد ۾ 1976ع ۾ مان سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ شامل ٿي ويس ۽ 1981ع تائين نذير سان ڪافي ويجهڙائي رهي. هو اسان جو مرڪزي صدر هيو ۽ آئون ڪارڪن ۽ پوءِ ضلعي نوابشاهه جي صدر جي حيثيت ۾ ساڻس گڏ هيس. شهادت کان ڪجهه مهينا اڳ ۾ نذير ايس اين ايس ايف جي سينٽرل ورڪنگ ڪميٽي ۾ امر لال جي گرفتار ٿي وڃڻ ڪري خالي ٿيل جاءِ تي مون کي مرڪزي سينيئر نائب صدر چونڊڻ جي راءِ ڏني ۽ مان چونڊجي ويس. سڀ کان اڳ ۾ نذير ۾ هڪ اعليٰ لياقت اخلاق، سهڻن لچڻ جي هئي جنهن متاثر ڪيم. بيو هو بيحد خوش طبع ۽ غير معمولي قسم جو پوڳائي ماڻهو هو. سندس پوڳن جو نمونو ئي انوکو ۽ پنهنجي قسم جو هو. ٽين ڳالهه اها ته نذير اهڙو پختو ۽ سنجيده انقلابي هو جنهن جي رڳ رڳ ۽ ساهه پساهه ۾ انقلاب، تنظيم ۽ مقصد لاءِ ارپنا اوتيل هئي. جنهن ڪري هو ننڍي عمر ۾ وڏو سياستدان ۽ وڏو انقلابي هيو. چوٿون هي ته نذير ۾ تمام وڏي تنظيمي صلاحيت هئي. ساڳئي ريت منجهس جهڙي ۽ ماڻهپي جا گڻ، اعليٰ احساس ۽ قدر هيا. دوستن سان بيحد مزيدار ۽ ڪڏهن ڪڏهن خطرناڪ پوڳ ڪندو هيو. جنهن جي جرئت رڳو منجهس هئي. ڇهه ست دفعا جيل ويو، پوليس ۽ ضياءُ الحق جي مارشل لا جا جاسوسي ڪتا ڪيس ڳولي ڳولي ڇريا ٿي پوندا هيا. هو روپوشيءَ ۾ ڪيئن غير سياسي ماڻهن سان ڪئين مهينا گڏ رهيو. پر ڪين ڪڏهن به شڪ نه پيو ته هي ساڻن رهندڙ ماڻهو نذير عباسي آهي. انهي جي ابتڙ هو نذير کي هڪ بي بها دوست، وفادار سنگتي بيحد سلڇڻو ۽ مزيدار پوڳائي دلچسپ نموني وقت گذاريندڙ ماڻهو سمجهندا هيا. جنهن ۾ اهم ڳالهه هيءَ آهي ته ڪين کو به عيب، اوڻائي ۽ خراب عادت نظر نه ايندي هئي. سدائين بکن تي ڊبل روٽي ۽ پڪوڙن تي، نهاريءَ ۽ دال تي گذر ڪري، سڄي سنڌ مان پارٽيءَ کي وڏ ۾ وڏ

فنڊ. چندو گڏ ڪري ڏيندو هو. ٻه ٽي دفعا انٽيروگيشن ۾ ٽارچر سيلن مان ٽي آيو هو ان ڪري ٽارچر ۾ پڇا ڳاڇا ڪي ڪيئن منهن ڏجي؟ڪيئن وڏ ۾ وڏ اذيتون برداشت ڪري به ماڻهو ٽٽي نه، دلشڪستو نه ٿئي. غدار ۽ ڀاڙيو نه بڻجي. اهو نذير وٽ هڪ سائنس ۽ علم جيان وسيع سبجيڪٽ هو. جنهن جو هو پاڪستان ۾ پهريون نمبر ماهر بڻجي ويو هو. سندس نظر ۾ اها علم جي هڪ شاخ هئي. اسين امداد چانڊيو، شير محمد مگريو ۽ مان نذير جا پاڙهيل هياسون. جنهن ڪري ئي بلديا ٽارچر سيل انٽروگيشن ڪولين ڪراچيءَ مان ايمان جي سلامتي سان نڪري آياسون.

جس ڌج سي ڪوئي مقتل مين گيا
وه شان سلامت رهتي هئي
يه جان تو آني جاني هئي
وه آن سلامت رهني هئي

جيل ۾ وقت ڪيئن گذارجي اهو به هڪڙوفن(آرٽ) آهي. نذير انهي ڪن جو اعليٰ ترين ماهر هو. هن انهي فن ۾ ڊاڪٽريٽ جي ڊگري ڪئي هئي. اسان ٽن دوستن جنهن وقار ۽ سر بلندي سان مڙسي ۽ سندرتا سان جيل ڪاٽيو اهو شهيد نذير جي جيل ڪٽڻ جو پرتوو هو.

پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جيئن جهالا ڏي،
آءُ تنهن آري کي، وينو راهه رڻان گهنو (شاهه)

ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ هڪ دور اهڙو هو جو وٽن ڪو سنڌي ليڊر ۽ هيرو نه هيو. انهن چام ساقي کي گهڙي، تراشي هيرو بڻايو. پر نذير عباسيؒ خلقي ۽ خداداد صلاحيتن جي ڪري ليڊر هو. هي اهڙو ماڻهو هيو جنهن جي ڪميونسٽ پارٽين کي قيادت لاءِ گهرج هوندي آهي. نذير مون کي گهٽو پائيندو هو. هن کي منهنجو فڪر هوندو هو. هو مون کي هر هڪ معاملي تي صلاح ڏيندو هيو. اٿڻ ويهڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ گهر دوستن ڏانهن روشن بابت ۽ خدا جي خلق سان رويو ڇا هجڻ گهرجي انهي تي به اسين ڪچهريون ڪندا هئاسين. مون کي ياد آهي ته هڪ دوست مون کي چيو ته تون خدا جي گانءِ نه بڻج، حرامين سان حرامي ٿيءُ. سازشين کي انهن جي ٻولي ۾ جواب ڏي. نذير يڪدم ٽوڪيندي چيس ته هڪ شريف ۽ ڀلي ماڻهو کي حرام پائي ۽ ڪميٽائپ اختيار ڪرڻ لاءِ ٿو چئين. محمد خان جي متاثر ڪندڙ ڳالهه ئي سندس سڌو سنئون هجڻ ۽ شريف ماڻهو هجڻ آهي.پوءِ نذير سمجهايو ته "ڪميڻن سان ڪميڻو ڪو نه ٿيو. پنهنجو ڪردار نه وڃائبو ڪميڻي سان ڪميڻو ٿيڻ معني پاڻ ڪميڻو ٿيڻ ۽ ڪميڻو ڪميڻو ئي آهي." انهي ڪري مون کي ڪميڻا ماڻهو نقصان به رسائيندا آهن ته به مون کي ڪميڻو ٿيڻ جو خيال نه ايندو آهي. اهڙن موقعن تي مونکي نذير ياد ايندو آهي جنهن سان جيل ۾ جيئي سنڌ وارا تعديون به ڪندا هيا. تڏهن به هو انهن سان ناراض نه ٿيندو هو ان جي جاءِ انهن سان دوستي سمجهائڻ واري واٽ رکندو هو.

چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن،
جو وڙ جڙي جن ڪان، سو وڙ سي لي ڪن.

شهيد نذير عباسي شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ گهڻو وقت جيل ۾ رهيو پوءِ مارشل لا اچڻ ڪانپوءِ آزاد ٿيو. شهيد چوندو هو تہ ڀٽي ڪي اهي ايجنسيون مارائينديون. ڏکئي وقت ۾ ڪو بہ ڪم نہ ايندس. شهيد ڀٽي جي دور ۾ گهڻا سنڌي شاگرد ۽ اديب ايجنسين جي رپورٽن تي گرفتار ٿيندا هيا ۽ ڪافي عرصو جيل ۾ رهيا.۔رسول بخش پليجو، عبدالواحد آريسر، مرحوم حبيب الله ناريجو، شاهہ محمد شاهہ ۽ ٻيا ساٿس گڏ جيلن ۾ رهيا هئا. نذير جيل ۾ ڪيئن گذاريندو هو انهي جي خبر مٿي بيان ڪيل اڳواڻ ٻڌائيندا آهن انهن لکيو بہ آهي. آريسر صاحب دلگذار ۽ روح ڀچائيندڙ ليک نذير تي ڪجهہ وقت اڳ لکيو هو. پر اهو هن نذير جي شهادت کان پوءِ لکيو.

ماهوار سهڻيءَ جو مرحوم ايڊيٽر ۽ باضمير اديب طارق اشرف ڇام ساقي ۽ ڪميونسٽ پارٽي جو سخت مخالف هيو پر هن شهيد ڀٽي جي دور ۾ شهيد نذير عباسي سان ڪجهہ ڏينهن جيل ۾ گڏ گذاريا هيا جنهن جو ذڪر هن پنهنجي ڪتاب "جيل گهاريم جن سين" ۾ سيني کان آخر ۾ ڪيو آهي. هي ڪتاب هوندءِ بہ سنڌي ادب جو هڪ بي بها ڪتاب آهي جنهن ۾ ولي خان، خير بخش مري، شير محمد مري عرف جنرل شروف اوڀر بنگال (هاڻوڪي بنگلاديش) ۾ هٿيار ڦٽا ڪندڙ جنرل اي ڪي نيازي کان وٺي چوڌري شجاعت ۽ شاهہ محمد شاهہ تائين سيني جا شخصي خاڪا ڏنل آهن. انهن مان هر هڪ تي مرحوم طارق اشرف تفصيلاً سان ويهن ويهن صفحن تي يا مٿي صفحن تي لکيو آهي. ۽ نذير عباسي تي هن فقط آخري هڪ صفحو لکيو آهي پر اهو صفحو منهنجي نظر ۾ سڄي ڪتاب تي ڀاري آهي.

مرحوم طارق اشرف جي لکت هينئر (مون وٽ) موجود ناهي پر ان جي شروعات ڪجهہ هينئن آهي تہ نذير سان منهنجي ملاقات جيل ۾ ٿي پر مون کي سخت افسوس آهي تہ نذير سان منهنجي ملاقات اڳ ۾ ڇو نہ ٿي. باقي سموري تحرير ۾ نذير جي گڻن، اخلاق، بردباري، نهٺائي ۽ سچائي جي واکاڻ ڪئي اٿئين. آخر ۾ هو پنهنجو ڪتاب انهيءَ دعا تي پورو ڪري ٿو تہ "منهنجي تمنا آهي سنڌ جي سمورن شاگرد ليڊرن تورڙي شاگردن جو اخلاق ۽ ڪردار نذير عباسيءَ جهڙو ٿئي.۽ ڀڃا ڳاڇا ڪرڻ واري ٽيم نذير وٽ آئي انهن ڪيس ڇيو تہ هاڻي فيصلو ٻڌائڻو پوندو. نذير ڪين ڇيو تہ توهان ڪي شهيد نذير عباسيءَ جڏهن (شايد) 1978ع جي شروعات ۾ محرابپور ۾ ادي حميده گهانگهرو سان شادي ڪئي تہ ڪيس مارشل لا حڪومت ڪٺي گرفتار ڪيو تہ "تو شادي جيٓ بهاني سياسي جلسو ڪيو آهي." ڪيس نوشهروفيروز سب جيل ۾ رکيو ويو. انهيءَ دوران ڪشمور ضلعيٓ جيڪب آباد مان ڪامريڊ مولچند، ميرپور ماٿيلي مان ڪامريڊ مانڊل شر ۽ خيرپور ضلعي مان

شاڪر شاهه سميت ڪئين ڪارڪن گرفتار ٿيا. تن کي مشهور عذاب گهر قلي ڪئمپ ڪوئيٽا پهچايو ويو هو. شهيد نذير عباسي ته اڳ ۾ ئي شاديءَ جي ڪيس ۾ گرفتار ٿيل هو ان کي به ڪوئيٽا جي ٽارچر ڪئمپ ۾ وٺي ويا. اتي انهن تي بي حد ۽ بي حساب تشدد ڪيو ويو. نذير جي ان ڪئمپ ۾ دليري تاريخي ۽ مثالي هئي. نذير کان پڇا ڳاڇا ٿيندي هئي ته "سرخ پرچم" ماهوار رسالو ۽ "هلچل" ڪٿي ڇاپيندا آهيو؟ توهان کي پئسا ڪٿان ٿا ملن؟ ۽ روس گهڻا دفعا ويا آهيو؟ نظير کين چيو ته "توهان کي خبر آهي ته منهنجو نالو نذير عباسي آهي هاڻي توهان مون کي ان منهنجو نالو ٻيو دفعو پڇو. جيڪڏهن آءٌ توهان کي پنهنجو نالو ٻڌائي ويس ته پوءِ سمجهو ته آءٌ توهان کي سڀ ڪجهه ٻڌائيندس." انهي کان پوءِ نذير تي قيامت جهڙو تشدد شروع ٿي ويو. تيستائين شهيد جي ونيءَ حميده گهانگهرو سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ نذير جي موت جي خدشي جي رٽ پٽيشن داخل ڪئي. ان وقت تائين هاءِ ڪورٽن کان مارشل لا وارن اجان اختيار نه کسيا هئا.هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ٿي وئي. نذير جي ونيءَ ادي حميده جي وڪيل مطالبو ڪيو ته نذير جهڙي به حالت ۾ آهي ڪورٽ ان کي روبرو گهرائي، حڪومت کان ان جي گرفتاري جا سبب پڇي ۽ ان کي عدالتي تحويل ۾ ڏنو وڃي. هاءِ ڪورٽ سرڪاري وڪيل کي حڪم ڪيو ته نذير کي ايندڙ شنوائيءَ تي پيش ڪيو وڃي پر ان کي ڪورٽ ۾ نه-آندو ويو هاءِ ڪورٽ نذير عباسيءَ کي ٻيءَ شنوائيءَ تي پيش ڪرڻ لاءِ سختي سان حڪم ڪيو. ٽارچر سيل جي مارن ۽ عذابن ۾ نذير جي حالت خراب ٿي وئي هئي سو ان کي جيڪڏهن عدالت ۾ پيش ڪن ها ته حڪومت تي ٽارچر ڪرڻ جو ڪيس داخل ٿي وڃي جنهن تي حڪومت ان کي شنوائيءَ واري رات ڇڏي ڏنو. نذير ٻڌايو هو ته انٽيروگيشن (پڇا ڳاڇا) ۾ ڪائنس سوال ڪيا ويندا هئا ته "توهان جا سوويت يونين/روس سان لاڳاپا آهن ۽ روس مان جيڪي پئسا اچن ٿا سي ڪنهن کي ٿا ملن؟ ڇام ساقي ڪٿي لڪل آهي؟ انهيءَ واقعي کان پوءِ ڇام ساقي 10 ڊسمبر 1978ع تي حيدرآباد مان گرفتار ڪيو ويو هو وغيره وغيره. نذير کي انٽيروگيشن ڪندڙن هر طرح جا عذاب ڏنا پر هن کين ڪجهه به نه ٻڌايو. آخر ڪار ڪئمپ جا انچارج نذير کي سوچڻ لاءِ 24 ڪلاڪن جو ٽائيم ڏئي ويا ته "سڀ ڪجهه ٻڌاءِ. يا عذابن ۽ ايذائن سهڻ ۽ موت لاءِ تيار ٿيءُ." نذير انهيءَ ٽارچر ڪئمپ مان ٻاهر اچي اسان کي ڏاڍو مزي سان حال احوال ٻڌايا. نذير ٻڌايو هو ته "يار! هڪڙي دل چوي پئي ته ٻڌائي ڇڏيان. زندگي بچايان. پوءِ ٻاهر وڃي وري سياست ڪبي پر پوءِ چيم ته نه. پارٽي، ساٿين ۽ مقصد سان غداري نه ڪبي. هيءَ جان ۽ ساهه تمام ننڍڙيون شيون آهن. مقصد ۽ انقلاب تمام وڏيون، اتم ۽ اعليٰ شيون آهن انهن تا لکين جانيون قربان آهن" جنهن ڏينهن هن نذير کي اچي ٻڌايو ته تنهنجي سوچڻ جو وقت ختم ٿي ويو. هاڻي فيصلو ٻڌاءِ ته عين انُ وقت سنڌ هاءِ ڪورٽ طرفان نذير کي ڪراچيءَ ۾ پيش ڪرڻ جو آرڊر اچي ويو، جنهن ڪري عذاب ڏيندڙن کي مجبورن ڪيس ڇڏڻو پيو. نذير

ٻڌايو هو تہ "آفيسرن مون کي ڏاڍي افسوس ۽ ڪاوڙ مان آزاد ڪندي چگيءَ طرح سمجھائڻ واري انداز ۾ ڌمڪي ڏني تہ يا سياست ڇڏي ختم ڪري هليو وڃ. يا وري اها سياست جاري رکيئي ۽ حڪومت سان سچيون ڳالهيون نہ ڪرڻ تي قائم رهئين تہ پوءِ توکي جيئرو نہ ڇڏينداسين ۽ ماري ڇڏينداسين."

نذير ٻاهر اچي جڏهن پارٽي جي دوستن سان ڪيس مارڻ جون مليل ڌمڪيون بيان ڪيون تہ دوستن يڪدم ادي حميده جي طرفان هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي تہ شهيد نذير عباسي هڪ جمهوري، مارشلا مخالف شاگرد اڳواڻ آهي جنهن کي هاءِڪورٽ جي حڪم تي ڪوئيٽا جي قلي ٽارچر سيل مان آزاد ڪرڻ کان اڳ ۾ آئيندي انقلابي سياست جاري رکڻ تي مارڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن. ادي حميده پٽيشن ۾ مؤقف داخل ڪيو هو تہ جيڪڏهن منهنجي مڙس کي سپاٽي قتل ڪيو ويو تہ ان قتل جو ڏوهہ ۽ ڪيس مارشلا ايڊمنسٽريٽر زون سي (سنڌ) جنرل ايس ايم عباسي ۽ چيف مارشلا ايڊمنسٽريٽر جنرل ضياءُ الحق تي داخل ڪيو وڃي. اها درخواست رجسٽري ٽپال جي ذريعي موڪلي وئي هئي. جنهن جي موٽ رسيد صحيح ٿيل واپس ملي ويئي جنهن مان ثابت ٿيو تہ درخواست ڪورٽ جي رڪارڊ ۾ شامل ٿي چڪي هئي. 31 جولاءِ 1980ع تائين شهيد نذير عباسي سخت روپوشي ۾ رهيو. تيستائين آمريڪا جا پاڪستاني ايجنٽ حڪمران ۽ انهن جا جاچوسي ڪارندا ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي ڳجهي ٺڪاڻي کي ڳولي ليي چڪا هئا. انهن پاڪستان ڪوارٽرز جي هڪ گهر جي چوڌاري سول ڪپڙن ۾ پنهنجي جاچوسن جو وڏو جٿو ٽيڙي پکيڙي مقرر ڪري ڇڏيو هو. اهي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي دفتر تي نظر رکيو ويٺا هئا تہ ان ۾ ڪير ٿو گهڙي، اهڙيءَ ريت نذير عباسي پروفيسر جمال نقوي ۽ سهيل سانگي مختلف وقتن تي ڪوارٽر اندر داخل ٿيا ۽ اندر ويٺل ايجنسين جا آفيسر کين گرفتار ڪندا ويهاريندا ويا. شبير شر ۽ ڪمال وارثيءَ کي اتي سائيڪلو اسٽائيل مشين سميت گرفتار ڪري ويهاري ويو هو. نذير عباسي علائقي ۾ پهتو تہ هن کي پنهنجي خبردار ۽ هوشيار حواسن ٻڌائي ڇڏيو تہ "ڪجھہ مڙيئي ڳڙ ٻڙ ٿي وئي آهي" ان ڪري هي آس پاس جي گهٽين جا ماڻهو تاڙيندو نظر مان ڪيندو ۽ خبرداري سان ڪوارٽر جي در تي پهتو. هن در کي هٿ بہ نہ لاتو. جيڪو فقط ٻيڪڙيل هو ۽ هٿ لائڻ سان کلي پوي ها. هن رڳو در جي چير مان پنهنجي شڪ موجب اندر نهاريو تہ کيس ايجنسين جا ماڻهو ويٺل نظر آيا. هو يڪدم پوئتي موٽيو تہ آس پاس خانگي ڪپڙن ۾ بيٺل جاچوس سنڌس پٺيان پيا. هن کي ٻيهڻ لاءِ ڇين پر نذير پڇندو هلندڙ بس ۾ چڙهيو. ايجنسي عملدارن اڳتي وڃي بس کي پڇي ان کي بيهاريو ۽ سڀني ماڻهن کي هيٺ لاهي پاڪستان ڪوارٽرز جي در تان پڳلي، ڏاڙهيءَ واري، پري کان سڃاڻي نذير عباسي کي گرفتار

ڪري وٺي وئي ۽ ڪيس نون ڏينهن اندر پارٽي جا راز ٻڌائڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ عذاب ڏئي ماري ڇڏيائون.

نذير عباسي هن علائقي جي تاريخ ۾ صدين جي محنت کان پوءِ پيدا ٿيل سائنسي شعور رکندڙ هڪ اهڙو انقلابي اڳواڻ هو جنهن پنهنجي زندگيءَ جي واٽ هيءَ چونڊي هئي تہ انقلاب لاءِ مارڪسزم، سوشلزم، انقلابي قربانيون، جدوجهد، سخت ڊسيپلن، ضابطن ۽ اٽڪر اصولن واري پارٽي لازمي شيون آهن. انقلاب لاءِ انهن سڀني شين کان بچاءُ جو ڪوبہ طريقو ڪونهي، انهن سڀني شين جي لاءِ سچن انقلابين کي پنهنجي جان قربان ڪرڻي پوي تہ ڪرڻ گهرجي. ۽ واقعي نذير عباسي ائين ڪري ڏيکاريو. اسان کي پڪ آهي تہ سياڻي ڪو بہ انقلاب انهن لازمي اٽڪر شين کان سواءِ نہ ٿو اچي سگهي. مارڪسي سوشلسٽ اصول ۽ فلسفو، ليننسٽ انقلابي ۽ اصول پرست پارٽي. انقلاب لاءِ سخت محنت مال ۽ جان جون قربانيون.

سوين سرَ گهرن، سر ريءَ سوپ نہ سچي،\
سوپَ برابر سِسيون، توريان تان نہ تُرن،\
جي هينئڙي مَنجهہ هُرن، سي مُلهہ مهانگا سپرين.

مدنائيٽ جيڪال + آمريڪي پراسيڪيوٽر ۽ شهيد نذير عباسي

ڪامريڊ غلام رسول سهتو 2001

اٺين آگسٽ منهنجي سالگرهه جي تاريخ آهي ۽ 8 آگسٽ منهنجي محبوب ۽ اڳواڻ جي شهادت جو ڏينهن آهي. مون پنهنجي سالگره زندگي پر نـ ملهائي آهي، نندي ليول تي بـ نـ. پر شهيد نذير عباسي جي شهادت کان پوءِ هڪ بـ اهڙو ڏينهن نـ آيو، جو مون ڪيس ساريو نـ هجي. اهو مون کي هر روز نئون حوصلو ڏيندو آهي.

"سگهه ڏي اهڙي سچ منهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڳچي ٽئي ڳچ، تـ بـ ڇوان جو ڇوٽو هجي.

" اياز جو هي شعر جهونگاريندي مست ٿي ويندو آهيان. هر روز نون حاڪمن جي هر نئين سازش کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ۽ پنهنجين بي وسين تي گونگا ڳوڙها بـ ڳاڙيندو آهيان. پر وري شهيد نذير عباسي جي بهادري واري موت تي سوچي سگهه ملندي آهي تـ هو اڪيلو حاڪمن جي قيد ۾ هجڻ جي باوجود نظرياتي غيرت سان اڏول رهيو. ماڻهو کي اتساهه بخشيندڙ غيرت ئي هوندي آهي، جي اها ناهي تـ پوءِ هڪڙي آمريڪي پراسيڪيوٽر رابرٽ هوران جي اڳيان پوري پاڪستان جا حاڪم بي وس ڇو هجن ها؟ هو ڪو بـ قدم کڻڻ جي پوزيشن ۾ ناهن. ڪو بـ انهن ۾ دودو سومرو ڪونهي، جنهن لاءِ اياز جي هي سٽ ڪيڏي نـ امر آهي،

"دودا تنهنجو ساهه جي ويندو ماڻهو جو ويساهه نـ ويندو"

هت ڪو بـ حاڪم ساهه ڏيڻ تـ پري جي ڳالهه آهي پر ڪوڙي غيرت سان ڳالهائڻ لاءِ بـ تيار نـ آهي. ان تي سوچڻ لاءِ بـ تيار ڪونهي تـ جي اسين اڪيلا پڄي نـ ٿا سگهون تـ ٻين پاڻ جهڙن سان گڏجي اتحاد ڪيون. اهڙي حڪمت عمليون ناهيون جنهن ۾ اسان جي معيشت بـ سڌري ۽ مستقبل ۾ پاڻ پرا ٿي سگهون. جيئن سامراجي دلالي کان بچي سگهون پر هتي تـ سامراجي دلال ٿيڻ قابل فخر محسوس ڪيو ويندو آهي. بلڪ جيسين تائين آمريڪي حڪومت هنن تي راضي آهي، تيسين هي ڪنهن تي بـ فلڪ نـ آڻيندا آهن. ان کي راضي رکڻ لاءِ ڪڏي ڪان ڪڏو ڪم ڪرڻ لاءِ بـ تيار هوندا آهن. اڳ ۾ آمريڪا کي خوش رکڻ لاءِ ڪميونسٽن کي ڪچلي ماري ۽ شهيد ڪري آمريڪا بهادر کان بـ شاباسي جو سرٽيفڪيٽ وٺندا هيا، هاڻ ٿورا پريشان آهن ڪوشش اٿن تـ هت جا نام نهاد سامراج دشمن پيدا ڪريون تـ جيئن انهن کي اڳيان رکي آمريڪا بهادر سان ڪا لين دين ڪري سگهون بيو ڪير هت اڃين تيسين ايران خلاف آمريڪا بهادر جي هن سازش ۾ شريڪ آهن. هڪ بـ اهڙو حاڪم نـ آيو آهي، جنهن ايران خلاف استعمال ٿيڻ کان انڪار ڪيو

هجي، اهو نواز شريف هجي يا بينظير يا ڪو وري عبوري وزيراعظم ٿي چـو نـہ هجي ايران جي خلاف سندن پراڻو يار گلبدين حڪمت يار بہ استعمال ٿيڻ کان لنوائي پيو تـہ سندس تختو ڪيرائي ڇڏيائون بلڪ هتان پنهنجا پاڪستاني موڪلي طالبان جي نالي ۾ تبديلي آڻي مالڪن يعني آمريڪا بهادر کي خوش ڪري ڏيکاريائون. نوازشريف جو موٽر وي جهڙو مهانگو پراجيڪٽ بہ ايران خلاف سازش جو هڪ حصو آهي. اهو ثابت ڪرڻو آهيُ. اسين پاڻ بک مري بہ سامراجي سازشن ۾ برابر جا شريڪ آهيون.

آمريڪي بهادر جي اٺارني جنرل واريون گاريون تہ هنن لاءِ ڪا گار گند جي حيثيت نہ ٿيون رکن. ڇو تہ هتان جا حاڪم توڙي انهن جا ننڍي کان ننڍا آفيسر بہ انهن کان وڌ گندي زبان استعمال ڪرڻ جا عادي آهن. مون کي پنهنجن دوستن جيڪي عذاب گهرن ۾ قيدي ٿي رهي آيا آهن، انهن ٻڌايو آهي تہ ايتريون تہ فحش ۽ ڪچيون گاريون ڏيندا هئا جو ڪنهن وقت سياست تان ئي ارواح ڪڇي ويندو هو. اها ئي سندن ڪوشش ڪئي. اهڙي روش فقط سامراج دشمن سياست ڪندڙن لاءِ هئي. باقي هن وفاقي رياست جا ڪروڙها نہ پر اربها ڪربها روپيا کائي ويندڙن کي جيل جون سڀ مراعتون مليل هونديون هيون. شهيد نذير عباسي کان وٺي آريسر ٽائين امداد چانڊيو، شبير شر، شير محمد مگريو، دودو مهيري سميت هنن جي گندي زبان کان بچي نہ سگهيا آهن. جيڪي ڪين عذاب گهرن ۾ ڪچيون گاريون ڏيندا هئا. جيئن ڪڪڙ تي مينهن پيو هجي بلڪ جيئن ڪڪڙ گدڙن کي ڏسي پنڊ پهڻ ٿي ويندا آهن. فقط گدڙن جي ڏند ڪڙڪائڻ تي پٽ تي اچي ڦهڪو ڪندا آهن. تهڙي ريت ڪالهوڪا "مڊ نائيٽ جيڪال" اڄ پاڻ ڪڪڙ ٿيو ويٺا آهن. انهي ۾ پريشان آهن جي انهي ماءُ تي گار تي غيرت ڪريون تا تہ پوءِ آمريڪا بهادر جو بيو اڃان بہ اڳرو قدم تہ نہ کڻندو. ڇا اهو قدم بہ سوچي سمجهي تہ نہ کڻايو ويو آهي تہ جيئن ڪو اڃا بہ اڳلو قدم ان کان خراب ۽ اڳڙو هجي. انهي پريشاني ۾ نام نهاد اسلامي مجاهد منجهي پيا آهن. خود طالبان ياران بہ ڪو بہ اکر نہ ڳالهايو ويو آهي. ڇو تہ ڪجهہ بہ ڪڇڻ جو مقصد اهي ٿي بهتر سمجهن تا تہ ان جي ڪهڙي سزا ملي سگهي ٿي. وري افغانستان مان اٿن ڏينهن ۾ سندس ٽيڙ گول ڪرائي سگهن تا. ورندو هتان وارا حڪمران ڪين انهي هٿيارن ۾ گرفتار ڪري چالان ڪري سگهن تا. جهڙي طرح اسان وارا وڏيرا هنن حاڪمن جا ٻڌا ٻانها هوندا آهن، تهڙي ريت وري هتان جا حاڪم آمريڪا بهادر اڳيان هوندا آهن.

هنن پنجاهہ سالا تاريخ ۾ ڪڏهن بہ عوام جي تربيت نہ ڪئي آهي تہ سامراج ڇا ٿيندو آهي؟ اهي حڪومتون اسان جي ماسٽر ڊگريون وٺڻ وارن کي اهو درس نہ ڏينديون آهن تہ اهي سامراجي حڪومتون اسان جهڙن ڪمزور رياستن سان ڪيئن پيش اينديون آهن ۽ اسان جي نجات ڇا ۾ آهي، جيڪڏهن عوام نہ سهي پر خاص خاص يعني جيڪي ماسٽر ڊگري وٺڻ لائق ٿي وڃن تا، انهن کي بہ سمجهائڻ نہ چاهيندا آهن ڇو تہ ڪين خبر آهي تہ ان جي ڪين ڪهڙي سزا ملي سگهي ٿي. اهو فرض هتي ڪامريڊ ئي ادا ڪندا هيا. انهن جي ڪچهرين جلسن جلوسن ۽ لٽريچر ۾ سڀ کان پهرين سامراج دشمني جو درس ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي نہ وري ڪڏهن ان

تي سوچيو ويو تہ اهو ڪيئن شروع ڪيون.پر افسوس تہ اهي سامراج دشمن انقلابي بہ سرڪاري رنگ ۾ رنگجڻ ۾ تيار ٿي ويا آهن .

چوٿون ڏينهن سنڌ آفيس ۾ وينو هئس فون جي گهنٽي وڳي فون کنيم تہ آواز سڃاتم پاڻ بہ ٻڌايائين تہ حسن مجتبيٰ ٿو ڳالهايان. چيائين تہ يارن جي باري ۾ لکيو اٿم اهو پڙهئي؟ مون چيو تہ مون نہ پڙهيو آهي. چيائين ڪاوش پڙهجانءِ. مون پڇيو ڇا لکيو اٿئي؟ چيائين تہ گدڙ سنڌ نٿا کائي سگهن. مون چيو تہ پڙهان تہ خبر پوي باقي سچ پچ گدڙ ئي سنڌ کي کائي رهيا آهن. چيائين تہ تي سگهي ٿو تہ تون سچ چوندو هجين پر منهنجو موقف اهو آهي گدڙ سنڌ نٿا کائي سگهن. مون فائيل مان اخبار ڪڍي پڙهي تہ مٿان عنوان سان گڏ سوال جي نشاني ڏنل هئي معنيٰ تہ کائي بہ سگهن ٿا پر ادا حسن مجتبيٰ مسلم ليگين کي شهيد نذير عباسي جي قاتل مدد نائيٽ جيڪال سان گڏ سمهڻ تي مهڻا ڏنا هيا تہ اوهان جو ماضي اهڙو شاندارهيو هاڻي اوهان اڇي اتي پهتاآهيو. پر آخر ۾ وري ان تي زور اٿس تہ سنڌ گدڙ نٿا کائي سگهن مون کي ياد اچي ويو تہ مولوي عبدالحق رباني سان صالح بلو ۽ مان ملڻ وياهئاسين پاڻ ٻڌايائين تہ مير رسول بخش ٽالپرسان پنهنجي پراڻي نيازمندي ۽ رفاقت رهي آهي. هڪ ڏينهن پاڻ هت اچي پهتا پاڻ فرمايائون تہ ادا وڏو تمام گهڻو زور ٿو پري تہ تون سينئر منسٽر ٿي مون جواب ڏنومانس. باقي سنگت جي اجازت ڏني تہ وزير ٿيو نہ تہ نہ ٿيو. رباني ٻڌايو تہ مون کلي چيو مانس تہ مير صاحب اوهان کي هن عمر ۾ "شوق" ڪنيو آهي سو اسين ڪير ٿيندا آهيون. سو جڏهن ڪابہ ڳئون يا مينهن چڪ ڪندي آهي تہ پاڳئي جو ڀهريون فرض اهوهوندو آهي تہ ٻيا سڀ ڪم ڪاريون اڏ ۾ ڇڏي ان کي ڳابويا سانُ ڏيڪاري. سو ميرُ صاحب اوهان کي اسان جي محبت يا سنگت جيڪو روزو رڪائي سگهي اهو ڪافي آهي هاڻي وڏيڪ روزو رکڻ اوهان جي وس ۾ نہ رهيو آهي. باقي ڪڏي ڪم ۾ سنگت سان صلاح ڪرڻ وارو مذاق سونهي نٿو. مهل اها اٿوَ مٿان شوق ڪٺي وڃوءِ پوءِ ڀيا ٿڏا ساهہ پريو. اوهان جي چڪ اسان کي بار بار پلي تڪليف ڏيندي تنهن ڪان ڇڱو آهي تہ شوق پورو ڪيو.

شير سنڌ ڍڪ ڪٺي تہ ان کي ان جو معاوضو سينئر وزارت مِلي، ڏهيسر سنڌ چڪ ڪئي تہ ان کي ٽن مهينن واري وڏ وزارت ملي،هاڻي پاڻ سڀُورا ايترا اچي پريشان ٿيا آهن جو اٺ پاڙي تي ڪري وڃي شهباز شريف وٽ وڃي نڪتا پر افسوس جو انهي پنهنجي سنڌي سڀاجهڙي ڇڳي مڙس کي چيو تہ مون ۾ هاڻ اها طاقت نہ رهي آهي. اوهان کي ڪنهن غلط ٻڌايو آهي باقي"ميرا ٻڙا پائي قابل هي" توبهہ خدا جي در چو تہ علت بري بلا آهي. چڪ ڪرڻ تي عوام جي آواز فاضلِ راهو جي پڳدار پٽ اسماعيل راهو کي بہ ڇڱو موچارو اجورو مليو آهي. شاهہ محمد شاهہ وارن کي بہ ريٽ ڇڱو ملي ويو هيو. هاڻي بہ شايد ونئي وڃن چو تہ ڪين ونڻ جو ڏانءُ بہ ايندو آهي. باقي هي اسان وارا يار"ليٽ ڪمرس" هٽ مهٽيندا رهجي ويندا "مفت ڪا... دور لي جانا" چو تہ مون ٻڌو آهي تہ اهي تہ ملڻ لاءِ يعني وقت ونڻ لاءِ پريشان آهن. اهو بہ نواز شريف ڪان نہ بلڪہ ان جي ننڍڙي چيلي مشاهد ڪان انهن سيني کي منهنجو چئلينج آهي تہ اوهان کي تہ ريٽ بہ ڇڱو ڪو نہ ملندو. سنڌ جو ديوانو پر

مهان قوم پرست مرحوم حفيظ قريشي جلسي ۾ وڏي نڪ جي پڪائي سان چوندو هيو ته "چڪلن ۾ به هنن.... جو قبضو آهي." مان هڪ ڏينهن سندس ڳوٺ وڃي چئي آيس ته "قبلا! اوهان جي اڄ دعا قبول پئجي چڪي آهي، يعني چڪلي ۾ نه صحيح پر پرائيويٽ واري ڌنڌي ۾ سنڌياڻين جو انگ وڌيل هجڻ جي رپورٽ سهيل سانگي جي رسالي ۾ اچي چڪي آهي. اڄ مرحوم حال حيات ڪونهي نه ته ڪيس چوان هان قبلا اوهان جي شڪايت دور ٿيندي پئي وڃي. سنڌي به ڏن دوڳني رات چوڳني ترقي ڪندا پيا وڃن. هاڻي ته سنڌ جا وڏا وڏا جاگيرداري نر قومپرست اڳواڻ ۽ وڏا وڏا ڪميونسٽ به ساڳي ڪرت يعني مارڪيٽ اڪانامي جي اصول تحت پنهنجن ذهنن کان ڪم وٺي رهيا آهن. اهو به انهن وٽ جن لاءِ اوهان وڏي واڪ چوندا هيو ته انهن جو ته چڪلي تي به قبضو آهي. اهڙي قوم پرستي جو انجام اهو ئي ٿيڻو هيو. جاگيردارن کي جلدي ختم ڪرڻ وارن جو به اهو ئي انجام ٿيڻو هيو. يعني شارٽ ڪٽ جو ڪلچر اهو ئي آهي، باقي هارين کي منظم ڪرڻ، انهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ انهن جي ٻارن کي پڙهائڻ وارو طريقيڪار واهيات ۽ ٽڪائيندڙ سمجهيو ٿو وڃي.

ڪجهه ڏينهن ٿيندا ادريس چانڊيو ڪراچي ۾ مليو. حال احوال ڪندي پڇيائين ته مير ڇا ٿو ڪري؟ مون چيس اڳ هڪ انگريزي نظم ابو بن اڌم وارو پڙهندا هياسين. ان ۾ ڪو فرشتو الله کي پيار ڪندڙن ۾ پوءِ وري جن کي الله پيار ٿو ڪري واري لسٽ ناهيندي پڙهايو ويندو هو. تيئن مير صاحب وري نظرياتي طور پئسو هجڻ وارن جي لسٽ ناهي رهيو آهي.تنهن تي هو ڏاڍو کليو ۽ وڏا ٽهڪ به ڏنائين ۽ چيائين ته سچ ٿو چوين، پر منهنجي حيرت به ڇڪنا چور ٿي ويئي، جڏهن خبر پئي ته ادريس چانڊيو به مير جي ايڊريس ڳولي وڃي وٽس پهتو. استاد بخاري جي هن سٽ "منهنجو نالو لکو، منهنجو نالو لکو" جو نمونو بڻجي ويو. مسٽر حسن اسڪارپين پوءِ ٿو چوين ته سنڌ گدڙ نتاڪائي سگهن ،جناب! ايم آر ڊي جي دور ۾ سنڌ جو ٻچو ٻچو وڙهيو. روڊن تي نڪري آيو عورتون روڊن تي پلٽيون هٽي ويهي رهنديون هيون. ضياءُ ۽ سندس آقا آمريڪا خلاف لعنتون سنڌين جو ورد وظيفوهوندو هيو. انهن وڊيوفلمن کي ضياءالحق آمريڪا موڪلي پنهنجي حڪومت جو مدو وڌرايو هيو . جي ليڊر حضرات غداري نه ڪن ها ۽ تحريڪ کي پر تشدد نه بڻائن ها ته هتي به ايران جيان آمريڪين جي ٽڏا ويڙهه شروع ٿي وڃي ها .

اڄ انهي ساڳي آمريڪا بهادر جڙ هڪ ادنيٰ اتارتي به اهو بولي ٿو ڳالهائي جيڪا مهذب دنيا ۾ نه ڳالهائي ويندي آهي . ان کان وڌيڪ به ڪي لفظ هوندا آهن ڇا؟ ته 20 هزار ڊالرن ۾ هي پنهنجي ماءُ به وڪڻڻ لاءِ تيار هوندا آهن اسلام جو سچو سپاهي ضياءُالحق هجي ها ته ڪرڪيٽ ڊپلوميسي جيان خود آمريڪا جي هوران سان ملي هان خوشامد طور ڏند ڪڍي چوي ها ته "جناب آپ کا ملک اور آپ بڑي مهذب لوگ هين ديکين نا.گندي کو بهي گندا کهنا آپ کو زيب نهين ديتا ويسي آپ بجا فرماتي هين.آپ کا مشاهده بڑا تيز هي ليکن هماري بهي کچ مجبوريان هين اب تو هماري لئي اور زياده مشکلات پيدا هو رهين هين هم جو آپ کي ادنيٰ سپاهي اور حکم کي بندي هين آپ هماري لئي پرابلم پيدا نه کرين اس سي کميونسٹون کو فائده پهنچي گا. "اها ٻي ڳالهه آهي هن وقت

ڪميونسٽ آمريڪا لاءِ هاڻي گار نہ آهن تہ ڦٽا ڦٽ چوي ها.
تہ "ايران ڪو فائده پهنچي گا. " اسان وارن حاڪمن جي لُڳ پڳ بولي ساڳي آهي تہ "آپ ڪو ايسا نہ ڪهنا چاهئي تا " چا هي اسان جا حاڪم ايترا مهذب ٿي ويا آهن جو ڪو ڪين ماءُ تي گار ڏئي تہ بہ هي جواب مهذب نموني ڏين ٿا پوءِ انهن مان ڪو هڪڙو اهڙو پيدا ٿيو آهي جو بنگالين کان وڃي پنهنجي ڪيل گناهن جي معافي وٺي چوي تہ اسان جي اڳين مالڪن اوهان ۽ اوهان جيءَ نياڻين سان ڪمينگي واريون زيادتيون ڪيون. اهڙيون يزيد بہ ڪونہ ڪيون هيون. اسين شرمنده آهيون. اسين اوهان سان گڏجي انهن حاڪمن تي لعنت وجهون ٿا. اسين پاڻ اوهان جي ڌرتي تي انهن شيطانن جون بنيون بہ ناهيون ٿا ۽ اوهان روزانہ انهن شيطانن کي پٿريون وسائيندا رهو.چو تہ اهي اسلام ۽ هن ڌرتي جا گناهگار آهن .افسوس جو ڪو بہ اهڙو مهذب پيدا نہ ٿيو آهي ۽ ٿيندو بہ نہ. ڇو تہ اهو رهزن ئي سندن رهبر آهي بنگالين جا قاتل سندن رهبر اڄ بہ ضياءالحق جي قبر تي لکها گڏ ٿي سندن مشن کي جاري رکڻ جو وچن ڪندا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ هن پيري شهيد نذير عباسي جا ساٿي سندن گڏ هجن يا هتان ئي ڪيس سلام پيش ڪندي! ڇو تہ تون ڪميونزم جهڙي گند جي مخالفت ڪري مڙسي ڏيکاري. اسان کي هاڻي محسوس ٿيو آهي تہ تون حق تي هئين . انهي ڪري اسان تنهنجي نظرياتي اولاد سان گڏ ٿيا آهيون. دير آيد درست آيد اسان جي حڪمرانن جا محسن ئي بنگالين جا قاتل آهن. جي انهن کي ڏڪي ڏار نہ ڪن ها تہ اڄ بنگال جي هوندي هنن جي حيثيت ڪهڙي هجي ها. انهن جي مهرباني ڪري ئي هي ڪربها روپيا قانوني ۽ غير قانوني ئي ماهوار ڪمائي رهيا آهن. سو انهن مان اهڙو مهذب ڪيئن ٿو پيدا ٿي سگهي. جيڪو شهيد نذير عباسي جي بيوهہ حميده گهانگهرو يا ان جي نياڻي زرقا يا سندس ڀاءُ بشير عباسي سان تڏي پائي ئي اچي معافي وٺي. ان کي شهيد ڪوني خراج تحسين پيش ڪري ها.
۽ ان جي قاتلن کي ملعون ڪوٺي ها تہ بہ سمجهجي ها تہ واقعي هاڻي اشراف ٿي ويا آهن. هي ايم ڪيو ايم جي قاتل دهشتگردن کي معاوضو ڀري ڏيڻ لاءِ تيار آهن. پر سنڌي قوم جي هڪ انمول هيري شهيد نذير عباسي کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. جيڪو هن ڌرتي تي آمريڪي سامراج جو وڏ ۾ وڏ دشمن هيو. اسلام جي سپاهي ميجر امتياز پاران آمريڪي پراسيڪيوٽر پاران ماءُ تي گار ڪاڻڻ کان پوءِ بہ ڪو رد عمل ظاهر نہ ٿيو آهي نہ وري ڪو جنرل حميد پاران مزاحمت جو اعلان ٿيو آهي. ڇو تہ هو عقلمند ماڻهو آهي ۽ ظالم حاڪمن سان وڙهڻ شاهہ عنايت، سرمد ۽ منصور صفت انسانن جو ئي وڙ هوندو آهي. هي تہ انهي آمريڪين جا ٽڪريل رهيا آهن. اڄ ٻجي سوويت يونين پنهنجي اوج تي هجي ها ۽ اڌ دنيا تي پورهيتن جو راڄ هجي ها تہ ڪنهن بہ آمريڪي جي ماءُ کي بہ طاقت نہ هجي ها تہ جو ڪنهن قوم لاءِ اهڙا گندا ريمارڪس پاس ڪري. اهو بہ هتان جي دلالن جو ڪمال آهي جو اهڙن سامراج دشمن تحريڪن ۽ پارٽين کي ڪچلين انهن جي مهان جوڌن کي بي دردي سان قتل ڪري سندن لاش بہ عزيزن جي حوالي نہ ڪن. اهڙي طرح ساڳئي يزيدي ڪردار کان ڪٿو بہ گهٽ نہ ڪين.
اهڙن علمبردارن مان ڪهڙي توقع رکبي تہ اهي غيرت ڪري ڏيکاريندا!؟

مون کي هڪ فوجي رٽائرڊ عملدار ٻڌايو تہ پلٽڻ جا نالا پھريون پيرن قومي اڳواڻن ۽ فقيرن جا پئي رکيا مون تجويز ڪيو مان تہ هوشو شيدي ريجمينٽ نالو رکو تہ جنرل صاحب فرمايو اهو تہ ميرن جو هڪ غلام سپاهي هيو. ان چيو تہ مون کي حيرت ٿي. پر مان ڪيس چئي نہ سگهيس تہ دنيا جي الائي ڪيترن ملڪن جي نامعلوم شهيدن جون بہ قبرون هونديون آهن جن تي پڻ ٻاهريان ايندڙ سربراهن کي سلام پيش ڪرڻو پوندو آهي. مون چيومانس هنن عملدارن جون ترقيون ائين ٿيون آهن. جيئن "بلڊ آف حسين" فلم ۾ ڏيکاريو ويو آهي. انهن تي ڪهڙي ميار تہ انهن هڪ مسلمان عظيم مجاهد کي ان لاءِ سلام نہ ڪيو تہ هو فقط سپاهي هو. بلڪ هو سندن آقا انگريزن سان وڙهيو هيو. ڪين جنرل دولهہ دريا خان جو بہ نالو ڏين ها تہ بہ قبول نہ پوي ها. ڪين سچل جو نالو ان ڪري وڌيو آ تہ هو فقير مڙس هو خير آهي. جي چئبن تہ سچل نالي ريجمينٽ کي سچل جي هيڪڙائي وارو فلسفو پڙهايو، جنهن ۾ هندو مسلم ايڪتا جو فلسفو آهي تہ ان جو نالو بہ مٽائي ڇڏيندا.

شهيد نذير عباسي جي قاتل تي ڪيس هلائڻ لاءِ جڏهن بينظير ڀٽو حڪومت ڀيڻ حميده گهانگهروکي گهرايو هيو تہ مون ان وقت تي شهيد جي ورسي تي لکيو هيو تہ بينظير پنهنجي پيءُ جي قاتلن کي ڪجهہ نہ چيو سا وري نذير جي قاتلن تي ڪيس ڪيئن هلائي سگهندي؟ پر هاڻي تہ ڪورٽون پنهنجي سر بہ پاڻ ڪيس کڻن ٿيون، انهي ڪري ڀيڻ حميده ۽ سندس نياڻيءَ زرقا کي گهرجي تہ سڌو ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪن تہ ڪورٽ ڇاٽي ۽ مجرم ڇاٽين. ڏسئون تہ اهي ڪورٽون بہ ڪيتريون سنجيده آهن ۽ جج ڪيترا آزاد آهن يا اهو بہ وري ڪو نئون ڊرامو آهي! اڄ مان دعويٰ سان چوان ٿو تہ جيڪڏهن ڪو سچو پاڪستاني عملدار آهي تہ سندن روح مان آواز اٿندو هوندو تہ ڪاش سوويت يونين نہ ٽٽي ها يا اهي انقلابي ماريا نہ وڃن ها تہ اهڙي حالت نہ هجي ها. اڄ ايڏي وڏي گار ٻڌڻ کان پوءِ فقط چند ماڻهو پاسبان جي سڏ تي مظاهرو ڪرڻ آيا آهن. يعني هڪ سو ماڻهو بہ نہ هيا: باقي بينظير جي خلاف مظاهرو ڪرڻو هجين ها تہ انهن ئي پاسبانن کي اهڙي جلوس ڪڍڻ لاءِ پاشا وارا قومي سرمائيدار ڪروڙها روپيا ڏين ها. هاڻي تہ هڪ پاسي حاڪم کي بچاءُ ايندي هوندي تہ عوام پاران ڪو بہ احتجاج ڪو نہ ٿيو پر ڪين خبر هجڻ گهرجي تہ اهي سڀ پارٽين جا اڳواڻ سندن ئي ايجنسين جا ٻڌا ٻانها آهن. انهن ويچارن کي اها خبر ئي نہ پئجي سگهي آهي تہ ان تي احتجاج ڪرڻو بہ آهي يا نہ. جي جلدي ۾ احتجاج ڪريون تہ مالڪ ناراض ٿي وڃن تہ اسان جي امداد بند ڪرائي ڇڏيو تہ هنن جون پگهارون ۽ نيڪا بند ٿي ويندا. انهي ڪري اهي ويچارا ڪو بہ احتجاج نہ ڪري سگهيا ڇو تہ غيرت بہ انهن ڪرائي تي ڏيئي ڇڏي آهي. ڪافي عرصو ٿيو پليجي صاحب عوامي آواز ۾ 9 قسطون لکيون هيون تہ "سنڌي هاڻي وڏيري جي ڇوڙ تي ماءُ ڀُڃي يار کي بہ سلام ڪري ٿو" انهي جملي ۾ ۽ آمريڪي پراشيڪيوٽر هوران واري تبصري ۾ ڪو ذري جو بہ فرق نہ آهي.

آمريڪي پراسيڪيوٽر بہ ويهن سالن کان پاڪستاني حاڪمن کي ڏسندو اچي ٿو، ٿي سگهي ٿو انهي نتيجي تي پهتو هجي تہ هي تمام سستا آهن ۽ پليجو بہ سياستدانن سان گڏوگڏ وڪيل بہ آهي سندس مشاهدو بہ هوندو پنهنجي پارٽي جي هر

هڪ ورڪر توڙي ميمبر ڪي عملي زندگي ۾ اصل صورت ۾ ڏسڻو هوندو يا وڪيل جي حيثيت ڪيترن اصيلن ڪي سچاڻو هوندو؟ سنڌس تجربو وڏيو هوندوپرسنڌي قوم لاءِ اهڙو تجربو ڪرڻ جو مقصد نقطو دلالي ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نه آهي. سنڌي قوم تہ گار تي يا ڪوڙي بهتان تي ٿي خون ڪري ويهندي آهي .اهو غلط آهي يا صحيح آهي اهو الڳ بحث آهي . ان جو مقصد هاڻي صرف اهو ٿو نڪري تہ قوم ختم آهي.هاڻي اوهان هنن جي خلاف جيڪي فيصلا ڪندا اهي اوهان ڪي ڦٻي ويندا. فقط وڏيرن ڪي پنهنجو دلال بڻايو.ڪجهه اسان ڪي چاڻو ڪرائجو باقي مڙئي خير آ. اهڙي ريت هڪ آمريڪي جو چوڻ آهي تہ 20 هزارن ۾ پنهنجي ماءُ وڪڻڻ لاءِ تيار هوندا آهن، جو مطلب بہ ساڳيو آهي، ڏسون تہ ان تي ڪهڙو ٿا ري ايڪشن ڏيکارين، ٿي سگهي ٿو تہ اصل ايڪشن پوءِ ڪڻن. پلا اهو ساڳيو آمريڪي اٿارٽي ويٽنامين يا ڪيوبن لاءِ اهو چئي سگهي ٿو يا ايبنيس يا ايرانين لاءِ سوچي بہ سگهن ٿا!!؟ مان دعويٰ سان چوان ٿو تہ جيترو ان جملي تي مان پچريو آهيان ان ڪان وڌيڪ قذافي ۽ خامنائي پچريا هوندا. برادر ملڪ جي اڳواڻن جي غيرت تي سنڌن ڪنڌ شرم ڪان جهڪي ويو هوندو.چو تہ دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي ملڪيت غيرت آهي، جيڪا پئسن ۽ هٿيار گڏ ڪرڻ سان نہ ٿيندي آهي اها غيرت غريب وٽ بہ هوندي آهي اهائي غيرت مارئي وٽ هئي، جنهن ڪري هن بادشاهي نڪرائي ڇڏي هئي ، اها قومي ،طبقاتي غيرت نذير عباسي ۾ بہ هئي، جنهن جان تہ قربان ڪئي پر ڪميڻن حاڪمن آڏو ڪنڌ نہ جهڪايو. ڪو چئي سگهي ٿو تہ ان ۾ آمريڪي حڪومت يا اٿارٽي جي انسان دوست سرمائيدار جو ڪهڙو ڏوهہ!؟اهو تہ اٿارٽي جو گندو موقف هيو، مان وري ان دوست ڪان پڇان ٿو تہ.آمريڪا ۾ هن مهل تائين اديبن شاعرن سياستدانن ان جي مذمت ۾ ڪهڙا مظاهرا ڪيا آهن؟ يا چيو هجي تہ اهو ڪمينو انسان آهي ، جيڪو نسل پرستي جو شڪار آهي اتان حاڪم فقط ڪيس "ساري" چوڻ لاءِ منٿون ڪري رهيا آهن.اهو ٿي آمريڪي ڪلچر آهي.

مان اجوڪي هن مضمون ڪي اتي ختم ٿو ڪريان تہ اسان جي حاڪمن ڪي غيرتمند ڪلچر پيدا ڪرڻ گهرجي. انهي جي لاءِ سڀ ڪان پهرين پريس ڪي آزاد ڪرڻو پوندو ۽ پاڪستان ۾ جيڪي اظهار جي آزادي جي لاءِ وڙهندڙ نذير عباسي جيان مارجي ويا آهن انهن ڪي شهيد تسليم ڪرڻو پوندو. انهن ڪي مان ڏيڻو پوندو اهي اصل سامراج دشمن هيا انهن جو خاتمو ڪرڻ سان ڪين انهي ڪان بہ وڌيڪ ذلت برداشت ڪرڻي پوندي،جو هوندن بہ شهيدن سان جن بہ قومن مذاقون ڪيون آهن. انهن جي نصيب ۾ قدرتي طور رسوائي ۽ ذلالت لکيل هوندي آهي . هاڻي انهن تي ڇڏيل آهي تہ ڪهڙو ٿا دڳ وٺن؟!!

عوامي آواز— 9 آگسٽ 2001

اسين تنهنجي يادن جا وارث آهيون

حميده گهانگهرو

هميشہ جيان هڪ تاريخ ڪڏهن بہ ناهي وسرندي. ۽ وسرڻ بہ ڇو گهرجي؟ تاريخ جا ورق ئي تہ ماضي جو آئينو ۽ مستقبل لاءِ انسانيت جو عڪس هوندا آهن. اهي قومون بي ضمير هونديون آهن جيڪي پنهنجي قوم جي هيرن ۽ تاريخ جي شهيدن کي وساري ڇڏين. 9 آگسٽ جڏهن ايندي آهي تہ صبح سان هڪ عجيب ڪيفيت هوندي آهي. عوامي آواز جي پرپور ايڊيشن ۾ نذير جي تصوير ڏسي ائين. لڳندو آهي تہ اڄ صبح جي سج ۾ زوردار هڪ هلڪي ڊيبل روشني، هڪ نڪرنڊڙ تيز ڪرڻي جيان ذهن ۾ چيندڙ هوندي آهي. ان لاءِ نہ تہ اهو صبح هڪ شهيد جي يادگار صبح آهي. اهو صبح ان ڏينهن جڏهن هڪ ماءُ کي خبر پئي تہ تنهنجو بي ڏوهي پٽ رت جي غسل سان خاموشي ۾ دفنايو ويو. ان لاءِ نہ تہ هڪ معصوم ڌيءُ پنهنجي پيءُ جي انتظار ۾ هئي. اهو صبح ان لاءِ ياد ناهي ايندو تہ سوين سوچون ڪروڙين ذهن انتظار ۾ ٻڏل هئا. بلڪہ ان لاءِ ياد ايندو آهي تہ ان صبح ٿيڻ کان اڳ ڪاري رات جي پيٽ ۾ معصوم يادن، پر عزم حوصلي بي باڪ ويڙهاڪ سپاهيءَ کي زبردستي ابدي ننڊ ۾ سمهارڻ لاءِ بارود ڀريل بندوقن وحشي آوازن، بي ضمير ڇهرن سهٽي صبح کي خوفنائتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن پرعزم بي باڪ سپاهي کي هڪ گمنام قبر ۾ سمهاريو ويو. ڌرتي کي جڏهن ڪوٺيو پئي ويو تہ نذير عباسيءَ جي خون جا قطرا ڌرتي پنهنجا روئيندڙ ڳوڙها پئي محسوس ڪيا. ان رات اسلامي تاريخ 27 رمضان شريف ۾ سڀ فرشتا بہ جاڳندا آهن تہ جوٺي آهي تہ ڪير جا وٺا ملندا آهن پر افسوس جو سڄي رات جي تڙپ ڪانپوءِ بہ هڪ ماءُ کي پنهنجي پٽ جو خون جو پيالو ڏنو ويو. ان ماءُ جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي اڄ نذير جي ماءُ کي فوت ٿئي 5 سال ٿيا آهن ۽ 16 سال هن ان تڙپ ۾ گذاريا. هوءَ پنهنجي پٽ جي هڪڙي نشاني زرقا کي ڏسي پئي خوش ٿيندي هئي. ڊيبل روشنيءَ سان صبح جو سج بہ شرمائي رهيو هو. سال جي پهرين عيد هئي. رمضان شريف جو مهينو سڀ تيارين ۾ مصروف هئا. پر هن خبر جي ڪري دم تي رکيل ڪاڏا پيتا خراب ٿي ويا. نون ڪپڙن پائڻ کان ننڍن ٺوڙي وڏن احتجاج ڪيو. عيد ملڻ بجاءِ هڪ ٻئي هر ڪنهن ڳوڙهن سڏڪن سان پئي ياڪر پائي آٿت ڏنا. ڪنهن کي اها خبر نہ هئي تہ اسان جو هي سپاهي ڪٿي آهي. خبر کي راڪاس جيان ڦهلائي، بي شرم عمل کي لڪائڻ لاءِ چورن جيان لاش کي

دفنايو ويو. ڪنهن کي يقين اچي ٿو زوردار ٺهڪ ڏيندڙ اکين ۾ روشني چمڪائيندڙ، اهو هنيلو ۽ بي باڪ چهرو ائين خاموشي سان الڳ ٿي ويندو. بلڪ اڄ جڏهن 9 آگسٽ جو ڏينهن هڪ مخصوص گيت ياد ڏياريندو آهي" پڃري کي پنڇي ري، تيرا درد نه جاني ڪوئي" لڳي ائين ٿو ته ان گيت ۾ تمام وڏو راز سمايل هئو ائين نه هئو ته ڪو هن پنهنجي پسند جي شادي نه ڪئي هئي يا هو محبتن کان به محروم هيو جتي به ويندو هو عزتون ئي ملنديون هيس يا ائين به نه هو بار هو مائٽ دوست محبت نه پيا ڪنس بلڪ سڀ ڪجھ هئڻ جي باوجود جيڪو درد هئس اهو نذير جي اندر کي ڪٽيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو ظلم جي درد اڳيان پنهنجي جسم جي درد کي محسوس نه ڪيائين ۽ پنهنجي حق ۽ سچ جي گونجار سان ظلم جي ڪوٺڙيءَ ۾ ساھ ڏنائين. محفل ۾ ويهڻ سان مايوسين کي ختم ڪرڻ وارو ڪيترن کي مايوس ڪري ويو، ان لاءِ اڄ به اها خبر يقين نٿي ڏياري ته نذير الڳ ٿي ويو آهي. 21 سال اڳ تيز بلبن جي روشنيءَ ۾ ٽارچر ڪندڙ عملي وحشتناڪ اوزارن سان هڪ معصوم جسم کي زخمي ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. اف به نه ڪندڙ آواز نفرت سان ڏسي پيو. ان نفرت اهڙي باھ ٻاري جو وڏن توڙي ننڍن ڪرهت وچان ان عمل کي للڪاريو. بمن ۽ بارود جي ٽيگر تي هلندڙ ايٽرا بدبودار ٿي ويا جو اڄ تائين "قاتل - قاتل" نالي سان سڃاتا وڃن ٿا.

حقيقت اها آهي ته نذير ۽ مان هميشه اهو وڃن ڪندا هئاسين ته مشڪل وقت ۾ اسان پنهنجي نظرئي کي اهميت ڏينداسين. وڏي کان وڏي قرباني ڏينداسين پر هڪ عورت جڏهن پنهنجو مڙس وڃائي ٿي ته ان عورت جي مٿان ڪيترا ڦهاڙ ٿا ڪرن. معاشري ۾ انهي جو مقام ڪهڙو بيهي ٿو؟ اهو مون کانسواءِ ٻيو ڪير به نٿو سمجهي سگهي. پارٽيءَ ۾ تمام عزت وارو مقام ڏيڻ وارا به ساٿي هئا ته ڪجھ اهڙا بي حس به هئا جن نذير جي خون کي پئي لڄايو. ڪڏهن ڪڏهن ته ائين محسوس ٿيندو هو ته هي زمين ڦاٽي جنهن ۾ هليو وڃجي يا ڪو آسمان ڦاٽي ته اڏامي گم ٿي وڃجي. زرقا جي معصوميت هن جون ضرورتون هن جون اميدون، هڪ اڻ وسرندڙ خواب آهن. جڏهن به اهو وقت ياد ٿو اچي ته هڪ لون ڪانڊاريندڙ رڙ ٿي نڪري وڃي پر ان جي باوجود به اها مهل عزت ڀريو مقام ٿي ڏئي ته هڪ شهيد جو مان مرتبو ڪهڙو آهي. شهيد جڏهن هن دنيا مان رخصت ٿيندا آهن ته اهو هڪ ڏوکو هوندو آهي. شهيد ته هميشه امر هوندا آهن آهي هميشه لاءِ زنده هوندا آهن انهي جو مثال گذريل سال پريس ڪلب گلشن حديد جي اها رات آهي جڏهن زرقا عباسي ڊاڪٽر عامر عباس سومرو سان نئين زندگي گذارڻ جو وچن ڪيو. نذير عباسي جي سيني دوستن ساٿين پنهنجي محبوب ساٿيءَ سان وچن نڀائڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا اهو "پير" نه هئو ته ڪنهن رسم طور نذير به انهن جي شادين ۾ شريڪ ٿيو هوندو بلڪ هي اهو ساٿ ۽ اهو پير هئو ته نذير عباسي جيڪو هن قوم کي قرض ڏنو آهي ۽ شهادت جو

پير ڪنيو آهي ان ڪي نپائڻ لاءِ هي هڪ ننڍڙي ڪاوش هئي. 21 سالن جو ڏکو سفر نذير جي ڏيءَ هن جي دوستن ساٿين گڏجي ڪيو آهي. جيڪي ان اميد سان آهن تہ شايد هڪ ڏينهن انصاف ملندو. ڪي مايوسين جو شڪار آهن پر تنهن جي باوجود جڏهن 9 آگسٽ اچي ٿو تہ هر ڪنهن جون آليون اکيون ٿي ٿيون وڃن. سخي حسن جي رستن تي گلن جا هار ڪنيو هر پاسي ڪان پنهنجي محبوب ساٿيءَ جي آرامگاهہ ڪي سجائڻ لاءِ ويندا آهن. ايڏي وڏي قبرستان جي وچ ۾ نذير هميشہ گم ٿي ويندو آهي پر پنهنجي ساٿين جي محبت ۽ جذبي جي اڳيان اها لڪ لڪوٽي ختم ٿي ويندي آهي ۽ خبر پوندي تہ هيءَ گمنام سپاهي هڪ ڊبيل ٽٽل قبر جي وچ ۾ جهاتي پائي پيو سيني کي ڏسندو آهي تہ ڪڏهن تا هن جا ساٿي هن کي داد ڏيڻ اچن. ۽ 9 آگسٽ تي هي سپاهي پنهنجي ساٿين جي گلن هيٺان دٻجي ويندو آهي ۽ سال لاءِ آرامي ٿي سمهي پوندو آهي. اها ننڊ هڪ وسيع ننڊ هوندي آهي. اها ننڊ هڪ بهادر سپاهيءَ جي درد ڀري ننڊ هوندي آهي. جنهن کي هو ڪڏهن بہ وساري ناهي سگهندو سال جي سفر جو ثمر گلن جي روپ ۾ ڪٺي الوداع ڪندو آهي، پر مان سمجهان ٿي نذير جو ڪو بہ اهڙو ساٿي نہ آهي جنهن کي هو رڳو 9 آگسٽ تي ئي ياد ڪندا هجن ليڪن سيني دوستن ڪان نذير ڪڏهن وسري نہ سگهيو آهي، انهن ۾ ڪا بہ اهڙي چوياري نہ آهي جو ٻارنهن مهينن ۾ ڪيس ياد نہ ڪيو هجين.

اسان سڀ پنهنجي پياري ساٿي جي يادن کي زندگي جو سرمايو سمجهندا آهيون ۽ ڇو نہ سمجهون؟ ان لاءِ تہ جنهن صدارت جي ڪرسيءَ تي ويهي ڪري ڪنهن پروگرام جي ڪارروائي هلائيندو هئو تہ سڀ ساٿي گولائي ۾ ويهي تمام گهٽي مزاق ۽ پيار ۾ نذير سان هجائتا ٿيندا هئا. پنهنجي اصولن سان سوديبازي نہ ڪرڻ وارو نذير نظرئي جو پرچار شينهن جيان گجگوڙ ڪرڻ وارو نذير محبت جو اظهار ڪويل جي مٺي ٻولي ڪان بہ سرس مٺي لهجي ۾ ڪندو هو. نذير جي ماءُ هڪ ڏهاڙي ٻڌايو جيڪا ڳالهہ مون بہ ٻہ ٽي دفعا ڏٺي تہ هميشہ پنهنجي ماءُ جي جهول ۾ ٿڪاوٽ مهل سمهي پوندو هئو ۽ ماءُ پنهنجي محبت ڀرئي هٿن سان هن جي مٿي تي آڱريون ڦيري ننڊ ڪرائيندي هئس.

نذير وٽ جيڪا ملڪيت هئي اها هئي محبت. هن جو آواز، مسڪرائڻ، سادگي ۽ ايمانداري جنهن جي سهاري اسان سيني کي هن دنيا ۾ اڪيلو ڪري ويو. زرقا کي ان وقت ڪيتري پيار ۽ سهاري جي ضروت هئي....؟ ان رويي کي تاريخ ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندي تہ ڪجهہ پراڻن ساٿين جي بي حس رويي جي ڪري مون کي ڪيترو عذاب وارو سفر ڪاٽڻو پيو! شايد ان لاءِ تہ هن ايماندار سپاهيءَ ڪڏهن بہ ڪنهن تي حق نہ جترايو ۽ نہ ڪنهن ڪان ملڪيت جو حساب ڪتاب ورتو. هن جي ملڪيت تہ پوري قوم هئي. جنهن لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو بہ ڏئي ويو. اڄ هن جون سوچون، هن جو حوصلو ۽ بهادري اسان سيني لاءِ ملڪيت آهي. تاريخ ۾ نذير عباسي

جي انهيءَ ملڪيت کي ڪير ڪيترو ٿو سانديي ۽ انهي ملڪيت جا وارث ڪيترا ٿا ٿين؟ اهو وقت ۽ حالتون پاڻهئي ٻڌائينديون خود غرضي بي حسي جي عدالت ۾ ڏسئون ته نذير جو پلڙو ڪهڙي پاسي ٿو ڀاري ٿئي. جڏهن ته ڏٺو ويو آهي ته نذير جي نالي ڪٽڻ سان سڪل اک به آلي ٿي ويندي آهي. پر وري اهو سوچي ته شهيد هميشه امر هوندا آهن. ڪنڌ مٿي ٿي ويندو آهي. پيار ۽ پاپوهه مان ڪٽندڙ هي نالو هميشه ذهن تي نقش ٿي بيهي رهندو آهي.

وقت مرهم ڪان ڪي گهاوَ رهجي ويا
ڪـي ٻريا ڪـي الا رهجي ويا
لمحا لمحا ولي عمر گذري
شوق ويا پر شعاع رهجي ويا.

شهيد نذير عباسي جي ورسي تي لفظن جي پيٽا

وچڙي ويس تہ ورسي آهيان

شبير لاشاري

انقلاب مسلسل جدوجهد، لاڳيتي جدوجهد، قرباني ۽ مقداري، تبديلين جي نتيجي ۾ خاصي تبديلي جو نالو آهي، ڪنهن هڪ واقعي، حادثي ۽ اوچتي تبديلي کي انقلاب نٿو چئي سگهجي. پر ملڪ جي سياسي، معاشي ۽ معاشرتي ڍانچي ۾ عوامي تائيد، حمايت ذريعي تبديلي کي انقلاب طور پهريون قدم چئي سگهجي ٿو ۽ ڪافي ملڪن ۾ آيل عوامي ۽ سماج وادي تبديلين کي انقلاب جو نالو ڏنو ويو. انقلاب جو مقصد سياسي تبديلي سان گڏ هڪ وڏي سماجي تبديلي برپا ڪرڻ آهي. حڪومتي طاقت ۽ اقتدار ذريعي حق ڏيارڻ برابري جا موقعا پيدا ڪرڻ روزگار تعليم ۽ صحت جا مسئلا حل ڪرڻ دنيا ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي ترقي کي عوام جي اڪثريت جي ڀلي لاءِ ڪتب آڻڻ ظلم ستم جو هر سطح تي خاتمو ڪرڻ ڇا اهو ظلم جاگيرداراڻي سرمائيداراڻي يا بالادست طبقي جي بالادستي پراڻي اڏوهي کاڌل نظام پاران هجي ان کي پاڙان ڪوٽي نئين تبديلي لاءِ راهه هموار ڪرڻ آهي. منجهن اهڙين تبديلين جو تذڪرو ارسطو هيگل ۽ فيوئر باخ جي فلسفن ۾ ملي ٿو. جنهن کي 19 صدي جي عظيم مفڪر ڪارل مارڪس مڪمل ڪري انقلابي تبديلي جي صورت چٽي ڪئي. روس جي رهنما ولاديمير ايليچ لينن ٻين فلاسافرن سان گڏ مارڪس جي مغائيد معاشرتي ۽ انقلابي فلسفي جو مطالبو ڪري ان کي انقلابي پارٽي ذريعي پنهنجي ملڪ ۾ لاڳو ڪري 1971ع ۾ روس ۾ پهريون سوشلسٽ انقلاب آندو. بعد ۾ 70 سالن کان پوءِ مارڪسي ليننيٰ نظريي جي روشني ۾ قائم ٿيل سوشلسٽ انقلاب جي بظاهر پڄاڻي ٿي، پر دنيا مان بک، بدحالي، بيروزگاري، بيماري ۽ جهالت جو خاتمو ٿيڻ اڃان باقي آهي. انقلابي مقصدن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ پراڻي مدي خارج نظام جي خاتمي لاءِ قربانين جو سلسلو جاري رکي ان انقلابي قافلي جو هڪ چمڪندڙ ستارو شهيد نذير عباسي هو. سندس گفتار، ڪردار ۽ انقلابي جدوجهد اڄ بہ سيني نوجوانن ۽ تبديلي چاهيندڙ ڪارڪنن لاءِ مشعل راهہ آهي.

مان جڏهن 12 سال اڳ ننڍڙي موتيا (زرقا) نذير عباسي جي ڌيءَ سان مليس تہ هو ٽيليويزن تي ٻارن متعلق هڪ انگريزي فلم ڏسي رهي هئي. هن منهنجي اچڻ کان پوءِ بہ فلم ڏسڻ تان توجهہ نہ هٽائي. جڏهن فلم پوري ٿي تہ هو مون وٽ آئي ۽ پوءِ ڪافي دير تائين ان فلم جي ڪهاڻي مون کي هڪ پرائمري استاد وانگر سمجهائڻ لڳي، هوءَ پاڻ بہ ان وقت ٻئي ڪلاس جي شاگرديائي هئي، مان سندس ڳالهيون بظاهر ٻڌي رهيو هوس. پر اندر ئي اندر ۾ نذير سان محبت ۽ عقيدت ...... ڪيڏي مهل فخر ۽ حيرت جي گڏيل جذبن سان ڪيس ڏسي رهيو هوس، هيڏي

نندي سفيد رنگت واري پارٽي ايڏيون ذهانت سان پريل ڳالهيون پئي ڪري سندس ويڪري ڇهري گڏيل پرون ۽ روشن چمڪندڙ اکيون بلڪل. نذير جهڙيون هيون.

جڏهن ڪنڊياري ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي پاران جلسو ٿيو ته ان ۾ هزارين ماڻهو آيا. موتيا کي جڏهن تقرير لاءِ سڏيو ويو ته هن پارٽي لاءِ سڀ ماڻهو عقيدت وچان اٿي بيٺا. موتيا ايتري ته ننڍڙي هئي جو ڪرسي رکي پوءِ ڪيس مائيڪ تي بيهاريو ويو. جڏهن هن معصوم نينگري پرجوش انداز ۾ تقرير شروع ڪئي ته ڪيترائي جوشيلا ڪارڪن نذير عباسي، نذير عباسي چوندا اسٽيج طرف ڊوڙيا جن کي پرولتاري لائٽين ڍڪي پوئتي ڪيو پر ڪجھ ڪارڪن اسٽيج تائين پهچي ننڍڙي موتيا کي عقيدت مان چُميو ۽ گڏو گڏ لائٽين جا چار ڇنبا جهلي واپس آيا. بعد ۾ هڪ اخباري بيان ۾ موتيا چيو ته سندس ذهن تي پنهنجي عظيم والد جو صرف هڪ اڻ ڇٽو عڪس موجود آهي. (خود موتيا به نذير عباسي جي زنده تصوير آهي).

هي زندگي به هڪ سمنڊ آهي جنهن ۾ انسان لهرن وانگر هڪ ٻئي سان ملن ٿا وڇڙي وڃن ٿا پر ڪجھ ماڻهو اهڙا ٿين ٿا جيڪي موت کي به مات ڏئي ڇڏيندا آهن. ۽ موت هنن کي نڪو ماري نه ئي بگاڙي ٿو سگهي. سندس قرباني ۽ جدوجهد هنن کي لافاني بنايو ڇڏي، هڪ آدرش لاءِ زندگي قربان ڪري ڇڏڻ عقل شعور ۽ دانشمندي سان هڪ ڊگهي صبر آزما بهادري واري جدوجهد ڪرڻ تمام ٿورن ماڻهن جي نصيب ۾ هوندي آهي. سندس قرباني جا اثر ايترا ته گهرا ٿين ٿا جو صدين تائين سندس صدائون پڙاڏا بنجي گونجنديون رهن ٿيون.

جيڪب آباد ۾ ايس اين ايس ايف جو ڪنوينشن ٿيو. روپوش نذير عباسي کي ان ۾ شريڪ ٿيڻو هو نذير سان سندس هڪ ساٿي سفر دوران گڏ هيو جنهن ڪيس سڄي رستي دوران گاڏي مان منڊي ٻاهر ڪيڻ نه ڏني ڪنوينشن ۾ پهچڻ کان پوءِ نذير مذاق ۾ شڪايت ڪندي چيو ته هن همراهه ته مون کي رستي ۾ پردانشين بنائي ڇڏيو هو. ان کان پوءِ سانگهڙ ۾ 4 مارچ جي جلسي ۾ نذير عباسي کي خاص مهمان ٿيڻو هو پر سخت بخار سبب رڳو پيغام لکي موڪليائين جنهن دوست اهو پيغام جلسي ۾ پڙهيو. ان کي پوليس حڪومت مخالف تقرير ڪرڻ جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪري ورتو. نذير عباسي خاموش نه رهيو ۽ ڪاليجن جا بائيڪاٽ ڪرائي حڪومت کي وارننگ ڏنائين ته 24 ڪلاڪن ۾ سندس ساٿي کي آزاد ڪيو وڃي نه ته حالتن جي خرابي جي ذميوار حڪومت هوندي نيٺ سندس اهو ساٿي آزاد ٿي ويو.

هڪ ڀيري سنڌ يونيورسٽي جي هاسٽل کي پوليس ۽ ٻين ايجنسين گهيري ۾ ورتو. نذير انٽرنيشنل هاسٽل جي ڪمري نمبر 67 ۾ موجود هو. اڌ رات کان وٺي صبح تائين ڪمرن جي تلاشي ۽ روپوش رهنمائن جي گرفتاري جاري رهي. گرفتار ٿيل شاگردن هيٺان مذاق ۾ هڪل ڪري نذير کي چيو ته ڪامريڊ پاڻهي هليو اچ هاڻي گرفتار ته ضرور ٿيندين. نذير ڏاڪڻ تان جيئن ئي هيٺ لٿو پئي ته فلسطينين تنظيم پي ايف ايل پي جي هڪ عرب شاگرد ڪامريڊ مجيد ابو عنيب هن کي ڏسندي چيو ته ڪامريڊ هڪ ڪوشش ڪيون ٿا تون منهنجي ڪمري ۾ اچي ويهه مان غير ملڪي آهيان شايد منهنجي تلاشي نه ٿئي. آخر ڪار پوليس پهتي ۽ عرب سڳوري جي در تان واپس موٽي هلي وئي ۽ نذير گرفتار ٿيڻ کان بچي ويو. نذير عباسي شاگرد،

مزدور، هاري رابطا ڪميٽي جو جنرل سيڪريٽري به هڪ ڀيري حيدرآباد ۾ مزدورن جو جلسو جاري هو ۽ ڪيترن روپوشن ڪي پوليس ٻاهران ئي ڪنيي ڪٽي وئي نذير اسٽيج تي وينل هو پوليس ۽ سي آءِ ڊي وارا تاڙ ۾ هئا ته اجهو تا نذير کي گرفتار ڪيون. هڪ دوست اسٽيج تي وڃي نذير ڪي ڪن ۾ ٻڌايو ته ڪيئن ٻچي هلون نذير چيو ته اڄ امام دين (سي آءِ ڊي وارا) چوڪس آهن ٻچڻ مشڪل آهي، دوست ڪيس چيو ته جيئن ئي جلسو ختم ٿيندو ته مان هارن وڄائيندس ۽ تون اسٽيج پٺيان ڪنات ٽپي اڇجان ايئن ئي ٿيو. موٽر سائيڪل جو هارن وڳو نذير اٿيو ۽ موٽر سائيڪل ڌرڙاٽ ڪندي هلي وئي، پوليس ۽ امام دين گهٽو ٿي ڊوڙيا پر پهتن ڪو نه اهڙي طرح هڪ ڀيري پوليس کي اطلاع مليو ته نذير گاڏي کاتي مزدورن جي آفيس ۾ آيو آهي نذير جا ڪپڙا ميرا هئا ڇاپو لڳو سيني کان پڇيائون ته نذير عباسي ڪير آهي ڪنهن به جواب نه ڏنو. نيٺ پوليس هڪ پينٽ شرٽ پاتل نوجوان مظهر ڪي نذير سمجهي وٺي وئي. پر رات جو ڪيس آزاد ڪيو ويو. حيدرآباد ۾ سائيٽ پوليس هڪ مزدور جي گهر تي ڇاپو هڻي نذير عباسي کي گرفتار ڪيو ۽ هن کي هٿڪڙيون پارايائون، ان دوران ڪافي گهرن جا مزدور جاڳي پيا ۽ ٻاهر نڪري آيا. هنن ايترو ته سخت احتجاج ڪيو جو پوليس مجبور ٿي نذير ڪي آزاد ڪيو. نوابشاهه جي ڪنوينشن ۾ نذير کي ايس اين ايس ايف جو مرڪزي صدر چونڊيو ويو حڪومت سندس گرفتاري لاءِ وس ڪيا ۽ ڪيس بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ سڄي خاندان ڪي ٻارن سميت گرفتار ڪيو. سندس ٽنڊوالهيار واري گهر ڪي سيل ڪيو ويو. پر نذير عباسي نه جهڪيو ۽ سڄي سنڌ ۾ جلسا، جلوس ڪرائيندو مارشل لا جي مزاحمت ڪندو رهيو.

پوليس نذير عباسي جي هڪ دوست ڪي گرفتار ڪري حيدرآباد جي سٽي لاڪپ ۾ رکيو ۽ هن تي تشدد ڪندي نذير بابت پڇندي رهي پر هي دلير انقلابي نذير عباسي پوليس واري کي پنج روپيا ڏئي اتي پهتو ۽ لاڪ اپ ۾ ساٿي جو حوصلو بلند ڪيائين، دوست سخت حيران ۽ پريشان ٿي ڪيس ڏسندو رهيو نذير سندس هٿ چمي روانو ٿي ويو. محرابپور ۾ نذير عباسي جي شادي ٿي رهي هئي پر ان تقريب ۾ ڪارڪنن ٻاران مارشل لا مرده باد ضيا مرده باد جا نعرا لڳندا رهيا. شادي کان پوءِ سندس گهر واري انقلابي ڪارڪن حميده گهانگهرو ۽ نذير خلاف ڪيس داخل ٿيا ۽ پوءِ هو ٻئي روپوش ٿي ويا پٽ فيڊر بلوچستان جي هارين جي حمايت ۾ بک هڙتال ڪندي حميده گرفتار ٿي، جڏهن هو آزاد ٿي ته نذير گرفتار ٿي چڪو هو. هن ڪي فورن قلي ڪيمپ منتقل ڪيو ويو. جتي مانڌل شر ۽ ٻيا ساٿي گرفتار هئا. زخمن سان چور نذير عباسي انقلابي گيتن ذريعي ساٿين ڪي مضبوط بنائيندو هو، جبلن جي اندر غارن ۾ نهيل قلي ڪيمپ جي وڏي دهشت هئي، اتان ڪو سلامت واپس نه آيو هو. اونداهين ڪولين ۾ ان وقت نذير هلندو ۽ سوچيندو رهندو هو ۽ ڳڻيندي ڪولي جي ڊيگهه ۽ ويڪر ماپيندو رهندو هو. فوجي آمرن ڪيس هن ڌمڪي سان آزاد ڪيو هو ته آئنده توکي جيئرو ڪو نه ڇڏينداسون. جولاءِ 1980ع تي هڪ ڀيرو مارشل لا دوڙ ۾ ڪيس سندس ساٿين شبير شر، بدر ابڙو، وارثي، سهيل سانگي، جمال نقوي سميت گرفتار ڪيو. ڄام ساقي اڳيئي جيل ۾ هو نذير عباسي

تي بي انتها تشدد ڪيو ويو ۽ سرگرمي بابت پڇا ڪئي وئي. نذير درندن ڪي ڇيو منهنجو نالو نذير عباسي آهي. هاڻي ٻيهر اهو نالو مون ڪان پڇي وڃو پوءِ مان سڀ ڪجهه توهان کي ٻڌائيندس. ان تي جلاد ميڄرجي پيا ۽ اذيتون ڏيڻ شروع ڪيائون. نذير رت جون گرڙيون سندن منهن تي اڇليندو رهيو. اهڙي ريت هي فولادي ارادن وارو انقلابي انسان رات جي ڪنهن پهر ۾ اسان جي انقلابي قافلي کان جدا ٿي ويو. طارق اشرف پنهنجي ڪتاب جيل گهاريم جن سين ۾ هڪ اڌ وسرنڊڙ صفحو لکيو آهي مان نذير عباسي سان جيل ۾ ملڻ کان اڳ ڪڏهن نه مليو هئس پر مون کي پاڻ تي افسوس ٿئي ٿو ته مان اهڙي ماڻهو سان اڳي ڇو نه مليس ٻين جي مقابلي ۾ نذير جي ملاقات به گهٽ ايندي هئي. ان باوجود به هو پارٽي يا ساٿين جي شڪايت نه ڪندو هو نذير کي جيل ۾ ڪو وقت ڇپل به ڪا نه هئي هو جيل ۾ ائين رهندو هو جو ٻيو ڪو نه رهي نذير جهڙو اخلاق ۾ اعليٰ تهڙو سندس طبيعت مٺي ۽ سپاجهي هئي. هو بردبار، سچار، بهادر بي انتها پيارو ماڻهو هو. مان چاهيان ٿو ته هر شاگرد اخلاق ڪردار ۾ گڻن ۾ نذير جهڙو ٿئي.

تو ۾ مٺي ملير جي توکي ڇٽيو پورهيت ماءُ
ڪنڌم جهڪائج ڪڏهين، سر وڃي سهساءِ
توکي جيڏا گهرا گهاءَ، اوڏا منهنجو من تون

ايندي لڄ مرن تنهن پاڙيءَ مٿي هنجڙا...!

اعجاز تنيو

رات جي رهزنن هٿان راهه ويندڙ سنڌ جي ڪيترن ئي ڳڀرن جو خون وهايو ويو آهي ڪيترن ئي ونين کان سندن ور ڪسي بيواهه بڻايو ويو آهي. ۽ ڪيترن ئي ٻچن کان سندس پيئر ڪسي ڪين راڪي جي ڏڻ تي رڪشا وڃن ڪندڙن کان محروم ڪيو ويو آهي ۽ ڪيترن ئي ابهم ٻارڙن کي پنهنجي ماءُ کان ان سوال پڇڻ تي مجبور ڪيو آهي "امان اسان جو بابا ڪڏهن ايندو"! امان اسان جو بابا ڪيڏانهن ويو آهي؟ وغيره.

زرقا جهڙيون ڪوڙ نياڻيون جن جا پيئر رات جي تاريڪي ۾ ٽارچر سيل جي تشدد ۾ موت جي منهن ۾ هليا ويا. اهي جن کي سرڪاري دهشتگردن راهه ويندي گولين جو کاڄ بڻايو ٽوڙي ڦاڙي ڦاٽڪ جي پٿريلي ڌرتي کي لهو سان وهنجهاري لال ڪيو ۽ اهڙا ڪوڙ سارا واقعا هن ڌرتي تي ٿيندا رهيا آهن/ ٿين پيا. آمريتون ۽ يون جمهوريتون آيون: آدرشي ماڻهن اهو سوچيو ته من جمهوريت سندن مسئلن کي حل ڪري ڇو ته هن جمهوريت سان پيار جي پاداش ۾ جيل سٺا. ڪوڙا کاڌا زندگي جون ڪيئي بهارون پنهنجي پرين کان پري، سڄڻن جي سڪ ۾ سيخن پويان سڄي سڄي رات سسڪي سسڪي گهاري ڇڏيون، پر پنهنجي آدرشن تي آنچ اچڻ نه ڏني. سندن محبوب جمهوريت موٽي آئي. آمريت جي شڪست ٿي ۽ پوءِ ڪين ڇا مليو؟ ٻه چار نوڪريون...!! ڪنهن وڏيري کي پلاٽ ۽ پرمٽون ۽ بس نه زرقا کي پيءُ جو پيار مليو، نه حميده کي نذير ۽ نه وري انهي جمهوري حڪومتن رات جي رهزنن کي ڪي ڪڙيون سزائون ڏنيون ته جيئن آئنده ڪنهن بدمعاش کي اها جرئت نه ٿئي ته هو ڪنهن بي گناهه جو خون وهائي ڇڏين. ايئن انقلاب سان پيار ڪندڙ پنهنجي قائد جي حڪم تي آمرن لاءِ ڌرتي ٽامون بڻائي ڇڏيندڙن آچپي ۽ عزت جي جنگ جي آدرشن جو قتل ٿيو. سڄي ڏيهه ۾ ڪاتي به ڪنهن به ڪنڌ ۾ سنڌڙي تان سرگهوڙيندڙ سرموڙ جو ڌن جي قاتلن کي سندن ڪئي جي سزا نه ملي اها ته حڪمرانن جي مجبوري ۽ بي حسي ڇٽبي جو پيٽ وزيراعظم هجي ۽ سرڪاري پگهاردار سندس جوڙي پاءُ کي سرڪاري رائيفلن سان قتل ڪري ڇڏين.

انقلاب سان پيار ڪندڙ هڪ هڪ ٿي ڪسندا پيا وڃن جيئن پکين جو شڪار ٿيندو اهي تيئن آدرشي انسانن جو قتل عام پيو ٿئي ڪو هت مري ڪو هت ڪسجي ۽ سنڌ ڏسندي رهي... ڪيڏي بي حسي آهي! ان کان ٿورو اڳتي وڌي سوچجي ۽ پنهنجي انهن ساٿين کان پڇجي جيڪي انقلابي قافلن جا سالار هئا ۽ اڄ

اهي ڪاٿي بيٺا آهن؟ شهيد نذير عباسي جو اڱواڻ چاڪر ساٿي ڪاٿي بيٺو آهي ۽ نذير جا انقلابي وارث ڪاڏي ويا؟ ايسٽائين جو سندس دوستن حميده سان بہ انصاف نہ ڪيو ۽ ڪالهہ جن حميده کي سهارو ڏيڻ جا ليڪچر پئي ڏنا انهن مان هڪ ان شهيد ساٿي جي زال سان اهو چئي نڪاح ڪيو تہ مون کي حميده ۽ زرقا کي سهارو ڏيڻو آهي ۽ ايئن مان شهيد سان پنهنجي عقيدت جو فرض پوروڪري رهيو آهيان. اڄ ڪير اها جرئت ڪري سگهيو آهي تہ ان دانشور کان صرف اهو پڇي تہ ساٿي حميده کي پيهر وڌوا بنائڻ ڪهڙي انقلاب جي خدمت آهي تہ ٽورو ٽوڙي ڦاٽڪ جي شهيدن جي روح کي بہ سندن قافلي جو سرواڻ جواب ڏئي تہ هو ڪاٿي بيٺو آهي؟ آهي ڪير جيڪو ٽوڙي ڦاٽڪ جي هيري گل محمد جکراڻي کان پڇي تہ سنڌ جيڪو ساڻس پيار ڪيو ۽ ڪيس موت جي منهن مان موٽائڻ لاءِ سيد امير شاهہ (لاڙڪاڻو) جهڙا پٽ ڪهايا انهي انقلاب ۽ آدرش سان ڪيترو نڀايو آهي. آهي ڪو جيڪو الذوالفقار ۽ شهيد مرتضيٰ جي وارث سڏائيندڙن کان پڇي تہ ڇا توهان شهيد جي مشن تي سوديبازي تہ نہ ڪري ڇڏي آهي؟ جو شهيد جي ڪيس جي پيروي بہ نٿا ڪري سگهو هيڏي ساري سنڌ ۾ هنجن جي ڪوٽ ٽيندي پئي وڃي. جيڏانهن نظر ڦيرائجي.تہ لڙائيل پاٽي جي دہن تي ڍوندِ بهاريندي ٻگهہ ئي ٻگهہ نظر اچي رهيا آهن.

اڃو پاٽي لڙ تيو ڪالاريو ڪنگن،

ايندي لڄ مرن تنهن پاٽيءَ مٿي هنجڙا (شاهہ)

مايوس ٿيڻو ناهي.

هوءَ نيٺ تہ اچٽي آ رت ڇاڻ جي هولين ۾

ها سنڌ جا شهيدؤ اوهان مايوس نہ ٿيو اجا بہ آهين ڪل جڳ ۾ ڪاپڙي واري سٽ جيان اجان بہ ڪي مسافر انقلاب جي لاهوت ڪرڻ لاءِ راهن ۾ رمندا وتن ٿا ۽ اوهان سان ڪيل وچنن موجب عزت ۽ آجپي واري انقلاب لاءِ جاکوڙ ڪن پيا ۽ ضرور منزل ماڻيندا. ان وقت اوهان جي سپنن جي تعبير ٿيندي ۽ اوهان جا آدرش حقيقتن جو روپ اوڍي وٺندا. جڏهن هن ڌرتي تي ڪو بہ ڪاروناٽو نہ هوندو ڪو بہ جيل ۽ ٿاڻو نہ هوندو. ان وقت اوهان جا روح دارالبقا مان آزادي ۽ خوشحاليءَ جو سج ڏسي ضرور مرڪندا ۽ انهن مرڪن سان انقلابن سان ويساهہ گهاتيون ڪندڙن جا منهن ڦري هيڏا تي ويندا.

هوء جنهن سياست کي آدرش سمجهيو!

عبداش پنهور

9 آگسٽ هن ڌرتيءَ جي عظيم سپوت امر انقلابي شهيد نذير عباسي جي شهادت جو ڏهاڙو آهي. شهيد نذير عباسي هڪ آدرشي انسان هو. جنهن حيون کي انقلاب لاءِ ارپي ڇڏيو. ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن کان سياست شروع ڪندڙ شهيد نذير عباسي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو رهبر رهيو. اڳتي هلي هو ان هلچل جو مک ڪردار ٿي ويو. جنهن هلچل کان سڄي دنيا جو سرمائيدار سامراج ڊڄندو هو. اها پارٽي مارڪس جي سائنسي نظرئي تحت دنيا ۾ پاڻ کي ڪميونسٽ تحريڪ سڏائڻ لڳي. ڪميونسٽ تحريڪ سڄي دنيا ۾ پنهنجا پيرا جن رستن تي ڇڏيا انهي پيچرن تي اهي سورهيه بهادر ڪردار ملن ٿا جن آمريت ۽ سامراجي دلالن آڏو گوڏا کوڙڻ بجاءِ شهادت قبول ڪئي. شهيد نذير عباسي به انهن عظيم انسانن مان هو. جن ٽارچر سيل کي فتح ڪيو. هو پنهنجي سموري نظرياتي سگهه سان آمريت سان وڙهندي ساهه ڏئي ويساهه ڏئي ويو، ته "ڪڏهن به راز پڌرا ناهن ڪيا." پوءِ پلي پين دلالن اهي راز پڌرا ڪيا هجن. اهي دلال جن ويساهه وڃائي پنهنجو ساهه مٺو ڪيو. اڄ اهي زماني جي گهڻن جو شڪار آهن. ضرور زمانو اهڙن ماڻهن لاءِ دلالي جو ڪردار ادا ڪندا آهن. جن لاءِ قرباني زندگي ۾ صرف تهمتون ئي تهمتون هونديون آهن. سنڌ جي نوجوانن لاءِ شهيد نذير عباسي جو نالو قابل فخر آهي. شهيد نذير عباسي هڪ آدرشي زندگي آڏو چڻ ته هڪ ٽبڪي جيان بيٺل نظر اچي ٿو. سنڌ ۾ اهڙا ٿورا ماڻهو آهن. جن جي هر باشعور اديب، دانشور، سياسي ورڪر، صحافي عزت ڪري ٿو. انهن نالن ۾ شهيد نذير عباسي جو نالو به اوچي ڳاٽ واري انداز ۾ اسان جي سامهون اچي وڃي ٿو. هن ملڪ ۾ جڏهن ماڻهن جو سياستدانن تان ويساهه کڄي وڃي، تڏهن ان ويساهه کي بحال ڪرڻ لاءِ به شهيد نذير عباسي جو نالو هڪ فخر جو احساس جاڳائي ٿو. هو راتيون جاڳي پورهيت هلچل لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. هو پيرين پنڌ ڪري پورهيت هلچل لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. هن ڪڏهن به اهو نه چيو ته سياست ڪرڻ لاءِ ٺيڪيداري ضروري آهي، سياست ڪرڻ لاءِ پيجارو ضروري آهي! هن پاڻ لاءِ هڪڙي سائيڪل به نه ورتي، پر جڏهن هو به بين وانگر بي ايمانيءَ ڪري ها ته سائيڪل ته ڇا بلڊنگ جو مالڪ ٿي وڃي ها. پر هن سياست کي آدرش سمجهيو، هن سياست کي عبادت سمجهيو، هن خلق کي پنهنجو سمجهيو، هن خلق

جو درد پنهنجو درد سمجهيو. هن خلق جي پيڙا کي پنهنجي لاءِ پيڙا محسوس ڪيو. هن ايماندار سياست جو هڪ مينار ڪڙو ڪرڻ ٿي چاهيو. ان کي ڪهڙي خبر ته هن جا نام نهاد ساٿي ٽڪي ملهه وڪامجي ويندا اڄ شهيد نذير عباسي اسان جي وچ ۾ موجود ناهي پر ان جي سچائي، ايمانداري، بهادري وارا گڻ جديد سياست لاءِ وڏو سبق آهن. اڄ شهيد نذير عباسيءَ جي ورسي آهي، جنهن بهادريءَ سان سنڌ جي تاريخ ۾ پنهنجو وجود مڃرايو.

شهيد نذير امرت جو جام نوش ڪري، پاڻ کي پڌرو ڪري ويو ته اڳواڻ جي سچائي جي پرک ڪهڙي هئڻ گهرجي؟ موجوده وقت ۾ ڪوڙ سارا اهڙا سياستدان، جيڪي قوم لاءِ انقلاب جهڙا نعرا پيا هڻن، ان مان 99 سيڪڙو رڳو اڳواڻ چو پر ضلعي سطح جا اڳواڻ به عظيم جدوجهد بجاءِ چمچاگيري ڪلچر تي لهي سياست جو بيڙو ٻوڙي رهيا آهن. شهيد نذير عباسي جو رستو ،هو رستو آهي، جنهن راهه جا سمورا رَندَ حقيقي انقلاب، پورهيت طبقي جي آزادي. قومن جي عزت ۽ آجپي واري راهه ڏانهن ويندڙ شاهي واٽ تي ملندا آهن. اهي رند جن تان هاڻ زماني جي هوا ڌوڙ اڏائي پريت جا پير مٽائڻ جي ڪوشش ٿي ڪري، پر سياست جو چاٽو، دوست توڙي دشمن ان حقيقت کي مڃي ٿو ته نذير وڏو دلير شخص هو، جنهن سياست کي آدرش سمجهيو هيو.

شهيد نذير عباسيءَ جي ياد

منظور حسين قريشي

هو منهنجو ساٿي هو، دوست هو ڪامريڊ هو، ائين سمجهو تہ منهنجي گهر جو هڪ فرد هو جيڪو هر مهيني ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي حل ڪرڻ واسطي ايندو رهندو هو. ساٿي ۽ گهر جي فرد جو مطلب اهو آهي تہ هن پنهنجي زندگي ۾ مون سان اهڙا مسئلا حل ڪيا جيڪو پيو ڪو بہ نہ ڪري سگهندو نہ وري سمجهي سگهندو. هڪ ڏينهن شام جي ٽائيم نذير عباسي گهر آيو ۽ ڏنائين تہ منهنجا ٻار سندس مامي ۽ پڦي جي اچڻ تي ضد ڪري رهيا هئا تہ اسين فلم ڏسڻ وينداسين پر ان زماني ۾ منهنجي گهر واري انتهائي بيمار هئي تنهن ڪري گهر جي ڪم ڪار ۽ رڌ پچاءُ لاءِ ٻارن کي فلم ڏسڻ لاءِ اجازت نہ پئي ملي يڪدم منهنجي ساٿي نذير عباسي ٻارن کي چيو تہ توهان فلم ڏسڻ وڃو سڄي گهر جو ڪم ڪار آءُ پاڻ ڪندس. منهنجي گهر واري گهٽو ئي چيو تہ آءُ ڪٽ ڪان اٿي بہ نہ ٿي سگهان وري ڪم ڪار ڪرڻ جي اجازت بہ نہ ٿي ڏيئي سگهان. ڪامريڊ نذير عباسي چيو تہ توهان کٽ تي سٽا رهو ۽ ٻار پلي فلم ڏسي اچن. ٻارن کي اجازت ملي تہ خوش خوش هليا ويا. ٻارن جي وڃڻ بعد منهنجي انهي دوست سڄي گهر کي ٻوهارو ڏنو، ٿانو مليا، مهمانن لاءِ آيل سامانن مان ٻوڙ ماني ناهي ويهي رهيو منهنجي گهر واري کيس چيو تہ ماني ڪاءُ صبح کان بکيو آهين. چيائين تہ ادي سڀئي گڏجي کائينداسين جڏهن ٻار فلم تانءِ آيا ڏنائون تہ گهر بہ صاف، ٿانو مليل ۽ کاڌو تيار آهي. سڀئي هڪڙي هنڌ ويهي رهيا نذير عباسي سڀني کي ماني کارائي جنهن بعد منهنجي گهر واري کي پرهيز وارو کاڌو کارائي پوءِ مون سان گڏجي ماني کاڌي ۽ ان مان توهان خود اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ هو هڪ سچو ڪامريڊ ساٿي هو هڪ دفعي اچڻ سان چيائين تہ استاد آءُ روپوش آهيان ۽ هڪڙو مزيدار واقعو توهان کي ٿو ٻڌايان گول بلڊنگ حيدرآباد کان جيئن وڌيس تہ سي آءِ ڊي پوليس مون کي ڏسي ورتو سڃاڻي نہ سگهيا ابتا سبتا سوال ڪيائون جن جا جواب وري مون بہ ابتا سبتا ڏنا آخر مون کان پڇين تہ ڪير آهين جواب ۾ چيم مزدرو آهيان ۽ هينئر ڪم تان لهي گهر ٻار لاءِ ڪجهہ سيڌو وٺي وڃي رهيو آهيان پوءِ ڏاڍي آڏي پڇا ڪين پر ڪين اهڙو موقعو ئي نہ ڏنو جو هو مون کي سڃاڻي سگهن مون انهن کي چيو تہ اڙي پيا مجهي جاني دو مارو ٻچڙو بيمار هي جڏهن مون کي مارواڙي ٻولي ۾ ڳالهائيندي ٻڌو تہ پوءِ مون کي وڃڻ جي اجازت ڏنائون ۽ مان ٿورو اڳتي وڌي ڪراچي هوٽل کان ڊوڙ پاتي جيئن منهنجي پنيان ڪجهہ ڪتا پيا ڀونڪندا اچن ۽ پوءِ پنهنجي منزل تي پهچي ڏاڍو ڪليس جان بچي لاکون پايا لوٽ ڪي گهر ڪو آيا. پوءِ اسان ٻئي ڇٽا ڏاڍا کلياسين مون چيو ڪامريڊ ٿورو پنهنجو خيال رک. نذير عباسي ڪوئيٽہ ڪئمپ ۾ گرفتاري

دوران ٿيل ڪارروائين ۾ تشدد دوران ٻڌايو تہ قلي ڪئمپ ۾ هاري اڳواڻ ڪامريڊ مانڌل شر جو حوصلو ڏاڍو ڏائينڊا رهندا هئاسين نذير عباسي جيڪو وقت جو پابند، قول جو سچو هوندو هو. طوفان هجي يا برسات هجي هو پنهنجي ٽائيم مطابق پهچي ويندو هو. هڪ دفعي سخت مينهن ۾ بيمار حالت ۾ جنگ اخبار ۾ سندس موت جو پڙهي گهر جي سيني ياتين اوچنگارون ڏيئي روئي ڏنو هو ڇاڪاڻ تہ هو ٻارن سان ٻار وڏن سان وڏو، پوڙهن سان پوڙهو ٿي رهندو هو ۽ ڪل پوڳ ڏک سک ۾ نڀائيندو رهندو هو.

اونداهي رات ۾ لاٽ ڪري ٻرندڙ ڏيئو

طفيل مگسي

پاڪستان جي زمين تي جبر جي حاڪميت ۽ جمهوريت جي حق تلفي جو دستور مارشل لا سان گڏ شروع ٿيو. مگر گڏ ئي جهاد جي ريت به هلي پئي. ڏسندي ڏسندي ڪيترائي ڪنڌ ڪٽجي ويا. ڪيترائي شهيد دفنايا ويا. مگر پوئين ڏهاڪي ۾ ظلم ۽ جبر حد کي اورانگهي ويو ۽ هاڻي شهيدن جو قافلو به مختصر نه رهيو. حق جو آواز بلند ٿيو. مارچ تيز ٿي. اهل حق جو انگ وڌيو ۽ جرئت به تڏهن جبل جي دستورن ۾ سختي ٿي. دستور زبان بندي لاڳو ٿي. قلم ٽوڙيا ويا. ليڪن آواز ۽ لفظ ختم نه ٿيا ۽ ٿي به ڪيئن ٿي سگهيا. نيٺ اها ويهين صدي جي چوٿائي آهي. اڄ ڪنهن خطي ۾ به عوام کي هزارين سال پوئتي اڇلائي نه ٿو سگهجي. هزارين بندوقن ۽ سنگينن جي باوجود آواز بلند ٿيندا رهيا. قلم هلندو رهيو. داستان دارو رسن لکبو رهيو ۽ نئين سوچ جا پروانا پابندي جي فصل اورانگهي ماڻهن جي وسندين ۽ جهوپڙين ۾ لهندا رهيا. ڪلمو حق چوڻ وارن جا انداز الڳ الڳ رهيا. حق گهرڻ ۽ حق وٺڻ واري هڪ بي نام تحريڪ بڻجي وئي. ان تحريڪ ۾ ڪٿي مزدور. دانشور. ڪٿي عورتون. ڪٿي ڪارڪن. الڳ الڳ مورچا ڪٿي مٽان ڪٿي زمين هيٺ انهن مجاهدن مان هڪ نذير عباسي هو. انهي شهر جو رهواسي انهي شهر جو پٽ. هو پنهنجي ذات ۾ هڪ تحريڪ بڻجي ويو هو. هن جي هستي ان جي شهيد ٿيڻ کان اڳ سنورجي وئي هئي. اهو مسلسل جابر حاڪم جي سامهون ڪلمو حق چوڻ جي ويڙهه وڙهي رهيو هو. وڙهڻ وارن سان گڏ مظلومن جي حمايت ۾ ان جي طرف کان مگر ڪيترن مورچن تي اهو اڪيلو به رهيو. ڪيترائي حملا هيا ۽ ڪيترائي مقابلا. اهو بنا ڊپ جي وڙهندو رهيو ۽ هو اوچتو شهيد ڪيو ويو. اتي پنهنجي مورچي تي. هوشو شيدي. حسن ناصر. هيمون ڪالاڻي. مخدوم بلاول. شاهه عنايت ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جيان هن تي به پنهنجي زخمن تي مرحم پٽي جي مهلت نه ڏني. اهو انهي طرح ٿيندو آهي. گهڻي جرئت ۽ همت وارا اوچتو ۽ هڪدم شهيد ڪيا وڃن ٿا. تحريڪون ڪمزور ٿي وڃن ٿيون ۽ ظالم سمجهي ٿو ته ان جي فتح ٿي. هتي به نقصان تمام گهڻو ٿيو آهي. آخر اهو شهيد نذير عباسي هو. سنڌ جو آواز. مظلومن جو سهارو. ڪو پوڙهو ماڻهو نه هو. نه ئي ڪوڪلن نعرن جو سوداگر. بلڪ شعور جو سمنڊ هيو. جنهن هئڙي خشڪ سالي جي موسمن ۾ ڪيترن ئي اجايل انسانن کي به ڊڪ صاف پاڻي ميسر ڪيو. ان کي چڱي ريت معلوم هو ته جبر ۽ جهالت جي قابل چاڻ ۽ شعور شاندار طاقت آهي. عوام جي روح کي آزاد ڪرائڻ جو جهاد شعور جي تلوار کان سواءِ ممڪن ئي ناهي ۽ خاص ان دور ۾ جتي اڃي پاڪستان جو عوام بدن سان گڏ روح جي قيد ۾ به مبتلا ٿيو. اهي به جن بدن جي قيد ڪاٽي ۽ اهي به جن جو جسماني ريمانڊ نه ٿيو. هتي پاڪستان ۾ عوام آزاد ته ڪڏهن ٿيا ئي نه مگر ان

ڏهاڪي ۾ انهن سان جيڪي ڪجهه ٿيو. اهو تاريخ ۾ ڪنهن طرح جسٽي فاءِ نـه ٿـو ٿئي. ان سبب ڪري تـہ هن خطي جو انسانڻ ماضي جي جبر سان وڙهي چڪو هو ۽ هاڻي اهو نئين سج جي انتظار ۾ هيو. مگر ان کي مارشل لا جون اونداهيون مليون. ائين ڇو ٿيو؟ جواب تاريخ ئي ڏيندي.

اهو شهيد نذير عباسي هو جنهن پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ اهو ڪردار ادا ڪرڻ جي پچاڙي تائين پنهنجي هٺ تي باهه جو ٽانڊو ڪٽي رکيو. هن جا انداز ڪهڙا بہ هيا يا نہ پر هو مرد حق ضرور هيو. اڄ هن جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ ڪي گڏ ۽ جدوجهد ياد رهي آهي. ليڪن ايندڙ صدي ۾ سندس اهي گڏ ۽ جدوجهد تاريخ جو مڪمل باب بڻجي ريٽي رت سان رنگين ڪري ڇڏي. شهيد نذير عباسي جنهن عوام کي اميد پريا پيغام ڏنا. ڪڏهن جيل جي ڪوٺڙين کان تہ ڪڏهن روپوشي جي اونداهين کان ۽ اهڙي طرح سندس پيغام اونداهي رات جو ڏيئو بڻيو. جيڪو اڄ تائين روز روشن جيان ٽمڪندو رهي ٿو.

شهيد نذير عباسي

رازق ڏنو سونارو ٽنڊو الهيار

شهيد نذير عباسي ، ٽنڊو الهيار جو سپوت، سنڌ ڌرتيءَ جو جوڌو، دنيا جي مظلوم عوام جو سچو ساٿي، هر انسان سان همدرديءَ ۾ اڳيان رهندڙ نذير عباسيءَ لاءِ لکڻ تمام ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن مجاهد ۾ ايترين تہ خوبيون هيون جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي، ايترو چوندس تہ هن ڌرتيءَ تي هر وقت ٻين لاءِ جدوجهد ، محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ مشڪل آهي پر شهيد نذير عباسي انهي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي شهادت حاصل ڪئي، نذير عباسي ٽنڊو الهيار ۾ پيدا ٿيو، سندس والد مرحوم جان محمد عباسي پڻ سماجي شخصيت هو. هو روينيو ۾ ملازم هيو آخر ۾ اسٽامپ وينڊر طور ڪم ڪيائين، شهيد عباسي بنيادي تعليم مين سنڌي مسلم اسڪول ميمڻ پاڙو ٽنڊي الهيار مان حاصل ڪئي، مان ۽ اطاليق سندس ننڍپڻ جا يار آهيون. مڊل ڪلاس ميونسپل هاءِ اسڪول ٽنڊي الهيار مان ميٽرڪ ايس ايم ڪاليج مان انٽر ۽ بي اي حيدرآباد مان ڪئي، ٻچپن کان هڪ ذهين، هوشيار ۽ سمجهدار شخص هو. هر ڳالهہ کي جلد محسوس ڪندو هو، سڀ ۾ نمايان هو، هر ڪنهن سان کل ٻوڳ چرچا ڪرڻ سندس عادت هئي. جڏهن هاءِ اسڪول ۾ پهتو تہ هن جون لڪل خوبيون ظاهر ٿيون، اسڪول ۾ اداڪاري ڪرڻ، ڊراما ڪرڻ جنهن ۾ مظلوم جا ڪردار ڪرڻ شامل هئا. ڪو بہ جلسو جلوس هجي تہ هو نعرا هڻندو هلي . پنهنجي مدد پاڻ ڪريو خاطر جلسن لاءِ قناتون لڳائڻ، ڪرسيون ڪڍڻ ، ٿيلي تي لائوڊ اسپيڪر لڳائي عوام کي گڏ ڪرڻ ، قومي گيت ، ڏک جا گانا ڳائڻ، سندس فطرت ۾ شامل هئا. هر حال ۾ کلندو رهي ڪنهن کي محسوس ڪرڻ نہ ڏئي تہ ماني کاڌي اٿائين يا نہ. خرچ آهي يا نہ. ڪپڙا صاف چو نہ آهن...؟ شهيد نذير عباسي جي باقاعدي سياسي شروعات پ پ جي ذيلي تنظيم سنڌ آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۾ ٽنڊو الهيار جو صدر مقرر ٿيڻ سان ٿي ، انهيءَ عرصي ۾هن پارٽيءَ جي چيئرمين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان 5 فيبروري 1971ع ۾ مير رسول بخش ٽالپر جي بنگلي حيدرآباد ۾ ملاقات ڪئي ، جنهن ۾ ٽنڊو الهيار جا ٻيا سياسي ڪارڪن راقم مرحوم عبدالڪريم هاليپوٽو، سيد ديدار ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. پوءِ سياسي تحريڪ هلي تہ جيئن " ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ شايع ڪيون وڃن". حيدرآباد سنڌ يونيورسٽيءَ جي پراڻي ڪئمپس ۾ لالا قادر، جام ساقي ، مسعود نوراني ، يوسف ٽالپر، يوسف لغاري ۽ ٻين جي طرفان بک هڙتال شروع ٿي تہ ٽنڊي الهيار جا ڪيترا

ساٿي بک هڙتال ۾ شريڪ ٿيا. جن ۾ نذير عباسي، لطيف مگريو، عبدالڪريم هاليپوٽو، راقم ۽ ٻيا شامل هئا. تنهن بعد وري ڊاڪٽر افغان جي حمايت ۾ بک هڙتالون ٿيون ته نذير عباسي بک هڙتال تي ويٺو ۽ گرفتار ٿيو. بک هڙتال ڪرڻ جي الزام ۾ پوليس ٻين اڳواڻن سان گڏ نذير عباسي کي گرفتار ڪيو ۽ سينٽرل جيل ۾ بند ڪيو. جيل ۾ ٿي هو جي دوستن ۽ ڪامريڊن سان وابسته ٿي ويو. سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪيس تعلقي ٽنڊو الهيار لاءِ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو صدر مقرر ڪيو ويو. پوءِ هي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان ڄام ساقي جي قيادت ۾ آخري وقت تائين گڏ رهيو. هن جي شهادت به انهيءَ حوالي سان ٿي . 9 آگسٽ 1980ع ۾ جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا ۾ تشدد ذريعي جيل ٽارچر سيل ۾ سندس سيني دوستن جو چوڻ آهي ته هو جڻ ڄاڻو ٿي شهادت ماڻڻ لاءِ هو. چاڪاڻ ته هر وقت جدوجهد، تڪليف، جيل، روپوشي، هن جي زندگي هئي. شهادت ذريعي جيڪا منزل نذير حاصل ڪئي، سا هر ڪنهن کي نٿي ملي. تعليم دوران هن ميونسپل ٽنڊو الهيار ۾ بطور ناڪي منشي به ڪم ڪيو. اتي به مزدورن جي تنظيم قائم ڪيائين. انهن کي حق ڏيارڻ لاءِ هن اهم ڪردار ادا ڪيو. زنده دل هو. صفائيءَ عملي پنگيءَ وغيره کي پاڻ سان گڏ ويهاريندو، کارائيندو هو. ٻيا نفرت ڪندا هئا. پر هي چوندو هو ته اسان سڄا گندا آهيون. صفائي هي ڪن تڏهين هلي سگهون ٿا! پوءِ پورهيت کان نفرت ڇو؟ هي اسان جا پائر آهن. تنهن ڪري اڄ به اهي هن مجاهد کي ياد ڪن ٿا. شهيد نذير عباسي خوشي ڏسي نه سگهيو. شادي عشق مان تنظيم جي ساٿياڻي سان ڪيائين. ڪيس نياڻي زرقا ڄائي پر انکي پيار ڏئي نه سگهيو. پنهنجي جيون ۾ آيل ڪنوار حميده کي به وقت نه ڏئي سگهيو .هر وقت روپوش زندگي هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ شهر کان ڳوٺ. هڪ ضلعي مان ٻئي ضلعي ۾ سفر کان سواءِ ڪجهه به نه. آخري سفر شهادت جو ڪيائين. پنهنجن پيارن کي ڇڏي ويو. پنهنجو مقصد ماڻي ويو. مون کي جڏهن دهشت گردي ۾ گرفتار ڪري ويا ته تشدد دوران سڀ کان وڌيڪ نذير عباسي جي باري ۾ پڇندا هيا. نذير جي شهادت بعد ڪامريڊ سهتو ۽ بلو حميده کي رهائڻ لاءِ مون وٽ وٺي آيا هيا ته اها خبر به ايجنسين وارن کي هئي. ان جو به بار بار پڇندا هيا. مان انهن جون اکيون ڏٺيون آهن. مان ٿي سمجهي سگهان ٿو ته انهن کي نذير ڪيئن منهن ڏنو هوندو. ليڪن هن ساهه ڏيئي ويساهه ڏيئي ويو. ٽنڊو الهيار جا سوين ساٿي هن جا دوست هئا. اگر نالا لکندي ڪو رهجي ويو ته مون تي ناراض رهندا! چاڪاڻ ته سيني جو پيارو هو. ٽنڊي الهيار جي ڪنهن به سڄاڳ دوست سان ملندؤ ته چوندو ته نذير عباسي منهنجو ياءُ ۽ دوست هو. شهيد نذير عباسيءَ سان هڪ يا ٻه يادگار فوٽو آهن. جيڪي حاضر ڪري رهيو آهيان. شهيد نذير کي هر سال ٽنڊوالهيار ۾ ٿي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ضروري آهي.

ڇول سمندر جا ڏهڪاوَ
نينهن تہ آهي پنهنجي ناوَ
جيون جوڀن ڪنهن بہ نہ روڪيا.
سرَ ڏنائون ڪهڙي ساوَ
وڻجارن لئہ روشن واري،
تو ڪي رسندا.تنهنجا راوَ
طوفاني هن رات سندا.
اوپر سر تي آهن گهاوَ
ڪارو ڪيڙي پار پوڻ جا
پوندا پڇم ڪي پڙلاوَ
منهنجو سينو گهايل آهي
جنهن ۾ سنڌ سمايل آهي

سنڌو ڌرتي منهنجي ماءُ
منهنجي جواني تنهنجي لاءِ
سنڌو ماتا منهنجي ڌرتي
منهنجي جندڙي تو ڪي پرتي،
آزاديءَ جي ٻاري لاٽ
پروانن ڪي لايان واٽ
آزاديءَ جو هي الهام
ڪارو ڏينهن ۽ ڳاڙهي رات .
تون بہ اٿي ڪا غيرت ڌار
ڪَرُ موڙي ۽ ڪر للڪار
ديس پياري تان ڪنڌ تہ ڏيسون
مرسون مرسون پر سنڌ نہ ڏيسون

حق گو ۽ حق شناس انقلابي نوجوان
نذير عباسي شهيد جي جدوجهد جي راهه

سهيڙيندڙ: ساگر سولنگي

نذير عباسي جي پنجين شهادت جي ڏينهن جي موقعي تي پاڪستان نيشنل پارٽي مغربي جرمني جي انتظام هيٺ بون ۾ منعقد ٿيل عام جلسي ۾ ڪيل پي اين پي مغربي جرمني جي صدر غلام عباس جي تقرير جو متن

پيارا دوست ۽ عزيز ساٿيو:

اڄ اسان نظير عباسي جي پنجين شهادت ڏينهن جي موقعي تي ان کي خراج تحسين پيش ڪرڻ ۽ ان جي زندگي جي مقصد جي تڪميل ڪرڻ جي لاءِ عهد جي تجديد ڪرڻ خاطر گڏ ٿيا آهيون. نذير عباسي شاگردن جو رهنماءُ مزدورن جو دوست ۽ بکون ڪٽيندڙ غريب عوام سان ڏک ونڊيندڙ هو. ان جي عمر سڀني مظلوم ۽ محروم طبقن جي حقن جي حصول جي لاءِ ڪٺن جدوجهد ۾ گذري آهي. ايستائين جو ان هن جدوجهد جي راهه ۾ پنهنجي زندگي به قربان ڪري ڇڏي . ان جي شهادت ان کي امر بنائي ڇڏيو ۽ ان کي ابدي زندگي بخشي ڇڏي آهي. اڄ به ان جي ياد پاڪستان جي پورهيت عوام ۽ انقلابي نوجوان جي دلين ۾ تازي آهي ۽ هو ان جي نقش قدم تي هلڻ جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ۾ آهن. نذير عباسي بين الاقواميت پرست انقلابي نوجوان هو ان لاءِ اڄ نه صرف پاڪستان جو پورهيت پر سڄي دنيا جا پورهيت ۽ ان جا نمائيندا ان جي ياد ملهائي رهيا آهن. نذير عباسي جي مقصدن جي حصول جي خاطر پنهنجي جان ڏني . ان مقصدن جي اهميت جي سمجهڻ جي لاءِ ضروري اهي ته اسان پاڪستان جي سياسي تاريخ جي روشني ۾ اڄ جي صورتحال ۽ ملڪ جي عوام کي درپيش مسئلن جو غور جي نظر سان جائزو وٺون ته جيئن اسان کي نذير عباسي جي جدوجهد جي رستي جي صحيح طور تي سڃاڻ هجي ۽ اسان اهو رستو وٺي عملي طور تي ان کي عقيدت جا نذرانا پيش ڪرڻ جي قابل ٿيون . پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انگريز جي غلامي کان نجات جو مطلب ته هي هو ته ملڪ آزاد، خودمختيار ۽ خوشحال هجيّ ۽ ملڪ جي عوام کي سڀئي انساني ۽ سماجي، سياسي ۽ معاشي ۽ قومي ۽ جمهوري حق حاصل هجن ملڪ جو اقتدار ان جي هٿن ۾ هجي پر هي مطلب پورو نه ٿيو ڇو ته پاڪستان ٺاهڻ کان پوءِ اقتدار مسلم ليگ جنهن جي قيادت جاگيردارن تي مشتمل هئي، جي هٿن ۾ آيو جنهن کي ملڪ ۾ جمهوري ادارن کي فروغ ڏيڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه هئي مسلم ليگ جي رهنمائن کي پنهنجي مفادن جي تحفظ سان غرض هئي اهي اقتدار تي هر صورت ۾ رهڻ چاهيندا هيا ۽ ان ئي نقطئہ

نظر جي تحت اهي انگريزن سان بدستور گهرا واسطا رکندا هئا. سرمائيدار طبقو اڃان بہ جنم وٺي رهيو هو اهو پنهنجي شروعاتي شڪل ۾ هو ۽ ايترو مستحڪم نہ هو تہ هو جاگيردار طبقي سان ٽڪر ڏئي رهيا هئا. حڪمرانن کي خطرو نظر اچڻ لڳو تہ عوام جي ٻوڏ پاڻ سان گڏ انهن جي اقتدار کي بہ وهائي وٺي ويندي. تنهن ڪري انهن اقتدار تي پنهنجو قبضو برقرار رکڻ جي خاطر هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا آهن. اهڙين حالتن ۾ انگريز جي وس جي ڳالهہ نہ رهي آهي، تہ اهو حڪمران طبقن جي مدد ڪري ان جي اقتدار کي تحفظ بخشي ۽ ان کي عوام جي تقاضن جي يلغار کان بچائي سگهي، تنهن ڪري حڪمران طبقن آمريڪا جي طرف رجوع ڪيو ۽ آمريڪي مدد ۽ تعاون سان پنهنجو پاڻ کي مضبوط ڪيو . انگريز جي غلام فوج ۽ جي حضور نوڪر شاهي جي قوت سان عوام جي جمهوري خواهشن ۽ امنگن کي بيدردي سان پائمال ڪيو. پاڪستان ۾ آمريڪي سامراج ملڪ جي پهرين وزيراعظم جي دؤر ۾ شروع ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ امريڪا سان گڏ ڊسمبر 1950ع ۾ فوجي ساز ۽ سامان خريد ڪرڻ جو معاهدو وري 1952ع ۾ امدادي معاهدا بہ ٿيا. ان فوجي امدادي معاهدن جو مقصد آهستي آهستي پاڪستان کي آمريڪا وٽ پينو بنائڻ هو آخر اهو وقت اچي ويو 19 مئي 1954ع ۾ آمريڪا سان دفاعي معاهدو ڪري ملڪ کي آمريڪي سامراج جي ڄار ۾ ڦاسائي ڇڏيو.

پاڪستان ۾ آمريڪي سامراجي عمل دخل ملڪ جي پهرئين وزيراعظم جي آمريڪي دوري ساڻ شروع ٿيو. جنهن جي نتيجي ۾ آمريڪا سان ڊسمبر 1950ع ۾ فوجي ساز ۽ سامان وٺڻ جو معاهدو ٿيو. پوءِ 1952ع ۾ ڪيترائي امدادي طرز جا معاهدا ٿيا. انهن فوجي ۽ امدادي معاهدن جو مقصد هوريان هوريان پاڪستان کي امريڪا جو دست نگر بڻائڻ هو. آخرڪار 19 مئي 1954ع تي آمريڪا سان باهمي معاهدو ڪري، ملڪ کي آمريڪي سامراج جي ڄار ۾ ڦاسائي ڇڏيو. هن تمهيد کان پوءِ حڪمرانن آمريڪي اشاري تي مزدور طبقي جي ڪميونسٽ پارٽي تي پابندي مڙهي ڇڏي. هزارين ڪارڪنن ۽ رهنمائن کي گرفتار ڪيو ويو ۽ انهن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو. پاڪستاني حڪمرانن ان تي بہ صبر نہ ڪيو ۽ پنهنجي آقائن کي خوش ڪرڻ جي خاطر سينو ۽ سينٽو جي معاهدن ۾ بہ شرڪت اختيار ڪئي، جن جو مقصد جنوبي ۽ جنوب مشرقي ايشيا ۾ ترقي پسند قوتن جي وڌڻ کي گهٽ ڪرڻ ۽ ملڪ جي اندر ترقي پسند ۽ جمهوري قوتن کي ڪچلڻ هو. الغرض عوام جي جمهوري حقن جي حصول جي خاطر بلند ٿيندڙ آواز کي دبائڻ ۽ ملڪ جي اندر سامراج دشمن ترقي پسند ۽ جمهوريت ڪچلڻ لاءِ هر حربو استعمال ڪيو ويو. ان وچ ۾ نهايت تيزي سان فوجي ادارا ۽ فوج کي مضبوط ڪيو ويو تہ جيئن ملڪ جي اندر موجود ڪشيدگي جي صورت ۾ شدت پيدا ڪندي فوج جي براهہ راست اقتدار تي قبضو ڪرڻ جو رستو هموار ڪيو وڃي، آڪٽوبر 1958ع جي ايوب خاني مارشل لا

جو لاڳو ٿيڻ هن منصوبي جي تڪميل جو نتيجو هو، اقتدار تي قبضي ڄمائڻ کان ٿورڙي عرصي کان پوءِ فوجي حڪمرانن 5 مارچ 1959ع تي آمريڪا سان هڪ ٻيو فوجي معاهدو ڪيو. جنهن جي حيثيت 1954ع جي معاهدي کان بلڪل مختلف هئي. هن معاهدي تحت آمريڪا کي ڪليل طور تي ملڪ اندر گهڙڻ جي اجازت ڏني وئي. آمريڪا پشاور جي ويجهو پنهنجو هڪ جاسوسي اڏو قائم ڪيو. جنهن کي اسان جي هڪ پاڙيسري ملڪ سوويت يونين جي خلاف جاسوسي جي خلاف استعمال ڪيو ويو. اتان کان اڏندڙ جاسوسي جهاز يو ٽو جي باري ۾ هر ڪو ڄاڻي ٿو. جنهن ان وقت عالمي صورتحال ۾ ڪشيدگي پيدا ڪئي هئي، هن فوجي معاهدي سان گڏ ئي حڪمرانن ون يونٽ جو طوق عوام جي ڳلي ۾ وجهي ڇڏيو. جنهن سان نه صرف ننڍن صوبن ، سرحد، بلوچستان ۽ سنڌ جا صوبائي ۽ قومي حق مجروح ٿيا پر وڏي ۽ اڪثريتي صوبي بنگال کي به پنهنجي منصفاڻي حق کان محروم ڪيو ويو. سامراجي نمائنده طبقن ۽ فوجي حڪمرانن جو ڪردار پهرين ڏينهن کان ئي عوام دشمن ۽ ملڪ دشمن رهيو آهي، ان عوام تي ستم ڪرڻ ۽ ملڪ کي داءَ تي لڳائڻ ۾ ڪا به ڪسر نه ڇڏي آهي. اهي ملڪ ۾ ڪنهن مثبت تبديلي جا روادار نه آهن. ان جي نظر عوام جي حاصل ڪيل سهولتن ۾ گهٽتائي ڪرڻ آهي. ان جو گهٽي کان گهٽو رت چوسڻ ملڪ کي اڌوهي وانگر چٽي ڪوکلو ڪرڻ آهي، انهن کي ملڪ ۾ صنعتون لڳائڻ تعليم کي وڌائڻ، بيروزگاري وڌائڻ، زرعي سڌارن کي لاڳو ڪرڻ، عوام کي صحت جو سهولتون مهيا ڪرڻ ۽ صوبن کي برابري جا حق ڏيڻ ۾ ڪا به دلچسپي نه آهي. جيڪڏهن هو عوام ۽ ملڪ جي باري ۾ سوچڻ لڳن ته نه ته هو اقتدار تي هو قابض رهي ٿا سگهن ۽ نه ئي عوام جو استحصال ڪري ٿا سگهن ۽ نه ئي ملڪ جي دولت گڏ ڪري سگهن ٿا. ملڪ جي سياسي ، سماجي ۽ معاشي بحران جو هڪ ئي حل انهن وٽ آهي ۽ اهو هيءُ آهي ته آمريڪي سامراج جي هنج ۾ گهٽيءَ کان گهٽو رهڻ ۽ ملڪ جي اندر وحشياڻن طريقن سان طاقت جي زور تي عوام کي ڪچلڻ، ان کان سواءِ انهن وٽ ٻيو ڪو حل نه آهي. استحصالي طبقن ۽ فوجي حڪمرانن جي ڪلي ڄارحيت جي ڪري عوام ۾ انهن جي خلاف نفرت جو شعور شدت سان وڌي رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو فوجي حڪمرانن پنهنجي طرفان عوام جي مخالفت جو رخ بدلائڻ جون ڪيتريون ئي ڪوششون ڪيون آهن. 1965ع واري پاڪ ، ڀارت جنگ جو مقصد به اهو ئي هو ته عوام ۾ فوج جي خلاف نفرت ۾ گهٽتائي ڪري سگهجي، اصل مسئلن تان ڌيان هٽائي سگهجي، ان کان پوءِ جڏهن ڳالهه ايوب خان جي وس کان ٻاهر ٿي وئي ته ان يحيٰ خاني مارشل لا کي جڳهه ڏني ۽ پوءِ يحيٰ خاني مارشل لا عوام کي خاموش ڪرڻ جي لاءِ دٻاءُ ۽ تشدد جا نوان طريقا استعمال ڪيا ۽ سامراج دشمن قومن ۽ جمهوري قوتن تي نين چالن سان حملا ڪيا. استحصالي طبقن ۽ فوجي حڪمرانن سان عوام جي نفرت جو اظهار 1970ع جي چونڊن سان ٿئي

ٿو، حڪمرانن کي پنهنجي طرف عوام جي وڏندڙ ٻوڏ کي روڪڻ جي لاءِ هي چونڊون پنهنجي مرضي جي برعڪس ڪرائڻيون پيون. جن جي نتيجن حڪمرانن کي وڏيڪ بدحواس ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي ان جي قياس کان بلڪل مختلف هئا. فوجي حڪمران اقتدار لاءِ ايترا تہ بڪيا ٿي چڪا هئا جو اقتدار کان الڳ ٿيڻ انهن جي وس نہ هو. اهي چونڊن ۾ ڪٽي اينڌڙ سياسي پارٽين ۽ عوام جي چونڊيل نمائيندن کي اقتدار منتقل ڪرڻ ۾ ٽنائي رهيا هئا . اصل ۾ انهن جو مقصد چونڊون کٽڻ وارين سياسي پارٽين کي مشروط طور تي اقتدار منتقل ڪرڻو هو ۽ اقتدار ۾ پنهنجو حصو بہ برقرار رکڻو هو. پر ڪامياب سياسي پارٽيون ان ڳالهہ تي متفق نہ هيون. اهي اقتدار تي پنهنجو حق سمجهن پيون ۽ مشروط طور تي اقتدار قبول ڪرڻ تي تيار نہ هيون . اقتدار ۾ حصيداري جو معاملو فوجي حڪمرانن ۽ خاص ڪري عوامي ليگ جي وچ ۾ ڦڏي جي صورت اختيار ڪري ويو. 1970ع جي چونڊن کان پوءِ فوجي حڪمرانن کي نظر اچڻ لڳو تہ جيڪڏهن اقتدار عوام جي چونڊيل نمائيندن ۽ چونڊون کٽيندڙ سياسي جماعتن کي سونپيو ويو تہ فوج جي هٿئون اقتدار هميشہ جي لاءِ نڪري ويندو ، پوءِ استحصالي طبقن جو بہ خدا حافظ هوندو ۽ آمريڪي سامراجي تسلط جو بسترو ويڙهجي ويندو. تنهن ڪري فوجي حڪمرانن آمريڪي سامراج جي هشيءَ تي رجعتي قوتن سان ڳٺ جوڙ ڪري بنگال ۾ فوج ڪشي ڪئي ۽ بنگالي عوام جو قتل عام شروع ڪيو. فوجي حڪمرانن کي سونهري بنگال جي زمين تي قبضي جو فڪر لاحق هو، انهن کي بنگالي عوام جي ضرورت نہ هئي. فوجي جنرلن جي بربريت سان اٽي ٽيهہ لک بنگالي عوام شهيد ٿيو. لکين ٻار يتيم ٿيا، عورتن جا سهاڳ اجڙي ويا ۽ بنگالي ڌيئن جي عزت لٽي وئي. پر بنگالي عوام همت نہ هاري ۽ اهي مڙسي سان فوجي ۽ طاغوتي طاقتن جو مقابلو ڪندا رهيا ۽ نيٺ ڪاميابي بنگالي عوام جي ٿي. انهن نہ صرف پاڪستاني فوج بلڪ رجعتي قوتن ۽ سامراج کي ذلت واري شڪست ڏني ۽ مشرقي بنگال کي بنگلاديش جو نالو ڏئي ڇڏيو. ان وقت پاڪستان اندر مزدور طبقي جي هر دستي ۽ نذير عباسي جي پارٽي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان هڪ اهڙي سياسي پارٽي هئي، جنهن سڀ کان پهريان بنگال ۾ فوج ڪشي ۽ بنگالي عوام جي قتل عام تي احتجاج بلند ڪيو هو ۽ شدت سان مخالفت ڪئي هئي، ٻي سياسي پارٽي نيشنل عوامي پارٽي (نيپ) هئي جنهن بنگالي عوام جي حمايت ۽ فوجي حڪمرانن جيءَ مخالفت ۾ جلسا، جلوس ۽ مظاهرا منعقد ڪيا هئا. ٻيون سڀئي سياسي پارٽيون خاموشي اختيار ڪيو ويٺيون هيون ۽ تماشائي بڻيل هيون انهن سياسي پارٽين جو خاموش تماشائي بڻڻ جو عمل هڪ ڏوهہ وارو عمل هو. جنهن فوجي حڪمرانن جي جنوني ڪارروائين جي رستي ۾ مزاحمت جي ديوار نہ بيهاري ۽ نہ ئي ان جي خوفناڪ سازشن کان ملڪ جي عوام کي آگاهہ ڪيو. پر فوجي حڪمرانن کي پنهنجي من ماني ڪرڻ جي کليل اجازت ڏني ۽

انهن کي طاقت پهچائي بنگال ۾ فوجي جنرلن جي وحشياڻين ڪاررواين ۽ بنگالي عوام جي قتل عام جي خلاف صرف نيپ جي ڏينهن ڏينهون وڌندڙ احتجاجي سرگرميون فوجي حڪومت جي لاءِ مٽي جو سور بڻجي رهيون هيون. تنهن ڪري 16 نومبر 1971ع تي فوجي حڪومت نيپ تي پابندي لڳائي ڇڏي. توهان کي ياد هوندو ته نيپ ان وقت واحد سياسي پارٽي هئي، جنهن تي پابندي لڳي هئي بحرحال بنگالي عوام کي سڄي دنيا جي انصاف پسند عوام، ترقي پسند، جمهوري ۽ امن پسند قوتن ۽ سرشلسٽ ملڪن جي حمايت حاصل هئي، هو بي جگريءَ سان پاڪستاني فوج سان وڙهيا ۽ فتح حاصل ڪئي ۽ بنگال تي فوج ڪشيءَ جي سزا اسان کي اڌ ملڪ وڃائڻ جي صورت ۾ ڀوڳڻي پئي.

ملڪ ٽٽڻ کان پوءِ جڏهن فوجي حڪمرانن کي اقتدار ڳلي ۾ ڦندو بڻجي نظر اچي رهيو هو ته انهن اقتدار پيپلز پارٽي جي حوالي ڪيو. اقتدار جي منتقلي آمريڪا جي اشاري تي فوجي ادارن کي بچائڻ لاءِ ڪئي وئي ته جيئن فوج ٿورڙو ساهه پٽي وٺي ۽ پوءِ تازو دم ٿي وري اقتدار تي قابض ٿي سگهي.

پٽي جي اقتدار واري دور ۾ ملڪ ۾ ڪجهه سٺيون تبديليون ٿيون جيڪي استحصالي طبقن تي ڪنهن حد تائين بوجهه بڻيون ۽ آمريڪي سامراج کي به ناگوار گذريون. رجعتي قوتن ۽ استحصالي طبقن آمريڪي هشيءَ تي ملڪ ۾ انتشار ۽ ڪشمڪش جي صورت سان منهن ڏيڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ ڪو به موقعو هٿان وڃائڻ نه ڏنو.

فيبروري 1973ع ۾ نيپ جمعيت جي ٻن صوبن ۾ حڪومتن جي خاتمي تي ٻرندڙ تيل جو ڪم ڪيو ۽ملڪ ۾ رجعتي استحصالي ۽ سامراجي قوتن جو وڌيڪ حوصلو وڌايو. پوءِ نيپ تي پابندي انهن قوتن جي لاءِ ڀٽي حڪومت جي خلاف سازشن جا بند دروازا به کولي ڇڏيا. هاڻي انهن کي ڀٽو حڪومت کي ناڪام بڻائڻ ۽ سامراجي سازشن کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ مناسب موقعو مليو ۽ انهن موقعو غنيمت سمجهي ۽ باهمي گٺ جوڙ ڪري قومي محاذ پي اين اي ٺاهي ڇڏيو. جنهن جي اندروني طاقت فوج اقتدار تي قابض ٿيڻ لاءِ پرساهي رهي هئي. هونئن ان عرصي جي وچ ۾ فوج جا گهاءَ ڀرجي چڪا هئا ۽ اهي تازا دم ٿي اقتدار سنڀالڻ جي قابل ٿي چڪا هئا. پر ڀٽو حڪومت به ڪاريهر نانگ جو مٿو چٿڻ بجاءِ مجبورن ۽ مصلحتن ان کي وڌڻ ۽ ويجهڻ جو موقعو فراهم ڪيو هو. قومي محاذ ڀٽو حڪومت جي خلاف تحريڪ هلائي هن تحريڪ جي ليپٽ ۾ تقريبن سڀئي سياسي پارٽيون اچي ويون۽ رجعتي استحصالي ۽ سامراجي منصوبن جي تڪميل ۾ حصيدار بڻجي ويون. نذير عباسي جي پارٽي ۽ ان جي ساٿين وري وري ڀٽو حڪومت کي درپيش خطرن کان آگاهه ڪيو ۽ انهن خطرن سان منهن ڏيڻ جي لاءِ سامراج دشمن، ترقي پسند ۽ جمهوري قوتن سان اتحاد مضبوط ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو پر ڀٽي

حڪومت هن ڳالهه تي توجهه نه ڏنو ۽ قومي محاذ جي منظر منصوبي کي سمجهي نه سگهي. نيٺ آخر پاڻي مٿي کان چڙهي ويو. حالتون پنهنجي حڪومت جي قابو کان ٻاهر ٿي ويون ۽ پي اين اي (قومي محاذ) پنهنجي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. اقتدار فوج جي حوالي ڪيو ويو. ائين ملڪ تي هڪ دفعو وري 5 جولاءِ 1977ع تي منحوس فوجي آمريت مسلط ٿي وئي. ضياءَ فوجي ٽولي اقتدار ۾ ايندي ئي ملڪ ۾ سيني محب وطنن ترقي پسندن ۽ جمهوريت پسندن جي چوڌاري گهيرو تنگ کان تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. رجعتي قوتون پهريان به ضياءَ فوجي تاناشاهي سان گڏ هيون ۽ مٿان کان آمريڪي سامراج جي پناهه سرپرستيءَ سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. اهڙي طرح سامراجي، فوجي ۽ رجعتي قوتن جي ڳٺ جوڙ ملڪ جي اندر سياسي ڍانچي ۾ ضروري تبديليون ڪيون. فوج جي مسلسل اقتدار تي قابض رهڻ جو رستو هموار ڪيو ۽ سامراجي عمل دخل جي رستي ۾ پيل رڪاوٽن کي پري ڪيو.

ان کان پوءِ هن خطي ۾ 1978ع ۾ افغانستان جي انقلاب توڙي 1979ع ۾ ايران جي سامراج دشمن انقلاب جي ظاهر ٿيندڙ تبديلين سامراجي عظائم کي شديد مجروح ڪيو ۽ سامراج جا حواس گم ڪري ڇڏيا. هن نئين پيدا ٿيندڙ صورتحال جي پيش نظر آمريڪي سامراج کي مجبورن پنهنجي حڪمت عملي تبديل ڪرڻي پئي. ان پاڪستاني فوجي حڪمرانن کي بي پناهه امداد ذريعي مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو ته جيئن ايران کان پوءِ پاڪستان کي هن خطي ۾ "پوليس مين" جو ڪردار سونپيو وڃي. ٻئي طرف ملڪ جي فوجي جنرلن ۽ رجعتي طاقتن افغاني ڀاڳوڙن کي خوش آمديد چيو ۽ سامراجي ملڪ ۽ عرب شهنشاهن کان افغاني مهاجرن جي نالي تي وڏو امداد گڏ ڪيو . افغاني ڀاڳوڙن کي سامراجي سازشن ۾ گڏ ڪري پاڙيسري ملڪ افغانستان جي خلاف بغير اعلان جي جنگ جو آغاز ڪيو. اڄ انهن نام نهاد افغان مهاجرن پاڪستان جي سرزمين کي ڏوهن جو اڏو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ملڪي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. .

افغاني ڀڳوڙن سان منسوب منشيات جي اسمگلنگ چوري ڌاڙا قتل غارتگري ۽ ٻين ڏوهن جون خبرون هر روز اخباري صفحن جي زينت بڻجي رهيون آهن. جن سان انهن جي اصليت ۽ انهن جي اسلامي ڪردار جي حقيقت نه صرف پاڪستاني پر سڄي دنيا جي ماڻهن جي سامهون اجاگر ٿي وئي آهي، پر پاڪستان جون رجعتي قوتن، فوجي حڪمرانن عرب شهنشاهه سامراجي ملڪ ۽ تمام عوام ۽ جمهوريت دشمن قوتون نه صرف انهن جي پشت پناهي ڪري رهيون آهن، پر پاڪستان جي اندر محب وطن، ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند قوتن ۽ مظلوم عوام کي ڪچلڻ ۽ جمهوري افغانستان جي اندروني حالتن ۾ مداخلت ڪرڻ جي سازشن ۾ مصروف آهن. ضياءَ فوجي ٽولي پنهنجو پاڻ کي مضبوط ڪرڻ کان پوءِ جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي پنهنجي رستي مان ئي هٽائي ڇڏيو ۽ ان کي سامراجي پنو نه

ٽيڻ جي سزا ڏني. حالانڪ پنّي ان ئي فوج کي بنگال ۾ رسوائي کان پوءِ پنهنجي گوشهٔ عافيت ۾ پناهه ڏني هئي ۽ انهن کي ملڪ ٽوڙڻ ۽ بنگالي عوام جي قتل عام جهڙن سنگين ڏوهن جي سزا کان بچايو هو. نوي هزار اسلام جي غازين کي پارتي قيد مان آزادي ڏياري ۽ پاڻ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بڻجي فوج ۽ فوجي جنرلن کي عوامي غيض ۽ غضب ۽ انتقام کان تحفظ بخشيو هو. پر هن احسان فراموش وحشي فوجي ٽولي پنهنجي ئي محسن کي نہ بخشيو ۽ ان کي ڦاسي جي تختي تي لٽڪائي هين کي بہ عبرت جو درس ڏنو.

ضياءَ فوجي آمريت اسلام جو لباس پائي اسلامي نظام جو ڪهرام مچائي نہ صرف ملڪ جي اندر تمام جمهوري قدرن جي پائمالي ڪئي آهي، بلڪ فوج، رجعت پرستن ۽ پنهنجي سامراجي آقائن جي دشمنن، ترقي پسندن ۽ جمهوريت پسندن کي بہ تشدد جي سيني ممڪن طريقن ذريعي انتهائي سفاڪي سان ڪچليو آهي. ضياءَ فوجي ٽولي اقتدار تي مسلط رهڻ جي خاطر ملڪ کي داءَ تي لڳايو آهي ۽ اهي ڪنهن بہ قيمت تي اقتدار عوام جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. پر اڄ ملڪ جو عوام فوجي جنرلن ، انهن جي خوارين ۽ آقائن جي خوفناڪ عظائم کان احسن طريقي سان واقف ٿي ويا آهن ۽ انهن جي ملڪ ۽ عوام دشمن ڪردار کي صحيح طور تي سڃاڻي ويا آهن. هاڻي تہ نہ انهن جي دلين ۾ فوج جي عزت ۽ توقير آهي ۽ نہ ئي هو انهن جي شان ۽ عظمت کان مرعوب آهن. بلڪ انهن جي خلاف نفرت ۽ حقارت جو طوفان هنن جي دل ۽ دماغ ۾ آهي، يعني اڄ انهن جو وجود سراپا احتجاج آهي، اهي تمام جلد فوج ۽ فوجي جنرلن کي انتقام جو نشانو بڻائي پنهنجي ڪردار جي انجام تي پهچائيندا ۽ عبرت ناڪ سزا ڏيندا.

اڄ کان پنج سال اڳ ضياءَ فوجي آمريت 9 آگسٽ 1980ع تي محنت ڪش طبقن ۽ مظلوم عوام جي بنيادي انساني، سياسي ، سماجي معاشي قومي جمهوري حقن جي حصول خاطر جدوجهد ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ انسانيت سوز ۽ وحشياڻي تشدد ذريعي بدنام زمانا ماري پور ڪراچي جي اذيتي ڪيمپ ۾ حق گوءِ حق شناس انقلابي نوجوان نذير عباسي کي شهيد ڪري ڇڏيو هو ۽ اڄ بہ هي فوجي آمريت نذير عباسي جي ساٿين ۽ ان جي نقشي قدم تي هلڻ وارن جي جان جا دشمن آهن. اهي سياسي ، سماجي ۽ معاشي بحران جيڪو ملڪي تاريخ جو بدترين بحران آهي، کان ملڪ کي ڪڍڻ جي خاطر عوام تي تشدد جا سڀ ذريعا ، قائدا ۽ فارمولا آزمائي ننهن چوٽي جو زور لڳائي رهيا آهن. هن سلسلي ۾ هنن ملتان جي مزدورن جو رت وهايو ، پٽ فيڊر جي هارين کي موت جي ننڊ ۾ سمهاريو. ڪراچي، ڄامشورو، ڪوئيٽا، ميانوالي، سکر، لاڙڪاڻي، موري، دادو، لاڪاڻ ۽ ملڪ جي ٻين شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ بي گناهہ عوام جي لاشن جا ڍير لڳائي ڇڏيا. نذر عباسي، حميد بلوچ، ناصر بلوچ، عيسيٰ بلوچ، اياز سهڻو ۽ ٻين ڪيترن ئي نوجوانن کي زندگي کان

محروم ڪيو ۽ هزارين سياسي ڪارڪنن کي زندانن ۾ بند ڪيو آهي. مطلب تہ پوري ملڪ کي زندان ۽ مقتل بڻائي ڇڏيو آهي. اڄ هزارن جي تعداد ۾ سياسي ڪارڪن، شاگرد، مزدور هاري، استاد وڪيل دانشور فنڪار صحافي فوجي اذيت گاهن ۽ تشدد جي مرڪزن ۽ اذيتون ۽ صعوبتون برداشت ڪري رهيا آهن. پر انهن ظلم ۽ جبر جي سيني طريقن جي باوجود ضياء فوجي آمريت ملڪ جي سياسي سماجي معاشي بحران تي قابو پائڻ ۽ عوام جي جمهوري جدوجهد کي ڪچلڻ ۾ بري طرح ناڪام رهي آهي. اڄ ملڪ جو عوام پنهنجي پوري قوت سان فوجي آمريت جي خلاف سينو ساهي بيٺو آهي ۽ پنهنجي حقن جي حصول جي لاءِ جدوجهد ۾ مصروف آهن. اڄ ملڪ جو پورهيت ۽ مظلوم عوام سامراج دشمن ، ترقي پسند ۽ جمهوريت قوتون پنهنجي بنيادي ۽ جمهوري حقن جي حصول خاطر عملي جدوجهد ڪندي نذير عباسي کي خراج عقيدت پيش ڪري رهيا آهن ۽ انهن جي صفن ۾ پاڪستان نيشنل پارٽي بہ پنهنجي.پرپور قوت سان شامل آهي. پر اڄ ضرورت هن آمر جي آهي تہ.ملڪ جي سيني سامراج دشمن محب وطن عوام دوست ۽ ترقي پسند قومي ۽ جمهوري قوتون هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿي هڪ متحد جدوجهد جي ذريعي فوج رجعتي قوتن ۽ سامراج سان مقابلو ڪن تہ جيئن هميشہ جي لاءِ فوج جي اقتدار تي قابض رهڻ جون راهون بند ڪن. رجعتي قوتن جي چيلهہ ٽٽي سامراج جو ملڪ مان نيڪالي ٿئي ملڪ جمهوريت جي راهہ تي گامزن ۽ عوام کي خوشحالي نصيب ٿئي. انهن مقصدن جي حصول جي لاءِ نذير عباسي پنهنجي جان ڏني. اسان نذير عباسي جي جدوجهد جي راهہ تي هلي، نہ صرف انهن مقصدن کي پورو ڪري سگهون ٿا پر حقيقي معنائن ۾ نذير عباسي شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪري سگهون ٿا.

نذير عباسي شهيد جي پنجين ورسي جو موقعي تي بون ۾ پاڪستان نيشنل پارٽي مغربي جرمني جي انتظام هيٺ منعقد ڪيل جلسي عام جي مختصر رپورٽ

سهيڙيندڙ : "ساگر" سولنگي

پاڪستان نيشنل پارٽي مغربي جرمني جي طرفان نذير عباسي شهيد جي پنجين ورسي جي موقعي تي مغربي جرمني جي دارالحڪومت بون شهر ۾ 10 آگسٽ 1985ع تي هڪ عام جلوس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ پاڪستاني فوجي حڪمرانن هٿان شهادت ماڻيندڙ عالمي انقلابن جي ان مجاهد کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جي لاءِ نہ صرف پاڪستان پر دنيا جي ڪيترن قومن جي محنت ڪشن خراج عقيدت پيش ڪيو. وفاقي جهموريا جرمني ۾ رهيل مختلف ملڪن جي محنت ڪش عوام ۽ انهن جي انقلابي تنظيمن جي طرفان شهيد نذير عباسي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ ۽ پاڪستان عوام جي سامراج مخالف ۽ انصاف تي مبني جمهوري جنگ جي مڪمل حمايت جا پيغام پڙهي ٻڌايا. هن جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ جي لاءِ سوشلسٽ ملڪن ۾ پڙهندڙ پاڪستاني شاگرد مغربي جرمني جي ويزا مقرر وقت تي نہ ملڻ جي سبب ڪري نہ پهچي سگهيا، پر ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاڪستان جي سوشلسٽ ملڪن جي شاخن طرفان موڪليل يڪجهتي جا پيغام پڙهي ٻڌايا ويا. ان کان علاوه آمريڪا، ڪينيڊا، برطانيا ۽ ٻين ملڪن ۾ سرگرم عمل پاڪستاني تنظيمن ۽ محنت ڪش پاڪستانين طرفان موڪليل پيغام بہ پڙهي ٻڌايا.

هن جلسي کي ڪامياب بڻائڻ جي لاءِ جرمني جي مزدور طبقي جي هر اول جرمن ڪميونسٽ پارٽي /تودا پارٽي /ايران /سازمان فدائين خلق ايران راڪثريت، هندوستان ڪميونسٽ پارٽي(مارڪسٽ) ڊيموڪريٽڪ فرنٽ فاردي لبريشن آف فلسطين ۽ مشرقي وسطيٰ ڪميٽي ڀرپور حصو ورتو. انهن تنظيمن جي طرفان بيشمار ڪارڪنن ۽ رهنمائن هن جلسي ۾ شريڪ ٿي مزدور طبقي جي بين الاقواميت پرستي اعليٰ مثال جو مظاهرو ڪيو. نذير عباسي جي ياد ۾ گذريل ڇئين سالن ۾ منعقد ٿيندڙ تقريبن جي مقابلي ۾ هن جلسي پاڪستانين کان سواءِ ٻين مختلف جي محنت ڪش طبقن ۽ انهن جي انقلابي تنظيمن طرفان وسيع شرڪت ۽ ڀرپور جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪيو ويو. انهن جي شرڪت سان هيءُ جلسو هڪ طرح سان بين الاقوامي جلسو بڻجي ويو هو، ڇو تہ مختلف قومن پورهيتن هڪ انقلابي شهيد نذير عباسي کي پنهنجي تحريڪ جو شهيد ۽ مجاهد قرار ڏئي رهيا هئا. هن جلسي جي صدارت

پاڪستان نيشنل پارٽي مغربي جرمني جي صدر غلام عباس ڪئي جڏهن تہ اسٽيج سيڪريٽري جا فرض سرفراز ميمڻ انجام ڏنا ۽ جرمن زبان ۾ ٿيندڙ تقريرن جو اردو ترجمو جناب مسعود مرزا پيش ڪيو. هن عام جلسي جي اسٽيج سيڪريٽري ۽ پاڪستان نيشنل پارٽي جي ساٿي شير محمد عرف سرفراز ميمڻ پاڪستان جي سياسي صورحال ۽ هن علائقي ۾ آمريڪي سامراج جي سازشن تي تفصيلي روشني وجهندي چيو تہ غيرملڪن ۾ رهندڙ پاڪسانين جو فرض ٿئي ٿو تہ اهي عالمي راءِ عام کي هموار ڪري فوجي جنرلن جي مڪروهہ مقصدن کي ناڪام بڻائين ساٿي سرفراز ميمڻ نذير عباسي جي زندگي ۽ ان جي جدوجهد جي باري ۾ پنهنجي خيالن ۽ جذبن جو اظهار ڪندي ان کي خراج تحسين پيش ڪيو.

جناب حسن اسائيد:

فلسطيني آزادي جي جمهوري محاذ جي هڪ اهم رهنماءَ جناب حسن اسائيد پنهنجي تنظيم ۽ تمام فلسطيني عوام طرفان نذير عباسي شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪندي ان جي پارٽي ۽ پاڪستاني عوام سان گڏ مڪمل ہڏي جو اظهار ڪيو. جناب حسن اسائيد چيو تہ پاڪستان وانگر مشرق وسطيٰ ۾ بہ آمريڪي سامراج پنهنجين سازشن ۾ مصروف آهي. ان چيو تہ نذير عباسي شهيد جي ورسي جي موقعي تي اسان کي عهد ڪرڻ کپي تہ اسان سڀ ملي ڪري پنهنجي گڏيل دشمن آمريڪي سامراج جي خلاف جدوجهد ڪيون. اسان کي هڪ ٻئي سان گڏ ڀرپور تعاون ۽ ويجهو رابطو ڪرڻو پوندو. انهن يقين جو اظهار ڪيو تہ پاڪساني عوام جلد ئي جنرل ضياءَ جي خونخوار فوجي ٽولي ۽ ان جي آقا آمريڪي سامراج کان نجات حاصل ڪند.

محترما ايلزبيٿ ٿنائيدر:

وفاقي جمهوريا جرمني جي مشرقي وسطيٰ ڪميٽي جي رهنماءَ محترما ايلزبيٿ ٿنائيدر جيڪا هن جلسي ۾ شرڪت جي لاءِ خاص طور تي فرينڪ فرٽ کان آئي هئي. پنهنجي تقرير ۾ پاڪستاني عوام جي جمهوري جدوجهد جي حمايت ڪئي ۽ چيو تہ مشرقي وسطي ڪميٽي ۾ پاڪستان نيشنل پارٽي جي رڪنيت کان پوءِ اسان کي جنوبي ايشيا ۽ خاص ڪري پاڪستان جي سياسي صورتحال جي باري ۾ گهڻي معلومات حاصل ٿي آهي. ان چيو تہ نذير عباسي کي جنهن سفاڪاڻي طريقي سان شهيد ڪيو ويو آهي، ان جو مثال ڏاڍو گهٽ ملي ٿو. پاڪستان اڄ آمريڪي سامراجيت جو ڳڙهہ بڻجي ويو آهي. جتان جا فوجي حڪمران پوري علائقي جي عوام خلاف ۽ خاص طور تي افغانستان جي انقلابي حڪومت جي خلاف سازشون ڪري رهيا آهن.

ان چيو تہ اسان مشرقي وسطيٰ ڪميٽي جي ذريعي پاڪستاني عوام تي ٿيندڙ ظلمن کان جرمن عوام کي آگاهہ ڪنداسين.

جناب گنٽر ڊيل :

جرمن ڪميونسٽ پارٽي اوفن باخ جي رهنماءَ ڪامريڊ گنٽر ڊيل.چيو تہ هن جلسي ۾ پارٽي جي نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ پارٽي مرڪز طرفان عورت ڪامريڊ جي قيادت ۾ هڪ وفد موجود آهي، جيڪو پارٽي طرفان آندو آهي، پر ايترو پري ڪان اچي هن عام جلسي ۾ انهن جي شرڪت جو سبب اهو خلوص، پيار ۽ همدردي آهي جيڪا انهن کي پاڪستاني ساٿين کان حاصل آهي. ان چيو تہ چار سال اڳ اوفن باخ ۽ پوءِ فرينڪ فرٽ ۾ نذير عباسي جي ورسين جي تقريبن ۽ جلسن ۾ شرڪت ڪانپوءِ ان کي پاڪستاني دوستن جي جدوجهد کان آگاهي ملي. جهڙين ڏکين حالتن ۾ پاڪستاني پورهيت عوام ۽ انقلابي قوتون جدوجهد ڪري رهيون آهن، انهن ان کي ڏاڍو متاثر ڪيو آهي. ڪامريڊ گنٽر ڊيل چيو تہ اهو ان لاءِ هن جلسي ۾ شرڪت آهي جو ان جي دل پاڪستاني ڪميونسٽ پارٽي سان ڌڙڪي ٿي ، ان جون همدرديون ۽ يڪجهتي انهن بهادرن سان گڏ آهي، جيڪي ان ظلم ۽ ستم جي گرم ميدان ۾ حق ۽ انصاف جي شمع ٻاري ويٺا آهن.

جناب مشائل اوپر سڪالسڪي:

ڪولون جي معروف ترقي پسند صحافي ۽ دانشور جناب مشائل اوپر سڪالسڪي پنهنجي تقرير ۾ نذير عباسي کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ پاڪستان جي فوجي حڪمرانن ملڪ ۾ عوام جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. ڪيترن نوجوانن کي ڦاسيءَ جي تختي لٽڪائي ڇڏيو آهي، جرمن سڌ سماءَ جا ذريعا انهن خبرن کي نظرانداز ڪري رهيا آهن، پر هتان جي انصاف پسند صحافين جي اها ئي ڪوشش رهي آهي تہ جرمن عوام تائين پاڪستان جي باري ۾ صحيح صورتحال پهچائي وڃي، ان چيو تہ هو نذير عباسي، حميد بلوچ، ناصر بلوچ ۽ اياز سمي جي بيهي هاڻي قتل ۽ ڇام ساقي، پرفيسر جمال نقوي، سهيل سانگي، امداد چانڊيو، احمد ڪمال وارثي، امتياز عالم ، شير علي باچا، نعيم ايڊووڪيٽ ، جبار خٽڪ ۽ ٻين هزارين سياسي ڪارڪنن جي ڏکهي نظربندي کان جرمن عوام ۽ سياسي پارٽي کي آگاهہ ڪري رهيا آهن. ان پاڪستان ۾ پريس تي سينسرشپ ۽ اخبارن تي پابندي تي فوجي حڪومت جي پر زور مذمت ڪندي پاڪستاني عوام جي پنهنجي حقن لاءِ بهادراڻي جدوجهد سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو.

محترما چندريا مکو پاڌيا:

آل انڊيا ڊيموڪريٽڪ وومين ايسوسيئيشن جي ميمبر محترمہ ڊاڪٽر چندريا مکو پاڌيا پنهنجي تقرير ۾ پاڪستاني عوام جي جمهوري جدوجهد سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو. ان چيو تہ پاڪستاني عورتن تي قرون وسطي جي دؤر جا فرسودا قانون ٿاڦڻ ۽ ان کي ٽئين درجي جو انسان بنائڻ جي ڪوشش جي سخت مذمت ڪئي ان نذير عباسي شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ نذير

عباسي جي جدوجهد آمريڪي سامراج جي خلاف هئي. جنهن نہ صرف پاڪستان کي پنهنجو اڏو بڻائي ڇڏيو آهي. پر هندستاني وحدت جي خلاف بہ شيطاني هٿڪنڊا استعمال ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر چندرا چيو تہ نذير عباسي اسان جي ٻنهي ملڪن جي عوام جي وچ ۾ دوستي ۽ خوش پاڙيسري جي خاطر جنگ وڙهي رهيا آهن. اسان عهد ٿا ڪيون تہ اسان نذير عباسي جي مشن کي منزل تائين پهچائينداسين.

محترما ڪلاؤ ڊيا مارباخ:

جرمن ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي آفيس طرفان نذير عباسي شهيد جي ياد ۾ منعقد ٿيل هڪ جلسي ۾ خصوصي وفد شرڪت ڪئي . وفد جي اڳواڻ محترما ڪلاؤ ڊيا مارباخ پنهنجي تقرير ۾ پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي جي رهنماءَ نذير عباسي شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ اسان پنهنجي برادر پارٽي جي ڪنن جدوجهد ۾ پوري خلوص ۽ جذبي سان يڪجهتي جو اظهار ڪيون ٿا ۽ پاڪستان جي عوام جي سامراج دشمن جمهوري جدوجهد ۾ انهن سان گڏ ڀرپور تعاون جو اعلان ڪيون ٿا. ان چيو تہ پاڪستاني فوجي آفيسرن وانگي جرمن فوج جي آفيسرن جي تربيت بہ آمريڪي ڪن ٿا. ان چيو تہ آمريڪي سامراج ئي اسان جو گڏيل ۽ اصل دشمن آهي. ان افغانستان جي انقلاب جي خلاف پاڪساني فوجي حڪمرانن جي سازشن جي ڀرپور مذمت ڪندي چيو تہ افغانستان جي پورهيت عوام جو انقلاب ڪامياب رهندو. ان پنهنجي تقرير ۾ پاڪستان ۾ ٽريڊ يونين سرگرمين ، سياسي جماعتن ۽ پريس تي پابندي جي سخت مذمت ڪئي.

محترما طلعت رحمان :

آرگنائيزيشن آف پروگريسو پاڪستانيز آمريڪا جي محترما طلعت رحمان نذير عباسي کي زبردست خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ نذير عباسي جو نالو اسان سيني لاءِ عزم ۽ حوصلي جي علامت آهي. ان آمريڪا ۽ مغربي جرمني ۾ پاڪستاني پورهيتن ۽ شاگردن جي ترقي پسند تنظيمن جي وچ ۾ ويجهي رابطي عمل واري اتحاد تي زور ڏنو. ان پاڪستان نيشنل پارٽي جو شڪريو ادا ڪيو . جنهن ان کي خاص طور تي هن جلسي لاءِ گهرايو .

جناب راحت مسعود ڪوڪر:

پاڪستان مزدور ڪسان پارٽي مغربي جرمني جي رهنماءَ جناب راحت مسعود ڪوڪر اخباري رپورٽن جي حوالي سان نذير عباسي جي گرفتاري کان ويندي شهادت تائين جو جائزو پيش ڪيو ۽ ٻڌايو تہ فوجي حڪمرانن نذير عباسي کي قتل ڪري پنهنجي ڏوهہ کي لڪائڻ جون ڪوششون ڪيون، پر اهي ناڪام رهيا ان نذير عباسي کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ پاڪستان جو پورهيت عوام نذير عباسي جي خون کي رائيگان ٿيڻ نہ ڏيندا ۽ اهي نذير عباسي جي قاتلن کي پنهنجي

انتقام جو نشانو جلد بڻائيندا. جناب راحت مسعود کوکر پاڪستاني فوجي حڪمرانن جا بي گناهه عوام تي ڪيل غيرانساني ظلمن جي مذمت ڪندي پاڪستان جي عوام جي جمهوري جدوجهد سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو.

ڪامريڊ دائود:

تودا پارٽي ايران ۽ سازمان فدائين خلق ايران اڪثريت جي هڪ تمام وڏي وفد جي قائد ڪامريڊ دائود پنهنجي تقرير ۾ ايراني صورتحال تي تفصيلي روشني وڌي، ان خميني ٽولي جي انقلاب سان خيانت ۽ ايراني پورهيت عوام تي ٿيل ظلمن جو پردو چاڪ ڪيو. ان چيو تہ پاڪستاني پورهيت عوام اڄ انتهائي ڏکي ويڙهہ وڙهي رهيا آهن. اسان جو ايمان آهي تہ نيٺ آخر ۾ انهن جي ئي ڪامابي ٿيندي. ان چيو تہ شاهہ ايران، ضياء الحق يا خميني هجي هر سفاڪ ۽ آمر کي عبرتناڪ انجام کان ڪير بہ بچائي نہ ٿو سگهي، ڪامريڊ دائود نذير عباسي کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو تہ اسان نذير عباسي کي شهيدن جو ولي سمجهون ٿا. جلسي جي ڪارروائي دوران پاڪستان نيشنل پارٽي جي ساٿي محمد دين بلوچ ترنم سان انقلابي نظمون ٻڌايون.

تودا پارٽي ايران، سازمان فدائين خلق ايران اڪثريت ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف سري لنڪا جي طرف کان هن موقعي تي ڳاڙهن گلن ۽ گلابن جا گلدستا پيش ڪيا ويا. ترڪي جي ڪرلستان جي انقلابي تنظيم ڪومڪار، ڪميونسٽ پارٽي آف عراق، ڪميونسٽ پارٽي آف اسرائيل، بنگلاديش نيشنلسٽ سوشلسٽ پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي آف چلي ۽ آفريقن نيشنل ڪانگريس جي ساٿين طرفان پيغام پڙهي ٻڌايا ويا، جنهن ۾ نذير عباسي شهيد کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو هو ۽ پاڪستاني عوام جي جمهوري جدوجهد جي ڀرپور حمايت ڪئي وئي هئي.

ان کانپوءِ پاڪستان نيشنل پارٽي مغربي جرمني جي صدر غلام عباس پنهنجي صدارتي تقرير ۾ نذير عباسي شهيد جي حضور ۾ سلام عقيدت پيش ڪيو ويو ۽ پاڪستان جي صورتحال تي گهري تشويش جو اظهار ڪندي سيني ترقي پسند ۽ سامراج دسمن قوتن سان متحد ٿي جدوجهد ڪرڻ جي اپيل ڪئي، ان جلسي ۾ شريڪ سيني پارٽين، تنظيمن ۽ ماڻهن جو شڪريو اد اڪيو. هن عام جلسي ۾ ڪيترين قراردادون منظور ڪيون ويون. هڪ قرارداد جي ذريعي پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي جي رهنماءَ ڪامريڊ نذير عباسيءَ کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي پاڪستان جي سيني جمهوري ۽ ترقي پسند' قوتن سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو ۽ نذير عباسي جي قاتلن کي حقيقي سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

هڪ قرارداد ۾ نذير عباسي جي بي رحمانہ قتل جي مذمت ڪئي وئي ۽ انجي ذميواري ملڪ تي قابض ضياءَ جي فوجي ٽولي تي عائد ڪئي وئي. نذير عباسي سان گڏ گرفتار ڪيل ان جي ساٿين جي تڪڙي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو.

هڪ ٻئي قرارداد جي ذريعي پاڪستان جي فوجي ٽولي جي آمريڪي سامراج جي اشارن تي پاڪستان کي جنوبي ايشيا ۾ آمريڪي مفادن جو مرڪز ۽ انقلابي افغانستان جي خلاف تخريبي ڪاررواين جو اڏو بڻائڻ واري واهيات سازشن جي سخت مذمت ڪندي چيو ويو تہ فوجي حڪمرانن پاڪستان کي آمريڪي سامراج جي هٿئون وڪڻي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجين ڏوهاري ڪارروائين سان هن پوري خطي جي امن کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اڄ پاڪستان جي سرزمين نہ صرف افغانستان جي انقلابي حڪومت کي غيرمستحڪم ڪرڻ ، آمريڪي سازشن جي تڪميل لاءِ اڏي جي طور تي استعمال ٿي رهي آهي، پر هندستان جي خلاف فرقا پرست سکن کي تربيت ڏيڻ ۽ عرب ملڪن جي قومي آزادي جي تحريڪن کي ڪچلڻ جي آمريڪي سازشن ۾ ڪم اچي رهيو آهي. قرارداد ۾ پاڪستان کي آمريڪي پنو نہ بڻجڻ ۽ پاڙيسري ملڪن سان دوستاڻن ۽ خوشگوار تعلقات قائم ڪرڻ جي ضرورت، تي زور ڏنو.

هڪ وڏيڪ قرارداد ۾ فوجي ٽولي جي ملڪ جي اندر عوام دشمن وحشياڻين ڪارروائين کي نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو ويو ، قرارداد ۾ چيو ويو تہ ضياءَ فوجي آمريت پوري ملڪ کي زندان ۽ مقتل بڻائي ڇڏيو آهي ۽ ملڪ جي عوام ۽ سياسي ڪارڪنن کي ڪوڙن، اذيتن ۽ ڦاسين جو نشانو بڻائي رهيو آهي، هزارين سياسي ڪارڪن بغير ڪيس هلائي جيلن ۾ نظربند آهن ۽ ترقي پسندن تي آمريڪي سامراج ۽ ساواڪ جي طرز تي اذيتون ڏنيون پيون وڃن، سڀئي سياسي، شاگرد ۽ ٽريڊ يونين جون سرگرميون معطل ۽ پريس پابند آهي. هن جبر جي فضا ۾ فوجي ٽولي دنيا کي ڏوکي ڏيڻ جي غرض سان ريفرنڊم ۽ نام نهاد چونڊن جو ڊرامون رچائڻ کان پوءِ ۽ نام نهاد اسيمبلي قائم ڪئي آهي، جيڪو صرف اقتدار تي قبضو برقرار رکڻ جو هڪ ۽ ڍونگ آهي. هن قرارداد جي ذريعي دنيا جي سڀني انصاف پسند حق پرست عوام کي پرزور اپيل ڪئي وئي تہ اهي پاڪستاني فوجي جنرلن جي ڏوهاري ڪارروائين جي خلاف ڀرپور احتجاج ڪن هڪ ٻئي قرارداد ۾ سڀني سياسي قيدين جي آزادي بنيادي انساني حقن جي بحالي، مارشلا جي خاتمي عورتن کي برابر جا حق ڏيڻ، ننڍين قومن جا منصفاڻا حق تسليم ڪرڻ اظهار خيال ٽريڊ يونين ۽ شاگردن جي سرگرمين ۽ عدليا جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو.

تاثرات

ظفر علي شاهہ (دربيلو)

4 فيبروري 1978ع تي نذير عباسي جي شادي محرابپور مان ڪامريڊ محمد هاشم گهانگهرو جي نياڻي سان ٿي جيڪا پڻ شاگرد اڳواڻ هئي. جنهن کي 1975 محرابپور ۾ ڪاليج جي گهر لاءِ جلوس ڪڍڻ جي ڏوهہ ۾ سندس پيڻ زبيده گهانگهرو ۽ پيءُ سميت گرفتار ڪيو ويو هو. مون کي پڻ سندن شادي جو ڪارڊ مليو هيو پر اڳواٽ ٽائيم ڏنل هجڻ سبب مان پهچي نہ سگهيو هيس ليڪن بئي ڏينهن صبح جو مان پهتس تہ ڇچ وڃي چڪي هئي منهنجي ملاقات نذير عباسي سان نہ ٿي سگهي. بهرحال ڪامريڊ محمد هاشم گهانگهروءَ سان ملاقات ٿي سندس دڪان واري هيٺ وڃايل تڏي تي ويٺاسين سندس پنهنجو ٺاهيل مائو ۽ حلوو بہ کاڌو سين مون ڪامريڊ هاشم جهڙا فقير صفت ۽ باعمل ماڻهو گهٽ ڏٺا آهن ڪامريڊ سهتي ۽ ڪامريڊ صالح بلو ٻڌايو تہ رات شادي بدران ڄڻ تہ سياسي جلسو ٿي ويو جو سڄي سنڌ مان سياسي ڪارڪن آيل هئا جن نعرا هنيا تہ "فوجي ٽولو سياست ۾ ملڪ سڄو آفت ۾" وغيره مهيني بعد 12 مارچ تي سندس ونيءَ کي پٽ فيدر مان بڪ هڙتال جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪيو ويو پر سندس آزادي ڪان پهريان وري نذير عباسي جي گرفتاري ٿي وئي جنهن سببن ڪين بلوچستان جي قلي ڪيمپ نيو ويو شاگرد جدوجهد جي شروعات 1968 فرانس کان ٿي هئي ليڪن سنڌ ۾ اها 67 کان ئي ون يونٽ خلاف شروع ٿي هئي. شاگردن جو بنگال ۾ پڻ اهم رول هيو هي ساڳيو دور هيو جڏهن تيل جي قيمتن وڌڻ جي پيش نظر مغربي ملڪن عرب ملڪن جي اهميت محسوس ڪئي هئي ۽ انهي دور ۾ نذير عباسيءَ ۽ سندس ساٿي سنڌ ۾ انقلابي محاذ کي خاص ڪري شاگردن ۾ هڪ ڀرپور جدوجهد کي بہ زور وٺايو. پاڻ هڪ بااخلاق باڪردار شاگرد اڳواڻ هيو. ڪيس انهي جدوجهد ۾ جان تان بہ هٿ کڻڻو پيو تہ بہ هن اها بہ ڏيڻ ۾ نہ ڪيٻايو. 1977ع کان پوءِ مارشل لا تہ سڄي ملڪ لاءِ هئي ليڪن سنڌ جي ماڻهن ان کي وڌيڪ محسوس ڪيو. انهي سڄي بحران ۾ نذير عباسي فوج جي سخت ۽ ڪڙي ۽ خراب حڪمراني هوندي بہ سنڌ جي ماڻهن جي ترجماني ڪندي پنهنجي خيال ۽ اظهار جو سلسلو جاري رکيو. هن کي 1980ع ۾ فوجي حڪومت گرفتار ڪيو ۽ سندس ساٿي بہ گرفتار ٿيا. جن تي الزام هيو تہ اهي هلچل نالي هڪ سائڪلو اسٽائيل ماهوار ڪڍن ٿا جيڪا انَ وقت جي حڪمرانن خلاف ڪڙو سچ لکندي هئي. نذير عباسي نہ ڏينهن تشدد برداشت ڪندي ڪندي ساهہ ڏنو. نذير عباسي انهن انسانن ۾ شمار ٿئي ٿو جيڪي پنهنجي اعتماد تي قائم رهڻ جي پاداش ۾ سختيون

بہ برداشت ڪن ٿا ۽ دنيا ڪي پنهنجي قول ۽ فعل يعني عمل جي رستي ڪجهہ ڏين ٿا. اهو رائيگان ناهي ويٺو. نذير عباسي ڪنهن بہ اشو تي جذباتي ٿي قرباني ناهي ڏني نذير عباسي سنڌ جي شعور جو راهي هيو. انهي شعور جي راهہ ۾ قربان ٿي ويو. جڏهن بہ شعور جي راهہ ۾ شهيد ٿيندڙ پانڌيئڙن جي لسٽ ٺهندي تہ ڪو بہ تاريخ نويس نذير عباسي کي وساري نہ سگهندو.

جنيد سومرو

نظير عباسي منهنجو دوست نہ هئو پر هڪ سياسي حيثيت ۾ هن کي سڃاڻيدو هيس. مان ان وقت سنڌي سڃاڻ رکندڙ شاگرد ليڊر هيم منهنجي تمام گهڻي عزت هوندي هئي ۽ جذباتي بہ هوندو هئس ان جي لاءِ سڀ شاگرد منهنجي عزت ڪندا هئا بلڪہ هر ڪمري جي دروازي تي (هاسٽل ۾) منهنجو نالو لکي ڇڏيندا هئا. ان لاءِ جڏهن بہ ٿورو ڪو گوڙ وغيره ڏسندو هئم تہ اڳ اڳ رهندو هئم.انهي جي ڪري جڏهن نذير جو قتل ٿيو ۽ هن کي سول هاسپيٽل ڪٺي آيا تہ مان اتي موجود هئم اها هڪ حقيقت آهي ۽ مان وڏاءُ نٿو ڪريان جڏهن لاش آندو تہ گوڙ ٿي پيو مونکي خبر پئي هي لاش نذير عباسي جو آهي ۽ انهي کي فوجين ماريو آهي ،مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو شايد I.S.I وارا هئا مان انهن کان ڊڄان نٿو شايد عام وڏيرو ڊڄي ،مان خدا جي ذات کانسواءِ ڪنهن کان نٿو ڊڄان مان I.S.I جي خلاف آهيان جڏهن خبر پئي تہ نذير جو لاش آهي تہ ڊاڪٽرن کان پڇيو هاٿي ڊاڪٽر جو نالو ياد ناهي نذير جا هٿ ڇڳل هئا ۽ پني تي شيشن جا چير هئس مان ان جو آئي وٽنيس آهيان . نذير هڪ سياسي ڪارڪن ۽ غيرتي ڪارڪن هئو. نذير ان وقت I.S.I سان وڙهيو جڏهن ماڻهو نالو ڪٽندي بہ ڊهندا هئا .

نذير ڏوهہ جو ڏوهاري نہ هئو هن جو ڏوهہ سنڌي ڪميونسٽ هئڻ هئو.شايد پنجابي ڪميونسٽ ۽ اردو ڪميونسٽ سان اها حالت نہ ٿيءِ هان ،منهنجي لحاظ کان ڪميونسٽ قومپرست کان معتبر آهي ان.لاءِ جيسن قومپرست ماڻهو نہ هوندو تہ ڪميونسٽ ڪيئن ٿيندو . ڪميونسٽ هڪ اعليٰ ڊگري آهي ،نذير عباسي عام ماڻهو نہ هيو . هن جي شهادت ڪنهن وڏي واقعي کان گهٽ نہ آهي سياسي تاريخ جڏهن لکبي تہ نذير جو نالو سڀ کان اونچو هوندو سندس دوستن ساٿين غداري ڪئي غدار بہ تاريخ ۾ بي نقاب ٿيندا جيڪي نذير کي ڇڏي ويا اڄ اهي سرڪار سان وينا آهن ۽ نذير جو نالو ڪٽڻ انهن جي لاءِڏوهہ آهي جڏهن تہ نذير جو نالو ڪنهن بہ سياسي کي ملي تہ اها انهن جي خوشقسمتي هوندي ،ماڻهو روز مرن ٿا پر نذير جو مقام اونچو آهي ڪو فرق نٿو پوي تہ نذير جا هٿ ڀڳل هئا پني تي چير هئا نذير زنده کان وڌيڪ زنده هئو.

نذير جي شهادت وقت آءُ جبار خٽڪ، شايد امداد چانڊيو ڊائوميڊيڪل جي هاسٽل ۾ وينا هئاسين ،اسين B.B.C ٻڌي رهيا هئاسين تہ اوچتو اها خبر پئي تہ نذير

عباسي سنڌ جو قومپرست مارجي ويو جنهن تي هنن چيو تہ يار اس فلم ڪو ابهي بند ڪرو مان ان جو آئي وتنيس آهيان تہ اها ويساهہ گهاتي سنڌين سان ڇوتي ٿئي ، نذير سان غداري ڪرڻ وارا سندس دوست هئا هن ماڻهو جي سياست ۽ فلسفي جي جدوجهد جي خلاف قوتن سان سهڪار ڪرڻ وارا هن جاساتي اڄ بي نقاب ٿي چڪا آهن انهن هن جي نظرئي ۽ هن ڪردار کي چور چور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي نذير ذاتي طور سياسي ورڪر هئو هن کي ڪو وڏو ليبر ٿيڻ جو شوق نہ هئو پر وقت هن کي تمام وڏو انسان بنائي ڇڏيو باقي هن خطي ۾ جيڪي ڪميونسٽ پيدا ٿيا آهن انهن مان چند اڄ بہ پنهنجي ڳالهہ کي برقرار رکي وينا آهن ڄام ساقي بہ هٽ ڪديا پر وري بہ ٿورو ڪميونسٽ سوچ رکي ٿو پر اڪيلائي هئڻ ڪري بيمار رهي ٿو . غلام رسول سهتوواڳ جهليو وينو آهي پر هو بہ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو زخمي دباءَ ۾ اچيو وڃي . نذير عباسي جي ڌي زرقا جي شادي منهنجي سوٽ عامر سومرو جنهن کي مان پيار ۾ (بيمبي) چوندو آهيان ڪرايائين مان ڏاڍو خوش ٿيس زرقا سومرن ۾ آئي سومرن لاءِ عزت آهي مان سومرن جو چڱو مڙس آهيان مان چوان ٿو تہ نذير عباسي جي ڌيءُ سومرن جي يعني اسان جي خاندان ۾ آئي آهي اهو اسان لاءِ وڏو اعزاز آهي زرقا مونکي ڏاڍي پياري آهي مان هن کي ڌي وانگر پيار ڪندو آهيان هيءَ ڏاڍي معصوم آهي شهيد نذير جي ڌيءُ هئڻ ڪري مونکي ڏاڍي پياري آهي مان جڏهن بہ ملندو آهيانس تہ چوندو آهيانس مونکي پيءُ سمجهي سيڪجهہ ٻڌاءِ ،بيمبي بہ مونکي ڏاڍو پيارو آهي ڌيءُ جي طبيعت بلڪل ماٺيني آهي بهرحال نذير جي ڌيءُ ۾ بہ رت شهيد جو آهي ۽ اهو تہ ٿي نٿو سگهي تہ نذير عباسي جي ڌيءُ ڪنهن ڪان بہ گهٽ هجي هي وڏيرا وغيرهہ سڀ شو آهن .زرقا اصلي ڪامريڊ جو خون آهي نذير جي خون ۾ غيرت هئي هي عام ماڻهو نہ هئوسنڌ جوليجنڊ هئو سياسي تاريخ جڏهن بہ لکبي تہ نذير عباسي انهي ويڙهاڪ بي باڪ نالي سان لکبو جنهن سنڌ جي غيرت ۽ لڄ بچائڻ لاءِ سِر ڏنو ان جو قتل ضايع نہ ٿيو هو پهرين مورچي جو شهيد سپاهي آهي هن جي برابري ڪير نٿو ڪري سگهي مير ويڪائو آهي پر خريدارڪير بہ ڪونهس مان ڪنهن ڪان نٿو ڊڄان I.S.I ڪان عام وڏيرو ڊڄي ٿو مان نٿو ڊڄان مان ماضي ۽ حال تي تمام گهڻو خوش آهيان ماڻهو مونکي کهڙي موت تا ڏين اهو وقت جو فيصلو آهي باقي اها ڳالهہ تڪبر سان ڪندس تہ جڏهن بہ ڪنهن سنڌي کي ڪا تڪليف ٿيندي هئي تہ اسين اتي پهچي ويندا هئا سين جڏهن تہ ڪنهن بہ سياسي پارٽي جو يونٽ کولڻ جي اجازت نہ هئي پر اسان يونٽ کوليو ۽ يونيورسٽي ۾ جماعت اسلامي کي ڪٽيوسين جنهن جي ڪري مونتي ڪيس

ٿاهيو ويو پر اسان پنهنجي ويڙهه جاري رکي اڄ هن ڪتاب لاءِ نذير جي حوالي سان تاثرات قلمبند ڪرائيندي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ٿئي ۽ آخر مان اهو وري به چوندس ته نذير تمام گهڻو امير هئو هن وٽ پنهنجي نظرئي سچائي جو تمام وڏو ڪارخانو هئو جنهن ڪي اسان تاريخ جو وڏو سرمايو سمجهون ٿا. ۽ اهو سرمايو ڪڏهن به ختم نه ٿيندو نذير هميشه زنده آهي ۽ هميشه زنده رهندو.

نثار کهڙو : صدر پيپلزپارٽي سنڌ

اڄ کان 22 ورهيه اڳ 9 آگسٽ 1980ع تي هڪ سڄاڻ ماڻهو نذير عباسي کي قتل ڪيو ويو هو. قتل مهل سندس عمر 28 ورهيه هئي. سندس قتل فوج جي هڪ ڪرنل امتياز " بلا " جي ڪمان هيٺ ماڙيپور ڪراچي ۾ ٿيو. ماڙيپور اها جڳهه آهي جتي سنڌ جي ماڻهن به لاش وصول ڪيا آهن. هڪ قائداعظم جولاش 1948ع ۾ ٻيو نذير عباسي جو لاش. نذير عباسي 30 جولاءِ 1980ع تي ڪراچي مان گرفتار ٿيو ۽ پوءِ مٿس ٽارچر ڪيو ويو. 9 ڏينهن ۾ سندس حياتي شيشن جي ٽڪرن تي چاڙهي چور چور ڪئي وئي. ساٿس جنرل ضياءُ الحق جي فوجي راڄ ۾ انهن 9 ڏينهن ۾ ڇا ڇا ڪيو ويو. هن جي آڱرين جا ننهن سلامت هئا يا نه ؟؟؟ جسم جي 206 هڏن مان ڪيترا سلامت هئا. ڪيترا ضربيا ويا؟ اها خبر رڳو ڪيس ٽارچر ڪندڙ وقت جي تارا مسيح کي هوندي.

سنڌ جي عوام پنهنجي ٻئي سورهيه نذير عباسي جو قتل 16 مهينن کان پوءِ ٻڌو هو ان کان اڳ ضياالحق - مخالف هڪ اهم عوامي جمهوريه سياستدان ذوالفقار علي ڀٽي کي 4 - اپريل 1979ع تي قتل ڪيو ويو هو.

مون نذير عباسي نه ڏٺو هو. نذير اسان مان گهڻن نه ڏٺو هو. هو ويهين صديءَ ۾ روشن خيال ترقي پسند سياست ڪرڻ وارن جن سورمن کي ضياءُ الحق ڦاهي چاڙهيو. قتل ڪيو يا قتل ڪرايو نذير انهن مان هڪ هيو. نذير عباسي جن ڏٺو هو تن جيڪا ڳالهه عام طور ڪئي آهي سا آهي سندس وفاداري. وفا جو اهو سورمو ۽ جفائن ڪاڻ بي خبر نذير عباسي لاءِ هن جا دوست چون ٿا ته هو انتر پاس هو. جي اڄ هجي.ها ته هو به فوجي جنرل پرويز مشرف جي آرڊيننس جو شڪار شخص هجي ها.

مون نذير عباسي کي نه ڏٺو هيو پر سندس ارڏي انسان واري تصوير جو تصور اسان سيني آڏو موجود آهي. هن جي وفاداري سان گڏ سندس ڳالهه جيڪا عام آهي، سا هي ته هو قتل ٿي ويو. سڀ سور ۽ سزائون ڪاڏائين پر ڪڏهن به دلالي نه ڪيائين. چغلي نه هنيائين. ڪنهن جو نالو نه ورتائين. ڪنهن کي نه پڪڙيائين. چون ٿا ته مشعل رڳو روشني ڏيندي آهي، اوندهه ختم ڪندي آهي. مشعلون ڪڏهن به چغليون نه هڻنديون آهن

جن نذير کي ڏٺو سي چون ٿا تہ هڪ دفعي سنڌي هاسٽل حيدرآباد وٽان پمفليٽس جي پريل بريف ڪيس کنيو پئي ويو. پوليس سپاهين ڪائنس پڇيو " هن ۾ ڇا آهي ؟ نذير ٺهہ ٺهہ پهہ ڇيو " بم - پوليس وارا کلي پيا. ڪيس ڇيائيون مذاق نہ ڪر هليو وڃ. پوليس سان نذير سچ ڳالهايو هو. مذاق مذاق ۾ صاف سچ ٻڌايو هو. سو نذير بم پريل بريف ڪيس کڻي گهمندو هو. مذاق ۾ پوڳ ڪندو هلندو هو.

مون نذير کي نہ ڏٺو هو. پر جيڪي ساٿس گڏ هئا تن ڇيو تہ هن کي هندستاني " آرٽ فلمون " وٽنديون هيون. ميڪسم گورڪي جو ناول " ماءُ " سندس پسند جو ڪتاب هو. موتيا (زرقا) سندس مستقبل جو ڏيئو هو. وفا سندس آئين هو. مرڪ هن جو سرمايو هو.

ٺنڊوالهيار ۾ هڪ غريب جي گهر ۾ 10 اپريل 1952ع ۾ جنم وٺندڙ واٽرسپلاءِ ڊرينيج ورڪرز ٽريڊ يونين کان سياست ڪندو سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي چيئرمين طور اڳيان آيو.

هو اڳيان وڌندو ويو. سچائي، مرڪ هن سان گڏ هلندا رهيا.

ضياءُ جي ڊڄڻي سرڪار کي خوف ورتو. هنن کي نذير عباسي کي پڪڙي سندس سنڌ سنڌ کان پلٽ وٺي شيشن تي ليٽائي نون ڏينهن ۾ کيس قتل ڪري ڇڏيو.

اڄو تہ

نذير عباسي شهيد سميت سمورن سورمن کي سندن ڳالهين ۽ ڪارنامن سميت ياد ڪريون ۽ هر هڪ کي ٻڌايون

فهميده رياض

ترقي پسند شاعره

جڏهن نذير عباسيءَ کي فوجي ٽارچر ڪئمپ ۾ ٽارچر ڏيئي شهيد ڪيو ويو تہ ان وقت شهيد نذير عباسي جي زال حميده گهانگهرو طرفان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪرائي پئي وئي، ان ڏينهن تي شهيد نذير عباسي جا ڪيترائي ساٿي ڪورٽ ۾ موجود هئا. ان ڪري ڪورٽ جي ٻاهران بيٺل فوج نذير جي ساٿين کي اندر ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي، ان وقت ڪجهہ پرولتاري اڳواڻن انقلابي جوش ۽ جذبي سان جهڙي طرح انهن سنگينين سان ويڙهہ ڪئي ۽ بلڪل لاپرواهہ ٿي پنهنجي شهيد جا نعرا هنيا، تہ ان وقت جو منظر مون کي انقلاب جو ميدان لڳو. جتي انقلابي پنهنجي جان جي پرواهہ نہ ڪندا آهن .ٻاٽ اونداهون دوڙ هيو. سڄي ملڪ تي ملٽري جو راڄ هيو. مگر نذير جي ساٿين ان وقت جنهن بيباڪيءَ جو مظاهرو ڪيو، ان مان آءٌ ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ ان منظر مان متاثر ٿيندي مون نظم "ايوان عدالت" ۾ لکيو منهنجو اهو پختو يقين آهي تہ شهيد ڪڏهن بہ مرندا ناهن. شهيد هر دور ۾ زندهہ هوندا آهن، انهي ڪري نذير عباسي بہ زندهہ آهي. (شهيد نذير عباسي جي ائين ورسي 9 آگسٽ

88ع جي موقعي تي ڊي ايس ايف ڪراچي پاران منعقده ڪراچي يونيورسٽي ۾ جلسي ڪي خطاب)۔

شهيد نذير عباسي منهنجي نظر ۾

ڪامريڊ مير محمد ٽالپر

محترمہ حميده گهانگهرو صاحبہ هڪ ڏينهن فون ڪري چيو تہ اوهان نذير عباسي شهيد لاءِ پنهنجا ويچار لکي موڪليو.

گذارش هي آهي تہ مون شهيد نذير عباسي کي نہ ڏٺو هو ڪڏهن بہ هن سان ملاقات ڪا نہ ٿي. نذير عباسي منهنجي خيال ۾ هتي جو چي گويرا هو هي شايد عقل جو سادو انسان هو. هن کي جن سياسي گهيري ۾ آندو هو اهي ظاهري سرخ جهنڊي وارا هئا پر هنن جا روحاني رشتا سرڪار سان بہ هوندا هئا. انهن هن کي غلط راهہ ڏيکاري جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو هي جوڙو جوان لانگ بوٽ وارا ڀهاري ڪٽي ويا. هن تي ڪيترا ڏينهن ظلم تشدد ڪندا رهيا جنهن ۾ هي شهيد ٿي ويو. نقلي سرخا گم رهيا انهن هن جي ڪا بہ پوئيواري نہ ڪئي.تشدد بعد نذير عباسي کي نيوي جي الشفا اسپتال ۾ ڪٽي ويا هئا. اتي ڊاڪٽر کي چيو ويو تہ هي مريض آهي هن جو علاج ڪريو. ڊاڪٽر چيو تہ هي بيمار تہ فوت ٿي چڪو آهي. هن کان اڳ شهيد حسن ناصر بہ لاهور جي قلع ۾ هڪ عذاب گهر ۾ ڪاري نانگ کان ڏنگائي ماريو ويو هو جنهن جي قبر جي بہ خبر نہ آهي. سڙدار عطاالله مينگل جو جوان پٽ اسد مينگل بہ ڪراچي ۾ رستي ويندي گوليون هڻي ماريو ويو هو. ان جي لاش جو بہ پتو ڪونهي. سنڌ جا باضمير شهيد نذير عباسي کي ڪو نہ وساريندا. سيد سبط حسن دهلي ۾ فوت ٿيو هو. ان جي آخري رسم ۾ آءُ ۽ ڪامريڊ غلام رسول سهتو بہ گڏجي ويا هئاسون ميت سان سخي حسنؒ قبرستان ۾ بہ وياسون اتي سهتي شهيد نذير عباسي جي قبر ڏيکاري، مون اتي سلام ڪيو. دعا پڙهي.

ڊاڪٽر عامر عباس سومرو

پاڪستان جي ٺهڻ کان وٺي اڄ رنگ مان ڪارو رنگ بدلائيندڙ سامراجيت ملڪ مان اٿندڙ حق ۽ صداقت جي هر آواز کي خاموش ڪندا آيا آهن. جيئن تہ اهي آواز سنڌ صوبي مان ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اٿيا آهن. تنهن ڪري سنڌ پوڳيو بہ گهڻو آهي.

هوشو، هيمون، بلاول ۽ الله بخش سومري کان وٺي نوڙهي قاتڪ جي

شهيدن تائين سنڌ ڏرتي رتورت ٿيل آهي. سنڌ جو هر زخم هڪ درد ناڪ داستان رکي ٿو. سنڌ پنهنجا ٻچا کهائي به حق جو آواز اڄ به ڏئي رهي آهي. پر انصاف اڄ به ڪوهين پري آهي. انصاف جي انڌي هجڻ لاءِ ته ٻڌو هئو پر انصاف ٻوڙو به هوندو آهي اهو هن مملڪت خداداد پاڪستان ۾ ورهين ڪان ڏسندا ٿا اچون.

هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ سنڌي وزيراعظم کي ڦاهي تي چاڙهيو ويو پر هڪ سچي ڪيس جا جوابدار اڄ به زندگي جا مزا پيا ماڻين. اهڙو ئي هڪ genuine ڪيس آهي. شهيد نذير عباسي جو جنهن کي ضيا آمريت جي دؤر ۾ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ زندان جي پٽين پويان اڇلايو ويو.

هي 1980ع جي ڳالهه آهي جڏهن ملڪ تي جمهوري حڪومت کي تاراج ڪري جنرل ضيا نالي هڪ شخص تاريخ جي بدترين آمر جي حيثيت ۾ پنهنجو نالو لکرايو. انهن ڏينهن ۾ مان سکر پبلڪ اسڪول ۾ پرائمري تعليم پرائي رهيو هوس. موڪلن دوران جڏهن مان.شڪارپور پنهنجي شهر ايندو هيس ته شهر جي پٽ پٽ تي لکيل نعرو پڙهندو هئس ته شهيد نذير عباسي جي قاتلن کي ڦاهي ڏيو. شهيد نذير عباسي ڪير هئو ۽ ڪيس ڪنهن مارايو ۽ ڇو ماريو مون کي نه ان جي ڄاڻ هئي ۽ نه ئي شعور پر جڏهن وقت گذرڻ سان گڏ مان پرائمري مان سيڪنڊري ۽ سيڪنڊري مان ڪاليج تائين پهتس ته عملي سياست ۾ پڻ حصو وٺڻ شروع ڪيو. شعور جون منزلون پڻ طع ڪندو رهيس ته معلوم ٿيو ته شهيد نذير عباسي ڪنهن هڪ فرد جو نه پر هڪ شعور جو نالو هئو. جنهن کي ننڍن قومن جا حق ڦٻائيندڙ نام نهاد مذهبي ۽ فاشسٽ ٽولي هميشه هميشه لاءِ جدا ڪري ڇڏيو ته جيئن ئي محڪوم ۽ محروم عوام جي ترجماني ڪندي مسڪين راحت ۽ خوشحاليءَ جا خواب جيڪي هن ڏٺا هئا سي پورا نه ٿين.

هڪ ڏينهن اچانڪ ايڏي وارا هن جي گهر واري حميده گهانگهرو کي اطلاع ٿا ڏين ته هن جو مڙس نذير عباسي جيل ۾ مري ويو ۽ جنهن جي لاش کي هو دفنائي چڪا هئا. هڪ ننڍڙي نينگريءَ جي ماءُ حميده گهانگهرو سخي حسن ۾ دفن پنهنجي مڙس جي موت ۽ بيوهه ٿيڻ جي صدمي سان بي حال ٿي وئي اهو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن ۽ اڄ جو ڏينهن اڄ تائين قانون ۽ انصاف لاءِ واجهائي رهي آهي.

وقت جي اثرات پٽين تان اهي نعره پهريان جهڪا پوءِ وري صفا مٽائي ڇڏيا. سندس نالي تي سياست ڪندڙ ۽ نالي کي ڪيش ڪرائيندڙ مراعات وٺي ويهي رهيا آهن. شهيد نذير عباسي جا نعره لڳندڙ پناڻ ڪامريڊ پڻ ڪناره ڪش ٿي چڪو آهي. سندس اڪيلي نشاني (ڌيءُ) موتيا پڻ شادي ڪري پنهنجي گهر وڃي چڪي آهي. اسٽيل مل جي ٽائون شپ جي هڪ ننڍڙي فليٽ ۾ رهندڙ اسٽيل مل جي ظالمانه پاليسين جو شڪار ۽ شوگر جي موذي مرض سان ويڙهه ڪندڙ سندس وني حميده گهانگهرو رات جي سمهڻ مهل بلب ته وسائيندي آهي پر هن جي من ۾ اميد جو ڏيئو

اڄ بہ روشن آهي. اهو نہ ڪڏهن وساميو آهي نہ ئي ڪڏهن جهڪو ٿيو آهي. انصاف لاءِ عدالتن جا در ڪڙڪائي ڪڙڪائي هن جا هٿ زخمي ٿي چڪا آهن. پر انصاف ملي تہ ڪيئن ملي. جڏهن انصاف ڏيندڙ ججن جي قلم ۾ پيل مس بہ ڪيس مليل رشوت جي پئسن جي هجي. پاڪستان ۾ وڃي بہ رڳو انصاف وارو ادارو بچيو هو جيڪا اميد جي آخري ڪرڻ هئي. پر ان اداري جي ڪرسين تي ويٺل ڪارا ڳائون پاتل پيرسن ۽ معزز جج روز پنهنجي هٿن سان ڪئين ڪيسن کي پنهنجي پوتر هٿن سان ڪهن ٿا.

پي پي جي دور ۾ بينظير پٽو ڪجهہ قدم کنيا پر حميده گهانگهرو کي انصاف ڏيارڻ لاءِ نہ بلڪ ان ڪيس جي مک جوابدار برگيڊيئر امتياز کي دٻاءُ وجهڻ لاءِ هو پر ڪنهن نامعلوم سبب جي ڪري ان ڪيس کي بہ دٻايو ويو.

اهو ٽين دنيا جو الميو آهي جو آمرن جي جبر ۽ ڏاڍاين جو ازالو ۽ حساب بعد ۾ ايندڙ جمهوري قوتون بہ نہ ڪري سگهنديون. سوئيڪارنو جي ڌيءُ ميگاوتي اڪينو جي زال ڪورازون پٽو جي ڌيءُ بينظير ۽ مجيب جي ڌيءُ حسينہ تمام گهڻو طاقت هوندي بہ آمرن ۽ انهن جي ڇاڙتن جو ڪجهہ بہ نہ بگاڙي سگهيون تہ وچين طبقي جي ۽ سموري زندگي جدوجهد ڪندڙ ويچاري حميده گهانگهرو ڇا ٿي ڪري سگهي. پر پوءِ بہ ڇا ڇئجي ان جي همت کي جو هن ڪڏهن بہ آڻ مڃڻ ناهي سکي. پنهنجي مستقبل جي باري ۾ فڪرمند شهيد جي بيوهہ اڄ بہ ان ڳالهہ ۾ پختو ايمان رکي ٿي تہ ناانصافي، ظلم ۽ ڏاڍ جي هن سڪل ٻيٽ تي آخر انصاف جي سنڌو چوليون هڻندي. جنهن جي سر سبز ڪناري هن جو نذير مرڪندي چوندو:

تون لڙڪ نہ وهائجان او ساٿي
اونداهہ ۾ روشني جي ڪرڻ لاءِ
هڪ شمع جلاءِ جان او ساٿي
مان پروانو بڻجي ايندس وري
۽ عشق ونن ۾ سرشار ٿي
وري پاڻ ملهائيندس او ساٿي

راڪاس جي رات

شفاعت گهانگهرو

مان ننڍي هوندي کان ٻڌندو هئس راڪاس ايندو لڪي وڃو وغيره وغيره. پر هڪ رات آخر راڪاس آيو. 9 آگسٽ اها ڪاري رات هئي جنهن اسان کان پشم جهڙو انسان کسي ورتو. بي بي سي تي خبرون پيا ٻڌون. امان الائي ڇو بيچين هئي شايد مائرن کي اڳ ئي خبر پوندي آهي. آخر اهي لفظ ٻڌڻ ۾ آيا تہ اسان جي منزل جو هي

پانڊيئڙو اسان کان الڳ ڪيو ويو. يعني نذير عباسي ٽاچر دوران گذاري ويو. مان بي ساخته رڙيون ڪرڻ لڳس. اسان جي گهر ۾ ماتم ٿي ويو. ٿوري دير ۾ گهر جي چوگرد شهر جا ماڻهو جمع ٿي ويا. ڇا ٿيو ڪيئن ٿيو. هر هڪ جي زبان تي سوال هئا. مان ان وقت ڏاڍي بي بسيءَ جي حالت ۾ جسم کي بلڪل سن پئي محسوس ڪيو. صبح سان آخر ٿورو هوش سنڀالي ڪراچي لاءِ روانو ٿيم. منهنجي لاءِ ٽرين جو سفر ڏاڍو اٽانگو هئو. هڪ ان لاءِ ته مان پنهنجي هيري جهڙي انسان جي جدائي جي تصديق ڪرڻ پيو وڃان بيو اهو ته جڏهن منهنجي ننڍي ڀيڻ حميده هڪ سفيد لباس ۾ منهنجي اڳيان ايندي موتيه منهنجي جهول ۾ ڏئي چوندي ته مان اڄ اڪيلي ٿي ويم. معاشري ۾ بيوهه ٿي ويم. ته اهو صدمو ڪيئن برداشت ڪندس. گوليمار (ڪراچي) نذير جي ڀيڻ ادي حسينه وٽ پهتس ته خبر پئي حميده ڀيڻ کي نذير جون ماسيون (جيڪي بلوچ آهن) ۽ امڙ اسپتال وٺي ويون آهن اسپتال جي ڪا خبر نه هئي ڇاڪاڻ جو سي آءِ ڊي وارا ڪتن وانگر نوس نوس پيا ڪن. مان ڏاڍي مٺل حالت ۾ انتظار پئي ڪيو. شام ٿي منهنجي ڀيڻ کي ماسيون هٿن مان وٺي پئي آيون. ڀيڻ حميده تمام گهڻو نڍهال ٿي چڪي هئي هن جو ڳلو ڇڙ بند ٿي چڪو هئو. اکين ۾ نفرت ۽ هڪ سوال اسان سڀني کي هن ڏانهن متوجهه پيو ڪري. اهو اهو ته منهنجو مڙس مري ناهي ويو. هو شهيد آهي. تمام گهڻو حوصلو ڏيڻ جي باوجود به هن جو جسم بي جان هئو. مان رڙيون ڪري ڀيڻ سان مليم. مون کي صرف ٿورو ڇهري کي لوڏي اشارو ڪيائين ته چپ ڪر. مون کي چپ ڪرائي، پاڻ تمام گهڻو روئڻ لڳي. ايترو رني جو مون کي پوءِ سنڌونديءَ جو پاڻي به گهٽ محسوس ٿيو. موتيا جيڪا هڪ سال جي هئي ماءُ جي منهن ۾ پئي ڏٺو ۽ منهن تي هٿ پئي ڦيريائين. ادا نذير جون ڀينر ادي زرينه، پاءُ رشيد، ادي حسينه ادا رمضان شاهه. ماسيون سڀ هن جي چوڌرد هجن ۽ اهو يقين ڏيارين پيا ته تون اسان جي خاندان جي عزت آهين. پاڻ کي اڪيلو نه سمجهه. ۽ اهڙي نموني انگور جو ٿورو ٿورو رس حميده ڀيڻ جي وات ۾ وجهي پياريائونس پئي. آخر ۾ سڀني اهو فيصلو ڪيو ته شهيد جي زال بيوهه ناهي هوندي حميده ڀيڻ اڇي رئي پائڻ کان انڪار ڪيو. ڏهاڳ جي اڇي رئي کي ڪفن سمجهي ڪاري پٽي متي سان ٻڌي مون سان هلي آئي. سکر ايڪسپريس ۾ سڄي رات اسان ٻئي پاءُ ڀيڻ جاڳون پيا. سفر ۾ مان بي ساخته ماڻهن کي چوان پيو ته نذير عباسي کي شهيد ڪيو ويو آهي. منهنجي اها جنون جي ڪيفيت هئي. يا تڪليف جو اظهار سمجهه ۾ نه پيو اچي. پاڻ جتي پنهنجي ڀينرن جون ڏوليون سجائي رخصت ڪندا آهن. اتي منهنجي ڀيڻ بيوهه ٿي مون سان گڏ اچي پئي.

مرحوم حسن حميدي (شاعر وڪيل جنهن ادا نذير تي جرم آگهي لکيو) ۽ رڪن دين قاسمي ڀيڻ کي پاڻ وٽ رهايو. هن جي تحفظ جي ضمانت ڏني. ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ مون کي فيض پاءُ فون ڪيو ته حميده کي موڪليو بئريسٽر ودود

ڪيس داخل ڪندو. 17 آگسٽ تي آمر جنرل ضيا خلاف حميده پيڻ سڏو سنئون ڪيس داخل ڪيو. فيض پاءُ جو چوڻ آهي ته مان ۽ حميده پيڻ جڏهن بئريسٽر ودود وٽ انيس هاشمي ۽ اختر ايڊووڪيٽ سان بحث پيا ڪيون ته تمام گهٽي انٽيليجنس وارن گهيراءُ ڪيو پر همت ۽ حوصلي سان هڪ سوڙهي گهٽيءَ مان نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين ۽ اسان جو ڪيس داخل ٿيو ڪلهه جي عدالت ۾ داخل ڪيل ڪيس اڄ ضمير جي عدالت ۾ داخل آهي. ان ڪري جو مان ان راڪاس جي رات کي ڪڏهن به نه وساريندس. جڏهن منهنجي پياري پيٽيوي، هڪ سچي ۽ بهادر انسان کي ڇيچلائي ماريو ويو ۽ موت کي امرت سمجهي پيئڻ وارو انسان جڏهن صبح ٿيندي ظاهر ٿيو ته شهيد نذير عباسي جي گونجار سان سندس استقبال ٿيو. سڄو سال شهيد نذير عباسي جي گونجار تاريخ جي ورق ۾ جهنجهوڙيندڙ آواز آهي. اهو آواز ڪڏهن به ختم ٿيندڙ ناهي. پلي اها راڪاس جي رات اسان کي جهوري ڇڏيندي آهي پر تڏهن به نذير جو آواز ختم نه ٿيندو اسان اسان جو نسل سنڌ جي تاريخ ان نانءَ کي پنهنجي سيني ۾ هميشه سانديندي.

سرفراز ميمڻ

(سابق نائب صدر ايس اين ايس ايف)

وقت جي ستمر ظريفي اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو آءُ پنهنجي مظلوم محسن ۽ دوست جي بي دردانه قتل کان نه صرف گهڻو عرصو بي خبر رهيس پر انتهائي بي بسيءَ جي حال ۾ هيس اڄ کان ڪجهه سال پهرين وطن کان هڪ اجنبي ديس ۾ جڏهن هڪ ساٿي جو خط مليو منهنجو ذهن ساڪت ۽ اکيون پٿيل ٿي رهجي ويون. اها نومبر 1980ع جي آخري هفتي جي ڳالهه آهي. ڊاڪٽر امير لکيو ڇا توکي خبر ناهي ته هتي کهڙي قيامت گذري چڪي آهي. نذير کي ماريو ويو آهي. منهنجو يار نذير عباسي به انهن ماڻهن مان هڪ هيو جنهن پنهنجي جواني جا 13 سال هڪ عظيم آدرش جي لاءِ وڙهندي گذاريا ۽ ان ئي راهه ۾ پنهنجي جان تائين گذاري ويو. مذهبي جنون يا جذبات ۾ ڪجهه ڪري وڃڻ آسان آهي پر عقل، شعور ۽ دانشمنديءَ سان هڪ عظيم آدرش خاطر پنهنجو پاڻ قربان ڪري ڇڏڻ هڪ تمام وڏو ڪارنامو آهي. تمام ٿورا اهڙا ماڻهو ملندا. جيڪي شهرت سهندي ذاتي مفاد ۽ شخصي انا جهڙين فطري انساني ڪمزورين کان بالاتر ٿي هڪ طويل اعصاب شڪن ۽ صبر آزما جدوجهد ۾ ڊسيپلين، سنجيدگي ۽ ثابت قدمي جو مظاهرو ڪندا هجن. نذير عباسي جي زندگي سان واقفيت رکڻ وارن کي معلوم آهي ته اهي سڀ خوبيون هن ۾ موجود هيون.

لياقت عزيز

ٽيچرس رابطہ ڪاميٽيءَ جو مرڪزي اڳواڻ

شهيد نذير عباسي ترقي پسند تحريڪ جو سچو ساٿي هو. هن پنهنجي جان انهي مقصد لاءِ ڏني، جنهن مقصد لاءِ سڄي دنيا جا سرويچ ساٿي جدوجهد ڪري رهيا آهن تہ دنيا ۾ اهڙو منصفانہ سماج اڏجي جنهن ۾ انسان، انسان جو محتاج نہ هجي، نذير عباسي ماڪيءَ ڪان منڙو ۽ هماليہ پهاڙ وانگر مضبوط هو. هن سان گڏ گهاريل گهڙيون منهنجي زندگي جو سرمايو آهن. سنڌ جي نوجوانن کي نذير عباسي جي راهہ تي هلي اهو ثابت ڪرڻ گهرجي تہ هيءَ ڌرتي اجا بهادرن، سرويچن، کان سنڌ نہ ٿي آهي، پل اها ماءُ مرڪي جنهن سنڌڙي کي نذير عباسي شهيد ڏنو. نذير عباسيءَ جي جوڀن گهارڻ متعلق هي چوندس. هن جي رهڻي ڪهڻي ڇڻ سادي ۽ سچ جي سونهن هئي جنهن جي من ۾ بيائي نہ هئي.

محمد ابراهيم جويو

نذير عباسيءَ سان منهنجي ذاتي واقفيت نہ رهي آئون نٿو پانيان تہ ڪا منهنجي سندس سان ڪا ويجهي ملاقات ٿي هجي. سندس ڪم بابت ٻڌندو رهندو هيس هي انهن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهندو ۽ ڪم ڪندو هيو. نذير سياسي ڪمن ۽ انقلابي جدوجهد جي رستي باهمت نوجوان هو، هن پنهنجي مقصد لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو ايتري تائين جو مقصد خاطر زندگي وقف ڪري ڇڏيائين ۽ ظاهر آهي اعليٰ ڪان اعليٰ ڪردار پنهنجي قوم ۽ عوام جي ڀلائيءَ ۾ اهو ئي ڪجهہ ڪري سگهي ٿو. جڏهن نذير کي تارچر ڏئي شهيد ڪيو ويو تہ ان وقت نذير جي شهادت مون تي ايڏو اثر ڪيو جو مون سندس فوٽو ڳولي هٿ ڪيو ۽ سندس تصوير کي ڏسندو رهيس ڇو تہ هو منهنجي آڏو هڪ مثالي نوجوان هيو. اسان جي معاشري ۾ انقلابي ڪم جي پڇاڻي سمجهڻ غلط ٿيندو، ڪم ۽ انقلابي جدوجهد جي ضرورت اڳ ڪان وڌيڪ آهي. پنهنجي سماج اندر محروم ۽ محبوب ماڻهن جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي دنيا ۾ ماڻهو کهڙيون بہ ڳالهيون ڪن ۽ اهي ڪيترو بہ چون تہ مارڪسزم جو دور ختم ٿي ويو، مگر اسان تہ اڃان بہ غلاميءَ ۽ مجبوريءَ واري زندگي گذاري رهيا آهيون. پنهنجي سماج تي نظر ٿا وجهون تہ اسان اجا دنيا جي مقابلي ۾ تمام گهڻو پوئتي پيل آهيون.

اسان وٽ تہ اڄ بہ پيرن، ميرن ۽ وڏيرن جو ظلم موجود آهي. اميري ۽ غريبي جو فرق اڄ بہ موجود آهي. ان لاءِ اسان ڇا ڪري سگهيا آهيون. ٿريو سو ٿريو ماريو سو ماريو. آخر ۾ اهو تہ نذير عباسيءَ جي زندگيءَ جا واقعا لکٽيون يادگيريون

محفوظ ڪري سگهو تہ اهي ڪيو، بيو تہ اڄ بہ اساتِ ڪي سمجهڻ گهرجي تہ نذير عباسي پنهنجي دور جو فرض پورو ڪري ويو ۽ هاڻي اسان جي نوجوانن ڪي پنهنجي دور جو فرض پورو ڪرڻو آهي، انتهائي ذميواري سان ڪم ڪرڻ گهرجي هي رستو تڪليف جو رستو ضرور آهي پر نراس نہ هئڻ گهرجي. چڱائي جو سفر بيو آهي جيڪو اسان کي ڪرڻو آهي.

زبيده گهانگهرو

صدر پ ت الف ليڊيز (سکر دويزن)

ڪڏهن ڪڏهن ذهن جي پيڙا جسم جي پيڙا کان بہ وڌ خطرناڪ ٿيندي آهي. مان ماضي جون اهي يادون ڪڏهن بہ ناهيان وساري سگهي جيڪي خوبصورت يا ان سان گڏوگڏ منهنجي زندگيءَ جو سرمايو آهن. 1975ع جي ڳالهہ آهي مان ۽ منهنجي نندي ڀيڻ حميده پنهنجي جدوجهد جو آغاز اسڪول ۾ ڪاليج جي مطالبي کان شروع ڪيو ۽ جيل وڃڻو پيو. نارا جيل ۾ منهنجي ڀيڻ جا نخرا نرالا هئا. هو انهي مهل بردبار شاگرد ليڊر جي روپ ۾ ظاهر ٿي چڪي هئي پر جيل ۾ منهنجي نندي ڀيڻ هئڻ ڪري سندس فرمائشون ساڀيون ٿي هيون. وقت گذرندو ويو. 1978ع ۾ اسان جي شادي بہ گڏ ٿي هئي. هوءَ رخصت ٿي ڪراچي وئي ۽ مان سکر اسان الڳ هئڻ باوجود بہ جڙ گڏ آهيون. مان هن کي هميشہ مسڪرائيندي، ضدي ۽ ننر ڏنو پر هڪ ڏينهن هيءَ ڏاڍي زخمي ٿي پئي چڪنا چور ذهن کي سميٽي سکر پهتي اها هئي 9 آگسٽ جي اها بدنصيب شام جڏهن اسان کان ماڪيءَ کان بہ منڙو اسان جو ساٿي منهنجو پائرن وانگر پيٺيو نذير عباسي هن دنيا کي جسماني طور الوداع چئي روحاني طور هميشہ لاءِ امر بڻجي ويو.

ادا نذير جي جڏهن بہ ياد ايندي آهي تہ جسم بلڪل سن ٿي ويندو آهي. منهنجا ٻار سمجهي ويندا آهن ۽ منهنجون ڏيئر ڪا مٽي کي زور ڏيندي ڪا هٿن پيرن کي پرمان انهن کي ڇا بڌايان تہ جيڪا پيڙا هن مهل مون کي ٿي رهي آهي انهي درد جو علاج توهان وٽ ڪونهي. مان پنهنجي هن منڙي ساٿي لاءِ اهي چند گهڙيون سرمايو سمجهندي آهيان ۽ پوءِ جڏهن هونش ايندو آهي تہ هن امر انسان جي ڪردار کي هميشہ لاءِ زنده سمجهي پنهنجي درد کي مايوسي ۽ ڪفر سمجهندي اهو عهد ڪندي آهيان تہ ادا نذير توهان هميشہ زنده آهيو. اسان جي تہ ڇا اسان جي هزارها ايندڙ نسلن جي دلين ۾ زنده رهندؤ. جيستائين تاريخ جا ورق ڪير نٿو مٽائي سگهي نذير عباسي نٿو مري سگهي.

ڪامريڊ ڄام ساقي
ميمبر پولٽ بيورو ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان

انسان جي جسماني طاقت تہ محدود ٿي سگهي ٿي پر انسان جو حوصلو لامحدود هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو فوجي آمرن نذير جي جسماني جان تہ ضرور ورتي مگر هو نذير جي عزم ۽ حوصلي کي جهڪائڻ يا ڪمزور ڪرڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيا. قاتلن سمجهيو هو تہ هو نذير کي ختم ڪري شايد ان جي فڪر ۽ پارٽي کي ختم ڪري ڇڏيندا مگر اسان جي بهادر ساٿي نذير عباسي پنهنجي جان ڏيئي پنهنجي فڪر ۽ پارٽي کي تمام گهڻو مضبوط ڪيو. هن وقت تہ جمهوري آزاديون آهن مگر ضياء جي مارشل لا جو دور هڪ اونداهو دور هيو. چئنين طرفن کان وحشت ۽ درندگي هئي ان ڪاري دور ۾ فوجي قاتلن پوري پارٽي جو آپريشن ڪرڻ جي سازش ڪئي ۽ لاتعداد پارٽي اڳواڻ ۽ ڪارڪن گرفتار ٿيا فوجي قاتل سيني کي مارڻ چاهين پيا مگر نذير ديده دليريءَ سان فوجي ٽارچر ڪئمپ ۾ ويڙهہ ڪري موت کي سيني سان لڳائي دراصل سيني ساٿين کي بچائي ورتو. نذير جو قتل هڪ نڊر ۽ اڏي انقلابي ۽ ڪميونسٽ جو قتل هيو. نذير جي عظيم جدوجهد ۽ شاندار موت ڪارڪنن جا حوصلا بلند ڪري ڇڏيا. نذير جي شهادت ڪانپوءِ ڪُٺهن بہ پورهيت دشمن ۽ جمهوريت دشمن کيِ اِها جرئت ناهي تہ هو نذير جي شخصيت تي حملو ڪري سگهن ان ڪري هاڻي هو نذير جي پورهيت دوست فڪر تي حملو ڪري رهيا آهن. مگر اڄ نذير جو فڪر سنڌ جي هر نوجوان جو فڪر آهي اهو ئي سبب آهي جو نذير ۽ پورهيت طبقي جا دشمن سنڌ جي نوجوانن جي جاگيردار دشمن، فوج دشمن جدوجهد کي غلط رخ ڏيڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ ان صورتحال ۾ سنڌ جي نوجوانن جي ذميواري اڃا بہ گهڻي وڌي وڃي ٿي تہ هو انتهائي هوشياري سان پنهنجي جدوجهد جو حقيقي رخ برقرار رکندي قومي ۽ جمهوري حقن جي جدوجهد جو دفاع ڪندي سازش کي ناڪام بڻائين جنهن سان جمهوري عمل جي خاتمي ۽ فوجي آمريت جي اچڻ جا امڪان موجود هجن.

ڪامريڊ منصور احمد

سيڪريٽري ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان

جڏهن کان انسان شعور حاصل ڪيو آهي تڏهن کان حق ۽ ناحق جي وچ ۾ جنگ جاري آهي. باطل قوتن پنهنجي رستي تان هٽائڻ لاءِ انصاف پسند قوتن کي قتل ڪرڻ ۽ ڦاهي چاڙهڻ کان بہ نہ ڪيبايو آهي. اهو سلسلو ڪارل مارڪس جي هيرو کان وٺي نذير عباسي تائين هلندو پيو اچي. شهيد نذير عباسي مارشل لا خلاف، جمهوريت جي

بحالي ۽ پورهيت طبقي جي حقيقي خوشحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ مارشل لائي قوتن ڪيس شهيد ڪري ڇڏيو. بهرحال اها جدوجهد ملڪ اندر هلندي رهي ۽ 83-84ع ۾ عوام نيٺ پاڪستان جي مارشل لائي ٽولي ۽ سندس آقا کي مجبور ڪيو ته هو ملڪ اندر جمهوريت جي بحالي ۾ رڪاوٽ نه آڻي. اهڙي ريت ملڪ ۾ چونڊون ٿيون. پر اقتدار جي حقيقي منتقلي نه ٿي، اڄ ۾ عوام جي حق حڪمراني جي وڏي حصي تي مسلح ۽ غير مسلح نوڪر شاهي قبضو ڪيو ويٺي آهي. اڄ عوام اهو محسوس ڪري رهيو آهي ته ملڪ ۾ جمهوريت هلندي يا نه. جمهوري حڪومت خلاف ايڏا ته طوفان ڪڙا ڪيا ويا آهن جو جمهوري حڪومت نظر ئي ڪا نه پئي اچي. غير سياسي ۽ غير جمهوري قوتن هاڻي اهڙو طريقو اختيار ڪيو آهي. جيئن عوام خود پنهنجي حق حڪمرانيءَ تان هٿ کڻي ۽ مسلح نوڪر شاهي کي اقتدار عملي طور منتقل ڪرڻ جو مطالبو ڪري، ان ڪري اڄ وري شهيد نذير عباسي جي سوچ جي تسلسل وارن کي بهادريءَ سان اڳتي اچڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته مارشل لائي قوتن جهڙي نموني عوام کي تقسيم ڪري ويڙهائي ڇڏيو آهي. ان ۾ شهيد نذير عباسي جي پارٽي يعنيٰ ڪميونسٽ پارٽي ئي آهي، جيڪا عوام کي بيهر منظم ڪري سگهي ٿي. جنهن جي سياست بغير ڪنهن رنگ، نسل، ذات، مذهب، جنس ۽ قوم جي فرق واري آهي. شهيد نذير عباسي ڪنهن هڪڙي زبان يا قوم جو هيرو نه آهي. هي سموري ملڪ ۽ پوري دنيا جي انصاف پسند عوام جو هيرو آهي. شهيد نذير عباسي جو خون سڀني باشعور ماڻهن کي پڪاري چئي رهيو آهي ته مارشل لائي قوتن جي سياست جي چالبازين کان بچو ۽ محسوس ڪيو ته هر ڳڙ ٻڙ پويان اهي قوتون قومي حڪومت، 245 آرٽيڪل تحت اختيار گهرن ٿيون. هاڻي ته حد ٿي وئي آهي جو مرزا اسلم بيگ جي زال کان اپيل ڪرائي وئي آهي ته ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي وڃي. شهيد جو خون اسان لاءِ جدوجهد جي هڪ مشعل آهي. جيڪا ڪڏهن نه اجهامندي. ان واٽ تي هلڻ وارا هر روز وڌي رهيا آهن. اهي سڀ مارشل لائي قوتن خلاف فولادي ديوار بڻجي مقابلو ڪندا.

مير ٿيبو
ترقي پسند سياسي اڳواڻ
(ايس اين ايس ايف جو پهريون جنرل سيڪريٽري)

شهيد نذير عباسي آمريت هٿان جان قربان ڪري عوام سان سچائي جو لازوال ثبوت پيش ڪري ڇڏيو آهي. شهيد نذير سان منهنجي ملاقات جيل ۾ ٿي. نذير ٽنڊوالهيار جي مزدورن جي حقن واسطي سنڌن مزدور يونين ٺاهي هئي ۽ ان دوران سنڌ اندر هلچل به جاري هئي. جنهن ۾ هو پاڻ ڀرتو شامل ٿي جيل پهتو ۽ اهڙي طرح اسان سان سندس ملاقات جدوجهد جي هڪ موڙ تي ٿي، ۽ آخري پساهه تائين ان جاري

جدوجهد ۾ اسان جي قافلي جو حقيقي سرواڻ رهيو. نذير چاهہ پرستي ۽ ڏيکاءُ جو قائل نہ هو. سندس سادي زندگي جي ڪشش ڪارڪنن تي اڻ مٽ نقش ۽ تاثر ڇڏيندي هئي ۽ سندس ملاقات ڪارڪنن ۽ همدرد دوستن ۾ اتساهہ جاڳائيندي رهندي هئي. نذير معاشري جو حقيقي هيرو هيو. نذير پنهنجي آدرش جو سچو پوئلڳ هيو. ضيا آمريت جي ڪاري دور ۾ نذير سنڌ اندر جدوجهد جي چٽنگ هيو. جنهن کي پنيٽ تيڻ کان اڳ فاشسٽن وسائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي هئي. مون کي نذير جي رفاقت تي فخر ۽ نذير سان گذاريل جدوجهد جي عرصي کي پنهنجي زندگي جو قيمتي سرمايو تصور ڪريان ٿو ۽ سمجهان ٿو تہ نذير شهيد اڄ بہ زندهہ آهي پنهنجي آدرشن جي صورت ۾.

ايوب لغاري
(اڳوڻو جنرل سيڪريٽري سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن)

"سکر سيئي ڏينهن جي مون گهاريا بند ۾" اڄ کان سڄا سارا نو سال اڳ جي ڳالهہ آهي، ملڪ اوندهہ انڌوڪار ۾ وڪوڙيل هو، هر طرف هڪ ٻاٽ هئي، چپن تي تالا ذهنن تي تالا هئا. آمر جنرل ضياالحق پنهنجي وردي ۾ ريڊيو ۽ ٽيلي ويزن ذريعي عوام کي اسلام ۽ اسلامي نظام جون خوشخبريون ٻڌائي رهيو هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ هن آمر هن ملڪ کي فتح ڪيو آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي هي آمر ڦاسي ڏيئي چڪو هو. پاڪستان جي سياسي مارشل لا ۾ رت جي قربانيءَ جي ابتدا ٿي وئي هئي. هڪ طوفان هو جيڪو عوام جي دلين ۾ اٿڻ جي ابتدا ڪري رهيو هو. اخباري دنيا بہ عجيب دنيا آهي. صحافي سياستدان نہ هوندي بہ سياست جي ويجهو هوندا آهن. سياستدانن جي ڏکن سورن واري جدوجهد جا واقعاتي مورخ هوندا آهن. انهي ڏينهن جي هڪ اونداهي رات هلال پاڪستان ۾ ٽيبل تي ويهي خبرن جي ڪانٽ ڇانٽ ۾ مصروف هئس. اخباري دنيا ۾ هي خبر مشهور هئي تہ ڄام ساقي کي ڦاسي جي سزا ملڻ واري آهي. هڪ همدرد جي حيثيت ۾ هڪ خاموش ساٿي وانگر هر وقت ايندڙ خبر کي خير جي خبر سمجهڻ لاءِ دل دعا پئي گهرندي هئي. سڄو ذهن ڄام جي سزا طرف ويل هو تہ اوچتو هڪ ڏينهن هڪ ٻي منحوس خبر ملي وئي پي پي آءِ پاران ڏنل انن لائينن واري خبر ۾ ڄاڻايو ويو تہ نذير عباسي گذاري ويو آهي. اکين اڳيان اوندهہ اچي وئي. ڪجهہ نہ. پيو نظر اچي پر صحافي لاءِ ضروري آهي تہ هو حالتن کان گهڻ ۾ گهڻ متاثر ٿيئي جيڪڏهن هو حالتن جي اثرات جو شڪار ٿي ويو تہ پوءِ هو پنهنجا صحافتي فرض پورا ڪري نہ سگهندو آهي. خبر کي خاموشي سان پڙهي سنڌي ۾ ترجمو ڪري، خبر کي ڦٽو ڪرڻ بجاءِ سنڀالي رکيم. گهر اچي موٽي سوچڻ لڳس ڇا واقعي نذير وڇڙي ويو. مون نذير سان گڏ ڪجهہ عرصو جيل ۾ بہ گهاريو هو. سينٽرل جيل حيدرآباد جي رات اکين آڏو تري آئي. جڏهن دوست سنڌي لسٽن

واري جدوجهد ۾ بند هئا. تن ڏينهن هڪ اونداهي رات نذير دوستن جي بي حد اصرار تي سريلي انداز ۾ ڳايو هو"چل اڙ جا ري پنڇي ڪي اب يہ ديس هوا بيگانا" رات مون بہ پاڻ کي حيدرآباد جيل ۾ ساڳي ڪوٺي ۾ محسوس ڪيو. مان اڪيلو هئس. نذير وڃي چڪو آهي.

اسرار خان روهڙي سيمينٽ فيڪٽري

منهنجي پيڻ حميده جڏهن چيو تہ نذير تي ڪتاب ٿا ڇپرايون توهان تاثر ڏيو تہ منهنجي لاءِ ڏکيو ڪم اهو ٿي هئو تہ مان ڇا لکان ۽ ڇا ڇوان. پهريان پنهنجو پاڻ کي حوصلو ڏنو، همٿ ڪيم. منهنجي لاءِ صرف نذير جو مسئلو نہ هئو پر حميده ۽ زرقا جون يادون بہ هيون. اسان حميده کي ان وقت کان ڪيئن جهرندي ڏٺو آهي. زرقا ڪيئن وڏي ٿي بهرحال اهو مسئلو الڳ ٿا ڪريون پر هن وقت نذير جي لاءِ لکڻ ضروري آهي. منهنجي هن محبوب ساٿي منهنجي ڀاءُ سان پارٽي جي وابسطگي کان الڳ هڪ گهرو رشتو بہ هئو.

هن ماڻهوءَ جي پارٽي سان سچائي اسان جي لکڻ جي محتاج ناهي ڇاڪاڻ جو اسان ڇئون تہ هي ماڻهو هيئن هئو يا هونئن هئو اها تاريخ لاءِ ڪا نئين ڳالهہ ناهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي خون جي هر ذري تي هتان جي مزدورن، هارين ۽ پورهيتن جي حق جو نعرو هڻي هن ڌرتي کي نئون جنم ڏئي .ويو ان لاءِ لکڻ ناڪافي آهي. بس ايترو چوندس تہ جيڪڏهن اسان هن جي ياد ۾ هن جي ڌيءَ زرقا کي صرف سنڀالي رکيوسين تہ اها اسان لاءِ وڏي نعمت ۽ تاريخي سرمايو هوندو. نذير عباسي شاگردن، هارين ۽ مزدورن جو اڳواڻ هئو. تاحيات هي نعرو بلند رهندو. نذير عباسي کي اڄ بہ اسان پنهنجي منزل جو اڳواڻ سمجهون ٿا. نذير عباسي سخي حسن جي خاموش آرامگاهہ ۾ اسان جي لاءِ جهنجوڙيندڙ آواز آهي جيڪو پڪار بنجي هميشہ امر رهندو.

طفيل مگسي

نذير عباسي روپلي ڪولهيءَ جو روپ، بلاول جي مات ڏنل عذاب گهر کي ڀيهر مات ڏيندڙ، مارڪس ۽ شهيد شاهہ عنايت جي سماج وادي فلسفي جو پرچارڪ دودي دولهہ ۽ هوشوءَ کان ميدان جنگ مان انقلابي مشعل کي برندو وٺي ايندڙ، لينن، مارڪس، جوليس فيوچڪ، هوچي منهہ، نگوين وان تروئي جي ڪنيل وکن کان اڳتي وڌي ويندڙ. اسان کان ڪراچيءَ ٽارچر ڪئمپ ۾ 29 جولاءِ 1980ع کان 9 آگسٽ 1980ع جي ڀاڱ اونداهي جي ڪاري ڏينهن تائين مسلسل 10 ڏينهن استحصالي

طبقن جي آقائن کان تشدد جي تربيت ورتل تارا مسيحن ۽ تاريخ جي اجايل ۽ بابن کي دهرائيندي، ڦري ورتو. جنهن جي ريٽي رت جا ڦڙا ڦڙا اڄ بہ ٿارجر سيل جي ميوزم ۾ رکيل اوزارن سان ڳڙي رهيا آهن. ديوارون رت ۾ وهنتل آهن. ديوارن ۽ تشدد جي اوزارن تان اڻ سڪل رت جي جيڪا خوشبوءِ زندانن جي وٿين مان اڏري پنهنجن ساٿين تائين رسي پنهنجي ساٿين کي مايوسين ۽ گهبراهٽ جي ڪن ۾ ڏڪي ڏيڻ جي بدران فولادي حوصلا بخشيا ۽ انهن حوصلن سان جبر جي هماليا کي زرا زرا ڪرڻ واسطي وڏيڪ تيزي سان وڌڻ لڳا آهن.

مدد علي سنڌي

(ناميارو اديب ۽ صحافي):-

نذير عباسي، حسن ناصر ۽ ان جهڙا شهيد وطن. جيڪي هڪ مقصد لاءِ موت کي ڳلي سان لڳائيندا آهن. اهڙن ئي ماڻهن جي حياتيءَ بابت جڏهن سوچيندو آهيان تہ ڪڏهن محسوس ڪندو آهيان تہ ڇا انهن ماڻهن جي حياتي اجائي وئي يا انهن ماڻهن پنهنجي حياتي جو نذرانو ڏيئي ڪو مقصد ماڻي ورتو؟ هيءَ زندگي جي سونهن، آسائشون جيڪي وري ڪڏهن ملي نہ سگهنديون هڪ مقصد لاءِ قربان ڪرڻ پويان ڪهڙو راز سمايل آهي؟ يقينن ڪوئي ان جي پٺيان جذبو اهڙو ضرور آهي، جيڪو ڏاڍ ۽ جبر خلاف لڙڻ جي ڪا ئي قوت ضرور عطا ڪري ٿو. پوءِ اهو جذبو ۽ شڪتي ڪهڙي آهي؟ جنهن تاريخ جي هر دور ۾ ڏاڍ ۽ جبر سان لڙائي لڙندڙ کي سگهہ عطا ڪئي؟ تہ ان جو جواب اهو آهي تہ هر دور ۾ اهو جذبو جهونگار ماڻهن کان پرائيندو رهندو آهي.

ڏني بخش سمون

صدر پيپلز ورڪر يونين پاڪستان اسٽيل ملز ڪراچي

شهيد نذير عباسي هڪ عظيم انسان هو. جنهن ۾ مڪمل طور تي انسانيت جي خدمت جو جذبو هو. هڪ تہ هن پنهنجي زندگي ۾ ڪڏهن بہ هار نہ مڃي ۽ انسانيت جي خدمت ڪندي موت کي ڳلي لڳايو ۽ شهيد جو رتبو حاصل ڪيو. شهيد ڪڏهن بہ مرندو ناهي اڄ بہ انهي جو نالو هميشہ سونهري اکرن سان لکيو ويندو ۽ سهڻن لفظن سان پڙهيو ويندو. شهيد نذير عباسي هڪ هيري جي مثل هيو. اڄ بہ اسان کي اهو ڏينهن ياد آهي جنهن ڏينهن هن ظالم سماج اسان کان هڪ سٺو انقلابي ليڊر خلوص دل سان انسانيت جي خدمت ڪندڙ اسان کان جدا ڪيو ۽ اسان کي هميشہ اسان جي دلين ۾ ياد رهندو.

شهيد جي خدمتن ۽ محنتن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. شهيد نذير

عباسي کي ظالمن جابر حڪمرانن ظلم ڪري تشدد ڪري اذيتون ڏئي ان جي آواز کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ظالم حڪمرانن وقت به وقت پنهنجي حقن لاءِ ظلم جي خلاف جدوجهد ڪرڻ وارن سپوتن کي شهيد ڪيو پر انهن جا پوئلڳ اڄ به انهن جي نقش قدم تي هلن ٿا ۽ هلندا رهندا جيستائين ڪي ظالم ڪنهن انجام تي نٿا پهچن ۽ انهن ظالمن سان انهن جي ظلم جو جيستائين حساب نه ورتو ويندو جدوجهد جاري رهندي. اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ جيڪو به ڊڪٽيٽر ۽ ظالم حڪمران آيو آهي ان قانون کي پنهنجي فوجي بوٽن هيٺان رکي ۽ پنهنجو من پسند قانون رائج ڪندا آهن ۽ جڏهن کان پاڪستان ٺهيو آهي تڏهن کان هن ملڪ ۾ وڏيڪ عرصو حڪومت ظالم ڊڪٽيٽرن ۽ فوجي جنتا جي رهي آهي ۽ جيڪڏهن ڪا جمهوري حڪومت به آئي ته ان کي به انهن ظالمن هلڻ نه ڏنو. هن وقت اسان جي ملڪ کي هڪ انقلابي جمهوري حڪومت جي سخت ضرورت آهي ڇ اسان پاڪستانين کي کپي ته ان طرف توجهه ڏيون. پنهنجي حقن جي لاءِ پنهنجن شهيدن جي خون جي قطري قطري جو حساب وٺون ۽ پنهنجي حقن وٺڻ لاءِ پلي سوليءَ تي چاڙهيو وڃي ته ان موت کي به پليڪار چئون.

اپيل: آءُ بحيثيت پي پي پي ڪارڪن جڏهن به پي پي پي جي حڪومت اچي ته قائد انقلاب محترم بينظير ڀٽو صاحبه کي پرزور اپيل ڪندس ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب کان وٺي، شهيد نذير عباسي ۽ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو تائين جيڪي به سنڌ جا انقلابي هيرا شهيد ٿيا آهن. انهن بيگناهه عظيم هستين جا مقدما ٻيهر هلايا وڃن ۽ شهيد جي قاتلن کي عبرت ناڪ سزا ڏني وڃي.

محبوب قريشي
ايپٽو سنڌ جو جنرل سيڪريٽري

ڪامريڊ نذير عباسي کي مارشل لا ئي دور جي آمرن صرف ان ڪري قتل ڪري ڇڏيو جو هو پورهيت طبقي جي راڄ قائم ڪرڻ جي ڳالهه ڪندو هيو ۽ سماجي ظلم ۽ جبر جي خلاف هيو. نذير کي آمرن طرفان پورهيت طبقي جي سياست ڪرڻ کان ڪيترائي دفعا منع ڪيو ويو ليڪن انهن غريب عوام جي سياست ختم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. نذير شاگرد هيو، هو شاگرد تنظيم ۾ ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ مزدورن جي ڪا به ميٽنگ مس نه ڪندو هيو ۽ مزدورن جي هر جدوجهد سان گڏ جدوجهد ڪندو هيو. 1975ع ۾ حيدرآباد جي مزدور هڙتال تي هيا ۽ جلسا جلوس ڪيو رهيا هئا. نذير ان وقت سخت روپوش هيو ۽ مشتاق شاهه جي نالي سان ڇاتو سڃاتو ويندو هيو. هن مزدورن جي رهنمائي ڪئي، اهو ئي سبب آهي جو مزدور نذير

سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن ۽ ان جي جدوجهد ۽ ڪاز جي حمايت ڪن ٿا ۽ ان جي پارٽيءَ کي نجات جو رستو ڏيارينڌڙ ذريعو سمجهن ٿا. پورهيت عوام نذير عباسي جي شهادت جي ڏينهن تي هي عهد ڪو ڪري ته نذير جي پارٽي جي مشن کي اڳتي وڌائڻ ۽ مظلوم طبقي جو راڄ قائم ڪرڻ تائين جدوجهد جاري رکندو ۽ ڦرلٽ کان پاڪ معاشرو قائم ڪندو.

امداد قاضي

(ايڊيٽر ماهوار سنڌي شعور)

شهيد نذير عباسي پورهيت طبقي سان ازلي رشتي سبب جيڪا قرباني ڏني اها هر بااصول ۽ باضمير انسان لاءِ به مشعل راهه آهي. نذير ننڍي عمر ۾ انتهائي جوابداري ۽ جاکوڙ سان هڪ شاگرد تنظيم ۾ سڀ برابر آهن ۽ دنيا جي سيني قومن پنهنجن شهيدن جي مساوي درجي کي تسليم ڪندي، پاڻ وٽ گمنام سپاهي جو هڪ ئي پنهنجو دل گهريو درجو قائم ڪيو آهي، ته جيئن قومي شهيدن ۾ ننڍ وڏائي جي درجن ۾ فرق نه آهن. اسين ته پنهنجي عظيم سنڌي قوم جي امر شهيدن ۾ ساڳئي طرح ڪو فرق ڪو نه ٿا ڪريون. اسان جي اعليٰ قومي شاعر شيخ اياز به انهن ۾ ڪا تفريق ڪا نه ڪئي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي کي هن انهن پنهنجن قومي شهيدن جي پوئلڳيءَ ۾ ئي شهادت ماڻيل هڪ امر شهيد سڏيو آهي. اڄ اسان سان اهي جيڪي پاڻ کي برتريءَ اعليٰ سنڌي سماج، سنڌي قوم جي امر شهيدن جي نالي ۾. سنڌي قوم جي خدمت گذارن جي جنهن ۾ شڪ شبها، فاصلا فرق آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهي ڀليل آهن. آءُ سنڌ قومي اتحاد ۽ يڪجهتي جي نالي ۾ سڀ اسان جا قومي شهيد، سڀ اسان جا اهي تاريخ جا فرشتا امر انسان آهن، اڄ نذير عباسي شهيد کي، سندس نائين ورسي جي موقعي تي جهڪي پنهنجي انتهائي خلوص ۽ عقيدتمنديءَ سان سلام ڪريان ٿو.

علي حسن چانڊيو

منهنجو موت جدوجهد لاءِ سڏ آهي(موسيٰ جليل) نوجوان، اڏول، جرئت مند ۽ هميشه سياسي عمل ۾ متحرڪ عظيم محب وطن ڪامريڊ شهيد نذير عباسي اڄوڪي ڏينهن تي جسماني طرح سان اسان کان جدا ٿي ويو پر منهنجو قومي ۽ طبقاتي حقن لاءِ ويڙهه وارو جذبو، عظيم مقصد سنڌ جي نوجوانن کي ورثي ۾ ڏئي ويو. شهيد هڪ سچي انقلابي وانگر غاصبن جي قيد خانن ۾ زنجيرن سان جڪڙيل

جسم جي باوجود زبردست مزاحمت ڪندو رهيو. پنهنجي الھڙ جواني مظلوم ماڻهن جي حقن خاطر پنهنجي ڌرتي تان وفاداري طور تي قربان ڪري ڇڏيائين. شهيد جا قاتل اڃان زنده آهن! چاڙهون ٿا! اي شهيد! تنهنجي شهيد ٿيڻ کان اڄ تائين ان وڃن ڪان ڪو نه ڦريا آهيون ته تنهنجي گرم تازي ۽ جوان خون جو بدلو ضرور وٺنداسين! هن ڌرتيءَ کي انسانيت جي عظيم آدرشن مقصدن جي حقيقت ۾ تبديل ٿيل هڪ "فرشي جنت" ڦرلٽ کان آجي معاشري قائم ڪرڻ جي صورت ۾.

غلام اڪبر ميمڻ

آرگنائيزنگ سيڪريٽري پيپلزورڪز يونين

(سي بي اي) پاڪستان اسٽيل ملز

عظمت کي سلام

دراصل شهيد نذير عباسيءَ کي پيٽا ڏيڻ منهنجي وس نه آهي ڇو جو مان ترڻ آهي رومان پرور خواب ڏسڻ ٿي ڇڏي ڏنا آهن. جيڪي انسانيت جي آجپي ۽ سرمائيداراڻه نظام جي بربادي جا هئا. جن جي لاءِ شهيد نذير عباسي پنهنجي زندگي جو قيمتي نذرانو ڏنو. ڪاش هڪ دفعو ٻيهر ڪنهن خواب وانگر نه پر حقيقت ۾ انسانيت جي آجپي طبقاتي سماج جي بربادي ۽ محنت ڪش تحريڪ جي ايمانداري واري جدوجهد جو ڪو ننڍڙو ڪردار بڻجي سگهان ته پوءِ اهو منهنجي وس ۾ به هوندو ۽ منهنجو حق به ٿيندو ته مان شهيد نذير عباسي کي خراج عقيدت پيش ڪري سگهان.

مان صرف ۽ صرف ائين چوندس شهيد نذير عباسي جهڙن املهه سياسي سوچ، فڪر ۽ همت جرئت سان مالامال شخصيت الائي ڪڏهن ٻيهر جنم وٺي اچي سنڌ اندر موقع پرستي چپ ۽ بي حسي واري سياسي صورتحال کي تبديل ڪري انقلاب واري واٽ ڏي گامزن ڪندي.

رخسانه چنه

پروفيسر مادر ملت ڊگري ڪاليج (ڪاروباري ميمبر سنڌ گريجوئيٽ ليڊيز ونگ)

مان نذير عباسي کي ڪڏهن به نه ڏٺو پر ٻڌو ضرور هو. جڏهن منهنجو ساٿ ڀيڻ حميده گهانگهرو سان ٿيو ته اڪثر ڳالهين.جي دوران ادي هميشه نذير عباسي جو ذڪر ڪندي هئي تڏهين کان مان پنهنجي دل ۾ نذير عباسي جي جذبن، جدوجهد، فڪر ۽ سوچ تي ويچار ڪرڻ شروع ڪيو. خيال آيم ته انسان هميشه گلن

جي سيج ماڻڻ لاءِ ڪوشان رهندو آهي پر اهو ڪهڙو شخص هو جنهن گلن جي سيج بدران جيل وڃڻ پسند ڪيو. يقينن اهي انقلابي جذبا ۽ فڪر هوندا جنهن نذير کي سماج خلاف اپاريو هوندو. اهي جذبا ۽ فڪر تڏهن پڙڪو ڪائي ٻاهر نڪرندا آهن جڏهن انسان پاڻ ارد گرد جي ماحول ۾ بي انصافي، هڪ هٽي، ننڍ وڏائي، اميري غريبي ۽ تفريق محسوس ڪري ٿو آخر ڪار اها ڪشمڪش جي انتها ٿي جيل تائين رسائي ٿي.

ٿيو بہ ائين شهيد نذير عباسي جيل جو سختيون سٺيون پر ڪڏهن بہ ضمير جي سودي بازي نہ ڪئي. آخر ڪار خاڪي سوداگرن اذيتون ڏئي شهيد ڪري ڪيس هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيو. اهڙا انسان ڪڏهن بہ ناهن مرندا. لافاني رهن ٿا.

اسان جو سلام آهي اهڙن عظيم انسانن تي جيڪي جيل وڃڻ پسند ڪندا پر ڪڏهن بہ ضمير جو سودو نہ ڪندا. سنڌ ڌرتي الله ڪري هميشہ اهڙن سپوتن سان زنده رهي. جيئن دنيا وارا هن ڌرتي واسين تي جبر ڏاڍ ڪرڻ وقت ڏهہ دفعا سوچين تہ اڙي! اهي بہ ان ڌرتي جا واسي آهن جن کي خريد ناهي ڪري سگهبو.

ثابت لنگهڻا سير، لهرين لوڏيا ڪين ڪي
وڃي پهتا پار ٿي، نرتئيون منجهان نير
ماءِ پهتا مير، پار لنگهائون ٻاجهہ سين

ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سومرو
چيئرمين ڊي ايس ايف سنڌ

آئون ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سنڌ جي چيئرمين جي حيثيت سان پنهنجو پاڻ تي فخر ٿو ڪيان جو مون انهيءَ تنظيم جي واڳ سنڀالي آهي جنهن جو ساٿي نذير باني هئو. تحريڪون ۽ تنظيمون فردن جي ڪوشش ۽ جدوجهد سان وڏيڪ مضبوط ٿينديون آهن. مگر اهو ناممڪن آهي تہ هڪ فرد کي ختم ڪري تحريڪن ۽ تنظيمن کي ختم ڪري سگهجي. نذير عباسي هڪ اهڙو فرد هيو جنهن پنهنجن خواهش کي اجتماعي مفادن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. اڄ اسان وٽ نذير عباسي جسماني طور تي موجود ناهي مگر سنڌس حق ۽ سچ جا ٻاريل مشعل ۽ لافاني فڪر اسان لاءِ رهنمائي آهي.

آئون نذير جي شهادت واري ڏينهن جي موقعي تي جمهوري حڪومت کان پرزور مطالبو ٿو ڪيان تہ مارشل لا جي قوتن هٿان شهيد ٿيل نذير جو ڪيس کلي عدالت ۾ هلائي بيگناهہ نذير جي قاتلن کي اهڙي سخت سزا ڏني وڃي جو ايندڙ وقت ۾ ڪو بہ آمر ڪنهن بہ عوام دوست پورهيت دوست تي اکر رکڻ جي جرئت نہ ڪري سگهي.

خادم تهيم
چيئرمين ڊي ايس ايف

اجان ٻولي جي ماهرن اهڙا لفظ ناهن ڳوليا جن سان شهيد نذير عباسي جي تشريح ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ نذير عباسي جو فڪر ۽ جدوجهد مڪان جي لحاظ سان لامحدود ۽ زمان جي اندر لاڦاني آهي. نذير عباسيءَ جيڪو پورهيت طبقي جي نجات جي مشعل ۽ نوجوانن جي امنگن جو ترجمان آهي، هميشہ زنده رهندو ڇاڪاڻ مرندو ماڻهو آهي، تحريڪ ۽ فڪر لاڦاني آهي، جيڪو هرگز هرگز نہ مرندو آهي. نذير عباسي صرف انسان ڪو نہ پر ڪميونسٽ انسان ۽ آفاقي فڪر يعني مارڪسزم لينن ازم جو حامل باشعور ۽ عملي انسان هو. تمام گهٽ ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي جسم مان ماس ڪوريندا آهن. بقول اياز جي، جيڪي ساهہ ڏئي ويساهہ ڏيندا آهن. نذير عباسي هتان جي مظلوم قومن شاگرد برادري ۽ پورهيت طبقي جو ترجمان هو ۽ ان ڪري نذير عباسي عظيم آهي، ڇاڪاڻ جو ان جو عظيم فڪر عظيم طبقي ۽ عظيم جدوجهد سان ناتو. نذير عباسي اها قوت آهي، جيڪا صرف تاريخ جو مطالعو نہ ٿي ڪري پر تاريخ جوڙي ٿي. سماج بدلائي ٿي.

اقبال ملاح
جنرل سيڪريٽري ڊي ايس ايف سنڌ

شهيد نذير عباسي جي عزم، حوصلي جدوجهد ۽ قرباني تي لکڻ ۽ ڪجهہ ورقن ۾ لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. شايد ان ڪري تہ نذير عباسي پنهنجي جيون ۾ ٻالڪپڻ کان جوانيءَ تائين ٽنڊوالهيار جي ننڍڙي نينگر کان ٽارچر ڪيمپ تائين زندگي کي جنهن خوبصورتي سان گذاريو جن اصولن ۽ مقصدن کي اپنايو ۽ پورهيت طبقي جي نجات لاءِ پنهنجي زندگي کي وقف ڪيو ٿورا ئي ماڻهو ائين ڪري سگهندا آهن. نذير عباسي انهن نوجوانن مان نہ هيو جيڪي پنهنجي زندگيءَ کي سنوارڻ خاطر سڄي زندگي رياستي مشينري جو پرزو بڻجي حرڪت ڪندا رهن ٿا ۽ ظلم بربريت ۽ ڏاڍ هوندي بہ لاتعلق بڻجي ذات جي ٽشي ۾ پنهنجن خواهشن جي تڪميل خاطر سڄي زندگي سهڪندا، ڊڪندا ۽ ڊوڙندا وتن. نذير تہ نالو آهي ان نوجوان جو جيڪو اجتماع هيو هن جي هر پل ۽ هر گهڙي گذريل جدوجهد ۾. هن وٽ اتساهہ هيو آزادي جو. شهيد نذير عباسي جو ٻيو نالو محبت ۽ دوستي آهي هن جي پورهيت طبقي سان محبت امن ۽ پيار ۽ انصاف واري معاشري لاءِ جدوجهد ۽ ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ خلاف جنگ ئي تہ ڪيس ٽارچر سيل جي بند ڪولين تائين پهچايو. آمر ضياءَ جي فوجي درندن سمجهيو پئي تہ نذير عباسي سندن هٿيارن هٿان هار کائيندو ۽ هو سڀ ڪجهہ

ٻڌائيندو پنهنجن ساٿين بابت پر شايد سندن کي خبر نہ هئي تہ ڪاهوڙي پنهنجي مٽي ۽ مارو ماڻهن سان غدار ٻئجي ڌارين سان دوستيون ناهن رکندا. رياستي اوزار سڀ آزمايا ويا پر نذير نہ جهڪيو ۽ هڪ مثال بڻجي ويو. تاريخ ٻڌجي ويو، جيڪا ڪڏهن بہ مٽجي ناهي. شهيد نذير عباسي جي سوچ فڪر ۽ جدوجهد کي سرحدن ۾ بند ڪري نٿو سگهجي. ڇو تہ هن پنهنجو پاڻ کي مزدور طبقي جي بين الاقوامي تحريڪ سان جوڙي رکيو هو. آءُ سندس ساٿي ۽ ان تنظيم جنهن جو هو باني هيو جو ذميوار عهديدار هئڻ ناتي اهو فرض ٿو سمجهان تہ نذير جي رستي تي هلندي جيڪڏهن پنهنجي زندگيءَ بہ اربي ڇڏڻي پئي تہ منهنجي لاءِ فخر جي ڳالهہ هوندي. تاريخ پنهنجو پاڻ دهرائيندي آهي، نذير عباسي جو قتل رائيگان نہ ويندو. نذير جا قاتل سجاتل آهن. سندن خاڪي وردين تي نذير جي رت جا نشان پڌرا بينا آهن. وقت اچڻو آهي جڏهن عوام هن وردين کي ڦاڙي ڇيري نذير جي خون جي ڦڙي ڦڙي جو حساب وٺندو. مون سندس شهادت جي موقعي تي مختلف ماڻهن ڪان نذير بابت تاثرات ورتا آهن جيڪي توهان آڏو پيش ڪجن ٿا.

نذير اڄ بہ زندھ آهي عوام جي دلين ۾

معشوق ملاح

جنرل سيڪريٽري ڊي ايس ايف سنڌ

شهيد نذير عباسي (اسان جي قافلي جو اهو عظيم انقلابي سپاهي هيو جنهن پورهيت طبقي ۽ شاگردن جي بنيادي حقن لاءِ وڙهندي وڙهندي فاشسٽ فوجي درندن آڏو ڪڏهن بہ جهڪڻ بدران وڏي بهادري ۽ بيباڪي سان قلي ڪئمپ ڪوئيٽا ۽ ان کان پوءِ ماڙيپور ٽارچر ڪئمپ ڪراچي ۾ مختلف قسمن جون اذيتون سهندي سهندي جان ڏيئي پنهنجي ريٽي رت سان تاريخ جو هڪ نئون باب لکيو. نذير عباسي جي شهادت سامراجي قوتن جي بوکلاهٽ ۽ پورهيت طبقي جي نظرئي کي وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو آهي. شهيد نذير عباسي جي خون جو پلاند درحقيقت تاريخ جو پلاند آهي ۽ اهو تاريخ جو پلاند هتان جي هر باشعور ماڻهوءَ تي قرض آهي. (اسين شهيد نذير عباسي جي فڪر ۽ جهندي کڻي گهر گهر پهچايون عالمي امن، قومي ۽ طبقاتي جبر تي مبني هن مٽيرل ۽ فرسوده سماج کي تبديل ڪري هڪ نئين جوت جلايون ڪو نئون سماج ناهيون. اهو ئي تاريخ جو پلاند ۽ اهو ئي نذير شهيد جو مقصد آ. آخر ۾ هڪ نوجوان شاعر جو شعر چوندس.

گونجن ٿا پولا نذير جي شرف سان

ڪن تہ سجاتو سڌ کي، ڪن تہ ڪئي ڪن لاٿار

سڏائيندڙ سڀ يار، پرک ۾ پڌرا ٿيا.

امرتا سومرو

ڊي ايس ايف گرلز ونگ سنڌ جي آرگنائيزر

آءُ ڪڏهن بہ نذير کي پاڻ ۽ پنهنجي تنظيم کان ڌار نٿي سمجهيو. مظلوم طبقي ۽ قومن جي انقلابي جمهوري جدوجهد ۾ هر وقت نذير ۽ ان جو فڪر اسان جي رهنمائي ڪندو رهيو آهي ۽ ڪندو رهندو. آءُ شهيد نذير عباسي کي شاهہ عنايت، مائي بختاور شهيد ۽ حيدر بخش جتوئي جي پورهيت جدوجهد جو تسلسل سمجهندي آهيان نذير هڪ تاريخ، هڪ تحريڪ هڪ نظرئي جو نالو آهي. نذير نالو آهي جبر خلاف مهاڏو اٽڪائڻ جو. نذير نالو آهي پنهنجن مارو ماڻهن سان پيار ڪرڻ جو. نذير جي جدوجهد ۽ فڪر عالم جو فڪر ۽ جدوجهد آهي، ان ڪري هن جي نظرئي کي جغرافيائي حدن ۾ قيد ڪرڻ بيوقوفي ٿيندي. اڄ جڏهن عالمي سطح تي وڏيون تبديليون رونما ٿي رهيون آهن وڏا وڏا بت ڪري پاش پاش ٿي رهيا آهن ان صورتحال ۾ اسان جو فرض آهي تہ انهن تبديلين کي سمجهون ۽ دل سان قبول ڪيون ۽ بعد ۾ نذير جي فڪر ۽ جدوجهد کي نئين انداز ۽ ڍنگ سان منظم ڪيون.

شبانہ ملاح

ڊي ايس ايف گرلس ونگ سنڌ جي اڳواڻ

انساني حقن جي جدوجهد جي تاريخ ۾ شهيد نذير عباسي اهو املهہ. نڊر ۽ عظيم ۽ بهادر اڳواڻ هيو جنهن ڌرتي جي مظلوم ۽ پيڙهيل طبقن جي حقن لاءِ پنهنجي رت جو آخري ڦڙو وهائي شهادت کي قبول ڪيو پر سامراجي فاشسٽن آڏو نہ جهڪيو. اسان کي شهيد نذير عباسيءَ تي ايترو ئي فخر آهي ۽ رهندو جيترو اسان کي سنڌ جي قديم پنج هزار سال اڳ جي تهذيب ۽ ثقافت تي آهي. آءُ سمجهان ٿي ۽ ڊي ايس ايف جو هر ڪارڪن اهو ئي سمجهندو آهي تہ شهيد نذير عباسي اڄ زندهہ ۽ جاويد آهي. سندس ٻڌايل رستو اسان لاءِ منزل آهي ۽ انقلاب لاءِ سندس ٻاريل مشعل وستيءَ وستيءَ واهڻ واهڻ ۾ پوري آب ۽ تاب سان ٻري رهي آهي ۽ مون کي يقين آهي تہ تمام جلد اها روشني پوري ڌرتي کي روشن ڪندي. شهيد نذير عباسي جو رستو اسان جو رستو.

سجاد ظهير

مرڪزي صدر ساٿي ٻارڙا سنگت

ڪامريڊ شهيد نذير عباسي مزدورن، هارين، شاگردن ۽ ٻارڙن جو عظيم اڳواڻ آهي. شهيد نذير عباسي پنهنجي ملڪ جي مارونڙن لاءِ جمهوري تحريڪ جو پهريون شهيد آهي. مون پنهنجي زندگيءَ ۾ نذير کي نہ ڏٺو پر جيئن ان اڏول شخصيت

جي باري ۾ ٻڌو اٿم ان مان اهو ئي سمجهيو اٿم تہ هو هڪ مزدور تحريڪ جو اهم رڪن هيو. هن شاگرد، مزدورن ۽ هارين جي تحريڪ کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ لاءِ جيڪو پاڻ پتوڙيو منهنجي خيال ۾ ايترو ڪنهن بہ پاڻ پتوڙيو نہ هوندو. اسان سڄي سنڌ جا ٻارڙا هن عظيم انقلابيءَ جي شهادت واري ڏينهن تي عهد ٿا ڪيون تہ شهيد نذير عباسي جي ٻاريل مشعل کي منزل تائين پهچائيندا سين.

غلام نبي چانڊيو

اڄ اوچتو فون تي ڀيڻ حميده گهانگهرو جيڪا ڀاڄائي بہ ٿئي ۽ ڀيڻ بہ تنهن حڪم ڪيو تہ ادا نذير تي ڪجهہ لکو ڇو جو هن اوهان سان زندگيءَ جا ڪجهہ سال گڏ گذاريا هئا. اهو ايڏو تہ ڏکيو ڪم ڇيو ويو آهي جو اسان جهڙن ماڻهن لاءِ جن کي لکڻ جو ڏانءُ نہ ايندو آهي سو بہ اهڙي انسان جي زندگي بابت جيڪو هڪ عظيم دوست بہ هو تہ وري ساٿي وقت مخلص سچو ورڪر بہ هو. ڪڏهن ڪڏهن زندگي جي لمحن ۾ اهڙا واقعا بہ پيش ايندا آهن جن کي وسارڻ يا تاري ڇڏڻ ايترو ئي ڏکيو هوندو آهي جيترو زندگيءَ جيِّ سچاين کي سمجهڻ. ڪجهہ اهڙيون هستيون ڪي اهڙا سچڻ جيڪي دل ۽ دماغ تي ايترا تہ ڇانيل هوندا آهن جيڪڏهن هڪ لمحي ۾ الڳ ٿي وڃن تہ زندگي گهارڻ ناممڪن ٿيو پوي. پر خبر نہ آهي اهڙو ڪهڙو نظام قدرت آهي جو پياري کان پياريون هستيون جدا ٿيو وڃن پر پوءِ بہ انسان زندگي گذاري ٿو. اڄ کان 22 سال اڳ جڏهن وقت جي يزيد هٿان اسان جو دوست ۽ مظلوم قوم جو ورڪر نذير عباسي بي گناهہ ماريو ويو تڏهن ايئن پي لڳو ڄڻ هي دنيا خالي ٿي وئي هجي هر طرف سڄ ٿي وئي هجي هي اڏول، بهادر خوبصورت نوجوان جنهن پنهنجي ڀرپور جواني پنهنجي عظيم مقصد لاءِ قربان ڪئي جيڪو وقت جي آمرن اڳيان نہ جهڪيو. جيڪڏهن اڄ مجي ها تہ شايد ٻين جڙتو ڪامريڊن وانگر جيئرو واپس اچي ها پر هي باضمير انسان پاڻ تہ نہ آيو پر سندس مڙهہ کي رات جي اونداهي ۾ دفنايو ويو. هت آءُ نذير جي سياسي زندگي بابت وڌيڪ نہ لکي سگهندس. ڇاڪاڻ تہ هن جي سياسي زندگي کان علاوه نجي زندگي بہ هئي. جيڪا هڪ بهترين دوست ۽ ساٿي جيان گذاريندو هو. هڪ عجيب انسان هو ساٿس گڏ رهڻ وارا ايئن ڀائيندا هئا ڄڻ وڏي ڀاءُ سان يا هڪ پيار ڪندڙ ساٿي سان گڏ رهندا هجن. هن ۾ نہ تہ سياسي ليڊرن واريون چالاڪيون هيون ۽ نہ وري منافقت هڪ جهڙائپ ۽ پنهنجائپ جهڙو انسان زندگي ۾ ٻيو نہ ملندو. ننڍن سان ننڍن جهڙو ٿيڻ وارو ڏانءُ ڪو شايد هن عظيم دوست کان سکي ها. هن سان زندگي جا ڏينهن جيئن گهاريا سين. شايد لک جنم ملڻ

ڪان پوءِ بہ نہ ملن. ان وقت جڏهن نذير ۽ اسان ڪيپيٽل ايريا ۾ هڪ فليٽ ۾ رهندا هئاسين. تڏهن مان هائوس بلڊنگ ۾ نوڪري ڪندو هوس. صبح ۽ شام هڪ ڳالهہ چوندو هو تہ ياءُ پلي ٻيا سڀ غلط ڪم ڪري پئسا ڪمائين پر تون هن چيز کان پري رهجان. سو شايد ٻين ڳالهين تي عمل ڪري سگهياسين يا نہ پر نذير جي ان نصيحت تي پوري سچائي سان عمل ڪيم.اها هڪ سچي انسان جي نشاني آهي تہ پاڻ بہ سچو رهي ۽ دوستن کي بہ سچائي جي راهہ تي هلڻ لاءِ چوي.

ڪجهہ عرصو يعني شهادت کان سال کن اڳ ياچائي ۽ موتيا کي ڳوٺان گهرائي الاعظم ۾ فليٽ ورتوسين جنهن ۾ گرفتاري واري ڏينهن تائين رهياسين تڏهن موتيا يعني زرقا ننڍڙي هوندي هئي ۽ سچي گهر جي وندر ۽ رونق هوندي هئي ۽ پنهنجي توتلي زبان ۾ پنهنجي عظيم پيار ڪندڙ پيءُ سان ڪچهريون ڪندي هئي. نذير جو زرقا سان پيار ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جهڙو هوندو هئو. سيني تي ويهاري ڪلاڪن جا ڪلاڪ کيڏائيندو هوس. شايد نذير کي خبر هئي تہ سندس زندگي مختصر آهي جيترو پيار هن معصوم کي ڏيئي سگهان شايد پوءِ موقعو نہ ملي. ايئن بہ نہ هوندو هو تہ هر وقت رڳو سياست تي بحث ڪندو هجي. ٻين تي پنهنجي مرضي مڙهڻ يا انهن کي بور ڪرڻ پر هر وقت ٻين کي خوش رکڻ ۽ کلائڻ جو فن هن کي خوب ايندو هئو. ڪڏهن ايئن ٿيندو هو تہ ويني ويني اوچتو اٿي بيهي چوندو هو تہ هلو يار هلون ٿا فلم ڏسڻ بس پوءِ دير نہ ٿيندي هئي موٽر سائيڪل تي چڙهي ويندا هئاسين فلم ڏسڻ اهڙي طرح اهو ڪڏهن بہ محسوس ٿيڻ نہ ڏنائين تہ رڳو سچو ڏينهن سياسي ورڪر آهيون پر عام دوستن سان بہ عام زندگي گذارڻ ضروري آهي. مقصد تہ هڪ مڪمل انسان هئو. جنهن جا سچا آدرش هئا جيڪو اندر کان ٻاهر تائين مڪمل سچو انسان هو. لکڻ بہ هڪ فن آهي ۽ قدرتي ڏات آهي نذير بابت لکڻ مون جهڙي ماڻهو جي وس کان ٻاهر آهي. جڏهن تہ اهي ڏينهن اهي ڳالهيون ياد ايندیون آهن تڏهن بي اختيار اکين ۾ پاڻي پرجي ايندو آهي. شايد انهي محبت ۽ پيار جوئي اثر آهي جو اڄ بہ ايئن ئو محسوس ٿئي تہ اسان جو ياءُ اسان جو يار ڪيڏي مهل بہ وري ايندو جيئن اڳي وانگيان مهل بي مهل ايندو هو نہ سندس اچڻ جي خبر هوندي هئي ۽ نہ وڃڻ جي سندس ڳالهين جي خوشبو اڄ بہ محسوس ٿيندي آهي.

مائهون سپ نہ سهنا پکي سپ نہ هنجھ
ڪنهن ڪنهن مائهوءَ منجھ اچي بوءِ بهار جي،

سبحان ابڙو

عظيم آهي اها ماءُ جنهن نظير عباسي جهڙي پٽ کي جنم ڏنو ۽ ان جي سهڻي نموني پرورش ڪئي.ان جي رڳ رڳ ۾ سچ جي سرهاڻ سمائي ڇڏي نذير عباسي مان ڏنو نہ هو پر ان جي تعريف جيتري بہ ڪجي ايتري ٿي گهٽ آهي. ڇو تہ ان انڌيري ۾ هڪ روشنائي جي لاٽ ٻاري ۽ ڪوڙ دوکي جي ديوار کي ڪيرائڻ جي مڪمل ڪوشش ڪئي جيڪا مرڻ گهڙيءَ تائين جاري رکي ۽ جنهن بہ ڪم جي ڪوشش يا جدوجهد ملندي آهي اها مرن ڪانپوءِ بہ ختم نہ ٿيندي آهي. پر اها دنيا جي ختم ٿيڻ تائين جاري رهندي آهي. نذير عباسي تہ شهيد آهي ۽ امر آهي نذير عباسي سچيءَ ماءُ جو پٽ آهي جنهن کي سندس ماءُ ڄمڻ سان ئي سنڌو جو ايندڙ پهريون پاٽي جو ڪترو ماکي سمجهي پياريو هو ۽ سوريءَ تي بہ سچ ڳالهائڻ جو سبق ڏنو هو نذير عباسيءَ جي لاءِ جيترو لکجي اوترو ئي گهٽ آهي. مس ۽ ڪاغذ ختم ٿي ويندو پر ان جو ڏنل نظرانو ختم نہ ٿيندو

گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا ڪڏهن منجهہ ڪوٽن ڪڏهن راهي رڻ جا.

ڊفينس پوليس اسٽيشن ،
ڊفينس هائوسنگ سوسائٽي ، ڪراچي .
جناب عالي :

مان حميده گهانگهرو بيواه نذير عباسي شهيد ، وينل شاهي بازار محراب پور جنڪشن ، ضلع نواب شاهه سنڌ فرياد ڪيان ٿي تہ مان نذير عباسي شهيد جي بيواه آهيان منهنجو مڙس هڪ ترقي پسند شاگرد هو ، هو سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم ، اي سياسيات جو شاگرد هو ۽ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊرشن جو مرڪزي صدر هو ۽ شاگرد هاري مزدور رابطہ ڪميٽي سان منسلڪ هو ۽ پاڪستان فيڊرل يونين آف اسٽوڊنٽس جو وائيس چيئر مين هو . هو موجوده فوجي آمريت جو مخالف هو ۽ ملڪ ۾ اهڙي نظام جي قيام لاءِ خواهشمند هو جيڪو هر قسم جي استحصال کان پاڪ هجي . منهنجي شهيد مڙس جي انهن خيالن سان ڪجهہ عرصو اڳ ، فوجين يعني فيڊرل انوسٽيگيٽنگ يونٽ (F.I.U) ڪيس گرفتار ڪيو هو ۽ ڪوئٽا ۾ مٿس تشدد بہ ڪيو ويو هو ۽ ڪيس ڏمڪي ڏني وئي هئي تہ جيڪڏهن اجا سياست ۾ حصو وٺندو تہ ڪيس قتل ڪيو ويندو . هن انهن حقيقتن متعلق هڪ حلف نامو بہ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيو هو.

تاريخ 30 جولاءِ 1980 ع تي منهنجي مڙس نذير عباسي کي پاڪستان ڪوارٽرز مان سندس هڪ دوست وٽان گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس ماڙيپور انويسٽيگيشن سينٽر وٺي ويا . منهنجي مڙس کي ايف_آء_يو (F.I.U) ۽ پوليس گرفتار ڪيو هو . ماڙيپور انويسٽيگيشن ۾ ڪيس مسلسل اذيتون ڏنيون ويون ۽ انهيءَ ظلم ، تشدد ۽ انسانيت سوز عمل جي نتيجي ۾ 9 آگسٽ 1980 ع تي نذير عباسي وفات ڪري ويو . اهو قتل چاٽي واٽي جنرل ضياءُ الحق ۽ گورنر ايس_ايم_عباسي جي هدايت تي فوجين ڪيو آهي ، ڇا ڪاڻ جو جنرل ضياءُ الحق وڏي واڪي اعلان ڪيو هو تہ هو ڪابي ڌر جي ماڻهن کي نہ ڇڏيندو ۽ ڪين اونڌو لٽڪائيندو.

جڏهن مٿي ٻڌايل تشدد جي نتيجي ۾ منهنجي مڙس نذير عباسي جو مرت تاريخ 9 ، آگسٽ 1980 ع تي منجهند ڌاري ٿي ويو تہ ان جي لاش کي نيول اسپتال ڪراچي کڻي ويا . ڊفينس پوليس جي سب انسپيڪٽر اختر فوجداري ضابطي E_17 تحت ڪاروائي ڪري لاش سول اسپتال جي مرده خاني ۾ موڪلي ڇڏيو . سول اسپتال ۾ منهنجي مڙس شهيد نذير عباسي جو پوسٽمارٽم ڊاڪٽر مجيد ۽ ڊاڪٽر قيصر ڪيو. ۽ لاش کنهن بہ مٽ مائٽ کي کو نہ ڏنو ويو ۽ جيئن تہ هن ڏوهہ ۾ ملڪ جا اعلي

ترين آفيسر بہ شامل آهن صحيح ۽ درست پوسٽ مارٽم رپورٽ جي توقع نہ ٿي ڪري سگهجي . ڏوهہ تي پردو وجهڻ لاءِ منهنجي مڙس جي پري جي مائٽن يعني نذير عباسي شهيد جي پيٽوڙي جي ڀاءُ ولي محمد کي پوليس حراست ۾ مردهہ خاني وٺي وڃي منهنجي مڙس جي لاش جي سڃاڻپ ڪرائي وئي ۽ ان پري جي مائٽ جي مطالبي جي باوجود لاش سندن حوالي نہ ڪيو ويو جيل ۾ وجهڻ جي ڌمڪي ڏئي ولي محمد کان زوريءَ ڪجهہ ڪاغذن تي صحيح ورتي وئي ۽ ان ڪانپوءِ تمام خفيہ طريقي سان ڪنهن لاوارث ڄانگر، ستار ايڌي سوشل ورڪر کان غسل ڏياري ڪفن پارايو ويو ۽ پوليس منهنجي مڙس جي لاش کي سخي حسن قبرستان ۾ تقريبن رات جو ٻين وڳي دفن ڪرايو.

فرياد آهي تہ اهو قتل جنرل محمد ضياءُ الحق ۽ جنرل ايس_ايم_عباسي جي سوچيل سمجهيل منصوبي تحت انهن جي حڪم هيٺ ڪيو ويو آهي ۽ فوجي يعني ايف آءِ يو (F.I.U) ماڙيپور تفتيش جي مرڪز جا ماڻهو شريڪ جرم آهن . فرياد آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل مجرمن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي .

جئين تہ مون کي ۽ منهنجي مائٽن کي حراسان ۽ پريشان ڪيو پيو وڃي ۽ پوليس ڪين بيحد تنگ ڪري رهي آهي ۽ ان ڪري ذاتي جاني خطري سبب هيءَ رپورٽ بذريعي رجسٽرڊ پوسٽ S.H.O ڊفينس پوليس اسٽيشن ، علائقي ۽ ڪراچي جي D.I.G کي موڪلي رهي آهيان .

مورخہ تاريخ 17 آگسٽ 1980ع

صحيح

حميدهہ گهانگهرو

بيواهہ نذير عباسي شهيد

وينل شاهي بازار محراب پور جنڪشن.

هڪ منظر

فهميده رياض

(نذير عباسيءَ جي شهادت تي مقدمو)

ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ ،
پٿرايل هي چهرا ،
پٿرايل هي اکيون ،
پٿرايل هي لهجا ،
فرياد ڪٽهڙي ۾ ،
بي مقصد ٿو سڏڪي ،
قانون جا رکوالا ،
ڪلهه ويا ها وٺي جنهن کي ،
اڄ هن کي اتي آڻن ،
سو لاش ته ڏيکارن ،
ڪورٽ جي ڪٽهڙي ۾ ،
پٿرايل هي منصف ،
فرياد ٻڌن ٻه ته ڇا لاءِ ؟
انصاف ٻه ڪن ته ڇو ؟
"فني مجبوري آ "
" درخواست اڌوري آ ."
پٿر جي سماعت ۾ ،
واري ٿي رڳو وسي
هر اک ڇڻ پٿر هئي
لڙڪن لاءِ پي ترسي
هڪدم ڪا دل دڙڪي
۽ باهه ڪائي پڙڪي،
پٿر جو پڇڻ هو بس ،
نيڻن جا وهن نارا ،
آواز ويا گڏجي ،
۽ گونجي اٿيا نعرا.
معصوم جانين جا ،
۽ نون جوانن جا.
ڇاگونج هئي رت جي
ڇا شعوزر هيو نعرن ۾ ،
ڪورٽ جي ڪٽهڙي جا ،
پٿرايا سڀئي ٿنيا.
ساهه روڪي ٻڌي رهيا هئا
جڏهن سرخ سلام آيو ،
مقتول جو نانءُ آيو.
ڇڻ مڪ لڳي دل تي ،
رت اکين ڏنو روئي ،
جئندر دل هو وارءُ ،
پٿر ته ٽٽو ڪوئي .

شهيد نذير عباسي جي ياد ۾

نامعلوم بئرڪ مان مڙس جو زال ڏانهن خط

امداد چانڊيو

مان هجان يا نه هجان
دنيا ۾
تون نه مايوس ڪڏهن ٿجان
پنهنجي دردن کي لڪائي سانڍي
لوڪ کي لکا ڪا نه ڏجان
مان جي توکان ڪسيو پيو ويس
منهنجو آواز ته توساڻ رهندو
تون هيڪل جڏهن به ٿيندينءَ
تنهنجي هٿ ساڻ منهنجو هٿ هوندو
رات ڪاري يا چانڊوڪي هوندي
ڏڪندي مون لاءِ دل هوندئي
بيچين ٿي جڏهن به لڇندينءَ تون
پاڻهن منهنجي سيراندي کان هوندئي
تون نه ڄاڻين ٿي ڪٿي مان آهيان
زنده آهيان يا مري ويو آهيان
ياد مون کي ڪري روئندي هوندين
ڳوڙها ڳاڙي اڱڻ ڏانهن ڏسندي هونديءَ
مان ڄاڻان ٿو زهر تنهنجي حياتي هوندي
پر اهو ذهر پي مرڻو نه آهي توکي
تون ۽ مان ته نئين دور جا آهيون سقراط
زهر پي انت آڻڻ کان انڪاري
تون پاڻ ئي ڄاڻين ٿي منهنجي "منڙي"!
پنهنجي هٿن تان اڃا ميندي به لٿي ڪا نه هئي
جي موت جا رکوالا وٺي مون کي ساڻ ويا
سچ سان منهنجي وفاداري جي امتحان خاطر
۽ مان ڪنهن اڻڄاڻ وستيءَ ۾
جابلو قيد خاني ۾ بند
بگهڙن جي گهيري ۾
موت سان اک اک ۾ ملايو ويٺو هان
زندگي جي هلچل سان همراهي جي جرم ۾
زنجير پايو ويٺو هان
هٿ جڏهن مينديءَ رتن هٿن تي آ نظر پوندي
تون ياد آن ايندي
۽ توساڻ گڏ ذهن ۾
لال جهنڊو جهومندو آهي
هن ڌرتي تي موت ۽ ڏوهه سان
جڻ سچ جي هي آخري جنگ آهي
۽ مان به سچ جو هڪ سپاهي آهيان
موت مون کي اگر ماريندو
موت مون سان ئي گڏ ٿي ويندو دفن
مان هجان يا نه هجان دنيا ۾
منهنجي سوچ جي ساٿياڻي
تون نه ڪڏهن مايوس ٿجان
لڙڪ نيڻن ۾ سڪائي ڇڏجان
لوڪ کي لکا ڪانه ڏجان.

جيون اڇٽي وڇٽي شيءِ آ

اسحاق سميجو

کوليءَ جي تاريڪي ۾
هن کي خيال تہ آيو هوندو،
هن ڪوليءَ کان ٻاهر
روشنين جي شهر جا رستا
گاڏين، پيلن بلبن جي جهلمل جرڪن ۾
ڪيڏا سُندر لڳندا هوندا
محبوبا جي مرڪ سمان!
۽ ها، هوءَ هوا ساحل جي
جنگلي گهوڙن جهڙي سرڪش
جڏهن تہ علائقا فتح ڪندي پئي لنگهندي آهي
جهنڊن وانگر وار پئي لهرائيندي آ
آلي واريءَ جي سيني تي
ليٽيل خوشقسمت جوڙن سان
وچڙي، دل وندرائيندي آ
تنهنجي آڏو، هر ڪا جنت
هيچ نہ هوندي، ٻيو ڇا هوندي؟
۽ هُن "هل پارڪ" تان ڏٺي،
جڏهين ڏور ڏسي ٿو ماڻهو
جيون هڪڙو خواب لڳي ٿو
وڻندڙ ۽ رنگين اکين جيان
ساڀيائين تي پاري خواب!

تنهن جو ڪو بہ بدل ٿيندو ڇا؟
"موتيا" جي ڦيراڪ سوا..
"موتيا". آه! هو منهنجي موتيا
آزاديءَ جي نالي جهڙي
اوندهہ منجهہ اجالي جهڙي
جنهن سان منهنجو جيءَ جڙيل آ
جنهن سان منهنجو ساهہ ڳنڍيل آ
ننڍڙي ديوي —
مون وانگر ئي نازڪ، جڻ تہ ڪپهہ جي پوٽي

مون مان ئي جڻ مان ڄائو هان -
هن جون ننڍڙيون سنهڙيون ٻانهون
جنهن بہ گلي ۾ پيئون
ڦاهيون مات ٿي ويندیون
هوءَ جا ڪلندي
سڀ مايوسيون، سڀ تنهايون
مات ٿي وينديون -
ڪير انهيءَ سان رانديون رهندو؟
ڪير انهيءَ جون ٻوليون ٻڌندو؟
آءَ تہ نيزي پاند وجان پيو -
آءَ تہ ......"
ائين سوچي تہ ڇڄي پيو هوندو
شايد ڪجهہ سُڏڪو پي هوندو
۽ پوءِ گهري تاريڪي سان
گهري سانت ٻڪين پئي هوندي
کولي پيانڪ ٿي وئي هوندي
خاموشي خاموشي هر سو..
اونداهي اونداهي هر سو..
پر تہ هن ائين ڀانيو هوندو
ڪاري ڪولي ڄڻ تہ قبر آ
هو جيئري دفنايو ويو آ -
اهڙي خيال تي ڇرڪي شايد
هن پوءِ پاڻ سنڀاليو هوندو .
۽ ٻيهر ويچاريو هوندو:
ههڙين وحشي تاريڪين ۾
ڪارن ٻوٽن جي ساين ۾
جڏهن سچ للڪاريو ويو آ
ڪوڙ کي سجدو ڏياريو ويو آ
ٽانداڻن جهڙن خوابن کي
ڇيپائيو ۽ ساڙيو آ

ساهہ سنگينين جي گهيرن ۾
خوشبو قيد ڪئي وئي آهي
ڪنهن ناريءَ جي حرمت وانگر
هر موسم ڇيهاڙيون آهي
تڏهن پنهنجي بابت سوچڻ
ذلت ناهي، ٻيو ڇا آهي؟
جيون اڇٽي وڃٽي شيءِ آ
پر ذرتي تہ امر وٽ آهي
ان لئہ ڪنڌ ڪڪوريو ويو جي
هن جيئڻ کان بهتر آهي!
هن جيئڻ کان بهتر آهي!

اهو اڪيلو تون هئين

عبدالواحد آريسر

جڏهن وقت ۽ تاريخ جو سنجوڳ ٿيو،
ان سنجوڳ کي صديون گذريون
صدين پڇاڻا،
جڳن جي بي پناهہ پيڙا ڪانپوءِ
تاريخ جي ڪک،
وقت جي پٽ کي جنم ڏنو،
"اهو اڪيلو پٽ تون هئين"
منهنجو ايمان آهي،
دشمن جي گولي،
تنهنجي يقين جي سيني ۾
سوراخ ڪري نہ سگهندي
اي منهنجا دوست!
اي ديس جي انبوهہ ۾ اڇاتل وانگر ماريل
منهنجا پيارا!
مون هميشہ توکي سمجهيو هو
دل کان ويجهو
۽ ماڻهن جي نظرن ۾ هئين
پتائي جو ڪيڏارو!

ڪا ڪا رُت آ رت ڏيڻ جي

حليم باغي

هر ڪا مند نہ مڏ پيڻ جي، ڪا ڪا رُت رت ڏيڻ جي،
هر ڪنهن ڪُک نہ ڪانئر ڄمندا. ڪا ڪا ڪُک سرواڻ ڄمڻ جي،
هر ڪا سُرخي رت جي ناهي، ڪا ڪا سُرخي باک ڦٽڻ جي.
هر ڪا چند ٿي ذرتي ناري، ڪا ڪا چند ضمير نرڻ جي.
هر ڪا راهہ نہ منزل ماڻي، ڪا ڪا راهہ آ توڙ رسڻ جي.
هر ڪا عيد ٿي خوشيون آڻي، ڪا ڪا عيد آ لاش ملڻ جي.

نذير عباسي جي نانءُ

حميده گهانگهرو — 81-8-9

سولي ساري ڳاڙهي چو!!؟
سيج بہ هيٺ سينگاريل.آ!
مامتا تيزي سان ڊوڙي چوي ٿي
نذير منهنجو ٻچڙو آ!!

گوليون برسن بوندن جيان قوم ڪني ٿئي پاٽيءَ وانگر
هي سارو ملڪ سمنڊ آ هت چوليون ڪَنَ سَهٽا آهن

اڄ توپون توپون برسن ٿيون
شمع شمع باغي آ
جا درد ڏيندو دلاٿو
هيءَ جنگ تہ نيٺ ڪٽڻي آ
هت سوپ بہ جلد اچڻي آ

(شاعراڻو نثر)

قاضي منظر حيات

خدشو
اپ! اکيون ٻوٽ،
درياهہ شاهہ! دل قابو ڪر،
منچر!
نئين گاج!
پنهنجو پيٽ پابند رک
نہ تہ
منهنجا مسڪين مارو
اڄ ءِ بک وگهي
مفلسيءَ جي موسم ۾
بندن تي وينا
مدد لاءِ واجهائيندي
مري ويندا
جڏهن تہ
ڪامورن جا پيٽ
امدادي سامان ۾
رحمي رقمن وارن
چيڪن سان
مال ميڙڻ واري
تجوڙي ٻڻجي پوندا!!

نذير جو خواب

شهيد نذير عباسي جي ٻارهين ورسي تي

عاجز جمالي

انڌ ۽ انياءُ سان
ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ سان
جنگ ڪي جاري رکو
هر ننگ ۽ هر دنگ لئه
هر آس ۽ امنگ لئه
جنگ ڪي جاري رکو.
وقت جي تيز تر ڌارا
۽ تيز طوفان جا
تنگ گهيرا ڏسي
هانءُ نہ هارجو،
ساٿ ڪي سارجو
منهنجي مرڻ جي ڏينهن ڪي
ڪري ياد ساٿي
نہ ڳوڙها ڳاڙجو
۽ امڙ اکين منجهان

اُن ڏينهن تي
لڙڪ جڳي ڳڙندي ڏسو
تن لڙڪن ڪي اگهي
ماءُ ڪي آتت ڏيئي
سڀ جيجيءُ ڪي چئجو
ڇو ٿي روئين اي امان
نذير آ تو لئه ڪُنو
ڇو نہ ٿي امان دعائون ڪرين
تہ ظلم جي هر زور سان .
۽ ڏاڍ جي ڏهڪاءُ سان
انڌ ۽ انياءُ سان
جنگ ڪي جاري رکون
۽ نذير جو خواب
پورو ڪريون!

آزاد نظم

ڊاڪٽر خادم حسين چانديو

مان جيل ۾ آهيان!!
بي ڏوهو بي دريافتو،
ڇو تہ مان باغي آهيان،
سماج جو.
غلامي واري ڪاج جو،
گولين جي آواز جو،
مان جيل ۾ آهيان!!
منهنجي چوطرف،
ديوارون ئي ديوارون،
ڪوليون ئي ڪوليون.
سيخون ئي سيخون،
مون تي نظر آهہ پهريدارن جي،

ڇو تہ مان باغي آهيان،
قانون جو تپش ڏيندڙ سج جو،
اونداهين راتين جو،
گولين جو آواز جو،
مان جيل ۾ اُهيان!!
مان روز ٽپهري جو ڳڻجان پيو،
ڪئين لک دفعا ڳڻجان پيو،
ڪنهن مسجد ۾ پيل پٿرين وانگر،
لک صلوات جيان ڳڻجان پيو،
ڇو تہ مان باغي آهيان،
تحريرن جو،
تقريرن جو،

تعزيرن جو.
مان جيل ۾ آهيان!!
هٿ ڇريا بہ مون سان بند ڪجن ٿا.
ڪئين سالن کان هٿ اهي سنجن ٿا.
ننگ اگهاڙن ڇرين وچ ۾.
مان ڪپڙن ۾ شرمايان پيو.
هر هر نير وهايان پيو.
ڇو تہ مان بہ اگهاڙو ٿيڻ چاهيان ٿو.
۽ ڇرين وانگر باهيان ٿو
ڇو تہ مان باغي آهيان تيز ترارن جو.
ٽوپي پاتل پهريدارن جو.
مان جيل ۾ آهيان!!
مون انهن کي اڄ ياد ڪيو.
مون سان اٿن اهڙو ورتاءُ ڪيو.
اٿيي ماني دال جي پيالي تي.
ڪنهن ناهي ڪو فرياد ڪيو.
تڏهن مون انهن کي تي ياد ڪيو.
تہ اڄي مون سان گڏجي جيل ۾ رهو.
مان جيل ۾ آهيان!!
منهنجي سيراندي ۾ پيراندي.
۽ پيراندي ۾ سيراندي.
هر هڪ قيدي جو پاٿاري.
آهي مير ۾ ميراندي.
اسان سپاهي قيدي سڏجون ٿا.
ڇو تہ مان باغي آهيان.
زنجيرن جو. هن قيد ۾ بند اسيرن جو.
مان جيل ۾ آهيان!!
مان جيل ۾ اندر بہ جيل ۾ آهيان
ڇو تہ مان سرڪش آهيان.
لوهي ڪنگڻ پير ۾ پاتل.
اهي ڏنڊا بيڙيون آهن منهنجون سجاتل.
هن قيد ۾ ڪئين ڦاسي وارا قيدي.
اها ساڳي ڏنڊا بيڙي پائي.
۽ ڦاسي چڙهڻ کان اڳ لاهي ويا.
جيڪا وري مون کي پارائي وئي.
ڇو تہ مان قيدي آهيان!!
۽ ڦاسي گهاٽ جي پرواري وارڊ ۾
ڪولي بند آهيان.
منهنجي جيل ۾ قيدياڻيون بہ بند آهن.
ڪي سرڪش ڪي شرميليون بند آهن.
ڪي ڏوهي ڪي بي ڏوهي بند آهن.
پر سڀ وڏيون حوصلہ مند آهن.
ڇو تہ هو عورتون آهن.
۽ سدائين هڪ ٻئي هنڌ بند آهن.
پهرو ڏيندڙ هڪ سنتري عورت کي مون ڏٺو.
ڪيترين ئي قيدي نياڻين جي
عصمت جي پهريدار.
پر سندس عصمت تي ڪوبہ پهرو نہ هو؟؟
ڇو تہ هو پگهاردار هئي.
زبردست هئي. زبردست هئي.
۽ مان جيل ۾ آهيان!!
منهنجي ملاقات بند آهي.
ملاقات ٿئي پئي. ماڪوڙن سان ۽ مڇرن سان.
ڏاڍا ضديدار آهن.
ڪئين دفعا مون مٿن ڪاوڙ ڪئي آهي.
پرمٿن ڪو بہ اثر نہ ٿو ٿئي.
شايد حڪمراني جو نشو اٿن.
مون بہ مئہ نوشي ڪئي آهي.
مون بہ بغاوت جو دارون پيتو آهي.
تڏهن تہ مان باغي آهيان.
مڇر. ماڪوڙا مون تي حملہ آور آهن.
مون کي معلوم آهي تہ
سندن موت ڏاڍو سٺائو آهي.
۽ مان جيل مان آزاد ٿيان پيو.

تصور ڪيم ۽ سوچيندو رهجي ويس

عطا محمد ڀنڀرو

پلئه مخالف هڪ ٻئي جا
۽ نظريي جو ٽڪراءُ هيو
پوءِ به يار نذير عباسي
ڇا ته بهادر ماڻهو هئين
مقصد خاطر جان ڏني تو
ڳاٽ اوچي سان بيٺو هئين
ڪات اڏيءَ وٽ ڪونڌ جيان
قطري قطري
تنهنجي رت مان
تلوارن جون ڀاڪون ڦٽنديون
انسانن جي عظمت جون ڇڻ
ساڪون، لاکيون ڦٽنديون
يار شهادت تنهنجي ڇڻ ڪا
سرنهن سِندي ڦولار مٿان
اڏندي لال ڪنياڻي ماري وئي ا
ڀرياتن جو تتر تنوارون قتل ويون ٿي
ڀرهه ڦٽي جو موتئي گل تي
ماڪ ڦڙن ڪي اڏ ڪيو ويو
ڀاڪ ڦٽيءَ جو ڪٽڇيءَ ڪوڪون
گهاٽ جهلي هن گهات ڪيون ڪنهن!
ڳالهه ڳٽن لاءِ سوچيو تو هو
لوچيو تو هو لاحد ۾
۽ سرحد تو وٽ ڪا نه هئي
تو مانُ ڏنو هو ماڻهو کي
تنهنجي رت جون ڀاڪ ڦٽيون
ڪو اَسٽل سج اڀاريندڙيون
تنهنجي ڳاڙهي رت جي صدقي
ڳاڙهو ڪهنبو اوڊيندي هي
ڏاڇي ڏرتي
تنهنجي صدقي سپنن کي ساييان
گيڙو ڇٽ مليو
سندر سندر سپنا ريٽا
مد مقابل طوفانن جي
ڇڻ ڪي گهوڙي سوار لڳن ٿا
ڇڻ ڪا تيز ترار لڳن ٿا
وڃ جو ڀاڻي پياري جنهن کي
ميدانن ۾ لاٿو ويو آ
ماڻ ۾ پنهان محشر آهي
ڇڻ ته جوالا مک تو ٻڙڪي ڏرتي هيٺان
لرزيون ڀتيون هن زندانن جون
ڦهري ڪوٽن کي آ ڇڻ ڪا ڇوٽ لڳي
۽ باهه لڳي آ بن بن کي
آ نبهه آ نبهه ٿي وئي ڏرتي
ڇوڏس عيد مشالا ٿي ويا
ڳاڙهن ڀيرن جي ڪنهن رُتَ کي
توبون ناهن روڪي سگهنديون
خوشبو پابند ناهي هوندي ٽئنڪن جي
قانونن جي
ڪهڙي ڪاري دور لڪايو آهي سج کي
ڪاري هيٺان!؟
لاوا مُنهن کي بند ڪرڻ جي
ڪنهن جي ڀيءُ کي طاقت ناهي.
سنڌ ۾ سج اڀرٺو آزادي جو
تنهن ۾ ريٽا ڳاڙها ڪرٽا شامل هوندا.
منهنجا جاني تنهنجي رت جا
سنڌ ۾ جڏهن سرخ ڦريرو آ
ڦڙڪيو مٺڙا
تنهن ۾ تنهنجو ريٽو رت پيي
شامل هوندو مٺڙا
قوم ترانو ڳائيندي جو،
تنهن ۾ تنهنجو نالو هوندو

شهيد نذير عباسي جي نانءَ

عبدالغفار تبسم

سچ جي راهن تي ڇڏيل تنهنجو نشان،
اڄ بہ ساڳئي اوج سان آهي عيان.
سنڌ جا سورهيہ سا تنهنجي سوچ آ
ماڻهن کي موت جو آهي گمان.

بيت ـــــ نذير عباسي

انور ڏنگڙائي

جسو "سخي حسن" ۾، پرين وٽ پساهہ،
ناهن جن ويساهہ، سيئي ساٿ ڇڏي ويا.
گونجن ٿا پولار، نذير جي سڏن سان،
ڪن تہ سڃاتو سڏ کي ڪن تہ ڪئي ڪن ٽار،

سڏائيندڙ سڀ يار، پرک ۾ پڌرا ٿيا.
اڄ پڻ سڏ ٿيو، نينهن پريو نذير جو،
جنين ڪن پيو، سهڙيا سيئي سبات ۾.
سگهو رس نذير، لهج سار ساٿ جي،

جئي هئا ڪنبون ڪير، سيئي ويري ساٿ جا:
پراون کان حاصل ٿئي، تورڙي سو سو گهاءُ،
پنهنجن جو ايذاءُ، تن گهائن کان پي گهرو.

مارو

پر
لهوءَ جي اها لاٽ هر دور ۾
مخالف هوا ۾ بہ ٻرندي رهي
ڏري پير پڙ ۾ نہ پُٺتي هٽيا
پُرين کان اِها پر پَرندي اچي

شهيد نذير عباسي تي لکيل

موت تنهنجو آ حيات!

لطف

تنهنجي جسم ۾،
شيشن جا ٽڪر،
ڦا لڳڻ ـ
ويران راهه تي فانوس
ڏورن ۽ سٽرن تي،
پٽن جا ڪارا نشان،
جڙ آهن
احتجاج پٽيون
التو ٽنگيل
چيٿرو تنهنجو جسم،
شاهي ايوانن ۾،
بغاوت جو آ نعرو،
پيٽ ڦاٽوڙيءَ ۾،
تنهنجو نريل جسم،
لاوارث لاش،
سجاٽپ ڪانپوءِ
توکي مليو ناهي
اعزاز،
تنهنجي لاش کي
رائيفلن جي پهري هيٺ
قبر تائين رسايو جنهن
هيو ڪيڏو ڊنل،
ڪيترن ڏينهن تائين،
هو پهرو تنهنجي قبر تي،
ڌرتي ۽ مارن سان
پيار جو آهي
اهو اعزاز وڏو،
شهادت جو درجو اتم،
موت تنهنجو آ حيات.

شهيد نذير عباسي تي

ميران

تنهنجي شهيد ٿيڻ کان پوءِ
مون محسوس ڪيو آ
تہ توکي شهيد ڪرڻ جي باوجو
هو ظالم بيقرار آهن
ڇو تہ تنهنجي هڪ راهه
جا تيار ٿيل آهن
ان تي ڪيترائي
تنهنجا ساٿي
تمام تيزيءَ سان
هلي رهيا آهن
اڄ بہ هو ظالم
تنهنجي روح جي ڊپ کان
پريشان آهن
تہ ڪٿي تنهنجو روح
کو هنن لاءِ
زلزلو نہ آٽي وجهي
يا کو جان نوڙ
طوفان ٽڪرو ڪري
جيڪو هنن
جون
جانيون گنوائي
ڇڏي.

جڳ سچو جرڪائي ويا هن

سرور سيف

فاشي
ڇا تون سمجهين ٿو
انقلاب ۽ آزادي
جي راهه روڪيندي
انڌي قاسي
تون نازي

تون گسٽاپو
وساريو آهي
هٽلر جو حشر
۽ جاري ساري رهندو آيو
پوءِ بہ آزادي جو سفر
حجاج
ظلمتن جو راڄ
ڪيسين رهندو
ڪيسين رهندو
تنهنجو ڪوڙو سامراج
رياستي جبر تشدد رستي
مڪر فريب ۽ ڦند جي رستي
تاريخي سفر ڪي نہ
روڪي سگهندين
ڪوڙ وسيلي
سچ جي ٻيڙي نہ ٻوڙي سگهندين
هلاڪو چنگيز جي اولاد
ماٺهو ماٺهو تنهنجي اڳيان
بڻجي ويو فولاد
تون مارين ٿو
ڇيپاٽين ٿو
۽ ڳارين ٿو
لڪي ڇپي دفنائين ٿو
پر ياد اٿئي

يزيد تي هر دور ۾ لعنت آهي
حسين تي سئو سلام آهي
مرزا باقي، مدد، نادر
لعنت جا سٽڪا
تاريخ جا ڦٽڪا
سدائين
رهندي دنيا تائين
تنهنجي پٺي تي
لڳندا رهندا
نازي، فاشي، ڪاليوان
بي سمجهه ۽ نادان
توکي ڄاڻ اها بہ تہ ناهي
موت جو برحق آ
موت امر آ
موت سڀ کي ساريندو آ
موت کي ڪو ڪو ماريندو آ
موت کي ماري
پاڻ جياري
ظالمن جي آڏو اڏل انسان
مسڪين جي دل جا ارمان
لال لهو سان
منزل وک وڌائي ويا هن
سارو سچ ٻڌائي ويا هن
ڳاڙهي ڳالهه ٻڌائي ويا هن
جڳ سچو جرڪائي ويا هن

سخي حسن جي هڪ قبر مان ايندڙ آواز

محمد علي ماجد

اڄ ڪيترا سال ٿي ويا آهن
زرقا هينئر سڀ ڪجهه سمجهي ٿي
مون وٽ جو نظريو هو
جنهن کان حڪمران ڇرڪندا هئا
سو هينئر ورهائجي چڪو اهي
پر منهنجو ريٽو رت
جيڪو مون پنهنجي نظريي لاءِ وهايو هو
پنهنجي نظريي جو دفاع ڪيو هو
پر، دشمن ڪي ڪجهه نہ ڏسيو هو
اڄ اهو ڇاٽي مان قبر ۾ لڇان ٿو
تہ منهنجا ساٿي
جن مون کي چيو هو
تہ سرخرو ٿي موٽيو آهي
سي هينئر ڪٿي بيٺا آهن؟
مان تہ اڄ بہ تاريخ جي ڏارا ۾ سرخرو آهيان
۽ دوستن جو ٻل آهيان
منهنجو نظريو هاري ۽ پورهيت جو آهي
اهو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيڻو آهي
ٿوري مانار ضرور آئي آهي
پر وري اهو دور ايندو
جو هر ماڻهو
ڳاڙها جهنڊا کڻي
اهي ئي گيت ڳائيندا
جيڪي اسان ڳايا ها
اي! ساٿيو مايوس نہ ٿيو
چاڻ اهو وقت آيو
منهنجي هر رت ڦڙي مان
وري نذير اڀٽو آهي
مايوسي ڇڏيو
ڪجهه نہ بدليو آهي
سڀ ڪجهه ساڳيو آهي
جيڪو بہ ٽٽو آهي
اهو پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويو آهہ
ان لئہ دوستو
جيسين مظلوم آهي
تيسين نظريو آهي.

گيت

منصور ميراڻي

ڪاڪ ڪنور، ٻاڪ ٻهر ۽ جهول موتيا
ٻول ڪويتا، ٻول ڪويتا
ڪانگ لوي، گيت چوي
نينهن ٿو نچي، تنهنجي ياد ٿي اچي
پير ڪڙيون پائي، جيڪي پر سرن ٿا
سي هانءَ حرن ٿا
ڏاڍ ڏکن مامتائن ميڙ ٿو مچي
تنهنجي ياد ٿي اچي
مرڪ جيڪا موت اڱيان ٿي نہ موچاري
ٿي سرت سوپاري
سوجهري جي سونهن ۾ جوت ٿي ٻکي
تنهنجي ياد ٿي اچي
سوڀ پسي، ماک وسي، لوهہ لهي پيا
ڊوهہ ڊهي پيا
ماڻهپو "منصور" جڏهن پيو آهي ڏچي
تنهنجي ياد ٿي اچي

نظم

غلام عباس پنہرو

هو سنڌ جي سينڌ سجائي ويا
هو پنهنجو پاڻ ملهائي ويا
هو مانجهي مڙس مٿير هئا
هو دودا درس دلير هئا
هو ڳاڙها ڳڀرو ڳاٽ هئا
هو باکن جهڙا لاٽ هئا
هو هوشو هيمون پارا ها
هو روپا ماڙي وارا هئا
هو پنهنجي هوڏ هلائي ويا
پر جذبن کي جرڪائي ويا
هو منهنجي من جو ميت هئا
ڪو شيخ اياز جو گيت هئا
هو دردڀري ڪا چيخ هئا
هو سنڌڙيءَ جي تاريخ هئا
مان تن جا پنڌ پچائيندس
مان وايون سي ورجائيندس
مان تن جا وعدا پاريندس
مان تن لاءِ سنڌ قطاريندس

نظم

تاريخ جو نئون باب

غلام عباس پنہرو

ڪريو گلن جي ورڪا مقتل جي راهن سان
ڪريو ڪڪريون ۽ پٽريون پاسي رستن تان
جيل جي هر راهه ۽ رستي کي ٻهاريو يارو
عطر لبان مشڪ عنبر هاريو يارو
جيجل سنڌ جا قيدي اڄ هتان لنگهندا

هٿن ۾ هيڙيون پيد پيل پيرن ۾ هوندا
لاهيو تالا مقتل جا دروازا کوليو
اڏيون ٻه نيون ڪات ٻه نوان ڳوليو

ورهين ڪان سنڌڙيءَ جو مقتل ويران هو
ماٺ هو خاموش هو سنسان هو
اڄ مقتل ۾ منڊل ٿيندو ڪارونق ٿيندي
ورهين جي ويراني ۾ ڪا شادابي ايندي
تون سمجهين ٿو اسان گرفتار ٿيا آهيون
ڪارين ڪوٺين ۾ بند ۽ لاچار ٿيا آهيون
جلاد اگر ڪات سان توکي ڪهڻ ايندو آ
تہ اسان کيٰ بہ اڏيءَ تي ڪسڻ ايندو آ
هن ڌرتيءَ سان ناتو جوڙي وينا آهيون
سڀ رشتا ۽ ناتا ٽوڙي وينا آهيون
پلنگن تي پلجي سوريءَ تي مري ويندا آهيون
تاريخ سنڌ جو نئون هڪ باب لکي ويندا آهيون

جنهن ساهه ڏئي ويساهه ڏنو

زرقا عباسي

زرقا کي مان ڪڏهن ڪان سڃاڻان ؟

ان لاءِ اهو ٿي چوندس تہ زرقا اڃان ماءُ جي پيٽ ۾ هئي تہ نذير ۽ مان ان تي بحث ڪندا هياسين. مون چيو هيس تہ جيڪو ٻار هوندو اهو پٽ هجي يا ڌيءَ پر تنهنجي شڪل تي هوندو. چيائين هيو اهو ڪيئن ٿو چوين؟ تہ مون چيس هڪ تہ حميده توسان بيحد پيار ٿي ڪري. ٻيو مان سمجهان ٿو تہ تنهنجا "جينز" ان ڪان وڌيڪ طاقتور آهن. تہ ٻن اکرين جو پوئنبو ڏيندي چيائين تہ وڏو رهزن آهين. پوءِ جڏهن زرقا ڄائي تہ سچ پچ زرقا نذير جي سچي پچي ڪاپي هئي. ان جو ڪلڻ ڳالهائڻ هلڻ ان جو مزاج ان جو قد. ان جون اکيون مطلب تہ هر ايڪشن نذير جهڙو اٿس هالانڪ ان پيءُ کي ڏسي اسٽائل ڪاپي ڪونہ ڪئي آهي. پيءُ جي شهادت وقت بنھ معصوم ڙي هئي پر پوءِ بہ سندس هر ادا نذير جهڙي آهي. مان جڏهن بہ ڀيڻ حميده جي گهر ويندو هيس تہ هو ويٺي شهيد جون تصويرون گڏ ڪندي هئي يا وري پاپا تي لکيل ڪالم مضمون ايڊيٽوريل گڏ ڪندي هئي. جيئن جيئن وڏي ٿيندي ويئي تہ اهو سندس هڪ عزم ٿيندو ويو تہ بابا تي ڪيئن بہ ڪري ڪتاب آڻيان. اهو تہ اڄ سندس ڪوشش سان ۽ حميده جي محنتن سان ميدان ۾ اچي ويو آهي باقي پاڻ زرقا عباسي پنهنجي شهيد پيءُ سان خوابن ۾ توڙي جاڳ ۾ ڪهڙا وعدا ۽ وچن ڪندي رهي آهي؟!. سندس پيءُ جي مشن لاءِ ڪيس ڇاڇا ڪرڻو آهي؟ ۽ ڪيئن ڪرڻو آهي؟ ڪهڙي پليٽ فارم تان ڪرڻو آهي؟ اهوسندس مٿان ۽ وقت تي ڇڏيل آهي. مان فقط اهو ٿو چوان تہ جنهن بہ ساٿي شهيد کي نہ ڏٺو هو يا ساڻس ڪچهري نہ ڪئي هئي اهو زرقا کي ڏسي اهو ساڳيو آسيس وٺي سگهي ٿو. مان بہ سندس ڇهري جي تلاوت ڪري روئي پوندو آهيان. اهي ڳوڙها بزدلي جا نہ هوندا آهن بلڪ محبت جا هوندا آهن ۽ اهي ڳوڙها مون کي وڏي سگهہ ڏيندا آهن اوترو ئي وڏي نفرت سان قاتلن ۽ سندس اتحادين تي حملي آور ٿيندوآهيان. ۽ جيسين حياتي آهي سرينڊر نہ ڪبو سندس قاتل ٽولي تي تبرو جاري رهندو.

ڪامريڊ غلام رسول سهتو

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوى ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کين بہ رُڪاوٽ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا:
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ.

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوڻ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گھرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)